سنڌي ڪتابن جي لسٽ

سوامي شوِ ديال سنگهه جي مهاراج

۱. سار وچن نثر
۲. سار وچن راڌاسوامي (نظم)
۳. سار وچن سنگرهه

بابا جئمل سنگهه جي مهاراج

۱. پرمارٿي پتر ڀاڱو ۱
۲. اَمرت وچن ڀاڱو ۱

حضور مهاراج ساون سنگهه جي

۱. پرمارٿي پتر ڀاڱو ۲
۲. پرمارٿي ساکيون
۳. سنتن جي سکيا
۴. سنت مت
۵. اَمرت وچن ڀاڱو ۲
۶. گرمت سار
۷. گرمت سدانت (۸۴ وشين وارو)
۸. سنت مت پرڪاش ڀاڱو ۱
۹. سنت جيوَ کي وِپت ڇڏاوين
۱۰. ڪر نئنون ديدار محل ۾ پيارا هئه
۱۱. ڪام ڪروڌ لوڀھ ۽ نندا
۱۲. نام مارگ
۱۳. نام ڀڳتي ۽ گروءَ جو مهتو

سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جي

۱. آتمڪ وکيان
۲. روحاني گل ڦل
۳. روحاني گلدستو
۴. ڀڳتي مهاتم

غلط نامو

صفحو	سٽ	غلط	درست
1	4	نينڊ	لينڊ
2	16	ڪڇ	ڪڇھ
28	16	پيڊ پاءُ	پيڊ پاؤ
35	28	ٽي	ٿي
36	19	ڪرائسٽ	ڪرائيسٽ
41	5	ٽيرقار	ڦيرقار
45	6	بيمارين	بيمارن
79	27	مالڪ	ملڪ
82	9	مارگہ ۾	مارگہ
82	14	ڏيو	ڏبو
121	21	ڌسڻ	ڏسڻ
123	12	آهيون	آهيو
124	12	آڪاس	آڪاش
124	23	ساڳيءَ	ساڳي
129	20	انومان	اِمڪان
143	26	بيڪاري	بڪاري
158	24	باڪل	بلڪل
166	14	بهتر	بدتر
177	5	پدارت	پدارٿن
186	27	هن	من
191	11	ڪڇھ	ڪڇهه
197	18	تڌهن	جڏهن
198	6	ٿي	ٽي
198	23	ڇئون	ڇئو
200	7	هي	هيءُ
203	16	آئما	آتما
213	9	ڏتي	ڏئي
217	3	اِندرئين	اَندرئين
226	7	پرڪاش جا	پرڪاش ج
234	25	۾	۾
273	3	برساتن	برساتين
276	9	سگهاسين	سگهياسين
277	27	نه پاونائن	پاونائن
361	7	ڀڄا آوري	ڀڄاوري
382	27	آتماتون	آتمائون
383	4	ڏنو	ڏنو
386	1	ي	ڪي
439	19	ٻڌي	ٻڌي
448	6	ٻيي	ٻيي
449	15	رکندي	رکندين
452	6	ڪيترن	ڪيترين
454	12	ايندا سين	ويندا سين
457	11	اُنهيءَ	اُنهيءَ جو
458	10	ته	ته
468	3	ڪيترن	ڪيترين
468	9	بيمارين ۾	بيمارين جي
471	2	سگهون	سگهو
471	5	ڪيترن	ڪيترين
475	22	هيون	هنيون
476	26	فدر	قدر

"هڪ ٻئي کي پيار ڪريو." جيترو وڌيڪ اسانجي اندر هڪ ٻئي لاءِ پيار هوندو، جيترو وڌيڪ اسين هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيندا سين اوترو ئي وڌيڪ پنهنجي ستگروءَ ۽ پرماتما جي ويجهو ٿيندا سين. منهنجو ويچار آهي ته جيڪي به ستسنگ ٿيا آهن، جيڪي به سوال جواب ٿيا آهن، انهن ذريعي سنت مت جي فيلسوفيءَ جي الڳ الڳ سڌانتن کي تمام چڱي طرح سمجهڻ ۾ توهانکي سهوليت ٿيندي. منهنجي اهائي آشا ۽ ڪامنا آهي ته توهين سڀ نئين اتساهه، پيار ۽ لگن سان ڀڄن سمرن ڪندا.

ذريعي، سک شانتي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. جيستائين
پنهنجي اندر شانتي نه ملندي، تيستائين ٻاهران به شانتي پراپت ٿي نه
سگهندي. جيڪڏهن پرماتما ٻاهر جا سڀ سنساري پدارٿ ڏئي به
ڇڏي تڏهن به اسانجي اندر اندرون، اشانتي ۽ بي چيني ٿي رهي ٿي.
سنت بار بار انهيءَ ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته جيستائين اسانجي آتما جيڪا
ستنام روپي ساگر جي هڪ ٻوند آهي، واپس پنهنجي اصلي گهر نٿي
پهچي، تيستائين انهيءَ سچي شانتيءَ جي تلاش ۾ اسين ڪڏهن به سڦل
نه ٿي سگهنداسين. ڪڏهن به پنهنجي مقصد، پنهنجيءَ منزل، نج گهر
پهچي نه سگهنداسين.

ڪيترن ورهين کان امريڪا جا جگياسو ۽ ستسنگي ڏيري اچي
رهيا آهن. اسين انهنجو سدا سواگت ڪندا آهيون ۽ جيترو ٿي سگهندو
آهي، انهنجي سيوا ڪندا آهيون پر مونکي انهيءَ ڳالهه جي هميشه
بي آرامي محسوس ٿيندي هئي ته ڏيري ۾ اچي سگهڻ وارن ستسنگين
جو تعداد تمام ٿورو آهي ۽ ڪافي تعداد اهڙن پريمين ۽ ڀائرن جو هوندو
آهي، جن وٽ نه ته ڏيري ۾ اچڻ جو وقت آهي ۽ نه ڪو ساڌن.
تنهنڪري مون اهو پنهنجو فرض سمجهيو ته جهڙي طرح ڀارت جي جدا
جدا استانن ۾ جتي ستسنگي تمام گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا، آئي ستسنگ
لاءِ ويندو آهيان، جيئن ڏيري ۾ اچڻ کري انهنجي وقت ۽ ڌن جي
بچت ٿي سگهي. ساڳي طرح امريڪا جو دورو ڪيو وڃي. مونکي
انهيءَ ڳالهه جي خوشي آهي ته منهنجو امريڪا اچڻ جو مقصد پورو
ٿيو آهي ۽ اهو مقصد امريڪا جي ستسنگين سان گڏجڻ جو هو. مان
سمجهان ٿو ته انهيءَ مقصد جي پوري ٿيڻ سان توهانجي من ۾ پريم پيار
جي ڀاونا پيدا ٿي هوندي ۽ مونکي پورن وشواس آهي ته توهانجي
انهيءَ پريم پيار جي ڪشش ۽ منهنجي پياري ستگروءَ جي
ديا مهر سان وري توهانجي درشن لاءِ هتي اچي سگهندس.

هن موقعي تي ڪو به خاص سنديش نٿو ڏيڻ چاهيان، سواءِ ان مهان
هدايت جي، جيڪا حضرت عيسيٰ سچي سنسار لاءِ ڇڏي وئي آهي،

نيويارڪ ۾ ١٨ جون ١٩٦٤ع تي
مهاراج جن جا وداعي وچن

ڀينرو ۽ ڀائرو،

اڄ رات نيويارڪ شهر ۾، هيءَ منهنجي امريڪا جي پروگرام جي آخري ميٽنگ آهي. انهيءَ سان ئي، منهنجو امريڪا جو هونولولو کان شروع ٿيل، ڇهن هفتن جو دؤرو سماپت ٿئي ٿو. هتان جي آمدرفت جي سادن جي سهوليت سبب مان ڪافي دور دور جو سفر ڪري ڪيترن ئي ستسنگين ۽ جگياسن سان گڏجي سگهيو آهيان. منهنجي دؤري جو اصلي مقصد به اهو ئي هو ۽ مان اهو چوڻ چاهيندس ته مون کي پنهنجي مقصد ۾ اميد کان وڌيڪ ڪاميابي پراپت ٿي آهي. نه صرف ڪيترن ئي مرڪزن ۾ ستسنگ ڪيو ويو، بلڪ مختلف وچارن وارن ڪيترن ڀينرن ۽ ڀائرن سان گڏيل يا شخصي روپ ۾، لڳ ڀڳ سنت مت جي سڀني سڌانتن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو به مليو آهي. انهيءَ ڪاميابيءَ جو جس، امريڪا ۾ پنهنجن ميزبانن، مسٽر هاروي ميئرس ڪرنل اي. آر. برگ، مسٽر جيمس، ريپلوگل ۽ انهن جي انيڪ سانين ۽ امن پرامي ستسنگين کي آهي، جن ستسنگن ۽ دؤرن جو ايترو مناسب سان بندوبست ڪيو. مان انهن جي آدر ۽ پريم لاءِ نهايت احسانمند آهيان.

مان اهو محسوس ڪريان ٿو ته هن دؤري سان مونکي امريڪا جي سنت مت سکيا ۽ ابياس کي ڄاڻڻ ڪرڻ جي خواهشمند جگياسن ۽ ستسنگين جي مسئلن جي باري معلوم ٿيو آهي. جيئن ته مون مڪل ڏٺو به ڇيو هو ته توهان هن ديس ۾ هڪ تمام ترقي ڪندڙ سماج جو نرمان ڪيو آهي، جنهنجو آڌار جسماني ترقي آهي. هن سماجڪ ترقيءَ جو انداز انهي کي ڏسڻ ئي لڳائي سگهجي ٿو. مونکي ڏسي بيحد خوشي ٿي ته توهان اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته سچي سک، سچي شانتي، واجبي سماجڪ ۽ آرٿڪ سادن سان پراپت نٿي ٿي سگهي. انهيءَ ڪري اهو ضروري آهي ته انساني ۽ روحاني طوفن

پڻيان ڏورڻ اسانجو مول مقصد ڪونهي، بلڪ پنهنجي ڪرمن جو
حساب چڪائڻ آهي. انتر ۾ روحاني ترقي ڪرڻ ۽ واپس وڃي مالڪ
سان ميلاپ ڪرڻ آهي. جڏهن انهن شڪتين جو استعمال ڪرڻ
شروع ڪندا آهيون ته اهڙي طرح ڪرڻ سان اهم وڌندو ۽ پراپت ٿيل
سڀ شڪتيون ناس ٿي وڃن ٿيون. مان ستسنگين کي اهو ئي سمجهائيندو
آهيان ته هو اهڙن شڪتين جي چڪر ۾ اچي، پنهنجو روحاني نقصان
نه ڪن.

ڊيپا - ٦/١٤. مان هڪ بزرگ استري آهيان. جنهن ڏينهن کان مونکي
نام جي بخشش ٿي آهي مان اها ئي پرارٿنا ڪندي رهيس ته منهنجو
پيارو ستگرو هتي اچي درشن ڏئي. مان توهانجي انت ديا مهر اٿاه،
پريم پيار لاءِ شڪرگذار آهيان جو توهان خود امريڪا ۾ اچي، اسان
ستسنگين کي درشن جو موقعو ڏنو. اوهانجي بيحد مهرباني.

ج - پيارا، مونکي به هتي اچي بيحد خوشي ٿي آهي. مان لڳ ڀڳ
سڄي امريڪا گهمي چڪو آهيان، هيءَ منهنجو آخري اسٽاپ آهي.
جيڪو پريم پيار، شرڌا وشواس، مهمان نوازي، آدر ستڪار، مونکي
ستسنگين، جگياسن ۽ ٻين ڏنو آهي، اهو مون لاءِ نهايت قيمتي انيو
آهي، اهو مان ڪڏهن به وساري نه سگهان. مان سچ پچ توهانجي
پيار آدر ستڪار ۽ آجيان لاءِ توهانجو تهدل شڪرگذار آهيان ۽ سچ
پچ ته توهان سان ملي مونکي بيحد خوشي ٿي آهي. مان پرماتما جو
نهايت شڪرگذار آهيان جنهن مونکي هتي اچڻ جو موقعو ڏنو ۽ توهان
سڀني سان ملڻ جو موقعو ڏنو.

س - ٦/١٥. مهاراج جي، توهانجي وڃڻ سان اسانکي ڪافي صدمو
پهچندو، ڇا توهين ڪا سهائتا، تسلي يا دلاسو ڏيئي سگهندا، جيئن
اُن وقت جدائيءَ کي برداشت ڪرڻ جي همت رهي؟

ج - ڇا مان توهان کان دور رهي رهيو آهيان؟ نه. پياري جي
وڇوڙي جو دک، جيترو محسوس ٿيندو آهي، اوترو ئي وڌيڪ اسين
انهيءَ جي ويجهو هوندا آهيون. اسين صرف ملڻ لاءِ ئي ته وڇڙندا
آهيون. دراصل اسين ڪڏهن به جدا نه ٿيندا آهيون.

انوسار ڪرڻ گھرجي. انھن جي سامھون خود ھڪ سٺو مثال بڻجي ڏيکارڻ گھرجي، انھن جي رھنمائي ڪرڻ گھرجي، نيڪ صلاح ڏيڻ گھرجي ۽ وڏي ٿيڻ تي انھن کي خود فيصلو ڪرڻ ڏجي.

س - ٦١٠. توھان جي ويچار ۾ ڇا آتم ھتيا ڪرڻ وارا دنيا کان بيزار ھوندا آھن ۽ مالڪ سان ملڻ چاھيندا آھن؟

ج - نه، تورو به نه. ھو مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ آتم ھتيا ڪونه ڪندا آھن. اھي بزدل آھن ۽ سنسار سان مقابلو نٿا ڪري سگھن. انھن جي من ۾ ڪيترين خواھشون ھونديون آھن، جيڪي ھو پوريون نه ڪري سگھندا آھن. تڏھن نراس ٿي آتم ھتيا ڪندا آھن. انھن خواھشن کي پوري ڪرڻ لاءِ کين وري دنيا ۾ اچڻو پوندو.

س - ٦١١. ڇا آتم ھتيا مھاپاپ آھي؟

ج - ھا، بيشڪ. منش ديھه مفت ۾ يا آسانيءَ سان نٿي ملي. تنھنڪري انھيءَ کي ورٿ ئي ناس ڪرڻ، بيشڪ ھڪ وڏو مھاپاپ آھي.

س - ٦١٢. ڇا ڪڏھن ڪڏھن ھتيا پوڻ، سواءِ مان آتما کي ڇڏڻ جو ھڪ اوچ پاو نه ھوندو آھي، جنھن نه پڙھن ۾ ٿيندو آھي؟

ج - نه، اھو ڪم اھڙي طرح سواءِ مان نڪرڻ جي اوچ پاونا سان نه ھوندو آھي. انھيءَ پٺيان بلڪ اھو پاو ھوندو آھي ته سواءِ ۾ رھندي جيڪي چاھيندا آھيون، اھو ڇو نٿو ٿئي، اڃائون پوريون ڇو نٿيون ٿين. آتم ھتيا ته ڪانئرتا جو ڪم آھي. جيڪو منش شرير مليو آھي، انھيءَ انمول دات کي برباد ڪرڻ آھي.

س - ٦١٣. جيڪڏھن ستسنگي ردي سڌي ٻراپت ڪري ته ڇا انھيءَ کي انھن جو استعمال نه ڪرڻ گھرجي؟

ج - جيڪڏھن پنھنجن سمرن دوارا نام جي ڪمائي يا محنت سان ٻراپت ٿيل ردين سڌين، جو استعمال ڪجي ٿو ته انھيءَ ۾ پنھنجو نقصان ٿئي ٿو، جيڪا ڪيل ڪمائي ھوندي آھي، اھا ناس ٿي ويندي آھي. مالڪ اسان کي اھا شڪتي انھيءَ لاءِ نٿو ڏئي ته اسين انھيءَ جا واري بڻجون، انھيءَ جا حصيدار بڻجون. انھن شڪتين

جيتري قدر وواهہ جو تعلق آهي. طلاق ڏيڻ مناسب ڪونهي. روحاني درشٽيءَ کان جڏهن پنجن سمرن دوارن سنسار سان ٿي موهہ ٽوڙجي ٿو تہ اهو ئي اصلي طلاق آهي. اهڙي طرح من ۽ آتما جون جڙون ئي سنسار کان ڪڍجي وڃن ٿيون، اسانجو سنسار کان طلاق ٿي وڃي ٿو ۽ مالڪ سان ناتو جڙي وڃي ٿو. سنسار سان سمبنڌ ختم ٿي وڃي ٿو، مالڪ سان جڙي وڃي ٿو. پر گرهست جيون ۾ مان طلاق جي خلاف آهيان. اهو منهنجو شخصي ويچار آهي. مان ڪنهنکي مجبور نٿو ڪري چاهيان.

س - ٦٠٨. روزاني زندگيءَ ۾ ڪيترا ئي مسئلا اچن ٿا. جيڪڏهن ڪو ڪم اسانجي اڇا انوسار نٿو ٿئي تہ انهيءَ کي مرضيءَ مطابق ڪرڻ لاءِ زبردست ڪوشش ڪرڻ گهرجي يا جيئن بہ ٿئي، هلڻ ڏجي. اهو سوچي تہ خود بخود ٺيڪ ٿي ويندو؟

ج - پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پر ڦل مالڪ جي موج تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ اڇا انوسار نہ ٿئي تہ نراس نہ ٿيڻ گهرجي. اهو سمجهڻ گهرجي تہ پرالبڌ ۾ اهو ئي لکيل هو. اسانجي ڀاڱي ۾ ڪوشش ڪرڻ تہ لکيل هو پر ڦل پراپت ڪرڻ جو نہ. ڪيترا ماڻهو ڪوشش نہ ڪندا آهن، تڏهن هوندي بہ انهنکي ڦل پراپت ٿيندو آهي. انهنجي پرالبڌ ۾ ئي اهڙي طرح لکيل هوندو آهي. اهو سڀ ڪرمن تي مدار رکي ٿو.

س - ٦٠٩. اسان مان ڪيترن کي ڏهہ پٽ، پوٽيون پوٽا آهن. جڏهن اسين ابياس ڪندا آهيون تہ اهي پڇندا آهن تہ اسين ڇا ڪري رهيا آهيون؟ ڪنهن بہ ٻار کي ناماڻ کان پهرين ڇا ڪجهہ پڙهائي سگهجي ٿو؟ انهيءَ کي سوال جو ڪهڙي طرح جواب ڏنو وڃي؟

ج - توهين انهن کي سنت مت جا سدالت پڙهائي سگهو ٿا، مالڪ کي سچي هردي سان پيار ڪرڻ جي باري ۾ پڙهائي سگهو ٿا. سياوڪ طور ماءُ پيءُ ماتا پتا کان گهڻو ڪجهہ سکندا آهن، پر مان سمجهان ٿو، اڄ انهنکي سنت مت تي هلڻ جو فيصلو خود پنهنجي اڇا

انوسار ڪرڻ گھرجي. انهن جي سامهون خود هڪ سٺو مثال بڻجي ڏيکارڻ گھرجي، انهن جي رهنمائي ڪرڻ گھرجي، نيڪ صلاح ڏيڻ گھرجي پر وڌيڪ نيڻ تي انهن کي خود فيصلو ڪرڻ ڏجي.

س - ٦١٠. توهان جي وچار ۾ ڇا آتم هتيا ڪرڻ وارا دنيا کان بيزار هوندا آهن ۽ مالڪ سان ملڻ چاهيندا آهن؟

ج - نه، نورو به نه. هو مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ آتم هتيا ڪونه ڪندا آهن. اهي بزدل آهن ۽ سنسار سان مقابلو نه ٿا ڪري سگهن. انهن جي من ۾ ڪيتريون خواهشون هونديون آهن، جيڪي هو پوريون نه ڪري سگهندا آهن. تڏهن نراس ٿي آتم هتيا ڪندا آهن. انهن خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪين ورڻي دنيا ۾ اچڻو پوندو.

س - ٦١١. ڇا آتم هتيا مهاپاپ آهي؟

ج - ها، بيشڪ. منش ديهه مفت ۾ يا آسانيءَ سان نٿي ملي. تنهنڪري انهيءَ کي ورڪ ني ناس ڪرڻ، بيشڪ هڪ وڏو مهاپاپ آهي.

س - ٦١٢. ڇا ڪڏهن ڪڏهن هتيا پوڻ، سور مان آتما ڪڍي ڇڏڻ جو هڪ اوچ ڀاو نه هوندو آهي، جنهن نه ٽڻن ۾ ٿيندو آهي؟

ج - نه، اهو ڪم اهڙي طرح سرڪ مان نڪرڻ جي اوچ ڀاونا سان نه هوندو آهي. انهيءَ پٺيان ٻالڪ اهو ڀاو هوندو آهي ته سوڙ ۾ رهندي جيڪي چاهيندا آهيون، اهو ڇو نٿو ٿئي، اچائون پوريون ڇو نٿيون ٿين. آتم هتيا ته ڪانئرن جو ڪم آهي. جيڪو منش شرير مليو آهي، انهيءَ انمول دات کي برباد ڪرڻ آهي.

س - ٦١٣. جيڪڏهن ستسنگي رڌي سڌي پراپت ڪري ته ڇا انهيءَ کي انهن جو استعمال نه ڪرڻ گھرجي؟

ج - جيڪڏهن پنجن سون دوران نام جي ڪمائي يا محنت سان پراپت ٿيل رڌيون سڌيون، جن جو استعمال ڪجي ٿو ته انهيءَ ۾ پنهنجو نقصان ٿئي ٿو، جيڪا ڪيل ڪمائي هوندي آهي، اها ناس ٿي ويندي آهي. مالڪ اسانکي اها شڪتي انهيءَ لاءِ نٿو ڏئي ته اسين انهيءَ جا واري بڻجون، انهيءَ جا حقدار بڻجون. انهن شڪتين

ڏيڻ مناسب ڪونهي.
جيترو قدر وواهه جو تعلق آهي. طلاق ڏيڻ مناسب ڪونهي. ٥
وحاني درشٽيءَ کان جڏهن پڄن سمرن دواران سنسار سان اُي موهه
ترڙجي تو تہ اهو اُي اصلي طلاق آهي. اهڙي طرح من ۽ آتما جون
ٽڙون اُي سنسار کان ڪٽجي وڃن ٿيون، اسانجو سنسار کان طلاق ٿي
وڃي تو ۽ مالڪ سان ناتو جڙي وڃي ٿو. سنسار سان سمبند ختم ٿي
وڃي ٿو، مالڪ سان جڙي وڃي ٿو. پر گرهست جيون ۾ مان طلاق
جي خلاف آهيان. اهو منهنجو شخصي وچار آهي. مان ڪنهنکي مجبور
نتو ڪرڻ چاهيان.

س- ٦٠٨. روزاني زندگيءَ ۾ ڪيترا اُي مسئلا اچن ٿا. جيڪڏهن
ڪوڪم اسانجي اچا انوسار نتو ٿئي تہ اُنهيءَ کي مرضيءَ مطابق ڪرڻ
لاءِ زبردست ڪوشش ڪرڻ گهرجي يا جيئن بہ ٿئي، هلڻ ڏجي.
اهو سوچي تہ خود بخود ٺيڪ ٿي ويندو؟

ج- پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پر ڦل مالڪ
جي موج تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ اچا انوسار نہ
ٿئي تہ نراس نہ ٿيڻ گهرجي. اهو سمجهڻ گهرجي تہ پراربڌ ۾ اهو اُي
لکيل هو. اسانجي پاڃہ ۾ ڪوشش ڪرڻ تہ لکيل هو پر ڦل پراپت
ڪرڻ جو نہ. ڪيترا ماڻهو ڪوشش نہ ڪندا آهن، تنهن هوندي بہ
انهنکي ڦل پراپت ٿيندو آهي. انهنجي پراربڌ ۾ اُي اهڙي طرح لکيل
هوندو آهي. اهو سڀ ڪرمن تي مدار رکي ٿو.

س- ٦٠٩. اسان مان ڪيترن کي ڏينهن پٽ، پونيون پوڻا آهن
ڇڏهن اسين اڀياس ڪندا آهيون تہ آهي ڇڏيندا آهن تہ اسين ڇا ڪري
رهيا آهيون؟ ڪنهن بہ بار کي نامدان کان پهريان ڇا ڪئي پڏائي
سگهجي ٿو؟ اُنهيءَ کي سوال جو ڪهڙي طرح جواب ڏنو وڃي؟

ج- تو هين انهن کي سنت مت جا سڌالت پڏائي سگهو ٿا. سياوڪ
کي سڄي هردي سان پيار ڪرڻ جي باري ۾ پڏائي سگهو ٿا، مالڪ
ور بارہ ماتا پتا کان گهٽ ڪئي سگهندا آهن، پر مان سمجهان ٿو، اِ
جي زماني ۾ انهنکي سنت مت اُي هلڻ جو فيصلو خود پنهنجي

ج - زندگيءَ ۾ ڪڏهن بيزار يا نراس نه ٿيڻ گهرجي. هن جيون
جو گهڻي ۾ گهڻو صحيح فائدو وٺڻ گهرجي. جيڪي سواس مالڪ ڏنا
آهن، انهن جو اهڙي طريقي سان استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي مقصد
کي هميشه سامهون رکڻ گهرجي. پنهنجي منزل تي پهچڻ جي ڪوشش
ڪرڻ گهرجي. پر عام طور اسين اڪثر پوندا آهيون، جو ته حالتن
ڪارڻ، من مرضيءَ مطابق فائدو حاصل نه ٿو ٿئي. جيڪڏهن سوار جو
ڌيان ڪريون ته ڪهڙي خبر ته اهو سوار ڪهڙو ملي، انهيءَ ڪان سٺو
يا خراب. مليل موقعي جو پورو فائدو وٺڻ گهرجي ۽ ڪڏهن به دل
۾ انهيءَ قسم جا خيال نه آڻڻ گهرجن.

س - ٦٠٦. جيڪڏهن ڪو پنهنجي ڪنٽرول جي ڪوشش ڪري
ٿو يا نسبندي ڪرائي ٿو ته ڇا انهيءَ سان به ڪرم تي اثر
پوي ٿو؟

ج - جيڪڏهن هن جي ڪرمن ۾ نسبندي ۽ سنتان پيدا نه ڪرڻ
هوندو ته هو انهن ڪندو. ڪرمن ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿو ٿئي، ڪرم ئي
هن ڪان انهن ڪرائين ٿا.

س - ٦٠٧. ڪنهن مون کان ڪالهه ٿي پڇيو هو ته ڇا سمت
طلاق جي آگيا ڏئي ٿو؟

ج - جيڪڏهن سمت مت جي باري ۾ ڪنهنجو اهو خيال آهي ته
اهو ٺيڪ ڪونهي. سمت مت ته ڪتاب ۾ اڪتا آڻي ٿو، هميشه
همدردي پيدا ڪري ٿو. مان هميشه چوندو آهيان ته ٻئي سمرن
ذوارن مٿس هڪ سٺو پتي، سٺي پتني، سٺو پتا، سٺو پت ٻڌندو
آهي. جيڪڏهن انهن نه آهي ته سمجهو ته ٻئي سمرن ۾ ڪمي آهي.
ٻئي سمرن اسانکي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿو. زندگيءَ ۾ پنهنجون
ذميوارين کي سمجهڻ گهرجي، انهنکي نباهڻ گهرجي. اصليت کي مڃڻ
ڏيڻ گهرجي، انهن کان پاڻ بچائي ڀڄڻ نه گهرجي. مونکي مائٽن جو
طلاق ڏيڻ افسوس ٿيندو آهي، خاص ڪري سنتانن ۾ جيڪڏهن
اهڙي طرح ٿيندو آهي ته وڌيڪ ڏک ٿيندو آهي.

...جي، جيئن مالڪ جي ٻڌائي ڪري سگھون. ضرورت وقت دوا
...ڻ ۾ ڪو به حرج ڪونهي.

س- ٦٠٣. ڇا توهانجو وشواس آهي ته اهي رسايڻي شيون جيڪي
ڇڪلهه دماغي بيمارين کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيون وڃن ٿيون،
انهن سان اهنڪار دور ٿي وڃي ٿو؟ ڇا انهيءَ جي استعمال ڪرڻ
سان ڪو روحاني انڀو ممڪن آهي؟

ج- اهي پدارٿ ڪو به روحاني انڀو نه ڪرائي سگھندا. اهي مدش
ڪي سمهاري ڇڏين ٿا، ٿي سگھي ٿو ته آهي پدارٿ ونڻ واري مدش
ڪي ڀرم ٿئي ٿو ته هو سماڌيءَ ۾ آهي يا ٻيو نه اٿس ته ڪٿي آهي
يا هنجي اکين جي اڳيان ڪيترائي خيالي نظارا ڏسڻ لڳن. انهيءَ
حالت ۾ نه ته مٿي وڃڻ جي شڪتي هوندي آهي ۽ نه هيٺ اچڻ جي.
جھڙي طرح نشيدار پدارٿ وغيره ماڻهوءَ کي مدهوش ڪندا آهن.
هن کي ڪا به سڌ ٻڌ نه رهندي آهي، انهن گورين، ڪئپسولس ۽ اِين
دوائن مان به من کي اهڙوئي اثر پوندو آهي.

س- ٦٠٤. مونکي ڪيترائي ماڻهو ګڏيا آهن جيڪي دعوي ڪن
ٿا ته هو رسايڻي شيون واپرائي آنند مندلن ۾ هليا ويا، جتي انهنجي
خيال موجب پرماتما آهي. ڪيترا اهو چوندا آهن ته هو هڪ نئين سنسار
۾ پهچي ويا، انهن اتي جي جانورن جون تصويرون به ڏاٺيون آهن.
اهي شيون چور ٻزار ۾ ملنديون آهن. مون ٻڌو آهي ته هندو انهن دوائن
کي روحاني ترقيءَ لاءِ ڪم ۾ آڻيندا آهن.

ج- ڀارت ۾ ڀنگ يا چرس آهي. ڪيترا ماڻهو ڀنگ، اپي سمت ٿي
ويندا آهن. اهو هڪ قسم جو نشيلو پدارٿ آهي. ٻاهران چوڻ ۾ ته
اُنين ڇڪي سگھجي ٿو ته اهو شراب ڪونهي، پر دراصل ڳالهه اها ئي
آهي. ڪو به فرق ڪونهي. ڪنهن به نشي کي استعمال ڪرڻ سان
روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پوي ٿي.

س- ٦٠٥. جيڪڏهن ڪو زندگيءَ مان تنگ اچي، گروءَ کي
چورڪاري لاءِ وينتي ڪري ته ڇا گرو مٿس ڏيئي ڇڏيندو؟

مختلف مسئلا

س - ٦٠٠. مهاراج جي، مون ٻڌو آهي تہ درد ئي دوا آهي. ايڙا کي جيترو ئي سگهي سهڻ ڪرڻ گهرجي يا درد دور ڪرڻ جي دوا وٺڻ گهرجي؟

ج - جيڪڏهن بيماريءَ ۾ اهو سوچي دوا نہ ورتي وڃي تہ انهيءَ سان ڪرمن کي چڪائڻ ۾ وڌيڪ پوندو تہ اهو ڪرمن جي باري ۾ نهايت غلط خيال آهي. زندگيءَ کي هميشه وهنواري ويچارڌارا سان هلڻ گهرجي. جيئن تہ مون ڪالهہ چيو هو تہ سائنس جي حاصلات ۽ هن سهوليتن کي جسماني سک لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي، پر زندگيءَ جو اصلي مقصد نہ وسارڻ گهرجي. درد يا ايڙا کان ڇوٽڪاري پائڻ لاءِ ڊاڪٽر کان صلاح وٺڻ ۾ ڪوبہ هرج ڪونهي. جيڪڏهن ڪرمن ۾ فائدو ٿيڻ لکيل هوندو تہ فائدو ٿيندو. جيڪڏهن نوقصان ڪرمن ۾ ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ ۾ فائدو هئڻ لکيل هوندو تہ قدرتي طور ڊاڪٽر وٽ وڃي، هن جي دوا جو استعمال ڪري، پر کاڌي جي پرهيز دوارا فائدو حاصل ڪندا. تنهنڪري اهو نہ سوچڻ گهرجي تہ ايڙا کان ڇوٽڪاري پراپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تہ انهيءَ سان ڪرمن ۾ وڌيڪ پوندو. اها وهنواري ويچارڌارا ڪونهي. اسانکي هن سنسار ۾ رهڻو آهي.

س - ٦٠١. ڇا اهو مناسب آهي تہ جيڪڏهن ڪو بيمار هجي تہ انهيءَ جي مدد ڪرڻ گهرجي؟

ج - اهڙي حالت ۾ دوا دوارا همدردي ڏيکاري، صلاح ڏيئي هر قسم جي سهايتا ڪرڻ گهرجي.

س - ٦٠٢. مونکي ستسنگيءَ جي ضرورتن جي خبر آهي. ڇا انهيءَ کي دوا ڏيڻ گهرجي يا نہ؟

ج - دوا وٺڻ ۾ ڪابہ برائي ڪونهي. دوا اندرين جي سک لاءِ نہ نئي ورتي وڃي نہ وٺڻ ئي گهرجي. اسانکي نہ صرف پنهنجي تندرستيءَ کي ٺيڪ رکڻ لاءِ يا بيماريءَ کان بچڻ لاءِ دوا جو استعمال ڪرڻ

س - ٥٩٩. مهاراج جي، جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن کان
وٺڻو هجي ۽ اهو قرض نه ڏيکاري ته ڇا اهو بدل رقم جي ڪاٽي ۾
گهرجي يا وصوليءَ لاءِ مقدمو ڪرڻ گهرجي. انهيءَ جو ڪرم
ڪهڙو اثر ٿيندو آهي؟

ج - انهن ڳالهين ۾ واڌ تان ڪل نه لاهڻ گهرجي. زندگيءَ ۾ وهنو
واپار ڌارا رکڻ گهرجي. جيڪڏهن توهين سمجهو ٿا ته هن کان ت
کي ڪجهه وصول ڪرڻو آهي ته قانوني ڪارروائي ڪري سگهو
جيڪڏهن ڪرم ۾ وصولي لکيل آهي ته ٿي ويندي، نه ته
حالت ۾ توهين مقدمي ۾ هارائيندا.

ڇڏائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جيڪڏهن سنگورءَ سان ڳالهه ڪندا ته سچايتا به ملندي ۽ رهنمائي به ٿيندي.

س - ٥٩٨. جيڪڏهن ڪو احساس يا انڀو ٿئي ته ڪهڙي طرح خبر پوندي ته اهو روحاني آهي، پرميشور جي ڏانهن آهي يا اُنهن ئي من جو ڀرم آهي؟

ج - ڪيترن قسمن جا انڀو ٿيندا آهن. خيالي انڀو به ٿيندا آهن ۽ روحاني به، پر انهيءَ ڳالهه جي خبر پئجي ويندي آهي ته، اهو اصلي آهي يا خيالي. مثال طور جڏهن ڀڄن ڀڄن تي اڳتي وڌو آهي ته، اهڙا هر قسم جو انڀو ٿيندو ۽ جڏهن اهي ٿيندا آهن ته انهيءَ کي صرف ڪلپنا نٿو چئي سگهجي. انهيءَ ڪري به ان کي خيالي نٿو چئي سگهجي جو جدا جدا ديشن ۽ جدا جدا وقت جي ڪيترن سنتن انهيءَ جو ورنن ڪيو آهي. جڏهن اسانجو انڀو انهنجي انڀو سان ميل کائيندو آهي، جن سان اسين ڪڏهن گڏجي نه رها سگهون، نه جن جي ٻولي ئي سمجهي سگهون ٿا، جن جي ديس ۾ اسين ڪڏهن ويا ڪونه آهيون ته اهو خيالي نٿو ٿي سگهي، جڏهن هڪ ئي ڳالهه جو گهڻن ئي سنتن ۽ [illegible] ورنن ڪيو آهي ته اهي انڀو سچا آهن، ٺيڪ آهن، [illegible].

مثال طور "گائيڊ بڪ" پڙهي ڏسندا آهيون ته نيويارڪ کان لنڊن تائين سامونڊي سفر ڪندي رستي تي ڇا ڇا ڏسندا آهيون، سفر ڪيترن ڏينهن ۾ ختم ٿيندو. جڏهن جهاز ذريعي ويندا آهيون ته خبر پئجي ويندي آهي ته اهي ئي شيون سامهون اينديون آهن، اهي شيون ڏسي اهو نٿو چئي سگهجي ته اهي صرف ڪلپنا مات्र آهن، جو ته ڀڄن ڀڄن اڳتي وڌو آهي ته مارگ ۾ ڪهڙا ڪهڙا استان ايندا. جڏهن پنهنجي انڀو جي انهن ماڻهن جي انڀو سان ڀيٽ ٿي ويندي آهي جيڪي انهيءَ مارگ تي وڃي چڪا آهن ۽ انهن کي به اهي ئي انڀو ٿيا هئا ۽ انهيءَ مارگ ۾ اهي ئي نظارا آيا هئا ته سڀاويڪ طور وشواس ٿي ويندو ته اسانجا انڀو به سچا يا صحيح آهن ۽ اسين ڪو سپنو نه ڏسي رهيا آهيون ته ڪو اهو ٿي ڪجهه ڏسي رهيا آهيون، جو ڏسڻ گهرندو هو. ساڳي ڳالهه روحاني انڀو لاءِ به آهي.

س - ۵۹۵. توهان فرمايو ٿا ته ستن اُهن انيون جو ورن ڪيو آهي. جيڪو نور گهڻو ساهتين مون پڙهيو آهي، اُنهيءَ ۾ مونکي ته اُهي ڪٿي به نظر نه آيا آهن.

ج - اُهن انيون جو ورن ستمت جي سيني پستڪن ۾ آهي، جيڪي اسان عام جنتا جي اڳيان رکندا آهيون. توهان صرف هڪ ليک پڙهيو آهي ۽ جيڪڏهن توهان وڌيڪ کوج ڪندا ته گهٽ ۾ گهٽ ست مثال توهانکي ان باري ۾ ملي ويندا.

س - ۵۹۶. سمجهو، مونکي ڳاڙهي رنگ جو، سونهن ڏيڻ وارو مکان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڇا پستڪ مونکي اهو ٻڌائي سگهندا ته جيڪي ڪجهه ڏسي رهيو آهيان، اهو پرم ماتر ڪرنهي، پاڪ اهڙو مکان آهي جيڪو ترڪٽيءَ يا سهس دل ڪنول ۾ آهي ۽ آتي پهچي ڏاڏي طرف وڃي ملندو؟

ج - جيڪڏهن اندروني مارگ تي ترقي ڪري رهيا آهيون ته نامدان وقت ٻڌايل نشانين ذريعي خبر پئجي ويندي ته اها خيالي شيءِ آهي يا اصلي. اهڙا شڪ، سوال تڏهن ٿي پيدا ٿيندا آهن جڏهن نه ته حقيقت جو گيان هوندو آهي، نه ڪلپنا جو. جڏهن حقيقت کي خود پنهنجين اکين سان ڏسبو آهي، تڏهن ڪو به شڪ يا انديشو نه رهندو آهي. نامدان وقت صاف مقرر نشان ۽ پرک ڪرڻ لاءِ ڪسوٽي به ٻڌائي ويئي آهي. ڪڏهن ترقي ڪندي هم سفر ساٿين سان اندر ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي ويندي آهي.

س - ۵۹۷. مهاراج جي، توهين فرمائي رهيا هئا ته پنهنجو روحاني انڀو ڪنهن ٻئي کي نه ٻڌائڻو آهي. جيڪڏهن پنهن سمرڻ ۾ رڪاوٽ پوي ته ڇا اُنهيءَ باري ۾ ڪنهن کي به نه ٻڌايو وڃي ۽ ڳالهه ڳجهه رکي وڃي.

ج - اندر جون رڪاوٽون صرف ستگرو ئي دور ڪري سگهي ٿو. جڏهن پير ڪو سهائتا ڪري ئي نٿو سگهي ته اُنهيءَ کي ان باري ۾

جو فائدو وٺڻ چاهيندا آهن. اهڙيءَ اوستا ۾ اهو انسان ڦاسجي سگهي ٿو ۽ لالچ ۾ اچي پنهنجي ڪمائي ختم ڪري سگهي ٿو.

س - ٥٩٣. ڀر پنهنجي انهن جي سچائيءَ جي پرک ڪيئن ڪجي؟ ٿي سگهي ٿو ته ايماسي پنهنجي من جي دوکي جو شڪار هجي، خيالي گهوڙا ڊوڙائيندو هجي ۽ اهو به ٿي سگهي ٿو ته هو اهو سوچي ته هن کي اهڙي شڪتي ملي آهي جيڪا حقيقت ۾ کيس نه ملي هجي.

ج - خيالي گهوڙا ته چار ڏينهن ڊوڙائي سگهجن ٿا. جيڪڏهن ا ٺسا ڇهن مهينن جو ڪو انهن هجي ته انهيءَ کي صرف من جي اُپَٽي چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ٻن يا ٽن مهينن جو انهن هجي ته شايد اهو خيالي هجي، پر جڏهن سيمي کي اُنين انهن ٿيو هجي ته انهيءَ کي خيالي نٿو چئي سگهجي. ناممان وقت اها ڳالهه کولي سمجهائي ويندي آهي ته صحيح يا غلط، مٿيا يا سچي انهن جي پرک ڪهڙي طرح ڪرڻي آهي.

س - ٥٩٤. اسان کي ڪيئن معلوم ٿئي ته سيمي کي سالن کان انهن ٿي رهيو آهي، جڏهن اسين ڪنهن سان ڳالهه ٻي نٿي ڪري سگهجي؟

ج - اسين انهن انهن جي باري ۾ سنتن جي ٻاڻيءَ مان معلوم ڪري سگهون ٿا. انهن پنهنجا انهن لکيا آهن، جن جو سنت ساهتيه ۾ ورڻن آهي. انهن جي پنهنجي انهن سان مشابهت ڪري ڏسي سگهجي ٿي. جيڪڏهن ڀارت، عرب ۽ اسين ديشن جا مختلف سنت هڪ ئي سچ يا روحانيت جو ورڻن ڪن ٿا ته اهو خيالي نٿو ٿي سگهي. جڏهن انهن انهن جي ورڻن ڪرڻ وارا سنت جدا جدا وقت، جدا جدا ديشن ۾ پيدا ٿيا ۽ انهن کي ڪڏهن به هڪ ٻئي سان گڏجڻ جو موقعو به نه مليو، تڏهن هوندي به انهن جا انهن ساڳيا آهن ته ان حالت ۾ انهن جي حقيقت جي باري ۾ شڪ نٿو ٿي سگهي. جڏهن انهن جي انهن سان پنهنجن انهن کي ملائي ڏسندا آهيون ته معلوم ٿيندو آهي ته اهي صرف خيالي يا من جو ڀرم ڪونهن.

ڏاتا کي، سندس ٻارڙن کي ئي پيار ڪرڻ شروع ڪريون ٿا. اسين
داتا جا شڪرگذار نٿا ٿيون، بلڪ هن جي نعمتن، ٻارڙن ۾ ئي ڦاسجي
مري وڃون ٿا. ٻارڙن ۾ به تڏهن سڪ محسوس ٿي سگهي ٿو جڏهن
داتا کي ياد رکندا سين. جيڪي ڪجهه هن ڏنو آهي، اسين انهن سان
نه موهه ڪريون ٿا، پر ڏيڻ واري کي وساري ڇڏيون ٿا. اسانکي
صرف انهيءَ مالڪ سان پريم ڪرڻو آهي ۽ اهڙي طرح ڪرڻ سان،
جيئن ماکيءَ جي مک، ماکيءَ جي ڪني تي ويهي انهيءَ جو سواد به
وٺندي آهي ۽ سڪل پرن سان اڏامي به ويندي آهي. اسين به هن
سنسار ۾، انهن ٻارڙن مان سڪ پراپت ڪري سگهون ٿا.

س - ۵۹۱. جنهن منش ڏانهن مهنجو اشارو آهي، انهيءَ ايتري
شڪتي ڏيکاري جو........؟

ج - مان ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي باري ۾ ڪجھ نٿو چئي سگهان پر
اهو ضرور چئي سگهان ٿو ته سنت سدائين نمرتا جو اپديش ڏيندا آهن.
سڀ ڪجهه ڄاڻندي به هو اڻڄاڻ بڻجي رهندا آهن. هو هميشه نمرتا،
دينتا، مالڪ جي حڪم ۾ ياڻي ۾ رهڻ جو اپديش ڪن ٿا. سنتن ۾
اهنڪار نه هوندو آهي. مان ڪنهن ٻئي جي باري ۾ ڪجھ نٿو چئي
سگهان.

س - ۵۹۲. مهاراج جي، سنت مت ۽ ستسنگين جي اليو کي ايترو
گپت ڇو رکيو ويندو آهي. ستسنگي انهن اليوءَ جي باري ۾ هڪ ٻئي
سان ڳالهه ڇو نه ڪري سگهندا آهن؟ مان سمجهان ٿو ته سنت مت آتما
جي سائنس آهي ۽ ڪو به سائنسدان پنهنجي انيوءَ جي سچائي ڄاڻڻ
لاءِ ٻين سان ڳالهه ڪري سگهي ٿو.

ج - اهو ڀپ هميشه رهندو آهي ته اهنڪار پيدا نه ٿئي. ڪنهن
ٻئي کي پنهنجي اندروني انيو ٻڌائڻ وقت منش پاڻ کي وڏو سمجهڻ
شروع ڪندو آهي ۽ اهنڪار سبب جيڪي ڪجهه هن کي حاصل ٿيو
آهي، اهو هو وڃائي وهي ٿو. ٻي اها ڳالهه آهي ته جڏهن ٻين کي خبر
پئجي ويندي آهي ته هيءُ منش ڪمائي وارو آهي ته هو هنجي شڪتيءَ

پاڻون کي وساري ڪنهن ٻئي کي ڪڏهن به پيار ئي نه ڪري سگهون
ها. ٻالپڻ ۾ ماتا پتا سان ڪيترو پيار هوندو آهي پر جڏهن ٻيا عمر.
سامهون اچون ٿا تہ وقت اچڻ سان ماتا پتا کي پاڻجي ويندا آهيون.
اهو پيار ڪيڏانهن ويو؟

پيار جو ارٿ آهي پريتم ڪانسواءِ سڄي سنسار کي ڀلجي وڃڻ، پر
اسانجي پيار جو هر روز رنگ بدلجندو رهي ٿو. اڄ ڪنهن سان سڀاڻي
ٻئي سان، اڄ هِتي سڀاڻي هُتي. سو اسانجو ڪنهن سان بہ سچو پيار
ڪونہ هوندو آهي. سنسار ۾ فرض سمجهي رهڻو آهي ۽ ٻئي ٻچي،
پتا، پٽ يا ناگرڪ جي ناتي پنهنجو فرض پورو ڪرڻو آهي. پر انهن
سان موهہ پيدا نہ ڪرڻ گهرجي. نہ ئي انهن کي پنهنجي مٿان اثر ڪرڻ
ڏجي. مثال طور هڪ ننڍين پرڻيل ڇوڪري پنهنجي ماتا پتا جي گهر
اچي ٿي تہ ڀينرن، ڀائرن، ساهيڙين سان ملندي آهي. گهر جو ڪم ڪار
بہ ڪندي آهي، ماتا پتا جي سيوا ڪندي آهي، انهن سان پيار ڪندي
آهي. پر هنجو اصلي پيار هزارين ميل دور پنهنجي پتيءَ سان هوندو
آهي. جتي هوءَ خود آهي اتي هنجو من ڪونهي. اهو ڪنهن ٻئي استان
تي آهي. اسانکي بہ هن سنسار ۾ هڪ ننڍين شادي شده ڇوڪريءَ
وانگر رهڻو آهي. سنسار ۾ رهڻو آهي، انهيءَ جا سڀ ڪم ڪاج ڪرڻا
آهن. فرض پورا ڪرڻا آهن، پر دل هنجي چرنن ۾ هئڻ گهرجي.
جيڪڏهن ماکيءَ جي مک ماکيءَ جي ڪٽوري جي ڪني تي ويهي ماکي
چٽي ٿي تہ هوءَ ماکيءَ جو بہ سواد وٺي ٿي ۽ سکل اڏرن سان اڏامي
بہ سگهي ٿي، پر جيڪڏهن هوءَ ڪٽوري جي اندر وڃي ويهندي آ،
نہ هوءَ ماکي جو سواد ئي وٺي سگهندي ۽ نہ ئي ماکيءَ مان نڪري
سگهندي، انهيءَ ۾ ڦاسجي ٽڙڦي ٽڙڦي مري ويندي آهي.

جيڪڏهن اسانجو من، اسانجي دل، اسانجو ڌيان انهيءَ مالڪ ۾
رهندو تہ اسين سنسار ۾ بہ سک پراپت ڪري سگهنداسين. جيڪڏهن
هنکي وساري ڇڏينداسين تہ هي سڄو سنسار اسان لاءِ دکدائي ٿي
پوندو ڇو تہ اهڙيءَ حالت ۾ اسين انهيءَ داتا کي ڀلائي سنڌس ڏنل

ٿي نٿي سگهي. هن سنسار ۾ تڏهن ئي شانتي ملي سگهي ٿي، جڏهن من ۾ مالڪ جو سچو پيار پيدا ٿيندو. جيڪڏهن مالڪ سان ملڻ واري مارگ تي هلندا اسين ته هن سنسار ۾ به چار ڏينهن سک جا گذاري سگهنداسين. جيڪڏهن هنکي وساريو ته هي سڄو سنسار اسان لاءِ دک روپ، ڪشٽ ۽ پيڙا جو استان بڻجي پوندو. مان اهو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان (هتي مهاراج جن انهيءَ ٻالڪ جو مثال ڏنو جيڪو پتا جي آڱر پڪڙي نمائش ڏسڻ ويو هو. جيستائين پتا جي آڱر پڪڙيل هئس، هنکي نمائش ۾ هر هڪ شيءِ وڻندڙ لڳي ٿي، پر جڏهن پتا جي آڱر ڇڏي ڏنائين ته انهيءَ نمائش جي ڪا به شيءِ هن کي نٿي وڻي ۽ هو پتا لاءِ روئي ورلاپ ڪري ٿو.) اسانکي اصلي سک پرم پتا جي پيار ۽ هنجي ڀڳتيءَ ۾ ئي پراپت ٿيندو. هنکي وساري، سنسار ۾ ڪڏهن به سک پراپت نٿا ڪري سگهون.

س - ٥٩٠. ڇا پرماتما جي پريم جو اهو ارٿ آهي ته اسانکي پنهنجي پتي، پتنيءَ، ٻارن، ماتا وغيره سان ڪو به پريم نٿو رهي؟ ڇا پرڀو پريم انهنجو پيار سماپت ڪري ٿو ڇڏي؟

ج - پريم ۽ فرض ۾ فرق آهي. پتيءَ جا پتنيءَ لاءِ ۽ پتنيءَ جا پتيءَ لاءِ ڪي فرض هوندا آهن. پر ٿي سگهي ٿو ته انهن ۾ پريم نه هجي. جيڪڏهن سچ پچ پيار هجي ها ته امريڪا ۾ هڪ به طلاق نه ٿئي ها. جڏهنڪي پتي پتنيءَ جو پيار ڇڏجي ٿو، در اصل اهو پنهنجو پاڻ کي دکي ڪرڻ واري ڳالهه آهي. هو ٻئي سمجهندا آهن ته اسان ۾ هڪ ٻئي لاءِ پيار آهي پر موقعي اچڻ تي خبر پوندي آهي ته هنن جي هڪ ٻئي سان نفرت آهي. پوءِ اهو پيار ڪيڏانهن ويندو آهي؟ اهو موهه، اهو پيار صرف ڪرمن جي لين دين سبب آهن. ڪي ڪرمن جو ليکو چڪائڻو هوندو آهي، جيڪو پتي، پتني، ٻار وغيره بڻجي اسين ڀوڳي پورو ڪندا آهيون. اسين اهو محسوس ڪرڻ چاهيون ٿا ته اسين پيار ڪريون ٿا پر اندر ۾ خبر هوندي آهي ته سچو پيار آهي ئي ڪونه. جيڪڏهن پيار سچ پچ اهڙو سچو ۽ پختو هجي ها ته پنهنجي ماتا پتا، ڀينرن ۽

سنت مت ۾ رهڻي

س - ٥٨٨. مهاراج جي، ڪرپا ڪري توهين ٻڌائيندا ته ماس، شراب، هسما ۽ پرناريءَ جي تياڳ ڪانسواءِ ٻيا ڪهڙا ڪرم آهن، جن جو اسانکي تياڳ ڪرڻ گهرجي؟

ج - ٻي ڪابه پرهيز ڪونهي، مالڪ جي ڀڳتيءَ سان باقي سڀ گڻ ازخود اچي ويندا آهن. جيڪڏهن سنت مت جي سدانتن کي زندگيءَ جو هڪ حصو بڻائي ڇڏجي ته اسين ماس مڇي، آنڊن، نشيلي پدارٿن کان پرهيز ڪرڻ شروع ڪندا آهيون. نيڪ چالچلن، سٺي رهڻي شروع ڪندا آهيون ۽ ٻيا ناڪي نيمائتو، ڀڄن سمرن کي وقت ڏيڻ شروع ڪندا آهيون. جڏهن اهڙي طرح ڪيو ويندو ته مان سمجهان ٿو ته باقي سڀ گڻ ازخود اسانجي اندر اهڙي طرح اچي ويندا، جيئن کير ٿي ملائي. پوءِ انهن گڻن کي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش نه ڪرڻي پوندي آهي. اهي پنهنجو پاڻهي ايندا آهن. جيترو مالڪ سان پيار وڌندو، جيترو وڌيڪ مالڪ جي ويجهو ٿيندا ويندا سين اوترو ئي وڌيڪ اهي گڻ اسان ۾ ايندا آهن، بنا ڪوشش ئي اهي اسان ۾ اچي ويندا آهن ۽ اهي گڻ اسانجو هڪ مکيه انگ بڻجي ويندا آهن.

س - ٥٨٩. جيڪي ڪجهه چيو ويو آهي، انهيءَ جو اهو ارٿ سمجهيو وڃي ته اسين هن سنسار ۾، هن ڌرتيءَ تي، سک ۽ سرڳ پراپت نٿا ڪري سگهون ۽ دراصل اسانجي آتما کي ڪنهن ٻئي روپ ۾ اوچ روحاني منڊلن تي وڃڻو پوندو آهي، جيئن سچو سک پراپت ڪري سگهون؟

ج - نه، مان اهو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته جيستائين اسانجي سرت هن سنسار ۾ جڪڙي پيئي آهي، اسين سک پراپت نٿا ڪري سگهون، جيڪڏهن سنسار جا سڀ سک، سڀ سهوليتون به حاصل ٿي وڃن، تڏهن به اسين سکي نٿا ٿي سگهون. اصلي سچو سک ته تڏهن پراپت ٿي سگهي ٿو، جڏهن آتما واپس وڃي پرماتما ۾ لين ٿي ويندي. جيستائين آتما پرماتما کان جدا آهي، هيءَ ڪڏهن به سکي

٥٠٣

جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪوبہ ڪامياب نٿو ٿي سگهي. اتهاس
پڙهي ڏسو، انيڪ سنت، انيڪ مهاتما، انيڪ سماج سڌارڪ سنسار ۾
اچي چڪا آهن، پر هن سنسار ۾ ڪوبہ سڌارو نہ ٿيو. پاڪ انهيءَ
ڪوشش جي باوجود بہ اڄ، اڳي کان وڌيڪ برائي ڏسڻ ۾ ٿي اچي.
سنت ڪڏهن بہ هن سنسار کي سکن جي نگري ٺاهڻ نٿا اچن. هو
صرف پنهنجن خاص چونڊيل آتمائن کي واپس وٺي وڃي، مالڪ سان
ملائڻ لاءِ اچن ٿا. جيئن حضرت عيسيٰ پنهنجي وقت ۾ ڪيو. حضرت
عيسيٰ اهو بہ فرمايو هو تہ مان سنسار ۾ شانتي استاپت ڪرڻ نہ آيو
آهيان. سنت سدائين مالڪ جي موج حڪم يا ڀاڻي ۾ رهڻ جو اُپديش
ڏين ٿا. انهيءَ جو ارٿ آهي تہ پنهنجي پرالبڌ کي، سکن دکن کي
کل خوشيءَ سان برداشت ڪري، پوءِ گهرجي نہ تہ دکن ۾ ايترو
دکجي وڃڻو آهي جو مالڪ جي ڀڳتي لئي نہ ڪري سگهون ۽ نہ سکن
۾ ايترو غلطان ٿي وڃڻو آهي جو خيال اندران جي پوڄن ڏانهن هلي
وڃي ۽ پرماتما جي ياد ٿي نہ رهي. دکہ هجي يا سک هر حالت ۾
پرماتما کي ياد رکڻو آهي. سنسار جو واتاورڻ ڪڏهن بہ نٿو بدلجي،
اسانکي ٿي پنهنجو پاڻ کي بدلائڻو آهي.

جيڪڏهن توهانجي سمجهه ۾ اچي ته توهين به انهيءَ تي هلي، فائدو
پراپت ڪري سگهو ٿا. پر ڪنهن کي به مجبور نه ڪرڻ گهرجي ۽ نه
ڪنهن جي به دل ڏکوئڻ گهرجي جيڪڏهن هو ڪنهن ٻيءَ ڳالهه ۾ دلچسپي
رکن ٿا ته رکڻ ڏيو. پيار، پروسو اندران اچڻ گهرجي، تڏهن ئي
هو پهاڙ وانگر مضبوط ۽ اڏول ٿيندو آهي. ٻيءَ حالت ۾ رانديءَ جي
پت وانگر هوندو. جيڪو فيصلو آهي توهانجي وچارن جي اثر هيٺ
اچي ڪندا ته اهو اسٿر نه ٿيندو. جڏهن اهو اثر، اهو واتاورڻ نه
رهندو ته اهو هٽي ويندو. جڏهن توهانجو اثر هٽي ويندو ته اهي
پڇتائيندا. انهيءَ مان ڪو به لاڀ ڪونهي. وڌ ۾ وڌ اسين هن مارگ تي
هلڻ سان، پاڻ کي مليل فائدي جي باري ۾ کين ٻڌائي سگهون ٿا پر
انهيءَ ڳالهه جو فيصلو هنن کي خود ڪرڻو آهي ته هنن لاءِ ڇا ٺيڪ آهي.
حالانڪ اسانجو اصلي سنبنڌ پنهنجي ڪلياڻ سان آهي، پر سنسار ۾
هتي مائٽن، سنبنڌين، دوستن ڏانهن به ڪجهه فرض هوندا آهن. سو
اسين انهن کي ٺيڪ مارگ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. پر جيڪڏهن
انهن کي اسانجي رهنمائي پسند نه آهي ته اسان کي دکي نه ٿيڻ گهرجي.

س- ٥٨٧. مهاراج جي، جڏهن آفيس ۾ پنهنجن سائين سان ڪم
ڪندا آهيون ته اسانجي نڪتچيني ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ اهي
ماڻهو به انهن سان ملي ويندا آهن. ڇا انهيءَ لاءِ اهو سمجهيو وڃي ته
انهيءَ لاءِ اسين خود ذميوار آهيون يا پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ
گهرجي؟

ج- جيڪڏهن اسين ائين سوچيون ته اسين سنسار جي سڀني مسئلن
کي حل ڪنداسين ته هڪ جنم ته ڇا سوين جنم به گهٽ ٿيندا. انهن
مسئلن کان مٿي ٿيڻو آهي جيئن اسانجي من تي انهنجو اثر نه ٿئي.
جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو، ٿيڻ ڏيو. انهيءَ ڪري سنت اڪثر "ڪنول
گل" جو مثال ڏيندا آهن جنهنجون جڙون پاڻيءَ ۾ هونديون آهن پر
گل پاڻيءَ کان مٿي رهندو آهي. شبد يا نام جي ڪمائيءَ دوارا،
پنهنجي سمرن سان خيال کي انهن ڳالهين کان مٿي وٺي وڃڻو آهي. سنسار

س- ٥٨٥. جڏهن ستسنگي اچي اهڙا سوال پڇندا آهن ۽ اسانکي
جواب ڏيڻ ضروري ٿي پوندو آهي. پر اسانکي خبر نه هوندي آهي،
ته ڇا جواب ڏجي؟

ج- انهنکي اهو ئي چئو ته اسين ڪنهن به فرقي، سياسي، مت، سنگٺن
سان ٻڌل نه آهيون اسين جيڏي به چاهيون وڃڻ لاءِ آزاد آهيون. اسانجو
سنبنڌ صرف مالڪ جي پيار، مالڪ جي ڀڳتيءَ سان آهي. پنهنجي [illegible]
سمورن سان آهي. اسين ڪنهن به خاص پدارٿ سان ٻڌل نه آهيون ۽
ڪٿي به وڃڻ جي پابندي ڪونهي. جيڏي چاهيون اتي وڃون. جڏهن
انهن ڳالهين ۾ من جي دلچسپي نه رهندي، انهن مان من ڪٽو ٿي ويندو
ته آزخود وڃڻ جي اِڇا ئي نه ٿيندي.

س- ٥٨٦. مهاراج جي، ڪيترا ستسنگي اهو سوچيندا آهن ته هن
ستسنگ سان تعلق رکندڙ سڀ ماڻهو رسائيءَ وارا هوندا آهن، انهيءَ
ڪري انهنکي غلط فهمي هوندي آهي. منهنجي ويچار ۾ سنت مت ۾
هرهڪ منش پنهنجي روحاني ترقيءَ لاءِ خود جوابدار آهي. مان پاڻ
لاءِ خود جوابدار آهيان. مونکي پنهنجي روحاني ترقي خود ڪرڻي
آهي ۽ مونکي انهيءَ لاءِ سڀ کان اڳ طريقو سوچڻ گهرجي، جيئن مان
اُن تي ٺيڪ طرح هلي سگهان. مان ٻين جي باري ۾ ٺٺو چئي سگهان،
ته هو صحيح راهه تي آهن يا غلط راهه تي. ڇا اهو ٺيڪ آهي؟

ج- ٻه ڳالهيون آهن. ڪجهه ماڻهن سان اسانکي اهڙو پيار، اهڙي
همدردي ۽ دلچسپي هوندي آهي، جو اسين اهو برداشت ئي نه
ڪري سگهندا آهيون ته اهي ڪنهن ٻئي طرف هلي وڃن. انهنڪري
انهن کي پريم پيار سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.
انهيءَ پيار جو اهو اثر ڪونهي ته انهن کي غلط ۽ خود کي صحيح
ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي يا اهو چيو وڃي ته جيئن مان
ڪريان ٿو، توهين به اهوئي ڇونه ٿا ڪريو؟ اهڙي قسم جو پاو
هجڻ گهرجي. انهنکي پيار سان اهو سمجهائي سگهجي ٿو ته شايد توهين
غلط مارگ تي آهيو. اسانکي هن مارگ تي هلي اهو لاڀ حاصل ٿيو آه

ستسنگ ۽ اُن جو پربنڌ

س - ٥٨٤. مهاراج جي، ڪڏهن ڪڏهن اسان کان هن قسم جا سوال پڇيا ويندا آهن جيئن ته "اسانجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ماڻهو نام ملڻ بعد به انهن ستسنگن يا سيوائن ۾ وڃن نٿا، انهنکي نام ڏنو ئي ڇو ويو آهي؟"

ج - انهن ڳالهين ڏانهن خاص ڌيان نه ڏيڻ گهرجي. مان اڪثر نام ڏيڻ وقت چوندو آهيان ته مان ڪنهنکي به ڪنهن خاص شيءِ سان ٻڌڻ نٿو چاهيان. جيڪڏهن توهين سنت مت سڌانتن تي هلو نٿا ۽ ڀڄن سمرن کي پورو وقت ڏيو نٿا ته پوءِ مان توهانکي انهيءَ لاءِ مجبور نٿو ڪريان ته توهين ڪنهن سيوا، ستسنگ يا آئيس سان ڪو تعلق نه رکو. آخر ۾ روحاني ابياس ڪرڻ سان ازخود ئي، انهن کان دور ٿي ويندا آهيون. جڏهن انهن ۾ ڪا دلچسپي نه رهندي ته انهنکي ڇوڙڻ جي ضرورت ئي نه پوندي. ازخود انهنجي دل اهڙين ڳالهين کان دور ٿي ويندي آهي. انهنکي ڪنهن سماج يا سڀا کي ڇڏڻ لاءِ چوڻ مان ڪجهه به فائدو نه ٿيندو آهي. جڏهن انهن کي اندر نام جي خماري، نام جو رس پراپت ٿيندو ته انهن رستن تي انهنجي دل ئي نه لڳندي. انهنکي ائين محسوس ٿيندو ته اهو واتاورڻ انهنجي لائق ڪونهي. پوءِ هو خود بخود اهڙن رستن تي وڃڻ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ ٻئي طرف ڇڪجي ويندا آهن. پر جيڪڏهن انهنکي زبردستي اوڏانهن وڃڻ لاءِ روڪيو ته انهنجو من انهن کي زبردستي اوڏانهن وٺي ويندو. انهيءَ ڪري اهڙي ڳالهه چئي، ڪنهنجي دل ڏکوئڻ مان ڪهڙو فائدو ته "توهين اوڏانهن ڇو نٿا وڃو؟ اتي وڃڻ مان ڪهڙو فائدو ڪونهي وغيره" جيڪڏهن پنهنجي ستسنگ ۾ پيار ۽ ڀڳتيءَ جو واتاورڻ ڏسندا ته انهنکي ستسنگ جي واتاورڻ ۾ اهڙو رس ايندو جو هو ٻئي ڪنهن هنڌ وڃڻ پسند ئي نه ڪندا. اهڙي طرح هو خود اهڙي واتاورڻ ۾ کينچجي ايندا.

۵۰۰.
آهيون ته لکن ٻن لکن کي ماري اسان بيشمار ماڻهن کي بچائي ڇڏيو
آهي. پر اهي سڀ پنهنجي ڪمزوريءَ کي لڪائڻ لاءِ بهانا آهن. اسانکي
مدد ڪرڻ گهرجي، مارڻ نه گهرجي. عيسيٰ فرمايو آهي هڪ ٻئي کي پيار
ڪريو. هو اهو به چون ٿا ته جيڪڏهن ڪو هڪ ڳل تي چماٽ هڻي ته ٻيو
ڳل هنجي اڳيان ڪريو. انهيءَ جو ڇا ارٿ آهي؟ انهيءَ جو مطلب آهي ته
ڪنهنجي خلاف من ۾ وير نه هئڻ گهرجي. دشمن جي خلاف به نه. انهن
لاءِ به برابر پيار ۽ دَيا هئڻ گهرجي، جيڪڏهن هو نفرت ڪن تڏهن به
هنن سان پيار ڪرڻ گهرجي. نفرت جي بدلي نفرت نه ڪرڻي آهي.
اهڙي طرح پيار سان شيوا دواران، انهنجي عملي طور مدد ڪرڻي آهي.
ڪنهنجي زندگي ختم ڪرڻ سان، انهيءَ جي مدد نه ٿيندي آهي.

س – ۵۸۳. مهاراج جي، بوٽن لاءِ چمڙي جو استعمال ڪرڻ سان
اسين ماس ته نٿا کائون، پر اهڙي طرح انهن جانورن جي هتيا ۾ اسين
پنهنجي سهمتي ظاهر ڪريون ٿا. ڇا اهو واجب آهي؟

ج – ها، توهان جيڪي ڪجهه چئو اهو ڪنهن حد تائين ٺيڪ آهي.
پوشاڪ وغيره پائڻ تي به پابندي ڪونهي. سنسار ۾ عملي وهنوار ڌارا،
عملي ڍنگ، اختيار ڪرڻو آهي ۽ ڪوشش اها ڪرڻي آهي ته ڪرمن
جو بوج گهٽ ۾ گهٽ ڪٺو ٿئي، جيڪو ڀڄن سمرڻ دواران: چڪائي
سگهجي. هن سنسار ۾ رهڻ جو مکيه مقصد پرڀوءَ پراپتيءَ جو هئڻ گهرجي.
پوءِ چمڙي جو بوٽ پائڻ، ڪپڙا پائڻ، ميوا ڀاڄيون کائڻ، ڪنهن حد
تائين صحيح رهندو پر ڪرمن جو اثر ته تنهن هوندي به رهندو ئي.

س ۵۸۳. پر ڇا اسين اهي شيون ڇڏي نٿا سگهون؟

ج – جيڪڏهن ڇڏي سگهجن ته ٻيو ڇا کپي؟ جيڪڏهن ٻـو
ڪپڙن بنا به گذر ڪري سگهون، تڏهن به جيتري قدر ڪرمن
تعلق آهي، انهيءَ سان گهڻو فرق نه پوندو، ڇو ته جيئن مون توهان
ٻڌايو آهي، ساهه کڻڻ ۾، پاڻي پيئڻ ۾، گهمڻ ڦرڻ ۾ جنهن هتيا ٿيند
آهي. تنهنڪري زندگيءَ کي هڪ وهنواري وهنوار ڌارا سان گ
گهرجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪرمن جو بوج گڏ ڪرڻ گهرجي. جيئن
سمرن دواران آسانيءَ سان پوري چڪائي سگهجي.

رهيو آهي پر تنهن هوندي به، ڪو به مرڻ لاءِ تيار ڪونهي. تنهنڪري مڇر هجي يا حيوان ڀلا پکي، انهيءَ جي مدد ڪرڻ گهرجي. انهيءَ کي مارڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. اسپتالن ۾ وڃي ڏسو، ماڻهو ڪيئن نه پيڙا وچان ڪيڪرات ڪري رهيا آهن. ڇا توهانجي ويچار مطابق، انهن سڀني کي هڪدم ختم ڪيو وڃي؟

س - ۵۸۱. نه، منهنجو مطلب انهن جانورن سان هو، جيڪي مرڻگهڙي حالت ۾ هجن؟

ج - پر ڀلي ماڻهو هجي يا پکي هجي ڀلا مڇر، اسانکي ڪهڙي خبر ته هو مري رهيو آهي يا نئين زندگي پراپت ڪري رهيو آهي؟ انهيءَ جيو کي پنهنجن ڪرمن جو ليکو صاف ڪرڻو آهي. دوا درمل وغيره سان يا جيئن به ممڪن هجي هنجي مدد ڪرڻ گهرجي. اسانکي پنهنجي طرفان پوري مدد ڪرڻ گهرجي. پر ڪنهن جا به پراڻ نه وٺڻا آهن. اهو ڪم پنهنجن هٿن ۾ نه کڻڻ گهرجي. اسانکي اهڙي طرح ڪرڻ جو ڪو به حق ڪونهي، مارڻ ۾ ڪا به ديا ڪانهي. پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پوري مدد ڪرڻ گهرجي. اسانجو هردو چاهي ڪيترو به شڌ هجي، اسانجي نيت بلڪل نيڪ هجي، پر تنهن هوندي به ڪيترائي ڳالهيون اسانجي وس کان ٻاهر آهن، هو پنهنجن ڪرمن جو ڦل ڀوڳي رهيا آهن، جيڪو انهن پوکيو آهي، اهو لڻندا. پر اسانکي پنهنجي پوري سمجھ، شڪتيءَ ۽ حيثيت انوسار انهنجي مدد ڪرڻ گهرجي. جيتري قدر مالڪ چاهيندو اسين اهڙي مدد ڪرڻ ۾، اوتري حد تائين ڪامياب ٿيندا سين. تنهنڪري پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪندي ڦل مالڪ جي موج تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

مان چئي چڪو آهيان ته جيڪڏهن ديا سبب مارڻ شروع ڪنداسين ته خبر ڪونهي، ڪيتري تعداد ۾ ماڻهن کي مارڻو پوندو. سياسي عدالتون اڳلائي هزارين ماڻهن کي مارائين ٿا ۽ آهي به انهيءَ مارڻ کي مناسب ثابت ڪندا آهن، پر پرماتما انهيءَ کي صحيح سمجهي ٿو يا نه، انهيءَ جي ڪنهن کي به خبر ڪونهي. اها ڳالهه ته هو ئي ٻڌائيندو ته اسان سٺو ڪم ڪيو آهي يا خراب. اسين صرف پنهنجي بُڌيءَ انوسار سوچيون ٿا. اسين سوچيندا

پر انهن هوندي به اهڙي هتيا روحاني دِرشٽيءَ کان بلڪل مناسب ڪونهي. جيتوڻيڪ اسين پنهنجي طرفان قياس ڀلا ڪيا ڇڏيون ٿا، اها دراصل پرماتما جو ڪارج پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اهڙي طرح سوچڻ شروع ڪيو ويو ته سڀاڻي ئي اڄ دنيا سماپت ٿي ويندي. هر ڪنهن کي دک آهي، تڙپي رهيو آهي، ورلاپ ڪري رهيو آهي، ماڻهو بک مري رهيا آهن، بيمار آهن. انهيءَ جو اهو مطلب ته ڪونهي ته ڄاڻي، ساڃي سڀني کي مارڻ شروع ڪجي. جيڪڏهن اهڙي طرح ڪرڻو آهي ته پوءِ پهرين پنهنجو پاڻ کي مارڻو پوندو ڇو ته اسين پنهنجي اندر شانت نه آهيون، دک درد سان ڀريا پيا آهيون، تنهنڪري اهڙي دليا ڀري هتيا جو سوال ئي نٿو اُٿي. انهيءَ ڳالهه جي مالڪ کي ڄاڻ آهي ته ڪهڙي جيو جا پراڻ ڪڏهن وٺڻا آهن. هو ئي ڏئي ٿو، هو ئي وٺي ٿو. قدرت پنهنجو سنتولن پاڻ بڻائي رکي ٿي. پرماتما کي خبر آهي ته ڪڏهن ۽ ڪيترن موت آڻڻو آهي. ماڻهو جنگين ۾، طوفان ۾، ڌرتي ڌٻڻ ۾ ۽ ٻين ڪيترن ئي طريقن سان مرن ٿا. اِهي سڀ طريقا انهيءَ جي هٿ ۾ آهن. اسين ڇو هنن جي خلاف هلڻ جي ڪوشش ڪريون؟ اسانکي دکي، اپاهج ماڻهن جي گهٽيءَ ۾ گهٽي مدد ڪرڻ گهرجي انهن جي زندگي ختم ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي.

س - ٥٨٠. مهاراج جي، جيڪڏهن ڪو پسون يا پکي نهايت زخمي حالت ۾ ملي، انهيءَ کي گهڻو ڪشٽ هجي ته ڇا انهيءَ جي زندگي سماپت ڪرڻ غلط ٿيندو؟

ج - جيڪڏهن اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪنداسين ته مٿو حصو سنسار سماپت ڪرڻو پوندو. ڪير دکي ڪونهي؟ من ۾ سوچي ڏسون، ڇا اسانجي پنهنجي اندر جنگ نه هلي رهي آهي؟ ڇا اسين سکي آهيون، خوش آهيون؟ ڇا اسين جسماني ۽ مانسڪ طور هن دنيا ۾ رهڻ سان خوش آهيون؟ جيڪڏهن ٿورو به پنهنجي باري ۾ سوچي ڏسنداسين ته معلوم ٿيندو ته هرهڪ منش ايترو پريشان آهي. هرهڪ انسان ڪرم جو ڦل ڀوڳي رهيو آهي. ڪرمن جي اشاري تي نچي

لهڪري هتي اُنهيءَ کي دهرائڻ ٺيڪ ٿو وڃي) هن سنسار جي چنتا نه
ڪرڻي آهي. مان ڪيترائي ڀيرا چئي چڪو آهيان ته سنسار اڌورو
آهي ۽ اُنهن ۾ رهندو ۽ سنتن جي مدد سان اسانکي منش جنم جي
موقعي جو فائدو وٺڻ گهرجي ۽ اُنهيءَ مان نڪري واپس پرماتما جي
گود ۾ پهچڻ گهرجي، اُنهيءَ امر دائمي سک شانتيءَ جي ديس ۾ پهچڻ
گهرجي، جتان واپس هن ڪشمڪش ۽ هتيا واري ديس ۾ وري ڪڏهن
به اچڻو نه پوي.

س - ٥٧٨. منهنجي پٽ کي هڪ کيت آهي، جنهن ۾ ڪيترا ئي
ننڍا ننڍا جانور ۽ پوک ۾ لڪي رهندا آهن. جن جي ڪارڻ کيتي
نٿي ٿي سگهي جيڪڏهن جيو هتيا نه ڪئي وڃي ته کيتي ڪهڙي
طرح ڪجي؟

ج - پنهنجي طرفان جيو هتيا نه ڪرڻ جي، گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش
ڪرڻ گهرجي پر ڪڏهن ڪڏهن اُنهيءَ بنا ٻيو ڪو چارو ئي نه هوندو
آهي. هن دنيا ۾ رهڻ لاءِ، جيئڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن قسم جي جيو
هتيا ڪرڻي پوي ٿي. اُنهن کان ٻچڻو ته پوندو آهي، پر اُنکي صحيح
ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ڪم جي دائري کان
ٻاهر، جاڻي واڻي جيو هتيا نه ڪرڻ گهرجي. پر جتي جيئڻ لاءِ اُنهيءَ
بنا ڪو ٻيو وسيلو ڪونهي ته پوءِ اُها مجبوري آهي.

س - ٥٧٩. جيڪڏهن ڪو ٻار جنم کان ئي جڏو، اڌرنگي ۽
بدشڪل هجي ۽ زنده رهي جيئن ڪيترائي ٻار رهندا آهن، پر آهي
پنهنجن عضون ذريعي هلچل نه ڪري سگهن، دماغ جو استعمال به نه
ڪري سگهن ۽ هميشه بستري داخل هجن ۽ جيڪڏهن ديس جو قانون
آگيا ڏئي ٿو ته اهڙن ٻارن کي مارڻ، دنيا پري هتيا آهي ۽ جيڪڏهن
ڪو سنسڪي ڊاڪٽر آهي ۽ اهڙي قسم جي هتيا جو حڪم ملي ته
هو اُنهن ڪري سگهي ٿو؟

ج - مان دنيا پري هتيا جي سخت خلاف آهيان ۽ مان سمجهان
ٿو ته اڄا هن وقت تائين ڪنهن ديس ۾ اهڙي اجازت نه ڏني وئي
آهي، حالانڪ مولڪي اهڙي قسم جي قانون جي پوري ڄاڻ ڪونهي

قسم جي نردوش هتيا آهي ۽ جو تہ جيئڻ لاءِ انهن ڪرڻو پوي ٿو. دراصل ڳالهہ اها آهي تہ جيئڻ لاءِ جيتري گهٽ ۾ گهٽ هتيا ٿي سگهي اوتري ڪجي ۽ اها بہ ڪنهن حد تائين جيتري جيئڻ لاءِ، تندرستي ٺيڪ رکڻ لاءِ ضروري هجي.

س – ٥٧٧. شايد هي سوال مورکپڻي جو ٿي هجي. اهو ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ پريشانيءَ جو مسئلو آهي تہ شينهن، چيتا وغيره هيٺين جوڻين وارن حيوانن ۾ بدي يا وويڪ نہ ٿيندو آهي پوءِ انهنکي جيئڻ لاءِ ڪمزور جانورن کي مارڻ جي بدي ڪير سيکاري ٿو ۽ ڇو؟

ج – هيءُ سڄو سنسار ئي مرڻ مارڻ جو اِستان آهي. بنا ڪنهنکي مارڻ جي جيئڻ ناممڪن آهي. جيئڻ لاءِ جدوجهد هلندي رهي ٿي. سدائين سڀ پراڻي مرن ۽ مارين ٿا. انهيءَ ڪري سنت سمجهائين ٿا تہ هيءَ مرڻ ۽ مارڻ جي نگري اسانجو نج گهر ڪونهي. اسين صرف انهيءَ ڪري هن نگريءَ مان لنگهي رهيا آهيون ڇو تہ هتي ڪرمن جو حساب چڪائڻو آهي پر انهيءَ سان گڏ اهو بہ خيال رکڻ گهرجي تہ ٻيا نوان ڪرم نہ ڪريون جو انهنکي چڪائڻ لاءِ وري هتي اچڻو پوي. جنهن نگريءَ ۾ مرڻ مارڻ جو تماشو هلي رهيو آهي، انهيءَ باري ۾ سنت فرمائين ٿا تہ هيءُ توهانجو اصلي گهر ڪونهي. انهيءَ کي تياڳي پرماتما وٽ سچکنڊ پهچو. هن سنسار جو ڪڏهن بہ سڌار نٿو ٿي سگهي ۽ هيءُ سنسار ڪڏهن بہ سرڳ يا سکن جي نگري نٿو بڻجي سگهي. هيءَ دنيا هميشهہ رڻ ڀومي ئي بڻي رهندي. نہ ئي سنت سنسار کي سکن جي نگري بڻائڻ لاءِ اچن ٿا. هو اسانکي هن سنسار کان هميشهہ لاءِ آزاد ڪرائڻ لاءِ اچن ٿا (هتي مهاراج جن وستار سان سمجهايو تہ ڪهڙي طرح هيءُ سنسار ڪرم ڀومي آهي، پنن ۽ پاپن جي نگري آهي ڪهڙي طرح پنهنجي فرض جي پوئواري ڪندي پنهن سمورن ذريعي، هن سنسار ۾ شانتي پراپت ڪرڻي آهي ۽ ڪهڙي طرح پنهنجي پيرن ۾ مضبوط بوٽ پائي سنسار جي مسئلن روپي ڪنڊن کان بچاءُ ڪرڻو آهي. انهن سڀني جو پهرين ورنن ڪيو ويو آهي.)

ڪيڙا، ماڪوڙا، جيتن کي مارڻ، ديا ڀري هتيا

س - ٥٧٦. مهاراج جي، باغ ۾ ڪيڙن ماڪوڙن کان، ميون ۽ ڀاڄين کي بچائڻ لاءِ دوا جي ڇڙڪائڻ جي باري ۾ توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟

ج - سنسار ۾ رهڻ لاءِ اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪرڻيون پونديون آهن. ڪٿي نه ڪٿي ته حد مقرر ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن تمام باريڪيءَ سان ڏٺو وڃي ته خبر پوندي ته اسين ساهه کڻڻ وقت انيڪ جيوڙن جي هتيا ڪندا آهيون. هي سڄو ڪمرو جيو جنتن سان ڀريو پيو آهي، جڏهن ڪمري ۾ هلون ٿا ته ڪيترائي ڪيڙا ماڪوڙا مرن ٿا، جن کي بئڪٽيريا يا ڪنهن ٻئي نالي سان سڏي سگهجي ٿو. جنهن هوا ۾ ساهه کڻجي ٿو، اها آتمائن سان ڀرپور آهي. هن دنيا ۾ بنا جيو هتيا، جيئڻ ناممڪن آهي. بنا مارڻ جي ساهه کڻي سگهڻ، هڪ قدم به هلي سگهڻ ناممڪن آهي. انهيءَ ڪري سنت اسانکي هر وقت سمجهائيندا آهن ته دنيا ۾ رهي، ڪرمن جو گهٽ ۾ گهٽ بوجهه گڏ ڪريو. هو ميون، ڀاڄين کائڻ جي هدايت ڪن ٿا، حالانڪ انهن ۾ به آتما آهي، زندگي آهي. اها ڳالهه سائنسدانن به ثابت ڪئي آهي ته ونسپتيءَ ۾ به جان آهي.

دوائون ڇڙڪي، ڪيڙن ماڪوڙن، ڪوئن وغيره کي مارڻو ئي پوي ٿو، جيئن فصل جو بچاءُ ٿئي. پر جيئن سنساري ڪرمن ۾ گناهه جي انداز ۾ فرق هوندو آهي، اهڙي طرح اهڙين هتيائن ۾ به ڪرمن جي پاپ جي انداز ۾ فرق هوندو آهي. نه ته مارڻ واري کي ڏهيءَ ڪم ۾ نيڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ نه ئي ڪا به وڏي هتيا ڪرڻ گهرجي. پر جڏهن جتي ضروري هجي، انهي زندگيءَ لاءِ انهن ڪرڻو ئي پوي ٿو. آخر اسانکي هن سنسار ۾ زنده رهڻو آهي. سڄي سنسار ۾ جيوَ، جيوَن کي ماري رهيا آهن. توهان جيئڻو ئي ڇڏيو ته سڄي سنسار ۾ اونداهه ڇانئجي ويئي آهي. مارڻ کانسواءِ ڪو به منش رهي نٿو سگهي. ميوا ڀاڄيون کائڻ، فصل کي بچائڻ هڪ

ڏني ته هُو ٿورو به نه گهٻرايو، چپ چاپ چڪيا جو سامان تيار ڪندو رهيو. ڪنهن هنکان پڇيو، "ڇا توکي پنهنجي پٽ سان پيار ڪونهي؟" هن جواب ڏنو، "مالڪ جو ڀاڻو اهوئي هو ته هنجو موت اهڙي طرح ٿئي. مان انهيءَ ۾ ڪجهه به نٿو ڪري سگهان." اهڙو منش ضرور رسائيءَ وارو هوندو.

ج- اهو سچ آهي. اها گرو نانڪ صاحب جن جي شش ڀائي لالو جي ڪٿا آهي. هُو نهايت ئي روحاني رسائيءَ وارو هو. اها ڪٿا "ٻرمارٿي ٻتر، ڀاڱي ٻئين" (ٻتر نمبر ۱۴۳) ۾ بيان ڪئي وئي آهي.

ج - اهي سڀ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. جڏهن دل محسوس ڪندي آهي ته ڳلو ڀرجي ايندو آهي، اکين ۾ لڙڪ ايندا آهن ۽ منهن ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، پيار جي حد صرف هردي تائين ڪانهي، انهي پيار جو اثر مٿي کان پيرن تائين سڄي سرير ۾ ٿيندو آهي. پريم جي پيڙا ڳلي ۾، اکين ۾، مٿي ۾، سڄي سرير ۾ ڪٿي به محسوس ٿي سگهي ٿي. اها ڳالهه الڳ آهي ته شروع هردي کان ٿيندي آهي. سنت مت ۾ روحاني هردو "ٽيون تل" آهي، جيڪي ڪجهه روحاني انڀو ڪندا آهيون، اهو ٽئين تل کان مٿي وڃڻ تي وڌيڪ تيز ٿيندو آهي.

س - ٥٧٣. ڇا ٻوليءَ دوارا ڀاوناڻن کي ورنن ڪرڻ مشڪل آهي؟

ج - اهو ٺيڪ آهي ته پريم جي ڪا ٻولي ڪانهي. توهين ڪڏهن اهڙي منش سان ملندا آهيو، جنهن جي ٻولي توهين نٿا سمجهو، تڏهن هنجي پريم کي توهين محسوس ضرور ڪندا آهيو. ڇا انهيءَ کي ٻوليءَ دوارا ورنن ڪرڻ جي ضرورت آهي؟ اهي کي ٻيا ٻڌائڻ ٿي ڳيان ٿي ويندو آهي. تنهنڪري مان هميشه چوندو آهيان ته صرف ٻولي يا لفظ ٿي هردي جي ڳالهه سمجهڻ يا سمجهائڻ جو، هڪ ٻئي لائين پهچائڻ جو ذريعو ڪونهن. پريم دوارا ڪيترين ڳالهين جي، ڀاوناڻن جي خود بخود سمجهه اچي ويندي آهي.

س - ٥٧٤. ڇا اندر، عام ٻولي يا لفظن جي استعمال ڪرڻ سان ڪنهن به مٿيان پريم جو خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن اسين مالڪ کي لفظن دوارا سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريون يا ٻوليءَ ذريعي پرماتما کي پرارٿنا ڪريون ته ڇا ڪو هرج آهي؟

ج - اسان توهانکي سمجهائڻ لاءِ لفظن جي ضرورت نه ٿيندي آهي.

س - ٥٧٥. مون سنت مت ساهتيه ۾ پڙهيو آهي ته هڪ طرف پت چمت ڪان ڪري مري رهيو هو ۽ ٻئي طرف پتا هنجي چکيا جو سامان تيار ڪري رهيو هو. جڏهن ڪنهن هن کي پت جي مرڻ جي خبر

ج - نه، مان انهيءَ سان ٻڪراءِ نه آهيان. روحاني ترقيءَ جو استان سان ڪو به واسطو ڪونهي. مان ڪيترا ڀيرا محسوس ڪندو آهيان ته مٿي ڊيشن جا ماڻهو پارتواسين جي پيٽ ۾ وڏ ڪڙ سڄار ۽ نسڪيت آهن، جيڪي ڪجھ هوُ ڪندا آهن سچائيءَ سان ڪندا آهن ۽ پنهنجي عقل بُڌيءَ جي تسلي ڪرڻ بعد ڪن ٿا. انهيءَ سان ڪو به فرق نٿو پوي ته مٿس امريڪا ۾ پيدا ٿيو آهي يا پارت ۾، پڇم ۾ يا پورب ۾ يا ڪنهن ٻئي استان تي. جتي ڪدريل جنم ۾ ڏور ڪي ڇڏيو ويو آهي، آتسان ئي هوُ ڏور کي پڪڙي ٿو. انهيءَ سان ڪو به فرق نٿو پوي ته ڪو ڪٿي ڄائو آهي.

س - ۵۶۹. ڇا توهانجي ويچار ۾ اسين گهٽ ڳالهايون ته وڌيڪ سمجهي سگهون ٿا؟

ج - جڏهن مٿس پنهنجي زبان کي وس ۾ ڪري سگهي ته سنسار جون ڪيتريون مصيبتون سماپت ٿي وڃن. جڏهن اسين ٻين جي ڪمن ۾ بي سبب دخل ڏيندا آهيون ته جهيڙا شروع ٿي ويندا آهن.

س - ۵۷۰. ڇا انهيءَ جو ارٿ آهي ته "هڪ چپ، سؤ سک"؟

ج - اهو صحيح آهي. انهيءَ ڳالهه جو گيان انيؤ سان ٿيندو آهي.

س - ۵۷۱. مهاراج جي، اسين هردي ۾ پريم هئڻ جي ڳالهه ڇوندا آهيون هردي سان پريم جو سمبنڌ ڪيئن شروع ٿيو، اهو سمبنڌ جنهنجو اسين اڪثر ذڪر ڪندا آهيون؟

ج - مالڪ هرهڪ عضوي کي ڪو نه ڪو ڪم سؤنپيو آهي. اکيون ڏسڻ جو ڪم ڪن ٿيون، نڪ سنگهڻ جو، واس ڪاڻڻ جو ۽ هردو محسوس ڪرڻ جو. اهڙي طرح پريم جو، هردي يا دل ۾ انيؤ ٿيندو آهي. اهي سڀئي جي جدا جدا عضون جا ڪم آهن.

س - ۵۷۲. ڀر مونکي ته پاوناڻن جو انيؤ دل جي بجاءِ قڦڙ ۽ پيٽ جي وچ جي استان يا ڳلي ۾ محسوس ٿيندو آهي. شايد مونکي اها خبر ڪونهي ته منهنجي دل ڪٿي آهي؟ (ماڻهو کلن ٿا).

ج - جيسين من اندرين جو داس آهي، تيسين اسين پنهنجي منزل مقصد کان دور هوندا آهيون. اسانجي منزل مٿئين طرف آهي، اندرين جو جهڪاءُ هيٺئين طرف رهي ٿو. جيڪا شيءِ اسانکي پرماتما کان پري رکي ٿي، قدرتي طور اها اسانکي گمراهه ڪري ٿي، غلط مارگ تي آڻي ٿي. پريمي ڪڏهن به انهيءَ شيءِ کي پسند نه ڪندو، جيڪا کيس پنهنجي پياريءَ پريتما کان پري رکي. اسين من ۽ اندرين جي وس ٿي ڪرم ڪريون ٿا ۽ اهي ڪرم اسانکي پنهنجي پياري پريتم پرماتما کان دور رکڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

س - ٥٦٥. مهنجو آزمودو آهي ته ساڌارڻ انسان اندرين کان مٿي ڏسي ٿي نٿو سگهي.

ج - هرهڪ منش اهڙي طرح ڪرڻ جي قابل ڪونهي.

س - ٥٦٦. ڇا ڪا اهڙي جڳتي آهي، جو ساڌارڻ منش جيڪو سڀ ڪجهه اندرين دواران ٿي انڀؤ ڪري ٿو، انهيءَ کان وڌيڪ انڀؤ ڪري؟ ماڻهو اندرين دواران ٿي زندگيءَ جي پرک ڪندا آهن ۽ ٻي ڪا به جڳتي نه ڄاڻن. هيٺئين مونکي مارگ جي خبر پئجي وئي آهي انهيءَ ڪري مان سمجهي سگهان ٿو، مون راڌاسوامي پستڪ پڙهيا آهن ته ساڌارڻ منش کي پردو کولي اندر وڃڻ گهرجي، جيئن هو اندرين کان مٿي ٿي سگهي؟

ج - توهان پنهنجي سوال جو جواب خود ٿي ڏيئي ڇڏيو.

س - ٥٦٧. مان معافي چاهيان ٿو. توهانجي موجودگيءَ ۾ مونکي انهن ڳالهين جي وياکيا نه ڪرڻ گهرجي.

ج - نه، نه. اها ڳالهه ڪونهي. اهڙي چنتا نه ڪريو. مان به سمجهائڻ ۾ خوش ٿيندو آهيان. مون ٻارهن هزار ميل سفر انهيءَ ڪري ڪيو جيئن ڪجهه ڳالهيون سمجهائي سگهان.

س - ٥٦٨. ڇا پارتواسي ستسنگي وڌيڪ ترقي ڪري سگهن ٿا جو نه آئي ليائيندڙ شيون گهٽ آهن؟

هتا پر ڪين ڪڏهن ٻه ڪنهن‌جي هتيا نه ڪرڻي پيئي. انهڪري جنگ، ۾ ٻه ڀهرو ونتو پيو. جڏهن اسين سڀي هردي سان چاهيندا آهيون ته قدرت مدد ڪندي آهي، مالڪ مدد ڪندو آهي، حالتون اهڙيون بڻجنديون آهن جو جنتا ڪرڻ جي ضرورت ئي نه رهندي آهي.

س - ۵۶۰. مهاراج جي، اهنسا ۽ ڪنهن‌جي هتيا نه ڪرڻ جي سدانتن جو ڀارت جي اتهاس ۾ نهايت وڏو استان آهي. انهيءَ باري سنت مت جي سکيا ڇا آهي؟

ج - اسين اهنسا تي هلندا آهيون، اسين ڪنهن به جيو ڪيءَ جانور کي کاڌي لاءِ نه ماريندا آهيون ۽ نه شڪار لاءِ ڪنهن جيو کي مارڻ چاهيندا آهيون. اها ئي اهنسا آهي ۽ انهيءَ جو بنياد ڪرمن جو سدانت آهي.

س - ۵۶۱. ڇا پنجن ئي وڪارن تي هڪ ئي دفعي ۾، هڪدم ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي؟

ج - نه، اهو ڪم ڌيري ڌيري شبد جي ڪمائيءَ دوران ٿيندو آهي. جيترو وڌيڪ شبد ۾ لين ٿيندا سين، اوترو وڌيڪ اندرين جي ڀوڳن کان دور ٿيندا ويندا سين اهو ڪم هميشه، آهستي آهستي ٿئي ٿو.

س- ۵۶۲. مهاراج جي، اهي پنج وڪار گڏ ويندا آهن يا هڪ هڪ ڪري ويندا آهن يا ائين ٿي سگهي ٿو ته هڪ وڪار وڃي ۽ باقي چار رهجي وڃن؟

ج- اهي ڌيري ڌيري هڪ هڪ ٿي ويندا آهن.

س - ۵۶۳. مثال طور ڇا اهو ممڪن آهي ته اهنڪار نڪري وڃي ۽ باقي چار وڪار رهجي وڃن؟

ج- اهي ڌيري ڌيري، هڪ هڪ ڪري بي اثر ٿي ويندا آهن.

س- ۵۶۴. اندريون هميشه گمراهه ڪنديون آهن يا ڪڏهن مدد به ڪري سگهن ٿيون؟

پورو ڪرڻ گهرجي. نه ته ٻيءَ حالت ۾ اسانجي زندگيءَ جو مقصد ئي اڌورو
رهجي ويندو. پنهنجو فرض پورو ڪرڻ گهرجي. جيتري توري گهٽي
مدد ڪري سگهجي نه ڪرڻ گهرجي. پر انهن سڀني ڳالهين کان نهايت
پري رهڻ گهرجي، جيئن انهن ۾ الجهي نه وڃون. سنسار ۾ ٻيا گهڻيئي
منش آهن جيڪي انهن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ لاءِ آهن ۽ انهنجو ڌاڪ
ڪم اهو ئي آهي.

س - ٥٥٧. جڏهن ملڪ جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي وڃي ۽ اسين
فوج ۾ هجون ۽ دشمن کي مارڻ جي نوبت اچي ته ڇا اُن وقت انهيءَ
ڳالهه جو وروڌ ڪرڻ گهرجي؟

ج - جيڪڏهن توهين سچيءَ دل سان چاهيو ٿا ته ڪنهنکي به نه
مارجي ته ازخود اهڙيون حالتون پيدا ٿينديون جو توهان کي مارڻو نه
پوندو. توهانجي اهڙي طرح مدد ٿيندي جو توهين انهيءَ کان بچي
ويندا. هڪ اهڙي شڪتي آهي جيڪا توهانکي اهڙي قسم جي حالتن
کان بچائيندي. وڏن مهاراج جن، بابا جي مهاراج جن سڄي زندگي فوج
۾ نوڪري ڪئي. اُنهن اها نوڪري ڪندي ئي رٽاير ڪيو، پر ڪڏهن
به ڪنهنجي هتيا نه ڪئي. مالڪ هميشه اهڙن حالتن ۾ مدد ڪري ٿو.

س - ٥٥٨. جيڪڏهن راشٽر جنگ ۾ ڀرو وٺي ته ستسنگيءَ جي
ڪهڙي حالت ٿيندي؟

ج - هن لاءِ ڪوبه اُپاءُ ڪونهي، هن کي جنگ ۾ ڀرو وٺڻو ئي
پوندو پر ڪا شڪتي هنجي مدد ڪندي آهي ۽ جيڪڏهن سچ پچ
ڪنهنجي هتيا ڪرڻ نٿو چاهي ته اُها شڪتي انهيءَ کان به بچائي ٿي.

س - ٥٥٩. جيڪڏهن اهڙي عهدي تي هجون، جنهن ۾ ٻين جي
هتيا ڪرڻ جي آگيا ڏيڻي پوي ته؟

ج - اهو توهانجو فرض آهي جنهنکي پورو ڪرڻو پوي ٿو. پر
تنهن هوندي به اهڙي مدد ملندي جو توهانکي فرض پوري ڪرڻ
۾ پريشاني نه ٿيندي. منهنجو پيارو ستگرو فوج ۾ هو ۽ انهن جا
ستگرو شري بابا جي مهاراج جي، جن ڏيري جو بنياد وڌو، سپاهي

انهيءَ باري ۾ ڪو بہ نيم مقرر نٿو ڪري سگهجي، اسان کي ڪنهن نہ ڪنهن ديس جو ناگرڪ بڻجڻو آهي ۽ هميشہ نيڪ ناگرڪ بڻجڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. پر انهيءَ ڳالهہ جو فيصلو اسانجون حالتون، وچار ۽ ڀاو ڪندا تہ انهن ڳالهين تي ڪيتري حد تائين مدار رکڻو آهي.

س - ٥٥٥. اهو تمام مشڪل ڪم آهي؟

ج - ها، اسين انهن زنجيرن ۾ تمام بري طرح جڪڙيل آهيون، انهن جا قيدي بڻجي چڪا آهيون. اسين ڪٽنب جا قيدي آهيون، ذات جا غلام آهيون. شهر جا داس آهيون، ديش جا غلام آهيون ۽ اهڙي طرح ڏٺو وڃي تہ اسين سنسار جا داس آهيون برهمنڊ جا بہ داس آهيون. ننڍين ننڍين ٻنڌنن اسانجي چوگرد وڏيون وڏيون مضبوط زنجيرون ٺاهي اسانکي ٻڌي رکيو آهي. ٿوري ٿوري انهن سڀني ٻنڌنن مان آزاد ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. جڏهن پرماتما ساڻ ميلاپ ٿيندو تڏهن تي گيان ايندو تہ اسين سڄي برهمنڊ جا مالڪ آهيون.

انهيءَ اوستا ۾ نہ ڪنهن قوم، ديس، منش سان نفرت ٿيندي آهي ۽ نہ نراسائي. جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي. سڀ انهيءَ مالڪ جي رچنا آهي. جڏهن اسين انهيءَ ۾ سمائجي، انهيءَ جو روپ ٿي ويندا آهيون تڏهن چاهي اسين روسي هجون يا اميريڪن يا ڀارتواسي، سڄو سنسار اسانجو پنهنجو ٿي ويندو آهي. سڀ ڪجهہ پنهنجو محسوس ٿيندو آهي. هينئر اسانجي درشٽي محدود آهي. انڪري اسانکي حالتن انوسار گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش ڪرڻي آهي، اسين پنهنجن سمورن دوارن انهيءَ تنگ دليءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون ۽ اسانجي درشٽي بہ اهڙي ڪشادي ٿي ويندي آهي جو اسين پنهنجي ڪم ۾ ٿي لڳا پيا هوندا آهيون انهن سڀني ڳالهين يا شين جي اسانکي پرواهہ نہ رهندي آهي.

س - ٥٥٦. جيڪڏهن ستسنگي ڏسي تہ هنجي ديس جي سرڪار ٺوراڻي وارن ماڻهن کي تمام بري طرح ستائي رهي آهي تہ هن جو فرض ڪهڙو هئڻ گهرجي؟

ج - اسانکي راجنيتيءَ کان دور رهڻ گهرجي. انهن ڳالهين ۾ نہ

ڪجهه من ۾ اچي اهو چئي ڇڏڻ ئي بهتر آهي. انهيءَ سان من جو بوجھ هلڪو ٿئي ٿو ۽ ڪروڌ ختم ٿي وڃي ٿو.

ج - توهانجو مطلب آهي ته غبار نڪري وڃي ٿو؟

س - جي، ها.

ج - ته پوءِ توهانکي چڱائي ته توهين پهريان ئي ٻين کي ٻڌائي ڇڏيو ته مان صرف پاڻ کي هلڪو ڪري غبار ٿي ڪڍي رهيو آهيان. جيئن اهي ماڻهو انهيءَ لاءِ تيار رهن. (ماڻهو کلن ٿا)

س - مان پنهنجي پتيءَ کي ٻڌائي ڇڏيندي آهيان ته منهنجو سڀاءُ چڙٽو آهي، ته پوءِ؟

ج - ڪڏهن ڪڏهن ڪٺور لفظن جي استعمال ڪرڻ ۾ نقصان ڪونهي، پر دل ۾ دويش نه هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا به غلطفهمي ٿي وڃي ته اها سچيءَ دل سان دور ڪرڻ گهرجي، جيئن من هلڪو ٿي وڃي.

س - ۴۵۵. آمريڪا جي ناگرڪ هئڻ سبب اسانجا ڪيترائي مسئلا آهن. گهر ۾ منهنجي پتيءَ جي انهن ڳالهين سان گهڻي دلچسپي آهي. مثال طور اسانجو ديش تمام طاقتور آهي. هتي ڪيترائي ماڻهو منصوبا ٺاهيندا رهن ٿا. هٿيارون ٺهنديون رهن ٿيون. هن ديس جي ناگرڪ هئڻ سبب اسين سرڪار دواران ڪيل ۽ نه ڪيل ڪمن لاءِ ڪيتري قدر جوابدار آهيون؟ مان انهيءَ باري ۾ پريشان آهيان، ڇو ته منهنجو پتي اڪثر اهڙيون ڳالهيون ڪندو رهندو آهي.

ج - نيڪ ناگرڪ ٿيو پر انهن ڳالهين ۾ ايترو نه الجهي وڃو جو پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڏيو. اهو ضروري آهي ته پنهنجي مقصد کي نه وساريون. اسانکي پنهنجي سمرڻ کي پورو وقت ڏيڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو انهن اجاين ڳالهين ۾ ايتري قدر ڦاسجي وڃون جو اهي اسانجي ڌيان کي هيٺ ڇڪين ۽ اسين زندگيءَ جي اعلي مقصد کي ئي وساري ويهون. اهو هرهڪ منش جي پنهنجين حالتن تي منحصر آهي ته هنکي انهن ڳالهين سان ڪيترو تعلق رکڻو آهي ۽ ڪيترو نه.

س - ٥٥٠. ڇا اسانکي ڪروڌ نہ ڪرڻ گھرجي؟

ج - پنهنجي من جي شانتي نہ وڃائڻ گھرجي.

س - ٥٥١. ڪروڌ بہ ڪهڙن سبب ايندو آهي؟

ج - اسين جڏهن ڪجهه دنيا ۾ ڏسون ٿا، انهيءَ کي سمجهڻ يا سمجهائڻ لاءِ صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ اُٿين چوندا آهيون. چوڻ ٿي تہ ڇڏي سگهون ٿا. اهو سڀ ڪهڙن سبب آهي ۽ اهڙي قسم جي ويچار ڌارا رکي پنهنجو پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ هڪ ڪمزوري آهي. جنهن تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ گھرجي. انهن وڪارن تي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ اهي اسانجون ڪمزوريون آهن. اهو سڀ ڪجهه سمجهڻ ۽ انهن تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو هڪ ئي اپاءُ آهي ۽ اهو آهي من کي شبد يا نام سان جوڙڻ.

س - ٥٥٢. انهن ۾ عيب ڏسڻ ۽ خود کي هميشه صحيح ثابت ڪرڻ جي عادت ڪان ڪهڙي طرح بچي سگهجي ٿو؟ انهن جي اڳيان ڪروڌ کي ڪيئن روڪجي؟

ج - هر هڪ منش کي خود ئي پنهنجي من کي سيکارڻو پوندو. پنهنجي من کي ايتري حد تائين مضبوط ڪرڻو آهي جو انهن ماڻهن جي نقطچينيءَ جو اسان تي ڪو اثر ئي نہ پوي. دراصل انهن کي سڌارڻ جي بجاءِ پنهنجو پاڻ کي سڌارڻ گھرجي، پنهنجو پاڻ کي حالتن انوسار ڍالڻ گھرجي. جيڪڏهن ڪو ٻيو ڪروڌ ڪري رهيو آهي تہ اسين ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهون. پنهنجي من کي وس ۾ رکڻ، انهيءَ جو پنهنجو ڪم آهي ۽ اسانکي پنهنجي من کي ضرور وس ۾ ڪرڻو آهي. جيڪڏهن هڪ مورک آهي تہ ڇا اسين بہ مورک بڻجون؟ اسانکي پنهنجو پاڻ کي وس ۾ رکڻ گھرجي.

س - ٥٥٣. جڏهن اسين هن دنيا ۾، هن سماج ۾ رهون ٿا تہ ڪافي تراس ڏيڻو پوي ٿو. مون کي اها خبر ناهي تہ تراس ڏيڻ ۽ ڪروڌ ڪرڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي. مان تہ سمجهان ٿو تہ غصي ۾ جيڪي

اِنتظام

س - ٥٤٨. ٻارن کي اِنتظام سيکارڻ جو سڀ کان اُتم طريقو ڪهڙو آهي؟

ج - سڀ کان اُتم طريقو ته پنهنجو مثال پيش ڪرڻ آهي. ٻارن لاءِ ڪيترن ئي قربانيون ڪرڻيون پونديون آهن ۽ پنهنجو شخصي مثال پيش ڪرڻو پوندو آهي. ٻارن جو من ته هڪ صاف سليٽ وانگر ٿئي ٿو ۽ انهن جا ماتا پتا انهن لاءِ مکيه نائڪ ۽ زندگيءَ جا رهبر ٿيندا آهن. هو پنهنجي ماتا پتا ڏانهن رهنمائيءَ لاءِ نهاريندا آهن ۽ هميشه اهو ئي ڏسندا رهندا آهن ته اسانجا ماتا پتا سنسار ۾ ڪهڙي طرح وهنوار ڪن ٿا. انهيءَ جو ٻارن جي دل تي هڪ گهرو ۽ دائمي اثر پوي ٿو. جيڪي ڪجهه به اسين انهن کي سيکارڻ چاهيون ٿا پنهنجو ئي نيڪ مثال پيش ڪري، سيکاري سگهون ٿا. مثال طور جيڪي ماتا پتا خود سگريٽ جو استعمال ڪن ٿا پر ٻارن کي سيکارڻ چاهين ٿا ته هو سگريٽ جو ڪڏهن به استعمال نه ڪن، ته هو انهيءَ ۾ ڪنهن به حالت ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندا. جيڪو اُپديش اسين ڏيون ٿا، جيڪڏهن خود انهيءَ جي پوئواري نه ٿا ڪريون ته ٻار به ڏسندا آهن ۽ انهن تي اُن اُپديش جو ڪو به اثر ئي نٿو پوي.

س - ٥٤٩. مهاراج جي، انهيءَ باري ۾ ٻڌائيندا ته ڇا ماتا پتا لاءِ ٻارن کي سزا ڏيڻ مناسب آهي؟

ج - جيڪڏهن ٻارن کي سڌارڻ لاءِ هن جي سهائتا جي ڀاونا سان سزا ڏني وڃي ته اها دراصل سزا نه آهي. پر جڏهن بدلي جي ڀاونا سان اهڙي طرح ڪيو وڃي ته اها سزا آهي. ٻارن کي سمجهائڻ ٻجهائڻ لاءِ، صحيح مارگ تي آڻڻ لاءِ مضبوطيءَ سان هلڻو پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سخت وهنوار به ڪرڻو پوندو آهي، پر سڀ ڪجهه ٻار جي ڀلائيءَ لاءِ، سڌارڻ لاءِ ڪرڻ گهرجي، نه پنهنجي ڪروڌ ڪڍڻ لاءِ يا اهم جي پورتي ڪرڻ لاءِ. سيکاريندي ۽ سمجهائيندي پنهنجو دماغي سنتلن نه وڃائڻ گهرجي. من کي شانت رکڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن ويچارن ۽ وهنوار ۾ مضبوط ۽ ڪٺور ٿيڻو پوندو آهي.

ڳالهين کي پاڻ تائين محدود [illegible] ڇو نه آڻيو؟ اهڙن ڳالهين کي پاڻ تائين محدود
[illegible] کي وچ ۾ ڇو نه آڻيو؟ انهن نديُن نديُن ڳالهين جي چِنتا
[illegible] سوڪڙيون ڏيو به ۽ وٺو به. انهن ننڍين ننڍين ڳالهين جي چنتا

[illegible] ڪيو. ڪاٺي ڪاڻ ۾ جهجهڪ
س - ٥٣٧. ڪنهن ماڻهن کي اِهن جي گهر ڪاٺي ڪاڻ ۾ جهجهڪ
محسوس ٿيندي آهي. ڇا اهو صحيح آهي؟ ۽ جيڪڏهن مان ڪنهن
سان ڳالهه ڪريان ٿو ته ڇا اهي سان ڪرڻ جو بوجھ وڌندو آهي؟
ج - ڪرڻ [illegible] ڇاڪاڻ اهڙي بارڪي سان نه ڪرڻ گهرجي.
اهڙي طرح اسين [illegible] به نتيجي تي نه پهچي سگهنداسين. ڏيسان
وڪڻ جي ڳالهه صرف اها آهي ته اسين پڻ تي بوجھ نه بڻجون. ڪنهنجي
گهر ڪاٺي ڪاڻ ۾ ڪو به حرج ڪونهي يا ڪنهنکي پنهنجي گهر ڪاٺي لاءِ
[illegible] ۾ [illegible] هرج ڪونهي. [illegible] ۾ عام انسان وانگر رهڻو آهي.
ڏيڻ وٺڻ ۾ ڪو به حرج ڪونهي. جيڪڏهن ڪو مُش
[illegible] ته اسين به [illegible] ڪري سگهون
اسان [illegible] ڪري ٿو. پاڻ وڪڻ جي ڳالهه صرف
[illegible] ۽ رهڻ جو سياويڪ ڍنگ آهي. ڏيڻ وٺڻ سان جي ڏوجهي تي
اها آهي ته اسين ڪنهن تي بوجھ نه بڻجون. اها تي خاص ڌيان آهي. ماڻهن
[illegible]، اهي جو ڀال وڪڻ گهرجي. جيڪڏهن اسانکي
[illegible] ڪاٺي ڪاڻ ۾ ڪو به ڏوهه ڪونهي، جيڪڏهن اسانکي
[illegible] گهر [illegible] اسين پنهنجي [illegible] ۾ شانت
اهو واتاورڻ وٺندو هجي ۽ بوجھ نه لڳي. اسين پنهنجي ته ڪندو ٿو
۽ [illegible] آهون ته پاهر جو واتاورڻ اسانکي [illegible] ته ڪندو هو
جيڪڏهن واتاورڻ گمراهه ڪندڙ هجي يا اِندرين جي [illegible] ڏانهن
چڪيندڙ هجي ته اهو ٺيڪ ڪونهي ۽ انهي ڪان [illegible] جي ڪوشش
ڪرڻ گهرجي. ان طرح [illegible] تي ڪاڻ اهڙي [illegible] ڪانهي ته
[illegible] سنگتي [illegible]، سمجهڻ سان ميل جول [illegible] جهڙي
[illegible] عام ماڻهو هڪ ٻئي سان ملن ٿا اهڙي طرح اسانکي به ميل
[illegible] آهي. پر پنهنجن سڌانتن تي [illegible] سان هلڻو آهي.
[illegible] جو اسين [illegible] طرف [illegible] وڃون.
جو هو اسان طرف [illegible]

شو
[illegible]

طرح بئنڪن کي، آفيسن کي، ماڻهن کي قرض ڏيندا آهيون. اهي نه
عام واپاري طور طريقا آهن.

دان ڏيڻ سان ماڻهن جي شيوا، ڀلائي ٿيندي آهي، پر ڦل جي
اڇا نه رکڻ گهرجي. اهو نه سوچڻ گهرجي ته هيئنر هڪ هزار ڊالر
ڏيندا سين ته پوءِ ڏهه هزار ڊالر ٿي ملندا. اهو غلط ويچار آهي. هندستان
۾ ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن هن لوڪ ۾ دان ڏيندا سين
ته پرلوڪ ۾ ٻيڻو يا ڏهوڻو ٿي ملندو. شايد ڌرمن جو ڪاروبار هلائيندڙ
ماڻهن کي دان ڏيڻ لاءِ اُتساهه ڏيارڻ واسطي اهڙي ڳالهه ڪندا آهن.
خبر ناهي ماڻهو اهڙي طرح ڇو ٿا ڪن پر اهو ڍنگ آهي غلط. مونکي
هڪ اميريڪا جي ستسنگيءَ کان هڪ نهايت دلچسپ خط مليو. جنهن
۾ لکيل هو، "اسين ٻئي هڪ ٻئي کي پيار ڪندا آهيون. هن سان
منهنجو منڱڻو ٿيل آهي. مان اُنهيءَ سان وواهه ڪرڻ چاهيان ٿو. مان
هنکي هڪ واچ سوکڙي طور ڏيڻ چاهيان ٿو. پر هوءَ چوي ٿي ته مان
ڪنهن غير ستسنگيءَ کان ڪجهه نه ٿي وٺي سگهان. هوءَ ڇهن مهينن کان
مون سان گهمندي آهي ۽ جيئن ئي منهنجو ڌنڌو ڄمي ويندو مان
سان وواهه ڪندس. اسين ٻئي هڪ ٻئي کي وواهه ڪرڻ جو وچن
ڏئي چڪا آهيون پر هوءَ مون کان سوکڙيءَ جي روپ ۾ هڪ واچ
به نٿي وٺي." مونکي ته اها فيلسوفي سمجهه ۾ نٿي اچي. هوءَ اُنهي
سان گڏوگڏ وڃي سگهي ٿي. کاڌو کائي سگهي ٿي اُنهيءَ جي پئسي
ٻڌڻ لاءِ تيار آهي پر هن کان واچ وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي. اهڙي طرح ڏک
ته ٿيندو ٿي. مون هنکي لکيو ته شايد هن سمجهيو ڪونهي. اهو ٺيڪ
آهي ته بنا سوچي سمجهي سوکڙي نه وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪجهه ٻ
واپس نه ڏئي سگهجي ته وٺڻ به نه گهرجي. آخر اُنهن ٻنهي جي شادي
ٿي وئي. هيئنر ٻئي ستسنگي آهن. جڏهن اسين ڳالهه کي گهڻو وڌائيندا
آهيون، گهڻي ڇنڊڇاڻ ڪندا آهيون ته اسين سوکڙي يا سوغات نه
وٺڻ جي مول سڌانت کي ڀلجي ويندا آهيون.

س - ٥٤٦. مهاراج جي، ڇا سوکڙي پريم پيار جي ڀاونا سان ڏيڻ
گهرجي ۽ ستگروءَ جي نالي تي ڏيڻ گهرجي؟

ڪابہ شيءِ نہ وٺڻ، اسانجي هندستاني وهنوار ڌارا تي منحصر آهي. جو تہ اسانجي ديس ۾ ساڌن جي وس ۾ ڪيترائي ڀڪاري ۽ گهمندا ڦرندا آهن. ڪيترن ماڻهن جو ڌنڌو ئي ڀيک پنڻ آهي. هو ٻئي ڪنهن لاءِ ڪجهہ ڪندا ڪونہ آهن، صرف خود هميشه اها اميد رکندا آهن تہ ماڻهو انهنکي ڪجهہ ڏين، اهو غلط آهي. ڪنهنکي بہ سماج تي، ڪنهن پريوار تي يا منش تي بوجهہ نہ بڻجڻ گهرجي. پر روزاني وهنوار ۾، رشتيدارين ۾ ڏيڻ وٺڻ هلندو آهي، انهيءَ سان ڪو بہ فرق نٿو پوي.

س - ۵۴۴. ڪيترا ئي ماڻهو چوندا آهن تہ سوغات يا سوکڙي ونندا سين تہ انهيءَ کي چڪائڻ لاءِ وري جهم وٺڻو پوندو.

ج - جيڪڏهن انهيءَ ڀاو سان ڏيندا سين تہ اڄ ڏيئي، ايندڙ جنم ۾ وٺندا سين تہ پوءِ ضرور واپس اچڻو پوندو پر جيڪڏهن سوغات ڏيڻ وٺڻ ۾ اهڙي ڀاونا ئي نہ هوندي تہ حساب پورو ٿي ويندو آهي. مونکي توهانجي ديش جي باري ۾ تہ خبر ڪونهي، پر ڀارت ۾ ماڻهو اهو سوچي دان ڏيندا آهن تہ ايندڙ جنم ۾ انهيءَ جو ڦل پراپت ٿيندو. هو سمجهندا آهن تہ هن جنم ۾ هڪ روپيو ڏيندا سين تہ ٻئي جنم ۾ ڏهہ روپيا ٿي ملندا. اهڙي درشٽيءَ کان دان ڏيڻ ٺيڪ ڪونهي، جو تہ انهيءَ سان واپس اچڻ ۽ ڦل پراپت ڪرڻ جو ڀاو جڙيل آهي. اهو غلط آهي.

س - ۵۴۵. انهيءَ جو اهو ارٿ ٿيو تہ جيڪڏهن ڪو ڪا شيءِ گهري تہ انهيءَ کي ڏيڻ گهرجي يعني جا قرض گهرڻ واري کي انهن ئي قرض ڏيڻ گهرجي، واپس وٺڻ جي خيال کان نہ ڏيڻ گهرجي؟

ج - اسين سنسار ۾ قرض وٺندا بہ آهيون، واپس بہ ڪندا آهيون. نڪي ۾ نٿو اچي تہ توهين انهن ڳالهين کي باريڪيءَ سان ڇو ڏسو ڪونهي. جيڪڏهن اهڙي طرح سوچڻ شروع ماڻ ... تہ ... ٿي بند ٿي ويندو. سنسار ۾ اسين اپاريہ ... ن کان قرض وٺندا آهيون. اهڙي

سوغات يا سوکڙي وغيره سويڪار ڪرڻ

س - ٥٤٣. اسان جي هڪ ٻئي ۾ سوکڙيون وٺڻ ۽ ڏيڻ جي مسئلي تي، ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي آهي. ڇا توهين انهيءَ باري ۾ ڪجهه ٻڌائيندا؟

ج - مونکي انهيءَ باري ۾ ڪيتريون چٺيون به اينديون رهنديون آهن، جن جا جواب به مون ڏنا آهن. توهين ننڍين ننڍين ڳالهين جي نهايت باريڪيءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪيو ٿا ۽ انهن کي ڪافي اهميت ڏيو ٿا. شايد سنسڪرت جو اُپديش توهان تائين صحيح روپ ۾ نه پهتو هجي.

سوغات ڏيڻ وٺڻ ۾ ڪوبه ڏوهه ڪونهي. اصلي مقصد ته اهو آهي ته اسين ڪنهن تي بوجه نه بڻجون. اسان کي پنهنجي ڪمائي ايمانداريءَ سان ڪرڻي آهي ۽ پنهنجي ڪمائيءَ مان ئي زندگيءَ جو گذارو ڪرڻو آهي. نه ئي سماج تي بوجه بڻجڻ گهرجي ۽ نه ڪنهن شخص تي، اسان جو اهو ئي مقصد هئڻ گهرجي. سنسار ۾ ڏيڻ وٺڻ ته هلندو ئي رهي ٿو. مٽن مائٽن، سنٻنڌين دوستن سان روهوار جي دوستيءَ جا تعلق رکڻو پوي ٿو. اسين انهن وٽ ويندا آهيون، انهن سان گڏ ئي کائيندا آهيون، پر اسان کي انهن لاءِ ڪجهه ڪرڻ گهرجي، جيئن اسين ڪنهن تي بوجه نه بڻجون.

مٽي مائٽيءَ ۾، دوستيءَ ۾ ڪنهن به شيءِ جو مٿن تي بوجه نه هئڻ گهرجي. اها چنتا نه هئڻ گهرجي ته جڏهن ٻئي هيءَ ڪجهه ڏنو آهي، هينئر مان به ڪجهه ڏيان يا مون کين ڪجهه ڏنو آهي هن مونکي ڪجهه به نه ڏنو. جيڪڏهن اهڙي ڀاونا هجي، ته نه ڏيڻ ئي بهتر آهي. ڏيڻ پنهنجي وڃڻ، وٺي ڀلائي ڇڏڻ، اهائي ڳالهه نيڪ آهي. انهن ننڍين ننڍين ڳالهين سان ڪوبه فرق نٿو پوي. انهن ڳالهين ۾ وار ڪيان کل لاهڻ يا انهن کي ضرورت کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ جي ضرورت ڪونهي. اسان کي هن سنسار ۾ رهڻو آهي ۽ هيءَ دنيا ڏيڻ وٺڻ واري سڌانت تي ٻڌل آهي. انهن ڳالهين ۾ ڪوبه ڏوهه ڪونهي. ڳالهه صرف ايتري آهي ته ڪنهن تي بوجه نه بڻجڻ گهرجي ۽ نه ئي اها ڀاونا هئڻ گهرجي ته اسان ٻين لاءِ ڪجهه ڪيو آهي، تنهنڪري اسان کي به ڪجهه انهن مان اميد رکڻ گهرجي.

آهي. هوءَ پنهنجن ڪرمن سان ٻڌل آهن، جتي انهيءَ کي اهي ڪرم وٺي
ويندا آهن، اُتي انهيءَ کي وڃڻو پوندو آهي. اسانجي چِتا، اسانجو
دکہ، انهيءَ کي ڪجھ به مدد نٿا ڪري سگهن. جيڪڏهن اسانجو انهن سان
ڪافي موھ آهي ته، اسين انهيءَ کي واپس سنسار طرف ڇڪيون ٿا.
جيئن ته مان ٻڌائي به چڪي آهيان ته اسانجو گهڻو موھ ۽ پيار ئي
انهن جيئڙن جو ڪم ڪري ٿو، جيڪي پٺيان رهجي ويندا آهن، ۽
اسانکي واپس سنسار ۾ ڇڪي وٺي اچڻ ٿو. انهيءَ ڪري ٻهتر
اهو ٿيندو ته، اسانجون جيئڙون شبد ۾ هجن. شبد اسانکي واپس وٺي
وڃي پرماتما سان ملائيندو ۽ آخر ۾ اهي سڀ ماڻهو به، جنکي اسان
سان پيار آهي، مالڪ ۾ سمائجي ويندا. اسين جن کي پيار ڪندا
آهيون، جن جو اسان سان لڳاءُ آهي، انهن جي سهائتا ڪرڻ جو
اهو ئي سڀ کان اُتم طريقو آهي.

مڙدي کي سمنڊ جي ڪناري تي ڇڏيو ويندو ته سڙهيون ۽ پکيئڙون انهيءَ کي خود بخود صاف ڪري ويندا.

هر هڪ رواج جي اصليت ۾ ڪو نه ڪو ڪارڻ هوندو آهي. اهڙي ڪارڻ معلوم ڪرڻ بنا اسين ڪيترن ئي رواجن وهمن جا داس ٿي وڃون ٿا. ۽ حالتون بدلجي سگهن ٿيون. مثال طور اسين هميشه ڪاٺين سان مڙدي جو اگني سنسڪار ڪندا رهيا آهيون ۽ جيڪڏهن ڪاٺيون مهانگيون آهن نٿيون ملن، سنسڪار لاءِ ڪليل ميدان نه آهي ته بجليءَ دوارا سنسڪار ڪرڻ ۾ ڪو به ڏوهه ڪونهي. اڄ به ڪيترائي هندستاني اهو چوندا آهن ته صرف ڪاٺين سان ۽ اُهي به خاص قسم جي ڪاٺين سان ئي اگني سنسڪار ڪرڻ گهرجي، بجليءَ سان نه. اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن. انهيءَ ڪري مان ائين چاهيان ٿو ته سمت سمت ۾ اهڙي ڪا اجائي ريت رسم اچي وڃي ۽ اهو مقيد شروع ٿي وڃي ته جلائڻ نيڪ آهي يا دفنائڻ يا ڪنهن ٻئي قسم جو طريقو اختيار ڪيو وڃي. هر هڪ ستمدگيءَ کي پوري آزادي آهي ته جيئن چاهي ڪري. انهيءَ باهرين ڏيکاءَ کان مٿي اُٿڻو آهي، ڇو ته اهي ئي اسان جي روحاني ترقيءَ سان ڪو به واسطو ڪونهي. جيڪڏهن موقعي مو پنهنجو فرض پورو ڪجي ته پوءِ انهيءَ ڳالهه جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي ڪنهن جي مرڻ تي، روئڻ، ورلاپ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ جيڪڏهن مرڻ واري جو اسان سان سچو پيار هو ته هو اسان کي دکي ڏسي خوش نه ٿيندو. هو اسان کي سکي ڏسي خوش ٿيندو. اسانکي روئندي پٽيندي ورلاپ ڪندو ڏسي، هنکي سک شانتي نه ملندي.

س- ٥٤٣. ڇا هو مرڻ بعد به ڏسندا آهن ته ڇا ٿي رهيو آهي؟ جيئن هو زنده اوستا ۾ اسانکي ڏسندا هئا؟

ج- نه، جيتري قدر هن جسم جو تعلق آهي، هو پنهنجا سنبنڌ سماپت ڪندا آهن ۽ جيڪو به سنبنڌ اسين سمجهندا آهيون ته اسانجو انهن سان موت بعد آهي، اهو صرف اسانجي پنهنجي من جو ڦهلاءُ

انهيءَ ۾ پراڻ آهن. جڏهن آتما سرير کي ڇڏي وڃي ٿي تڏهن اسانجو سرير سان ڪو به سٻنڌ ڪونهي. هڪ اِستان تي ماڻهو وِلاپ ڪن ٿا ته هؤ اسانکي ڇڏي هليو ويو ۽ ٻئي اِستان تي ماڻهو خوشيءَ سبب باجا وڄائي رهيا آهن ته ٻار پيدا ٿيو آهي. هڪ ئي آتما آهي جيڪا هڪ ڪٽنب کي دکي ڪري ڇڏي وڃي ٿي ۽ ٻئي پريوار ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪري ٿي. اِهو هڪ عجيب ناٽڪ آهي، کيل آهي. اسين پنهنجي موهه، پنهنجي پيار، پنهنجن سکن، پنهنجين سهوليتن لاءِ روئون ٿا، مرڻ واري لاءِ نه. ڇا اسين پنهنجي نقصان سبب روئون ٿا، مرڻ واري لاءِ نه.

س - ٥٤٠. ڇا اِهو ممڪن آهي ته هڪ ڪٽنب ۾ جنهن ڏاڏي لاءِ روئي رهيا آهيون، اهو انهيءَ ڪٽنب ۾ پوٽو بڻجي اچي ويو هجي؟

ج - ها، ڪيترا دفعا موهه اسانکي انهيءَ ڪٽنب ۾ واپس وٺي اچي ٿو. اِها اچرج جي ڳالهه ڪونهي ته توهين هن سنسار کي ڏاڏي جي روپ ۾ ڇڏي وڃو ۽ پوٽا بڻجي واپس هتي اچو.

س - ٥٤١. اڪثر عيسائي ماڻهو قبرن تي وڃي دک ظاهر ڪندا آهن، انهيءَ ڪري مان چوندو آهيان ته راڌا سوامي مت وارن کي مڙدي کي جلائڻ لاءِ پرچار ڪرڻ گهرجي ڇو ته اهڙي طرح ڪرڻ سان روئڻ پٽڻ کان ڇوٽڪارو ملي ويندو.

ج - مان نٿو سمجهان ته انهيءَ باري ۾ ڪنهن به قسم جو ضد ڪرڻ گهرجي، جيڪا به ريت رواج هجي، اِهو ٺيڪ آهي ۽ پريوار تي ڇڏيل آهي ته جيئن چاهي مڙدي جو سنسڪار ڪري مڙدي کي جلايو وڃي يا دفنايو وڃي انهيءَ سان آتما کي ڪجهه به فرق نٿو پوي. سنت مت ته ٻنهي طريقن ۾ ڪو به فرق نٿو مڃي. مون ڪنهن پستڪ ۾ پڙهيو آهي ته ڪجهه ماڻهو مڙدن کي سڙڻ ۽ ڳجهن جي حوالي ڪندا آهن. انهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي ته اُهو هڪ ننڍو ديس هو. جتي ماڻهن وٽ مڙدن کي جلائڻ لاءِ ڪافي انداز ۾ ڪاٺيون ڪونه هيون ۽ نه ئي دفنائڻ لاءِ اهڙي جڳهه هئي هؤ پاڻيءَ سان گهيريل هئا. انهن سوچيو ته جيڪڏهن

ڇڏائي ڇڏيو آهي. جڏهن اسين پرماتما لاءِ جاڳرت ٿيون ٿا تڏهن مثل
حالت مان جاڳرت اوستا ۾ اچون ٿا ۽ اسانکي اَمر جيون پراپت ٿئي
ٿو. اُن بعد اسين سنسار جي خيال کان مُئڙا ٿي وينداسين. هن وقت
اسين مالڪ جي خيال کان مُئڙا آهيون. سڀ مُئڙن ۾ ڀٽڪ وڃڻ
ايندا آهن. انهن مُئڙن جو ارٿ مري ويل ماڻهن جو نه آهي، پر
زنده مُئڙن سان آهي. اسين مثل آهيون ڇاڪاڻ ته اسين مالڪ کي
وساري ويٺا آهيون. اهو ٺيڪ آهي اسين سنسار ۾ رهون پيا پر مثل
سمان آهيون. جڏهن اسين شبد سان جڙون ٿا تڏهن امر جيون پراپت
ٿئي ٿو. انهن قبرن مان پيل مُئڙن جو وري اُٿڻ جو سوال ٿي نٿو
اُٿي. اهي سڀ سڙي ڳري چڪا آهن، ختم ٿي ويا آهن. اهو سوچڻ
ته اهي مُئڙا وري واپس زنده ٿي ايندا، پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻو
آهي.

س - ٥٣٩. مهاراج جي، بائيبل ۾ جنهن قيامت جي ڏينهن جي
باري ۾ لکيو ويو آهي، اهو هرهڪ جيو آتما جو شخصي معاملو آهي
۽ سڄي سرشٽيءَ جو نه؟

ج - ها، اهو ٺيڪ آهي، هرهڪ کي اهو قيامت جو ڏينهن ڏسڻو
پوندو آهي. انهيءَ جو ڪو به فرق نٿو پوي ته مُئڙي کي ساڙيو ويو
آهي يا قبر ۾ دفنايو ويو آهي. ديس جي ضرورت انوسار ڪيترن ئي
طريقن سان مُئڙي جو سنسڪار ڪيو وڃي ٿو. مثال طور عرب ديس
ريگستاني ملڪ آهي اُنهن وٽ ڪاٺين جي کمي آهي، انهيءَ ڪري
هو جلائي نٿا سگهن. اُنهن لاءِ مُئڙن کي دفنائڻ ونڊڪ سوکو ۽ سستو
طريقو آهي. مثل سريرن جي هينان جلدي سڙي ڳري ختم ٿي
ويندو آهي ۽ بدبوءِ به نه ايندي آهي. اهڙن ملڪن ۾ مُئڙن کي دفنائڻ
ئي ٺيڪ آهي. جن ملڪن ۾ ڪاٺ جي کمي ڪونهي، اُهي پارسي
وانگر مُئڙن کي جلائيندا آهن. هينئر بجليءَ جي سهوليت هئڻ سبب،
مُئڙن کي بجليءَ سان جلايو ويندو آهي.

انهيءَ ڳالهه سان ڪو به فرق نٿو پوي ته موت بعد ترهيءَ مُئڙي
سرير جو ڇا ٿا ڪريو. اسانجو انهيءَ سان ڪوبه سنبنڌ آهي، جيستائين

ڪڏهن ڪڏهن اهڙن ڳالهين جو انڀوُ ٿيندو آهي، جيئن اسانکي اصليت جو گيان ٿئي. اصليت کي منهن ڏيڻ گهرجي پر اسين انهيءَ کان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اسانکي خبر آهي ته مرڻ وارو ته مري ويو، هوُ واپس نٿو اچي سگهي. هوُ وڃي چڪو آهي پر اسين سمجهندا آهيون ته هوُ اڃا تائين زندهه آهي. اسين اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ تيار نٿا ٿيون ته هوُ مري چڪو آهي. جيستين اصليت کي منهن نه ڏبو، سک شانتي پراپت نه ٿي سگهندي.

س - ٥٣٧. ڇا اهڙي موهه جي وڇوڙي ڪان، گذاري ويل منش جي سرير کي دفنائڻ جي بدران اگني سنسڪار ڪرڻ بهتر ڪونهي؟ ماڻهو قبرن تي ويندا آهن. اگني سنسڪار سان موهه گهڻي قدر گهٽجي وڃي ٿو. ڇوته انهيءَ جي ياد کي قائم رکڻ لاءِ ڪا به اهڙي شيءِ نٿي رهي.

ج - مان سمجهان ٿو ته اسين اڪثر اصليت کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون. اصليت کي منهن ڏيڻ گهرجي. وڃڻ وارو هميشه لاءِ وڃي چڪو آهي ۽ جڏهن اسين قبر تي يا ٻئي ڪنهن اهڙي استان تي ويندا آهيون ته وڃڻ واري لاءِ نه، پر پنهنجيءَ ڪمزوري سبب، پنهنجي موهه سبب ويندا آهيون ۽ نه انهيءَ منش لاءِ.

س - ٥٣٨. ڇا توهين عيسائين جي انهيءَ وشواس کي مڃو ٿا ته آهي منش قيامت جي ڏينهن تائين قبرن ۾ سمهيا پيا هوندا آهن؟

ج - منهنجي خيال مرجب اهو وشواس ٺيڪ نه آهي. سمهڻ جو ارٿ اهو آهي ته اسين مالڪ ڏانهن سمهيا پيا آهيون. ڇوته اسين ڪيس وساري ويٺا آهيون. مايا وس ٿي، موهه جي گهريءَ ۽ مٺيءَ ننڊ ۾ غلطان آهيون. اسين پنهنجي نج گهر کي، سچکنڊ کي، پرم پتا پرماتما کي، پنهنجي اصلي منزل مقصد کي ڀلائي چڪا آهيون. جڏهن ستگروءَ جي شرڻ ۾ وڃون ٿا، تڏهن سنسار طرف سمهون ٿا، پرماتما لاءِ سجاڳ ٿيندا آهيون. جڏهن حضرت عيسيٰ فرمايو هو ته مردا زنده ٿيندا ته انهيءَ جو اهو ارٿ هو ته جيستري قدر پرماتما جو تعلق آهي، اسين مردا آهيون. اسين هنکي وساري ويٺا آهيون. اسان پنهنجي نج گهر کي

ڀلائي ڇڏيو آهي. جڏهن اسين پرماتما لاءِ جاڳرت ٿيون ٿا تڏهن مثل
حالت مان جاڳرت اوستا ۾ اچون ٿا ۽ اسانکي امر جيون پراپت ٿئي
ٿو. ان بعد اسين سنسار جي خيال کان مُردا ٿي ويندا اسين. هن وقت
اسين مالڪ جي خيال کان مُردا آهيون. سڀ مُردن ۾ سراڻ وجهڻ
ايندا آهن. انهن مُردن جو ارٿ مري ويل ماڻهن جو نه آهي، پر
زنده مُردن سان آهي. اسين مثل آهيون ڇاڪاڻ ته اسين مالڪ کي
وساري ويٺا آهيون. اهو ٺيڪ آهي اسين سنسار ۾ رهون پيا پر مثل
سمان آهيون. جڏهن اسين شبد سان جڙون ٿا تڏهن امر جيون پراپت
ٿئي ٿو. انهن قبرن مان پيل مُردن جو وري اٿڻ جو سوال ئي نٿو
اٿي. اهي سڀ سڙي ڳري چڪا آهن، ختم ٿي ويا آهن. اهو سوچڻ
ته اهي مُردا وري واپس زنده ٿي ايندا، ٻهراڻو ٻالڪ کي دوکو ڏيڻو
آهي.

س - ۵۳۹. مهاراج جي، بائيبل ۾ جنهن قيامت جي ڏينهن جي
باري ۾ لکيو ويو آهي، اهو هرهڪ جيو آتما جو شخصي معاملو آهي
۽ سڄي سرشٽيءَ جو نه؟

ج - ها، اهو ٺيڪ آهي، هرهڪ کي اهو قيامت جو ڏينهن ڏسڻو
پوندو آهي. انهيءَ جو ڪو به فرق نٿو پوي ته مُردي کي ساڙيو ويو
آهي يا قبر ۾ دفنايو ويو آهي. دنيا جي ضرورت انوسار ڪيترن ئي
طريقن سان مُردي جو سنسڪار ڪيو وڃي ٿو. مثال طور عرب دنيا
۽ ريگستاني ملڪ آهي انهن وٽ ڪاٺين جي ڪمي آهي، انهيءَ ڪري
هو جلائي نٿا سگهن. انهن لاءِ مُردن کي دفنائڻ وڌيڪ سوکو ۽ سستو
طريقو آهي. مثل سرير رتيءَ جي هيٺان جلدي سڙي ڳري ختم ٿي
ويندو آهي ۽ بدبوءِ به نه ايندي آهي. اهڙن ملڪن ۾ مُردن کي دفنائڻ
ٺيڪ آهي. جن ملڪن ۾ ڪاٺ جي ڪمي ڪونهي، اهي ڀارتواسين
وانگر مُردن کي جلائيندا آهن. هينئر بجليءَ جي سهوليت هئڻ سبب،
مُردن کي بجليءَ سان جلايو ويندو آهي.

انهيءَ ڳالهه سان ڪو به فرق نٿو پوي ته موت بعد ترهين مُردي
سرير جو ڇا ٿا ڪريو. اسانجو انهيءَ سان تنهين سنبنڌ آهي، جيستين

ڪڏهن ڪڏهن اهڙين ڳالهين جو انڀو ٿيندو آهي، جيئن اسانکي
اصليت جو گيان ٿئي. اصليت کي مٿان ڏٺو گهرجي پر اسين انهيءَ
کان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اسانکي خبر آهي ته مرڻ وارو
ته مري ويو، هو واپس نٿو اچي سگهي. هو وڃي چڪو آهي پر اسين
سمجهندا آهيون ته هو اڃا تائين زنده آهي. اسين اها ڳالهه سمجهڻ
لاءِ تيار نٿا ٿيون ته هو مري چڪو آهي. جيستين اصليت کي مٿان نه
ڏٺو، سک شانتي پراپت نه ٿي سگهندي.

س - ٥٣٧. ڇا اهڙي موهه جي وچار کان، گذاري ويل مٿس جي
سريرکي دفنائڻ جي بدران اگني سنسڪار ڪرڻ بهتر ڪونهي؟ ماڻهو
قبرون تي ويندا آهن. اگني سنسڪار سان موهه گهٽجي قدر گهٽجي وڃي
ٿو. ڇو ته انهيءَ جي ياد کي قائم رکڻ لاءِ ڪا به اهڙي شيءِ نٿي رهي.

ج - مان سمجهان ٿو ته اسين اڪثر اصليت کي سمجهڻ جي ڪوشش
نٿا ڪريون. اصليت کي مٿان ڏسڻ گهرجي. وڃڻ وارو هميشه لاءِ
وڃي چڪو آهي ۽ جڏهن اسين قبر تي يا پٽي ڪنهن اهڙي استان
تي ويندا آهيون ته وڃڻ واري لاءِ نه، پر پنهنجيءَ ڪمزوري سبب،
پنهنجي موهه سبب ويندا آهيون ۽ نه انهيءَ مٿس لاءِ.

س - ٥٣٨. ڇا توهين عيسائين جي انهيءَ وشواس کي مڃو ٿا ته
آهي مٿس قيامت جي ڏينهن تائين قبرون ۾ سمهيا پيا هوندا آهن؟

ج - منهنجي خيال موجب اهو وشواس ٺيڪ نه آهي. سمهڻ جو ارٿ
اهو آهي ته اسين مالڪ ڏانهن سمهيا پيا آهيون. ڇو ته اسين ڪيس
وساري ويٺا آهيون. مايا وس ٿي، موهه جي گهريءَ ۾ ننڊ ۾
غلطان آهيون. اسين پنهنجي نج گهر کي، سچکنڊ کي، پرم پتا پرماتما
کي، پنهنجي اصلي منزل مقصد کي ڀلائي چڪا آهيون. جڏهن ستگروءَ
جي شرڻ ۾ وڃون ٿا، تڏهن سنسار طرف سمهون ٿا. پرماتما لاءِ سجاڳ
ٿيندا آهيون. جڏهن حضرت عيسيٰ فرمايو هو ته مڙدا زنده ٿيندا ته
انهيءَ جو اهو ارٿ هو ته جيئري قدر پرماتما جو تعلق آهي، اسين
مڙدا آهيون. اسين هنکي وساري ويٺا آهيون. اسان پنهنجي نج گهر کي

نيڪ پٽي، نيڪ پٽني، پٽ، ڌيءُ ٻڌڻ گهرجي، پر لوڪ لڄا جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي.

س - ٥٣٦. مهاراج جي، ٻي سڀئي آتمائون، زنده انسان تي اثر وجهي سگهن ٿيون؟

ج - ها توهانجو مطلب اهو آهي ته جيڪي آتمائون اسانکي ڇڏي ويئيون آهن، اهي اسان تي اثر ڪري سگهن ٿيون. اسان تي اثر اهي ڪري ٿيندو جو اسانکي انهن سان موهه هوندو آهي. حضور مهاراج جن سمجهائيندا هئا ته جيڪڏهن اسين گذاري ويل سمبنڌين جو موهه نٿا تياڳيون ته اسين انهنجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهون ٿا، ڇو ته اسانجو موهه انهنکي واپس ڇڪي ٿو. جيڪڏهن انهنکي توهان سان موهه آهي ۽ انهن اندر ترقي نه ڪئي آهي ته اهي اسانکي به ستائي ۽ هيٺ ڇڪين ٿا. مونکي ياد آهي ته وڏن مهاراج جن جي وقت هڪ ستسنگيءَ چولو ڇڏيو. انهيءَ جي ڌيءُ کي هن سان نهايت گهڻو پيار هو. هوءَ ڪاني روئندي پٽيندي هئي. وڏن مهاراج جن انهيءَ کي سمجهايو ته تنهنجي پتا جا ڏينهن پورا ٿي ويا هئا، انهيءَ کي وڃڻو ئي هو. هن سڀني ٻارن جو پورو بندوبست به ڪيو آهي، تنهنڪري انهيءَ اصليت کي منهن ڏيڻ گهرجي ۽ هيئنر جڏهن هو وڃي ئي چڪو آهي ته انهيءَ کي وساري ڇڏڻ گهرجي. پر ڪنهن ماڻهن جو پيار نهايت پرٻل ٿيندو آهي. حضور مهاراج جن جي سمجهاڻي تي به هوءَ موهه نه ڪڍي سگهي. ان بعد انهيءَ ٻڌايو ته هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ پاٺ ۾ ويٺي ته سندس پتا اچي چيو، "پياري ڌيءُ ڏس تو منهنجي ڪهڙي حالت ڪئي آهي. تون ٽن ڏينهن کان روئي رهي آهين ۽ منهن تي ٿڦڙون هڻون اٿئي. دراصل تون منهنجي ئي منهن تي چماٽون هڻي رهي آهين. ڏس منهنجو منهن ڪيترو نه سڄي پيو آهي. ڏس تو مونکي ڪيترو ڪشٽ ڏنو آهي. تون مونکي هيٺ ڇڪي رهي آهين ۽ مان مٿي وڃي نٿو سگهان. تون اهو سڀ ڪجهه پاڻجي چوڻ تي وڃين؟" هن حضور مهاراج جن کي سڄي ڳالهه چٺيءَ ۾ لکي. مهاراج جن هنکي اندر درشن ڏيئي همت ڏني ۽ هنجي پتا جي آتما کي مٿي وٺي ويا.

س - ٥٣٣. منهنجي هڪ پاڙي آهي، اُنهيءَ کي ٻار ٻه آهن. ڇا مونکي ٻئي هٿ جي ناتي ضرورت وقت اُنهنکي مدد ڪرڻ گهرجي؟

ج - اهي شخصي ڳالهيون آهن، جنهنجو فيصلو توهانکي ڪرڻو آهي ته هنکي ڪهڙي قسم جي مدد جي ضرورت آهي ۽ توهين ڪهڙي مدد ڪري سگهو ٿا. مان ته عام نيم جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان. اسانکي هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي. منش ئي منش جي مدد ڪري سگهي ٿو، جانور ته اسانجي مدد نٿا ڪري سگهن. اسان کي هڪ ٻئي جي مدد ضرور ڪرڻ گهرجي.

س - ٥٣٤. جيڪڏهن ڪو اهڙو موقعو بڻجي اچي جو اهو فيصلو ڪرڻو پوي ته پتا جي مدد ڪئي وڃي يا ڌيءَ جي ته ڪنهنجي پهريان مدد ڪرڻ گهرجي؟

ج - توهين اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهانجو ماتا پتا ڏانهن فرض وڌيڪ آهي يا ڌيءَ ڏانهن، ٻنهي کي مدد ڪرڻ گهرجي. جيئن پتا ڏانهن خاص فرض آهي اهڙي طرح ڌيءَ ڏانهن به آهي. توهانجو ٻنهي سان ناتو آهي ۽ اهو توهانکي فيصلو ڪرڻو آهي ته پهريان ڪنهن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري آهي ۽ اهو به طئه توهانکي ئي ڪرڻو آهي ته ڪيتري حد تائين توهين پاڻ کي اُنهن سڀني کان الڳ رکي سگهو ٿا. آهي فيصلا توهانکي پاڻ ئي ڪرڻا پوندا.

س - ٥٣٥. شخصي ڳالهين ۾ ڪهڙو وهنوار هئڻ گهرجي؟ ڪٽنب جي باري ۾ ۽ اهڙن ماڻهن جي باري ۾، جن لاءِ اسين پريشان ٿي سگهون ٿا، ڪهڙي وچار ڌارا هئڻ گهرجي؟ ڇا اسين اُنهنکي اُئين ئي ڇڏي ڏيون يا حالتن کي منهن ڏيون ۽ اهڙي قسم جي مسئلن جي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون؟

ج - اسانکي سنسار ۾ رهڻو آهي، سنسار ۾ ٻين ماڻهن ڏانهن توهانکي جوابداريون پوريون ڪرڻيون آهن پر اُنهنجي باري ۾ چنتا نه ڪرڻي آهي. فرض سمجهي اُنهن سڀني مشڪلاتن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پنهنجو فرض پورو ڪري نيڪ ناگرڪ

دوستن ڏانهن اسان جا ڪي اهڙا فرض آهن. اهي فرض پورا ڪرڻ گهرجن. ٻيءَ حالت ۾ اسين صحيح قسم جا سنبنڌي نه آهيون. مان چوندس ته بزرگن جي مدد ضرور ڪرڻ گهرجي ڇو ته انهن کي اسان جي سهاري ۽ عزت ۽ پيار جي ضرورت ٿيندي آهي جيئن هو پنهنجي باقي عمر ۾ شانتيءَ سان وقت گذاري سگهن. انهن جي مدد ڪرڻ هڪ ٻي ڳالهه آهي ۽ رات ڏينهن انهن جي باري ۾ چنتا ڪندو رهڻ، ۽ عملي طور ڪا مدد نه ڪرڻ، ٻي ڳالهه آهي. اهڙي طرح ڪرڻ سان ڪو به فائدو ڪونهي. انهن جي عملي طور مدد ڪرڻ گهرجي ۽ چنتا نه ڪرڻ گهرجي. مدد ۽ آدر دواران انهن ڏانهن پنهنجو فرض پورو ڪرڻ گهرجي. اسان جون ڪي جوابداريون آهن جيڪي اسان کي نڀائڻ گهرجن نه ته ٻيءَ حالت ۾ شانتي حاصل نه ٿيندي. جيڪڏهن پنهنجو فرض پورو نه ڪنداسين ته اسان تي بوجهه رهندو ۽ من کي شانتي نه ملندي.

ماتا پتا، ٻارن لاءِ گهڻو ڪجهه ڪن ٿا، جيئن انهن کي صحيح مارگ تي آڻي سگهن، انهن جي زندگي چڱي طرح شروع ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهن. هو ٻارن لاءِ ڪيترن قسمن جون قربانيون ڪن ٿا. ٻارن جا به ماتا پتا ۽ ٻين بزرگ ماڻهن ڏانهن ڪي فرض آهن. ماتا پتا پنهنجو فرض پورو ڪن ۽ ٻارن کي پنهنجو فرض پورو ڪرڻ گهرجي. جڏهن ٻار وڏا ٿي خود ماتا پتا بڻجن ٿا ۽ پنهنجن ٻارن لاءِ ايترو ڪجهه ڪن ٿا تڏهن انهن کي محسوس ٿيندو آهي ته انهن جي ماتا پتا انهن جي لاءِ ڪيترو ڪجهه ڪيو هو. اسان جي مٿان ماتا پتا جو نهايت وڏو فرض آهي. جڏهن اسان جا ٻار اسان ڏانهن ڌيان نٿا ڏين ته اسين نراس ٿيون ٿا ته اسان انهن لاءِ ايترو ڪجهه ڪيو، ۽ هو اسان ڏانهن لاغرضي ڪن ٿا. ۽ اسين ڀلائي ڇڏيندا آهيون ته اسان خود پنهنجي ماتا پتا لاءِ ڇا ڪيو. ٿي سگهي ٿو ته هو اسان طرفان دکي هجن ۽ جيئن اسين پنهنجن ٻارن جي باري ۾ سوچيون ٿا، هو به پنهنجن ٻارن جي (اسان جي) باري ۾ سوچيندا هجن. تنهڪري جيڪڏهن اسين پنهنجي ماتا پتا جا آگيا ڪاري ٻار ٿينداسين ته پنهنجن ٻارن مان به اهڙي آس رکي سگهنداسين.

کي عزت سان ڏسي ٿي. هوءَ توهانکي خوش ڪرڻ چاهي ٿي،
توهانکي اها ڳالهه انهيءَ درشٽيءَ کان ڏسڻ گهرجي ۽ باقي سڀ ڪجهه
هنجي پرالبڌ، هنجي ڪرمن تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

اسانکي ڪنهن کي بہ زبردستي هن مارگ تي آڻڻ جي ڪوشش
نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهنکي خود دلچسپي هجي تہ انهيءَ کي
مدد ڪري سگهجي ٿي. پر جيڪڏهن ڪنهنکي دلچسپي نہ آهي تہ
انهيءَ جي اهڙي طرح صحيح مدد ڪري سگهجي ٿي تہ اسين خود انهن
اصولن جو هڪ زنده مثال پيش ڪريون پر ڪنهنکي بہ پنهنجا ويچار
زبردستي نہ مڙهيون. گهٽ ۾ گهٽ توهانجي ديس ۾ ويچارن جي
ايتري شخصي آزادي آهي. هرهڪ جو نظريو الڳ آهي. سڀ
پنهنجي پنهنجي وشواس جو سهارو وٺڻ چاهين ٿا، هرهڪ کي پنهنجن
پيرن تي بيهڻو آهي ۽ هرهڪ جو نام مارگ تي اچڻ جو پنهنجو پنهنجو
وقت آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اسانجو ساٿي سنت مت طرف نٿو
اچي تہ اسانکي نراس نہ ٿيڻ گهرجي جيئن هو اسانجي مارگ ۾
رڪاوٽ نہ بڻجي.

جيڪڏهن اسانجو هڪ پتي سان پيار آهي تہ اسين هڪ پتي جي
ويچارن، نظريئي خاص ڪري ڌارمڪ وشواس جي عزت ڪنداسين.
اسانکي انهي ڳالهه جي خوشي هئڻ گهرجي تہ اسانجو ساٿي هن مارگ
تي هلڻ ۾ رڪاوٽ نہ آهي. ها، اسين وڌيڪ خوشي محسوس ڪندا
آهيون جيڪڏهن پتي پتني ٻئي هن مارگ تي گڏجي هلن ٿا. اهڙي
طرح هو هڪ ٻئي جي ڪافي مدد ڪري سگهن ٿا. شڪتي وڌائي
سگهن ٿا. پر جيڪڏهن ائين نہ ٿي سگهي تہ انهيءَ ڳالهه جو قدر ڪرڻ
گهرجي تہ گهٽ ۾ گهٽ توهانجو ساٿي توهانجي مارگ ۾ رڪاوٽ تہ
نہ بڻيو آهي.

س - ۵۳۲. مهاراج جي، ڇا ضرورت وقت مٽن مائٽن يا سنبنڌين
کي مدد ڪرڻ گهرجي؟ ڇا نندن نندن ٻارن کي پالڻ موهہ آهي؟

ج - نہ، موهہ نہ رکڻ جو اهو ارٿ ناهي تہ سنبنڌين جي شيوا نہ
ڪجي. ماتا پتا، سنبنڌين جي شيوا ڪرڻ گهرجي. ماتا پتا، سنبنڌين

توهين هن ڏانهن بلڪل بيپرواهي به نٿا ڪري سگهو پر پوءِ پيار سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن نٿين هوندي به سمجهڻ لاءِ تيار نه هجي ته توهين چنتا نه ڪريو. توهان ته پنهنجو فرض نباهيو، ڪڏهن به اجايون پريشانيون پيدا ڪندڙ ڳالهين کان بچڻ گهرجي، گهر ۾ پريم پيار سان رهڻ لاءِ ڪيترن ڳالهين کي وسارڻو پوندو آهي، اڻ ٻڌو ڪرڻو پوندو آهي.

س - ٥٣٠. ڇا ڪنهن به مسئلي جو جلدي حل ڳولهڻ گهرجي يا اندران خبر پئجي ويندي آهي ته ڇا غلط آهي ۽ ڇا صحيح؟

ج - اندر پريشاني نه هئڻ گهرجي. پنهنجي من جي شانتي نه وڃائڻ گهرجي. توهانکي خبر آهي ته اهڙيون ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن. هر ڪنهن کي پنهنجا ڪرم ڀوڳڻا پون ٿا. ماڻهن کي من آڱرين تي نچائي رهيو آهي. انهيءَ ڪري حالتن انوسار هلڻو پوندو آهي. جيتري چاهيو ڪوشش ڪريو. سنسار جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ڪڏهن به ملي نه سگهندي، پر انهن کان مٿي ضرور ٿي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسين سنسار جي ڪنڊن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته ڪامياب نه ٿي سگهنداسين. پر جيڪڏهن پنهنجن پيرن ۾ مضبوط بوٽ پائينداسين ته ڪنڊا آسانيءَ پيرن تي ڪوبه اثر نه ڪندا. ٻچن سمرن دواران من کي انهن دک سک جي مسئلن کان مٿي کڻڻ گهرجي ۽ انهيءَ ٻاري ۾ وڌيڪ پريشان نه ٿيڻ گهرجي.

س - ٥٣١. مان ستسنگ ۾ نيمائتو ڏهه سال کان اچي رهيو آهيان ۽ منهنجي پتنيءَ منهنجو ورود نه ڪيو. هوءَ اڄ پهريون دفعو هتي آئي آهي. هنجو ورود نه ڪرڻ ڇا انهيءَ کي ثابت ٿو ڪري ته هوءَ اندر سنت مت کي قبول ڪري ٿي پر هوءَ اها ڳالهه ظاهر نه ڪري سگهي آهي.

ج - مونکي هنجي سنت مت سان پيار جي ٻاري ۾ خبر ڪانهي پر اها ڳالهه صاف آهي ته هنجي دل ۾ توهان لاءِ پيار آهي. مان چئي نٿو سگهان ته انهيءَ سان هنجي هن مارگ تي اچڻ جي تياري ٿي رهي آهي يا نه. پر انهيءَ مان اها ڳالهه ظاهر آهي ته هوءَ توهانجي اصول

ج - ستگرو، شبد يا نام ئي رولر آهي.

س - ٥٣٧. گهر ڪٽنب جا ماڻهو، اسانجي ڳالهه ٻڌڻ نه چاهيندا هجن ته انهيءَ حالت ۾ انهنجي مدد اسين ڪيئن ٿا ڪري سگهون؟

ج - منهنجي ويچار ۾ جيڪو ٻڌڻ نٿو چاهي، انهن کي اهڙي طرح ڪرڻ لاءِ مجبور نه ڪرڻ گهرجي ۽ اهائي انهنجي مدد آهي. جيڪي ڪجهه توهان سنتن جي اُپديش مان پراپت ڪيو آهي انهيءَ جو هڪ زنده مثال بڻجي ڏيکاريو. پنهنجو مثال پيش ڪري پاڻ تي اسين خود بخود اثر وجهي سگهون ٿا. جيڪڏهن انهنجي ڪرمن ۾ هوندو ته گيان حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻهي پنيان ڊوڙندا پر جڏهن ڪنهن تي ڪا ڳالهه زوريءَ مڙهي ويندي آهي ته، انهيءَ کي موهت ڪرڻ بجاءِ توهين وڌيڪ دور پهچائي ڇڏيندا. ڪنهنکي به ڪنهن ڳالهه لاءِ مجبور نه ڪرڻ گهرجي. اها پريرڻا ازخود انهيءَ جي اندر مان اچڻ گهرجي. اها ڳالهه اُن حالت ۾ ٿيندي جڏهن توهين خود مثال بڻجي ڏيکاريندا. تنهنڪري انهنکي مجبور نه ڪرڻ ئي انهنجي سهايتا آهي.

س - ٥٣٨. منهنجا گهر وارا سنت مت جي ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ ئي تيار ڪونهن. انهيءَ باري ۾ انهن سان ڳالهه ڪرڻ جي مون ۾ همت ئي ڪونهي.

ج - اُن باري ۾ ڪنهن سان ڳالهه ڪرڻ جي ضرورت به ته ڪونهي.

س - ٥٣٩. پر مان سوچان ٿي ته انهيءَ باري ۾ ڇا ڪريان؟ مون هڪ پيار کي گود ورتو آهي اُهو هينئر ويهن سالن جو ٿي ويو آهي. مونکي خبر آهي ته هو ڪيترين ئي بي واجب ڳالهين ڪري ٿو. مان انهيءَ باري ۾ ڇا ڪريان؟ ڇا مان هن کي ڪجهه ٻڌايان؟ مان هن کي ڪجهه ٻڌائڻ جي همت انهيءَ ڪري نٿي ڪري سگهان ڇو ته هو اُن ڪري پريشان ٿئي ٿو ۽ جيڪو به هو جواب ڏيندو آهي، انهيءَ سان مونکي ڏک ٿيندو آهي. اهڙي حالت ۾ مان ڇا ڪريان؟ مان هنجي وهنوار کي نظرانداز نٿي ڪري سگهان؟

ج - توهين هن کي پيار سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريو. پر انهيءَ باري ۾ وڌيڪ چنتا ۽ سوچ نه ڪريو. پيو کو اُپاءُ ڪونهي.

مٺن مائٽن ڏانهن اسانجا فرض

س - ٥٢٥. ستسنگي هجڻ سان، هنجي ڪٽنب ۽ مٺن مائٽن تي ڪهڙو اثر پوي ٿو؟

ج - اسانجو موهه ئي اسانکي سنسار ۾ واپس وٺي اچي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن منش يا پدارٿ سان موهه آهي ته سمجهو ته اسانجو سنسار سان موهه آهي. اهڙي طرح اسانجون پاڙون سنسار ۾ رهجي وڃن ٿيون ۽ اهي ئي اسانکي دنيا ۾ ڇڪي وٺي اچن ٿيون. جيڪڏهن ڪنهن ستسنگيءَ جو ستگروءَ ۽ شبد سان پيار آهي ته سڀاويڪ طور انهيءَ پيار ۾ سنسار جي ڪشش بجاءِ ڪافي انداز ۾ شڪتي ۽ ڪشش آهي. هو پنهنجو پاڻ کي سنسار ۽ سنبنڌن کان هٽائي، شبد سان، ڪل مالڪ سان جوڙي ٿو ۽ انهيءَ ڪري هو پرماتما ڏانهن مائل ٿيندو وڃي ٿو.

ستسنگيءَ جا سنبنڌي، مٺ مائٽ، هن سان موهه ڪن ٿا، پيار ڪن ٿا هنجي پيار ۾ جڪڙيل، اهي هن ڏانهن ڇڪجي ايندا ۽ هو پنهنجي پريو پريم جي ڏور ۾ ٻڌل، پرماتما ڏانهن ڇڪبو ويندو. اهڙي طرح جن ماڻهن کي ستسنگين سان پيار آهي، انهنجي مدد ٿيندي ڇو ته اهي به انهيءَ مارگ تي ايندا ۽ اتي پهچندا جتي اهو ستسنگي پهتو آهي. پر جيڪڏهن ستسنگي يا ستگروءَ جي بجاءِ پنهنجي مٺن مائٽن سان وڌيڪ پيار آهي ته هو انهن ڏانهن ڇڪجي ويندو. جيڪڏهن اسين هڪ رولر سان ٻڌل آهيون ۽ اسانجي هٿ ۾ ڪتي جي زنجير آهي ته ڪتو به اسان سان گڏ ڇڪجي ايندو. انهيءَ کي اسان سان ٻڌل هجڻ جو لاڀ ملندو. هو اسانکي پاڻ ڏانهن نه ڇڪي سگهندو. سنبنڌين جو توهان سان موهه پيار انهنکي مدد ڪندو ڇو ته توهين هڪ اهڙي شڪتيءَ سان ٻڌا پيا آهيو جيڪا توهانکي مٿين طرف ڇڪي ٿي. پر جيڪڏهن توهين انهنجي موهه ۾ ڦاٿل آهيو ته انهيءَ سان نه توهانکي فائدو ٿيندو نه انهنکي.

س - ٥٢٦. اهو فيصلو ڪير ڪندو آهي ته رولر ڪير آهي؟

س - ٥٢٣. مهاراج جي، مان ڊاڪٽر آهيان، اسان مان ڪي وڪيل به آهن. اسانکي پنهنجي ڌنڌي دوران ڪيتري حد تائين مدد ڪرڻ گهرجي؟ ڪيترن حالتن ۾ اسين علاج ڪان وڌيڪ به ڪجھ ڪري سگهون ٿا؟ اسانکي پنهنجي فرض جي حد کان ڪيتري قدر ٻاهر وڃڻ صحيح آهي؟

ج - پنهنجي پوري لياقت، سڌ ٻڌ ۽ صلاحيتا انوسار، بيمار جو علاج ڪرڻ گهرجي. پر پوري ڪوشش ڪرڻ بعد به جيڪو چاهيندا آهيون، اهو نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر ۽ دوائون ماڻهن کي بچائي سگهن ها ته ڪڏهن به ڪو انسان نه مري ها. چاهي ڪيترو به زور لڳايو وڃي، ڪي بيمارين ۾ علاج ڪرڻ ۾ ڪاميابي نٿي ملي سگهي. ڏسڻ ۾ آيو آهي ته هڪ ئي دوا سان ڪيترن ئي بيمارين کي آرام اچي ويندو آهي. پر ڪن ٻين مريضن تي انهيءَ دوا جو اثر نه ٿيندو آهي. اسين اهو سڀ ڄاڻون ٿا. انهيءَ ڪري پنهنجي علم کي پنهنجي لائقيءَ انوسار عمل ۾ آڻڻ گهرجي ۽ باقي سڀ مالڪ جي ديا مهر تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

س - ٥٢٤. مان خود اڳاهين ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۾ دلچسپي وٺندي رهي آهيان، هڪ ماسترياڻيءَ جي روپ ۾ نه، مدد ڪندڙ جي روپ ۾ انهيءَ ڪري........؟

ج - انهنکي مدد ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سنسار ۾ سڀني جي مدد ڪرڻ گهرجي. اسانجو جنم انهيءَ لاءِ ٿيو آهي. منش ئي منش جو مددگار بڻجي سگهي ٿو. پر انهيءَ ڪم ۾ ايترو مگن نه ٿي وڃڻ گهرجي جو پنهنجي مدد ئي نه ڪري سگهون. پنهنجن ٻين فرضن جو خيال رکندي، پنهنجي ساڌن انوسار ٻين جي گهٽ ۾ گهٽ مدد ڪرڻ گهرجي. جڏهن پنهنجي طرفان پوريءَ طرح چاهه هوندي به انهنجي مدد نه ڪري سگهو ته اهو انهنجي ڪرمن سبب آهي. انهنجا ڪرم انهنکي ئي ڀوڳڻا پوندا، پنهنجن فرضن ۾ نقصان ٿيڻ بنا، پنهنجي وقت ۽ ساڌن موجب، هرهڪ جي شيوا ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن چاهيندي به انهنجي مدد نه ڪري سگهو ته سمجهڻ گهرجي ته انهنجا ڪرم ئي اهڙا آهن ۽ انهيءَ سبب انهيءَ ڪان وڌيڪ مدد نٿي ڪري سگهجي.

اَصلي پريتم، اَسانجو پرماتما آهي. اسين شخصي طور ڪنهنجي به شيوا ڪرڻ نٿا چاهيون، بلڪ مالڪ جي پيار سبب اُنهيءَ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ چاهيون ٿا. پر اِهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن اَندر مالڪ جو پيار پيدا ڪريون، يڪتائي پيدا ڪريون. جيسين پنهنجي اَندر يڪتائي ۽ پيار جي اَهڙي مستي پيدا نٿا ڪريون، مان نٿو سمجهان ته اَسين ٻين جي شيوا يا مدد ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن منهنجو پنهنجو هردو ڪٺور آهي ته مان ٻين تي قياس نه ڪري سگهندس. جيڪڏهن منهنجي دل نرم آهي دَيالو آهي ته منهنجي دل ۾ ٻين جي پيڙا جو اَحساس ٿيندو ۽ مان اَزخود ٻين جي مدد ڪرڻ چاهيندس. اِنهيءَ ڪري اِهو ضروري آهي ته پهرين پنهنجو سڌار ڪريون جيئن ٻين جي مدد ڪرڻ لائق ٿي سگهون.

س - ٥٢٣. اِهو ته معلوم ٿي ويو ته اسانجي دل ۾ پيار ۽ همدردي هئڻ گهرجي، اسانکي اِها پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر ڪڏهن ڪڏهن اَهڙا ڏکدائي موقعا اپندا آهن جو حالتون اَسانجي وس ۾ نه هونديون آهن. اُن وقت اِهو پيار ڪيئن پيدا ڪري ٿا سگهون؟

ج - پيار تي زور ڪونهي. پيار ڪڏهن به زبردستيءَ سان پيدا نٿو ٿئي. جڏهن ٿيندو آهي ته بس ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن مالڪ جي دَيا مهر ٿيندي آهي ته اِهو پريم اَزخود ئي اچي ويندو آهي. پر اسين عملي طور ڪجه قدم کڻي سگهون ٿا. جيئن اَسانجي هردي ۾ پرماتما لاءِ پريت پيدا ٿئي. اِهو قدم آهي روحاني اڀياس ڪرڻ، نام سمرڻ ڪرڻ، سنت مت ساهتيه پڙهڻ، ستسنگ ٻڌڻ هڪ ٻئي ۾ پريم پيار سان ڳالهائي، پنهنجي چوگرد پريم ڀريو واتاورڻ پيدا ڪرڻ. جڏهن هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهيون ته اِئين محسوس ٿيندو آهي ته جيترو وڌيڪ مالڪ سان پيار ڪريون ٿا اوترو ئي وڌيڪ پيار هُو اَسانجي اَندر پيدا ڪري ٿو. جيترو پيار وڌيڪ ٿئي ٿو، اوترو وڌيڪ پيار وڌي ٿو. پر جيڪي ڪجه اسين پنهنجي طرفان ڪري سگهون ٿا، اهو هيءُ آهي ته اسين ايمانداريءَ سان نام سمرن ڪريون. جو ته نام سمرن ڪرڻ سان اَزخود پريم پيار پيدا ٿيندو آهي.

لاءِ پرارٿنا ڪندا آهيون. سنت مت موجب اسانکي پرماتما کان پرماتما ئي گهرڻ لاءِ پرارٿنا ڪرڻ گهرجي جيئن اسين انهيءَ ۾ سمائجي سگهون. جڏهن اسين پريم ۽ وشواس سان پنهنجو فرض پورو ڪندا آهيون ته اهو مالڪ به مدد ڪندو آهي. اهڙي طرح اسين پنهنجي مدد ڪري رهيا آهيون.

س - ٥٢١. جيڪڏهن اسين انهيءَ پورڻ چيتن شڪتيءَ جو انگ آهيون، جيڪا هن دنيا ۾ سڀ ڪجهه آهي ته ڇا اسانکي سڀني جي ڀلي جو انيؤ نه هئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ائين آهي ته ڇا اسانکي سڀني جي مدد ڪرڻ يا مدد ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻ مناسب ڪونهي ۽ جيڪڏهن اسين مدد ڪريون ٿا ته ڇا اهي ڪرم اسانکي هن دنيا ۾ واپس جنم وٺڻ لاءِ ڇڪي ايندا؟

ج - ٻين جي مدد ضرور ڪرڻ گهرجي. اهو اسانجو فرض آهي. پر اها سنڀال پنهنجو نقصان ڪري نه ڪرڻ گهرجي. پهرين پاڻ کي انهيءَ لائق بڻائڻ گهرجي جيئن ٻين جي مدد ڪري سگهون. جيڪڏهن خود نيڪ پاڪ زندگي نٿا گذاريون ته دراصل ٻين جي مدد ڪرڻ جي لائق نه آهيون. پر اسانکي انهيءَ اوستا تائين پهچڻ گهرجي، جتي پهچي ٻين جي مدد ڪري سگهون. انهن سان ايڪتا ۽ ڪشش محسوس ڪري سگهون. ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ ڪو به هرج ڪونهي. اسانکي دراصل نه صرف منش ذات جي سيوا ڪرڻ گهرجي، پر هيٺين جوڻين جي به سيوا ڪرڻ گهرجي. انهنجي سيوا، انهن تي ديا ڪري، انهنکي نه ماري، انهنکي نه کائي ۽ ٻين ڪيترن قسمن جي ڪري سگهجي ٿي.

جڏهن هردي ۾ مالڪ جو پيار جاڳرت ٿئي ٿو، تڏهن مالڪ جي سرشٽيءَ سان پڻ پيار ٿي ويندو آهي ۽ هرهڪ ۾ مالڪ ئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان بعد اسانجي اندر هرهڪ جي سيوا، مدد جي سچي چاهه پيدا ٿئي ٿي، هرهڪ جي اندر انهيءَ پريتم پياري جا درشن ٿين ٿا تنهنڪري اسين هرهڪ جي سيوا ڪرڻ چاهيون ٿا، اسانجو

ج - جڏهن راس ڏيهن ڀڄن سمرن ڪريون ٿا ته سمجهجي ته پنهنجي مدد پاڻ ڪري رهيا آهيون ۽ پوءِ مالڪ جي ديا مهر به پراپت ٿي ويندي. جيڪڏهن ڀڄن سمرن نٿا ڪريون پر هنجي ديا مهر جي آس لڳائي ويٺا هجون ته پوءِ اسين انهيءَ لاءِ حقدار نه آهيون. جيڪڏهن فقير دروازي تي اچي کڙي ٿي نٿو ته پوءِ هو گهر جي مالڪ مان ڪهڙي آس ٿو رکي سگهي؟ روئڻ بنا ته ماتا به کير نه پيئاريندي آهي. آيا ٻار کي ٻاهر ڪٺي ويندي آهي جيئن هنجي ماتا پنهنجو ڪم ڪار ڪري سگهي. جڏهن ٻار ماتا وٽ وڃڻ لاءِ روئندو آهي ته آيا هنجي دل وندرائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، هنکي ٻرانن جون آڪاڻيون ٻڌائيندي آهي، رانديڪا ڏيندي آهي، مٺائي ڏيندي آهي. هوءَ هر طرح ٻار کي وندرائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. پر جيڪڏهن ٻار ڪابه شيءِ نٿو وٺي ۽ ماتا وٽ وڃڻ لاءِ ضد ڪري ٿو، روئي ٿو ته ماتا کان به برداشت نه ٿيندو، هوءَ ڊوڙندي ويندي آهي ۽ ٻار کي وڃي ڇاتيءَ سان لڳائيندي آهي.

اهڙي طرح اسين ٻار آهيون، جيڪي به دنيا جا مال اسباب شڪليون پدارٿ آهن، انهن سان راند ڪري رهيا آهيون. اسانجو من انهن سان ايترو خوش آهي، اسين انهيءَ کيل ۾ ايترا مست ويا آهيون جو اسانکي هن وقت مالڪ جي ياد ئي نٿي اچي. اسين هن کي بلڪل وساري ڇڏيا آهيون. اسين هنجي باري ۾ ڪڏهن سوچون به نٿا. جڏهن اسانجي هردي ۾ هن لاءِ سچي تڙپ، پريم ۽ پريم هوندو آهي، اسين صرف هنکي ئي چاهيندا آهيون ۽ هن کانسواءِ ڪجهه به وٺڻ لاءِ تيار نه هوندا آهيون تڏهن مالڪ کان به رهيو نه ويندو آهي ۽ هو اسانکي پنهنجي گود ۾ رهارينددو آهي.

اڪثر اسين پرماتما کان پرماتما جي پراپتي ڪرڻ لاءِ ڀڄن سمرن نه ڪندا آهيون، اسين سنساري پدارٿن خاطر ابهاس ڪندا آهيون. مالڪ جو ڏيان ڪندا آهيون ته سندس ديا مهر، پريم پيار لاءِ نه پر پنهنجن سنساري اڇائن ترشنائن کي پوري ڪرڻ لاءِ. انهيءَ کان پنهنجون اڇائون پوريون ڪرائڻ چاهيندا آهيون. اِئين نه، ته مالڪ کي مالڪ

لاءِ آهي ۽ ڳالهه پريم سان چئي وڃي ته هو سمجهي ويندو پر جيڪڏهن
روب ڏيکاريو ويندو، نفرت ڪئي ويندي، پنهنجي اهنڪار کي
خوش ڪرڻ لاءِ پاڻ کي بهتر بڻايو وڃي ته اها مدد نه آهي. اهڙي
طرح مدد ڪرڻ سان اسين ڪيس مارگ تان دور ڪري ٿا ڇڏيون.
اسانکي ڪشادي دل، سهنشيلتا ۽ پريم سان وهنوار ڪرڻ کپي. پوءِ
خراب ۾ خراب منش به اسانجي وهنوار مان فائدو وٺي سگهي ٿو.

نفرت ڪنهن سان به نه ڪرڻ گهرجي. ماتا ٻار کي ماريندي آهي
پر نفرت سان نه. ٻار چاهي اهو سمجهندو هجي ته ماتا ناراض آهي پر
دراصل ماءُ جي دل پيار سان ڀرپور هوندي آهي. هوءَ چاهيندي
آهي ته ٻار تمام سٺو نيڪ بڻجي ۽ ترقي ڪري. ماتا ڪڏهن ڪڏهن
ٻار کي ڌمڪائيندي يا مار به ڏيندي آهي پر نفرت سان نه يا پنهنجو
پاڻ کي وڏو ثابت ڪرڻ لاءِ نه پر ٻار کي سڌارڻ لاءِ. ٻار به اندر ۾
سمجهندو آهي ته ماتا مونکي بيحد پيار ڪندي آهي ۽ مونکي اهو ئي
ڪرڻ گهرجي جيڪو ماتا کي پسند آهي. جڏهن اهڙي ڀاونا هجي ته
ٻار تي اهو ئي اثر پوي ٿو جيڪو ماتا چاهي ٿي.

پر جيڪڏهن ٻار کي خبر آهي ته ماتا جيڪي ڪجهه ڪري رهي
آهي نفرت سان ڪري رهي آهي ته انهيءَ تي ڪنهن به ڳالهه جو
صحيح اثر نه پوندو. جڏهن ڪا به شيءِ پريم پيار سان ڏني ويندي
آهي ته اها هڪدم سچي دل سان قبول پوندي آهي. انهي ڪري
حضرت عيسيٰ فرمايو آهي ته ”جيڪڏهن اسين خود معافي چاهيون ٿا
ته اسان کي به ٻين کي معاف ڪرڻ گهرجي.“ انهيءَ جو ارٿ اهو آهي
ته اسانجو هردو نرمل هجڻ گهرجي. مالڪ جي ديا مهر وٺڻ جي لائق
هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اسانجي دل ۾ ڪنهن لاءِ به نفرت آهي ته انهيءَ
جو اهو ئي ارٿ آهي ته اڃا اسانجو هردو پرماتما جي ديا مهر جي لائق
نه آهي. پرماتما جو پيار پائڻ لاءِ اسانکي سڀني سان پيار ڪرڻو پوندو.

س - ٥٢٠. چيو ويندو آهي ته پرماتما انهيءَ جي مدد ڪندو آهي
جو پنهنجي مدد پاڻ ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو منش بيوس ٿي
وڃي ٿو ۽ پنهنجي مدد پاڻ نٿو ڪري سگهي ته؟

تڏهن ئي پاڻ لاءِ ڪجهه ڪري سگهجي ٿو. نه ته اهو پنهنجو پاڻ کي
ڌوڪو ڏيڻ ئي ٿيندو ۽ اسين انهيءَ ڏک دور ڪرڻ بجاءِ خود انهن
جي ڏکن جا حصيدار بڻجي پونداسين.

س - ٥١٨. جڏهن شينهڻ جو ٻچو ڪنهن خطرناڪ جڳهه تي ويندو
آهي ته شينهڻ انهيءَ کي تڪڙ هٽائيندي آهي. ڇا اسين ٻارڙا سڀ ڪي
غلطي ڪندڙ ننڍڙن ٻارن کي سچ چوڻ رواجي تڪڙ هٽي سمجهائي سگهون
ٿا؟ منهنجي ويچار ۾ جيڪي ڪجهه به اهو ڪري، انهيءَ کي برداشت
ڪرڻ، انهيءَ سان پيار ڪرڻ ناهي. ڀڳوان ٻڌ فرمايو آهي، "جيئن شيطان
جي سوکڙي قبول نه ڪندو آهيان موٽڪي اها قبول نه ڪرڻي آهي"
ڇا هميشه قبول ڪرڻ ئي پيار آهي؟ جيڪڏهن اسين سڌارڻ چاهيون
ٿا، ڇا انهيءَ جي نفرت به برداشت ڪرڻ گهرجي يا انهيءَ کان دور
رهڻ گهرجي ۽ انهيءَ سان نفرت نه ڪرڻ گهرجي؟

ج - پيار جي تڪڙ جو ته ڪو ٻرو نه سمجهندو. جيڪڏهن پيار ۽
همدرديءَ سان ڪنهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪجي ته ڪو به انهيءَ
کي ٻرو نه سمجهندو ۽ ڪنهن کي ننڍو ثابت ڪرڻ، پنهنجو پاڻ کي وڏو
۽ اوچ ڏيکارڻ لاءِ ڪابه ڳالهه ڪرڻ ٺيڪ ڪونهي. اهڙي طرح نه ته
ٻيو انهيءَ ڳالهه کي سمجهي سگهندو ۽ نه صحيح راهه تي ايندو. ٻيو
ڪنهن جي به دل ڏکائڻ کانسواءِ خود مثال ٺاهجي، پنهنجي پيار سان
پاڻ کي ضرور ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو. ائين ڪرڻ سان ٻئي کي چوٽ
نٿي پهچي ۽ اهڙي طرح هو سنت مت کان گمراهه نه ٿي سگهندو.
جيڪو غلطي ڪري رهيو آهي، انهيءَ کي وڌيڪ پيار جي ضرورت
آهي. هر ڪنهن کي پيار جي ضرورت آهي پر ڪن ماڻهن کي وڌيڪ
ضرورت هوندي آهي. تنهنڪري اهڙي منش کي صحيح مارگ تي
آڻڻ لاءِ، انهيءَ سان گهڻي ۾ گهڻو پيار ۽ صبر سان پيش اچڻ گهرجي.
تڪڙ مارڻ ۽ سخت ورتاءُ جو ته سوال ئي نٿو اٿي.

س - ٥١٩. منهنجو مطلب آهي ته انهيءَ کي سچ چوڻ گهرجي يا نه؟

ج - سچ به پيار سان چوڻ گهرجي. جيڪڏهن انهيءَ کي خبر هجي
ته جيڪي ڪجهه به اسين چئي رهيا آهيون اهو انجي ڀلائي ۽ فائدي

اسين ڪنهن ڳالهه کي سماپت ئي ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ معاف ڪرڻ چاهيندا هجون ته اسانکي اهو فيصلو نه ڪرڻ گهرجي ته اسين ڏوهي هئاسين يا ٻيو ڏوهي هو. اسانکي اهو چوڻ گهرجي ته ”مون توهان کي معاف ڪري ڇڏيو، توهين مونکي معاف ڪريو ۽ جيڪا به غلطي ٿي آهي، ٻئي انهيءَ کي ڀلائي ڇڏيون.“ جيڪڏهن اهو سوچيندي ڇنڊ ڇاڻ ڪندا رهنداسين ته اهو ڏوهي هو يا مان، ته اهڙي طرح ڪرڻ سان ڪو ٻيو جهنجهٽ پيدا ٿي پوندو. جيڪڏهن اسين پنهنجو پاڻ کي معاف ڪرڻ چاهيون ٿا ته اسانکي جڳائي ته سچيءَ دل سان معافي گهرون ۽ ان بعد جيڪي ڪجهه ٿيو آهي، انهيءَ کي هردي مان وساري ڇڏيون.

س - ۵۱۷. منش جو مکيه داتا منش آهي، انهيءَ ڪري ٽوليءَ جي ان سلسلي ۾ منش ڪهڙو پارٽ ادا ڪري ٿو؟

ج - منش جو اصلي ڪم آهي پنهنجي مدد ڪرڻ. اسين ٻين جي به مدد انهيءَ حالت ۾ ڪري سگهون ٿا جڏهن پنهنجي مدد ڪنداسين. جيڪو پنهنجي مدد نٿو ڪري، اهو ٻين جي به مدد نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن پاڻ وٽ ئي ڪجهه نه هوندو ته ٻين کي ڇا ڏئي سگهبو؟ ڪيترا دفعا اسين ٻين جي ڀلائي ڪرڻ چاهيندا آهيون، پر انهن جي مدد ڪرڻ بدران پنهنجي حالت قياس جوڳي بڻائي ڇڏيندا آهيون. انهنکي پنهنجي پيار ڏيڻ بجاءِ انهن جي دکن جا ڀاڱيوار بڻجي پوندا آهيون. جڏهن پاڻ وٽ ئي ڪجهه ڪونهي ته پوءِ ٻين کي به ڪجهه نٿو ڏئي سگهجي. جيسين ڪنهن جي مدد ڪرڻ ۾ سمرٿ نه ٿيا آهيون تيسين انهن جي دکن سبب دکي ٿي پنهنجي حالت دکدائي ڪري ٿا ڇڏيون. ٻين جي مدد ڪرڻ لائق بڻجڻ لاءِ پهريان پنهنجي مدد ڪرڻ ضروري آهي. اسان جي اندر ڪجهه هئڻ گهرجي، جيئن ٻين کي ڪجهه ڏئي سگهون. انهن سان ورهائي سگهون. جيڪڏهن خود ئي خالي آهيون ته ڏئي ڇا سگهنداسين؟ ماڻهن جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ، خود اها اوستا پراپت ڪرڻ ضروري آهي جنهنکي پراپت ڪري هر طرف پيار ۽ دعا جي ورکا ڪري سگهون.

پڇتاءُ ۾ رهيو آهي. اهو ئي پاڻ کي معاف ڪرڻ جو طريقو آهي ۽ جڏهن اهڙي طرح پنهنجو پاڻ کي معاف ڪنداسين ته اسانکي خوشي ٿيندي.

س - ٥١٥. اسين ٻين کي ڪشت ڏيئي خود پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿا معاف ڪري سگهون؟ منهنجا ٻه سوال آهن. هڪ ته جڏهن اسان ٻئي کي ڪشت ڏنو آهي ته پنهنجو پاڻ کي معاف ڪيئن ٿو ڪري سگهجي؟

ج - پنهنجو پاڻ کي تڏهن معاف ڪري سگهجي ٿو جڏهن ٻين جي دل دکائڻ ڇڏي ڏيون، جيڪڏهن اسان جيڪي ڪجهه پهرين ڪيو هو انهيءَ طرح وري وري ڪندا رهون ته پوءِ اهو چوڻ ته اسان خود کي معاف ڪري ڇڏيو، صرف پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻو آهي. پنهنجو پاڻ کي معاف ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته پهرين غلطيءَ کي دهرايو نه وڃي جڏهن اسين سچيءَ دل سان پڇتايون ٿا ۽ وري اها غلطي نٿا ڪريون ته پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته اسان پنهنجو پاڻ کي معاف ڪيو آهي، پنهنجو پاڻ کي معاف ڪرڻ جو مطلب آهي غلطيءَ کي وري نه ڪرڻ ۽ جيڪي ڪجهه ڪري چڪا آهيون انهيءَ کي پوري طرح ڀلائي ڇڏڻ. جڏهن پاڻ کي سڌاريو اٿون ته من ۾ ڏوهي هجڻ جو ڀاو نه رهڻ گهرجي.

جيڪڏهن اسان ڪنهن جي دل کي ڏکويو آهي ته معافي گهرڻ ۾ ڪا به هچڪ نه هجڻ گهرجي. هو معاف ڪري يا نه ڪري، پر معافي گهرڻ سان اسانکي مدد ملي ٿي. معافي گهرڻ سان ڪجهه تسلي ملي ٿي ۽ من جو بوجهه هلڪو ٿئي ٿو. اهو ٻئي تي مدار رکي ٿو ته هو اسانکي معاف ڪري يا نه ڪري. پر سچي من سان معافي لاءِ عرض ڪري اسان پنهنجو پاڻ کي ته معاف ڪري ئي ڇڏيو آهي.

س - ٥١٦. ٻيو سوال اهو آهي ته جيڪڏهن ٻن ماڻهن جي وچ ۾ غلطفهمي هجي ته ڇا ڏوهيءَ کي معافي نه وٺڻ گهرجي جيئن ٻئي ڪنهن تي ڏوهه نه اچي ۽ هو ٻور نه ٿئي؟

ج - جڏهن غلطفهمي دور ڪرڻ چاهيندا آهيون ته پوءِ ڪنهن ۾ هڪ يا ٻئي کي ڏوهي ثابت ڪرڻ جو سوال ئي نٿو اٿي. جيڪڏهن

ج - پر جيڪر پتو پوي ته مان تہ وروڌي منش جو توهان ڏانهن ڪهڙو رخ آهي، اهو معلوم ٿيندو. جنهنجي توهان کي ڀورين ٿي شخصي انڀو سبب خبر آهي.

س - اهو ٺيڪ آهي. پر تنهن هوندي به انهيءَ سان مدد ته ملي ٿي.

ج - جڏهن اسانکي پنهنجو پاڻ کي سڌارڻو آهي ته پوءِ اهڙي ڪم جو سوال ئي نٿو اٿي. ڪنهن به حالت ۾ ڪنهنجي ڪهڙي به ويچاردارا هجي، اسانکي هر حالت ۾ پاڻ کي سڌارڻ گهرجي. بس ايتري ڳالهه آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيو اسانکي ڏوهي ٺهرائي ته تڏهن به اسان تي اثر نه ٿيڻ گهرجي.

س - پر جيڪڏهن هنجي جنم راشي معلوم هجي ته ....؟

ج - منهنجي ويچار ۾ جيترو اسين انهيءَ منش کي انهن وسيلن دوارا سمجهي سگهون ٿا، انهيءَ کان وڌيڪ هو پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن ڪنهن سان گڏ جيئندا آهيون تہ خبر پئجي ويندي آهي تہ هنجو اسانجي باري ۾ ڪهڙو ويچار آهي. ڪڏهن ڪڏهن اڳڪٿيءَ جي حساب ڪتاب سبب دوکو بہ ملندو آهي. غلط نڪرندو آهي. پر شخصي انڀو ڪڏهن غلط نٿو ٿئي ۽ اسانکي اصليت جي خبر پئجي ويندي آهي.

س - ٥١٤. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي گلا ڪريون ٿا ۽ معافيءَ لاءِ عرض ڪرڻ بعد به هو معاف نه ڪري ته اسانکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج - سڀ کان ضروري ڳالهہ تہ اها آهي تہ اسين پنهنجي اڻ واجب وهنوار لاءِ پنهنجو پاڻ کي معاف ڪريون. جيڪڏهن اسان سچيءَ دل سان پڇتاءُ ڪيو آهي، پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ انهيءَ ڳالهہ جي چنتا نہ ڪرڻ گهرجي تہ ٻئي ماڻهوءَ معاف ڪيو يا نہ. اسانکي پنهنجي صحيح وهنوار دوارا ئي ثابت ڪرڻ گهرجي تہ اسانکي سچ پچ ڪيترو افسوس آهي، رڳو "مونکي معاف ڪر" چوڻ سان مسئلو حل نٿو ٿئي. اسين صرف لفظن ذريعي نہ بلڪ پنهنجي وهنوار دوارا ثابت ڪري سگهون ٿا تہ اسانکي پنهنجي غلطيءَ يا ڏوهہ لاءِ ڪيترو

اُنهيءَ پوري عرصي ۾ مهاراج جن پنهنجي وهنوار ۾ ڪابہ تبديلي نہ آندي. هُو ڪڏهن بہ ڪنهن سان بحث مباحثو نہ ڪندا هئا. هُو سدائي سنئين ڳالهہ ڪندا هئا، ”مان پنهنجو فرض پورو ڪري رهيو آهيان، جيڪڏهن هيءُ اُپديش توهان کي صحيح محسوس ٿئي ٿو تہ وڏي خوشيءَ سان اُنهيءَ کي مڃو ۽ جيڪڏهن توهانکي اهو سنئو نٿو لڳي تہ مهنجو اُنهيءَ ۾ ڪوبہ قصور ڪونهي. مان تہ پنهنجو فرض پورو ڪري رهيو آهيان.“ هو هرهڪ سان پريم پيار ۽ ديا ڀريو وهنوار ڪندا هئا. اهي ئي ماڻهو جيڪي سندن وروڌي هئا، اڄ اهڙي مهان ستگروءَ جا شش هئڻ جو فخر محسوس ڪن ٿا. پوءِ پوءِ تہ اُنهن اهو سوچي ستسنگ ۾ اچڻ شروع ڪيو تہ پوءِ مهاراج جن جي حقيقت جي اوکهڙ ڪنداسين، سندن نقطه چيني ڪنداسين. پر من ۾ ڪين اها بہ چاهنا هئي تہ هلي ڏسون آخر هو چون ڇا ٿا. پر آخر ۾ اهي ئي مهاراج جن جي اُپديش، سچ ۽ مهانتا تي موهت ٿي ويا.

جيڪڏهن اسين پنهنجي وشواس تي پختو رهئون، ڪنهن سان بہ نفرت، حسد ساڙ نہ رکي بيٺڪو ئي پنهنجو فرض پورو ڪندا وينداسين تہ ماڻهن ۾ ازخود تبديلي اچي ويندي. اوهين پنهنجو پاڻ ۾ مضبوط رهو. تڏهن ئي پنهنجو پاڻ ۾ خوش رهندا. هر سان لغوت ڪري پاڻ کي دکي نہ ڪرڻ گهرجي. اُنهيءَ ڪري اسانکي ڪنهن الاءِ بہ ورق پاونا نہ رکي، حالتن جو صحيح اِستعمال ڪرڻ گهرجي.

س - ٥١٣. مون ورق جو تمام سنئو جواب ٻڌو آهي. مان اُنهيءَ ماڻهوءَ جي جنم جي مهيني ۽ ڏينهن مان سياءَ جي باري ۾ پتو لڳائيندي آهيان. ڪڏهن ڪڏهن اهي گڻ يا خاصيتون ڪنهن جنم راشيءَ واري ماڻهوءَ جي بلڪل اُبتڙ هونديون آهن ۽ جڏهن ڪنهنجي خاصيتن جي خبر هجي تہ پوءِ اُنهيءَ کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي. مونکي اهو اڀياءَ تمام اهم لڳو ڇو تہ ڪڏهن جڏهن ورق ۾ پوري طرح رڪاوٽ اچي ويندي آهي ۽ اهو سمجهي ويندي آهيان تہ پوءِ مان هنجي جنم پتري ....؟

آهن. مهاراج جن جي سکيا نهايت نرمل روحانيت جي هئي. انهيءَ ۾
ڪو به واپاري ڍنگ نه هو. سچ جي کوجنن کي اهو اُپديش تمام وڻيو
۽ اهي ماڻهو گهڻي تعداد ۾ مهاراج جن وٽ اچڻ لڳا. جيڪي وڏن
مهاراج جن جا ورودي ماڻهو هئا، اهي پشيمان ٿيڻ لڳا. گهٻرائجي ويا.
انهن کي اها چنتا ستائڻ لڳي ته اسان جي شِشن جو تعداد گهٽ ٿي
ويندو، جنهن سان اسانجي آمدنيءَ تي برو اثر پوندو. انهن ڏينهن ۾
اهڙن ماڻهن ڪيترن ئي قسمن جي خلافت ڪئي ۽ جيئن ته توهان
ڊاڪٽر جانسن جو پستڪ ‘With a Great Master in India’ ’مهانجو ستگرو‘
۾ پڙهيو آهي، انهن ماڻهن جسماني طور حملا به ڪيا. ڀارت ۾ ستسنگ
کليل ميدانن ۾ ڪيو ويندو آهي، ڇو ته تعداد ايترو گهڻو هوندو آهي،
جو ماڻهو ڪنهن هال ۾ پورا نه اچي سگهندا آهن. ڏهه ويهه هزار ماڻهو
هوندا آهن ۽ ڪڏهن ته لک يا انهيءَ کان به وڌيڪ هوندا آهن.

جتي به حضور مهاراج جن ستسنگ لاءِ ويندا هئا، اُتي اهي ورودي
به پهچي شاميانو لڳائي، لائوڊ اسپيڪر تي ايترو گوڙ ڪندا هئا،
جو مهاراج جن جو ستسنگ ٻڌڻ مشڪل ٿي پوي. جتي به مهاراج جن کي
وڃڻو هوندو هو، اُتي اهي ماڻهو هڪ ڏينهن اڳ پهچي، نغارا وڄائي
ماڻهن کي زور زور سان اطلاع ڪندا هئا ته حضور مهاراج جن ماڻهن کي
گمراهه ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن. ڪو به انهن جو ستسنگ ٻڌڻ نه وڃي.
انهيءَ جو اثر ابتو نتيجو اهو نڪرندو هو، جو ڪافي تعداد ۾ ماڻهو
مهاراج جن جو ستسنگ ٻڌڻ لاءِ اچڻ لڳا ۽ سندن شِشن ٽٽجڻ شروع ٿيا.
حالت اهڙي ٿي، جو اهي ورودي به عجب ۾ پئجي سوچڻ لڳا ته
ڏسون ته آخر هو چون ڇا ٿا. نتيجو اهو نڪتو جو اهي ماڻهو مهاراج جن
جا سيني کان وڌيڪ پڪا ستسنگي بڻيا. انهن مان ڪيترن کي سچا ٿان
جيڪي اڄڪلهه ڏيري ۾ ٿي رهيا پيا آهن. شروع ۾ انهن ماڻهن
مهاراج جن جو سخت ورود ڪيو، پر جڏهن انهن کي اُپديش جي خبر
پئي ته هو سڀ بدلجي ويا. اهي سچا پريمي ستسنگي آهن ۽ انهن
مان ڪيترائي ستسنگ جا پستڪ لکي رهيا آهن.

مون ڪيترائي دفعا چيو آهي ته اسين سنسار جا ڪنڊا ڪڍ ڪري
نٿا سگهون، انهن کي چوندي ۾ ڪڏهن به ڪاميابي حاصل ٿي نٿي
سگهي. پر پنهنجن پيرن ۾ مضبوط بوٽ پائي سگهون ٿا، جيئن انهن
ڪنڊن جو اسان تي ڪو به اثر نه ٿي سگهي. سنت مت جو اِجن سمورن
جو اِهوئي مقصد آهي. اسين پنهنجو پاڻ کي اولوز متي وٺي وڃون ٿا،
جتي اِهي نديون ڳالهيون اسان تي ڪو به اثر نٿيون ڪري سگهن.
پوءِ اسان لاءِ اِهي مسئلا، مسئلا نٿا رهن. اِئين ناهي ته اسين انهنکي حل
ڪريون ٿا، بلڪ انهن کان نهايت متي ٿي وڃون ٿا.

اِنهيءَ ڪري اهڙي حالت ۾ پنهنجي طرفان، گهٽي ۾ گهٽ، جيئن
مناسب سمجهو سچيءَ دل سان، ڪندا رهو ۽ باقي سڀ ڪجهه مالڪ
تي ڇڏي ڏيو. انهيءَ سوچ ويچار ڪري پاڻ دکي نه ڪريو. جيڪڏهن
توهين اِجن سمورن کي پورو وقت ڏيندا ته اِهي خسيس ڳالهيون توهان
کي بلڪل پريشان نه ڪنديون.

س- ٥١١. اِنهيءَ جو اُرث ڇو ته انهن کان مٿين موڙي ڇڏجي؟

ج- حالتن مطابق پنهنجي طرفان جيڪي ڪري سگهو، ڪريو.
توهين اهڙي حالت کان پاسو ڪري سگهو ٿا. اهڙن ماڻهن سان وهنوار
ڪرڻ ۾ مک موڙي رهي سگهو ٿا. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي
جيترو عملي طور واجبي سمجهو، اهو وهنوار ڪريو. مٿش کي هميشه
حالتن جي عملي ويچار ڌارا انوسار هلڻ گهرجي.

س- ٥١٢. ڏسڻ ۾ ته اِهوئي آيو آهي ته پـٿـر جو جواب پٿر سان
ڏيڻ وارا نيڪ رهندا آهن، پر ڇا اِهوئي آتم اُپاءُ آهي؟

ج- اِهو نيڪ رستو ڪونهي. مثال طور مان توهانکي وڏن مهاراج جن
(حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن) سان ٿيل هڪ واقعو ٻڌايان ٿو-

جڏهن مهاراج جن سنت مت جو ڪليءَ طرح پرچار ڪرڻ شروع ڪيو
۽ ديش ۾ جڳهه جڳهه تي سفر ڪرڻ شروع ڪيو ته انهن جو وروڌ ٿيڻ
لڳو. خاص ڪري ڪٽر پنٿين طرفان. اِهي سمجهندا هئا ته مهاراج جي
گروُ ڪرامت صاحب جو غلط اُرث ڪري ماڻهن کي گمراهه ڪري رهيا

جي، اُنهيءَ پرڪاش کي ڏسڻ واري ”هڪ اک“ جي ”ٽئين اک“ جي
ڳالهه ڪري ٿو، اُنهيءَ جي اسين مذاق اڏايون ٿا. اهڙي حالت ۾
سنسار ۾ اسين شانتي ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهون؟

س - ٥٠٩. اسين توهانجي اُپديش جي باري ۾ سوچي رهيا آهيون
۽ سڀني کي پيار ڪرڻ گهرجي. پر اُن حالت ۾ ڇا ڪيو وڃي جڏهن
مذهب جا ٻئي واري خلافت ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ جيترو وڌيڪ
اُنهن سان پيار ٿو ڪجي، اوترو وڌيڪ دشمنيءَ جو اظهار ڪن ٿا.
جيڪڏهن اُنهن ڏانهن ڌيان نٿا ڏيون ته اڃا وڌيڪ دشمني ڪن ٿا.
اُن وقت اهڙي حالت ٿئي ٿي جو يا ته اهو ڪم ڇڏي ڏجي يا جيئن
تيئن وقت گذارجي. اهڙي حالت ۾ ڇا ڪيو وڃي؟

ج - جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ نقصان هجي اهو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي.

س - ٥١٠. اهو گهٽ ۾ گهٽ نقصان وارو ڪهڙو رستو آهي؟

ج - ٻين سان نفرت ڪري، پنهنجو پاڻ کي دکي نه ڪرڻ گهرجي.
پنهنجو پاڻ ۾ مست رهڻ گهرجي. شانت رهڻ گهرجي توهانکي پيار
ڏيڻ گهرجي. پنهنجو فرض تمام چڱي طرح پورو ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين
کي مدد ڪرڻ وارو وهنوار ڪرڻ گهرجي. ٻين کي پنهنجن خيالن سان
ج - مان بہ ائين چوان ٿو تہ ماڻھن جو اھو خيال آھي پر اسان کي سوچڻ گھرجي تہ ڇا اسين سچ پچ ترقي ڪري رھيا آھيون يا اسان جي گراوٽ ٿي رھي آھي؟ چاھي تہ ھرڪ ائين ٿو تہ ٻين کان نيڪ انسان بڻجون پر سوچڻ جي ڳالھہ اھا آھي تہ اسين نيڪ انسان بڻيا بہ آھيون يا نہ. منھنجي ويچار ۾ اھو ڏينھن ضرور ايندو جڏھن اسان کي محسوس ٿيندو تہ اسان کي ھن نئين سڀيتا کي سلام چئي، وداع ڪري، پراڻي ڍنگ جي قدرتي زندگي گھارڻي پوندي جيئن اسين سٺي صحت ۽ وڌيڪ شانتي پراپت ڪري سگھون. مان سمجھان ٿو تہ اسان سڀني جي اندر اھا ڀاونا جاڳرت ٿي رھي آھي تہ اسين ھن سڀيتا جي چوٽيءَ تي پھچي چڪا آھيون ۽ اسان کي نراسا ۽ دک ٿي مليا آھن. ھن سمساري ترقيءَ ھئڻ تي بہ ڇا اسين اڳ کان وڌيڪ تندرست ۽ خوش آھيون؟ نہ، بلڪ اسين ايتري قدر مايوس، نراس ٿي چڪا آھيون جو اسان کي پنھنجيءَ اصليت کي سمجھڻ ۾ بہ ڪشٽ محسوس ٿئي ٿو.

س - ۴۵۰. پر منھنجي ويچار ۾ اڄڪلھہ ڪافي ماڻھو روحانيت ۽ رھسيہ واد طرف پھرين کان وڌيڪ سجاڳ ٿي ويا آھن.

ج - اھو نيڪ آھي. انھيءَ ڳالھہ لاءِ اسين ھاڻوڪي سڀيتا جا احسانمند آھيون، ڇو تہ انھيءَ اسان جي نراسا، مايوسي، دک ۾ واڌارو ڪيو آھي. انھيءَ ڪري اسين امن شانتي پراپت ڪرڻ چاھيون ٿا ۽ نتيجو اھو نڪتو آھي جو اسان جو روحانيت ڏانھن لاڙو وڌيو آھي. انھيءَ ڳالھہ لاءِ ھاڻوڪي سڀيتا ساراھہ جوڳي آھي ڇاڪاڻ تہ ھيءَ اسان لاءِ سچي خوشي، سچي آنند جي کوج جو ڪارڻ بڻي آھي.

ڇا اسين اهي غلطيون بار بار نه ڪري رهيا آهيون، جيڪي اسان گذريل جنمن ۾ ڪيون هيون؟ انهن جنمن جي غلطين مان اسين ڇا سکياسين؟ ڪجهه به نه. پوءِ اسين ڇا ڪجهه سکي رهيا آهيون؟ اسين صرف اڳيون پوئيل ڪرمن جو ڦل ڀوڳي رهيا آهيون. گذريل جنمن جي غلطين جي ڳالهه ئي ڪهڙي ڪرڻي آهي، اسين ته هن جنم جي غلطين مان ئي ڪجهه نٿا سکون؟ هيءَ سنسار ڪرم ڀومي آهي. "ڪرمن سندو کيت" آهي. جيڪو ڀوڳڻ ڀوڳي چڪا آهيون اهو هيٺ لٿي رهيا آهيون. جيڪو هيٺ ڀوڳي رهيا آهيون اهو ايندڙ جنم ۾ لهنداسين. اڳين اڳاڻن جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ بار بار ديهه جي بندن ۾ اچون ٿا پر اهي ڦل ڀوڳيندي، آئيندي لاءِ ٻيا نوان ڪرم ڪندا پيا وڃون. جيڪي ڪرم ڀوڳڻ کان رهجي ٿا وڃن، اهي سنچت ڪرمن جي ڀنڊار ۾ جمع ٿيندا پيا وڃن، اهو ئي ڪرمن جو سلسلو آهي.

س - ۱۴۴۸. اسان ترقي ڪري هيٺ هڪ اوچ سڀيتا جي اوستا پراپت ڪئي، ممڪن بڻياسين ته ڇا اهو ممڪن آهي ته اهو سڀ ڪجهه وڃائڻ بعد اسين وري ڇيتنا جي هيٺين درجي ۾ جيئن ته باندر وغيره جي روپ ۾ جنم وٺون؟

ج - مهنجي ويچار ۾ هن اڄوڪي اوچي سڀيتا اسانکي نيڪ انسان نه بڻايو آهي انهيءَ ڪري توهان سان سهمت نه آهيان. ليڪن سڀيتا جي پراچين اتهاس سان ڀيٽ ڪري ڏسو. توهين اهو نٿا چئي سگهو ته اسان جهيڙا جهڳڙا بند ڪيا آهن. اسان ۾ ڪو، اوگڻ ڪونهي، اسين ڪڏهن ڪلاءِ چغلي نٿا ڪريون، ڪڏهن هٿيا نٿا ڪريون. پراڻا ماڻهو هٿن سان، تلوارن سان وڙهندا هئا. هيٺ اسين هڪ ئي ير سان هزارن لکن انسانن کي ختم ڪريون ٿا. مان نٿو سمجهان ته هاڻوڪي سڀيتا ڪنهن به ڳالهه ۾ اسانکي پهرينءَ سڀيتا جي ڀيٽ ۾ نيڪ انسان بڻايو آهي. هن سڀيتا سبب اسان ۾ اتم انساني گڻ پيدا نه ٿيا آهن. سڀيتا جو ۽ رهڻيءَ ڪرڻيءَ جي اوچي درجي جو مقصد آهي، اسانجي خوشي ۽ شانتي وڌائڻ. سڀيتا جي ترقي ماپڻ جي ڪسوٽي هئڻ گهرجي، سچي محبت ۽ خوشي. اسين اهو نٿا چئي سگهون

س - ۴۴۴. ڇا ڪو ستسنگي حيواني جوڻ ۾ وڃي سگهي ٿو؟ ڀلي هنکي پورن گروءَ کان ٿي نام مليو هجي؟

ج - اهڙي ستسنگيءَ جا ڪرم نهايت خراب ۾ هجن تڏهن ۾ هنکي منش جوڻ کان هيٺ نه موڪليو ويندو. اُنهيءَ کي جانور بڻجڻ جي ضرورت ڪونهي. پورن گروءَ جا شش هيٺ نه ويندا آهن، مٿين طرف ٿي ويندا. اهڙي ستسنگيءَ کي وري منش جنم ملندو جنهن ۾ هُو پنهنجي خراب ڪرمن جو ڦل ته ڀوڳيندو پر هن کي هيٺين جوڻين ۾ نه وڃڻو پوندو.

س - ۴۴۵. تمام وڏي غلطي ڪرڻ تي ۾ ڇا ستسنگي جانور جي جوڻ ۾ نه ويندا؟

ج - جن کي نام مليو آهي، اهي نه ويندا. ها عام حالتن ۾ منش کي ڪرمن انوسار مناسب جوڻين ۾ جنم ڏنو ويندو آهي، پر توهان ستسنگيءَ جي باري ۾ پڇيو آهي. ستسنگيءَ کي هيٺ وڃڻ ضروري ڪونهي. هُو اُتان ٿي مٿين طرف چڙهائي ڪري سگهي ٿو.

س - ۴۴۶. مهاراج جي، آتما سرير ۾ ڪڏهن داخل ٿئي ٿي. ٻار جي ڄمڻ وقت يا اُنهيءَ کان پهرين؟

ج - جڏهن ٻار ۾ ساهه پوندو آهي. ساهه پوڻ يا آتما جو داخل ٿيڻ ساڳي ڳالهه آهي. جيسين مالڪ جو حڪم نٿو ٿئي، هنجي موج نٿي ٿئي، ڪابه آتما سرير ۾ داخل نٿي ٿي سگهي. هرهڪ آتما جيڪا دنيا ۾ اچي ٿي خاص سنبنڌ سبب ايندي آهي ۽ اهي سنبنڌ ٿي هنکي هتي سنسار ۾ وٺي اچن ٿا. دراصل آتما گرڀ ٽيڻ وقت ٿي داخل ٿيندي آهي پر ٽئين مهني بعد سچيت ٿيندي آهي.

س - ۴۴۷. سنسار هڪ اهڙو اِستان آهي جتي اسين سکون ٿا. ڇا اُنهيءَ کي ڪرم چئبو آهي؟

ج - سنسار ۾ اسين ڇا ٿا سکون؟ دکي رهڻ؟ اُنهيءَ دک ڪشٽ جو هڪ حصو بڻجي رهڻ؟ ڇا اسين گذريل جنمن جي آزمودن مان صحيح لاڀ وٺي رهيا آهيون؟ ڇا اسانکي گذريل جنمن جي ياد آهي؟

جيڪا اسانجي سرت کي اسانجي خيال ڪري اتي اسٿر ڪري سگهي
ڪا اهڙي شيءِ به هئڻ گهرجي جيڪا سرت يا آتما کي مٿين طرف
ڇڪي سگهي. سمرن ۽ ڌيان جي مدد سان ٿي سرت کي اتي ايڪاگر
ڪري اسٿر ڪري سگهجي ٿو، جتي شبد گونجي رهيو آهي. جڏهن
شبد سان جڙون ٿا، تڏهن ازخود اندرين جي پوڄن، سنساري پدارٿن
کان الڳ ٿي وڃجي ٿو. اهوئي سنت مت جو سڌانت آهي. زبردستي
پنهنجي من کي سنسار مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪڏهن به ڪامياب
ٿي نٿي سگهي. من کي جيتڻ لاءِ، انهيءَ کي واپس ترڪٽيءَ انهيءَ
جي بيٺڪ تي وٺي وڃڻ لاءِ، هن کي اندرين جي پوڄن کان وڌيڪ
آتم، اوچو ۽ سچو سواد ڏيڻو پوندو آهي. اهو ابناسي مهارس شبد
آهي، جيڪو هرهڪ جي اندر، اکين جي پويان جهنڪار ڪري رهيو
آهي. انهيءَ مرڪز تي پهچي پنهنجو پاڻکي شبد سان جوڙڻو آهي،
نام سان جوڙڻو آهي.

س - ٤٤٣. يا اهڙي طرح چئجي ته جيسين پرماتما لاءِ پيار پيدا
نه ٿيو آهي، سنسار جو پيار هٽائي نٿو سگهجي؟

ج - ها، اهو ٺيڪ آهي. مثال طور جيڪڏهن نديءَ جي پاڻيءَ
کي بند لڳائي روڪيو وڃي ته اهو بند ڪيترو وقت قائم رهي سگهي
ٿو؟ ڪجهه وقت کان وڌيڪ نه. جڏهن پاڻي وڌيڪ اندازه تي
وڌندو ته بند ٽٽي پوندو ۽ پاڻيءَ جو وهڪرو ايترو زور پڪڙيو تي
وڌندو جو ڪنارا به ٽوڙي ڇڏيندو ۽ ڪافي نقصان ڪندو. پر جيڪڏهن
بند به لڳايو وڃي ۽ انهيءَ سان گڏ پاڻيءَ جي وهڪري جو ڪنهن
ٻئي طرف رخ ڪجي ته بند لڳائڻ مان فائدو به ٿيندو، اهو انهيءَ
جڳهه تي ٽڪيو به رهندو ۽ پاڻي به ٻئي طرف وهندو رهندو. اهڙي
طرح ڦهليل خيال کي ٽئين تل تي ايڪاگر ڪري، شبد جي مدد سان،
من جي وهڪري کي اندرئين طرف موڙڻو آهي. جڏهن من جي ڌارا
اندر ۽ مٿين طرف رهي ٿي ته پوءِ هيٺ اندرين جي پوڄن طرف رخ
نٿي رکي. من ته اهوئي آهي. هنکي چاهي هيٺ وٺي وڃو چاهي مٿي.

س- ۴۴۰. مهاراج جي، اِنهيءَ جو اِهو اَرٿ ٿيو تہ جيڪڏهن ڪبهجا ڪرم جانورن جهڙا آهن تہ ڇا اُهو ايندڙ جنم ۾ جانور ٿيندو؟

ج- ٿي سگهي ٿو هو ڪنهن نئين جنم ۾ حيوان هجي ۽ اُنهيءَ ٿي ڪنهن پرين سنسڪارن جو اثر هجي. اِهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هو وري حيوان بڻجي ۽ ڇو نہ؟

س- ۴۴۱. جانورن جي حالت ۾ ڏاڪڻ جو آخري ڏاڪو ڪهڙي جوڻ آهي يعني منش کان هڪدم هيٺيون جانور ڪهڙو آهي؟

ج- اِنهيءَ قسم جي جوڻ ۾ ڪيترائي جانور اچي وڃن ٿا ۽ ڪين بہ هڪ جو نالو نٿو وٺي سگهجي. ڇٽن تتن وارا جانور ڳئون، ٻڪرو، گهوڙو، هاٿي يا ٻيو ڪوبہ ڇٽن ٻيرن وارو جانور ٿي سگهي ٿو. اِهي سڀ منش کان هيٺئين درجي ۾ اچن ٿا.

س- ۴۴۲. پنرجنم جي باري ۾ منهنجو وڇار آهي تہ، اِنهيءَ ٻرهم جي اٿاهہ ساگر ٻرم پتا پرماتما ۾ سمائجڻ بعد، سڀن جگياسن کي واپس نٿو اچڻو پوي. ڇا اِهو ٺيڪ آهي؟

ج- اسانجا موهہ اسانکي سنسار ۾ چڪي وٺي اچن ٿا. جيستائين اسانجي اندر سنساري پدارٿن ۽ شڪلين جو موهہ آهي، اسانکي بار بار هتي جنم وٺڻو پوندو. مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ، اُنهن جي موهہ جو تياڳ ۽ پريو پريم، نهايت ضروري آهن. اسين پنهنجي من دوارا، اندرين ۽ اندرين جي سنساري ڀوڳن سان ٻڌا پيا آهيون. تنهنڪري من کي اندرين جي ڀوڳن جي باري ۾ وچارن کان هٽائي، مالڪ سان پيار، مالڪ جي ڀڳتيءَ ۾ لڳائڻو آهي. اسان سڀني جي اندر ٽنين تل تي شبد يا نام گونجي رهيو آهي. من ۽ آتما جي بينڪ ٽنين تل تي سرت کي ايڪاگر ڪرڻو آهي. اِنهيءَ اِستان تان، نون دوارن ذريعي اسانجو خيال هيٺئين طرف ڇڪبو رهندو آهي. اِنهيءَ ڪري جيستائين ڦهليل خيال کي وري ٽنين تل تي ايڪاگر نہ ڪبو، تيستائين اسين پنهنجو روحاني سفر شروع ڪا ڪري سگهون. اصلي روحاني سفر اِتان تي شروع ٿيندو آهي. اِنهيءَ اِستان تي اهڙي ڪا شي [illegible] ...

ڪِي بہ ڏسڻ ۾ نہ اچڻ سبب ميٺهن هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي رهي هئي تہ پڏي مائيءَ سمجهيو تہ چمدوس اچي ويا آهن. هن هڪدم چيو، "منهنجي ڌيءَ هن ڪمري ۾ آهي."

اسين چوندا آهيون تہ اسين تيار آهيون پر موقعي اچڻ تي خبر پوندي آهي تہ اسانجي سچ پچ حالت ڪهڙي آهي. اِها ڄاڻ هوندي بہ تہ اسين دکن مصيبتن سبب پريشان آهيون. اِهو معلوم هوندي بہ تہ گذريل جنمن ۾ ڪيل ڪرمن جو ڦل ڀوڳيندي دکي ٿي رهيا آهيون تنهن هوندي بہ پنهنجي حالت کي سڌارڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪريون. گذريل ڪرمن جو ڦل هميشہ ڀوڳي رهيا آهيون. آئينده لاءِ وري اُهيئي خراب، اَشڀ ڪرم ڪندا پيا وڃون. جيئن پهرين اندرين جا غلام هئاسين، ساڳي طرح هميشہ بہ آهيون. جهڙا پهرين ڪرم ڪندا هئاسين، اهڙا اڄ بہ ڪري رهيا آهيون. پوءِ پنهنجي گهر واپس ڪيئن پهچي سگهبو؟ اسانکي وري هتي اچڻو پوندو. اسان گذريل خراب ڪرمن، غلطين مان ڪو بہ سبق نہ سکيو، ڪو بہ منش سبق نٿو سکي. اسين بار بار پڇتاءُ ظاهر ڪريون ٿا. گذريل ڪرتوتن سبب شرمسار ٿيون ٿا پر موقعي اچڻ تي ايندڙ جنم لاءِ وري بہ ساڳيائي ڪرم ڪندا پيا وڃون. جيڪڏهن هن زندگيءَ ۾، جيڪا هن وقت آهي اِها حالت آهي تہ گذريل جنم ۾ ڪهڙي حالت رهي هوندي. اسين ڀانجي ويا آهيون تہ اسانجي دکن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؛ اسين وري ساڳيءَ طرح ڦاسي پوڪيندا پيا وڃون.

س- ۴۳۹. مهاراج جي، ڇا آتما منش مان هيٺين جوڻين ۾ بہ وڃي سگهي ٿي؟

ج- ها، ڇو نہ؟ اِنجيءَ جو فيصلو اسان جا ڪرم ٿي ڪندا آهن. ڪرمن جو قانون اِهو ٻڌائي ٿو تہ منش ترقي ڪري مالڪ ۾ سمائجي سگهي ٿو. جيڪو هنجو آد ڪان اصلي سرجڻهار آهي ۽ هيءُ جانورن يا ٻين هيٺين جوڻين ۾ بہ وڃي سگهي ٿو. جن مان گذريل جنمن ۾ ترقي ڪندي منش بڻيو آهي.

هونديءَ آهي تہ اسين سدائين انهيءَ جي باري ۾ سوچيندا رهندا آهيون. انهيءَ سان ايتري نفرت هوندي آهي جو ڪيس دماغ مان ٻاهر بہ ڪڍي نٿو سگهجي. اسين پنهنجيءَ حالت کي سڌارڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون. دراصل انهيءَ سان پيار هوندو آهي. جيئن تہ اسين انهيءَ کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائي نہ سگهندا آهيون، تنهن ڪري اسين انهيءَ سان نفرت ڪريون ٿا. پر دراصل ان سان پيار هوندو آهي نہ تہ ٻيءَ حالت ۾ اسين انهيءَ شيءِ جي باري ۾ سوچيون ڇو؟ جيڪڏهن اسين من مان پاڻ ڪڍي ڇڏيون بلڪل وساري ڇڏيون تہ پوءِ نفرت جو سوال ئي نٿو اٿي. ڪنهن سان بہ نفرت ڪرڻ سان اسانکي انهيءَ شيءِ لاءِ لڳاءُ پيدا ٿي ويندو آهي. ان سان ڪرم جي بندنن ۾ ٻڌجي ويندا آهيون.

س - ۴۳۸. اها ڄاڻ هوندي بہ تہ هن دنيا ۾ ڪيترو دک آهي، مصيبت آهي تنهن بہ آتما اوچ بندن مان هيٺ ڇو اچڻ چاهيندي آهي؟

ج - هيٺر بہ اسين ڪهڙو متي وڃڻ ٿا چاهيون. اسانجي چوڌاري دک ئي دک آهن پر جيڪڏهن ڪو چوي تہ مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃ تہ ڇا اسين هڪدم مرڻ لاءِ تيار ٿي وينداسين. اسين تہ چونداسين ”نہ هيٺر تہ اڃا ڪيترائي ڪم ڪرڻا آهن.“ سنسار ۾ ايترن دکن هوندي بہ اسين سنسار کي ڇڏڻ نٿا چاهيون. چوڻ تي چئي سگهون ٿا تہ اسين مرڻ لاءِ تيار آهيون. جيڪڏهن من جي اندر ڪوجِ ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ جيڪڏهن سچ پچ موت جو سڏ بہ اچي تہ اسين تيار نہ آهيون. حضور مهاراج جن هڪ مزيدار قصو ٻڌائيندا هئا. هڪ ٻڍي مائيءَ جي ڌيءَ تمام بيمار هئي ۽ هوءَ پرماتما کي پرارٿنا ڪندي هئي ”اي مالڪ مون کان ڌيءَ جو ڪشٽ سهن نٿو ٿئي، منهنجا پراڻ وٺ پر هن کي بخش.“ ان وقت هڪ ڪاري مينهن آئي ۽ اگهڻ ۾ ٻڌل هڪ دلگڙي ۾ ڪانڌ لاءِ منهن وڌائين تہ سڱ دلگڙي ۾ ڦاسي پيس. جنهن مينهن پنهنجا سڱ متي ڪيا تہ هوڙائين ٻڍي مائي اچي رهي هئي.

دفعي هڪ هڪ ڪهنيءَ ماڻ وچي رهيو هو ۽ أنهيءَ جي پٺيان پٺيان
ششِ اچي رهيا هئا. هو هميشه پرماتما جي پيار جي مستيءَ ۾ رهندو
هو. جڏهن هو اهڙي طرح وڃي رهيا هئا ته هڪ ناچو ڇوڪري خوشيءَ
سان نچندي پنهنجيءَ بپرواهيءَ ۽ مستيءَ ۾ أنهن ڏانهن آئي. صوفي
فقير أنهيءَ کي چيو، ”مالڪ ڪيترو نه سهڻو آهي!“ جنهن ته گروءَ
هنکي چيو هو، ششن به هنکي چيو ”مالڪ ڪيترو نه سهڻو آهي!“
گروءَ اها ڳالهه ڏٺي. جڏهن ٿورو اڳيان وڌيا ته هڪ لوهار جي گرم
لوهه جي پتري کي چيو ۽ چيو ”مالڪ ڪيترو نه سهڻو آهي“! پر
ششن کي هيڪ ٿي. تڏهن گروءَ ششن کان پڇيو ”هيئر توهان جو
پرماتما لاءِ پيار ڪيڏانهن هلي ويو؟“ تنهن ڪري ڪيترا دفعا اسين
صرف پنهنجي ڪمزوريءَ تي پردي وجهڻ لاءِ، پنهنجو پاڪ صحيح
ثابت ڪرڻ لاءِ، چوندا آهيون ته اسين ڪنهن مش کي نه، پر أنهيءَ
۾ جيڪو پرماتما آهي، أنهيءَ کي پيار ڪري رهيا آهيون. هر هڪ
کي شبد يا نام سان ئي پيار ڪرڻ گهرجي، ڇو ته شبد يا نام جو پيار
ئي اسانکي پرماتما سان ملائي سگهي ٿو.

س - ٤٣٧. جنکي اسين پسند نه ڪندا آهيون، أنهن ۾ ڇا اهڙي
ڪا ڳالهه به هوندي آهي، جنهنکي موهه جي أبتڙ چئي سگهون؟ ڇا
أنهيءَ قسم جو سمبنڌ، أنهکي واپس أنهيءَ حالت ۾ آڻي سگهي ٿو؟

ج- ڇا، توهانجو مطلب نفرت سان آهي؟

س - اسين أنهن شين جي ته ڳالهه ڪندا آهيون، جن سان اسانجو
پيار هوندو آهي پر ڇا ناڪاري پيار يا أبتي موهه ٿالي بہ ڪا شيءِ
ٿيندي آهي؟

ج- نفرت به پيار جو هڪ روپ آهي. جڏهن اسين ڪنهن سان
نفرت ڪندا آهيون ته دراصل أنهيءَ سان أهو پيار هوندو آهي نه ته
بيءَ حالت ۾ اسين هن سان نفرت نه ڪنداسين. جيڪڏهن اسين أنهيءَ
جي پرواهه ئي نه ڪريون، أنهنجي چنتا ئي نه هجي تہ اسين أنهيءَ
سان نفرت ڪيئن ڪري سگهون؟ جڏهن اسانکي ڪنهن لاءِ نفرت

ج- ڪرم ختم ڪري سگهجن ٿا. اُهي ناس ڪري سگهجن ٿا.
ٻنهي صورتن جو مقصد ته اهو آهي ته ٻنهي حالتن ۾ ڪرمن کي چڪائڻ
لاءِ سوين جنم کپن. ٻنهي صورتن دوران هڪ ئي، نه يا وقت ۾ وڏ چڙن
جنمن ۾ ڪرمن جو حساب چڪائي سگهجي ٿو. ٻنهي صورتن جو اعلي
اُرث ڪرمن جي ڀنڊار کي سماپت ڪرڻ آهي. ڪبير صاحب فرمايو
آهي ته جيئن اگنيءَ جي هڪ چڻنگ گاهه جي وڏي ڍير کي جلائي
رک بڻائي ٿي، اهڙي طرح نام جي ڪمائي لکين ڪروڙن ڪرمن
جي ڍير کي سواهه يا سماپت ڪري سگهي ٿي. نام جي ڪمائي گذريل
جنمن ۾ ڪيل سڀني ڪرمن کي ختم ڪري ٿي ۽ انهيءَ سان نوان
ڪرم جمع نٿا ٿين. سنچت ڪرمن جو تعلق اسانجي من سان آهي.
جڏهن شبد جي ڪمائيءَ سان من برهم ۾ ترڪٽي پنهنجي استان تي
پهچي وڃي ٿو ته اُهي ڪرم ناس ٿي وڃن ٿا. جيوءَ تي چاهي ڪيتري
۾ ڪٽ لڳل هجي، جڏهن انهيءَ کي سراڻ تي گسايو ويندو آهي ته
اُها صاف ٿيندي ويندي آهي ۽ چمڪڻ شروع ڪندي آهي. اهڙي
طرح جڏهن آتما شبد سان جڙي من جي صحبت ڇڏي ٿي ڏني ته
هوءَ نرمل ٿئي ٿي، پوتر ٿئي ٿي.

س- ۴۳۶. مهاراج جي، اسين لڳاءُ يا موهه جي احساس يا انهن
کانسواءِ پنهنجي ڪٽنب، دوست، مٽن مائٽن وغيره کي ڪيئن ٿا پيار
ڪري سگهون؟ اسين انهن کي پيار به ڪندا رهون ۽ انهن سان موهه
نه هجي، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

ج- جڏهن اسين سڀني کي پيار ڪندا آهيون ته ڪنهن سان به
لڳاءُ نه هوندو آهي. سڀني کي پيار ڪرڻ جو اُرث ڪنهن خاص شخص
کي پيار ڪرڻ ڪونهي، اهو ته هر هڪ ۾ جيڪا مالڪ جي شڪتي
آهي، انهيءَ کي پيار ڪرڻو آهي. پر اهو چئي ته اسين [illegible]
سرشٽيءَ سان پيار ڪري رهيا آهيون، پنهنجي ڪمزوريءَ کي [illegible]
جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. مان توهان کي هڪ صوفي [illegible]
سنڌس زندگيءَ ۾ لکيل واقعي جو هڪ ننڍو حصو [illegible]

سان آهي ته توهين جانور کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا. جيڪڏهن اندر ۾ شبد سان جڙيل آهيو ته شبد جي ڪشش ايتري شڪتي شالي ٿيندي آهي جو جيڪڏهن جانور کي اسان لاءِ موهه آهي ته اهو به شبد ڏانهن ڇڪجي ويندو. جيڪڏهن اسانجو شبد سان پيار ڪونهي، پر ڪنهن ٻئي پدارٿ، منش يا پشوءَ سان پيار آهي ته اهي اسانکي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا. جيڪڏهن هٿ ۾ ڪتي جي زنجير آهي ۽ ڪتو اسان کان وڌيڪ طاقتور آهي ته اهو اسانکي پٺيان طرف ڇڪيندو. جيڪڏهن اسين ان کان وڌيڪ بلوان هونداسين ته اسين انهيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وينداسين.

اهو سڀ موهه جي بندن تي مدار رکي ٿو. جيڪڏهن اسانجو ڪنهن پدارٿ سان تمام گهڻو موهه آهي ۽ انهيءَ کان وڌيڪ طاقتور پدارٿ اسانکي ڇڪڻ وارو ڪونهي ته قدرتي اسين انهيءَ پدارٿ ڏانهن ڇڪجي وينداسين. جيڪڏهن اسين انهن پالتو جانورن کان وڌيڪ شڪتي شالي پدارٿ سان بڌل هونداسين ته قدرتي طور اهي اسان ڏانهن ڇڪجي ايندا. اهو سڀ موهه يا پيار تي مدار ٿو رکي.

س - ٤٣٤. مهاراج جي، ڇا ٻاهريون ظاهري موهه ئي اسان کي ڇڪيندو آهي يا اندر دٻيل موهه به؟

ج - ڪيترا ڀيرا من ۾ دٻيل موهه به پيا هوندا آهن، جنهجي باري ۾ اسانکي تڏهن خبر پوندي آهي، جڏهن ڪو موقعو ايندو آهي ۽ اهي سامهون ايندا آهن. پر ڇا ٻاهريان ظاهري موهه هميشه بلڪل چٽي طرح ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

س - ٤٣٥. ڇا اهو ممڪن آهي ته اسين اهڙي اوستا پراپت ڪريون جو، ڪرم، سرير ۾ اچي ڀوڳڻ بجاءِ مانسڪ روپ ۾ ڀوڳيا وڃن؟ مثال طور جيڪڏهن ڪنهن منش کي پنج جنم وٺڻا هجن. ڇا هو سڀ پنج جنم وٺڻ بنا به، ڪرمن جو حساب چڪائي سگهي ٿو يا سرير ڌارڻ ڪري ڪيس اهي ڪرم ڀوڳڻا پوندا؟ ڇا هن کي جسماني روپ ۾ انهن ڪرمن کي ڀوڳڻو پوندو يا ڪنهن اوچي منڊل ۾ وڃي سوکشم روپ ۾ انهن جو حساب [illegible] سگهي ٿو؟

ج- ڪرم ختم ڪري سگهجن ٿا. اهي ناس ڪري سگهجن ٿا. پڇڻ سمون جو مقصد ئي اهو آهي ته ته اِنءَ حالت ۾ ڪرمن کي چڪائڻ لاءِ سواءِ جنم ڪين. پڇڻ سمون ڏوارا هڪ ئي، ٻه يا وڌ ۾ وڌ چئن جنمن ۾ ڪرمن جو حساب چڪائي سگهجي ٿو. پڇڻ سمون جو اعليٰ ارٿ ڪرمن جي پيدا ڪي سماپت ڪرڻ آهي. ڪبير صاحب فرمائو آهي ته جيئن اگنيءَ جي هڪ چڻنگ. گاهه جي وڏي ڍير کي جلائي رک بڻائي ٿي، اهڙي طرح نام جي ڪمائي لکين ڪروڙن ڪرمن جي ڍيرن کي سواهه يا سماپت ڪري سگهي ٿي. نام جي ڪمائي گڏو گڏ جنمن ۾ ڪيل سڀني ڪرمن کي ختم ڪري ٿي ۽ انهيءَ سان نوان ڪرم جمع نٿا ٿين. سڃيت ڪرمن جو تعلق اسانجي من سان آهي. جڏهن شبد جي ڪمائيءَ سان من ٻرهم، ترڪٽي پهنچي استان تي پهچي وڃي ٿو ته اهي ڪرم ناس ٿي وڃن ٿا. چريءَ لي چاهي ڪيتري ۾ ڪٽ لڳل هجي، جڏهن انهيءَ کي سراڻ تي گسائو ويندو آهي ته اها صاف ٿي ويندي آهي ۽ چمڪڻ شروع ڪندي آهي. اهڙي طرح جڏهن آتما شبد سان جڙي من جي صحبت ڇڏي ٿي ڏني ته هوءَ نرمل ٿئي ٿي، پوتر ٿئي ٿي.

س- ٤٣٦. مهاراج جي، اسين لڳاءَ يا موهه جي احساس يا انيءَ ڪانسواءِ پنهنجي ڪٽنب، دوست، مٽن مائٽن وغيره کي ڪيئن ٿا پيار ڪري سگهون؟ اسين انهن کي پيار به ڪندا رهون ۽ انهن سان موهه نه هجي، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

ج- جڏهن اسين سڀني کي پيار ڪندا آهيون ته ڪنهن سان به لڳاءُ نه هوندو آهي. سڀني کي پيار ڪرڻ جو اَرٿ ڪنهن خاص شخص کي پيار ڪرڻ ڪونهي، اهو ته هرهڪ ۾ جيڪا مالڪ جي شڪتي آهي، انهيءَ کي پيار ڪرڻو آهي. ۽ اهو ٿئي ته اسين پرماتما جي سرشٽيءَ سان پيار ڪري رهيا آهيون، پنهنجي ڪمزوريءَ کي لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. مان لوهاڻڪي هڪ صوفي شخص جي مقدس زندگيءَ ۾ لکيل واقعي جو هڪ ننڍڙو حصو ٻڌائڻ ٿو. هڪ

سان آهي ته توهين جانور کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا. جيڪڏهن اندر ۾
شبد سان جڙيل آهيو ته شبد جي ڪشش ايتري شڪتي شالي ٿيندي
آهي جو جيڪڏهن جانور کي اسان لاءِ موهه آهي ته اهو به شبد ڏانهن
ڇڪجي ويندو. جيڪڏهن اسانجو شبد سان پيار ڪونهي ۽ ڪنهن
ٻئي پدارٿ، منش يا پشوءَ سان پيار آهي ته اهي اسانکي پاڻ
ڏانهن ڇڪيندا. جيڪڏهن هٿ ۾ ڪتي جي زنجير آهي ۽ ڪتو اسان کان
وڌيڪ طاقتور آهي ته اهو اسانکي پنهنجي طرف ڇڪيندو. جيڪڏهن
اسين ان کان وڌيڪ بلوان هونداسين ته اسين انهيءَ کي پاڻ ڏانهن
ڇڪي وينداسين.

اهو سڀ موهه جي بندن تي مدار رکي ٿو. جيڪڏهن اسانجو
ڪنهن پدارٿ سان تمام گهڻو موهه آهي ۽ انهيءَ کان وڌيڪ طاقتور
پدارٿ اسانکي ڇڪڻ وارو ڪونهي ته قدرتي اسين انهيءَ پدارٿ
ڏانهن ڇڪجي وينداسين. جيڪڏهن اسين انهن پالتو جانورن کان
وڌيڪ شڪتي شالي پدارٿ سان ٻڌل هونداسين ته قدرتي طور اهي
اسان ڏانهن ڇڪجي ايندا. اهو سڀ موهه يا پيار تي مدار ٿو رکي.

س - ۴۳۴. مهاراج جي، ڇا ٻاهريون ظاهري موهه ئي اسان کي
ڇڪيندو آهي يا اندر دٻيل موهه به؟

ج - ڪيترا ڀيرا من ۾ دٻيل موهه به پيا هوندا آهن، جن جي باري
۾ اسانکي ڪڏهن خبر پوندي آهي، جڏهن ڪو موقعو ايندو آهي ۽
اهي سامهون ايندا آهن. پر ڇا ٻاهريان ظاهري موهه هميشه بلڪل
چٽي طرح ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

س - ۴۳۵. ڇا اهو ممڪن آهي ته اسين اهڙي اوستا پراپت ڪريون
جو ڪرم، سرشٽي ۾ اچي ڀوڳڻ بجاءِ مانسڪ روپ ۾ ڀوڳيا وڃن؟ مثال
طور جيڪڏهن ڪنهن منش کي ٽي جنم وٺڻا هئا. ڇا هو سچ پچ جنم
وٺڻ بنا به، ڪرمن جو حساب چڪائي سگهي ٿو يا سرشٽي ڌارڻ ڪري
ڪهس لهي ڪرم ڀوڳڻا پوندا؟ ڇا هن کي جسماني روپ ۾ انهن ڪرمن
کي ڀوڳڻو پوندو يا ڪنهن اوچي منڊل ۾ وڃي سوکشم روپ ۾ انهن
جو حساب چڪائي سگهي ٿو؟

آنهنجو اسان سان پيار آهي اِنڪري هو ٻه آئي ئي پهچندا جتي اسين پهچنداسين. اسان سان پيار هئڻ سبب، ڪرمن جو اهڙو سمبنڌ ٿيندو جو اُنهنکي ٻه نـام ملندو ۽ آئي ئي پهچندا جتي اسين وينداسين. هوءَ اسان وانگر پرماتما سان پيار ڪرڻ شروع ڪندا پر جيڪڏهن اسانکي ئي شبد يا نام سان پيار ڪونهي ته پوءِ اُنهنکي اسان سان پيار ڪرڻ جو ڪو ٻه فائدو نه ٿيندو.

اسانجن مڃن مائٽن کي تڏهن فائدو پهچندو جڏهن اسين اندر اُنهيءَ انهد ناد يا شبد سان جڙيل هونداسين، اندر ستگرو ۽ شبد ٻه جڙڻ سان اسانجي ذريعي اُنهنجي ٻه مدد ٿئي ٿي پر جيڪڏهن اُنهنجي موهه پيار ۾ ٻڌل اسين پنهنجي مقصد پنهنجي مارگ-شبد جي ڪمائي ئي ڀلائي ڇڏينداسين ته اسين اُنهن ڏانهن ڇڪجي وينداسين. جيڪڏهن اسين ڪنهن ڀاري رولر يا اِنجڻ سان ٻڌل هجون ۽ اسانجي هٿ ۾ ڪتي جي زنجير آهي ته، اسان سان گڏ ڪتو ٻه ڇڪجي ايندو. پر جيڪڏهن اِنجڻ سان ٻڌل نه آهيون ۽ زنجير سان ٻڌل ڪتو نهايت طاقتور آهي ته هوءَ اسانکي پاڻ ڏانهن ڇڪي ويندو. اهڙي طرح ڀڄن سمرن ڪرڻ ۽ اُنهيءَ انهد شبد سان جڙڻ سبب، اسانجن مڃن مائٽن کي ٻه لاڀ پهچي ٿو ۽ اسانجو مالڪ سان پيار اسان سان گڏ اُنهنکي ٻه اُنهيءَ طرف ڇڪيندو. اهڙي طرح هوءَ ٻه اسان وانگر هن مارگ تي ايندا ۽ اسانجي ئي مقصد منزل تي پهچندا.

س - ١٣٣. جيڪڏهن اسانجو ڪنهن جانور سان پيار آهي ته ڇا اسانجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پوندي؟ هڪ ستسنگي چوندو آهي ته جيڪڏهن پالتو جانورن سان لاڏ روند ڪجي ته اسين اُنهنجي ذريعي ۾ اچي وينداسين. ڇا اُنهيءَ جو الٽو اثر نٿو ٿي سگهي؟

ج - اِنهيءَ جو تعلق توهانجي موهه سان آهي. جيڪڏهن توهانجو جانور سان پيار آهي ته سياڻپ آهي، هوءَ توهانکي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو. جيڪڏهن اهو جانور توهانکي پيار ڪري ٿو، پر توهانجي هرڻي ۾ اُنهيءَ لاءِ موهه ڪونهي بلڪ توهانجو پيار ڪنهن نهايت اوچ منڊل تي

آهن يا اسانجا موهه هوندا آهن. انهن ڏانهن ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي.
پنهنجو ڌيان پنهنجي سمرڻ ۾ رکڻ گهرجي. اهي خود بخود اچڻ بند ٿي
ويندا. اهڙي طرح انهن سان اسانجو حساب پورو ٿئي ٿو. اسان جو
انهن سان موهه ختم ٿي وڃي ٿو ۽ اسين اتين روحاني رسائي ڪري
سگهون ٿا. پنهنجي سمرڻ سبب موهه ناس ڪري سگهي ٿو. پر جيڪڏهن
ڪو تمام گهڻو موهه، انت-ويلي رهجي ويندو آهي تہ انهيءَ جي
صفائيءَ لاءِ وري جنم وٺڻو پوي ٿو. جيڪڏهن اهڙو موهه ڪونهي
تہ چاهي هن جنم ۾ گهٽجي نام جي ڪمائي يا ترقي پنهنجي ۾ نہ بہ ڪئي
هجي، تڏهن بہ جنم مرڻ جي ڏکن کان بچي سگهجي ٿو ۽ ڪنهن
اندرئين منڊل ۾ پنهنجي سمرڻ جي ڪمي پوري ڪري سگهجي ٿي.
پر مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ٿو.

س- ۴۳۳. ڇا اهو صحيح آهي تہ نامدان مليل ستسنگين جي موت
بعد، انهن جي مٽن مائٽن ۽ پيارن کي بہ ڪجھ ديا مهر پراپت ٿيندي
آهي؟ مثال طور، ڪنهن ستسنگيءَ جي مائٽ، هن جنم ۾ نامدان پراپت
نہ ڪيو هجي تڏهن بہ هنکي پئي جنم ۾ نامدان ملندو؟

ج- انهيءَ جو تعلق پيار سان آهي. جڏهن اسين شبد سان، ستگروءَ
سان پيار ڪندا آهيون تہ اسانجو پورو پتا پرماتما سان بہ پيار هوندو
آهي، اسانجو ستگروءَ سان پوبر آهي، ستگرو، پرماتما ۾ سمايل آهي،
تنهڪري اسين بہ ستگروءَ جي پوبر پيار سان پڌجي، ستگروءَ وانگر
پرماتما ۾ سمائجي ويندا آسين. جيڪڏهن اسانجي مٽن مائٽن جو، اسان
سان پيار آهي ۽ اسانجو ڪنهن نهايت اعلى شڪتيءَ سان پيار آهي تہ
اهي بہ انهيءَ ڏانهن موهت ٿيندا يا ڇڪجي ويندا، جتي اسين
ڇڪجندا ويندا آسين يعني جيئن اسين مالڪ ڏانهن ڇڪجندا ويندا آسين،
تيئن اهي بہ ڇڪجي ويندا.

جيڪڏهن اسانکي نام جي بخشش ٿي آهي ۽ شبد جي ڪمائي
ڪري اندر ستگروءَ سان جڙيل آهيون تہ اسانجي مٽن مائٽن کي اسان
سان پيار ڪرڻ ۾ لاڀ حاصل ٿيندو. اسانجو مالڪ سان پيار آهي،

نه ٿيا آهن. سيني ڪرمن جو ڀڳتان نه ٿيندو، تيستائين روحاني رسائي نٿي ٿي سگهي. اسين هن جنم جي موهه جي باري ۾ سوچون ٿا، ٿي سگهي ٿو ته گذريل جنم جا اهڙي ڪي مضبوط موهه هجن، جنهن کي اجا پورا ٿيڻو هجي. اهي موهه اسانکي دنيا ۾ واپس ڇڪي وٺي اچي سگهن ٿا.

س- ڇاهي روحاني ترقي به ڪٽي هجي، تڏهن به؟

ج- ڇاهي روحاني ترقي به ڪٽي هجي. پر انهيءَ حالت ۾ اسين اڳتي وڌندا رهنداسين ۽ پٺيان نه. اسانجو جنم پهرين کان بهتر ماحول ۾ ٿيندو. جتي انهن ڪرمن جو قرض آسانيءَ سان چڪائي سگهجي. هڪ دفعو صحيح مارگ تي اچڻ سان اڳتي وڌندا رهنداسين، پوئتي نه وينداسين. سست مست ۾ ڪنهن کي به ناڪاميابي نٿي ملي. هميش اڳيان ئي اڳيان وڌندو رهي ٿو. پر جيستائين موهه جو بندن ختم نٿو ٿئي. اسين پنهنجي اڄ ڪلهه وچي نٿا سگهون. پڇن سمرن ذريعي گذريل جنمن جا موهه به ختم ڪري سگهجن ٿا. جڏهن اسين سمجهندا آهيون ته ڪابه ترقي نه ٿي رهي آهي ته ان وقت به دراصل ترقي ٿيندي رهندي آهي. جنهنجي اسانکي ڄاڻ نه پوندي آهي. جهڙي طرح ديوار جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين سوراخ ڪرڻو هجي ته جيستائين آخر سنهو پڙدو نٿو ٽٽي، تيستائين ٻئي طرف ڪجهه نظر نه ايندو آهي. اهڙي طرح اسانکي پنهنجي ترقي ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي. اسان جو سنچت ڪرمن جو هڪ وڏو ڀاري ڀنڊار پيو آهي. جيستائين اهو ڀنڊار سماپت نٿو ٿئي، پرالبڌ ڪرم پوڳي، پورا نٿا ڪريون ۽ ڪريمان ڪرم بند نٿا ٿين، تيستائين اسين واپس پرماتما سان ميلاپ ڪيئن ٿا ڪري سگهون؟

سنچت ڪرمن جو ڀنڊار، پڇن سمرن ڪرڻ سان جلي ختم ٿئي ٿو. پڇن سمرن دواران موهه جا بندن ڍلا ٿين ٿا. ڪپڙا پيرا جڏهن اهڙي طرح ڪرمن جي صفائي ٿيندي رهندي آهي ته پڇن سمرن وقت ڪيترن قسمن جا استري پرش تجمندا ٿيندا نظر ايندا آهن، جن کي اسين نه سڃاڻندا آهيون. اهي اسانجا گذريل جنمن جا سنبنڌي هوندا

ڪريون ته اسانکي هيٺ موڪليو ويندو آهي، پرماتما ڄاڻي واڻي اسان کي هيٺين جونين ۾ موڪلڻ جا بهانا نٿو ڳولهي. هو اسانکي منش جنم جو پوري طرح فائدي وٺڻ جو موقعو ڏئي ٿو. جيڪڏهن هو ڏور پرتو هوندو آهي ۽ اسانکي واپس دنيا ۾ اچڻ جي اڇا نه هوندي آهي ته هو اسانکي واپس نه موڪليندو آهي. اسانکي پنهنجو پاڻکي سڌارڻ لاءِ، منش جنم جي پوري لاڀ وٺڻ لاءِ بار بار موقعو ڏنو ويندو آهي، پر جيسين روحاني ترقي نٿا ڪريون، تيسين جنم مرڻ کان ڇٽي نٿا سگهون ۽ اسانکي هيٺ واپس موڪليو ويندو. تنهن ڪري منش جنم جي اعليٰ موقعي جو پورو فائدو وٺڻ ضروري آهي.

جڏهن مور پکو ٿي ڏرتيءَ تي ڪري ٿو ته ورِي آنهيءَ کي ٽاريءَ ۾ نٿو لڳائي سگهجي. اهڙي طرح جيڪڏهن هيءُ موقعو هڪ دفعو هٿ مان نڪري ويو ته خبر ناهي وري ملي يا نه ملي. مالڪ دوارا مليل موقعي جو پورو پورو فائدو وٺڻ گهرجي. بائيبل ۾ اهڙا ڪيترائي حوالا يا مثال ڏنا ويا آهن ته اسانکي پنهنجو پرالبڌ، جيڪو اسين خود ٺٽي آيا آهيون، ڀوڳڻو پوي ٿو، اهو اسانجو پنهنجو خود جو ٺاهيل ڀاڳ آهي، جنهن کي اسين پرالبڌ به چوندا آهيون.

س- ٤٣٠. منهنجي لاءِ هيءُ مسئلو آهي ته جيڪڏهن اسين پرالبڌ گڏ ٺٽي آيا آهيون ته ڇا ڪيترائون ئي ڳالهيون اسانجي وس کان ٻاهر نه آهن؟

ج- اهو ٺيڪ آهي. ڪيترائون اسانجي وس کان ٻاهر آهن.

س- ٤٣١. مهاراج جي، ڇا اهو ممڪن آهي ته اسانجي اندر ڪي اهڙا اڻڄاتل موه هجن، جنجي اسانکي خبر ئي نه هجي؟

ج- ڪيترائي ڀيرا اسانکي پنهنجي موه ممتا جو گيان نه هوندو آهي. اسين سمجهندا آهيون ته موه رهيو ئي ڪونهي، پر جڏهن وقت ايندو آهي ته خبر پوندي آهي ته موه جو بندڻ ڪيترو مضبوط آهي. اسانجا هن جنم جا ۽ گذريل جنمن جا موه، اسانکي سنسار ۾ بار بار وٺي اچڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ڇو ته جيسين سڀ موه سماپت

اسين خراب ٻار ٻڻجون ٿا ته اسانکي انجو حساب چڪائڻو پوي ٿو. مثال طور ٻار مانا جي آڳيا نٿو مڃي، ڪنهن کي ڪشت ٿو پهچائي. مانا هن کي سمجهائي ٻجهائي نيڪ ٺئي ڪري سگهي ته هن کي ڏورو سخت ڏيڻو پوندو آهي. ائين نه آهي ته مانا کي ٻالڪ لاءِ پيار ڪونهي بلڪ انهيءَ لاءِ ته هوءَ هنکي صحيح مارگ تي آڻڻ چاهي ٿي. سٺو ٻالڪ ٻڻائڻ چاهي ٿي. اهڙي طرح ٻرم پتا ته پرڀو جو روپ آهي، ٻر اسانکي هميشه ٻڻايل قاعدن قانونن جي پوئواري ڪرڻ گهرجي. سمسار ۾ نيڪ ٻڻجي رهڻ گهرجي. جيڪڏهن اسين شرارتي ۽ شيطان ٻڻجنداسين اسانجو وهنوار وهنوار صحيح نه رهيو ته هنکي اسان کي سزا ڏيڻي پوندي. انهيءَ جو مطلب اهو ناهي ته هن اسان سان نفرت ڪرڻ شروع ڪئي آهي. ٻليل پٽڪيل انسان کي صحيح مارگ لي آڻڻ، نيڪ ڪرڻ ضروري آهي ۽ انهيءَ ڪم لاءِ مالڪ ڪيترن ئي قسمن جو بندوبست ڪيو آهي. هوُ خود ته ٻرم دیالو آهي.

س - ٤٢٩. ستسنگ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته منش جنم وڏن ڀاڳن سان ملندو آهي، هي ڏاڪڻ جو آخري ڏاڪو آهي، جتان اسين مٿي به وڃي سگهون ٿا ۽ هيٺ به ڪري سگهون ٿا. ڇا انهيءَ جو اهو مطلب آهي ته هڪ دفعو انهيءَ موقعي کي وڃائڻ سان، اسانکي وري منش جنم ملڻ نهايت مشڪل ٿيندو؟ ڪيترن ماڻهن کي ته اها خبر آهي، پر مان انهيءَ ڳالهه کي سمجهي نه سگهيو آهيان ته جيڪڏهن وري جنم مليو ته ڇا هن جنم ۾ ڪڏهن ڪرمن سبب ڪنهن ٻيءَ جوڻ ۾ به جنم ٿي سگهي ٿو؟

ج - جيڪڏهن اسين منش جنم جو پورو ۽ صحيح فائدو نٿا وٺون ته اسان کي هيٺين جوڻين ۾ به جنم ملي سگهي ٿو. اسانجون آشائون، ترشنائون، اڻپوريون ڳنڍيون واسنائون، موهه، ڪرمن سبب اسانکي هيٺين جوڻين ۾ جنم ملندو آهي. اسانکي انهن جوڻين ۾ موڪليو ويندو آهي، جن ۾ پنهنجن اڌوريون اڇائن کي پورو ڪري سگهون ۽ اڳيئين ڪرمن جو ڦل به ڀوڳي سگهون. جيڪڏهن ڪوشش ڪري روحاني ترقي نٿا

ج - حضرت عيسيٰ جي فرمائڻ جو اَرٿ اِهو آهي تہ اسان جي هردي ۾ بدلي جي ڀاونا نہ هئڻ گهرجي. اسانکي اِهو نہ سوچڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪنهن اڪ ڪيئي آهي تہ اسين بہ اُنهيءَ جي اڪ ڪيڊون يا اُنهيءَ کي پيار ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ڳل تي هڪ ٿڦڙ هڻي تہ ٻيو ڳل بہ اُنهيءَ جي سامهون ڪريو. عيسيٰ جو اُپديش آهي تہ پنهنجي پاڙيسريءَ سان پيار ڪريو، هڪ ٻئي ۾ ڀروسو ڪريو. عيسيٰ جو اُپديش پريم، اَمن ۽ شانتيءَ جو آهي ۽ نفرت ۽ بدلي جي ڀاونا جو ڪونهي. جڏهن من ۾ اهڙو پيار پيدا ٿي ويندو آهي تہ ڪنهن جي بہ خلاف هردي ۾ وير ڀاو نہ رهندو آهي. جيسين من نرمل نہ ٿو ٿئي، مالڪ جي ديا مهر حاصل نٿي ڪري سگهجي. حضرت عيسيٰ فرمائن ٿا تہ جڏهن پرماتما کي پرارٿنا ڪرڻ شروع ڪريو تہ اُنهيءَ کان اڳ، جيڪڏهن توهان ڪنهنکي معاف نہ ڪيو آهي تہ پهرين اُنهيءَ کي معاف ڪريو. جڏهن توهين ٻين کي معاف ڪندا تہ مالڪ توهان کي بہ معاف ڪندو. اِنهيءَ جو اِهو ارٿ آهي تہ پرارٿنا وقت دل ۾ نمرتا هئڻ گهرجي. مالڪ جي ديا مهر جذب ڪرڻ جي لائق هئڻ گهرجي. اِها تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن اسانجو من نرمل پوتر هوندو، سنسار طرف اُچٽ، اُداس ۽ نرموهي هوندو. جيڪڏهن من ۾ ڪنهنجي لاءِ نفرت، ساڙ، حسد يا ٻيائي آهي تہ هيءُ پوتر ڪونهي ۽ من جي رُوتي هيٺئين طرف آهي. اُن حالت ۾ مالڪ جي ديا مهر اُندر حاصل نٿي ڪري سگهجي. جڏهن هردي ۾ دک پهچائڻ واري مش لاءِ بہ نفرت وغيره جو ڀاو نہ هجي، تڏهن من نرمل، صاف، پوتر ٿي ويندو آهي. مالڪ جي ديا مهر حاصل ڪرڻ جي لائق ٿيندو آهي. جڏهن اُندر ۾ نفرت نٿي رهي، تڏهن پريو پريم اسانجي اُندر پيدا ٿئي ٿو. پريم سان ڀرپور هردي ۾ نفرت جو ڪو اِستان ئي نٿو رهي.

س - ۴۳۸. پر پرماتما تہ اسانکي معاف نٿو ڪري، هرهڪ ڪرم جو ڦل ڏئي ٿو.

ج - پرم پتا پرماتما پريم جي مورتي آهي. اسين اَگياني آهيون هن جي پيار، هن جي ديا کي اسين سمجهي نٿا سگهون. پر جيڪڏهن

س- ۴۲۵. جوتشي چوندا آهن ته جيڪو منش ڪنهن خاص مهورت ۾ جنم وٺندو آهي ته انهيءَ جي زندگي خاص نموني جي هوندي آهي. ڇا اهو سچ آهي؟

ج- جيڪڏهن مستقبل جي خبر پئجي به وڃي ته ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ ايندڙ وقت بدلي نٿو سگهجي، پاڻ ته پوئتو ئي پوي ٿو. انهيءَ ڪري جيڪي ڪجهه ٿيڻو آهي، انهيءَ باري ۾ اڳ ۾ ئي ڄاڻ حاصل ڪري پنهنجو پاڻ کي پريشان ڇو ڪريون؟ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن حادثي ٿيڻ کان ٻه سال اڳ ۾ پتو پوي ته هو ويچارو ٻه سال چنتا ۾ رهندو. ۽ خبر نه هجڻ جي حالت ۾ شايد اهي ٻه ڪلاڪ چنتا رهيس. انهيءَ مان ڪهڙو فائدو؟ جيڪڏهن ايندڙ جو يا ٿيڻ وارين گهٽنائن جي باري ۾ اڳواٽ خبر پئجي به وڃي ته انهيءَ مان ڪو به لاڀ حاصل ٿيڻو ڪونهي. جوتش وديا آهي ته ٺيڪ، پر انهيءَ جو پوري طرح گيان نهايت گهٽ ماڻهن کي آهي. انهيءَ ڪري اڪثر جوتشين جون ڪيل اڳڪٿيون غلط نڪرنديون آهن، انهن ڳالهين ۾ نه پوڻ گهرجي. جيڪا ڀاوي آهي، جيڪو قسمت ۾ آهي، اهو ٿي رهندو، انهيءَ ڪري انهيءَ جي چنتا ڇو ڪريون؟

س- ۴۲۶. جيڪڏهن ڀاڳيسري ستسنگي، هڪ ٻئي جي موٽر ۾ وڃن ٿا، واري واري سان موٽر (Car) هلائين ٿا ته ڇا انهيءَ ۾ به ڪرم لڳندو؟ ڪيترا پيارا ستسنگي گڏ ٻوڄن ڪاڻ ويندا آهن ۽ سوچيندا آهن ته پورين هن پئسا ڏنا هئا، هينئر منهنجو وارو آهي. ڇا انهيءَ ۾ به ڪرم لڳندو؟

ج- اهو ته اهڙي طرح آهي، جيئن اهو پڇڻ وڃي ته ساهه کڻڻ سان به ڪرم گڏ ٿين ٿا يا نه. اهڙي طرح وار ٿان ڪل لاهڻ ۾ ڪو به فائدو ڪونهي. ستسنگ پيار ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه نه ٿيندي آهي. اهڙين خسيس ڳالهين جي چڪرچال ڪرڻ مان ڪو به لاڀ ڪونهي.

س- ۴۲۷. مهاراج جي، ڇا هرهڪ پيداوار جو ٻج ٿيندو آهي؟ منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته ڇا انهيءَ جي پيدا ٿيڻ، ڏند جي سڙڻ، ڏند جي ڪرڻ جو قانون، پرماتما جو ٺهيل آهي؟

پوکي رهيا آهيون. انهيءَ ڪري پنهنجي پوري شڪتي شب ڪسان
شب ڪرمن جي ڪرڻ ۾ لڳائڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا ڳالهه مرضيءَ
مطابق نه ٿئي ته سمجهڻ گهرجي ته اهو ڪرمن جو ڦل آهي. ڪرمن
جي باري ۾ فيصلي ڪرڻ جو اهوئي مکيه طريقو آهي.

س - ۴۲۳. جيڪڏهن اسين ڪنهن لاءِ ڪجهه ڪريون ۽ نتيجو برو
اڪري ۽ خبر پوي ته، اهو اسانجي غلطيءَ سبب ٿيو آهي ۽ اسانکي
سچيءَ دل سان انهيءَ جو ڏک ٿئي ته، ڇا انهيءَ سان غلطي درست
ٿي سگهي ٿي؟

ج - اها ڳالهه مان هميشه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو
هوس ته اسانکي پنهنجي طرفان پوري ايمانداري ۽ نيڪ نيت سان
ڪنهن جي به ڀلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن
انهيءَ هوندي به نتيجو برو نڪري ته، چنتا نه ڪرڻ گهرجي. انهيءَ
کي ڀوالبڌ يا ڀاڳ سمجهي پوڻ گهرجي. انهيءَ کي درست نٿو ڪري
سگهجي. جيڪو ٿيڻو هو، سو ٿي ويو. اسانجي اندرين آتما پوتر آهي.
اسان ڄاڻي واڻي ڪجهه نه ڪيو، پر پنهنجين ڪمزورين کي صحيح
ثابت ڪرڻ لاءِ بهاني ڳولهڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. جنهن
حالت ۾ اسان سچي هردي سان ڀلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي
ته پوءِ مالڪ جي موج آهي، جيئن هو چاهي تيئن ڪري. جيڪڏهن
ڳالهه ائين ٿي وڃي ٿي ته پوءِ اهو اسانجي شڪتيءَ کان ٻاهر آهي.

س - ۴۲۴. ممڪن ۾ لکيل آهي ته سهس دل ڪنول تي پهچڻ
کانسواءِ ڪرمن جو مسئلو پوري طرح سمجهڻ ناممڪن آهي؟

ج - ها، اها خبر نٿي پئجي سگهي ته ڪهڙي ڪرم جو ڪهڙو ڦل
ملي رهيو آهي. اهو معلوم ٿي نه سگهندو ته ڪهڙو ڪرم ڀوالبڌ ۽
۽ ڪهڙو ڪرم ڪرمان آهي، جو ته اهو ڄاڻڻ اسان لاءِ مشڪل آهي.
تنهن ڪري اسانکي هڪ عملي واهپار ڌارا سان هلڻ گهرجي يعني
پنهنجي طرفان ڀلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ان بعد
هر هڪ ڳالهه مالڪ جي موج تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

س - ۴۲۵. جوتشي چوندا آهن تہ جيڪو منش ڪنهن خاص مهورت ۾ جنم وٺندو آهي تہ انهيءَ جي زندگي خاص نموني جي هوندي آهي. ڇا اهو سچ آهي؟

ج - جيڪڏهن مستقبل جي خبر پئجي بہ وڃي تہ ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ ايندڙ وقت بدلي نٿو سگهجي، باقي تہ ڀوڳڻو ئي پوي ٿو. انهيءَ ڪري جيڪي ڪجھ ٿيڻو آهي، انهيءَ باري ۾ پهرين ئي ڄاڻ حاصل ڪري پنهنجو پاڻ کي پريشان ڇو ڪريون؟ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن حادثي ٿيڻ کان ٻہ سال پهرين ٻڌايو وڃي تہ هو ويچارو ٻہ سال چنتا ۾ رهندو. ۽ خبر نہ هئڻ جي حالت ۾ شايد ٻہ ئي ڪلاڪ چنتا رهيس. انهيءَ مان ڪهڙو فائدو؟ جيڪڏهن ايندي جو پتا پوڻ وارين گهٽنائن جي باري ۾ پهرين خبر پئجي بہ وڃي تہ انهيءَ مان ڪو بہ لاڀ حاصل ٿيڻو ڪونهي. جوتش وديا آهي تہ ٺيڪ، پر انهيءَ جو پوري طرح گيان نهايت گهٽ ماڻهن کي آهي. انهيءَ ڪري اڪثر جوتشين جون ڪيل اڳڪٿيون غلط نڪرنديون آهن، انهن ڳالهين ۾ نہ پوڻ گهرجي. جيڪا ڀاوي آهي، جيڪو قسمت ۾ آهي، ٿي ئي رهندو، انهن ڪري انهيءَ جي چنتا ڇو ڪريون؟

س - ۴۲۶. جيڪڏهن پاڙيسري ستسنگي، هڪ ٻئي جي موٽر ۾ وڃن ٿا، واري واري سان موٽر (Car) هلائين ٿا تہ ڇا انهيءَ ۾ بہ ڪرم لڳندو؟ ڪيترا پيارا ستسنگي گڏ پوڄڻ ڪاڻ ويندا آهن ۽ سوچيندا آهن تہ پهرين هن پنهنجا ڏنا هئا، هينئر منهنجو وارو آهي. ڇا انهيءَ ۾ بہ ڪرم لڳندو؟

ج - اهو تہ اهڙي طرح آهي، جيئن اهو پڇيو وڃي تہ ساهہ کڻڻ سان بہ ڪرم گڏ ٿين ٿا يا نہ. اهڙي طرح وار ٿان ڪل الجهڻ ۾ ڪو بہ فائدو ڪونهي. ستسنگ پيار ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ ٿيندي آهي. انهن خسيس ڳالهين جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ مان ڪو بہ لاڀ ڪونهي.

س - ۴۲۷. مهاراج جي، ڇا هر هڪ پرارٻ جو بيج ٿيندو آهي؟ منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ ڇا اک جي بدران اک، ڏند جي بدران ڏند جي ڪرمن جو قانون، پرماتما جو ٺاهيل آهي؟

ڀوڳي رهيا آهيون. انهيءَ ڪري پنهنجي پوري شڪتيءَ سڀ ڪان شڀ ڪرمن جي ڪرڻ ۾ لڳائڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا ڳالهه مرضيءَ مطابق نه ٿئي ته سمجهڻ گهرجي ته اهو ڪرمن جو ڦل آهي. ڪرمن جي باري ۾ فيصلي ڪرڻ جو اهو ئي مکيه طريقو آهي.

س - ۴۲۳. جيڪڏهن اسين ڪنهن لاءِ ڪجهه ڪريون ۽ نتيجو برو نڪري ۽ خبر پوي ته اهو اسانجي غلطيءَ سبب ٿيو آهي ۽ اسانکي سچيءَ دل سان انهيءَ جو ڏک ٿئي ته ڇا انهيءَ سان غلطي درست ٿي سگهي ٿي؟

ج - اهڙي ڳالهه مان هميشه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس ته اسانکي پنهنجي طرفان پوري ايمانداري ۽ نيڪ نيت سان ڪنهن جي به ڀلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن انهيءَ هوندي به نتيجو برو نڪري ته چنتا نه ڪرڻ گهرجي. انهيءَ کي پرالبڌ يا ڀاڳ سمجهي ڀوڳڻ گهرجي. انهيءَ کي درست ٿو ڪري سگهجي. جيڪو ٿيڻو هو، سو ٿي ويو. اسانجي اندرين آتما پوتر آهي. اسان ڄاڻي واڻي ڪجهه نه ڪيو، اسو پنهنجين ڪمزورين کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ بهاني ڳولهڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. جنهن حالت ۾ اسان سچي هردي سان ڀلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته پوءِ مالڪ جي موج آهي، جيئن هو چاهي تيئن ڪري. جيڪڏهن ڳالهه ابتي ٿي وڃي ٿي ته پوءِ اهو اسانجي شڪتيءَ کان ٻاهر آهي.

س - ۴۲۴. پستڪن ۾ لکيل آهي ته سهس دل ڪنول تي پهچڻ کانسواءِ ڪرمن جو مسئلو پوري طرح سمجهڻ ناممڪن آهي؟

ج - ها، اها خبر تڏهن پئجي سگهي ته ڪهڙي ڪرم جو ڪهڙو ڦل ملي رهيو آهي. اهو معلوم ٿي نه سگهندو ته ڪهڙو ڪرم پرالبڌ ۽ ڪهڙو ڪرم ڪريمان آهي، جو ته اهو ڄاڻڻ اسان لاءِ مشڪل آهي. انهن ڪري اسانکي هڪ عملي واپارڪ ڌارا سان هلڻ گهرجي يعني پنهنجي طرفان ڀلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ان بعد هر هڪ ڳالهه مالڪ جي موج تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

س- ۴۲۱. اسانکي گذريل جنمن جا ڪرم ياد ڇو نه ٿا رهن؟

ج- جيڪڏهن اسانکي پنهنجون اڳيون غلطيون ياد رهنديون ته اسين آئينده اهي غلطيون نه ڪنداسين. انهيءَ جو اهو مطلب ٿيو ته آتما ڪڏهن به وري هن ڌرتيءَ تي واپس نه ايندي ۽ سڌو پرماتما ڏانهن ويندي. اهڙي حالت ۾ هرهڪ منش اڳين ڪندو ۽ رچنا سماپت ٿي ويندي. جيڪڏهن اسانکي خبر پئجي ويندي ته اسين هن سنسار ۾ ڇو آڻيا پيا آهيون، ڪهڙيون خراب عادتون ۽ خراب ڪرم اسانکي دنيا ۾ آڻڻ جو ڪارڻ بڻيا آهن ته اسين خراب ڪرم ڪرڻ بند ڪري ڇڏينداسين. ڪال ستپرش کان ڪجهه ور ورتا آهن، انهن مان هڪ اهو آهي ته آتمائن کي پنهنجي ڪيل گذريل ڪرمن جي ياد نه رهي. ٻيو ور اهو آهي ته جيتي به ڪنهن جيو کي جنم ڏنو وڃي ته انهيءَ کي اها جوڻ سٺي لڳي. اهڙا ور به آهن جن جي باري ۾ توهان "پرماتما ٻي پتر" ناگي نڪي ۾ پڙهيو آهي. هن رچنا کي جاري رکڻ لاءِ ڪال کي اهي ور وٺڻ ضروري هئا. جيڪڏهن ڪنهنکي خبر پئجي وڃي ته اسين ڏک ڇو ڀوڳي رهيا آهيون، اسين دنيا ۾ ڇو آيا آهيون ته نه ڪو پاپ ڪندو ۽ نه ئي خراب ڪرم ڪندو. اهڙي طرح هيءَ رچنا ختم ٿي ويندي. پرماتما چاهي ٿو ته جڳت هلندو رهي، تنهنڪري اهو ضروري آهي ته اسانکي گذريل جنمن جي ياد نه رهي جنهن سبب اسين هتي قائل آهيون.

س- ۴۲۲. جڏهن اسين ڪنهنجي مدد ڪندا آهيون ته اها ڪيئن خبر پوي ته پراڻو قرض چڪائي رهيا آهيون يا نئون ڪرم ڪري رهيا آهيون؟

ج- اهو سوال پڇڻ به ڏکيو آهي. اهو ڄاڻڻ مشڪل آهي ته اڳيون قرض چڪائي رهيا آهيون يا نوان ڪرم ڪنا ڪري رهيا آهيون. ها، پنهنجي سمرن ڪرڻ سان اهڙي اوستا پراپت ٿيندي آهي. اسين اهڙي ترقي ڪندا آهيون جو اهو انڀو ٿيندو آهي ته ڪهڙي پراڻو پرالبد جي ڀوڳي رهيا آهيون ۽ ڪهڙي نئين ڪرم جو ٻج

ايندا آهن، چاهي انهنکي ڪجهه سمجهه ۾ نه به ايندو هجي. آتمائن ڪ
شبد مارگ تي آڻڻ جو، مالڪ جو پنهنجو ئي هڪ نرالو ڍنگ آهي.

س- ۱۹. نام ملڻ کان پهرين اسانجي سنڀال ڪير ڪندو آهي

ج- مالڪ، ستگورو، شبد، انهيءَ شڪتيءَ کي چاهي ڪجهه به چئو
اهوئي رکوالي ڪندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته هن جنم کان پهرين به اسان
کي نام مليو هجي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته اسانجو سنتن سان ڪنهن
قسم جو سنبنڌ رهيو هجي يا گذريل جنم ۾ گهڻو وقت مالڪ جي بندگي
۾ لڳايو هجي. ٿي سگهي ٿو ته اسين نام جا اڌڪاري هجون يا گذريل
جنم ۾ ستگوروءَ جو درشن نه ٿيو هجي، پر وشواس نه آيو هجي يا نام
جي ڪمائي نه ڪئي هجي. انهيءَ ڪميءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ وري
جنم مليو هجي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته روحاني سفر جو ڪجهه حصو پهرين
طئه ڪيو هجي ۽ هينئر اُن کان اڳتي لاءِ سفر شروع ڪيو هجي. سڀ
ڳالهه سمجهڻ مشڪل آهي. پر اڪثر گذريل جنم ۾ سنتن سان سنبنڌ
هئڻ جو سنسڪار هوندو آهي، انهن جو درشن ٿيل هوندو آهي، انهن
جي صحبت هوندي آهي، جنهن سبب اسين انهن ڏانهن ڇڪجي اچون ٿا.

۲۰. روحاني رستي ۾ چار اهڙيون هڪ اوستا ايندي آهي
ي گذريل ڪرمن جو گيان ٿيندو آهي، انهيءَ گيان جي
روپ آهي؟ انهيءَ جو ڪهڙو لاڀ آهي؟

حاني مارگ جي پهرين منزل ٽرڪٽي پار ڪرڻ بعد سيني
ر جو گيان ٿي ويندو آهي. جڏهن آتما من جي چنبي کان
ٿي، تڏهن هن کي گذريل جنمن جا ڪرم اهڙي طرح ڏسڻ
آهن، جهڙي طرح آرسيءَ ۾ پنهنجو چهرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.
رستا ٽرڪٽي پار ڪرڻ بعد ايندي آهي. پر انهيءَ اوستا ۾ جيو
...ن اڳين ڪرمن جي باري ۾ ڪجهه معلوم ڪرڻ ۾ ڪابه دلچسپي
رهي. اُن وقت آتما پنيان ڏسڻ بجاءِ اڳيان وڃڻ لاءِ منتظر
ي آهي. جيءَ انهيءَ ڳالهه جاڻڻ لاءِ منتظر نه هوندي آهي ته هن ڪهڙا
پ ڪيا هئا ۽ ڪهڙا ڏنڊ ڀوڳيا. جڏهن ڏيان اڳيان رهڻ ۾
وندو آهي ته انهن ڳالهين جي چنتا نٿي رهي.

س - ۴۲۱. اسانکي گذريل جنمن جا ڪرم ياد ڇو نٿا رهن؟

ج - جيڪڏهن اسانکي پنهنجون اڳيون غلطيون ياد رهنديون ته اسين آئينده اهي غلطيون نه ڪنداسين. انهيءَ جو اهو مطلب ٿيو ته آتما ڪڏهن به ورڻي هن ڌرتيءَ تي واپس نه ايندي ۽ سڌو پرماتما ڏانهن ويندي. اهڙي حالت ۾ هرهڪ منش ائين ڪندو ۽ رچنا سماپت ٿي ويندي. جيڪڏهن اسانکي خبر پئجي ويندي ته اسين هن سنسار ۾ ڇو آنيا آهيون، ڪهڙيون خراب عادتون ۽ خراب ڪرم اسانکي دنيا ۾ آڻڻ جو ڪارڻ بڻيا آهن ته اسين خراب ڪرم ڪرڻ بند ڪري ڇڏينداسين. ڪال ستپرش کان ڪجه ور ورتا آهن، انهن مان هڪ اهو آهي ته آتمائن کي پنهنجي ڪيل گذريل ڪرمن جي ياد نه رهي. ٻيو ور اهو آهي ته جتي به ڪنهن جيو کي جنم ڏنو وڃي ته انهيءَ کي اها جوڻ سٺي لڳي. ٻيا ور به آهن جن جي باري ۾ توهان ”پرمارٿي پتر“ ڀاڱي پهرئين ۾ پڙهيو آهي. هن رچنا کي جاري رکڻ لاءِ ڪال کي اهي ور وٺڻ ضروري هئا. جيڪڏهن ڪنهنکي خبر پئجي وڃي ته اسين دک ڇو ڀوڳي رهيا آهيون، اسين دنيا ۾ ڇو آيا آهيون ته نه ڪو پاپ ڪندو ۽ نه ڪي خراب ڪرم ڪندو. اهڙي طرح هيءَ رچنا ختم ٿي ويندي. پرماتما چاهي ٿو ته جڳت هلندو رهي، تنهڪري اهو ضروري آهي ته اسانکي گذريل جنمن جي ياد نه رهي جنهن سبب اسين هتي قائل آهيون.

س - ۴۲۲. جڏهن اسين ڪنهنجي مدد ڪندا آهيون ته اها ڪيئن خبر پوي ته پراڻو قرض چڪائي رهيا آهيون يا نئون ڪرم ڪري رهيا آهيون؟

ج - اهو سوال ٻڌڻ ۾ ڏاڍو وڏو آهي. اهو ڄاڻڻ مشڪل آهي ته اڳيون قرض چڪائي رهيا آهيون يا نوان ڪرم ڪنا ڪري رهيا آهيون. ها، ڀڄن سمرن ڪرڻ سان اهڙي اوستا پراپت ٿيندي آهي. اسين انتري ترقي ڪندا آهيون جو اهو انڀو ٿيندو آهي ته ڪهڙي ڳالهه پرالبڌ جي پوري رهيا آهيون ۽ ڪهڙي ڳالهه نئين ڪرم جو ج

آهن، اُنهن کي نون ڪرمن جي ٻج پوکڻ جو ڪجهه موقعو نٿو ملي، ٻيو
اُنهن جو سنچت ڪرمن جو ڀنڊار ٿي سگهي ٿو، جنهنکي پوکڻ لاءِ ڪين
ورجي سنسار ۾ اچڻو پوي ٿو.

س - ٤٢٥. مهاراج جي، هڪ ٻار جنم وٺندي ئي مري وڃي ٿو، اُنهيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

ج - اُنهيءَ جو ڪارڻ ماتا پتا، ڊاڪٽر، سنسار ۽ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن سان، ڪرمن جو سنبنڌ آهي. اُنهيءَ ٻار کي پرالبڌ ۾ لنبي زندگي ڏسڻ تہ نہ هو، پر ڪجهڻ ماڻهن سان هنجو ڏيڻ وٺڻ جو سنبنڌ هو، جنهن سبب هن کي دنيا ۾ اچڻو پيو. پر هوُ هتي زندهہ نہ رهي سگهيو. اهو سڀ گذريل ڪرمن جو ڦل آهي. مثال طور گر پوتي ماتا کي ڊاڪٽر، ساهڙين، مٽن مائٽن، اسپتال وغيره جي مدد وٺڻي پوندي آهي. اُنهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي تہ ٻار جو صرف ماتا پتا سان نہ، بلڪ اُنهن ذريعي ٻين ڪيترن ماڻهن سان ڪرمن جو سنبنڌ آهي. اهي سڀ ڪم پورا هوندا آهن. پر ٻار جي پرالبڌ يا ڀاڳ ۾ جيئڻ نہ هوندو آهي تنهنڪري هوُ جنم بعد هڪدم مري ويندو آهي.

س - ٤٢٦. جيڪڏهن ڪي ٻار جنم کان وٺي گياني آهن ۽ اهڙي وقت ۾ هوُ مهاپرش بڻجن ٿا تہ ڇا اُنهيءَ جو تعلق بہ اُنهن جي گذريل جنمن سان هوندو آهي؟ ڪهڙي ڳالهہ اُنهنکي عام انسان کان اُتم بڻائي ٿي؟

ج - جيڪڏهن ڪجهہ اسين آهيون، جيڪي ڪجهہ اسانکي بڻجڻو آهي قدرتي، اُنهيءَ جو تعلق اسانجي گذريل جنمن سان آهي. اُنهيءَ کي ڀاڳ يا پرالبڌ چيو ويندو آهي. اُسانجي پرالبڌ اسان سان گڏ ايندي آهي. اسين اُنهيءَ کي گڏ کڻي، جنم وٺندا آهيون ۽ اُنهيءَ کي زندگيءَ ۾ ڀوڳيندا آهيون. ساڳئي طور اُنهيءَ جو سنبنڌ اسانجي گذريل جنمن سان هوندو آهي.

س - ٻين لفظن ۾ ڇا اُنهيءَ ٻار ۾ پوئين يا گذريل جنم سبب اهڙي شڪتي هوندي آهي، جيڪا دنيا جي ٻين ماڻهن کان هن کي اُتم بڻائيندي آهي؟

ج- ها، ٺيڪ آهي.

س- ١٤/٧. ڇا ڪيترن آمريڪا جي ستسنگين جو ٻيهرن گڏ رهڻ
جنم پارٽ ۾ ٿيو هو؟

ج- آمريڪن، پارٽي، يورپي، مشرقي ستسنگين جي باري ۾ اهو
ڳالهه چوڻ مشڪل آهي. پر اُنهن ٻاهرين ديشن جي ستسنگين جو ڪنهن
نہ ڪنهن سنت سان گڏ رهڻ جنم ۾ ضرور سمبنڌ رهيو هوندو. جڏهن
ڪري هُو هن مارگ تي اچي ويا. اسين چاهي ڀارت ۾ جنم وٺون،
آمريڪا ۾ يا ڪنهن ٻئي ديس ۾، جڏهن اسانجا شبھ ڪرم جمع ٿين ٿا،
تڏهن ئي اسين سچي روحاني مارگ تي اچڻ جا حقدار ٿيون ٿا ۽ سنت
مت مارگ تي اچڻ يا ستگروءَ جو ملڻ، ڪو اچانڪ يا اتفاقي ڳالهه
ڪونهي. اسانجا ڪرم اسانکي اهڙي طرف آڻين ٿا. حالانڪ اسين
ٻاهران انهيءَ کي هڪ اتفاقي ميل سمجهندا آهيون. پر دراصل اهو
اسانجي ڪرمن جو ڦل يا اثر آهي، جيڪو آخود اسانکي انهيءَ مارگ
تي آڻي ٿو. اسانجو جنم چاهي ڪٿي بہ ٿيو هجي، جڏهن وقت اچي
ٿو تہ اسانجا ڪرم، اسانکي خود بخود نام مارگ تي وٺي اچن ٿا.

س- ١٤/٨. اسان مان ڪيترا ستسنگي، جگياسن کي سنت مت جا
پستڪ ڏيندا آهن، اُنهن جگياسن کي ستگروءَ جي باري ۾ ڪجھ انيڀو
بہ ٿيندا آهن، پر ٿنهن هوندي بہ نامدان نہ وٺندا آهن، اُنهيءَ جا ڪهڙا
ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟

ج- اهو سڀ سنسڪارن سبب ٿيندو آهي. سنسڪار جو آرٿ آهي
گذريل جنمن جي ڪرمن جو اثر. اهڙا ماڻهو ٻهراڻ سنت مارگ تي هئا
۽ اهي وري هن مارگ تي اچي ويندا. ڪيترن جگياسن يا ستسنگين
کي نام ملڻ کان ٻهراڻ بہ ڪيترائي انيڀو ٿيڻ شروع ٿيندا آهن، پر اهي
اُنهنکي سمجهي نہ سگهندا آهن. ڪيترا ديدا هُو اِئين محسوس ڪندا
آهن تہ اسان ۾ ڪو نقص يا خرابي آهي. دراصل جن آتمائن کي سنت
مت ۾ اچڻو آهي، شروع کان ئي اُنهنجي رهنمائي ٿيندي رهندي آهي.
اُنهنکي ٺيڪ مارگ تي رکڻ لاءِ اندر ۾ ڪو نہ ڪو نظارو ڏسڻ ۾ ايندو
آهي. ڪيترن جگياسن کي اندر ۾ گهڻن ئي قسمن جا نظارا ڏسڻ ۾
ايندو آهي.

آهن، انهن کي ٽن ڪرمن جي ڀڃ ڀوڳڻ جو گهڻو موقعو نٿو ملي، ٻيو انهنجو سنچت ڪرمن جو ڀنڊار ٿي سگهي ٿو، جنهنکي ڀوڳڻ لاءِ ڪين وري سنسار ۾ اچڻو پوي ٿو.

س - ۴۱۵. مهاراج جي، هڪ ٻار جنم وٺندي ئي مري وڃي ٿو، انهيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

ج - انهيءَ جو ڪارڻ ماتا پتا، ڊاڪٽر، سنسار ۽ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن سان، ڪرمن جو سنبنڌ آهي. انهيءَ ٻار کي پرالبڌ ۾ لمبي زندگي ڏسڻ نه هو، پر گهڻن ماڻهن سان هنجو ڏيڻ وٺڻ جو سنبنڌ هو، جنهن سبب هن کي دنيا ۾ اچڻو پيو. پر هو هتي زندهه نه رهي سگهيو. اهو سڀ گذريل ڪرمن جو ڦل آهي. مثال طور گرڀوتي ماتا کي ڊاڪٽر، ساهڙين، مٽن مائٽن، اسپتال وغيره جي مدد وٺڻي پوندي آهي. انهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي ته ٻار جو صرف ماتا پتا سان نه، بلڪ انهن ذريعي ٻين ڪيترن ماڻهن سان ڪرمن جو سنبنڌ آهي. اهي سڀ ڪرم ڀوڳڻا هوندا آهن. پر ٻار جي پرالبڌ يا ڀاڳ ۾ جيئڻ نه هوندو آهي تنهنڪري هو جنم بعد هڪدم مري ويندو آهي.

س - ۴۱۶. جيڪڏهن ڪي ٻار جنم کان وڏڪ گياني آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ هو مهاپرش بڻجن ٿا ته ڇا انهيءَ جو تعلق به انهن جي گذريل جنمن سان هوندو آهي؟ ڪهڙي ڳالهه انهنکي عام انسان کان اتم بڻائي ٿي؟

ج - جيڪڏهن ڪجهه اسين آهيون، جيڪي ڪجهه اسانکي بڻجڻو آهي قدرتي، انهيءَ جو تعلق اسانجي گذريل جنمن سان آهي. انهيءَ کي ڀاڳ يا پرالبڌ چيو ويندو آهي. اسانجي پرالبڌ اسان سان گڏ ايندي آهي. اسين انهيءَ کي گڏ کڻي، جنم وٺندا آهيون ۽ انهيءَ کي زندگيءَ ۾ ڀوڳيندا آهيون. سياويڪ طور انهيءَ جو سنبنڌ اسانجي گذريل جنمن سان هوندو آهي.

س - ٻين لفظن ۾ ڇا انهيءَ ٻار ۾ پوئين سا گذريل جنم سبب اهڙي شڪتي هوندي آهي، جيڪا دنيا جي ٻين ماڻهن کان هن کي اتم بڻائيندي آهي؟

چو ٿي ٿئي؟ هن جي ڪرمن جو بوجھ هلڪو ٿيندو آهي يا انهيءَ
جو اهو ارٿ آهي تہ انهيءَ کي نام مليل هوندو آهي ۽ هو وري جنم
نہ وٺندو؟ يا هن کي وري جنم وٺي باقي رهيل ڪرم ڀوڳڻا پوندا؟

ج- تمام وڏي عمر يا ننڍي عمر جو تعلق ڪرمن سان هوندو
آهي. جيڪڏهن ڪنهنجو جنم ٿيندي ئي يا ننڍي عمر ۾ موت ٿي
وڃي ٿو تہ اهو پرالبڌ ڪرمن سبب ئي آهي. انهيءَ جو اهو ارٿ ڪونهي
تہ اُن بعد اها آتما پرماتما سان ملي وڃي ٿي. چاهي انهيءَ آتما کي
اُن جنم ۾ ڪنهن نئين ڪرم ڪرڻ جو موقعو نہ مليو هجي، سنچت
ڪرمن جو ڀنڊار پيو هوندو آهي، جنهن مان هنجو ايندڙ جنم جو
پرالبڌ يا ڀاڳ ٺهندو آهي. ڪرمن سبب اسين هيٺين جوُڻين ۾ بہ وڃي
سگهون ٿا ۽ هيٺين جوُڻين مان منش ديهہ ۾ اچي سگهون ٿا. انهيءَ جو
سنبنڌ اسانجي اڀپورڻ اڇائن، اسانجي موهہ ۽ انهن ڪرمن جي لاڳ
سان ٿيندو آهي، جنهنجو ڦل هيئنر اسانکي نہ مليو آهي. انهن سڀني
ڳالهين سان ايندڙ جنم جو فيصلو ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪو ننڍي عمر
۾ مري وڃي ٿو تہ انهيءَ جو اهو ارٿ ڪونهي تہ هو مري، پرماتما
وٽ ويندو. اهو تہ غلط خيال آهي. انهيءَ ڳالهہ سان ڪوبہ فرق نٿو
پوي تہ ڪو پير ٿي مري ٿو يا ننڍي هوندي ئي مري ٿو. انهيءَ
ڳالهہ جو فيصلو، اسانجا ڪرم، ترشنا ۽ موهہ ڪندا آهن تہ مرڻ بعد
اسانکي ڪٿي وڃڻو آهي، ڪيتري عمر ڀوڳڻي آهي، ڪهڙي هيٺين
جوُڻ ۾ وڃڻو آهي يا وري منش جنم وٺڻو آهي.

نامدان ۽ نام جي ڪمائيءَ کانسواءِ ڪوبہ منش جنم مرڻ جي چڪر
مان مڪت ٿي نٿو سگهي. چاهي ڪو ننڍي عمر ۾ مري وڃي يا وڏي
عمر ۾، جيسين نام جي ڪمائي ڪري، گهربل ترقي نٿي ڪئي وڃي
ڪوبہ جنم مرڻ جي چڪر مان آزاد نٿو ٿي سگهي. اهو ڀڄن سمرڻ
سان ئي ممڪن آهي. انهيءَ سان ڪوبہ نٿو فرق پوي تہ عمر ننڍي
هجي يا وڏي. ڪيترا دفعا اسين گذريل جنمن جي ڪرمن جو ڦل
ڀوڳيندا آهيون ۽ ڪيترا پورا نوان ڪرم جمع ڪندا آهيون، جن کي
ڀوڳڻ لاءِ وري جنم وٺڻو پوندو آهي. جيڪي ننڍي عمر ۾ مري ويندا

جو اهو مطلب ناهي ته اسين پنهنجو انساني فرض پورو نه ڪريون
شڪتيءَ انوسار انهنجي جيتري گهٽي ۾ گهٽي مدد ڪري سگهون
ڪريون. پر مدد ڪرڻ وقت، انهنجي موهه ۾ ڦاسجڻ نه گهرجي.

س - ٤١٣. جيئن ته پنهنجا ٻار وغيره، جيڪي جنم کان ئي
ڪيترين بيمارين دماغي خرابيءَ وغيره سان پيدا ٿين ٿا، انهن کي
تعليم ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ڇا انهنجي ڪرمن ۾ دخل ڏيڻ ٿيندو؟
ڇا انهنجي مدد ڪرڻ گهرجي يا نه؟

ج - ڪرمن ۾ دخل ڏيڻ جو ته سوال ئي نٿو اٿي. ماتا جو فرض
آهي ته ٻار کي نيڪ ڪري، انهيءَ کي دنيا ۾ زندگي گذارڻ جو مناسب
طريقو سيکاري. دراصل جيڪڏهن ٻالڪ کي صحيح ۽ غلط جو فرق
سيکاريو نٿو وڃي ته اهو فرض نباهڻ ڪونهي. جڏهن ماتا پنهنجي پوري
ڪوشش ڪندي، پنهنجو فرض ادا ڪري ٿي ۽ باقي سڀ ڪجهه ڪرمن
تي ڇڏي ڏئي ٿي ته ڪرم پنهنجو ڪم خود بخود ڪن ٿا. ٻارن کي
پنهنجي سرپرڪ بي وسيءَ جي ٻاري ۾ ٻڌائڻ يا زندگي گذارڻ جي صحيح
مارگ جي ٻاري ۾ ٻڌائڻ ۽ هر قسم جي مدد ڪرڻ ڪرمن ۾ دخل اندازي
ڪرڻ ڪونهي. انهن کي سٺو نيڪ ٻار يا ناگرڪ بڻائڻ، صحيح زندگي
گذارڻ لائق بڻائڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سڀ ڪجهه
ڪرڻ بعد جيڪي ڪجهه انهيءَ تي گذري ٿو، انهيءَ کي انهنجي
ڪرمن جو ڦل سمجهڻ گهرجي. پر اسين پنهنجي بيپرواهيءَ کي ڪرمن
جو بهانو ڏيئي، واجب ٺهرائي نٿا سگهون. اهڙي ويچار ڌارا نه رکڻ
گهرجي. دراصل انهنجي مدد نه ڪرڻ، انهن کي نيڪ تعليم نه
ڏيڻ، انهنجي ڪرمن ۾ دخل ڏيڻ آهي. اسين عمر ۽ انڀو انوسار گهڻو
ڪجهه سکي چڪا آهيون ۽ انهيءَ انڀو يا آزمودي جو فائدو انهنکي
پهچائڻ اسانجو فرض آهي. انهيءَ فرض جي بجاآوري ڪرڻ ۾ ڪڏهن
سخت وهنوار به ڪرڻو پوندو آهي.

س - ٤١٤. مهاراج جي، جيڪڏهن ڪنهنجي عمر تمام گهٽ هجي
ته ڇا انهيءَ کي وري جنم وٺڻو پوندو؟ ڪنهنجي عمر اهڙي گهٽ

پرالبڌ جو اثر آهي. اسانکي ڦل ۽ پرالبڌ، ڀاڳ ۽ مالڪ تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. پر ڪوشش پنهنجي طرفان پوري ڪرڻ گهرجي.

س - ٤١١. ڪرمن جو ڇا اثر ٿيندو آهي. ماڻهو اڪثر اهڙي وقت ڪرمن جي چڪائڻ جي ڳالهه ڪندا آهن، جڏهن ڪا ڳالهه انهن کي پسند نه هوندي آهي يا تمام گهڻي پسند هوندي آهي؟

ج - ڪيترين ڳالهين ۾ اسين پنهنجي ڪمزوريءَ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ چوندا آهيون، پنهنجي طرفان ڪوشش ۽ محنت نه ڪرڻ لاءِ ڪنهن بهاني ٻڌائڻ لاءِ چوندا آهيون ته اهو مناسب ڪونهي.

س - ٤١٢. ڪو منش ٻين لاءِ ڪيتري حد تائين جوابدار آهي، جيئن هڪ پتي يا هڪ پتا جي روپ ۾؟ هو ڪنهن منش جي مانند بيماريءَ لاءِ ڪيتري قدر جوابدار آهي؟ پتنيءَ يا ٻار لاءِ ڪيستائين؟ ڇا جن ماڻهن سان هو رهي ٿو، انهنجي بيماريءَ لاءِ به هو جوابدار آهي ۽ انهنجي بيماريءَ لاءِ هنکي ڪرمن جو حساب چڪائڻو پوندو؟

ج - اسانکي پتي، پٽ، دوست، سنبنڌيءَ جي روپ ۾ ته صرف پنهنجي فرض موجب ٻين جي گهٽي ۾ گهٽي مدد ڪرڻ گهرجي. پر من ۾ انهيءَ باري ۾ سوچ ويچار نه ڪرڻ گهرجي. هرهڪ کي پنهنجن ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻو آهي. نه توهين ڪنهنجي لاءِ ذميوار آهيو، نه ڪو ٻيو توهان لاءِ. هرهڪ پنهنجي لاءِ خود جوابدار آهي.

جيترو جيترو اسانجو ڪنهن سان سنبنڌ آهي، اوترو ئي انهيءَ لاءِ اسانجي جوابداري آهي، اهو ئي فرض آهي. جنهن حالت ۾ مالڪ اسانکي سنسار ۾ رکيو آهي، انهيءَ ۾ رهندي پتي، پتني، دوست، ڀاءُ، سنبنڌي يا متر مائٽ جي ناتي انوسار پنهنجي فرض پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر انهنجي موهه ۾ نه ڦاسڻ گهرجي ڇو ته آخر شبد ابياس دوارا انهنجي بندن کان مڪت ٿيڻو آهي. انهنجي موهه ۾ ڦاسڻو ڪونهي، جڏهن توهين انهنجي موهه ۾ نه ڦاسندا ته چاهي انهنکي ڪيترو به سريرڪ يا مانسڪ ڪشٽ هوندو، توهان تي اثر نه ٿيندو ڇو ته انهنکي پنهنجن ڪرمن جو ڦل خود ڀوڳڻو آهي. انهيءَ

آهي لڇائون جيڪي هر روز پيدا ٿين ٿيون ۽ جيڪي هن زندگيءَ ۾ پوريون نٿيون ٿي سگهن، اُنهيءَ آرزوءَ لاءِ اسانکي وري جنم وٺڻو پوي ٿو. اسانجو ڪنهن ديس سان گنڍيل جنم جي ڪرمن جو سنبنڌ ٿي سگهي ٿو يا اُنهيءَ ديس ۾ جنم وٺڻ جون اڌوريون لڇائون به ٿي سگهن ٿيون.

س - ٤٠٩. مهاراج جي، اهو معلوم آهي ته ڪو به موت اچانڪ يا حادثي طور نٿو ٿئي يعني اڪال موت نٿو ٿئي پر ڇا توهين ٻڌائيندا ته جڏهن ڪنهن هوائي جهاز جي حادثي ۾ سيني ماڻهن جو گڏ موت ٿئي ٿو ته اُنهيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

ج - سڀ ڪجهه پرالبڌ انوسار ٿئي ٿو. جيستائين پرالبڌ ۾ لکيل آهي، اسين زنده آهيون. اُن بعد اسانکي هيءُ سرير ڇڏڻو پوي ٿو چاهي موت قدرتي طور اچي، حادثي دوارا ٿئي، اسپتال ۾ ٿئي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ٿئي. جيتري عمر رکيل آهي، اها پوري ڪرڻ بعد اسين زنده نٿا رهي سگهون.

س - ٤١٠. ڪرم ڪرڻ جو مطلب آهي پنهنجي طرفان سوچ ويچار ڪري، پنهنجو پاڻ کي آزاد سمجهي ڪرم ڪرڻ سان آهي. پوءِ ڪهڙو فرق ٿو پوي ته جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو پرالبڌ جي ڪري سبب ٿي رهيو آهي يا نه. جڏهن مَنُش کي ڪرم ڪرڻا ئي پون ٿا ته اُنهيءَ سان ڪو به فرق نٿو پوي ته هنجي پرالبڌ يا ڀاڳ ۾ ڇا آهي؟

ج - اسانکي پنهنجي طرفان پوري ورڪ، سٺي هردي سان، نيڪ نيت يا اِڇا سان، پوري ڪوشش سان ڪرم ڪرڻ گهرجي باقي ڦل پرالبڌ تي ڇڏڻ گهرجي. ڦل يا نتيجو اسانجي هٿ ۾ ڪونهي اهو مالڪ جي هٿ ۾ آهي. موجوده حالت انوسار اسانکي پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر ڪڏهن سچائيءَ سان ڪوشش ڪندي به اسانکي اهو ڦل پراپت نه ٿيندو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي مَنُش کي ٿوري ڪوشش ڪرڻ سان پراپت ٿي ويندو آهي. اتي

جيڪو پوکيو آهي اهو ئي اسين لڻي رهيا آهيون ۽ انهيءَ جا اسين
حقدار آهيون، انهيءَ ڪري اسانکي اهڙن ڪرمن جو ٻج پوکڻ گهرجي،
جنهن ڦل پوکڻ جا اسين طلبگار آهيون.

س - ٤٠٧. ڪيترن ماڻهن کي جنم کان ئي ڪيترن شين کان نفرت
هوندي آهي؟ مونکي خود بنا آزمائش جي ڪيترن شين سان دلچسپي
نه هئي، انهنجي استعمال ڪرڻ کانسواءِ، ننڍي عمر ۾ ئي انهن کان
نفري رهيس؟

ج - انهيءَ کي ڪرمن جو ڦل، ڪرمن جو اثر، ڪرمن موجب
سمجهڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن اسين اهڙن ماڻهن سان گڏجندا آهيون
جيڪي بنا ڪنهن سبب جي ازخود سٺا لڳندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن
وري اهڙا ماڻهو به ملندا آهن جي بنا ڪنهن ڪارڻ وڻندا ئي ڪونهن.
اهو سڀ ڪجهه ڪرمن سبب آهي. ڪڏهن ڪڏهن جذبات ۾ اچي،
بنا ڪنهن مقصد يا مراد جي اهڙا ڪرم ڪري وهندا آهيون جن جي
ڪارڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي به ڪو ڪارڻ ئي نه ملندو آهي
۽ تنهن هوندي به اسين ڪندا آهيون. اهڙين ڳالهين کي ڪرمن جو
سنبند يا اڳين گذريل جنمن جي ڪرمن انوسار رشتن ناتن جي آڌار
تي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون.

س - ٤٠٨. جيڪڏهن بنا ڪنهن ڪارڻ ڪنهن ديش لاءِ حس
موهه يا ڪشش هجي، جتي ڪڏهن ويا ئي نه هجون ته ڇا اهو
آهي ته گذريل جنم ۾ اسان انهيءَ ديش ۾ جنم ورتو هوندو؟

ج - ها ته انهيءَ ديس ۾ جنم ٿيو هوندو يا انهيءَ ديس کي هڪ
آدرش ديس سمجهي، ان ۾ جنم وٺڻ جي توهانکي اڇا رهي هوندي.
ڪيترائي ماڻهو دنيوي پدارٿن، ڌن دولت جا اڇا نه خواهشمند
هوندا آهن، جو انهنکي انهن ماڻهن سان حسد ساڙ هوندو آهي جن کي
اهي پدارٿ هوندا آهن. انهن پدارٿن جي پراپتيءَ جي تڙپ يا
ڪشش، قدرتي طور انهن ماڻهن کي انهيءَ استان تي وٺي وڃڻ جو
ڪارڻ ٿي سگهي ٿي. اسان کي ڪرمن سبب ئي جنم مليو آهي ۽

جھڙيءَ طرح هن خراب ڪرمن جو ڦل ڀوڳيندي ورندا هُئا يا ڏکي ٿيندا هُئا، تہ خيال سندار ۽ ٿيا هُئا وينداسين. اسين ڪڏهن بہ ڀڄي سگهڻ ٿي نہ ڪري سگهنداسين. اهو ڀلي ڪيڏي وقت ڪيو جو تہ ڏک سُک تہ سدائين هن سرشتي ساڻ آهن ٿا. انهيءَ ڪري سنت مهاتما سمجهائين ٿا تہ چاهي سٺن ڪرمن جو ڦل ماڻيندا هجو يا خراب ڪرمن جو ڦل ڀوڳيندا هجو تہ بہ پنهنجو خيال هميشہ مالڪ ۾ رکڻ گهرجي. انهيءَ ڪري پاڻ کي هن بِنا پاڻي ۾ رهڻ جيئن ويندو آهي. اسانکي پنهنجو پاڻ کي مالڪ جي حڪم، مالڪ جي پاڻي ۾ رکڻو آهي. پنهنجو پاڻ کي ڀنا ڪنهن شرط جي، انهيءَ جي ارپڻ ڪرڻو آهي.

سٺن ۽ خراب ڪرمن جو ڦل تہ ڀوڳڻو ئي پوي ٿو پر مان توهانکي وشواس ڏيان ٿو تہ ڀڄي سمرڻ ساڻ اسان ۾ ايتري شڪتي اچي ويندي جو اسان تي انهن ڪرمن جو اثر ئي نہ ٿيندو. اسانجو خيال ... ڪان گهڻو مٿي ٿي ويندو آهي ۽ اسين ڪل خوشيءَ ساڻ ڀڄي سمرڻ مدد ساڻ انهن جو قرض يا حساب چڪائيندا آهيون. ڪيترا دفعا ... پنهنجي دِيا مهر ساڻ ڪرمن جي بوجهہ ۾ ڪجھ رعايت ڪندو معاف ڪندو آهي. انهيءَ ڪري شب ۽ اشب ڪرمن جو ڦل ... ۽ ڏکن کي منهن ڏيندي ڪڏهن بہ پريشان يا نراس نہ ٿيڻ ... اهو وقت ڀڄن سمرڻ لاءِ نهايت موافق آهي. ان حالت ... کي ... ڏيان ڏيڻ گهرجي. جيئن انهن ڪرمن جو ... ۽ اسين وري پنهنجو پاڻ کي سنڀالي سگهون

... ۽ مونکي توهانجي انهن وچنن ساڻ نهايت ... "اسانکي اهو ئي ڪجھ ملي ٿو، جنهن جا ...

... دار آهيون اهو ئي اسانکي ملي ٿو" ... تہ اسان گذريل جنمن ۾ ڪرمن جو ... جو ڦل اسانکي اڄ ملي رهيو آهي.

دک ۾ ملیا هجن ۽ ڪڏهن سک جو ساهه کڻيو ئي نه هجي. هيءَ سنسار
ڪرم ڀومي آهي جتي اسانکي شڀ ۽ اشڀ، ٻنهي قسمن جي ڪرمن
جو ڦل ڀوڳڻو آهي. اسين هن سنسار ۾ آهيون ان لاءِ اسانکي ٻنهي جي
خراب ڪرمن جو حساب به چڪائڻو پوي ٿو، اهوئي دک يا ڪشٽ
آهي.

مون ڪيترا ڀيرا چيو آهي ته سنت هن سنسار کي سکن جي
نگري يا سرڳ بڻائڻ لاءِ نٿا اچن. هو ته هن سک دک، پنج پاپ، خوشي
غمي، اميري غريبيءَ جي دنيا کان هميشه لاءِ ڇڏائڻ لاءِ اچن ٿا.
انهن جي اچڻ جو مقصد، صرف اسانکي واپس پرماتما وٽ وٺي وڃي
ملائڻ جو هوندو آهي. اسين چاهي ڪيتري به ڪوشش ڪريون،
ڪڏهن به سنسار جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهنداسين.
پر سنت اسانکي مالڪ جي ڀڳتيءَ جو اهڙو طريقو، اهڙي جڳتي سمجهائين
ٿا، جنهن تي هلي، اسانجو خيال ئي دکن سکن جي مسئلن کان مٿي ٿي
وڃي ٿو. اسين ڪڏهن به سنسار جي دک روپي ڪنڊن کي هٽائڻ ۾
سڦل نٿا ٿي سگهون. پر جيڪڏهن پيرن ۾ مضبوط بوٽ پائبو ته ڪنڊا
اسانجي پيرن تي ڪو به اثر ئي نه ڪندا. سنت اسانکي اهڙن روپي
هڪ اهڙو هٿيار ڏين ٿا جو سنسار جي دکن سکن جو اسان تي اثر ئي
نٿو ٿئي. اسين اهڙي اوستا تي پهچي وڃون ٿا جو نه دک اسان کي
دکي ڪري ٿو، نه سک ئي سکي ڪري ٿو. اهڙي سک ڪڏهن ملندو
آهي جڏهن واپس وڃي مالڪ سان ميلاپ ڪريون ٿا. جيسين هن دنيا
۾ رهنا آهيون، لاهيون چاڙهيون ته رهنديون ئي. ڪڏهن امير ته
ڪڏهن غريب ٿينداسين، ڪڏهن خوش ته ڪڏهن رنج رهنداسين. پر
اسانکي پريشان نه ٿيڻ گهرجي. انهيءَ ڪري سنت اسانکي مالڪ
جي حڪم يا ڀاڻي ۾ رهڻ لاءِ اپديش ڪن ٿا.

مالڪ جو ڀاڻو ڇا آهي؟ پنهنجن ڪرمن جو ڦل همت سان خوشي
خوشيءَ سان ڀوڳيندي ڀڄن سمرن ڪرڻ ئي مالڪ جي ڀاڻي ۾ رهڻ
آهي. هنجي ڀاڻي ۾ رهڻ ڇو ضروري آهي؟ جيڪڏهن اسين سٺن
ڪرمن سبب ڀوڳن ۾ مست ٿي وينداسين ته مالڪ کي ڀلجي وينداسين.

س - ٤٠٤. ڇا اسين خراب ڪرمن لاءِ جوابدار آهيون؟

ج - هڪ درشٽيءَ کان جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته اسين جوابدار آهيون. ڇو ته اسانکي انهيءَ جو ڦل ڀوڳڻو پوي ٿو. پرماتما اسان کان اهڙا ڪرم نٿو ڪرائي، اسانجو پنهنجو من، اسان کان اهڙا ڪرم ڪرائي ٿو. بائيبل ۾ به آيو آهي ته جيڪو پوکبو اهو لڻبو. ڪڙمي جيڪي ڪجهه پوکيندو آهي، اهو ئي فصل لڻيندو آهي. جيڪڏهن مرچ پوکيندو ته مرچ ملندس، جيڪڏهن انب جو وڻ پوکيندو ته انبن کائڻ جو حقدار ٿيندو. هيءُ سمورو سنسار ڪرم ڀومي آهي. ڪرمن سندڙو کيت آهي. جهڙو جهڙو ڪرم ڪريون ٿا، جيڪو جيڪو ٻج پوکيون ٿا، انهيءَ جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ اسانکي هتي واپس اچڻو پوي ٿو.

س - ٤٠٥. دک، غريبي، بيماري ڪشٽ ۽ بدقسمتيءَ جو ڪهڙو فائدو آهي؟

ج - سڄي دنيا ڏکن مصيبتن، ڪشٽن ۽ بيمارين سان ڀري پيئي آهي. تنهنڪري هتي ڪڏهن به دائمي سچو سک پراپت ٿي نٿو سگهي. دراصل منش سرير، جنهنکي نرنارائڻي ديهه، اشرف المخلوقات، سرشٽيءَ جو سرمور چئجي ٿو، ملي ٿي ان وقت ٿو جڏهن شڀ ڪرم ۽ اشڀ ڪرم گڏ ٿين ٿا. جيڪڏهن اسانجا صرف اشڀ ڪرم هجن ها ته اسين نرڳن ۾ پيا هجون ها جيڪڏهن صرف شڀ يا نيڪ ڪرم هجن ها ته اسين سرڳن ۾ هجون ها. پڃ ۽ پاپ، نيڪ ۽ بد ڪرم گڏ ٿيندا آهن، تڏهن ئي منش سرير ملندو آهي. پڃن ۽ پاپن جي گڏ ٿيڻ تي ئي هيءَ منش ديهي ملي آهي. هن سرير ۾ رهي ٻنهي قسمن جي ڪرمن جو حساب چڪائڻو آهي.

ڪن ماڻهن پڃ وڌيڪ ڪيا آهن تنهنڪري سکي وڌيڪ ۽ ٿورا دکي نظر اچن ٿا ۽ ڪن ماڻهن جي پاپن جو بوج وڌيڪ آهي تنهنڪري وڌيڪ دکي ۽ سکي گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پر دک ۽ سک ته هرڪنهن کي ملي ٿي ٿو. سنسار ۾ اهڙو ڪو به منش ڪونهي، جنهنکي صرف سک ئي سک پراپت ٿيو هجي ۽ دک ڏٺا ئي نه هجن يا هنکي صرف

حالتن ۾ واتاورڻ کي ساڳيون رکندي بہ ڪجهہ آزادي آهي، جنهنجو صحيح استعمال اسانکي ڪرڻو آهي. اسين اهو نٿا چئي سگهون تہ اسين پوري طرح آزاد آهيون ڇو تہ اسانجي سوچ ويچار تي بہ ڪيترين ڳالهين جو اثر پوي ٿو. انهن ۾ جنم، ڪرم، هڪ ٻئي سان سنبنڌ، خاص ديس ۾ خاص حالتن ۾ پيدا ٿيڻ ۽ انهيءَ سبب خاص طرح جي تعليم پراپت ڪرڻ جا ڪارڻ بہ اچي وڃن ٿا. انهن سڀني ڳالهين جو اسانجي ويچارن اسانجي ويچارڌارا تي اثر پوي ٿو. اسين اهو نٿا چئي سگهون تہ اسين پوري طرح آزاد آهيون.

س - ۴۰۳. مهاراج جي، اڄا جي باري ۾ توهين ڪجهہ ٻيو بہ ٻڌائيندا؟ اها ڪيئن خبر پوي تہ جيڪي ڪجهہ اسين ڪري رهيا آهيون، اهو اسين پنهنجيءَ اڄا سان ڪري رهيا آهيون يا اهو ڪرمن جو ڦل آهي؟ جڏهن اسين پنهنجي مرضيءَ يا اڄا سان ڪجهہ ڪندا آهيون تہ ڇا اهي اهڙا ڪرم آهن، جن کي ڪرڻ لاءِ اسين مجبور آهيون؟

ج - اسين اهڙي طرح سوچي ٿي نٿا سگهون تہ اسانکي پنهنجن اڳين ڪرمن انوسار ٿي ڪرم ڪرڻو آهي. اسانکي پنهنجن گذريل جنمن جي ڪرمن يا پرالبڌ جو گيان ڪونهي. اسانکي پنهنجي طرفان پوري ايمانداريءَ سان، سچي هردي سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ ڦل مالڪ جي موج يا ڀاڻي تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ اسانجي مرضيءَ مطابق نٿي ٿئي تہ اهو سمجهڻ گهرجي تہ مالڪ جي رضا اهائي هئي. هنجي ڀاڻي يا رضا ۾ راضي رهڻ گهرجي. پنهنجي ڪنڙي بہ ڪرم کي اڻين چئي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي تہ ڪرمن ۾ اهڙي طرح لکيل هو. اسان لاءِ اهو معلوم ڪرڻ مشڪل آهي تہ ڪرمن مطابق، اسان لاءِ ڪهڙي ڳالهہ ٺيڪ آهي. انهيءَ ڳالهہ جو بندوبست، اسانجا ڪرم خود ٿي ڪندا تہ اسانجو فيصلو انهيءَ انوسار ٿي هجي. اسانکي اهتري چنتا ڪرڻ ۾ پوڻ جي ضرورت ڪانهي تہ اسانجا ڪرم اهي آهن يا نہ. اسانجا ويچار ۽ ڪارنہ پنهنجو ڀاڳيہ ڪرمن انوسار ٿي ٺهندا آهن.

ڪوشش ڪندو رهڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح اسانکي انهيءَ صاحب جي حڪم ۾ رهي، هن جون نيڪ ڪنپليون ٻڌڻ جڳائي.

س - ٤٠٣. اسانجي پنهنجي آزاد اڇا جو اسان تي ڪيترو اثر ٿئي ٿو؟ ڇا اها اسانکي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي؟

ج - جڏهن اسين مٿي کان هيٺ تائين هڪ ڪليءَ درشٽيءَ سان ڏسنداسين ته ڪا به آزاد اڇا ڏسڻ ۾ نه ايندي. مثال طور اهو اسانجي وس ۾ نه آهي ته امريڪا ۾ جنم وٺون. ڪنهن خاص پريوار، خاص واتاورڻ ۾ جنم وٺون. انهن سڀني ڳالهين جو اسانجي سوچ ويچار تي اثر پوي ٿو. انهيءَ سان اسانجو من ٺهيو آهي، جيڪو هميشه خاص طريقي سان سوچڻ جو عادي ٿي ويو آهي. ڇو ته هيءَ هڪ خاص واتاورڻ يا حالتن جي پيدائش آهي. پنهنجي طرفان اسين اهو ٿي چوندا آهيون ته اهو منهنجو پنهنجو فيصلو آهي. منهنجي آزاد اڇا آهي، پر اسين اهي ڳالهيون ڀلجي ويندا آهيون جن اسانکي اهڙيءَ طرح سوچڻ فيصلي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڇا توهين منهنجي ڳالهه سمجهي ويا؟ سمجهو ڪنهن ماڻهوءَ کي خاص قسم جي تعليم، حالتون واتاورڻ ۽ پريوار نه ملي ته انهيءَ جي سوچڻ جو ڍنگ ٻئي قسم جي واتاورڻ ۽ حالتن واري ماڻهوءَ جي سوچڻ جي ڍنگ کان بلڪل الڳ هوندو. اهڙيءَ طرح ٻئي چئي سگهون ٿا ته اسين آزاد آهيون، پر دراصل ٻنهي کي ڪا آزادي ڪونهي. ڇو ته حالتن يا واتاورڻ، جيڪي هنجي وس کان ٻاهر آهن، هنکي جدا جدا طريقي سان سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي.

توهين امريڪا ۾ پيدا ٿيا آهيو، ٻيو ماڻهو روس ۾ جنم ورتو آهي. توهين هڪ واتاورڻ ۾ سوچيو ٿا ۽ هو الڳ حالتن ۾ سوچي ٿو. ٻئي چئو ٿا ته اسين سوچڻ لاءِ آزاد آهيون پر جيڪڏهن توهين اتي وڃي جنم وٺو ۽ هو هتي اچي پيدا ٿئي ته توهان ٻنهي جا ويچار ڦيري جهڙا نه رهندا، هڪ جهڙا نه رهندا. اهي حالتن ۽ واتاورڻ انوسار بدلجي ويندا. اهڙيءَ طرح وشال درشٽيءَ سان ڏسڻ تي، ڪوبه ماڻهو ڪجهه ڦيرڻ تي نرنئه ٿيل آهي. پر محدود درشٽيءَ تي نظر ڪندي، ڪجهه آزادي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

يا ڪنهنجي هٿيا ڪندو ته چاهي هو ڪوشش نه به ڪري، تڏهن به
هو اهو سڀ ڪجهه ڀڃي ويندو؟

ج - جيڪڏهن هنجي ڀاڱي ۾ ڊاڪٽر ڀڃڻ لکيل آهي ته هو ازخود
اهڙي طرح هلندو جيئن هو ڊاڪٽر ڀڃي وجهي نه ته هو ڪڏهن ڊاڪٽر
ڀڃي ئي نه سگهندو. اسانکي پنهنجي تئين ڀلي انوسار جيڪو
مناسب لڳي، ڪندو رهڻ گهرجي. پر ٿيندو اهو ئي جيڪي ٿيڻو
آهي. جيڪا ڳالهه اسانجي ڀاڱي ۾ لکيل آهي، اُنهيءَ کي ٿيڻو ئي آهي.
اِنهيءَ ڪري اسين ائين سوچي ئي نٿا سگهون ته جيڪي ٿيڻو ئي
آهي، اِن لاءِ ڪوشش ئي ڇو ڪجي. جيڪڏهن ڪا ڳالهه ڀاڱي ۾ لکيل
آهي ته سوچڻ جو ڍنگ به قدرتي طور اهڙو ئي ٿي ويندو. اسانکي
پنهنجي طرفان هر حالت ۾ پورو اُدم ڪرڻ گهرجي پوءِ جيڪا مالڪ
جي مرضي. اسين پنهنجو پاڻ کي بيڏوهي نٿا چئي سگهون ته اسان
ڪجھ نه ڪيو، جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، مالڪ ئي ڪيو آهي. دراصل
اهو من جو دوکو آهي. مالڪ جي ڀاڻي تي هلڻ لاءِ، اُنهيءَ جي آگيا
مڃڻي پوندي آهي، اُنهيءَ جي شرڻ وٺڻي پوندي آهي. اهو تڏهن
ٿي سگهي ٿو جڏهن من وس ۾ هجي ۽ من اسانجو ٿي وڃي، ڇو ته
اسين صرف اهو ئي مالڪ کي ارپڻ ڪري سگهون ٿا، جيڪو اسانجو
پنهنجو هجي. جيسين اهو پرايو هوندو آهي، پنهنجي طرفان پوري
طرح سچيت رهڻ گهرجي، سنڀالي هلڻ گهرجي، پر ٿيندو اهو ئي جيڪو
مالڪ کي منظور آهي.

اسين ڪٺپتليون ماتر آهيون ۽ اسانجي ڏور مالڪ اسانجن ڪرمن
انوسار هلائي ٿو. پهتل آتمائون ۽ عام رواجي مڻش سڀ ساڳي طرح
نچي رهيا آهن. فرق صرف ايترو آهي ته پهتل آتمائن کي گيان آهي
ته مالڪ جي هٿ ۾ ڏور آهي، هو ئي هلائي رهيو آهي ۽ اگياني
آتمائون اهو سمجهن ٿيون ته سڀ ڪجهه سندن دئاران ڪيل ٿي رهيو
آهي. اِنهيءَ ڪري سنسار ۾ نرموهي ٿي ڪرم ڪرڻ گهرجي ۽ اهو
سمجهڻ گهرجي ته اسانجي ڏور مالڪ جي هٿ ۾ آهي ۽ جيڪا
مالڪ جي مرضي هوندي اهو اوس ٿيندو. پر پنهنجي طرفان پوري

جو ڦل اڄ ڀوڳي رهيا آهيون، اُنهيءَ کي ڀاڳ يا پرالبڌ ڪرم چئون
ٿا. جيڪي ڪجهه اسان گذريل جنمن ۾ ڀوڳيو آهي، اُنهيءَ مان ڪجهه
اسين ڀوڳي رهيا آهيون. اِهو ڀاڳ بدلي نٿو سگهجي. پرالبڌ ڪرم اهو
آهي جنهنڪي توهين جنم وقت گڏ کڻي آيا آهيو ۽ جنهنکي هن جنم ۾
ڀوڳڻو آهي. نون ڪرمن ڪرڻ جي ۾ ڪجهه آزادي آهي. اهڙي طرح
هڪ جنم ۾ ڪيل سڀ ڪرم ايندڙ جنم ۾ ڀوڳي نٿا سگهجن ۽ هرهڪ
جنم جا انيڪ ڪرم ڀوڳڻ کانسواءِ رهجي ويندا آهن، جن کي سنچت
ڪرم چئجي ٿو. جيسين اِنهن ٽنهي قسمن جي ڪرمن جو حساب پوري
طرح نٿو چڪائجي، تيسين آتما پرماتما ۾ نٿي سمائجي سگهي.

ڀاڳ يا ڀاويءَ کي هن جنم ۾ ضرور ڀوڳڻو پوي ٿو اِنهيءَ ڪري
سنت، اِنهيءَ کي مالڪ جو ڀاڻو مڃي، ڀوڳڻ جو اُپديش ڏين ٿا. مالڪ
جي ڀاڻي جو اِهو مطلب ناهي تہ، اُن خود پنهنجيءَ اِڇا سان اساڻجي
زندگيءَ ۾ ڀوڳڻ لاءِ ڪجهه ڳالهيون لکيون آهن. اِهو اساڻو پنهنجو ئي
پهرين ڪيل ڪرمن جو ڦل آهي جيڪو اڄ اسانکي ملي رهيو آهي.
اِهوئي اساڻو ڀاڳ، پرالبڌ يا ڀاوي آهي.

س - ٤٠٠. ڇا ڪنهنجي ڪرمن کي بدلڻ ممڪن آهي؟

ج - پرالبڌ ڪرمن کي نٿو بدلي سگهجي. ڇوتہ اُهي اساڻو ڀاڳ
آهن پر ڀڄن سمرن دوارا اسين اُنهيءَ کان ايترو مٿي ٿي سگهون ٿا
جو اسان تي اُنهيءَ ڀاڳ جو، ڪرمن جو اثر نٿو ٿئي. اُنهنکي خوشي
خوشيءَ سان ڀوڳيون ٿا، اسين پريشان نٿا ٿيون. جڏهن مالڪ جي ڀڳتيءَ
نام جي ڪمائي ڪجي ٿي، جڏهن هردو پرماتما جي پريم پيار سان
ڀرپور رهي ٿو تہ سياڻيڪ ئي نون ڪرمن جو ٻج نٿو پوکجي. جنکي
ڀوڳڻ لاءِ وري سنسار ۾ اچڻو پوي. سنچت ڪرمن جو ڀنڊار صرف
نام يا شبد جي ڪمائيءَ سان ئي سماپت ٿي سگهي ٿو.

س - ٤٠١. منهنجو اصلي مطلب اِهو هو تہ ڇا منش کي سڀ ڪجهہ
ڀاڳ تي ڇڏڻ گهرجي ۽ ڪيس ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ گهرجي؟ مثال طور
جيڪڏهن ڪنهنجي قسمت ۾ لکيل آهي تہ هو ڊاڪٽر يا اِنجنير بڻجندو

جيتري قدر ڪريمان ڪرمن جو تعلق آهي. جڏهن اسين هر روز پڇن سمرن ڪريون ٿا تہ پنهنجو مقصد، منزل اکين جي سامهون رهي ٿو اسين نام جي ڪمائي ڪري، نج گهر جو مارگ طئہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، سنت مت تي هلون ٿا، سنت مت جي اصولن تي محڪم رهون ٿا تہ سياڻڪ طور نون ڪرمن جو ٻج نٿا ٻوکيون ٻيهي ڪريمان ڪرمن يا نون ڪرمن جو سلسلو سماپت ٿي وڃي ٿو.

سنچت ڪرمن جو ڀنڊار صرف نام جي ڪمائيءَ سان سماپت ٿي سگهي ٿو. جڏهن شبد سان جڙي، من ٻرهم، ترڪٽيءَ پهنچي اصلي گهر پهچي ٿو تہ آتما، هنجي چمبي مان مڪت ٿئي ٿي ۽ ڪرمن جا ٻنڌن بي اثر ٿي وڃن ٿا، اهي سماپت ٿي وڃن ٿا. انهيءَ ڪانپوءِ ئي آتما، پرماتما سان ميلاپ ڪري سگهڻ ۾ سمرٿ ٿيندي آهي.

پراڳ، پرالبڌ ڪرمن جو ٻي نالو آهي. جيڪي ڪجهه اسان ٻوڙين ٻوکيو آهي، اڄ لڻي رهيا آهيون ۽ مستقبل لاءِ لئين اڄ جي ٻوکڻ جي آزادي آهي. اسانکي اها خبر نہ هوندي آهي تہ اسين گذريل جنمن جا ڪرم ڀوڳي رهيا آهيون يا نئون ٻج ٻوکي رهيا آهيون. تنهنڪري پنهنجي بڌي ۽ لياقت موجب سٺي کان سٺا ڪرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سٺي ۾ سٺا ڪرم ڪرڻ تي بہ جيڪڏهن ڪا ڳالهه مرضيءَ مطابق نہ ٿئي تہ انهيءَ کي ڀاڳ، قسمت سمجهڻ گهرجي. اصول جڳت ۾ بلڪل خبر نہ هوندي آهي تہ اسين جيڪي ڪر ڪري رهيا آهيون، اهي اسانجي ڀاڳ ۾ هئا يا نئون ٻج ٻوکي رهيا آهيون. سهس دل ڪنول يا ٻئين روحاني منزل پار ڪرڻ بعد اهو گيان حاصل ٿئي ٿو تہ ڪهڙو ڪرم اسانجي پرالبڌ هئي ۽ ڪهڙو ڪرم نئين سر ڪري رهيا آهيون. اسين گذريل جنم ۾ ٻڌال ٻج نہ ڀوڳي رهيا آهيون ۽ ايندڙ جنم جو ڀاڳ بہ بڻائي رهيا آهيون.

س - ٣٩٩. ڇا هن زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه اڳئين مقرر ٿيل آهي؟

ج - اهو سوال بہ ٻين سوال جهڙو ئي آهي. اسانجا سنچت، پرالبڌ ۽ ڪريمان ٽن قسمن جا ڪرم آهن. گذريل جنمن جي ڪرمن

ڀاڳ، ڪرمن انوسار سنبنڌ، ڪرم ڪرڻ جي آزادي

موهه، آواڳون، ڏک، ڏان، مدد، ٻين جي ۽ پنهنجي.

س- ٣٩٨. ڇا اهو سچ آهي ته جيڪي ڪجهه اسانجي ڀاڳ ۾ آهي، جيڪي ٿيو آهي ۽ جيڪي ٿيڻو آهي، اهو سڀڪجهه پهرين ئي لکجي چڪو آهي؟ ڇا اهو اسانجي اڳين ڪرمن جو ڦل آهي؟

ج- پهرين مان توهانجي پهرئين سوال کي کڻان ٿو. ڀاڳ يا قسمت ڇا آهي؟ ڀاڳ اهو آهي، جنهن انوسار اسين پيدا ٿيا آهيون ۽ جنهن کي هن جنم ۾ ڀوڳڻو آهي. انهيءَ کي پرالبڌ به چيو ويندو آهي يا پرالبڌ ڪرم به چئي سگهجن ٿا. ڪرم ٽن قسمن جا آهن: ڪريمان ڪرم، اهي ڪرم آهن جيڪي اسين هينئر ڪري رهيا آهيون ۽ انهن جو ڦل اسانکي ايندڙ جنمن ۾ ڀوڳڻو پوندو. جيڪي ڪرم اسان گذريل جنم ۾ ڪيا، اهي اسانجي هن جنم جو ڀاڳ بڻيا آهن. ٽيون، سنچت ڪرم آهن. هو جنم ۾ گذريل جنم جا سڀ ڪرم ڀوڳي نٿا سگهجن. اهڙي طرح هر جنم جي بچيل ڪرمن جو هڪ وڏو ڀنڊار جمع ٿي ويو آهي، جنهنکي سنچت ڪرم چئون ٿا. سمجهو ڪنهن منش هڪ ئي جنم ۾ هزار ڪڪڙيون ماريون آهن. سڀاويڪ طور هڪ ئي جنم ۾ هو هزار ٻراٽين جي مارڻ جو ڦل نٿو ڀوڳي سگهي. انهيءَ ڪري انهن مان ڪجهه حصو ڀوڳڻ لاءِ رهجي ٿو وڃي. اهو جنمن جنمن جي رهيل ڪرمن جو هڪ ڀاري، وڏو ڀنڊار آهي، جنکي سنچت ڪرم چيو وڃي ٿو.

جيستائين هر قسم جا ڪرم ڀوڳي پورا نٿا ڪيا وڃن، آتما پرماتما سان ميلاپ نٿي ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح ڀاڳ کي مالڪ جي رضا سمجهي ڀوڳڻو آهي. ڀڄن سمرن سان من ايترو مضبوط ٿئي ٿو، جو پرالبڌ کي خوشيءَ سان ڀوڳجي ٿو ۽ ڀڄن سمرن ذريعي زندگيءَ جي لاهين چاڙهين، ڏکن سکن جو گهٽو احساس نٿو ٿئي ۽ شانتيءَ ۽ ڌيرج سان سڀ پرالبڌ ڪرم چڪائجن ٿا. اهو چوڻ مشڪل آهي ته ڀڄن سمرن ذريعي ڀاڳ بدلي سگهجي ٿو يا نه پر انهيءَ کي خوشيءَ سان ڀوڳي ضرور سگهجي ٿو.

س- ٣٩٤. هن مارگ تي هلڻ کان پهرين ڇا اسين پنهنجي بڌيءَ کي تسلي ڏيئي رهيا آهيون.

ج- اهو نيڪ آهي. آخر بڌي انهيءَ نتيجي تي پهچي ويندي ته انهيءَ کان مٿي اُتڙو ئي آهي. بڌي سمجهائيندي ته سنسار جي موهه جي بندن جون جڙون ڪاٽيون آهن. بڌي اسان کي انهيءَ کان وڌيڪ، اڳيان نٿي وٺي وڃي سگهي. بڌي اِها ڳالهه سمجهائڻ ۾ مدد ڪري ٿي ته ڇا ڪرڻ گهرجي. پر مڪتي روحاني اڀياس سان ئي ملي ٿي.

س- ٣٩٥. ڪال جو قانون به هلندو رهي ٿو. جيڪڏهن سڀ ماڻهو ستسنگي بڻجي وڃن ۽ پرماتما ۾ سمائجي وڃن ته........؟

ج- چنتا نه ڪريو. هرهڪ جي قسمت ۾ ستسنگي بڻجڻ، نه لکيل آهي. توهين ڪال تي قياس نه ڪريو.

س- ٣٩٦. جڏهن سنسار کي جاري رکڻ لاءِ هتي ڪنهن نه ڪنهن جو رهڻ ضروري آهي ته سڀني جي مڪتي ڇو نٿي ٿي سگهي؟

ج- اهو ممڪن آهي. مالڪ جيڪي چاهي، سو ڪري سگهي ٿو. انهيءَ جي اهوئي ڄاڻي.

س- ٣٩٧. جيڪڏهن هرهڪ هلندو ويندو ۽ پيو، ٽيون، چوٿون درجو نه رهندو ته چوٿين درجي وارا "بي. اي" پاس ڪيئن بڻجندا؟

ج- انهيءَ ڳالهه جي چنتا نه ڪرڻ گهرجي. آتمائن جي کاڻ ڪمي ڪونهي. اسانکي ٻين جي نه، پنهنجي چنتا هئڻ گهرجي. مون پهرين به چيو هو ته اسين سنسار جي ڪمن چوندڻ ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهنداسين، پر جيڪڏهن روحاني اڀياس جو مضبوط بوٽ پاڻ هلبو ته سنسار جي دکن سکن جا مسئلا، اسان تي ڪوبه اثر نه ڪندا. تنهنڪري سنساري مسئلن کي دور ڪرڻ جي چنتا نه ڪريو. پهرين پنهنجن مصيبتن کي منهن ڏيو، پوءِ اسين ٻين جي به چڱيءَ طرح مدد ڪري سگهنداسين.

ٿو. اهڙي حالت ۾ اسين پوري طرح فرض انوسار سڀني سان پيار ڪندا آهيون، پر اسانجو اصلي سچو پيار صرف پرماتما سان ئي هوندو آهي. اسانجو سنسار سان ناتو ختم ٿي ويندو آهي ۽ پرماتما سان جڙي ويندو آهي، تنهنڪري اسانجو ڪنهن ٻئي سان موهه نٿو رهي.

س- ٣٩١. هيءُ سنسار آهي ئي ڇو؟ ڇا هيءُ انهي ڪري آهي ته اسين هتي اچي سبق سکون؟ سنسار ڇو آهي؟

ج- سبق ته اسين تڏهن سکون جڏهن اسانکي گذريل جنمن جي ڪرمن جي يادداشت هجي، جيئن اڳتي هلي ٻيهر ڪيل غلطيون وري نه ڪريون. جيڪي ڪجهه اسان گذريل جنمن ۾ ڪيو آهي اهو اسين ڀلجي چڪا آهيون ته پوءِ اسين ڪهڙو سبق سکي سگهون ٿا؟ اسين ڪوبه سبق نه سکي رهيا آهيون. جڏهن سنسار کي ڪنهن حد تائين ٻڌجي رهڻو آهي ته پوءِ اهڙي طرح ئي رهندو. اسين سنسار جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهنداسين. ها پنهنجو پاڻ کي، انهن کان مٿي ضرور ڪري سگهون ٿا.

س- ٣٩٢. اسان کي پنهنجن گذريل جنمن جي، انهن ۾ ڪيل ڪرمن جي ڪابه يادگيري ڪونهي. مونکي ته اهو به ياد ڪونهي ته مان ڪنهن گذريل جنم ۾ ڪڏهن سنسار ۾ هوس به يا نه؟

ج- تنهنڪري ته مان چوان ٿو ته جڏهن اسانکي گذريل ڪرمن جي يادگيري ئي ڪونهي ته اسين گذريل انڀو مان سکي ئي ڇا ٿا سگهون؟

س- ٣٩٣. اڳيان هلي ته پنهنجو سڌار ڪري سگهجي ٿو؟

ج- ها. روحاني اڀياس ڪرڻ سان اسانجي اڇا شڪتي مضبوط ٿئي ٿي. سنسار ۾ دک ڇو آهي؟ هي لاهيون چاڙهيون ڇو آهن. اسين سنسار ۾ ڇو آهيون وغيره جي باري ۾ اجائي سوچ ويچار ڪرڻ بجاءِ ڀڄن سمرن سان هن سنسار کان ئي مٿي ٿي سگهون ٿا.

ج - نہ. مثال طور، پاڻيءَ ۾ آتما ڪانهي، پٿر، هوا، اگنيءَ ۾ آتما ڪانهي، پر اهي سڀ شيون به ڪنهن نہ ڪنهن تت مان ٺهيون آهن. سڄي رچنا پنجن تتن جي ٺهيل آهي پر جيڪڏهن تتن کي الڳ الڳ ڪيو وڃي تہ انهيءَ ۾ آتما ڪانهي. ٻوٽن، ڪيڙن مڪوڙن، پکين پسن ۽ ماڻهن ۾ آتما هوندي آهي. اهي آتمائون ترقي ڪري، منش جنم پراپت ڪري، مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهن ٿيون، پر ڪو ڌاتو يا پدارٿ نہ چرُ تہ انهيءَ ۾ آتما نہ هوندي آهي.

س - ٣٨٥. ڇا ٻين جيون ۾ به منش جهڙي آتما آهي؟

ج - ها، آتما هڪ جهڙي آهي. اها ئي آتما منش ديهيءَ ۾ اچي سگهي ٿي ۽ اها ئي ٻئي ڪنهن سروپ ۾ بہ.

س - ٣٨٦. ڇا آتما ئي هر شيءِ جو سروپ اِستر رکندي آهي؟ اها ئي واپس وڃي پرماتما ۾ سمائجي ويندي آهي. روح ۽ آتما ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

ج - اهي الڳ الڳ الفاظ آهن. ڪي ماڻهو انهيءَ کي عام طور استعمال ڪندا آهن. ڪي انهن کي جدا جدا مطلب سان استعمال ڪندا آهن. ڪي فيلسوف، من ۽ آتما ۾ تفاوت نہ ڄاڻندا آهن، ٻنهي کي هڪ سمجهندا آهن. پر هيٺر ڪي مغربي فيلسوف بہ ٻنهي ۾ فرق سمجهڻ لڳا آهن. پادري ۽ سڌائين، شروع کان ٻنهي کي الڳ الڳ سمجهيو ويو آهي. ڪيترا دفعا انهن لفظن جو استعمال صحيح نہ ڪيو ويندو آهي جنهن سبب ڀرم جو ڪارڻ بڻجي پوندو آهي. بائيبل ۾ هولي گهوسٽ يا هولي اسپرٽ جو شبد يا نام سان مطلب آهي. ورڊ لوگاس، شبد ڌن، سڀني جو ارٿ هڪ ئي آهي. اهڙي طرح اسپرٽ لفظ کي آتما لاءِ بہ ڪم آندو ويندو آهي ۽ شبد لاءِ بہ. ڪي منش اسپرٽ جو ارٿ ”من“ ڪندا آهن پر من آتما ڪانهي. اڳ ۾ جا سمجهائي چڪو آهيان تہ اهي ٻئي بلڪل الڳ الڳ آهن. شبد جي لهر، انهيءَ کي ڀلي ڪو بہ چاهي نالو ڏيو، اها ئي آتما آهي. اها ئي اسانکي گڏ رکي ٿي، انهيءَ بنا نہ سرير رهي سگهي ٿو ۽ نہ من. جڏهن

۽ مالڪ سان وصال ڪرڻ لاءِ ڪوشش نہ ڪرڻ. جيڪڏهن اسانجو سفر پرماتما طرف نہ ٿي پوي، ولاس طرف آهي تہ اسين منش جنم جي موقعي کي برباد ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن اسين مالڪ سان ميلاپ جو جتن نٿا ڪريون پر پوڻ جا بہ داس نٿا بڻجون. شڀ ڪرم ڪريون ٿا، ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ گهٽي ۾ گهٽي ڪوشش ڪريون ٿا تہ اهي شڀ ڪرم جمع ٿين ٿا جيڪي اسانکي وري منش جنم وٺڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. اسانکي منش جنم جو پوري طرح فائدو وٺڻ لاءِ بار بار موقعو ڏنو ويندو آهي، پر جيسين اسين انهيءَ موقعي جو نيڪ استعمال نٿا ڪريون، اسين جنم مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو پراپت نٿا ڪري سگهون.

س - ٣٨٢. اسين ڏسندا آهيون تہ سنسار ۾ سدائين گهٽ يا وڌ ٻڌيءَ ۽ سمجهہ ٻڌيءَ وارا منش رهن ٿا. انهيءَ تفاوت جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

ج - ها، ماڻهن ۾ ٻڌي، گيان ۽ سمجهہ وغيره ۾ گهٽ وڌائي ٿي سگهي ٿي. سنت مارگ تي هلڻ وارن جدا جدا سائين ۾ بہ ٻڌي ۽ روحاني رسائي ۾ فرق ٿي سگهي ٿو. جيتري قدر مارگ هڪ آهي ڪو بہ فرق نٿو پوي تہ سفر ڏهہ ميل ڊگهو رهيو آهي يا پنجاهہ يا سؤ ميل. ڇو تہ جيترو مفاصلو هن جنم ۾ طئہ ڪندا آهيون ٻئي جنم ۾ انهيءَ کان اڳتي سفر شروع ٿيندو آهي. جيڪڏهن هن جنم ۾ ڏهہ ميل هليا آهيون تہ ايندڙ جنم ۾ پنجاهہ يا سؤ ميل اڳتي وڌي سگهون ٿا ۽ آخر منزل تي پهچي ويندا آهيون. جڏهن هڪ مارگ آهي، اپديش هڪ آهي تہ ڪو بہ فرق نٿو پوي. اسين سڀ ڌيهداري ستگروءَ جي اپديش تي هلڻ جي ڪوشش ڪري سگهون ٿا.

س - ٣٨٣. چيو ويندو آهي تہ ترقي جڙ کان وڌي ڪري دنيا ۽ انهيءَ مان پسون سنسار ۽ اُن بعد منش ٿيندو آهي. ڇا انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ آخر ۾ برهمنڊ جو هر هڪ دنيوي پدارٿ بہ پرمشور ۾ سمائجي ويندو؟

ج - صرف آتمائون ئي انهيءَ ۾ سمائجنديون.

س - ٣٨٤. ڇا رچنا جي ڪٽيءَ ۾ آتما ڪونهي؟

هردي ۾ ڪونهي ته ڪوبه پدارٿ اسانکي واپس سنسار ۾ آڻڻ ۾ سمرٿ
ڪونهي. انهيءَ حالت ۾ اسانکي اندر ڪنهن منڊل تي موڪلي،
روحاني ترقي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي ۽ انهيءَ جي ابتڙ چاهي
نام جي ڪمائيءَ ۾ ٿوري ترقي به ڪئي هجي پر دنيوي موهه اجا
ڪافي آهي ته پوءِ اسانکي واپس سنسار ۾ موڪليو ويندو آهي جيئن
اسين انهيءَ موهه مان ڇوٽڪارو پائي سگهون ۽ اندر وڌيڪ ترقي ڪري
مالڪ سان ملي سگهون. اهڙي طرح هرهڪ منش جون پنهنجون پنهنجون
حالتون آهن. اڪثر اسين هيٺ نه ڪرندا آهيون. ستسنگ ۾ ڪوبه
منش ناڪامياب نٿو ٿئي. جيڪو ترقي ڪندو ويندو آهي، اڳتي وڌندو
وڃي ٿو. جيڪڏهن هن جنم ۾ گهٽي ترقي نه ڪري سگهياسين ته ٻيو
جنم ملندو جيئن ترقي ڪري سگهون. اهو نئون جنم پڻ سمرن ۽
ڀڳتيءَ لاءِ اڳلي جنم کان بهتر حالتن ۾ ٿيندو. چاهي دنيوي درشٽيءَ
کان اهو اهڙو سٺو نه به هجي. جيڪڏهن اُن جنم ۾ به پوري ترقي نٿي
ٿئي ته وري ايندڙ جنم ان کان به بهتر حالتن ۾ ٿيندو جنهن ۾ پڻ
سمرن ڪرڻ ۽ روحاني ترقي ڪرڻ جو اتم موقعو پراپت ٿي سگهي.
اهڙي طرح هرهڪ قدم اڳتي وڌندو، پوئتي نه. انهيءَ ڪري ڊڄڻ
جي ڳالهه ڪانهي. اسانکي پنهنجي طرفان، هن جنم ۾ ئي گهٽ ۾ گهٽ
ڪوشش ڪرڻ گهرجي. باقي سڀ ڪجهه مالڪ جي موج، انهيءَ جي
رضا تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

س - ۳۸۱. مهاراج جي، اڄ صبح جو ستسنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪيترا
، منش جنم جي اهڙي موقعي کي ويرٿ وڃائي ڇڏيندا آهن.
منش سني ۽ پنهنجيءَ مت انوسار روحاني زندگي گذاريندا
سنت مت موجب اها روحاني زندگي ڪانهي. ڇا اهي ماڻهو
چوراسيءَ جي چڪر ۾ پئجي ويندا يا ڇا انهنکي روحاني رسائي
لاءِ وري منش جنم ملندو؟

ج - ها انهنکي موقعو ملي سگهي ٿو. موقعو وڃائڻ يا برباد ڪرڻ
اهو آهي ته منش ڏيهي ۾ رهندي به پڻ سمرن نه ڪرڻ

اسان گهٽي روحاني ترقي نہ بہ ڪئي هجي، پر اسانجو سنسار سان گهرو موهہ نہ آهي تہ اسانکي سنسار جي موهہ روپي بندڻ کي وڌيڪ ڍلي ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو موقعو ڏنو ويندو آهي. اهو ڪرم زندهہ هوندي روحاني اپياس دواران ٿي ڪري آهي. پر جيڪڏهن ستگرو نہ مليو، جيڪڏهن اندر ٿين روحاني مارگہ تي هلڻ قبول نہ آهي، جيڪڏهن اسين پرماتما جي باري ۾ ڪو بہ سوچ ويچار نہ ڪريون، اسانجي هردي ۾ ٿورو بہ پريم ڪونهي، نہ گهر واپس وڃڻ لاءِ ڪا چاهنا ڪونهي تہ اسانکي منش ديهہ نہ ملندي. ڪنهن هيٺين جوڻ ۾ موڪليو ويندو جنهن ۾ اسين پنهنجون اڻپوريون ترشنائون چڱيءَ طرح پوريون ڪري سگهون.

اسانجا ڪرم ۽ اڇائون ئي سنسار ۾ بار بار جنم مرڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. جهڙو فصل پوکبو، اُنهيءَ کي لڻڻ لاءِ اچڻو ئي پوندو. جيڪي جيڪي اڇائون، ترشنائون ڪجن ٿيون، جن کي هن زندگيءَ ۾ پورو نٿو ڪري سگهجي ۽ نہ اُنهن کان پنهنجو پاڻ کي آجو ڪري سگهجي ٿو تہ اُنهن سڀني اڻپورين ترشنائن کي پوري ڪرڻ لاءِ وري جنم وٺڻو پوي ٿو. تنهنڪري جيسين ڪرم ختم نٿا ٿين اڇائون ترشنائون سماپت نٿيون ٿين، جنم مرڻ بہ سماپت نٿو ٿي سگهي. پرماتما ديالو آهي هو موقعو ضرور ڏئي ٿو. هو تہ موقعي مٿان موقعو ڏئي ٿو جيئن اسين پنهنجي منش جنم جو گهٽ ۾ گهٽ صحيح سٺو استعمال ڪري سگهون. جيڪڏهن اسين اُنهيءَ موقعي جو فائدو نٿا وٺون تہ سڀاوڪ طور اسانکي هيٺين جوڻين ۾ موڪليو ويندو.

س- ٣٨٠. جيڪڏهن ڪنهن منش جو، نام جي ڪمائيءَ ۾ خاص ترقي نہ ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي موت ٿي وڃي تہ ڇا ٿيندو آهي؟

ج- اُنهيءَ جو تعلق ڪيترن ئي ڳالهين سان آهي. پر خاص ڪري اسانجي اڇائن، ترشنائن اسانجي ڪرمن، موهہ ۽ ستگروءَ جي ديا، سڀ ملي، اُنهيءَ ڳالهہ جو فيصلو ڪن ٿيون. جيڪڏهن اسين گهٽي ترقي نہ بہ ڪئي پر سنسار جي ماڻهن، پدارٿن، استانن، جو گهڻو موهہ

آهن. جڏهن آتما اکين ٻنهي وچان سميٽجي ايندي آهي تہ سرير کي ٻئي طرف ٽي ويندي آهي؛ اسين چوندا آهيون تہ هُو مري ويو. اسانکي پنهنجي روحاني اڀياس ۾ بہ اهڙي طرح ئي ڪرڻو آهي. فرق صرف ايترو آهي تہ اهڙي طرح جيئري جي مرڻ وقت سرير سان سنبنڌ ختم نہ ٿو ٿئي؛ اڀياس سماپت ڪرڻ بعد اسين وري سرير ۾ واپس ايندا آهيون. انهيءَ کي زنده مرڻ، روز مرڻ چيو ويندو آهي. هڪ عيسائي مهاتما فرمايو آهي "مان هر روز مرندو آهيان." انهيءَ جو ارٿ آهي تہ اهو مهاتما هر روز آتما کي سرير مان سميٽي، اکين پويان وٺي وڃي، شبد سان جوڙيندو هو؛ اهڙيءَ طرح روحاني سفر طئہ ڪندو هو.

پرماتما سان ملڻ لاءِ سرير جي اصلي موت ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي. پنهنجي روحاني اڀياس جي مدد سان انهيءَ مالڪ سان ميلاپ ڪرڻو آهي. پنهنجيءَ سرت کي اکين پويان ايڪاگر ڪرڻو آهي، اهوئي جيئري مرڻ آهي. اهڙي طرح سرت کي ايڪاگر ڪري ئي اندر روحاني مارگ تي هلي سگهون ٿا. پرماتما ۾ سمائجڻ لاءِ پڇن تتن واري سنساري سرير کي تياڳڻ ضروري ڪونهي. جيڪڏهن اسين هن جنم ۾ پنهنجي منزل تي نہ پهچي سگهيا آهيون پر صحيح سنت مارگ تي اچي ويا آهيون تہ اهو ممڪن آهي تہ اسين هن ڪانپوءِ واري جنم ۾ يا اُن کان بہ پوءِ واري جنم ۾ پرڀوءَ سان ميلاپ ڪريون، پر پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ موت جي انتظار ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي. اسانکي منش چولي ۾ اِي جيئري ئي روحاني سفر طئہ ڪرڻو آهي؛ منش جنم جو مقصد بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ پرميشور سان ميلاپ ڪرڻو آهي.

س- ٣٧٩. جيڪڏهن هڪ جنم ۾ پرميشور سان ميلاپ نہ ڪري سگهجي تہ ڇا ٻيو موقعو ملندو؟

ج- پرماتما اسانکي بار بار سنسار ۾ موڪلڻ لاءِ ڪہاڻا ڳولهڻ ٿو چاهي. هُو اسانکي روحاني ترقي ڪرڻ لاءِ ٻيو موقعو ڏيندو آهي. دراصل اسانجو موهہ اسانکي بار بار سنسار ۾ وٺي اچي ٿو. جيڪڏهن

تيندو آهي. ڪي لوڪ اسٿول ۽ سوکيره ڪاوڻ تي سواءِ مڃين ٿا. توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟

ج - سنت مت ساهتيه موجب ته سواءِ ٽن قسمن جا ليي آهن. سٽن قسمن جي سرٻرن جي باري ۾ ڪٿي به مون پڙهيو يا ٻڌو ڪونهي.

س - ٣٧٦. آخري مقصد ڇا آهي؟ ڇا اهو مقصد، آتما ۽ پرماتما جو هڪ ٿي وڃڻ آهي؟ انهيءَ هڪ ٿي وڃڻ جو اصلي ارٿ ڇا آهي؟ آئي پنهنجي الڳ هستي نٿي رهي؟

ج - مطلب ته اهو آهي ته "مان ۽ پرماتما هڪ آهيون، مان ۽ پرم پتا هڪ آهيون." آتما پرماتما جي انس آهي ۽ اها پرماتما مان آئي آهي ۽ پرماتما ۾ ئي سمائجندي. اسين سڀ ۽ پرماتما هڪ آهيون. جڏهن پرماتما سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي ته انهيءَ کانسواءِ ڪجهه نه هو. اهو پرم پتا پرماتما ئي سڀ ڪجهه هو، اهو ئي آهي ۽ اهو ئي رهندو. سرشٽي انهيءَ جو ئي پسارو آهي ۽ جڏهن هو رچنا کي سميٽي ٿو ته وري سڀ هڪ ئي ٿي ويندو آهي.

س - ٣٧٧. آخر ۾ آتما ۽ پرماتما ۾ ڪو به ڀيد نه رهندو؟

ج - آخر ۾ ڪو به فرق نه رهندو. پر هن وقت ته ٻوند ۽ ساگر ۾ تمام گهڻو ڀيد آهي پر جڏهن ٻوند ساگر ۾ ملي ٿي، تڏهن ڪو به ڀيد نٿو رهي.

س - ٣٧٨. ڇا هن جنم ۾ پوري طرح سوڀيا پراپتي ڪري سگهجي ٿي يا موت بعد ئي پرماتما ۾ سمائجي سگهجي ٿو؟

ج - انهيءَ پرماتما ۾ واپس وڃڻ لاءِ هر روز زنده ئي مرڻو پوندو آهي.

س - انهيءَ جو ارٿ ڇا آهي، مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي؟

ج - جڏهن موت ايندو آهي، اسانکي ڇا محسوس ٿيندو آهي؟ سڀ کان پهرين اسانجا هٿ پير ٿڌا ٿي ويندا آهن. پوءِ ٽنگون ۽ هيٺيون ڌڙ ٿڌو ٿي ويندو آهي. انهيءَ حالت ۾ اسانجي اندر آتما به هوندي آهي. اسان ۾ هوش به هوندو آهي اسانجي اندر پراڻ به هوندا

ملي اها ننڍي بوند به بادل بڻجي وڃي ٿي. جيڪڏهن اسين پرماتما کي پيار ڪريون ٿا ته اسين پنهنجي پريتم کان جدا رهڻ نٿا چاهيون. اسين هن ۾ ملي پنهنجي خوديءَ کي ختم به ڪري ڇڏيون ٿا، پر تنهن هوندي به اسانجي هستي بڻي رهي ٿي. جيڪڏهن بوندڙ مينڻ بتيءَ کي اڳنيءَ ۾ رکيو وڃي ته مينڻ بتي ۽ اڳنيءَ جو پرڪاش جدا جدا نه ڏسڻ ۾ ايندو پر جيڪڏهن مينڻ بتيءَ کي اڳنيءَ مان ڪڍيو وڃي ته انجو تجلو اڳنيءَ کان الڳ ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪڏهن وري اُن کي اڳنيءَ ۾ رکيو وڃي ته اها وري مينڻ بتي نه رهندي. اهڙيءَ طرح آتما پرماتما ۾ لين ٿي ويندي آهي.

س - ٣٧٣. دراصل آتما نه، چا من ٿي پنهنجي هستي مٽائي وڃڻ چاهيندو آهي؟

ج - اهو ٺيڪ آهي. من ئي مارگ ۾ رڪاوٽ آهي. اهو اَهم لي پنهنجي هستي ختم ڪرڻ نٿو چاهي. اسين سدائين اهو چوندا آهيون "مان فلاڻو آهيان، مان هيءُ آهيان، مان هُو آهيان." اسين اِنهيءَ "مان" کي يا اَهم کي تياڳڻ نٿا چاهيون. اسان اڄ اِنهيءَ اَهم کي ڪافي وڏائي ڇڏيو آهي. اسين سمجهون ٿا ته اِها هڪ نهايت انوکي شيءِ آهي. پر دراصل اِها مارگ جي سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي، جنهن کي هٽائڻو آهي.

س - ٣٧٤. چا آتما اهڙي روحاني اوستا ۾ پهچي سگهي ٿي جو جڏهن به چاهي سرير مان نڪري پرميشور جا درشن ڪري سگهي ۽ جڏهن چاهي سرير ۾ واپس اچي وڃي؟ اهڙيءَ حالت ۾ چا پرميشور سان ميلاپ جو گيان به بڻيو رهندو آهي؟

ج - روحاني ابياس انهيءَ مقصد جي پراپتيءَ لاءِ ئي ڪيو ويندو آهي ته اسين جڏهن چاهيون، آتما کي سرير مان ڪڍي اُتي هليا وڃون ۽ جڏهن چاهيون واپس هيٺ اچي وڃون، اهوئي ابياس ستسنگ جو اصلي مقصد آهي.

س - ٣٧٥. ڪن ماڻهن جو ويچار آهي ته سرير ستن قسمن جو

آهي. اسانکي صرف هن استول دنيا جي باري ۾ سوچ ويچار ڪرڻ
گھرجي ۽ انھيءَ کان مڪت ٿيڻ لاءِ، پرماتما دوارا ٻڌايل ذريعن کي
عمل ۾ آڻڻ گھرجي، جيئن اسين هن سنسار مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري
نج گھر واپس پھچي سگھون.

س - ٣٧٢. پرميشور ۾ سمائجي وڃڻ بعد ڇا آتما کي الڳ چيتنا
رهندي آهي؟

ج - فنا ۾ بہ بقا رهندي آهي. پرماتما ۾ لين ٿيڻ بعد بہ آتما
جي هستي رهندي آهي پر ڪنھن الڳ هستيءَ جو احساس نہ ٿيندو
آهي. اُن اوستا ۾ آتما پرماتما ۾ لين هوندي آهي ۽ بس. سنساري
پريم ۾ بہ پريمي پنھنجو پاڻ کي پوري طرح وساري، صرف پنھنجي
پريتما کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. انهن دنيوي سمبنڌن
۾ بہ مٺس پنھنجو پاڻ کي ايترو وساري ڇڏيندو آهي جو هنکي اها بہ
سڌ بڌ نہ رهندي آهي تہ ڇا مان آهيان، ڪٿي آهيان. روحاني پريم
يا عشق حقيقي ۾ تہ انھيءَ کان گھڻو وڌيڪ ڪشش ۽ ايڪاگرتا ۽
استرتا هوندي آهي. هيءَ نهايت اوچ ۽ اُتم، خوبصورت پوتر اوستا
آهي. پرماتما ۾ لين ٿيڻ واري پرم آنند، مهارس جو لفظن ۾ ورنن
نٿو ڪري سگھجي. اُنهيءَ اوستا ۾ الڳ هستي چيتنا يا هوش يا ٻئي
ڪنھن جو احساس نٿو رهي. اُن حالت ۾ صرف پريم ئي پريم، آنند
ئي آنند رهي ٿو، ڇو تہ پرماتما سان مليل آتما، اُنهيءَ جو ئي روپ
ٿي ويندي آهي. صرف پريو ئي پريو رهي ٿو.

س - ٣٧٣. تہ ڇا روح هڪ ئي چيتنا رهجي ويندي آهي؟

ج - پرماتما هڪ آهي. اُنهيءَ ۾ سمائجي اسين اُنهيءَ جو روپ
ٿي ويندا آهيون. اُنهيءَ جو انگ بڻجي ويندا آهيون. گڏڪيءَ ۾
مليل هڪ بوند جي بہ پنھنجي هستي آهي. جڏهن بوند ٻاڦ بڻجي
اُٿي وڃي ٿي، اُن مهل هنجي الڳ هستي هوندي آهي، اُن وقت اها
ڦڙيءَ کان بہ الڳ آهي ۽ بادلن کان بہ الڳ هوندي آهي. پر جڏهن ٻاڦ
۾ ملي وڃي ٿي تہ بادل جو روپ ٿي ويندي آهي. بادل ۾

پوءِ اونده ڪٿان ايندي آهي؟ پرڪاش صرف ڌرتيءَ جي اُن حصي طرف هوندو آهي، جيڪو سج جي سامهون هوندو. جڏهن ڌرتي سج سامهون هوندي آهي، تڏهن به ڪيترائي دنيا ڪڪر اچي ويندا آهن. حالانڪ سج اُنهيءَ حالت ۾ به چمڪندو رهندو آهي. پرڪاش جو نه هئڻ ئي اونده جو هئڻ آهي ۽ پرڪاش جو مارگ روڪڻ واري رڪاوٽ جيتري وڏي هوندي آهي اوتري ئي اونده وڏي ٿئي ٿي. اهڙي طرح جڏهن اسانجي اندر پرماتما جو پيار نه هوندو آهي، اسانجو هردو، هن ڏانهن رخ نه رکندو آهي ته برائيءَ جي حالت اچي ويندي آهي.

س - ٣٦٩. مهاراج جي، اسين ستجگ، تريتا، دواپر ۽ ڪلجگ جي ڳالهه ڪندا آهيون. ڇا ستجگ ۾ به مثل اسٿول سرير ۾ هئا ۽ اهو جگ هن ڌرتيءَ تي ئي هو؟

ج - اهو جگن جو ورهاڱو اسانجو لئي ڪيل آهي اسان خود وقت کي انهن چئن جگن ۾ ورهايو آهي اسين چاهيون ته انهيءَ کي چئن يا وڌيڪ حصن ۾ به ورهائي سگهون ٿا پر سرير هر جگ ۾ هوندو آهي.

س - ٣٧٠. ڇا توهين پرلئه، مهاپرلئه جي باري ۾ وضاحت ڪندا؟

ج - انهن سڀني ڳالهين جو گيان سنت مت ساهتيه ۾ ملي ويندو آهي. پرلئه جو مطلب آهي، اسٿول جگت جو ناس ٿي وڃڻ. مهاپرلئه جو ارٿ آهي، سوکيم ديس کان پار جيڪا رچنا آهي انهيءَ جو ناس ٿيڻ. آخري پرلئه ته تڏهن ٿيندي جڏهن مالڪ هن سرشٽيءَ جي سڄي ليلا ئي سميٽي ڇڏيندو، اُن وقت سڄي سرشٽي سمايت ٿي ويندي ۽ سڀ پنهنجي پنهنجي اصلي مول نڪاشي ۾ واپس سمائجي ويندا. سنتن اهي سڀ ڳالهيون لفظن ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر اسانجي بدي، انهن ڳالهين کي سمجهڻ ۾ اسمرٿ آهي. اسانکي انهن جي الجهن ۾ نه پوڻ گهرجي. اسين انهن ڳالهين ۾ الجهي رهجي ٿا وڃون، انهيءَ ڪري سنتن انهن اُنهن جو تفصيل سان ورنن نه ڪيو

س- مڻش ڪڪرم ڪيا، هن مالڪ جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي، انهيءَ ڪري.

ج- جيڪڏهن پرميشور ٻولڙ ٿي ٻرلبر پيدا ڪيو آهي ته مڻش غلط ڪم ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

س- اهولي ته مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي.

ج- هن رچنا ۾ جيڪي ڪجهه آهي، سڀ ڪل مالڪ مان آيو آهي. من به انهيءَ مان نڪتو آهي. ڪال به انهيءَ مان نڪتو آهي. مالڪ خود سرشٽيءَ جو بندوبست، ڪال جي حوالي ڪيو آهي. ڪال هن سرشٽيءَ جي حڪومت هلائي ٿو. هن آتمائن کي پنهنجي ماتحت رکڻ لاءِ ڪي قاعدا قانون ٺاهيا آهن. اسانکي انهن قاعدن جي پوئواري ڪرڻي آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪال جي وڇايل ڄار مان بچائي، مالڪ سان ملڻ جي ڪوشش به ڪرڻي آهي، ڪرم، اهڙو پداوت ڪونهي جيڪو مالڪ مان نه نڪتو هجي ۽ جيڪڏهن مالڪ پوري ٿي پوراڻ آهي ته، برائي ڪٿان آئي؟ پوراڻ جو نه هئڻ ٿي برائيءَ جو روپ اختيار ڪري ٿو. جتي سج هوندو آهي اتي ڇايا به هوندي آهي. سج ته پرڪاش ٿي پرڪاش آهي، پر ڇايا به ته سج ٿي پيدا ڪري ٿو.

س- ٣٦٨. مان سوچان ٿي ته هيءَ دنيا ”عدن جو باغ“ يا سرڳ هئي ۽ اسين ٻارن وانگر پنهنجن پنهنجن وانديڪن سان وانديڪدا هئاسين. ان بعد اسان ۾ هڪ ٻئي لاءِ حسد پيدا ٿيو ۽ اسان هڪ ٻئي جا وانديڪا ڦرڻ چاهيا ۽ اهڙي طرح برائيءَ جو سلسلو شروع ٿي ويو؟

ج- شايد، ٿي سگهي ٿو پر حسد ساڙ جو اڄ به ته انهيءَ مالڪ کان ٿي آيو آهي. ڪجهه به هن کان ٻاهر نه آيل آهي.

س- انهيءَ ڪري ٿي ته مونجهارو ٿئي ٿو ڇو ته اهو سڀ غلط محسوس ٿئي ٿو.

ج- آسين اڪثر سوچيندا آهيون ته جڏهن پرماتما پوراڻ سروپ آهي ته برائي ڪٿان اچي وئي؟ سج هميشه آڪاش ۾ چمڪندو آهي

سريرَ جو انت آهي. جڏهن مان ٻوڙهو يا ٽرڪڻيءَ ۾ پنهنجي استان تي پهچي وڃي ٿو تہ جنم مرڻ کان مڪتي پراپت ٿئي ٿي. آتما جي مڪتي تڏهن ٿئي ٿي جڏهن اها واپس وڃي پنهنجي اصلي سرجڻهار پرم پتا ۾ ملي هڪ ٿي وڃي ٿي.

هن جڳت ۾ ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ آتما، من ۽ اندرين جي مدد وٺي ٿي پر بدقسمتي اها ٿي جو آتما انهنجي مالڪ يا سوامي نہ رهي سگهي. من لذت جو عاشق آهي ۽ اندرين جي پوڄا رس جو داس ٿي ويو آهي، هيءَ ٻارڻ سان گڏ آتما کي بہ اندرين طرف هيٺ وٺي ويندو آهي. هيئر حالت اها آهي جو من دوارا آتما اندرين جي بہ داسي ٿي چڪي آهي. نتيجي طور من ۽ آتما، ٻئي پنهنجو اصلي نج گهر ۽ اصلي مقصد وساري ويٺا آهن.

اسانکي ڪرمن انوسار سريرُ مليل ٿو، منش جو يا ڪنهن ٻئي جو پرچوراسيءَ مان نڪرڻ جو مارگ صرف منش ديهيءَ ۾ آهي. اها ڪرپا مالڪ ڪري ٿو، صرف انهيءَ مقصد جي پورائيءَ لاءِ ٿو. تنهنڪري هن ديهيءَ ۾ هميشه پنهنجي اصلي مقصد کي اکين سامهون رکڻ گهرجي ۽ نج گهر واپس وڃي وڃڻ واري مارگ تي هلڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي. ڪرمن انوسار پنهنجا دنيوي فرض بہ پورا ڪرڻ گهرجن پر اصلي مقصد کي بہ ڪڏهن وسارڻ نہ گهرجي. هميشه پنهنجي ڌرڌام وڃڻ واري سفر، پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو روحاني سفر پورو ڪرڻ اسانجو مکيہ مقصد آهي. هن مارگ کان هيڏانهن هوڏانهن، ساڄي کاٻي نہ ٿيڻ گهرجي. هن مقصد کي سدائين سامهون رکڻ گهرجي.

س- ٣٦٧. اسانکي معلوم آهي تہ پرميشور "پورن" آهي. تنهنڪري سنسار ۾ جيڪي بہ ڏک، ظلم، مارڪٽ ۽ ڪشت ڪليش آهن، اهي پرميشور جا پيدا ڪيل ڪونهن، نہ تہ ڇا اهي انساني پاپ جي پيدائش آهن؟

ج- پاپ ڪٿان آيو آهي؟

ج - ها، اُنهن کي به هڪ ڏنهن موقعو ضرور ڏنو ويندو آهي، چاهي هوُ اُنهيءَ موقعي جو صحيح استعمال ڪن يا نه.

س - ٣٦٤. جڏهن اسين هن زمين تي هلندڙ ڪوليءَ کي ڏسندا آهيون ته ڇا اسين اهو چئي سگهون ٿا ته ڪنهن وقت اها به منش هئي؟

ج - ها.

س - ٣٦٥. ڇا اهو ٺيڪ آهي ته پرميشور ڪانسواءِ سڀ سروپ متيا آهن ڇو ته جيڪو سروپ سدائين رهڻ وارو آهي، ڇا اهو ئي سچو ٿي سگهي ٿو؟

ج - اهائي ڳالهه ٺيڪ آهي. جيهنکي هميشه نه رهڻو آهي، اُنهيءَ کي اُبناسي يا سچو، جيڪو اڄ آهي سڀاڻي ڪونهي، ڪيئن لو چئي سگهجي؟

س - ٣٦٦. جيڪي ڪجهه نظر اچي رهيو آهي، سچ جي ڪرڻي وانگر آهي، جنهنجي پٺي چيزي تي حقيقت آهي. اُنهيءَ ڪرڻي جي پرڪاش مان اسان ۾ سنسار لاءِ ڪشش پيدا ٿئي ٿي ۽ صرف ڪرڻي جي پار ڏسڻ سان ئي سچ جو گيان ٿي سگهي ٿو؟ ڇا اهو سچ آهي؟

ج - ٺيڪ آهي. جڳت ۾ جيڪي ڪجهه نظر اچي ٿو، پنجن تتن جو کيل آهي. اهي پنج تت، پاڻي، هوا، پرٿوي، اگني ۽ آڪاش هڪ ٻئي جا دشمن آهن. هڪ شبد جو ڪرڻو جيڪو مالڪ جو انس آهي، اُنهن تتن کي منش سرير ۾ گڏ ڪري رکي ٿو. پنهنجن پنهنجن ڪرمن سبب، تتن جي گهٽ وڌ ٿيڻ تي، منش، منش ۾ فرق پوي ٿو. هر هڪ منش سرير ۾ اهي پنج تت ٿيندا آهن، صرف اُنهن جو اندازُ گهٽجندو وڌندو آهي. اڄ اسين پيدا ٿيندا رهون ٿا، پر جڏهن مالڪ سرير مان شبد جي ڪرڻي يا آتما کي ڪڍي ٿو وٺي، اهي پنج تت هتي ئي رهجي ويندا آهن ۽ ڳرڻ يا سڙڻ شروع ڪن ٿا. مٽي، مٽيءَ ۾ ملي وڃي ٿي، پاڻي پاڻيءَ ۾ ۽ باقي تت به پنهنجي پنهنجي اصلي ڀنڊار ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ سرير جو انت ٿئي ٿو. اهو صرف

رچنا کان پھرين ۽ پوءِ

س- ٣٦٠. شروعات ۾ ڇا ھو؟

ج- شروع ۾ صرف اھو مالڪ ھو، جنھنجو نہ آد آھي نہ انت، جيڪي ڪجھ آھي، سڀ انھيءَ جو پسارو آھي، ھوُ خود ئي سڀ ڪجھ ھو ۽ جيڪي ڪجھ نظر اچي رھيو آھي، سڀ انھيءَ جو پسارو آھي. جيڪڏھن اھو سمجھجي ٿہ تہ انھيءَ کانسواءِ ڪجھ ٻيو بہ ھو تہ انھيءَ جو ارٿ اھو ٿيو تہ مالڪ ھڪ ڪونھي پر مالڪ ھڪ آھي. ھڪ ھو ۽ ھڪ ئي رھندو. ھوُ سرو وياپڪ آھي سڀ ڪجھ انھيءَ مان پيدا ٿيو آھي.

س- ٣٦١. مھاراج جي، ڇا منش جنم پھرين ھيٺين جوُڻين کان شروع ٿيندو آھي ۽ اُن بعد جانورن وغيرہ مان ترقي ڪندي مٿي اچي ٿو؟

ج- سڀ ڪجھ مالڪ بڻايو آھي. سرشٽي ڌيري ڌيري ترقي ڪندي ڪونہ ٿي. ھن مالڪ پنھنجي شبد دوارا سڀ اُتپتي ڪئي. سڄي سرشٽي ۽ انھيءَ جي ھرھڪ شيءِ ھڪ ئي وقت گڏ پيدا ٿي.

س- ٣٦٢. ڇا منش کي شروع ۾ منش روپ ۾ پيدا ڪيو ويو؟

ج- ڪجھ تہ منش روپ ۾ ئي پيدا ٿيا ۽ ڪجھ ھيٺين جوُڻين ۾ بہ ويا.

س- حيواني جوُڻ مان ترقي ڪري جيو، منش بڻيا؟

ج- حيواني جوُڻ مان ۽ انھيءَ کان ھيٺين جوُڻين مان بہ ۽ اُنھن کان ھيٺين جوُڻين مان جيوَ مٿي چڙھيا.

س- ٣٦٣. ڇا پسوُن جوُڻ مان ترقي ڪري منش بڻجي سگھجي ٿو؟

ج- ھا، ھرھڪ جيوَ کي مٿي چڙھڻ جو موقعو ڏنو ويندو آھي. اھي منش جوُڻ تائين اچي سگھن ٿا.

س- ڪيڙن ماڪوڙن کي بہ؟

ج - ڪيترا دفعا اسانجا ڪي اهڙا سخت ڪرم هوندا آهن جن جو
اثرن مٿين منڊل کان به اسانکي هيٺ ڇڪي ايندا آهن. جيئن من گڏ
آهي، ڪو ڀروسو ڪونهي. جڏهن من جي ڇنبي کان ڇوڪارو ٿئي
ته پوءِ ڪاٻه شڪتي واپس ڇڪي وٺي اچي نٿي سگهي.

س - ٣٥٩. برهمنڊي چيتنا ڪهڙي اوستا تي پهچي ٿيندي
آهي؟

ج - اهو سائنس جو لفظ آهي جنهنکي ماڻهو روحانيت ۾ استعمال
ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هن وقت اسانجي چيتنا اکين جي
مرڪز تي آهي. ستگروءَ جي مدد بنا، انهيءَ کي ڪيترو مٿي وٺي
وڃي سگهجي ٿو؟ ڇا اها ڳالهه توهانکي برهمنڊي چيتنا جي باري ۾
انداز لڳائڻ ۾ مددگار ٿيندي؟

س - مون اکين کان مٿي الڳ الڳ اوستائن جو ورنن پڙهيو آهي.
مان انهيءَ انداز لڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان ته برهمنڊي
چيتنا ڪهڙيءَ اوستا سان ميل کائي ٿي؟

ج - ڇا انهيءَ جو سمبنڌ توهانجي انڀوَ جي ماترا يا حالت سان
ڪونهي؟ انهيءَ جو تعلق توهانجي انڀوَ سان آهي ته توهان نون دوارن
مان خيال ڪڍڻ سان ڪيتري قدر سڦلتا پراپت ڪئي آهي يا توهين
ڏهين دوار ۾ داخل ٿي چڪا آهيو يا انهيءَ کان به مٿي ويا آهيو؟
توهين اهو معلوم ڪرڻ ٿا چاهيو ته برهمنڊي چيتنا جي ڪهڙي اوستا
آهي؟ اهو ڏهون دوار آهي جيڪو اکين کان مٿي آهي. سنت مت ۾
انهيءَ کي دشم دوار چيو ويو آهي. نين اک، ٽئين تل يا هڪ اک جو
انهيءَ ڏانهن اشارو آهي.

س - ٣٥٥. مهنجي سمجهه ۾ موت بعد، منش پنهنجي سو سال سوکيم منڊل ۾ رهندو آهي. انهيءَ بعد وري جنم وٺندو آهي؟ انهيءَ عرصي ۾ هو انهن منڊلن ۾ ڇا ڪندو آهي؟

ج - اهڙو ڪو به معياد مقرر نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ جو تعلق ان ڳالهه سان آهي ته باقي ڪيترا ڪرم پوڻا آهن. پر جيڪڏهن زندهه هوندي ستگرو ملي ويو آهي ته ٿي سگهي ٿو ته وري جنم وٺڻ جي ضرورت ئي نه پوي. اسين انهيءَ استان کان ئي مٿي چڙهائي ڪري سگهون ٿا. سنسار ۾ تڏهن واپس منش ديهه ۾ اچڻو پوندو آهي جڏهن سنسار جو موهه هوندو آهي. صرف سنسار جو موهه ئي منش کي واپس ڇڪي وٺي اچي ٿو پيءَ حالت ۾ واپس نه اچڻو پوندو.

س - ٣٥٦. ڇا سوکيم منڊلن ۾ به ڏک سور هوندا آهن؟ ڇا اهي منڊل اسانجي خراب ڪرمن جي حساب چڪائڻ لاءِ آهن؟

ج - اتي ڪو جسماني ڏک ته نه ٿيندو آهي، صرف مالڪ جي جدائيءَ جي مانسڪ پيڙا ٿيندي آهي. جسماني ڏک صرف هن سنساري ديهه ۾ ئي ٿيندا آهن.

س - ٣٥٧. ڇا سوکيم منڊلن ۾ به اپديش وٺي ۽ ڏيئي سگهجي ٿو جيئن ته ننڊ ۾؟

ج - ننڊ جي حالت ۾ منش سوکيم منڊلن ۾ نه هوندو آهي، ان وقت سرت کنٺ چڪر ۾ هوندي آهي. پر ڪيترائي ڀيرا ننڊ جي حالت ۾ اپديش پراپت ڪري سگهجي ٿو. اسين ائين محسوس ڪندا آهيون ته اسين ننڊ ۾ آهيون پر دراصل ننڊ ۾ نه هوندا آهيون.

س - ٣٥٨. مهاراج جي، ڇا پهرئين استان کي پار ڪري ستگروءَ جي نوري سروپ جي درشن ڪرڻ بعد به هيٺ ڪري سگهجي ٿو؟

ج - ها.

س - انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته اندر ستگروءَ سان ميلاپ ڪرڻ بعد به ڪجهه پڪ ڪونهي؟

نٿي ٿي سگهي؟ ڇا سوکيم منڊلن ۾ ٻيا سڀ ڪا به ترقي نٿي ٿي
سگهي؟

ج- سوکيم منڊلن ۾ به روحاني ترقي ٿيندي آهي.

س- ڇا اها ترقي تمام ڍري ڍري ٿيندي آهي؟

ج- ها. تمام آهستي آهستي ٿيندي آهي. انهيءَ سبب مٺش
ديهيءَ کي سڀ کان اوچو درجو ڏنو ويو آهي. سوکيم سڀ آهي
سوکيم منڊل آهن پر مٺش ديهه سڀني کان اتم آهي، ڇو ته انهيءَ
ديهيءَ ۾ سوکيم منڊلن ۾ وڌيڪ ۽ جلدي روحاني ترقي ٿي سگهي
ٿي، پر جيڪڏهن هن ديهه ۾ ٿي پورن ستگرو ملي وڃي ته اندر
سوکيم منڊلن ۾ ترقي ٿيندي رهندي آهي ۽ وري ديهه ۾ اچڻ جي
ضرورت نٿي رهي.

س- ٣٥٤. مهاراج جي، موت بعد، جڏهن آتما سوکيم منڊل ۾
ويندي آهي ته اتي ڇا ڪندي آهي؟ ڇا اتي آتما کي هن سنسار
جهڙا ٿي ڪم ڪرڻا پوندا آهن؟

ج- شايد اڄ صبوح جو ٿي اها ڳالهه سمجهائي وئي آهي ته اتي
هن سنسار جهڙا ڪم نه آهن. اتي صرف پرڀو جو ڪم ٿي ٿيندو آهي.
پنهنجي منشين سفر سماپت ڪرڻ جو ڪم ٿيندو آهي. مون ڪالهه
سمجهايو هو ته هن سنسار ۾ رهندي اسين ڪيتري وڌيڪ روحاني
ترقي ڪري سگهون ٿا ڇو ته هتي اسان کي هر روز پنهنجي چؤگرد
اهڙا دک ڪشت نظر ايندا آهن جو اسين هن سنسار مان نڪرڻ چاهيندا
آهيون ۽ هميشه مالڪ جي باري ۾ سوچيندا آهيون، انهيءَ ۾ سمائجي
وڃڻ چاهيندا آهيون ۽ اسين هن سنسار ۾ قاسجي رهڻ نٿا چاهيون.
انهيءَ ڪري اسين خوب محنت ڪريون ٿا جيئن جلدي پرماتما تائين
پهچي سگهون. جيسين زبردست تڙپ نه هوندي، تيسين اسين مالڪ
سان ميلاپ نٿا ڪري سگهون. سوکيم منڊلن ۾ جيئن ته ڪي ڏک
سور نه آهن، جنم مرڻ جو ڊپ نه هوندو آهي، انهيءَ ڪري مالڪ
سان ملڻ جي اهڙي تيز تڙپ نه هوندي آهي.

س - ٣٥٠. اسين روحاني اڀياس ۾ بار بار اُنهيءَ اُنت لوڪ ۾ ويندا آهيون ته ڇا هر ڀيري اسانکي اُنهيءَ اُنت، اُنهيءَ پرماتما جي ٻاري ۾ وڌيڪ گيان پراپت ٿيندو آهي؟

ج - اِهو سياويڪ آهي ته جيسين منزل تي نٿو پهچجي، هر بار اسانجو گيان وڌندو رهي ٿو. پر جڏهن منزل تي پهچجي ويندو ته اُنهيءَ کان پار بيو ڇا ٿو ٿي سگهي؟

س - ٣٥١. مهاراج جي، سچکنڊ کان مٿي بيا به منڊل آهن يا اِهو ئي آخري آهي؟

ج - سچکنڊ آخري منڊل آهي پر ڪجهه ماڻهو اِنهيءَ تي اَلکهه اَگم ۽ اَنامي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائيندا آهن. آهي هڪ ئي منڊل جا ٽي ننڍا حصا آهن. ڪجهه ماڻهو صرف ٻه منڊل مڃيندا آهن. هڪ ترڪٽيءَ کان هيٺ، هڪ ترڪٽيءَ کان مٿي. ڪابه حد مقرر ٿيل ڪونهي. ڪيترا دفعا اسين ڪنڊن جي ورڻ ۾ ئي گم ٿي ويندا آهيون. اسانجو دراصل مقصد، منزل ته پرم پتا پرماتما آهي، جنهن ۾ اسانکي سمائجي وڃڻو آهي. پوءِ اُنهيءَ کي هڪ سفر چئو يا ڇهن حصن يا ٻن حصن يا اٺن حصن وارو سفر چئو. اِهو ته صرف لفظن جو ڄار آهي. توري ۾ سنتن پنجين منڊل کي ٽن حصن ۾ اَلکهه، اَگم ۽ اَنامي يا راڌاسوامي جهڙو آهي يا پوري پنجين منڊل کي سچکنڊ چئي سگهجي ٿو ڪوبه فرق نٿو پوي.

س - ٣٥٢. مهاراج جي، ڇا آتما لاءِ سوکير منڊلن ۾، ستگروءَ سان ملڻ بنا، اِهو ئي گيان پراپت ڪرڻ ممڪن آهي، جيڪو اسين منش ديهيءَ ۾ ڪندا آهيون؟ ڇا آتمائن لاءِ، شتان کان ئي اُنهيءَ حالت ۾ سنتوکه نه هئڻ تي، پهچڻ جي ڪوشش سان مٿين روحاني رسائي ڪري سگهڻ ممڪن آهي؟

ج - هو وري منش ديهه ڌارڻ ڪري، ستگروءَ سان ملاقات ڪري بعد ئي روحاني رسائي ڪري سگهن ٿيون.

س - ٣٥٣. ته اِهو سچ آهي ته منش ديهه جي [illegible]

[illegible]

مٿيان روحاني منڊل

س- ۳۴۸. ڊاڪٽر جانسن پنهنجي پستڪ ”د پاٿ آف د ماسٽرس“ (The Path of The Masters) ۾ سچ کنڊ، برهمانڊ، انڊ ۽ پنڊ ناليءَ جن چئن منڊلن جو ورنن ڪيو آهي، ڇا اهو ورنن بلڪل صحيح آهي؟

ج- روحاني منڊلن جو لفظن ۾ ورنن ڪرڻ نهايت مشڪل آهي. پر لفظن بنا ٻيو ڪو چارو به ڪونهي. هرهڪ لفظ کي توري، ماپي نٿو سگهجي. پر ڪابه ڳالهه گهٽ يا وڌ، ٻوليءَ دوارا ان تي بيان ڪري سگهجي ٿي. انهن حقيقتن جي ورنن ڪرڻ جو ساڌن آهي ته ٻولي، پر ٻولي، انهن ڳالهين جي ورنن ۾ به سمرٿ ڪونهي. ڪيترائي دفعا ڪن ڳالهين تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي ۽ ڪن ڳالهين تي گهٽ. ٻوليءَ دوارا ڪيترين ئي ڳالهين رهجي وينديون آهن.

س- ۳۴۹. ڇا توهين اهو چئي سگهو ٿا ته جيتري قدر ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جو تعلق آهي، اهي ئي چار منڊل آهن؟

ج- مان هيٺ ٻڌائي چڪو آهيان ته ڪيترن سنتن ۽ مهاتمائن انهن منڊلن جي ذڪر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. گهڻن ئي سنتن چار منڊل چيا آهن، پر ڪيترن سنتن ڇهه منڊل چيا آهن، هڪ ترڪٽيءَ کان هيٺ ٻيو ترڪٽيءَ کان مٿي. هڪ من ۽ مايا جو منڊل ۽ ٻيو من ۽ مايا کان مٿي وارو منڊل. ڪن سنتن پنجن منڊلن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪيترا پنجن منڊلن کي ٻين ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائين ٿا. اسان کي انهن منڊلن جي تعداد جي مونجهاري ۾ نه پوڻ گهرجي. دراصل اندر جو مارگ هڪ ئي آهي ۽ ڪي به مقرر ٿيل حدون ڪونهن. جيئن ته ڳالهه ڪنهن طريقي چوڻي آهي، انهيءَ ڪري ٻولين ۾ انهن منڊلن جو ورنن آهي. ڪن سنتن ڇهه منڊل چيا آهن. ڪن انهن ٻن منڊلن کي چار چيو آهي. ڪن سنت پنج ۽ ڪن سنت اٺ چون ٿا. سڄو ۽ مارگ هڪ ئي آهي. انهيءَ کي چاهي ٻن، چئن، پنجن، اٺن جيترن ۾ چاهيو ورهايو.

جو داس ۽ آتما من جي داسي ٿي چڪي آهي. ڇو ته آتما به من
سان گڏ، اندرين طرف ڇڪجي ويندي آهي. انهيءَ سلسلي کي اُلٽو
ڪرڻو آهي. جڏهن من جو رخ اندرين طرف هوندو ته هو اُنهن ڏانهن
ويندو، پر جيڪڏهن من اندرين طرف وڃڻ کان انڪار ڪندو ته هو
اندرين کان مٿي ٿيندو. جڏهن من اندرين جو تياڳ ڪري ٿو ته اسانجو
دوست بڻجي پوي ٿو. اسين من کي اندرين کان ڇو ٿا هٽائڻ چاهيون؟
ڇو ته آتما من جي وس ٿي چڪي آهي. جڏهن شبد جي مدد سان من
واپس پنهنجي استان تي پهچي ويندو آهي ته من ۽ آتما جي جُدائي
ويندي آهي، آتما من جي ڇنبي مان آزاد ٿي ويندي آهي ۽ تڏهن
اهو سلسلو اُلٽو ٿيندو آهي. اهڙيءَ اوستا ۾ من آتما جي ۽ اندريون
من جي وس ٿي وينديون آهن.

اسانکي ڀڄن سمرن ۽ ڌيان جي سهائتا سان من کي اندرين کان
مٿي کڻي، وڃي شبد سان جوڙڻو آهي ۽ آتما کي من جي ڇنبي مان
آزاد ڪرڻو آهي. جيسين من جو جهڪاءُ اندرين طرف آهي، اسانجو
انهيءَ کان وڌيڪ نقصانڪار دشمن ٻيو ڪو به ڪونهي. جڏهن من
اندرين کان آزاد ٿي، شبد سان جڙي ٿو تڏهن انهيءَ کان بهتر دوست
ٻيو ڪو به ڪونهي جيسين من واپس پنهنجي استان (ٽڪيٽي تل) تي نٿو
وڃي، آتما ڪڏهن به هنجي ڇنبي مان نڪري نٿي سگهي. اسانکي
سنتن کان مت وٺي، جڳتي سکي، ڀڄن سمرن ڪري، مالڪ جي
دئيا مهر سان، انهيءَ دشمن کي دوست ۾ تبديل ڪرڻو آهي.

ميلاپ ڪرڻ چاهيون ٿا پر ڪال اسانکي غلط راھ تي آڻي ٿو. ھو اسانکي سچي ۽ صحيح ايڪتيءَ کان دور رکي ٿو، پر اسانجو ھردو ڪڏھن بہ ڪال کي نٿو چاھي. انھيءَ ۾ قدرتي طور مالڪ جي ترڪ يا اڪير آھي ۽ مالڪ سان ملڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رھي ٿو.

مونکي ڪنھن ٻڌايو تہ ڪو منش سنت مت ۾ اچڻ کان اڳ، ڪال جي ايڪتي ڪندو رھيو آھي. اھو غلط آھي، ھڪ ڀرم آھي. جڏھن اسانکي ڪال جي شڪتيءَ جي ڄاڻ ئي ڪونھي تہ اسين انھيءَ جي ايڪتي ڪيئن ٿا ڪري سگھون؟ اسين پريوءَ سان ميلاپ ڪرڻ چاھيون ٿا پر اسانکي اھو گيان ڪونھي تہ پرماتما جي ايڪتي ڪھڙي طرح ڪريون. جڏھن مالڪ جي ديا مھر ٿيندي آھي، تڏھن اسين ھنجي سچي ايڪتيءَ جي مارگ تي ھلڻ شروع ڪندا آھيون ۽ ھن جڳت جي حاڪم جي ڇنبي مان ڇوٽڪارو ملندو آھي، انھيءَ حاڪم کي ڪال چئو، برھمنڊي من سڏيو، شيطان ڪوٺيو يا چاھي ڪنھن ٻئي نالي سان سڏيو، جنھن نالي سان بہ توھين چاھيو. ڪال بنا مطلب جي ناھي ھوَ مالڪ جي رضا کان ٻاھر ڪونھي. ھو مالڪ جي موج سان ئي ٻڌيو آھي. ھنجي مرضيءَ کانسواءِ ڪجھ نٿو رھي سگھي ۽ ڪال بہ مالڪ کان ئي شڪتي پراپت ڪندو آھي ڪنھن ٻئي کان نہ.

س- ٣٤٦. ڇا منھنجو اھو سوچڻ ٺيڪ آھي تہ ڪال پنڊي من آھي، جيڪو ھميشہ ٻاھر ڀٽڪندو رھي ٿو.

ج- آتما جو تعلق پرماتما سان آھي. من ڪال جو ايجنٽ آھي. جھڙي طرح آتما جو مول، بنياد مالڪ آھي، من جو سروت ڪال آھي. توھين انھيءَ کي ڪال ڇئي سگھو ٿا، برھمنڊي من سڏي سگھو ٿا، آتما تہ ڪل مالڪ جي انس آھي.

س- ٣٤٧. ڇا من ۽ آتما ڪڏھن ڪال کي جيتي سگھن ٿا.

ج- ھا اسانجي سرير ۾ من ۽ آتما جي ڳنڍ ٻڌل آھي ۽ انھن ٻنھي جي بيٺڪ، اکين جي پنيان، ٽئين تل ۾ آھي. انھيءَ استان تان، ن کي ھيٺئين طرف ڇڪيندا رھن آھن. جنھن سبب من اِندرين

جيڪي سنسار ۾ پنهنجي وقت جو صحيح استعمال نٿا ڪن. جيڪي سنساري ڀوڳ ولاس ۾ مست رهي، مالڪ کي وساري چڪا آهن.

س- ٣٤٥. منهنجو ويچار هو تہ اسان مان ڪيترن جو مالڪ ڪال آهي؟

ج- ڪال صرف سنسار جو حاڪم آهي. انهيءَ جو اهو ارٿ ڪونهي تہ اسان سڀني جي اندر پرماتما ڪونهي. اسانجي دلين ۾ پرماتما لاءِ تڙپ آهي، اسانکي هن لاءِ پيار آهي، انهيءَ سان پريت آهي، اسين هنجي ڀڳتي ڪريون ٿا، چاهي اسانکي اها خبر هجي، نہ ہجي تہ دراصل هنجي ڀڳتي ڪيئن ڪرڻي آهي.

ڪيترن ماڻهن کي اهو ڀرم آهي تہ جيڪي ماڻهو سنت مت انوسار نہ هلي رهيا آهن، انهن کي پرماتما سان پيار ڪونهي. اها ڳالهہ ٺيڪ نہ آهي. انهنکي پرماتما سان ڀروسو آهي پر انهنکي اهو گيان ڪونهي تہ هن کي ڪيئن پيار ڪيو وڃي؟ هو پيار چاهي ڪهڙي طرح بہ ڪندا هجن، پنهنجي اندر ۾ پرماتما سان پيار ڪندا آهن، ڪال سان نہ. انهن کي خبر ئي ڪونهي تہ ڪال ڇا آهي؟ ڪال جي وس ۾ هئڻ سبب انهنکي خبر ئي ڪونهي تہ پرماتما سان پريم ڪهڙيءَ طرح ڪيو وڃي. دراصل آتما جي پرماتما طرف هميشہ ڪشش رهندي آهي. انهيءَ ڪشش سبب ئي اسين هنجي کوج ڪندا آهيون نہ تہ ٻيءَ حالت ۾ اسين هنجي باري ۾ سوچي بہ نٿا سگهون. پر جيسين هنجي ٻاجھ ۽ مهر نٿي ٿئي، اسانکي انهيءَ جي کوج جو صحيح مارڳ معلوم نٿو ٿئي ۽ اسين نيڪ مارڳ تي اچي نٿا سگهون. هو اسان سڀني جي اندر براجمان آهي. ڪال صرف سنسار جو ڪاروبار هلائيندڙ آهي. هو صرف اها ڪوشش ڪندو آهي تہ ڪا آتما هن وٽان ٻاهر نہ هلي وڃي پر انهيءَ جو اهو ارٿ ڪونهي تہ اسانجي اندر پرماتما ڪونهي. مالڪ اسانجي اندر آهي. پر اسانکي انهيءَ کي اندر پراپت ڪرڻ جو صرف انهيءَ سان ملڻ جي وسيلي جو ۽ طريقي جو گيان ڪونهي. اسانجي مٿان ڪال جو راڄ آهي. اسين مالڪ سان

جيئن اسين انهيءَ رس تي، مالڪ کي وساري ڇڏيون. پر انهيءَ سان گڏ، مالڪ منش کي پنهنجي وت وٽي اچڻ لاءِ مارگ به رکيو آهي جيئن اسان جو من رچنا کان ڇوٽڪارو پائي سگهي. جيڪڏهن پرماتما جي اڇا نه هجي ته هيءُ سنسار هڪ پل به نه رهي سگهي. هيءَ دنيا انهيءَ ڪري قائم آهي ڇو ته مالڪ جي اهائي موج آهي. جيڪي ڪجهه ڏسي رهيا آهيون، اهو سڀ پرماتما مان ئي آيو آهي.

هڪ ديس جو مثال وٺو. جيڪي ڪجهه ٿيندو آهي، سڀ ملڪ اڳوان جي حڪم سان ٿيندو آهي. سڀ انعام ۽ سزائون هنجي حڪم انوسار ٿينديون آهن. ڪورٽ، پوليس، جيل، سڀ هن جي آگيا سان ٺهيل آهن. سڀ وڀاڳ، هن جي هٿ هيٺ آهن. جيڪڏهن سٺو ڪم ڪيو ويندو ته انعام ملندو، برو ڪم ڪيو ويندو ته پوليس برو ورتاءُ ڪندي. ڪيترائي ڏفعا انهن ڪمن سبب جيل ۾ موڪليو ويندو آهي ۽ پنهنجن ڪرتوتن جو ڦل ڀوڳڻو پوندو آهي، پر انهن ڳالهين لاءِ اسين راشٽرپتيءَ يا مکيه ڪم ڪندڙ کي ڏوهه نٿا ڏيئي سگهون. هو ته بلڪل نيڪ آهن. ڪڏهن به ڪنهن کي ڪجهه نٿا چون. اسان کي پنهنجن ڪرمن انوسار انعام به ملي ٿو سزا به ملي ٿي. پر راشٽرپتيءَ کي حڪومت هلائڻ لاءِ ڪيترا وڀاڳ ٺاهڻا پوندا آهن. هن کي پوليس جي، جيلر جي، سزا ڏيندڙن جي ۽ انعام ڏيندڙن جي ضرورت پوندي آهي. ساڳي ڳالهه سنسار سان به لاڳو آهي. جيئن مالڪ هن سرشٽيءَ کي هلائڻ چاهي ٿو، هن کي به سڀني شڪتين جي ضرورت آهي. نيڪ انسان کي پوليس يا جيل جو ڊپ نه ٿيندو آهي پر ڏوهين کي هميشه انهيءَ چنتا رهي ٿي.

اهڙي طرح جيڪڏهن اسين مالڪ جا نيڪ ناگرڪ بڻجندا سين، سنسار ۾ پنهنجا فرض چڱيءَ طرح پورا ڪنداسين، پنهنجن سمرن کي وقت ڏينداسين ته نه اسان کي ڪال جي چنتا ٿيندي، نه من جو ڊپ، نه ئي اسان کي مايا جي چنتا ٿيندي آهي ته پوءِ ڪهڙيون شڪتيون آهن، ڇاڪاڻ ته اهي سڀ شڪتيون انهن مالڪن لاءِ آهن،

ٿيندو آهي. جيل جو انسپيڪٽر جنرل ٿيندو آهي. سڀ عملدار پنهنجو ڪم ڪندا آهن. پر شڪتي سڀ راشٽرپتيءَ کان پراپت ڪندا آهن، هوُ انهيءَ کان ٻاهر ڪونهن. آهي سڀ راشٽرپتيءَ کان پراپت ڪيل شڪتيءَ جي آڌار تي پنهنجو پنهنجو فرض ايمانداري ۽ وفاداريءَ سان نباهي رهيا آهن. اسين انهنکي گهٽ وڌ يا برو ڀلو نٿا چئي سگهون. ناڳوڪ پوليس جي باري ۾ ڇو چنتا ڪن؟ اسين جيلر کي برو نٿا چئي سگهون. هوُ پنهنجي فرض جي بجاآوري ڪري رهيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ڪال به پنهنجو فرض پورو ڪري رهيو آهي. اسانکي هنجي نه ڪا چنتا هئڻ گهرجي ۽ نه ئي پرواهه.

س- ٣٤٣. ڪال ڪيترو شڪتي شالي آهي؟

ج- ڪال تي ناڪاري شڪتي (Negative Power) آهي، من انهيءَ جو ايجنٽ آهي. من نه چاهيندو ته ڪا آتما، پرماتما وٽ واپس ٿي نه سگهي. تنهنڪري من ڪيترن قسمن جا حرڪتي ڪيل ڪندو آهي ته اسانکي هميشه مالڪ جي پريم پيار ۽ ڀڳتيءَ طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن من کي ڍلو ڇڏيو آهي ته هوُ اسانکي اڳواڻ تي اڇاليندو آهي. جيڪڏهن هميشه من کي وس ۾ رکيو آهي ته انهيءَ کان بچيل رهندا آهيون. من نهايت طاقتور دشمن آهي، پر جڏهن هوُ شبد سان جڙي وڃي ٿو تڏهن انهيءَ جهڙو سٺو دوست ٻيو ڪو آهي ئي نه. اسين من کان بيخبر نٿا رهي سگهون. من جي هميشه چوڪيدار ڪرڻي آهي. خبر ناهي ته هوُ ڪڏهن دوکو ڏيئي ڇڏي.

س- ٣٤٤. جيڪڏهن سڀ ڪجهه مالڪ جو انس آهي ته ڪال به پرماتما جو انس آهي، پوءِ ڪال منش جو ايترو خراب دشمن ڪيئن بڻجي پيو؟

ج- هيءَ سڀ پرماتما جي رچنا آهي. هن سنسار تي هلائڻ لاءِ، هن کي سيني قسمن جي شڪتين جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪال نه هجي ها ته اسين مالڪ ۾ سمائجي وڃون ها. هيءَ جڳت به نه رهي ها. هن سنسار کي هلائي رکڻ لاءِ، هنکي اهڙين شڪتين گهرجن

سوچو چو ٿا؟ مثال طور جيڪڏهن اسين سٺا ناگرڪ آهيون ته اسان کي پوليس وارن جي ڪا پرواهه ڪا نه ٿيندي آهي ۽ ڏوهي هميشه پوليس کان ڀڄندو رهندو آهي ته خبر ناهي پوليس وارو هن سان ڪهڙو وهنوار ڪندو، ڪهڙو ڏنڊ ڏيندو. انهيءَ کي خبر هوندي آهي ته اسان اهڙا ڪرم ڪيا آهن، جن جي لاءِ پوليس ڏنڊ يا سزا ڏيندي، تنهنڪري انهيءَ جي دل ۾ هميشه ڏوهه جو پاپ جو ڀار رهندو ٿو آهي، جڏهن نام عليو آهي، پڇن سورن ڪندا آهيون ته پوءِ اسانکي ڪال جو ڪهڙو ڀپ ٿي ٿو سگهي؟ انهيءَ ڀاري ۾ سوچڻ جي ٿي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اسين سڀ سٺا ناگرڪ آهيون، اسانجي راهه جو رهبر ستگرو، اسان سان انگ سنگ آهي، پوءِ انهيءَ سوچڻ جي ضرورت ٿي ڪهڙي آهي ته ڪال جو روپ ڪهڙو آهي؟

س- ٣٤١. ڇا اهو چوڻ ٺيڪ ٿيندو ته ڪال، پرماتما جو ٿي هيٺئين درجي وارو ظهور آهي؟

ج- پرماتما کانسواءِ ڪجهه به نه ٿيو. سرشٽيءَ جي اُتپتيءَ کان، پهرين پرماتما کانسواءِ ڪجهه به نه هو. جيڪي ڪجهه ڏسون ٿا، اهو پوءِ پتا مان ٿي پرگهٽ ٿيو آهي ۽ انهيءَ ڪري ڪال به پرماتما مان ٿي ٿيو آهي ۽ انهيءَ طرفان سؤنپيل فرض نباهي رهيو آهي. سڀ به پرماتما دوارا سؤنپيل فرض کي پورو ڪري رهيا آهن. سڀ ڪجهه مالڪ مان ٿي پرگهٽ ٿيو آهي.

س- ٣٤٢. ڇا ڪال پنهنجو پاڻ ڪجهه به نه ڪري سگهي؟ ڇا هن کي ستپرش جي آگيا مڃڻي پوندي آهي؟

ج- ڪال جيڪي ڪجهه ڪري رهيو آهي، ستپرش جي آگيا سان ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن اهو مڃيو وڃي ته هو سڀ ڪجهه پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪري رهيو آهي ته انهيءَ جو اهو ارٿ ٿيندو ته هو اڪال پرش کان وڌيڪ شڪتيءَ وارو آهي. جيڪي ڪجهه به آهي مالڪ جي حڪم ۾ آهي، ڪجهه به انهيءَ کان ٻاهر ڪونهي. ... طور ديس ۾ هڪ راشٽرپتي ٿيندو آهي، پوليس انسپيڪٽر جنرل

سر ڏني رهيو آهي. "راڌاسوامي" ڪل مالڪ جو ئي اهو نالو آهي. سوامي جي مهاراج جن انهيءَ کي "اَنامي" چيو آهي يعني هن جو ڪو به نالو ڪونهي. ڪال هڪ الڳ شڪتي آهي، جنهن جي حد اسانکي پار ڪرڻي آهي. من ڪال جو عيوضي آهي ۽ هميشه اسانکي پنهنجي وس رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر اسانکي انهيءَ کان مٿي ٿيڻو آهي. صرف مالڪ جي دَيا مهر سان ئي انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا نه ته اهيءَ حالت ۾ اسانکي نقلي پدارٿ به اصلي لڳن ٿا. دراصل ڪال ديش جو هرهڪ پدارٿ ڀرم آهي دوکو آهي، مرگ-ترشنا آهي. صرف مالڪ جي دَيا مهر ئي اسانکي مالڪ سان ملڻ واري سچي، صحيح مارگ لهي اچي سگهي ٿي. پر اسانکي پنهنجي تي اڳيءَ موجب ڪوچ ڪرڻي آهي ۽ جڏهن اسين پنهنجي طرفان سچي هردي سان پرماتما جي ڪوچ ڪريون ٿا ته پوءِ اسانکي صحيح مارگ تي آڻڻ جي ذميواري خود مالڪ تي ٿئي ٿي.

س - ۳۴۰. اسين ستسنگي هن سنسار جي حاڪم ڪال کان ڪافي واقف آهيون. ڪيترا ستسنگي سوچيندا آهن ته ڪال ۾ آتما آهي يا هُو صرف برهمنڊي من مانند ئي آهي، جنهن کي شبد جي ڌارا ڪم ڪرڻ لائق بڻائي ٿي.

ج - توهين اهو ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته ڪال جو ڪهڙو روپ آهي؟

س - اسين هنجي روپ جي باري ۾ اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون جيتوڻيڪ ستسنگين لاءِ انهيءَ جي ڪا به اهميت ڪونهي.

ج - منهنجي خيال ۾ ته انهيءَ جي روپ جي باري ۾ ويچار نه ڪرڻ ئي بهتر آهي. انهيءَ باري ۾ چنتا نه ڪرڻ گهرجي. ڪال هڪ شڪتي آهي. اهو اسانجو من آهي. برهمنڊي من ئي ڪال آهي. شبد پرماتما مان نڪرندو آهي ۽ پرماتما ئي آهي. اهڙيءَ طرح من ڪال مان نڪرندو آهي ۽ من ئي آخر ڪال آهي.

ڪال جو روپ ڪهڙو آهي، انهيءَ باري ۾ ويچار ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مونکي سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته توهين انهيءَ باري ۾

۾ سمائجي وڃون ٿا، ڇو ته سنت به آخر مالڪ ۾ ئي سمائجي ويندا. جڏهن اسانجو پريم اسانکي ڪنهن سنت مهاتما وٽ ولي وڃي ٿو، نه پهنڌاري ستگروءَ وٽ ولي وڃي ٿو، تڏهن انهيءَ مهاتما جي پدائل روحاني ابياس جي جڳتيءَ دواران، اسين خود بخود مالڪ ۾ سمائجي وڃون ٿا.

سنت سمجهائين ٿا ته سنتن جو پرماتما سان اهو سنبنڌ آهي جيڪو لهرن جو ساگر سان ٿيندو آهي. لهر ساگر مان اٿي ٿي ۽ آخر ۾ ساگر ۾ ئي سمائجي وڃي ٿي. جيڪو پدارٿ لهر جي حوالي ڪري ڇڏيو، لهر، انهيءَ کي گڏ ولي، ساگر جي تهه ۾ ئي سمائجي ويندي.

اسين مالڪ ۾ ڪهڙيءَ طرح سمائجي سگهون ٿا؟ ستگرو اسانکي، اهو روحاني ابياس سيکاريندو آهي، جنهن ذريعي اسين مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهون ٿا. هو پهرين ئي پرماتما ۾ سمايل هوندا آهن ۽ انهن دواران اسين به مالڪ جو انگ بڻجندا آهيون. حضرت عيسيٰ فرمايو آهي ”مان پتا ۾ آهيان ۽ پتا مون ۾ آهي.“ جيئن ته سنت پهرين ئي مالڪ ۾ سمايل هوندا آهن، تنهنڪري جڏهن اسين به سنت ستگروءَ ۾ سمائجي ويندا آهيون ته پرم پتا جو ئي روپ ٿي ويندا آهيون. اهڙيءَ طرح اسين ڪال جي حد کان پار ٿي سگهون ٿا. پر جيسين هنجي دائري ۾ رهون ٿا، جنم مرڻ کان ڇٽي نٿا سگهون. اسين پورن سنت دواران ئي پرماتما سان پيار ڪري سگهي واپس انهيءَ ساگر ۾ سمائجي سگهون ٿا.

س - ٣٣٩. مهاراج جي، ڪال جيوورا ۽ راڌاسوامي ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

ج - مونکي بائيبل جو محدود گيان آهي، تنهنڪري اهو فرق يا تفاوت نٿو سمجهائي سگهان پر ڪال ۽ راڌاسوامي ۾ فرق ضرور ٻڌائي سگهان ٿو. ”راڌاسوامي“ پرماتما جي انيڪ نالن وانگر هڪ نالو آهي. هيءَ ڪرمت، ڌرم يا مذهب ڪونهي ۽ نه ئي ڪا نئين شيءِ. هيءَ سنتن جو پراچين، سنائن مت آهي جنهنجي سکيا، اسانکي نٿين

ڪال يا شيطان

س - ٣٣٨. ”ڪرم ۽ سڌانت“ ۾ لکيل آهي ته ڪال ستر جڳ هڪ ڏينهن ۽ چوهٺ جڳ ٻيو ڏينهن تپ ڪيو، تڏهن هن کي آتمائون مليون. اهي برهمانڊ جون سڀ آتمائون هيون يا صرف هن ڌرتيءَ جون؟ هن کي ڪيتريون آتمائون مليون؟

ج - هن برهمانڊ جون سڀ آتمائون ڪال جي وس ۾ آهن ۽ جيستائين اسين ڪال جي دائري ۾ آهيون تيستائين آواگون کان ڇوٽڪارو نٿو ٿي سگهي. سڄي رچنا مالڪ بڻائي آهي. ڪال به انهيءَ جو ٺاهيل آهي. ڪال جي حد کان اسانکي پري وڃڻو آهي. پرماتما خود سڄي سنسار جو پربند ڪال جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ڪال کي سڀ شيطاني شڪتي چئجي يا ٻيو ڪجهه چئجي. جيستائين اسين ڪال جي دائري ۾ آهيون، تيستائين جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاٿل آهيون. جيستائين ڪال جي دائري کان پار نه ٿيا آهيون، تيستائين انهيءَ مان ڇوٽڪارو نه ماڻي سگهندا. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اسين ڪنهن اهڙي هستيءَ جي ڀڳتي ڪريون جيڪا ڪال جي حد کان پري هجي. اهڙو صرف اڪال پرک آهي، پرم پتا پرماتما آهي. اسين انهيءَ سان پيار ڪري هن جي پوڄا ڪري، ڪال جي دائري کان ٻاهر نڪري سگهون ٿا.

اسان هن سنسار ۾ پرماتما کي ديهه سروپ ۾ ڏٺو ڪونهي، پر هن کي پيار به ضرور ڪرڻ چاهيون ٿا. هن جي ڀڳتي به ڪرڻ چاهيون ٿا، انهيءَ ڪري اسانکي مالڪ جي اهڙن ڀڳتن، پيارن يا سنتن ۾، هنجي ٻن جي کوج ڪرڻي پوي ٿي جيڪي مالڪ سان ملي ڪري، انهيءَ جو روپ بڻجي چڪا آهن، جن جي لگن مالڪ سان لڳل آهي. اسانکي پنهنجي لگن اهڙي پيارن سان لڳائڻي پوندي. حضرت عيسيٰ فرمايو آهي ته ”توهان مونکي ڏٺو آهي، مون پرماتما کي ڏٺو آهي. انهيڪري توهان به منهنجي دواران انهيءَ پتا کي ڏٺو آهي.“ دراصل ڳالهه اها آهي ته سنت مالڪ سان هڪ ٿي چڪا آهن. تنهنڪري جڏهن اسين سنت ۾ سمائجي وڃون ٿا ته ازخود مالڪ

س - ڇا سڀ، انهيءَ روح هستيءَ ۾ آهن؟ ڇا انهن جو تعداد بيشمار آهي، ۽ ڇا اهو تعداد مقرر آهي؟

ج - ها.

س - ٣٣٧. مهاراج جي، مٿي ڄاڻايل وارن ۾ مهاتمائن جو چوڻ آهي ته آتمائن جون ٽوليون (Group Souls) ٿينديون آهن ۽ آتمائون انهن ۾ وڃي ملنديون آهن.

ج - نه. آتمائن جي ٽولين جهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي. ڪي آتمائون سنسڪارن، ساڳين ڪرمن يا ڪرمن ۾ هڪجهڙائي سبب ڪي آتمائون هڪ ئي استان تي جمع وڃنديون آهن. اهو ڪرمن جو سنبنڌ هوندو آهي ۽ انهن کي توهين آتمائن جون جماعتون نٿا چئي سگهو. هرهڪ آتما جي جدا جدا هستي آهي. صرف ڪرمن سبب هڪ ئي استان تي ڪجهه وقت لاءِ گڏ ٿي ويون آهن ٿوري وقت بعد الڳ الڳ مارگ تي الڳ ٿي وينديون، اهو ضروري ناهي ته اهي سڀ آتمائون سڄي زندگي گڏ ٿي رهن.

س - ڪي پروفيسر، آتمائن جي ٽولين جي ڳالهه ڪندا آهن. مان انهن سان ٻڪراءُ نه آهيان. اهي سمجهندا آهن ته اسين سڀ انهيءَ جماعت جو هڪ حصو آهيون؟

ج - نه، اهو ٺيڪ نه آهي.

س - هرهڪ آتما جي الڳ الڳ هستي آهي؟

ج - اسين ڪرمن جي ٻنڌن سبب، ڪي عرصي لاءِ گڏ ٿيندا آهيون ۽ ٻين جيون جي ٽولين سان به اسانجو ڪجهه وقت لاءِ ڪرمن جو سنبنڌ ٿيندو آهي، جيڪو اسانکي پورو ڪرڻو آهي. تنهڪري اهو ٺيڪ ناهي ته اسين هميشه گڏ رهنداسين. هرهڪ جيو يا منش کي پنهنجن ڪرمن جو حساب چڪائڻو آهي. ۽ جيڪي آتمائون نام مارگ تي هلي رهيون آهن، آخر اهي سڀ انهيءَ پرماتما ۾ سمائجي وينديون.

ج- انهيءَ باري ۾ ٻهرين ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. ڪير هوندو جيڪو پرماتما ۾ واپس وڃي سمائجڻ نه چاهيندو؟ اهڙو ڪير هوندو جيڪو مالڪ جي سنمک وڃي ۽ پنهنجي جدا هستي بچائي رکڻ چاهيندو؟ اهڙا سوال اُن وقت اُٿندا آهن، جڏهن اسين مَن جي وس هوندا آهيون. اسين هئومي سبب پنهنجو پاڻ کي وڏو سمجهندا آهيون ۽ سوچيندا آهيون ته اسين ڪنهن ۾ لين ڇو ٿيون؟ پر جڏهن اُها اوستا پراپت ڪندا آهيون، تڏهن هئومي نالي ماتر به نٿي رهي، مالڪ ۾ لين ٿيڻ ٿي وڃڻو آهي. پنهنجي خودي گنوائڻ، پنهنجي هستي ختم ڪري ڇڏڻ، پرماتما جي انگ ٻڻجي وڃڻ ۾ ئي شانتي ملندي آهي. حالانڪ هر هڪ بوند جي پنهنجي هستي به آهي، پر ڪا به بوند ساگر کان جدا رهڻ نه چاهيندي آهي. آتما انهيءَ ۾ لين ٿي ويندي آهي، پر ڪنهن هوندي به الڳ رهندي آهي. پر انهيءَ اوستا ۾ ڪا به آتما پنهنجي الڳ هستي بچائي رکڻ نه چاهيندي. توهين جسماني پيار کي ئي ڏسو ته انهيءَ پيار سبب اسين اهو ئي ڪندا آهيون، جنهن ۾ اسانجو پيارو خوش رهي، اسين پنهنجي خودي ختم ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ محسوس ڪندا آهيون ته اسين ۽ اسانجو پريتم هڪ آهي. اسين هڪجهڙي روپ ٻڻجي ويا آهيون. جڏهن سنساري پريم (عشق مزاجي) جي اها حالت آهي ته پرڀو پريم (عشق حقيقي) ۾ ڪهڙي حالت ٿيندي، جنهن ۾ مَن جي رڪاوٽ به دور ٿي ويندي آهي ۽ پنهنجي پياري، پنهنجي پريتم ڏانهن ڇڪبندا ويندا آهيون؟ اسين هن ۾ لين ٿي ويندا آهيون، پنهنجو پاڻ کي ڀلجي ويندا آهيون. اسانجو اهم سمايت ٿي ويندو آهي. اهڙو ڪير هوندو، جيڪو انهيءَ اوستا کي پسند نه ڪندو؟

س- ٣٣٥. ڇا نيون آتمائون ٺهنديون رهنديون آهن؟

ج- نه.

س- ٣٣٦. ڇا سڀ آتمائون هڪ ئي وقت، هستيءَ يا سرڙ ۾ آيون؟

ج- ها، سرشٽيءَ جي اُپتيءَ وقت سڀ آتمائون هڪ ئي وقت هستيءَ ۾ آيون.

جيڪڏهن هردي ۾ شبد يا سٽگروءَ جو پيار هوندو ته اسين سچاويڪ
طور سچکنڊ ڏانهن ڇڪيا وينداسين، ڇو ته شبد يا سٽگروءَ کي واپس
پرماتما ۾ سمائجي وڃڻو آهي، جيڪو روحاني سفر باقي پورو ڪرڻو
آهي ۽ ڪرمن جو حساب ڇڪائڻو آهي. اهو موت بعد اندر ۾ پورو
ڪري سگهجي ٿو. پر شرط اهو آهي ته اسين جيتري ٿي شبد سان اندر
جڙي وڃون ۽ اسانجي هردي ۾ اهڙي ڪا به ترشنا يا خواهش نه هجي
جيڪا اسانکي سنسار ۾ واپس وٺي اچي سگهي.

س - ٣٣٣. انهيءَ جو اهو مطلب ٿيو ته سچکنڊ پهچڻ لاءِ اسين
سکي نٿا ٿي سگهون؟

ج - اسين واپس وڃي پرماتما ۾ سمائجي ئي سچو سک پراپت ڪري
سگهون ٿا. توهين ڏسو جڏهن اسين پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ مارگ
لي ايداسين ته سک حاصل ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. جيئن جيئن پنهنجي
گهر پنهنجي پريوءَ جي ويجهو ٿيندا ويندا آهيون، وڌيڪ سک محسوس
ٿيندو آهي. اصلي سک ته انهيءَ مالڪ ۾ سمائجڻ سان، هنجي درشن
ڪرڻ سان ئي پراپت ٿيندو. جڏهن ڪنهن وڏي سفر تان گهر موٽندا
آهيون ته جيئن جيئن گهر جي ويجهو پهچندا آهيون، وشواس وڌندو
ويندو آهي ته بس هيئنر جلدي ئي گهر پهچنداسين. جڏهن گهر ڏسڻ
۾ ايندو آهي ته پوءِ چاهي گهر کان اڃا پري ئي هوندو آهي، پر
تنهن هوندي به صرف گهر نظر اچڻ سان ئي سک جو ساهه کڻڻ شروع
ڪندا آهيون. اصلي خوشي ته گهر ۾ داخل ٿيڻ سان ئي ملندي. ساڳيءَ
طرح جيئن روحاني منزل جي ويجهو ٿيندا ويندا آهيون، اسانکي اندر
گهٽي ۾ گهٽو سک، سنتوش، آنند محسوس ٿيڻ شروع ٿيندو آهي.
اصلي سنتوش، سک، آنند ته انهيءَ وقت ئي ملندو آهي جڏهن آتما،
پرماتما ۾ وڃي سمائجي ٿي.

س - ٣٣٤. مهاراج جي، انهيءَ سلسلي ۾ توهانکي اهو پڇڻو آهي ته
جڏهن اسين پرماتما ۾ سمائجي ويندا آهيون ته ڇا پنهنجي الڳ هستيءَ
جو احساس ٿيندو رهندو آهي يا اهو سماپت ٿي ويندو آهي؟

س- ٣٣٢ آخري مڪتي ڇا ٿيندي آهي؟ ڇا ٻر ڏام ڀوڳڻ ٿي مڪتي آهي يا ڪنهن هيٺين منڊل ۾ لڇا- ترشنا جو سمايت ٿيڻ، ئي مڪتي آهي؟

ج- آخري مڪتيءَ کي عام طور، ٻن طريقن سان ڏنو ويندو آهي. هڪ ته اهو آهي ته جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو ٿي وڃي. جيڪڏهن پورڻ ڪامل ستگرو ملي وڃي، اسين شبد سان پوري طرح جڙي وڃون، سنسار جو موهه ممتا نه رهي، آشا ۽ ترشنا پوري طرح ختم ٿي وڃي ته ڪيترا دفعا، پهرئين منڊل کي پار ڪرڻ سان ئي، آخري مڪتي حاصل ٿي ويندي آهي. انهيءَ اوستا ۾ ڇاهي انهيءَ منش خاص روحاني ترقي نه به ڪئي هجي، ته به هو ديهه جي بندن، جنم مرڻ جي دکن کان ته ڇٽي ويندو آهي، پر مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ اڃا هڪ وڏو سفر هوندو آهي. اصلي يا پوري مڪتي تہ انهيءَ وقت ئي چئي سگهجي ٿي، جڏهن آتما، پرماتما ۾ واپس وڃي ملي هڪ ٿي وڃئي، سمائجي وڃي ٿي. جيتري قدر ديهه جي بندن جو تعلق آهي، خاص وڏيڪ روحاني ترقي نه ڪرڻ بنا به انهن مان ڇوٽڪارو پرايت ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ جو لاڳاپو انهيءَ ڳالهه سان آهي ته سنساري موهه ڪيتري حد تائين سمايت ٿي چڪو آهي. جڏهن دنيوي موهه بلڪل ناهي، هن سنسار ۾ ڇڪي، واپس وٺي اچڻ واري ڪابه پرول اڇا نہ رهي آهي ته پوءِ جسماني بندن کان ڇوٽڪارو پرايت ٿي ويندو آهي. پر جيسين آتما، پرماتما ۾ سمائجي هڪ نٿي ٿئي ته پوءِ انهيءَ حالت ۾ هوءَ وري هيٺ ڪري سگهي ٿي.

تنهنڪري پورن مڪتي تہ آتما کي پرماتما ۾ سمائجي وڃڻ بعد ئي ملي ٿي. ڪيترن حالتن ۾ جنم مرڻ کان مڪتي، پهرئين منڊل پار ڪرڻ سان ئي پرايت ٿي ويندي آهي پر شرط اهو آهي ته ستگرو پورن هجي ۽ سنسار جي اڇا ترشنا، موهه ممتا من ۾ پرول نه هجن. مثال طور جيڪڏهن ڪا ڀاري شيءِ ڦيٿي سان ٻڌل آهي تہ جتي بہ اهو ڦيٿو ويندو، اها شيءِ بہ اوڏانهن ڇڪجي هلي ويندي. جيڪڏهن من ۾ دنيوي اڇائون آهن ته آهي منش کي دنيا ۾ ڇڪي وري آڻين ٿيون.

جاري رکڻ چاهي ٿو تہ پوءِ هرهڪ آتما هن وقت اتي وڃي سگهي. جيڪڏهن پرماتما جي اها اڇا آهي تہ دنيا نہ رهي تہ اهو قدرتي آهي تہ آتمائن کي پيو ڪو استان ئي نہ رهندو، تنهنڪري هو واپس وڃي پرماتما ۾ سمائجي ويندا آهن. جيسين هو سنساري چڪر کي هلائي رکڻ چاهي ٿو، تيسين سڀ آتمائون واپس مالڪ وٽ نہ وڃي سگهنديون. ڪي آتمائن کي تہ هن سرشٽيءَ ۾ رهڻو ئي پوندو.

س- ڇا هو آخر اسانکي پار لنگهائيندو؟

ج- اسين هن کي اهو تڏهن چئي سگهون ٿا جڏهن ئي هوئن ڪر. اها هنجي موج آهي. هنجي رٿ جو هنکي ئي گيان آهي.

س- ٣٣٠. ڇا بوند سمنڊ ۾ سمائجي وڃڻ بعد بہ، انهيءَ سمنڊ مان ٻاهر ايندي آهي يا اچي سگهي ٿي؟

ج- ڇا بوند ساگر ۾ سمائجي وڃڻ بعد ٻاهر اچڻ چاهيندي؟

س- ڇا بوند اڪيلائي، پوءِ بہ ڪا مصيبت اچي سگهي ٿي؟

ج- ڇا هوءَ بوند ٻڏڻ پسند ڪندي، سمنڊ ٻڏڻ پسند نہ ڪندي؟ ڇا آتما، آتما رهڻ بجاءِ پرماتما ٻڏڻ پسند نہ ڪندي؟ هوءَ تہ بلڪ خوش ٿيندي آهي تہ هنجي مارگہ مان رڪاوٽ دور ٿي ويئي. مون توهانکي ڪيترائي ڀيرا سمجهايو هو تہ جيڪڏهن مٽيءَ جي ٻتيءَ کي ٻاهر ۾ رکبو تہ ٻاهر ۽ مٽي ٻتيءَ جو پرڪاش هڪ ٿي ويندو آهي. انهيءَ اوستا ۾ اها خبر ئي نہ پئجي سگهندي آهي تہ ٻاهر جي روشني ڪهڙي آهي ۽ مٽيءَ ٻتيءَ جي ڪهڙي.

س- ٣٣١. آلي پياڻي ڪونهي. هر مان سوچي رهيو هوس تہ ڇا آتما ورري، الڳ روپ اختيار ڪري سگهندي؟

ج- جيسين هن کي الڳ رهڻ جي اڇا آهي، تيسين مالڪ ۾ اسين سمائجي نٿا سگهون. اهڙي اڇا من پيدا ڪندو آهي ۽ جڏهن پرماتما ۾ سمائجي ويندا آهيون تہ من نهايت پلتي رهجي ويندو آهي. پوءِ ورري، اها اڇا باقي ڪيئن ٿي رهي سگهي؟

س - ٣٢٨. ڇا ٽئين يا چوٿين جنم بعد، هرهڪ آتما پرماتما وٽ هلي ويندي آهي؟ ڇا ڪي پڪيل آتمائون هونديون آهن؟ جيڪڏهن ڪنهن کي چوٿين جنم ۾ گرو نه ملي ته ڇا اها آتما ڀٽڪندي رهندي؟

ج - هرهڪ آتما ٽئين يا چوٿين جنم بعد مالڪ وٽ واپس نٿي پهچي، اهو خيال غلط آهي. انهن آتمائن جي قسمت ۾ مالڪ وٽ واپس وڃڻ جو حق آهي، جيڪي مالڪ دوارا چونڊيل آهن ۽ اهي به تڏهن واپس وڃي سگهنديون، جڏهن پرماتما پاڻ پنهنجي (جيڪي ست سنگرو آهن). انهن دوارا کين نام جي بخشش ڏياري، روحاني مارگ تي آڻيندا. جڏهن اهڙا مرش، مالڪ جي ديا مهر سان پنهنجا سڀ ڪرم ڀوڳي پورا ڪن ٿا، پنهنجون سڀ اڇائون تياڳ ڪن ٿا. پنهنجا سڀ موهه ممتائون ختم ڪن ٿا، تڏهن اهي ستگروءَ جي سهائتا سان واپس مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهن ٿا. نام جي بخشش ٿيڻ بعد هڪ جنم، ٻن، ٽن يا چئن جنمن ۾ اهو ڪم پورو ٿي ويندو آهي. ڪيترا جنم لڳندا يا لڳندا آهن، اهو مدار رکي ٿو ته هنن ڪيترا ڪرم ڀوڳڻا آهن ۽ ڪيتري روحاني ترقي باقي ڪرڻي آهي.

پر جيڪي مرش هن روحاني مارگ تي هلن ٿي ٿا، جن جي من ۾ اها اڇا ئي نٿي ته مالڪ سان ملون ۽ دنيوي، آشا-ترشنا، موهه-ممتا جو تياڳ ئي نٿا ڪن، انهن جو مالڪ وٽ واپس وڃڻ جو سوال ئي نٿو اٿي. اهڙا مرش چاهي سوين جنم وٺن، اهي هميشه هن دنيا جي مضبوط زنجيرن ۾ جڪڙيل رهندا. جڏهن اسان جي من ۾ مالڪ سان ملڻ جي اڇا اڀرندي آهي، تڏهن اسين پرماتما جي باري ۾ سوچيندا آهيون ۽ واپس وڃي سگهندا آهيون.

س - ٣٢٩ ڇا اهو سچ آهي ته هرهڪ آتما ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن پرماتما وٽ پهچندي؟

ج - انهيءَ ڳالهه جو گيان صرف پرماتما کي ئي آهي ته هو دنيا کي ڪيستائين رکڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن هو سنسار کي رکڻ ئي نٿو چاهي ته پوءِ هرهڪ آتما هن وٽ ويندي. جيڪڏهن هو هن سنسار کي

ورواھ لاءِ ھڪ واجبي سبب آھي ئي نہ. پر اھڙي ڪابہ پابندي ڪونهي. ڪيترن ماڻھن کي اھو ڀرم آھي تہ اسانجيءَ آتما جو ڪو ساٿي نہ آھي ۽ جيسين اھو ساٿي نٿو ملي، تيسين اسين مالڪ سان ميلاپ نٿا ڪري سگھون. اھو بلڪل غلط آھي. آتما جو ڪوبہ ساٿي ڪونهي.

ھرھڪ آتما، پرماتما روپي ساگر جي ھڪ الڳ بوند آھي ۽ ھرھڪ آتما کي پنھنجي ڪرمن انوسار واپس انھيءَ ساگر ۾ ملڻ لاءِ شخصي طور ڪوشش ڪرڻي آھي. ڪرمن موجب ئي ماتا-پتا، ڀيڻ-ڀاءُ، پتي-پتني ۽ ڌنڌي-نوڪريءَ ۾ گڏ ڪم ڪندڙ ساٿين سان سنبنڌ جڙي ٿو ۽ اھي ئي دک سک جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ڪرمن سبب ئي اسان جو قسمين قسمين ماڻھن سان تعلق رھي ٿو. ڏيڻ-وٺڻ جو سنبنڌ بڻجي ٿو. پر اھو چوڻ صحيح ناھي تہ جيسين اسانجو ورواھ نٿو ٿئي، اسين روحانيت ۾ ترقي ڪري ئي نٿا سگھون. اھو ٺيڪ آھي تہ گرھستيءَ کي ھن مارگ تي ھلڻ ۾ ڪجھ فائدا ۽ سھوليتون رھن ٿيون، پر ان حالت ۾ جڏھن ٻنھي، پتي-پتنيءَ جا ڀاڳ ۾ وچار ٺھڪندا ھجن. پر جيڪڏھن ٻئي ھميشہ جھڳڙو ڪندا رھن ٿا، ھڪ وچار جا نہ آھن، تہ انھيءَ مان ڪوبہ فائدو ڪونهي ۽ نہ ئي ھڪ ٻئي کي ڪا مدد ملي سگھي ٿي.

س- ٣٢٧. ڇا ڪا اڪيلي آتما بہ ھوندي آھي؟

ج- منھنجي وچار ۾ اسين سڀ اڪيليون آتمائون آھيون. جيڪي آتمائون مالڪ کي وساري ويٺيون آھن، اھي اڪيليون ئي آھن. جيڪا آتما پنھنجي نج گھر، پنھنجي اصلي گھر کي وساري ويٺي آھي، منھنجي وچار ۾ اھا اڪيلي آتما آھي. اسين سنسار ۾ ڦاسي ويا آھيون. پنھنجي اصلي گھر کي وساري چڪا آھيون، پنھنجي سچي پتا کي ڀلائي ويٺا آھيون. اسين سڀ اڪيليون، زندگيءَ ۾ ڪشمڪش ڪندڙ آتمائون آھيون، پر اسانکي اھڙيءَ طرح اڪيلي نہ رھڻ گھرجي. آتما جي منش ديھيءَ ۾ اچڻ جي مقصد کي سمجھڻ گھرجي ۽ تڏھن ئي اسين ھن ڏک-ڏاکڙن واريءَ حالت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگھنداسين.

س - ٣٢٨. ڇا ٽئين يا چوٿين جنم بعد، هر هڪ آتما پرماتما وٽ هلي ويندي آهي؟ ڇا ڪي پڪيل آتمائون هونديون آهن؟ جيڪڏهن ڪنهن کي چوٿين جنم ۾ گرو نه ملي ته ڇا اها آتما ڀٽڪندي رهندي؟

ج - هر هڪ آتما ٽئين يا چوٿين جنم بعد مالڪ وٽ واپس نٿي پهچي، اهو خيال غلط آهي. انهن آتمائن جي قسمت ۾ مالڪ وٽ واپس وڃڻ جو حق آهي، جيڪي مالڪ دوارا چونڊيل آهن ۽ اهي به تڏهن واپس وڃي سگهنديون، جڏهن پرماتما پنهنجن پٽن (جيڪي سنت ستگرو آهن). انهن دوارا کين نام جي بخشش ڏياري، روحاني مارگ تي آڻيندا. جڏهن اهڙا منش، مالڪ جي دَيا مهر سان پنهنجا سڀ ڪرم ڀوڳي پورا ڪن ٿا، پنهنجون سڀ اڇائون تياڳ ڪن ٿا، پنهنجا سڀ موهه ممتائون ختم ڪن ٿا، تڏهن اهي ستگروءَ جي سهائتا سان واپس مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهن ٿا. نام جي بخشش وٺڻ بعد هڪ جنم، ٻن، ٽن يا چئن جنمن ۾ اهو ڪم پورو ٿي ويندو آهي. ڪيترا جنم لڳندا يا لڳڻا آهن، اهو مدار رکي ٿو ته ڪنهن کي ڪيترا ڪرم ڀوڳڻا آهن ۽ ڪيتري روحاني ترقي باقي ڪرڻي آهي.

پر جيڪي منش هن روحاني مارگ تي هلن نٿا، جن جي من ۾ اها اڇا ئي نٿي ٿئي ته مالڪ سان ملون ۽ دنيوي، آشا-ترشنا، موهه-ممتا جو تياڳ ئي نٿا ڪن، انهن جو مالڪ وٽ واپس وڃڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي. اهڙا منش چاهي سوين جنم وٺن، اهي هميشه هن دنيا جي مضبوط زنجيرن ۾ جڪڙيل رهندا. جڏهن اسان جي من ۾ مالڪ سان ملڻ جي اڇا اُٿڻ لڳندي آهي، تڏهن اسين پرماتما جي باري ۾ سوچيندا آهيون ۽ واپس وڃي سگهندا آهيون.

س - ٣٢٩ ڇا اهو سچ آهي ته هر هڪ آتما ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن پرماتما وٽ پهچندي؟

ج - انهيءَ ڳالهه جو گيان صرف پرماتما کي ئي آهي ته هو دنيا کي ڪيستائين رکڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن هو سنسار کي رکڻ نٿو چاهي ته پوءِ هر هڪ آتما هن وٽ ويندي. جيڪڏهن هو هن سنسار کي

وواهه لاءِ هڪ واجبي سبب آهي پيا نه. پر اهڙي ڪا به پابندي ڪونهي. ڪيترن ماڻهن کي اهو ڀرم آهي ته اسانجي آتما جو ڪو ساٿي نه آهي ۽ جيسين اهو ساٿي نٿو ملي، تيسين اسين مالڪ سان ميلاپ نٿا ڪري سگهون. اهو بلڪل غلط آهي. آتما جو ڪو به ساٿي ڪونهي.

هرهڪ آتما، پرماتما روپي ساگر جي هڪ الڳ ٻوند آهي ۽ هرهڪ آتما کي پنهنجي ڪرمن انوسار واپس انهيءَ ساگر ۾ ملڻ لاءِ شخصي طور ڪوشش ڪرڻي آهي. ڪرمن موجب ئي ماتا-پتا، ڀيڻ-ڀاءُ، پتي-پتني ۽ ڌنڌي-نوڪريءَ ۾ گڏ ڪم ڪندڙ ساٿين سان سمبنڌ جڙي ٿو ۽ اهي ئي ڏک سک جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ڪرمن سبب ئي اسان جو قسمين قسمين ماڻهن سان تعلق رهي ٿو. ڏيڻ-وٺڻ جو سمبنڌ بڻجي ٿو. پر اهو چوڻ صحيح ناهي ته جيسين اسانجو وواهه نٿو ٿئي، اسين روحانيت ۾ ترقي ڪري ئي نٿا سگهون. اهو ٺيڪ آهي ته گرهستيءَ کي هن مارگ تي هلڻ ۾ ڪجهه فائدا ۽ سهولتون رهن ٿيون، پر ان حالت ۾ جڏهن پنهنجي پتي-پتنيءَ جا پاڻ ۾ ويچار ٺهڪندا هجن. پر جيڪڏهن پتي هميشه جهڳڙو ڪندا رهن ٿا، هڪ ويچار جا نه آهن، ته انهيءَ مان ڪو به فائدو ڪونهي ۽ نه ئي هڪ ٻئي کي ڪا مدد ملي سگهي ٿي.

س- ٣٢٧. ڇا، ڪا پڪيل آتما به هوندي آهي؟

ج- منهنجي ويچار ۾ اسين سڀ پڪيل آتمائون آهيون. جيڪي آتمائون مالڪ کي وساري ويٺيون آهن، اهي پڪيل ئي آهن. جيڪا آتما پنهنجي نج گهر، پنهنجي اصلي گهر کي وساري ويٺي آهي، منهنجي ويچار ۾ اها پڪيل آتما آهي. اسين سنسار ۾ ڦاسي ويا آهيون. پنهنجي اصلي گهر کي وساري چڪا آهيون، پنهنجي سچي پتا کي ڀلائي ويٺا آهيون. اسين سڀ پڪيل، زندگيءَ ۾ ڪشمڪش ڪندڙ آتمائون آهيون، پر اسانکي اهڙيءَ طرح پڪيل نه رهڻ گهرجي. آتما جو مشن دنيا ۾ اچڻ جي مقصد کي سمجهڻ گهرجي ۽ تڏهن ئي اسين هن ڏکن-ڏاکڙن واريءَ حالت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهنداسين.

تياڳ ڪيو آهي، پر دراصل سنسار جو تياڳ ڪو ڪري سگهجي. جيڪڏهن
گهر ٻار ڇڏي ۽ جهنگلن، پهاڙن، مندرن، مسجدن ۾ هليو وڃجي، تڏهن
به اسان ڇا ڇڏيو؟ اسانجو پيٽ ساڳئي نموني پوڄڻ گهري ٿو، ان
پيٽ لاءِ ڪپڙي جي ضرورت پوي ٿي. رهڻ لاءِ ڪو استان به
گهرجي ۽ اسانکي اهي سڀ شيون ضروري ڪپن. اسان ڪان ڪهڙي
شيءِ ٿي ڇڏي؟ جيسين سنسار ۾ آهيون، سنسار جو انگ آهيون، انهن
شين جو هجڻ ضروري ۽ سياوڪ آهي. اسانکي انهن جو غلام نه ٿيڻو
آهي. پر قدرتي انساني سياءُ جو اثر ته ضرور رهندو، جنهن کان اسين
ڇٽي نٿا سگهون. اسانکي سنساري فرض به پورا ڪرڻ گهرجن. پر
انهن سان گڏ، پنهنجي اصلي فرض ڏانهن به ڌيان ڏيڻ گهرجي. جنهن
فرض کي پوري ڪرڻ لاءِ هيءَ منش ديهه مِلي آهي، اهو ڪڏهن به
وسارڻ نه گهرجي. جيڪڏهن انهيءَ آخري منزل، اصلي فرض کي
اکين اڳيان رکنداسين ۽ انهيءَ فرض جي پرڪاش ۾ ڪم ڪندا
رهنداسين ته پوءِ انهن ڳالهين جو اسان تي ڪوبه اثر نه پوندو.

س - ٣٢٦. اهو استري-پرش، پتي-پتنيءَ جي ميلاپ جو وچار
ڪيئن پيدا ٿيو؟ ڇا، اهو هيٺين درجي جي جوڳين ۽ سادن ذريعي
پرچار ڪيل مت آهي؟ ڪنهن وقت مان هڪ اهڙي گروءَ جو شش
هوس، جيڪو انهيءَ قسم جي سکيا ڏيندو هو. هو پنهنجو پاڻ کي گرو
سڏائيندو هو ۽ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته روحاني ترقيءَ لاءِ
وواهه ضروري آهي. مان سوچان ٿو ته اهڙي قسم جي اپديش جو
آڌار ڇا آهي؟ هو فرمائيندو هو ته بنا وواهه جي ۽ استري پرش جي
سنبند رکڻ بنان، ڪوبه پورن ٿي نه ٿو سگهي؟

ج - توهانجو مطلب آهي ته ڪنواري استري يا ڪنوارو پرش،
روحاني مارگ تي نٿو هلي سگهي؟

س - انهيءَ جو اپديش اهو ئي هو.

ج - انهيءَ باري ۾ ڪجهه نه چئو وڃي ته بهتر ٿيندو. مان ته چوان
ٿو ته اهڙي قسم جي ڳالهه روڪ ڪرڻي. مونکي خبر ناهي ته اهو

۾ پنهنجو فرض چڱي طرح نڀائي سگهون ٿا. پر اُن ۾ اسانجو موهه
نه رهي، اسانجو موهه يا پيار ڪنهن نهايت اُتم ۽ سچي پدارٿ
سان ٿي ويندو آهي. وڏي ڳالهه اها ٿي آهي. جيڪڏهن اسين
هاڻيءَ سان ٻڌل هجون ۽ اسانجي همت ۾ ڪٿي جي ٽوڙي هجي ته
ڪتو اسانکي پاڻ تائين ڇڪي نٿو سگهي. ها، اهو ٿي سگهي ٿو ته
ڪتو ۽ اسان سان گڏ هاڻيءَ تائين ڇڪجي وڃي. چاهي اسانکي اها
ٻه ڄاڻ نه پوي ته اسين هاڻيءَ سان ٻڌل آهيون. انهيءَ ڪري جڏهن
اسين شبد يا نام جي ڌارا سان جڙي وڃون ٿا ته سنسار ۾ رهندي،
ڪم ڪار ڪندي به، اسين سنسار طرف ڇڪجي نٿا سگهون. اسين
سمجهون ٿا ته دنيوي پدارٿن جي موهه روپي ٽوڙن اسانکي ٻڌي
رکيو آهي، پر 'شبد' جي سامهون، اهي سڀ پدارٿ ايترا ڪمزور آهن
جو اسانکي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ بجاءِ، اهي مٿس خود اسان ڏانهن ڇڪجندا
اچن ٿا. جيڪڏهن اسين سنت مت سکيا ۽ اصولن انوسار هلنداسين ته
اسانکي پنهنجي فرضن کي پوري ڪرڻ ۾، ڪابه رڪاوٽ نٿي اچي.
سرڳ کان وڌيڪ من جي اهميت آهي. انهن ڪري اسانکي پنهنجو
فرض پورو ڪرڻ گهرجي ۽ من کي شبد سان جوڙي رکڻ گهرجي.

توهين ڏسو، گهڻو ڪري سنت گرهستي هئا، شادي شده هئا.
ڪٽنب-پريوار وارا هئا. ووهه مان ڪجهه فائدا به آهن. جو ته انهيءَ
سان، ڪجهه اڇائن کي ضرورت کان وڌيڪ دٻاءُ نٿو پوي ۽ نه ٿي
انهيءَ باري ۾ وڌيڪ سوچڻو ٿو پوي. اڇائون ايندڙون ۽ ويندڙون
رهنديون آهن، نه ته ٻيءَ حالت ۾ اُنهن کي دٻاءُ پوندو آهي ۽ ٿي
سگهي ٿو ته اڇاٽائيءَ ۾ ئي اُهي اسانکي هيٺين طرف ڇڪينديون
هجن ۽ انهيءَ جي اسانکي خبر ئي نه هجي. انساني سڀاءُ انوسار اهو
بهتر آهي ته مٿس پرڻيل هجي. پريوار وارو هجي، نيڪ گرهستي ٻڌجي
پر انهيءَ سان گڏ اهو به ضروري آهي ته هو پنهنجن اصلي فرضن
کي نڀائي،

دراصل اسين سنسار ۾ ڪنهن به پدارٿ جو تياڳ ڪري ئي نٿا
سگهون. اسين پنهنجي طرفان اهو سوچي سگهون ٿا ته اسان سنسار کي

پر انهيءَ جو اهو ارٿ نه آهي ته اسانجو ڪنهن خاص منش سان جيڪڏهن ڪرم جو سنبنڌ ڪونهي ته اسين پرماتما سان ميلاپ نه ڪري سگهنداسين. هرهڪ آتما آزاد آهي.

س- ٣٢٥. مهاراج جي، ڇا اسين هن ئي جنم ۾ شادي شده هوندي ۽ نامدان ملڻ بعد، پرماتما سان ميلاپ ڪري سگهون ٿا؟ ڪيترائي ماڻهو چوندا آهن ته توهين شادي شده آهيو تنهن ڪري هن جنم ۾ پربوءَ سان ميلاپ نٿا ڪري سگهو؟

ج- مون ته ڪنهن به پستڪ ۾ ڪونه پڙهيو آهي ته ورواهه ڪيل منش روحاني ترقي نٿا ڪري سگهن.

س- منهنجو به اهوئي وچار هو. انهيءَ باري ۾ اسانجي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه هلي هئي ته جيسين پرالبڌ ڪرم رهيل آهن، انهيءَ ڪري پورڻا ميلاپ ٿي نٿو سگهي. انهن کي چڪائڻ بعد ئي پرماتما وٽ واپس پهچي سگهجي ٿو؟

ج- اهو ڪيئن معلوم ٿئي ته ڪهڙڪي، ڪهڙا ڪهڙا، باقي ڪرم پورڻا آهن.

س- تنهن هوندي به، اسين پوءِ سمجهڻ لڳاسين ته اهڙين ڳالهين ڪرڻ وقت، اسين پوري طرح نٿا سوچيون. باقي سڀ ڳالهيون ٻه سامهون ايندڙيون آهن.

ج- نه، منهنجي وچار ۾ ورواهه سان ڪو به فرق نٿو پوي، ڇو جو اصل اسانکي پنهنجي ڇڪڻ واري شڪتي 'موهه' آهي. ورواهه ۾ موهه جي پيٽ ۾ فرض يا جوابداري وڌيڪ آهي. جيڪا ڪشش ورواهه ۾ اسان کي شروعات ۾ محسوس ٿيندي آهي، اها وقت گذرڻ سان، موهه جي روپ ۾ ٿي رهي. اهو سوارٿ جو سنبنڌ آهي؛ اسانکي انهيءَ ڳالهه جو گيان ٿئي ٿو، تڏهن اسانکي ڪو به روڪي نٿو سگهي. جڏهن اسانکي پنهنجي اصلي فرض جو گيان پراپت ٿئي ٿو، تڏهن اسين سڀني مٽن مائٽن ۾ رهندي، استري، ٻچن، پٽ، پيءُ وغيره جي روپ

آتما جي نه ڪا جنس آهي ۽ نه ئي ڪو سنگي ساٿي. ڪيترائي
ماڻهو پنهنجي ڪمزوريءَ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ اهڙا بهانا پيش ڪري
انهيءَ ڀرم ۾ هوندا آهن ته جيسين انهنکي پنهنجيءَ آتما جو ساٿي نه ملندو،
تيسين هو پرماتما کي پراپت نه ڪري سگهندا. مونکي ڪيترن ئي امريڪا
جي ستسنگين جا خط مليا آهن ته "مان ترقي نه ڪري سگهيس، ڇو
جو مونکي ڪڏهن آتما جو ساٿي نه مليو." اهو پنهنجي ڪمزوريءَ کي
لڪائڻ لاءِ صرف هڪ بهانو آهي. آتما جو نه ڪو ساٿي آهي، نه ئي
هنکي ساٿيءَ جي ضرورت آهي، هر هڪ آتما اڪيلي هوندي آهي.
اسانجو پرماتما سان شخصي سنبنڌ آهي. اسانکي ڪڏهن به ساٿيءَ جي
ضرورت نه ٿيندي آهي. ستگروءَ کي آتما جو سنگي ساٿي چئي سگهون
ٿا، ڇو ته ستگروءَ دوارا ئي آتما پرماتما ۾ سمائجي سگهي ٿي. آتما
جي ڪا به جنس ڪانهي، نه ئي جنس جو ڪو مطلب آهي. دراصل
ڳالهه اها آهي ته ٿوري به روحاني ترقيءَ لاءِ انهن ڳالهين کان مٿي
ٿيڻو پوندو آهي. استرين کي اهو بلڪل سمجهڻ نه گهرجي ته هو
روحاني درشٽيءَ کان پرشن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ آهن.

س- ٣٢٤. توهين آتما جي سنگي يا جوڙي جي باري ۾ سمجهائيندا؟
ڇا، آتما کي ساٿي، وواهه سان پراپت ٿيندو آهي يا بنا وواهه جي؟
اسين انهيءَ کي ڪيئن سڃاڻي سگهنداسين؟

ج- مون ڪجهه ٻين جڳهين تي ذڪر ڪيو آهي ته، ڪيترائي دفعا
آمريڪا جي ستسنگين جا خط ايندا آهن ته جيسين اندر يا ٻاهر، انهن
کي، پنهنجو ساٿي نٿو ملي، هو واپس وڃي، پرماتما سان نٿا ملي
سگهن. ڪجهه ستسنگين کي اهڙي غلط ويچاردارا آهي. هر هڪ آتما جو
پرماتما سان شخصي تعلق آهي. آتما جي ساٿيءَ جهڙي ڪا به ڳالهه
ڪانهي. اهو خيال صرف پنهنجي ڪمزوريءَ جو هڪ بهانو آهي. آتما
جو بلڪل، نه ڪو سنگي ٿيندو آهي نه ساٿي. اسين پنهنجي شخصي
آدرسان ئي پرماتما وٽ واپس پهچون ٿا. اسانجو ماڻهن سان ڪرمن
سبب سنبنڌ آهي، انهيءَ ڪري انهن سان اسانجو واسطو پوي ٿو.

س- مهرباني ڪري اُهيءَ کي ڪنهن ٻئي نموني ۾ سمجهايو.

ج- ٺيڪ آهي. توهين ٿي ٻڌايو ته آتما کي ڇا ڇيئي سمجهڻ مناسب ٿيندو؟ (ماٺهو ڪلن تا)

س- ٣٢٣. مون ٻڌو آهي ته ڪا به ستسنگي استري نئين منزل کان مٿي وڃي نٿي سگهي. هن لفظ ۾ ائين چيو ويندو آهي ته جيستائين اُهيءَ کي نام جي بخشش به ٿيل هوندي، تڏهن به ڪيس هيٺ اچي ٻيهر پرش سرير ۾ جنم وٺڻو پوندو، ان بعد ئي هوءَ سچکنڊ پهچندي.

ج- اهو سوچڻ دلچسپ ڪونهي. (ماٺهو ڪلن تا) توهين ڏسو ته هيءَ پرش جو سنسار آهي (وري ماٺهو ڪلن تا) پرش اهڙيون ڳالهيون جتي پنهنجو درجو مٿي ڏيکارڻ چاهين ٿا. منهنجو خيال آهي ته انهيءَ ڳالهه جي شروعات ڏيري ۾ مهمان گهر "گيسٽ هائوس" جي گپ شپ سان ٿي آهي. مون اها ڳالهه ڪنهن به روحاني گرنٿ ۾ ڪونه پڙهي آهي. جيتري قدر سنت مت جو سوال آهي، استري ۽ پرش ۾ ڪو به فرق ڪونهي، نڪو به تفاوت ڪونهي. اهو منڊل ٽپڻ کانپوءِ پار ڪرڻ بعد استري پرش جو ڀيد سماپت ٿي ويندو آهي. آتما جي ڪا به ذات جنس نه آهي ۽ اهو ڀيد سرير سان يا من سان گڏ پٺيان رهجي ويندو آهي. تنهنڪري اهو سوچڻ بلڪل غلط آهي ته پرش سرير ۾ جنم وٺڻ بنا ڪا به استري مالڪ سان ميلاپ نٿي ڪري سگهي. استري هئڻ سبب، پرماتما ۾ واپس وڃي سمائجي نٿي سگهي ۽ انهيءَ لاءِ هن کي پرش ديهه ۾ اچڻو پوندو، بلڪل صحيح ڪونهي. پرش کي ئي اهو حق آهي، اهو سوچڻ به بلڪل غلط آهي. ائين نه آهي. اهو ويچار رکڻ ٺيڪ نه آهي ته صرف پرش ئي ايترا خوشقسمت آهن. شايد ڪنهن وقت پرش، استريءَ کان ڇوٽڪاري پائڻ لاءِ اهڙو سڪدائي سپنو ڏسندو هوندو ته گهٽ ۾ گهٽ مٿي وڃي ته ڪا استري ڪونهي. (ماٺهو ڪلن تا) جيتري قدر سنت مت جو تعلق آهي، اهو بلڪل غلط آهي.

ج - هيرو ته هيرو آهي. جيڪڏهن انهيءَ کي ڪپ ۾ اڇلائبو وڃي ته انهيءَ تي گندگي چنبڙي ويندي. پر جيڪڏهن انهيءَ کي ڌوئبو ته وري اهائي چمڪ واپس اچي ويندي. آتما هيرو آهي. هرهڪ آتما پرماتما جي انس آهي. آتما نرمل آهي، پوتر آهي. پر من جي صحبت سبب نهايت گندي ۽ ميري ٿي چڪي آهي، ڇو ته من اندرين جي ڀوڳن جو داس آهي. ڪنهنڪري من به خراب، ميرو ۽ گندو ٿي ويو آهي. جڏهن آتما من جو ساٿ ڇڏي ٿي، تڏهن هرهڪ آتما هڪ جهڙي ٿي پوي ٿي. انهيءَ جي پوترتا ۾ ڪو به فرق ڪونهي، ڪي آتمائون تمام گندي ڪپ ۾ ڪرنديون آهن. ڪي ٿوري صاف جڳهه تي ڪرنديون آهن. ڪي آتمائن کي رواجي گندگي لڳندي آهي ۽ ڪي تمام بريءَ طرح گنديون ٿي پونديون آهن. ڪنهنڪري انهن جي صفائيءَ لاءِ وڌيڪ سخت محنت جي ضرورت آهي. پر هيرو ته هيرو ئي آهي.

س - ٣٢٢. ستسنگ ۾ توهين آتما کي استريءَ جي روپ ۾ ڇو سڏيندا آهيو؟

ج - لکڻ يا چوڻ ۾ ڪو نه ڪو نالو ته رکڻو پوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ آتما ته آتما ئي آهي. آتما نه استري آهي، نه پرش. سنسار ۾ استريءَ جي آتما استري سڏائيندي آهي ۽ پرش جي پرش، انهن ۾ آتما جي ڪا به جنس ڪونهي.

س - مان به انهن کي سمجهندو آهيان.

ج - توهين صحيح آهيو. جڏهن اسين ترڪٽيءَ کان مٿي ويندا آهيون، جيڪا اپي منزل آهي ۽ جڏهن من ۽ آتما جي ڳنڍ کلبي آهي، ته استري پرش جو ڀيد سماپت ٿي ويندو آهي. آتما کي ڪنهن ته اکر سان سڏڻو پوندو. مان ته چوندس ته اسانجي ٻولي اڌوري روحاني ڳالهين کي سمجهائي سگهڻ ۾ بلڪل اسمرٿ آهي. توهان هيٺ ستسنگ جو ترجمو پڙهيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ آتما لاءِ استري لفظ استعمال ڪرڻ جو ڪو به خاص ڪارڻ ڪونهي.

آتما، سچي ذاتي

س- ٣١٧. مهاراج جي، آتما ڇا آهي؟ مان سمجهان ٿو ته چيتنتا ئي سڀ کان اوچي وستو آهي. ڇا اهو ٺيڪ آهي؟

ج- اهو صحيح آهي، چيتنتا ئي آتما آهي. جيئن جيئن هيءَ مٽي وڃي ٿي، اها چيتن ڌارا جي سڀ کان اوچ اوستا جي وڃهو پهچندي وڃي ٿي. آخر هوءَ انهيءَ اوچ چيتن اوستا کي پراپت ڪري ٿي.

س- ڇا، آهي پرماتما روپي ساگر جون بوندون آهن؟

ج- اهو صحيح آهي.

س- ٣١٨. مهاراج جي، ڇا پرماتما هر وقت نيون آتمائون پيدا ڪري رهيو آهي يا پراڻين آتمائن مان ئي ڪم هلائي رهيو آهي؟

ج- منهنجي خيال ۾، هن وقت پراڻين آتمائن جي ڪاٻ ڪمي ڪونهي (سڀ ماڻهو ڪلن ٿا) انڪري ٻين آتمائن جي پيدا ڪرڻ جي ڪاٻ ضرورت ڪونهي.

س- ٣١٩. مون هڪ آکاڻيءَ ۾ پڙهيو هو تہ ڪنهن جو موت نهايت ڀيانڪ نموني ٿيو. انهيءَ جو مطلب آهي تہ آتي پيڙا يا ڪشٽ آهي؟

ج- توهانجي پڇڻ جو اهو اَرٿ آهي تہ نرڪ ۾ ڪشٽ آهي؟ ڇونہ؟ ڇا توهين نرڳ کي سرڳ بڻائڻ چاهيو ٿا؟

س- ٣٢٠. ڇا، توهان اهو ڪونہ فرمايو تہ سوکيم منڊل ۾ شرير کي ڪشٽ نہ ٿيندو آهي؟

ج- سوکيم منڊل جا ڪيترائي حصا آهن. هن وقت، هن جي نرڳ واري حصي جو ذڪر ڪري رهيا آهيون.

س- ٣٢١. ڇا، تمام ٺيڪ ۽ تمام خراب منش جي آتما ۾ تفاوت هوندو آهي؟ ڇا، اهو من جي اثر سبب ٿيندو آهي يا سچ پچ ڪو فرق آهي؟

مطلب نه رهندو، اهو به کان ثابت ٿيندو ته سرشتيءَ جي اڻتي
جو ڪٿي رهي. اها ڳالهه سمجهاڻي ته سگهجي ٿي، هر ڪو شين الهيءَ
کي سمجهي عقل، هڏيءَ ذريعي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ هڏي
الهيءَ ڳالهه کي سمجهي نٿي سگهجي. تنهن ڪري الهيءَ مان ڪرڻ ناتو
نه ليندو. اسانکي مٿي، هڏيءَ جي دائري کان مٿي وڃڻو آهي. آتما
جي پرماتما سان، سڌيءَ طرح مطلب واري اوستا پراپت ڪرڻي
آهي، جو ته انهيءَ اهو سان ئي سڀ ڳالهيون سمجهه ۾ اينديون.

رام ڪرشن ۽ ڪيترا ويدانتي مهاتما انهيءَ کي ماتا ۽ پٽ جو سمبنڌ چوندا آهن. جڏهن پٽ، ماءُ جي شرڻ ۾ اچي ٿو ته هن کي ڪا به چنتا نٿي رهي. هو سکي ٿئي ٿو. بي فڪر ٿي رهي ٿو. سنسار جي ڪنهن به پدارٿ جي هن کي پرواهه نٿي رهي.

جيسين آتما پرماتما ۾ نٿي سمائجي وڃي، تيسين اسانجي اندر سچي خوشي يا سک سلامتيءَ جي ڀاونا پيدا نٿي ٿئي. اسانجو جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو نٿو ٿئي. جيسين اسين مالڪ کان وڇڙيل هن سنسار ۾ قائل آهيون، اسين نهايت دکي آهيون. اسانجي حالت قياس جوڳي آهي. انهيءَ ڪري اسين مالڪ جي تلاش ڪريون ٿا. تنهنڪري هو اسانجو مقصد آهي، اسانجي منزل آهي. هيءَ منش سرير اسانکي ڏنو ئي انهيءَ لاءِ ويو آهي. منش چولي جو اعلي مطلب ئي اهو آهي. صرف منش جنم ۾ ئي پوري پراپتيءَ جي مارگ تي هلي، واپس وڃي مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهون ٿا. ٻئي ڪنهن به سرير يا جوڻ ۾ پرڀو پراپت ٿي نٿو سگهي. انهيءَ ڪري منش سرير کي 'هري مندر'، 'نر نارائڻي ديهه'، 'زنده پرماتما' جو مندر چيو ويو آهي.

اسانکي انهيءَ زنده پرماتما کي هن ديهه ۾ ڳولهڻو آهي، ڇو ته هيءَ ئي مالڪ جو مندر آهي. هن مندر، اندر ئي، اسانکي پرماتما جي کوج ڪرڻي آهي. هيءَ مندر، مالڪ خود ٺاهيو آهي. هو خود، هن مندر ۾ ويٺو آهي ۽ اسانکي اندر ئي، هنجي کوج ڪرڻي آهي.

اسين تڏهن ئي سکي ٿي سگهون ٿا، جڏهن اسانجي منش ديهيءَ ۾ اچڻ جو مقصد پورو ٿي سگهندو. اهو مقصد تڏهن پورو ٿي سگهندو جڏهن اسين پنهنجي خيال کي انترمک ڪري، اندر ئي پرماتما جي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. هنجي ميلاپ بنا نه اسانکي سچو آنند پراپت ٿي سگهي ٿو ۽ نه ئي جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽي سگهجي ٿو.

اهو معلوم ڪرڻ مشڪل آهي ته پرماتما هن سرشٽيءَ کي ڇو بڻايو. پر اها ڳالهه بلڪل صاف آهي ته اسين هن کان وڇڙيل آهيون ۽ اسان کي مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. جڏهن هن ساڃ

ٻاڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ۽ هيءَ جڳت ڏکن ڏاکڙن ۽ آفتن سان
ڀرپور ٿي رهندو. مان نٿو سمجهان ته اسين مانڪ طور ٻين کان
وڌيڪ خوش آهيون. سنسار ۾ ڪيترن ڪاميابين حاصل ڪندي به
مان نٿو سمجهان ته انهيءَ کي سرڳ ٺاهڻ سکيا آهيون. اسين ٻين
کان وڌيڪ دکي آهيون. اسين پنهنجن ابن ڏاڏن کان وڌيڪ دکي
آهيون، جن کي اسين ايئن سمجهون ٿا، هو اسان کان وڌيڪ گهري
ننڊ ڪندا هئا. انهن جي صحت به اسان کان سٺي هئي. انهن جي
عمر به اسان کان وڏي هوندي هئي ۽ هو اسان کان وڌيڪ سکي هئا.
انهيءَ ڪري مان نٿو سمجهان ته سک ۽ شانتيءَ جي خيال کان اسين
سنسار کي ٻين کان وڌيڪ سٺو ٺاهڻ سکيا آهيون. ڏينهون ڏينهن
اسين وڌيڪ دکي ۽ دکي ٿيندا پيا وڃون. جيترو سک شانتيءَ
پويان ڊوڙون ٿا، اوترو وڌيڪ اسين دکي ۽ نراس ٿيندا پيا وڃون.
تنهنڪري مان سمجهان ٿو ته اسانجي ڪوشش ٿي غلط راهه ڏانهن آهي.
جيڪڏهن اسين پنهنجي اندر خوشي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته
ڪامياب ٿي سگهنداسين. ان بعد جيسين اندر سک پراپت نٿو ٿئي،
تيسين هيءَ زندگي، جيئڻ لائق نه آهي. سچو سک، سچي شانتي ته
آتما کي پرماتما روپي ساگر ۾ ملڻ بعد ئي پراپت ٿي سگهي ٿي.
انهيءَ سچي خوشي ۽ شانتيءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ ئي اسين مالڪ
۾ سمائجي وڃڻ چاهيون ٿا.

ڪن سنتن آتما ۽ پرماتما جي سنبنڌ کي پتا ۽ پٽ جي سنبنڌ
ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ سنبنڌ ۾ پٽ بلڪل
تي نڀر رهندو آهي. بائيبل ۾ پرماتما کي سڀني جو پتا، "پيءُ پتا"
ڪري سڏيو ويو آهي. ڪن سنتن انهيءَ کي پتي ۽ پتنيءَ جو سنبنڌ
ڪري سمجهايو آهي. پتني صرف پتيءَ سان گڏ ئي سکي رهي سگهي
ٿي. هن کي چاهي سنسار جا سمورا سک چونڊ ڏنا وڃن، پر پتيءَ کان
ڌار رهي، خوش ڪڏهن به سکي نٿي ٿي سگهي. انهيءَ ڪري سنتن،
آتما ۽ پرماتما جي سنبنڌ کي پتي - پتنيءَ جو رشتو ڪري سمجهايو
آهي. ڪيترن سنتن انهيءَ کي ماءُ ۽ ٻار جو سنبنڌ ڪري سمجهايو آهي.

من اندرين جي وس آهي. انڪري اسين اڻپورن آهيون. جڏهن مالڪ
چاهيندو ته اسين پورن ٿيون، تڏهن اسين پورن ٿي وينداسين ۽ واپس
وڃي انهيءَ ۾ سمائجي وينداسين.

س - ٣١٥. مهاراج جي، توهين فرمائيندا آهيو ته سرشٽي مالڪ
پيدا ڪئي آهي. مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته ڇا اهو
معلوم نٿو ڪري سگهجي ته مالڪ کي ڪنهن پيدا ڪيو؟

ج - جيڪڏهن اسين اهو معلوم ڪرڻ چاهيون ٿا ته پرماتما کي
ڪنهن پيدا ڪيو ته پوءِ اڳتي اهو به معلوم ڪرڻو پوندو ته انهيءَ کي
ڪنهن بڻايو، جنهن پرماتما کي بڻايو. انهيءَ جو ته انت نٿو ٿي سگهي.
پرماتما کان پري نه ڪجهه هو، نه آهي ۽ جيڪي ڪجهه بڻايو آهي،
انهيءَ ئي سڀ بڻايو آهي. سڀني پستڪن ۾ اهڙيءَ طرح لکيل آهي.
اڃا تائين پرماتما کان پري ڪوبه، ڪنهن به هدايت کي کولهي نه
سگهيو آهي، هو پنهنجو پاڻ کي اپائيندڙ آهي. پنهنجو پاڻ ڪرتار
آهي. هو سڀ ڪجهه، سرو شڪتيوان آهي.

س - ٣١٦. اسين واپس وڃي، پرماتما ۾ ڇو نٿا سمائجي وڃڻ
چاهيون؟

ج - اها ڳالهه بلڪل صاف آهي ته جيسين اسين واپس پرماتما ۾
نٿا سمائجي وڃون، تيسين اسانکي هن سنسار جي جيل خاني مان
ڇوٽڪارو نٿو ملي سگهي. هن سنسار ۾ ڪوبه سکي ڪونهي. سنسار ۾
گهڻو ڪجهه حاصل ڪرڻ بعد به اسين سکي نه آهيون. اسين پنهنجو پاڻ
۾ ڪا ڪمي محسوس ڪندا آهيون، اها آتما جي پرماتما ڏانهن مائل
ٿيڻ جي ڪشش آهي. جيسين آتما، پرماتما ۾ واپس وڃي نه سمائبي،
اها اڪيلائيءَ جي ڀاونا دور نه ٿي سگهندي.

ٻوند ساگر ۾ ملي ساگر بڻجي ٿي. اسين به انهيءَ ساگر جي هڪ
ٻوند آهيون. جيسين اسين انهيءَ ساگر ۾ وڃي نٿا سمائجون، تيسين
جنم مرڻ جي چڪر مان اسانجو ڇوٽڪارو نٿو ٿي سگهي. اسين هن
سنسار کان ٻاهر نٿا نڪري سگهون. اسين سنسار کي ڪيترو به سرڳ

ڪي مالڪ وٽ واپس پهچڻو پوندو. انهيءَ سوال جو صحيح جواب
پراپت ڪرڻ جو صرف اهوئي مارگ آهي. پنهنجي محدود گيان
ذريعي جيترو چاهيون وياکيان ڪندا وڃون، پر اسين حسابي علم يا
سائنس جي مدد سان ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهنداسين. انهيءَ
لاءِ ئي ته اسين رات ڏينهن اڻ سڻون ڪري رهيا آهيون ته پرماتما
ڪان وڃي اچون ته هن سرشٽيءَ جي اُتپتي ڇو ڪئي؟ جيڪڏهن
سنت اسانکي پڌائيندا به ته هن سنسار ڇو رچيو، تڏهن به اسين انهن کي
سمجهي نه سگهنداسين. اسانکي صرف وشواس تي ڪرڻو پوندو. اسان
وٽ انهيءَ ڳالهه جي پرکـ ڪرڻ لاءِ ڪو طريقو ڪونهي، ڪو اهڙو
ثبوت ڪونهي، جنهنجي آڌار تي سنتن جي پڌايل سچ جي پرکـ
ڪري سگهون. انهيءَ ڪري من - بُڌيءَ جي جار ۾ ڦاسجي رهڻ ۽
انهيءَ ڳالهه تي اهرج ڪندي رهڻ مان ڪهڙو لاڀ آهي ته مالڪ اسانکي
هتي ڇو موڪليو؟ اسانکي عملي وچار ڌارا اختيار ڪرڻ گهرجي ۽
مالڪ ڏانهن ويندڙ مارگ تي اڳتي هلي، انهيءَ ۾ سمائجڻ جي ڪوشش
ڪرڻ گهرجي. ڇڪاس ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بجاءِ ته اسين هتي
ڇو آهيون، پرماتما وٽ واپس پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.
تڏهن ئي اسانکي معلوم ٿيندو ته پرماتما اسانکي ڇو پيدا ڪيو.

س - ٣١٤. اسين اڌورا ڇو آهيون؟

ج - جيڪڏهن اسين پورن هجون ها ته اڄ هيءَ سنسار نه رهي
ها. اسين سڀ مالڪ ۾ سمائجي وڃون ها، ڇو ته مالڪ چاهي ٿو ته
سرشٽي هلندي رهي. انهيءَ ڪري هتي اڌورائيءَ جو هئڻ ضروري
آهي. هيءَ جڳت سٺي ۽ خراب جو ميل ئي آهي.

س - جيڪڏهن اسانجي آتما پورن آهي ته جتان هيءَ آئي آهي
اها به پورن آهي؟

ج - ها.

س - پر اسين اڌورا آهيون؟

ج - ها، اسين اڌورا آهيون ڇو ته اسين من جي وس آهيون ۽

آهي. (انهيءَ تي مهاراج جن مٺڪي فرمايو تہ توهانکي انهيءَ سوال
کي لکڻ ۾ نهايت دير لڳي هوندي، انهيءَ ڪري پڙهي ٻڌايو)
اهو سوال ٻيهر بہ ڪيترائي ڀيرا پڇيو ويو آهي پر پورو ۽ پرمارٿڪ
جواب نہ مليو. سوال آهي اسين پنهنجي گهر، سچکنڊ کي ڇڏي هتي
ڇو آياسين؟ ڇا اسانجي آتما ۾ ڪا ڪمي هئي جو پرماتما کي اسانکي
هيٺين منڊلن ۾ موڪلڻ ضروري ٿي پيو؟ ڇا اسين جاڳرت هئاسين يا
اڄاڳرت، ڇا اسان سچکنڊ مان اچڻ چاهيو ٿي؟

ج- مان سمجهان ٿو تہ انهيءَ سوال تي ڪيترائي ڀيرا ويچار ڪيو
ويو آهي، پر لفظن ۾ توهين اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ مالڪ سنسار
جي رچنا ڇو ڪئي؟ اسين هتي ڇو آهيون؟ جيڪڏهن اهو معلوم ٿي
وڃي تہ اسين هتي ڇو آهيون تہ پوءِ اسانکي مالڪ جو بہ گيان پراپت
ٿي ويندو. اهو معلوم ڪرڻ لاءِ تہ هن سنسار ڇو بڻايو ۽ اسين هن کان
دور ڇو آهيون، اسانکي پرماتما جو گيان حاصل ڪرڻو پوندو. جڏهن
اسانکي هن جي ڄاڻ پراپت ٿيندي تہ شايد پڇڻ بہ نہ چاهينداسين تہ
هن اسانکي ڇو پيدا ڪيو. اسين محدود بڌيءَ واري گيان ذريعي
ٿي انهن ڳالهين جو ذڪر ڪري سگهون ٿا ۽ اهو بہ من جي مدد سان.
من نہ تہ سمجهي سگهي ٿو، نہ سمجهائي ٿي سگهي ٿو تہ سڄو برهمانڊ
ڇو رچيو ويو. جنهن هيءُ برهمانڊ لاهيو آهي، انهيءَ مالڪ کي ئي
گيان آهي تہ هن ائين ڇو ڪيو. ڇاڪاڻ تہ اُن وقت مالڪ کانسواءِ ڪو
ٻيو هو ئي نہ. جيڪڏهن ڪو ٻيو هجي ها تہ هن کي پتو هجي ها تہ
هن رچنا ڇو رچي. اهو ئي آد آهي، اهو ئي انت آهي. هوءَ ٻيهر بہ
هو، اڄ بہ آهي ۽ سدائين رهندو بہ. جيڪي ڪجهہ اسين ڏسي رهيا
آهيون، سڀ انهيءَ جو پسارو آهي.

اسين اَپورن آتمائن جي هئڻ جو سوال ٿي اٿو آئي. پرماتما جي
انهيءَ ديش ۾ ڪجهہ بہ اَپورو ڪونهي. اُتي هرڪ پورن آهي ڇو
تہ خود مالڪ ئي آهي. اُتي پرماتما کانسواءِ ڪجهہ آهي ئي ڪونہ.
تنهنڪري اُتي جي اَپورن آتمائن کي هتي موڪلڻ جو سوال ئي نٿو
اُٿي. اهو معلوم ڪرڻ لاءِ تہ هن برهمانڊ جي رچنا ڇو ڪئي، اسان

حصو مٽيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت آتمائن جو صرف ڏهون حصو
ٻي پرمالما وٽ واپس پهچندو ۽ باقي ⁹⁄₁₀ حصو آتمائون هتي رهنديون
جنهن سنسار جو ڪاروبار هلندو رهي. اهڙي ڪارڻ آهي جو هو هڪ
مٺ مالڪ لاءِ طلبگار نه هوندو آهي. جيڪڏهن پرماتما سرشٽيءَ جو
ڪيل سماپت ڪرڻ نٿو چاهي ته سنسار کي جاري رکڻ لاءِ ڪن آتمائن
جي ضرورت ته رهندي ٿي. جيڪڏهن سڀ آتمائون واپس وڃي
پرماتما ۾ سمائجي وينديون ته هيءَ دنيا سماپت ٿي ويندي. اهڙيءَ
ريت سڀ انهن چوڏهن آتمائن کي ٻي ولڻ لاءِ ايندا آهن. ڪل
آتمائن جو ڏهون حصو چوڏهن آتمائن جو آهي ۽ انهن کي ٻي ولڻ لاءِ
سٺ ايندا آهن. انهن آتمائن کي ٻي چوڏهن آتمائون چئو ويندو آهي.
مون اهڙيءَ سوال کي ڪجهه به ڳالهائڻ نٿي چاهيو.

س - ٣١١. اهڙيءَ سوال جي سلسلي ۾، جيڪو ڪيترائي ڀيرا
دهرايو ويو آهي ۽ توهانجي جواب جي باري ۾ جيڪڏهن مون سمجهيو
سمجهيو آهي ته مان چوندس ته ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن، جيڪي
اسين هتي سمجهي نٿا سگهون جو ته اهي مٿين روحاني منڊلن جون
ڳالهيون آهن، جن جي برابري هتي ڪنهن سان به ٿي ڪري سگهجي
۽ اهڙيءَ ريت انهن ڳالهين کي سمجهڻ به ناممڪن آهي.

ج - اها ڳالهه ٺيڪ آهي. ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن
جي سٺ وياکيا ڪرڻ نه چاهيندا آهن. جو ته انهن کي صرف
وشواس ئي ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن هو انهن ڳالهين جي باري ۾
ڪجهه ٻڌائين به، تڏهن به اسين سمجهي نه سگهنداسين ۽ منجهي
پونداسين. اهي ڳالهيون اندر اٿڻ ڪرڻ جون آهن.

س - ٣١٢. اصلي مقصد ته اڀياس ڪرڻ ۽ واپس وڃڻ آهي.

ج - اهو ٺيڪ آهي پر جنهن ته اسان ۾ ٻڌي آهي، تنهن ڪري
ٻڌيءَ کي تسلي ڏيڻي ضروري آهي.

س - ٣١٣. جيڪو سوال مان پڇڻ چاهيان ٿو، اهو پڇڻ به مشڪل
آهي ۽ سکروءَ ڪالسواءِ ٻي ڪنهن لاءِ انهيءَ جو جواب ڏيڻ به مشڪل

سڀ پدارٿ اُنهيءَ جا ٻتابل آهن ۽ ڪو به اهڙو پدارٿ ڪونهي جيڪو
ٻنا شبد جي ٽيهل هجي. اُنهيءَ ۾ جيون ڌارا هئي ۽ آهسا مدش جو
پرڪاش هئي ۽ پرڪاش اندڌڪاري ۾ چمڪيو. پر اندڌڪاريءَ هنکي ڪونه
سڃاتو" سڀ ڪجهه اُنهيءَ جو پسارو آهي، اُنهيءَ جي ليلا آهي.

س - ٣٠٩. مونکي ياد ڪونهي ته اهو ڪنهن چيو آهي پر مونکي
بار بار ياد اچي رهيو آهي ته "سڀ پدارٿ ليلا ماتر آهن."

ج - يورپ جي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن فرمايو آهي ته هيءَ
سرشٽي مالڪ جي ليلا آهي. بس اُنهن صرف اهو ئي اشارو ڏنو آهي
ته جيڪي ڪجهه نظر اچي ٿو، اُها هنجي ليلا آهي

س - ٣١٠. ٻيو هڪ سوال ۾ چيو ويو آهي ته مالڪ اسانکي موڪليو
آهي. راڌا سوامي مت جي ساهتيه ۾ يا شايد ستسنگ ۾ چيو ويو آهي
ته اسين بگڙيل ٻار (Prodigal Sons) آهيون. اُنهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو
ته اسين پنهنجي مرضيءَ سان هتي آيا آهيون ۽ نه پرماتما اسانکي
موڪليو آهي، اُنهيءَ باري ۾ توهانجو ڪهڙو وچار آهي؟

ج - جڏهن اسين مالڪ سان گڏ هئاسين ته اسانجي اڇا ڪيئن ٿي،
ٿي سگهي؟ اڇا من سان گڏ هوندي آهي ۽ اُنهيءَ اوستا ۾ من هوندو ئي ڪونه.
اسانکي سنسار ۾ موڪليو ويو آهي. اسان سان گڏ من اُنهيءَ ڪري لڳايو
ويو آهي ته اسين سنسار طرف مائل رهون ۽ ڪار وهنوار ڪري سگهون.
اُنهيءَ اوستا ۾ من ڪونه هو ۽ پنهنجي مرضيءَ جو سوال ئي نٿو اُٿي.
جڏهن مالڪ کي سنسار جي رچنا ڪرڻي هئي ته هنني ڪجهه آتمائن کي
موڪلڻ ضروري هو. چاهي اُهي آتمائون چاهين پيون يا نه. ڪيترين
ئي ڳالهين جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه نه ڪرڻ ئي ٺيڪ ٿيندو آهي.
مثال طور توهان پڙهيو يا ٻڌو هوندو، پر مان اُنهيءَ کي وڏي اهميت
نٿو ڏيڻ چاهيان ته ڪجهه آتمائون سنسار ۾ اچڻ لاءِ بلڪل راضي ٿيون
۽ ڪن کي هتي اچڻ پسند ڪين ٿو. اڪثر چيو ويندو آهي ته سنت
اُنهن آتمائن کي واپس وٺي وڃڻ لاءِ ايندا آهن، جيڪي هن سنسار ۾
اچڻ لاءِ راضي نه هيون. اهڙن آتمائن جو تعداد ڪل آتمائن جو ڏهون

سرشٽي - انهيءَ جي رچنا ڇو؟

س - ٣٠٨. ڇا اسانکي انهيءَ ساگر مان ڪڍيو ويو آهي، يا اسين خود پنهنجيءَ مرضي سان، پرماتما وٽان ساگر مان نڪتا آهيون؟

ج - اهو هڪ نهايت ڳنڀير سوال آهي، سٺو سوال آهي. سڀاوڪ طور، هر هڪ مٿس انهيءَ باري ۾ سوچي. هر هڪ سوچيندو آهي ته مان هتي ڇو آيو آهيان، اسانجو هتي اچڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ انهيءَ جو هڪ ئي جواب آهي ته، اسين مالڪ سان ميلاپ ڪريون؛ انهيءَ کان ئي پڇون ته هتي ڇو آيا آهيون؟ جڏهن هن سان ميلاپ ٿيندو ته شايد انهيءَ ڄاڻ جي چنتا ئي نه رهندي ته اسين سنسار ۾ ڇو آيا هئاسين. تنهنڪري اسانکي جڳائي ته پنهنجا وچار انهيءَ کوج ۾ لڳائڻ بجاءِ، هڪ عملي وچارڌارا اختيار ڪريون؛ مالڪ سان ميلاپ ڪري، هن کان پڇون ته اسانکي هن سنسار ۾ ڇو موڪليو ويو آهي؟ ائين ناهي ته اها ڳالهه سمجهائي نٿي سگهجي، پر عقل ٻڌيءَ ذريعي، انهيءَ کي سمجهڻ ناممڪن نه، ته نهايت مشڪل ضرور آهي.

سمجهو ڪٿي ته هڪ ننڍو ٻالڪ جو پنهنجي ماتا کان پڇي ٿو ته مان ڪيئن پيدا ٿيس؟ هوءَ ان ٻالڪ کي اهو چئي ٽاريندي آهي "تون مونکي هڪ ٽوڪريءَ ۾ مليو هئين" يا صرف مشڪي ڳالهه کي ٽاري ڇڏيندي آهي. ائين ناهي ته ماتا کي جواب جي ڄاڻ ڪونهي، پر هوءَ چاهيندي آهي ته ٻالڪ وڏو ٿئي؛ تڏهن سمجهي ته هو ڪيئن آيو. اهڙيءَ طرح اسانکي به پرماتما تائين پهچڻو آهي، انهيءَ روحاني اوستا کي پراپت ڪرڻو آهي، جتي پهچي اسين سمجهي سگهون ته ان صاحب هيءَ سرشٽي ڇو رچي. هن وقت اسانجي سامهون هڪ مسئلو آهي ته هن سنسار کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري، پرماتما ۾ واپس سمائجي وڃون؛ جڏهن اسين هن سان ملنداسين ته توهين اهو سڀ سمجهو ته انهيءَ ڄاڻ جي چنتا ئي نه رهندي ته هن اسانکي ڇو پيدا ڪيو. بائيبل ۾ سمجهايو ويو آهي "سڀني کان پهرين شبد هو، شبد پرماتما سان گڏ هو، شبد ئي پرماتما هو، اهوئي شروع ۾ پرماتما سان گڏ هو،

هر ڳالهه جي تهه تائين وڃڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته شايد زندهه رهڻ به
مشڪل ٿي پوندو. انهيءَ ڪري سنت فرمائين ٿا ته هيءَ سنسار اسانجو
نج گهر ڪونهي. ڇو نه انهيءَ کي تياڳي سگهنڌ وڃجي؟ ڇو نه پوري
ڪوشش مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ ڪجي. شخصي طور مان ڪنهن جي
استعمال ڪرڻ جي خلاف نه آهيان. مان انهيءَ جو استعمال نه ڪندو
آهيان. پر انهيءَ لاءِ نه ته مان انهيءَ جي خلاف آهيان بلڪ انهيءَ
ڪري جو مونکي ٿوري ڊايبٽيز يعني مٺي پيشاب جي شڪايت
آهي. ٻيءَ حالت ۾ سنت مت سکيا جي ويچار ڌارا کان ڪنهن ڪاڻ ۾
ڪو به حرج ڪونهي.

جيڪڏهن هن جي ٻانهن ۾ ماس ڪاٽيا ڪواهي ته هن جو جسم تي اهڙي ڪو
۾ ٿيندو، جتي ماس جو واڌارو نه ٿيندو هوندو. مثال طور مون زندگيءَ
۾ ڪڏهن به ماس، آنڊي وغيره ڪي نه چکيو ۽ نه ئي منهنجي پتا
صاحب اٿين ڪيو. خوش قسمتيءَ سان اسانجو جسم تي اهڙي پرڀاو ۾
ٿيو. جيڪڏهن اسين امريڪا ۾ پيدا ٿيون ها ته اٿين نه ڪري
سگهجي ها. تنهنڪري ڪرم جو اثر ضرور ٿئي ٿو ۽ اهي ڪرم ئي
پرالبڌ بڻجن ٿا. ڪرم اسانکي خود بخود اتي وٺي وڃن ٿا، جتي
اسانکي اهي ڀوڳڻا پون ٿا. جڏهن ڪنهن منش جو وقت اچي ٿو ته
هوُ خود بخود سڀ شڪايتون ۽ چنتا ڇڏي سنت مت ۽ ويشنو ڀوڄن
کائڻ منظور ڪري ٿو.

س - ۳۰٦. مهاراج جي، توهان چئو ٿا ته شراب نه پيئڻ گهرجي.
ڇا انهيءَ جو اهو مطلب آهي ته جيڪڏهن اسين بيمار ٿيون ۽ ڊاڪٽر
اسانکي نشي واري دوا ڏئي ته اها به نه وٺڻ گهرجي؟

ج - جيڪڏهن بيماريءَ جي علاج جي خيال کان ڊاڪٽر ڪڏهن
دوا ڏئي ته وٺي سگهجي ٿي، پر انهيءَ جي عادت نه پوڻ گهرجي.
عادت جي روپ ۾ نه وٺڻ گهرجي. ڪيترا منش اهو سمجهي نشي
واريون دوائون وغيره، وٺندا آهن ته انهن ۾ طاقت ۽ همت ايندي
آهي، اهو ويچار ٺيڪ ڪونهي.

س - ۳۰۷. اسان مان ڪيترائي کنڊ واپرائڻ کان به پرهيز ڪندا
آهن ڇاڪاڻ ته کنڊ ٺاهڻ وقت هڏن جو استعمال ڪيو ويندو آهي؟

ج - منهنجي ويچار ۾ توهين وار ٿان کل لاهي رهيا آهيو. جيڪڏهن
اهڙيءَ طرح ڪندا ته شايد پاڻي پيئڻ به ناممڪن ٿي پوندو. جيڪڏهن
اهو معلوم ٿي وڃي ته ساهه کڻڻ وقت ڇا ڇا اندر وڃي رهيو آهي ته
شايد ساهه کڻڻ به مشڪل ٿي ويندو. اهڙي سوکير ڇڪاس ڪرڻ
انساني سڀاءُ آهي، پر اهڙيءَ طرح اسين ڪٿي به پهچي نه سگهنداسين.
اسانکي سنسار ۾ زنده رهڻو آهي، تنهنڪري ڀوڄن جي ضرورت
آهي، ڪپڙن جي ضرورت آهي، جتيءَ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن

ج - پڻ، توهان ٻارن کي جيئن چاهيو پالي سگهو ٿا. ڪيترن ئي ماڻهن جي، جن زندگيءَ ۾ ماس کي هٿ به نه لڳايو آهي، ماس کائڻ وارن کان تندرستي وڌيڪ سٺي آهي. اهو ماتا پتا جو فرض آهي ته ٻارن کي ڪهڙو ڀوڄن ڏين، جڏهن ٻار وڏا ٿي وڃن، سمجهدار ٿين ته پوءِ انهنکي خود فيصلو ڪرڻ گهرجي. ان بعد جيئن هو ڪرڻ چاهين، توهين ڪرڻ ڏيون. جيتري قدر سنت مت جو سوال آهي، اسانجو سنبنڌ صرف نام پراپت ٿيل ستسنگين سان آهي. جن کي نام مليو آهي، انهن لاءِ ويشنو ڀوڄن جي اصول ۾ پوري به ڇوٽ نٿي ڏيئي سگهجي، باقي ٻين ماڻهن (غير ستسنگين) سان اسانجو ڪو به واسطو ڪونهي.

س - ۳۰۴. ڇا جيڪڏهن مان ڪنهن وقت انهنکي به نام ڏيارڻ جو سوچان ته ڇا اهو ٺيڪ نه ٿيندو ته انهنکي ويشنو رکيو وڃي؟

ج - نه، توهين صرف پنهنجي باري ۾ فيصلو ڪري سگهو ٿا. توهان کي ڪنهن ٻئي لاءِ فيصلو ڪرڻ جو حق ڪونهي. جيڪو توهين پنهنجي لاءِ نٿا ڪرڻ چاهيو اهو ٻين لاءِ به ڪرڻ، پسند نه ڪندا. جيسين ٻار ننڍا هوندا آهن، انهنجي باري ۾ فيصلو ڪرڻ ماتا پتا جو فرض آهي. جڏهن هو وڏا ۽ سمجهو ٿي وڃن ته ڪين خود سوچڻ ۽ فيصلو ڪرڻ گهرجي ته ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڇا نه ڪرڻو آهي. اسانجو تعلق صرف جگياسن ۽ ستسنگين سان آهي. ستسنگين کي ويشنو ڀوڄن کائڻ جي پرتگيا ڪرڻي پوندي آهي.

س - ۳۰۵. جيڪڏهن ڪا ستسنگڻ ٻار کي جنم ڏئي ٿي ۽ انهيءَ کي سنت مت جي اصولن انوسار ڀوڄن نٿي ڏئي ته ڪرمن جو بوجهه انهيءَ تي پوندو يا ٻار تي؟

ج - جيڪڏهن ماتا ٻار کي ويشنو ڀوڄن نٿي ڏئي ته انهيءَ جو تعلق ماتا ۽ ٻار، ٻنهي جي ڪرمن سبب ٿي سگهي ٿو. ماتا ۽ ٻار ٻئي انهيءَ لاءِ جوابدار آهن. ۽ اهو ٻار جي ڪرمن سبب آهي. جيڪڏهن اهو هن جي ڀاڳ ۾ ڪونهي ته هن کي جنم کان ئي ماس نه ملندو.

س - ٣٠١. منهنجي دوست جو هڪ سال جو ٻارڙو آهي، اُنهيءَ کي ڪڏهن به آنو نه ڏنو ويو ته گهر وارا ويندا آهن پر هو ماس نه کائيندو آهي. هو پنهنجي ڏاڏيءَ کي چوندو آهي ته ماس کائڻ خراب آهي. ڇا اهو اڳين سنسڪارن سبب آهي؟

ج - اهو گذريل جنمن جي سنسڪارن سبب ٿي آهي. ڪيترائي دفعا اهڙا سنسڪار گڏ ايندا آهن جو اسانکي اهڙن شين کان ازخود اهڙي نفرت ايندي آهي جو جيڪڏهن اسين پوريءَ طرح ڪوشش به ڪريون تڏهن به اُنهن نٿا ڪري سگهون.

س - ٣٠٢. مان نه پنهنجي گهر ۾ ماس آڻڻ ٿي نه چاهيندي آهيان ۽ پنهنجي ٻارن کي ڇا ڪريان، جيڪي ڪڏهن ماس کائڻ چاهيندا آهن؟

ج - اهو برابر هڪ مسئلو آهي. هن مارگ تي هلڻ جو فيصلو توهان ڪيو آهي ۽ نه توهانجي ٻارن. جيتري قدر توهانجو تعلق آهي، توهانکي پنهنجن اصولن سان سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي. اصولن جي معاملي ۾ ارادي سان پختگي ڪرڻي آهي. جيتري قدر هڪ ماءُ جي روپ ۾ ٻارن جي ذميواريءَ جو سوال آهي، توهانکي انهنجي شڪايت کان منهن نه موڙڻو آهي. جيڪڏهن توهين انهنکي سمجهائي سگهو، ويندو ٻڌائي سگهو ته توهين به خوش رهندا ۽ هو به. جيڪڏهن اهڙيءَ طرح نه ڪري سگهو ته انهيءَ باري ۾ چنتا نه ڪريو. پر پنهنجن اصولن سان ڪنهن به قيمت تي سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي.

س - ٣٠٣. مهاراج جي، مونکي ٻه ننڍا ٻار آهن. منهنجو يا منهنجي پتنيءَ لاءِ ته ماس کائڻ جو سوال ٿي نٿو اُٿي. پر جڏهن ماڻهو ٻڌندا آهن ته اسين پنهنجن ٻارن کي به ماس کائڻ لاءِ نه ٿا ڏيندا آهيون ته سماج ۾ اسانکي اهو محسوس ڪرايو ويندو آهي ته اسين پنهنجن ٻارن کي طاقت بخش ڀوڄن نه ڏئي رهيا آهيون. جيڪڏهن انهيءَ باري ۾ ڪجهه ٻڌائيندا ته اسانکي تسلي ٿيندي. ڇا ويشنو ڀوڄن ننڍن ٻارن لاءِ ٺيڪ آهي؟

ج - پيءُ، توهان ٻارن کي جيئن چاهيو پالي سگهو ٿا. ڪيترن ئي ماڻهن جي، جن زندگيءَ ۾ ماس کي هٿ به نه لڳايو آهي، ماس کائڻ وارن کان تندرستي وڌيڪ سٺي آهي. اهو ماتا پتا جو فرض آهي ته ٻارن کي ڪهڙو ڀوڄن ڏين، جڏهن ٻار وڏا ٿي وڃن، سمجهدار ٿين ته پوءِ انهيءَ کي خود فيصلو ڪرڻ گهرجي. ان بعد جيئن هو ڪرڻ چاهين، توهين ڪرڻ ڏيو. جيتري قدر سنت مت جو سوال آهي، اسانجو سمبنڌ صرف نام پراپت ڪيل ستسنگين سان آهي. جن کي نام مليو آهي، انهن لاءِ ويشنو ڀوڄن جي اصول ۾ پوري به ڇوٽ نٿي ڏيئي سگهجي، باقي ٻين ماڻهن (غير ستسنگين) سان اسانجو ڪو به واسطو ڪونهي.

س - ٣٠٤. ٻر جيڪڏهن مان ڪنهن وقت انهيءَ کي به نام ڏيارڻ جو سوچيان ته ڇا اهو ٺيڪ نه ٿيندو ته انهيءَ ويشنو رکيو وڃي؟

ج - نه، توهين صرف پنهنجي باري ۾ فيصلو ڪري سگهو ٿا. توهان کي ڪنهن ٻئي لاءِ فيصلو ڪرڻ جو حق ڪونهي. جيڪو توهين پنهنجي لاءِ نٿا ڪرڻ چاهيو اهو ٻين لاءِ به ڪرڻ، پسند نه ڪندا. جيسين ٻار ننڍا هوندا آهن، انهن جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ ماتا پتا جو فرض آهي. جڏهن هو وڏا ۽ سمجهو ٿي وڃن ته کين خود سوچڻ ۽ فيصلو ڪرڻ گهرجي ته ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڇا نه ڪرڻو آهي. اسانجو تعلق صرف جگياسن ۽ ستسنگين سان آهي. ستسنگين کي ويشنو ڀوڄن کائڻ جي پرتگيا ڪرڻي پوندي آهي.

س - ٣٠٥. جيڪڏهن ڪا ستسنگڻ ٻار کي جنم ڏئي ٿي ۽ انهيءَ کي سنت مت جي اصولن انوسار ڀوڄن نٿي ڏئي ته ڪرمن جو بوجهه انهيءَ تي پوندو يا ٻار تي؟

ج - جيڪڏهن ماتا ٻار کي ويشنو ڀوڄن نٿي ڏئي ته انهيءَ جو تعلق ماتا ۽ ٻار، ٻنهي جي ڪرمن سبب ٿي سگهي ٿو. ماتا ۽ ٻار ٻئي انهيءَ لاءِ جوابدار آهن. پر اهو ٻار جي ڪرمن سبب آهي. جيڪڏهن اهو هن جي ڀاڳ ۾ ڪونهي ته هن کي جنم کان ئي ماس سان ملندو.

س - ٣٠١. منهنجي دوست جو هڪ سال جو ٻچڙو آهي، انهيءَ
کي ڪڏهن به اهو نه ٻڌايو ويو ته گهر وارا ويشنو آهن ۽ هو ماس نه
کائيندو آهي. هو پنهنجي ناڻيءَ کي چوندو آهي ته ماس کائڻ خراب
آهي. ڇا اهو اڳين سنسڪارن سبب آهي؟

ج - اهو گذريل جنم جي سنسڪارن سبب ئي آهي. ڪيترائي
دفعا اهڙا سنسڪار گڏ ايندا آهن جو اسانکي اهڙن شين کان ازخود
اهڙي نفرت ايندي آهي جو جيڪڏهن اسين پوريءَ طرح ڪوشش
به ڪريون تڏهن به انهن نٿا ڪري سگهون.

س - ٣٠٢. مان ته پنهنجي گهر ۾ ماس آڻڻ ئي نه چاهيندي آهيان
۽ پنهنجي ٻارن کي ڇا ڪريان، جيڪي ڪڏهن ماس کائڻ
چاهيندا آهن؟

ج - اهو برابر هڪ مسئلو آهي. هن مارگ تي هلڻ جو فيصلو توهان
ڪيو آهي ۽ نه توهانجي ٻارن. جيتري قدر توهانجو تعلق آهي، توهانکي
پنهنجن اصولن سان سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي. اصولن جي متعلق
ازادي سان پوئواري ڪرڻي آهي. جيتري قدر هڪ ماءُ جي روپ
۾ ٻارن جي ذميواريءَ جو سوال آهي، توهانکي انهنجي شيوا کان منهن
نه موڙڻو آهي. جيڪڏهن توهين انهنکي سمجهائي سگهو، وشنو بڻائي
سگهو ته توهين به خوش رهندا ۽ هو به. جيڪڏهن اهڙيءَ طرح نه
ڪري سگهو ته انهيءَ باري ۾ چنتا نه ڪريو. ۽ پنهنجن اصولن سان
ڪنهن به قيمت تي سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي.

س - ٣٠٣. مهاراج جي، مونکي ۽ ٽيڏا ٻار آهن. منهنجو ۽ منهنجي
پتيءَ لاءِ ته ماس کائڻ جو سوال ئي نٿو اٿي. ۽ جڏهن ماڻهو ٻڌندا
آهن ته اسين پنهنجن ٻارن کي به ماس کائڻ لاءِ نه ڏيندا آهيون ته
سماج ۾ اسانکي اهو محسوس ڪرايو ويندو آهي ته اسين پنهنجن ٻارن
کي طاقت بخش ڀوڄن نه ڏئي رهيا آهيون. جيڪڏهن انهيءَ باري
۾ ڪجهه ٻڌائيندا ته اسانکي تسلي ٿيندي. ڇا وشنو ڀوڄن ننڍن ٻارن
لاءِ ٺيڪ آهي؟

س - ٣٠٠. مهاراج جي، ٻارن کي سولائيءَ سان ڪيئن سمجهايون
تہ ماس کائڻ مناسب ڪونهي؟

ج - منهنجي ويچار ۾ سڀ کان اتم ۽ آسان طريقو آهي، ٻارن
اڳيان پنهنجو مثال پيش ڪرڻ. جڏهن هو ڏسندا آهن تہ اسانجو ماتا
پتا ماس نٿا کائين، تہ انهنکي ڪنهن دليل ڏيڻ جي ضرورت ئي نٿي
رهي. اڪثر ٻار اهوئي ڪجهہ ڪندا آهن، جيڪي هن جا ماتا پتا
ڪندا آهن. ان بعد ٻارن کي انسانيت طور سمجهائي سگهجي ٿو تہ
ڪنهنکي بہ مارڻ هڪ بي رحميءَ جو ڪم آهي، انهيءَ ۾ ديا نہ آهي.
مونکي هڪ مثال معلوم آهي. جڏهن منهنجيءَ ڀيڻ جو واعدو ٿيو تہ
انهيءَ جو پتي ماس کائيندو هو. هوءَ خود تہ ستسنگڻ هئي ۽ ماس
ڪونہ کائيندي هئي. پر پنهنجي پتيءَ جي زندگيءَ ۾ هوءَ ڪڏهن بہ
دخل ڏيڻ نہ چاهيندي هئي. جڏهن هن کي ٻار ٿيو تہ هن جو پتي
انهيءَ ٻار جو پنهنجي ڍنگ سان پالڻ پوشڻ ڪرڻ چاهيندو هو. منهنجيءَ
ڀيڻ کي اها ڳالهہ پسند نہ هئي، جڏهن هڪ ڏينهن هن جو پتي ٻاهر
ويل هو ۽ نوڪر هڪ ڪڪڙ کي ڪٽڻ لڳو تہ هوءَ ٻار کي وٺي آئي
واٽي جتي نوڪر ڪڪڙ کي ماري رهيو هو. سياڻپ طور چوڙو
چلاهٽون ڪري رهيو هو ۽ آزاد ٿيڻ لاءِ تڙڦي رهيو هو. ٻار اهو سهي
نہ سگهيو. ان بعد پتا جي زور ڀار جي باوجود بہ، انهيءَ ٻار خود بخود
ماس کائڻ ڇڏي ڏنو ۽ آخر انهيءَ جو پتا بہ ستسنگي بڻيو.

ٻارن کي اهو گيان نہ هوندو آهي تہ انهنکي کائڻ لاءِ ڇا ٿو ڏنو
وڃي. جيڪڏهن انهنکي خبر پئجي وڃي تہ انهيءَ لاءِ ڪيترن ئي
جيون کي مارڻو پوندو آهي ۽ ان وقت انهنکي ڪيتري نہ پيڙا ٿئي
ٿي تہ شايد ڪڏهن بہ ٻار ماس نہ کائيندا. انهنجي دل اهڙي ڪومل
هوندي آهي جو هو اهو ڪڏهن بہ سهي نہ سگهندا آهن. تنهنڪري
اهو ماتا پتا جو فرض آهي تہ ٻارن کي سمجهائين ۽ پنهنجو مثال پيش
ڪن. هر هاڻوڪي زماني ۾ وڌيڪ دٻاءَ نہ وجهڻ گهرجي. ٻار نٿا
چاهين تہ ڪو ٻيو سندن ڳالهہ جو فيصلو ڪري، هر انهنکي صحيح
فيصلي ڪرڻ لائق، اسانکي بڻائڻ گهرجي.

س- ٣٩٨. هيٺئين سوال جي ٻنهي پاسي تي ويچار ڪريو. جهڙڪ ڪو ماس کائيندڙ ماڻهو، کاڌي لاءِ گهرائي ۽ اهي ماس کائين ۽ ستسنگي ماس نه کائي، پر تنهن هوندي به ماس جي بوءِ هنجي بلڪل سامهون اچي ته ستسنگي ڇا ڪري؟

ج- اسانکي هن سنسار ۾ رهڻو آهي. اسين سڀئي سنسار کي پنهنجي ويچار ڌارا وارو نٿا بڻائي سگهون. حالتن کي خيال ۾ رکندي، جيڪي نيڪ هجي اهو ڪريو. پر توهانکي ڪنهن به حالت ۾ اهي شيون نه کائڻيون آهن. توهين اها چنتا نه ڪريو ته هو ڇا ڪري رهيا آهن. توهانکي خود مضبوط رهڻو آهي. توهين پنهنجي ڪرمن لاءِ ذميوار آهيو، سنسار لاءِ نه. مٿس سنسار جي مسئلن کي حل نٿو ڪري سگهي، پر خود انهن مسئلن کان مٿي ٿي سگهي ٿو جيئن اهي هن تي ڪو به اثر نه ڪن. توهانکي پنهنجي پوجن سان مطلب آهي. ٻيا جيڪو به ڪرڻ چاهين، انهنکي ڪرڻ ڏيو.

س- ٣٩٩. اسين اهڙن دوستن کي ڪهڙو جواب ڏيون، جيڪي چوندا آهن تہ ماس کائڻ ته برابر خراب ڪرم آهي، پر انهيءَ کان وڌيڪ برو ڪرم آهي ڪنهن ميزبان جي دل کي ڏکائڻ بنسبت ماس کائڻ جي؟

ج- اهڙي مٿش تي ته قياس ٿي ڪري سگهجي ٿو. مان توهانکي وشواس ڏيان ٿو ته سنت مت اصولن تي هلڻ سان اسين نسالي ماتر به ڪنهنکي دک نٿا ڏيون، دراصل جڏهن اسانجن پيارن دوستن کي اسانجن اصولن جي باري ۾ ڄاڻ پوي ٿي ۽ جيڪڏهن انهنکي اسان ۾ دلچسپي آهي تہ هو انهن اصولن جي ساراهہ ڪندا. جيڪڏهن انهنکي اسانجي ڪا پرواهہ ڪونهي، ته اسانکي به انهن بابت چنتا نہ ڪرڻ گهرجي. پنهنجن سڌانتن سان ڪو به سمجهوتو نہ ڪرڻ گهرجي. اسانجا سچا دوست هميشهہ اسانجي سڌانتن جي ساراهہ ڪندا ڇو تہ انهنکي اسان سان پيار هوندو آهي ۽ اهي سدائين اهوئي ڪجهہ ڪندا آهن جيڪو اسانکي سٺو لڳندو آهي جيڪڏهن هو سوارٿي يا خود غرض آهن تہ توهانکي به انهن ڏانهن ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي.

شيون کائڻ شروع ڪري اهڙي حالت ۾، اهڙي صحبت ۾ اسين خوش
نٿا رهي سگهون.

س- انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته انهيءَ کي اهو ڇڏائي ڇڏڻ
گهرجي ته اسانجي گهر ۾ اهڙيون شيون ڪونه کارايون وينديون آهن.

ج- مان ته اهو ئي چوندس ته پنهنجو پاڻ کي پختو رکڻ گهرجي.
انهيءَ ڳالهه لاءِ سماج ۾ پاڻ کي گهٽ درجي وارو نه سمجهڻ گهرجي
ته اسين ماس نه کائيندا آهيون، شراب نه پيئندا آهيون ۽ ٻين کي به
اهي شيون کارايون پيئاريون نٿا. جن ماڻهن کي توهان سان سچو پيار
ڪونهي، انهن سان توهانجو ڪوبه تعلق نه هئڻ گهرجي. انهنجو
فڪر ئي نه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن انهنکي توهان ۾ دلچسپي
هوندي ته اهي توهانجي اصولن ۽ ڀاونا جي ساراهه ڪندا. جيڪڏهن
توهين محسوس ڪريو ته انهنکي توهان سان اُن حد تائين دلچسپي
ڪونهي، ته مان نٿو سمجهان ته انهن سان ميل ميلاپ رکڻ مان ڪو
فائدو آهي.

س - ٢٩٧. جيڪڏهن ڪو ٻارن ٻچن، ٻين ماڻهن يا دوستن وغيره
جيڪڏهن اسين انهن ننڍن ننڍن متيڊن ۽ خسيس انساني حسد کان مٿي نٿا اُٿي سگهون ته پوءِ اسين سمجهڻ گهرجي ته اسانکي اڃا سنمت مت جي سکيا سمجهه ۾ نه آئي آهي. جسماني پريم ۽ روحو پريم ۾ فرق آهي. جسماني عشق ۾ حسد ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته اسين پاڻ ڏانهن به ڌيان ڏيندا آهيون. اسين ڪن پدارٿن تي حق جمائي ويٺا آهيون ۽ اسانکي هميشه اهو ڀپ رهندو آهي ته ڪٿي ٻيو ڪو ڦري نه وڃي. انهيءَ ڪري اسانکي ايرشا يا ساڙ ٿيندو آهي. انهيءَ جو ارٿ اهو آهي ته اسانکي پنهنجي پياري پريتم کانسواءِ ٻيءَ ڪنهن شخصيت جي هئڻ جو به احساس آهي. پر سنمت مت ۾ صرف پريتم ئي پريتم هوندو آهي. اهو محسوس به نه ٿيندو آهي ته سنسار ۾ ٻيو ڪو آهي به يا نه. حسد تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن اسانکي پنهنجي پريتم کانسواءِ ڪنهن ٻيءَ هستيءَ جي هئڻ جو احساس ٿئي ٿو. جڏهن پرماتما سان سچو پريم هوندو آهي، ستگروءَ سان سچو پريم هوندو آهي، ستگروءَ جي اپديش سان پيار هوندو آهي ته اسين خود بخود ايترو مٿي رهون ٿا، جو سنسار جو خيال به نٿو رهي، ڪنهن ٻيءَ هستيءَ جي سڌ نه ٿي رهي. هرهنڌ اهو مالڪ ئي مالڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ اُن بعد حسد کان ڇوٽڪارو حاصل ٿئي ٿو.

جڏهن اسين چاهيون ٿا ته هيءَ شيءِ صرف مون وٽ هجي ۽ اها شيءِ ڪنهن ٻئي وٽ نه هجي ته اسان ۾ مالڪپڻي جي ڀاونا اُٿي ٿي

[illegible] وڌڻ ڏانهن آهي، اسو پرايو ڪرڻ جي شڪتي نه هئڻ سبب حسد
[illegible] ڪرڻ شروع ڪري ٿو. جيڪڏهن اسانجو وهنوار دليري آهي، جيئن
[illegible]، اهو وڌندو ئي رهي. چاهي اسين انهيءَ باري ۾ محسوس
[illegible] ڪريون يا نه، پر اسان ۾ ڏينهون ڏينهن حسد نهايت وڌندو ٿو
رهي. دراصل سڀ ساري شين ۽ ماڻهن کي کٽي ڪرڻ جي لوڙ
لڳي رهي آهي، اهي اسانکي هڪ حاسد قوم، هڪ حاسد مخلوق
بڻائين ٿا. چاهي اسانکي انهيءَ جي ڄاڻ پوندي هجي يا نه، هر روز
اسانجي وهنوار ڏاڍا حاسد ٿيندي پيئي رهي. مهنجي پاڙيسريءَ وٽ
[illegible] سٺي موٽر آهي، مون وٽ پراڻي آهي؛ مونکي ته ضرور وٺڻ
گهرجي. مان وڌيڪ محنت ڪريان ٿو، مون ۾ ساڙ حسد اچي ٿو.
[illegible] مون وٽ آهي ته مان پوءِ ٿو خريد ڪري سگهان؟ آهستي
آهستي اسين سڀان حسد ڪرڻ جو سڀاءُ ٺهندو ٿو وڃي.

[illegible] ۾ حسد نه هئڻ گهرجي، حسد جو سوال ئي نٿو اٿي.
[illegible] [illegible] محسوس ڪندو آهي ته [illegible]
[illegible] وڌيڪ ڏيان ڏيئي رهيو آهي ۽ جن ڏانهن
[illegible] ڏيان [illegible] ئي ويو آهي. هنجي من ۾ ساڙ پيدا ٿئي ٿو، پر
[illegible] پيار نه هوندو آهي ته هنکي ڪيتري ڏيان جي ضرورت
آهي ۽ ڪيتري [illegible]. بائيبل ۾ نهايت سندر دوشٽانت آهي،
[illegible] مان [illegible] ۽ وساري نٿو سگهان. هڪ رڍار کي سؤ رڍون
[illegible] رڍ رستو ڀلجي وڃي. رڍار نوانوي رڍن کي ڇڏي،
[illegible] رڍ لاءِ وڃي ٿو ۽ باقي پيون نوانوي رڍون اڪيلو سوچين
[illegible] رڍار انهن کي وساري ڇڏيو آهي. رڍار انهيءَ رڍ کي
[illegible] [illegible] ڳولي ٿو. هاڻي جيڪڏهن نوانوي رڍون
[illegible] [illegible] ته انهيءَ هڪ رڍ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو ٿو وڃي ته
[illegible] [illegible] صحيح آهي؟ جيڪا رڍ ڀٽڪي وئي
[illegible] [illegible] ولي اڪيلي آهي. تنهنڪري حسد جو
[illegible] [illegible] هوڪ رڍ [illegible] ڪجهه پيار آهي،
[illegible] ڏيان ڏيڻ ضروري آهي.

تي آيا، جتي وڃڻ جي باري ۾ ڪڏهن ڪير سوچيندو به نه هو. زمين
تمام هيٺ مٿي هئي، بياس نديءَ جو ڪنارو نهايت ويران هو، جتي
جهاڙيون، ڪڏون ڪوبا هئا. بابا جن اهو استان بندگيءَ لاءِ انهيءَ ڪري
پسند ڪيو، ڇو ته اتي ايڪانت هئي. پر جتي ماڻهو هوندي آهي،
اتي مڇر مکيون پهچي ئي وينديون آهن. جڳياسو ۽ شردالو اچڻ شروع
ٿي ويا. بابا جن انهن کي سويڪار ڪيو، ڏيري ڏيري ڪالوني
وسندي رهي. منهنجي ويچار ۾، جيڪڏهن سنت ستگرو اتي نه رهن
ها ته اهڙو استان نه ٺهي سگهي ها، ڇاڪاڻ ته اهو سڀ ڪجهه سنت
ستگروءَ سبب ئي ٺهيو آهي. اهو ڪڏهن رٿ يا يوجنا ذريعي ڪونه
ٺهيو، خودبخود ٺهي ويو. تنهنڪري جڏهن توهان وٽ اهڙو وقت
آيو ته اسين ڏسنداسين.

س - ٢٨٠. مهاراج جي، اسانجي ستسنگين ۾ هميشه برابر پيار نٿو
رهي. مان سمجهان ٿو ته اسانجو سنگهن ٻين کان بهتر آهي، پر انهن
هوندي به پورن نه آهي. منهنجي محدود سمجهه انوسار انين محسوس
ٿيو ٿئي ته ستسنگين جي اندر ايرشا، حسد گهر ڪري رهيو آهي. مان
هڪ عيوضيءَ جي حيثيت ۾ نه، پر هڪ عام رواجي ستسنگيءَ جي
حيثيت ۾ پڇان ٿو ته اسين انهيءَ مشڪلات کي ڪيئن دور ڪريون؟

ج - انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ نهايت مشڪل آهي، ڇو ته مان
خود به ستسنگين جي وچ ۾ هڪ حسد جو ڪارڻ هوندو آهيان ۽ مونکي
به انهيءَ مشڪلات کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. مون لاءِ ته سڀ ستسنگي
برابر آهن، پر ڪجهه ماڻهو خود کي وڌيڪ منهنجي ويجهو سمجهندا
آهن ۽ ٻيا سمجهندا آهن ته اهي ٻين جي ڀيٽ ۾ منهنجي گهٽ ويجهو
آهن. انهيءَ جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته آخر ايرشا ساڙ
ڇا ٿيندو آهي؟ مون وٽ ڪو پدارٿ آهي ۽ ٻيو منش اهو برابر
نٿو ڪري سگهي، انهيءَ ڪري هنکي حسد ٿئي ٿو. جيڪي ڪجهه
هڪ وٽ آهي، انهيءَ کي ٻيو منش به حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، اهڙيءَ
طرح ساڙ يا حسد جي شروعات ٿئي ٿي. جيڪو هڪ وٽ آهي، اهو

س- ٢٧٨. مان ستسنگ شروع ڪرڻ جي باري ۾ پڇڻ چاهيان ٿو جيئن سائين ويچارن وارا منش گڏ ٿي سگهن ۽ هن مارگ جا اپديش ڦهلائي سگهن؟

ج- گڏيل ستسنگن جي شروعات ڪرڻ جي باري ۾ معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا؟

س- ها، ستسنگ پون شروع ڪرڻ جي باري ۾، جيئن ......؟

ج- ستسنگين جو تعداد ايترو گهٽ آهي، جو وڌوڪ ني انهن تي بوجھ پوندو. ايترو خرچ ڪري پون نهرايو وڃي ۽ ان بعد اتي گڏ ٿين. انهيءَ ڪاپوه پربند جي باري ۾ متيبد ٿي سگهي ٿو. مان نٿو چاهيان ته ستسنگي اهڙن سنگهن، بندوبست وغيره ڳالهين ۾ ڦاسجي، نام دان جو اصلي مقصد وساري ڇڏين. جڏهن ستسنگين جو تعداد وڌي ويندو ته شايد اهو ضروري ٿي پوي ۽ اهڙو وقت اچي به سگهي ٿو. پر هن وقت انهيءَ جي ڪا به ضرورت محسوس نٿي ٿئي. امريڪا جي هر هڪ وڏي شهر ۾ نهايت گهٽي تعداد ۾ ستسنگي آهن ۽ جيئن هن وقت ڪري رهيا آهيو، جدا جدا شهرن ۾ پنهنجن گهرن ۾ ئي ستسنگ لاءِ گڏ ٿي سگهو ٿا.

س- ٢٧٩. پنجاب ۾ بياس جي باري ۾ ٿي ڏسو...... شروع ۾ تعداد تمام گهٽ هو...... پر هينئر نوان پون ٿي رهيا آهن ۽ هڪ نهايت وڏو استان آهي، جتي سڀ ماڻهو گڏ ٿين ٿا؟

ج- پارس جو واتاورڻ، امريڪا کان بلڪل نيارو آهي. هتي رهڻي ڪرڻيءَ جو درجو ڪافي اوچو آهي، انهيءَ ڪري توهانکي پنهنجي گذاري لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوي ٿي. اهو استان (بياس) هڪ سنگهن جي روپ ۾ ناهيو نه ويو، پر ڏيري ڏيري وڌندو رهيو، ڇاڪاڻ ته بابا جي مهاراج جن جو اتي ڪنهن به مرڪز قائم ڪرڻ جو ويچار ڪونه هو. اهو ته انهن سبب مرڪز نهيو ۽ اها ڪالوني ... ني سڏجڻ لڳي. هو ته هڪ اجڙيل ويران استان

تي آيا، جتي وڃڻ جي باري ۾ ڪڏهن ڪير سوچيندو به نه هو. زمين
تمام هيٺ مٿي هئي، بياس نديءَ جو ڪنارو نهايت ويران هو، جتي
جهاڙيون، ڪنڊون ڪوبا هئا. باباجن اهو استان بندگيءَ لاءِ انهيءَ ڪري
پسند ڪيو، ڇو ته اُتي ايڪانت هئي. پر جتي ماکي هوندي آهي،
اُتي مدو مکيون به پاڻهي اُچي وينديون آهن. جگياسو ۽ شردالو اچڻ شروع
ٿي ويا. باباجن اُنهن کي سويڪار ڪيو، ڏيري ڏيري ڪالوني
وسندي رهي. منهنجي ويچار ۾، جيڪڏهن سنت ستگرو اُتي نه رهن
ها ته اهڙو استان نه بڻجي سگهي ها، ڇاڪاڻ ته اهو سڀ ڪجهه سنت
ستگروءَ سبب ٿي بڻيو آهي. اهو ڪڏهن رٿ يا يوجنا ذريعي ڪونه
ٿيو، خودبخود بڻجي ويو. تنهنڪري جڏهن توهان وٽ اهڙو وقت
آيو ته اسين ڏسنداسين.

س - ٣٨٠. مهاراج جي، اسانجي ستسنگين ۾ هميشه پريم پيار نٿو
رهي. مان سمجهان ٿو ته اسانجو سنگهن ٻين کان بهتر آهي، پر ممڪن
هوندي به پورن نه آهي. منهنجي محدود سمجهه انوسار انين محسوس
پيو ٿئي ته ستسنگين جي اندر ايرشا، حسد ڪم ڪري رهيو آهي. مان
هڪ عيوضيءَ جي حيثيت ۾ نه، پر هڪ عام رواجي ستسنگيءَ جي
حيثيت ۾ پڇان ٿو ته اسين انهيءَ مشڪلات کي ڪيئن دور ڪريون؟

ج - انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ نهايت مشڪل آهي، ڇو ته مان
خود به ستسنگين جي وچ ۾ هڪ حسد جو ڪارڻ هوندو آهيان ۽ مونکي
به انهيءَ مشڪلات کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. مون لاءِ ته سڀ ستسنگي
برابر آهن، پر ڪجهه ماڻهو خود کي وڌيڪ منهنجي ويجهو سمجهندا
آهن ۽ ٻيا سمجهندا آهن ته اُهي ٻين جي ڀيٽ ۾ منهنجي گهٽ ويجهو
آهن. انهيءَ جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته آخر ايرشا ساڙ
ڇا ٿيندو آهي؟ مون وٽ ڪو پدارٿ آهي ۽ ٻيو منش اهو پراپت
نٿو ڪري سگهي، انهيءَ ڪري هنکي حسد ٿئي ٿو. جيڪي ڪجهه
هڪ وٽ آهي، اُنهيءَ کي ٻيو منش به حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، اهڙيءَ
طرح ساڙ يا حسد جي شروعات ٿئي ٿي. جيڪو هڪ وٽ آهي، اهو

س- ۲۷۸. مان ستسنگ شروع ڪرڻ جي باري ۾ پڇڻ چاهيان ٿو
ن ساڳين ويچارن وارا منش گڏ ٿي سگهن ۽ هن مارگ جا اُپديش
ائي سگهن؟

ج- گڏيل ستسنگن جي شروعات ڪيئن ٿئي جي باري ۾ معلوم ڪرڻ
اهيو ٿا؟ ڪرڻ جي باري ۾، جيئن .... ؟

س- نه، ستسنگ پڻ شروع ڪرڻ جي باري ۾، جو وٺرت ٿي اُنهن تي

ج- ستسنگين جو تعداد ايترو گهٽ آهي، جو وٺرت ٿي اُنهن تي
بوج پوندو. ايترو خرچ ڪري پڻ نهرايو وڃي ۽ اُن بعد اُنهي گڏ ٿين.
اُنهيءَ ڪانپوء پوءِ پنڌ جي باري ۾ مٿيون ٿي سگهي ٿو. مان نٿو چاهيان
ته ستسنگي اُهڙن سنگهن، بندوبست وغيره ڳالهين ۾ ڦاسجي، نام دان
جو اصلي مقصد وساري ڇڏين. جڏهن ستسنگين جو تعداد وڌي ويندو
ته شايد اِهو ضروري ٿي پوي ۽ اُهڙو وقت اچي به سگهي ٿو. پر
هن وقت اِنهيءَ جي ڪا به ضرورت محسوس نٿي ٿئي. امريڪا جي
هرهڪ وڏي شهر ۾ نهايت گهٽي تعداد ۾ ستسنگي آهن ۽ جيئن هن
وقت ڪري رهيا آهيو، جدا جدا شهرن ۾ پنهنجن گهرن ۾ ئي ستسنگ
لاءِ گڏ ٿي سگهو ٿا.

س- ۲۷۹. پنجاب ۾ بياس جي باري ۾ ٿي ڏسو .... شروع ۾
تعداد تمام گهٽ هو .... پر هينئر نوان پڻ نهي رهيا آهن ۽ هڪ
نهايت وڏو اِستان آهي، جتي سڀ ماڻهو گڏ ٿين ٿا؟

ج- ڀارت جو واتاورڻ، امريڪا کان بلڪل نيارو آهي. هتي
رهڻي ڪرڻيءَ جو درجو ڪافي اوچو آهي، اِنهيءَ ڪري توهانکي
پنهنجي گذاري لاءِ تمام گهٽي محنت ڪرڻي پوي ٿي. اُهو اِستان
(بياس) هڪ سنگهن جي روپ ۾ ناهيو نه ويو، پر ڏيري ڏيري
وڌندو رهيو، ڇاڪاڻ ته بابا جي مهاراج جن جو اُتي ڪنهن به مرڪز
ناهڻ جو ويچار ڪونه هو. اُهو ته اُنهن سبب مرڪز ٿيو ۽ اُها ڪالوني
اُنهن جي ناالي سان ئي سڏجڻ لڳي. هوُ ته هڪ اُجڙيل ويران اِستان

ڪو ڏوھ نٿو ڏيان. ھو تہ پوري ڪوشش ڪن ٿا پر ھن سنسار جو سڌارو نٿو ٿي سگھي. جيڪڏھن سنسار سڌري سگھي ھا تہ ايترن مھان سنتن جي اچڻ سان اڄ تائين ضرور سڌري وڃي ھا. اسين ڪڏھن بہ سنتن جي ڳالھ ٻڌون ئي نٿا. اسين پنھنجي طرفان تہ سمجھون ٿا تہ اسين انھن جي ڳالھ ٻڌون ٿا پر دراصل ٻڌندا نہ آھيون.

س - ٣٧٧. ڇا ڪرامتن ڏيکارڻ جو پرماتما جي نيڙ گھڙ سان ڪو بہ تعلق ڪونھي؟

ج - نہ، اھا ڳالھ ڪونھي، ڪرامتون ٿي وينديون آھن. سنت اڪثر ديالو ۽ ڪومل ھردي جا ٿيندا آھن پر ڪرامتون ڏيکارڻ انھن جي زندگيءَ جو مقصد نہ ھوندو آھي. ڪيترائي پيرا سنتن جي زندگيءَ ۾ ڪرامتون ٿي وينديون آھن پر ھو ڄاڻي واڻي ڪرامتون نہ ڏيکاريندا آھن. ھو قدرتي قانون کي ٽوڙڻ نٿا چاھين. جيڪڏھن عيسيٰ چاڻي واڻي اھي ڪرامتون ڏيکاريون ھجن ھا تہ ھو ڪڏھن بہ ائين نہ فرمائي ھا تہ ھي پريو، تنھنجي اڇا پوري ٿئي. ھو ائين نہ چوي ھا تہ مان پنھنجو پاڻ کي مالڪ جي رضا تي ڇڏيان ٿو. انھيءَ جو اَرٿ اھو آھي تہ اسانکي پرالبڌ انوسار ڪرمن جو حساب خوشيءَ ۽ ھمت سان چڪائڻ گھرجي. جيڪي ڪجھ اسانجي ڀاڳ ۾ آھي، اھوئي ٿئي ٿو. سنت پرالبڌ ۾ ڪو بہ دخل ڏيڻ نٿا چاھين پر ڪرامتون ٿينديون آھن ۽ مان اھو بہ نٿو چوان تہ ھو ڪرامتون نہ ڏيکاريندا آھن. اھي ٿي وينديون آھن پر ھو انھن کي ڪا اھميت نٿا ڏين. ابياس ڪرڻ سان اسانجي اندر رڌي سڌيءَ جي شڪتي ضرور ايندي آھي، پر سنت انھن جي استعمال ڪرڻ کان ھميشہ منع ڪرڻ چاھيندا آھن. ڇاڪاڻ تہ اھڙيءَ طرح ڪرڻ سان خود لاءِ نقصانڪار آھي. جيڪڏھن اسين اھي شڪتيون ڏيکارڻ شروع ڪنداسين تہ انھيءَ سان نام جي پوري ڪمائي لٽائي ڇڏينداسين. انھيءَ ڪري عيسيٰ شيطان کي فرمايو ھو، "دفعا ٿي وڃ." ھن انھن رڌين سڌين جي پرلوڀن ۾ ڦاسڻ نٿي چاھيو.

اصل ساماڪن آهن، جو تہ زندهہ ستگرو ئي آهن جي چاہي ڏيئي سگهي ٿو؛ اهو ئي جڳتي يا طريقو سيڪاري سگهي ٿو تہ پرماتما کي ڪهڙيءَ طرح پيار ڪيو وڃي، هن جي پوڄا ڪئي وڃي؛ پنهنجن پاڙيسرين سان بہ ائين پيار ڪيو وڃي، جيئن اسان ڪي پنهنجو پاڻ سان آهي.

س - انهن آڳيائن ۾ ڪجھ بہ فرق نہ آندو آهي؟ ڪجھ تہ آئو تيو ئي آهي؟

ج - توهين خود ئي ٻڌايو، ڇا اسين پهرين کان وڌيڪ نيڪ بڻيا آهيون ؟

س - بلڪل ئي نہ؟

ج - مان اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهيان تہ، نہ صرف موسيٰ ئي پر سنسار ۾ ڪيترائي سنت آيا آهن. انهيءَ بعد ڇا اسين پهرين کان وڌيڪ نيڪ انسان بڻيا آهيون؟ مونکي تہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اسين هام هڻي رهيا آهيون تہ اسين هزارين لکين ماڻهن کي هڪ ئي ائٽم بم سان ختم ڪري سگهون ٿا. اسانجا آبا ڏاڏا هڪ ٻئي جو صرف ٿورن سان خون ڪندا هئا. شايد هڪ يا ٻن کي پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ ماري سگهندا هئا. اسين هڪ ئي ڏينهن ۾ هزارن لکن جيون کي ختم ڪري سگهون ٿا. هن کان اڳ اسانجا آبا ڏاڏا ڪاٺ لاءِ هڪ ٻڪريءَ کي ماريندا هئا پر اسانجون مشينون هر روز لکين جانورن جو قتلام ڪن ٿيون. توهين انهيءَ ڪري چئو ٿا تہ اسين پهرين کان وڌيڪ نيڪ ٿيا آهيون جو وڻن جي هيٺان رهڻ بجاءِ محلن ۾ رهڻ شروع ڪيو اٿئون.

س - ۲۷۶. منهنجي ويچار ۾ هتي ۽ ٻين شهرن ۾ اهڙيون ديولون آهن، جتي نهايت اتم ويچارن جو پرچار ڪن ٿا، وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ سيڪڙو ماڻهو تہ انهن کي مڃين بہ ٿا.

ج - انهن سڀني آدرش سکيائن جي پرچار هوندي بہ مان صرف اهو چوان ٿو تہ انهن ڳالهين هوندي بہ اسين پهرين کان وڌيڪ سڌريا نہ آهيون. مان انهن جي سکيا کي ڏوهہ نٿو ڏيان، مان سنتن کي بہ

پر جيڪڏهن ٻهنجن پيرن ۾ مضبوط بوٽ پائيندا ته اهي ڪنڊا
توهان تي ڪجهه به اثر نه ڪندا. سنت اسانجي اندر اهو وشواس
پيدا ڪن ٿا ته سنسار ۾ رهندي به سنسار کان نرموهي ٿي رهڻو
آهي. دنيا ۾ ڪيترائي وڏا وڏا پراپڪاري آهن. ڪيترائي مهاپرش
آيا ۽ هليا ويا. پر روحانيت هڪ بلڪل نياري ڳالهه آهي.

س - ٢٧٤. جيڪڏهن سنسار جي حالت اهڙيءَ طرح روز بروز
بگڙجندي ويندي ته پوءِ هڪ ڏينهن ڇا هيءُ سنسار ايترو پاپن سان
ڀرپور ٿي ويندو، جو هو خود بخود ئي ناس ٿي ويندو؟

ج - نه پيڻ، هيءَ دنيا اهڙي ئي هئي ۽ اهڙي ئي آهي ۽ اهڙي
ئي رهندي. گهٽ ۾ گهٽ اتهاس پڙهڻ سان ته اهوئي معلوم ٿئي ٿو
ته سنسار ۾ ڪڏهن به شانتي امن نه رهيو. ديسن جا هڪ ٻئي ۾
جهيڙا جهڳڙا هميشه رهيا آهن. ماڻهو هڪٻئي کي ماريندا رهيا آهن.
ذاتيون سدائين پاڻ ۾ وڙهنديون رهيون آهن. سنسار جي حالت
هميشه ائين ئي رهندي. دنيا ۾ نه شانتي رهي آهي ۽ نه ٿي ٿي
سگهندي، جيستائين من جي موجود هستي آهي، انساني جهيڙا جهٽا
ساڳيائي رهندا، ڪڏهن ڪج گهٽ ته ڪڏهن ڪج وڌيڪ. اسين
سنسار ۾ قيدي آهيون ۽ سنت هن جيل تي ڪولي اسانکي آزاد ڪري
واپس وٺي وڃڻ چاهين ٿا. اهوئي سندن اصلي مقصد هوندو آهي ۽
سندن اپديش ۽ سنديش ۾ اهوئي ٻڌائي ٿو.

س - ٢٧٥. مان هينئر پراڻي بائيبل ۾ ڏنل، ڏهن آگيائن
(Ten Commandments) جي باري ۾ پڇڻ چاهيان ٿو. عزرائيلي ماڻهو
بيمقصد ڀٽڪي رهيا هئا. ڇا هيءُ ڏهه حڪم انهن کي غلط راهه تي
وڃڻ کان روڪڻ لاءِ نه هئا؟

ج - ائين ئي سمجهو. اسين هن دنيا ۾ ڇو هڪ ٻئي سان وڙهي
رهيا آهيون؟ انهن ڏهن آگيائن اڄ تائين اسانکي ڪيترو فائدو پهچايو
آهي؟ ڇا اسان ۾ سدارو آيو آهي؟ انهن ڏهن آگيائن انوسار عمل
ڪيو آهي؟ ڏيهه ڌاري گروهه ڪانسواءِ پيرين ۽ آگيائون عمل ۾ آڻڻ

ج - توهانجي چوڻ جو مطلب اُنهن شخص سان آهي، جن سنسار ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو پر تنهن هوندي به اُنهنکي سک نه مليو.

س - ها، توهين والٽيئر جو مثال وٺو، هو زندگي ڀر دکي رهيو پر سنسار کي هن ڪافي فائدو پهچايو؟

ج - اِهو ته توهين مونجي ئي ڳالهه کي صحيح ثابت ڪري رهيا آهيو ته اسين هن سنسار ۾ چاهي جيڪي ڪجهه به ڪنداسين، شانتي ۽ سک پراپت نه ٿي سگهندو. نيڪ ڪرمن جو ڦل ضرور ملي ٿو. پر اُنهيءَ ڦل جي پراپتيءَ لاءِ سنسار ۾ واپس اچڻو پوي ٿو. وڏ سيٺ يا شاهوڪار بڻجي ايندا سين، سرڳن ۾ وڃڻ ڪندا سين پر سچو روحاني آنند صرف مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ بعد ئي پراپت ٿي سگهي ٿو. دنيوي ڪاميابيون دائمي سک نٿيون ڏيئي سگهن. نيڪ ڪرمن سان راجا مهاراجا بڻجنداسين، سنسار ۾ پرُاڪار ڪري سگهنداسين پر اُنهن شڀ ڪرمن سان پرماتما جي پراپتي نه ٿي سگهندي. اُنهيءَ جو ڦل ضرور ملندو. 'سي' (C) ڪلاس مان 'اي' (A) درجي جا قيدي بڻجنداسين. لوهه جون زنجيرون لاهي سون جون زنجيرون پئيون وينديون. جهوپڙن مان بسترو کڻي محلن ۾ وڃايو ويندو. بس، اُنهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه به نه ٿيندو. رهنداسين آهي ئي قيديءَ جا قيدي.

مون ڪالهه مثال ڏنو هو ته سڀ پرُاڪاري قيدين جو ڀلو ڪن ٿا، اُنهن جي حالت کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر اُهي قيدي، قيدي ئي رهندا آهن. هڪ اهڙو ديالو پرُاڪاري اچي ٿو، جنهن وٽ جيل جي ڪنجي آهي. هو ڪنجي لڳائي، جيل جو دروازو ئي کولي ٿو ڇڏي. سنت اِنهيءَ مقصد ڪان اچن ٿا ته هو اسانکي سنسار روپي جيل کان آزاد ڪرائي سگهن. هو اسانجون دنيوي مصيبتون ۽ مشڪلاتون حل ڪرڻ نٿا اچن. هو اسانکي ۽ اسانجن وچارن کي اِنهيءَ کان مٿي ٿيڻ جي جڳتي سيکارڻ اچن ٿا. توهين سنساري ڪمن کي ڪيتري به ڪوشش ڪندا، چونڊڻ ۾ ڪاميابي حاصل نه ڪندا.

ڪرم ٻاڌ تي ڪٽيندا آهن ۽ پنهنجي سر ذرهي آهي چڪائين ٿا. پر جيڪڏهن هو ٻچڻ چاهين ته ٻچي به سگهن ٿا.

س - هو ڪهڙيءَ طرح ٻچي سگهن ٿا؟ انهيءَ سان توهانجي چوڻ جو ڪهڙو مطلب آهي؟ مثال طور صليب تي چاڙهڻ جي ڳالهه تي وٺو.

ج - جيڪڏهن هو چاهين ته ٻچي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته هو پوريءَ طرح سمرٿ هوندا آهن. پر ڇا هو سچ پچ شهيد ٿيڻ يا ڦاسيءَ تي چڙهڻ چاهيندا آهن؟ ڪير ڦاسيءَ تي چڙهڻ چاهيندو؟ ڪو ستگرو به نه. هو ڪا به پرواهه نه ڪندا آهن. سنتن کي انهيءَ جو بلڪل ڏک نه ٿيندو آهي. توهانکي معلوم آهي تہ ستگرو پنجن تتن جو هڪ سنساري سرير ڪونهي. ستگرو ديهه کان گهڻو مٿي هوندا آهن. جڏهن هو هر روز پنهنجيءَ اڇا سان ديهه کي ڇڏي، جيئري ئي مري ٿي وڃي سگهن ٿا ته پوءِ سندن سرير کي ڪجهه به ڪريو، انهيءَ سان ڪين ڪو به فرق نٿو پوي. صليب تي چڙهڻ يا شهيدي صرف سنساري درشٽيءَ کان ٿيندي آهي. پر دراصل ڪنهن سنت کي صليب تي چاڙهي نٿو سگهجي.

س - ڇا ڪو ڪامل پورن سنت پنهنجي عمر وڌائي سگهي ٿو؟

ج - پورن سنت ائين ڪرڻ نہ چاهيندا آهن. هو هميشه مالڪ سان جڙيا پيا هوندا آهن. انهن جي لڳن پرماتما سان هوندي آهي. هو سدائين پريوءَ جي آگيا ۽ سندس ڀاڻي ۾ رهن ٿا. جيڪڏهن هو چاهين ته عمر وڌائي سگهن ٿا. پر ائين ڪرڻ نہ چاهيندا آهن ۽ ڪندا به نہ آهن. انهن کي مالڪ دواران مليل ڪم کي پوري ڪرڻ بعد سنسار مان واپس وڃڻ لاءِ نهايت گهڻي اڪير هوندي آهي.

س - ٢٧٣. توهان سک جي باري ۾ فرمايو، مالڪ سان ميلاپ جي ڳالهه ڪئي. سنساري قابليت جي باري ۾ توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟ دنيا ۾ اهڙا گهڻيئي منش آهن، جن ڪيترائي مهان ڪارج ڪيا آهن پر آخر ۾ هو نهايت ڏکي هئا. انهيءَ باري ۾ توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟

س - ٢٧١. ڇا توهانجي ويچار ۾ سقراط جو موت به اهڙي قسم جو هڪ بيو مثال هو؟

ج - ها، جيڪڏهن توهين اهڙيءَ طرح ڇڪاس ڪرڻ شروع ڪندا ته توهانکي معلوم ٿيندو ته هرهڪ سنت جي حالت ساڳي ٿي هئي. ڇو ته عام انسان سنتن کي سمجهي نه سگهيا، هو انهنکي پسند ڪونه ڪندا هئا. انهيءَ ڪري انهنجي برخلاف ٿي ويندا هئا، ڇاڪاڻ ته هو بيءَ حالت ۾ سنتن مان ڪو به ڏوهه نٿي ڪيي سگهيا. سنتن سماج خلاف ڪڏهن به ڪو به اپراڌ نه ڪيو. هو ڪنهن به ديس يا ڪنهن به سماج ۾ ڇو نه پيدا ٿيا هجن، پر هو هميشه امر ناگرڪ هوندا آهن. پر انهن فضول ريتين رسمن جي بندنن ۾ جڪڙيل عام انسانن کي نهايت همت سان جاڳرت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. حقيقت اها آهي ته مٿش سوچين ٿا ته هو پرڀوءَ جا ڀڳت آهن، پر اهي آهن ڪونه. هو سستائن ۽ ڏنڏي ڪندڙن جا پوڄاري هوندا آهن. هو پراچين ريتين رواجن ۽ ڪرم ڪانڊ وغيره جا غلام آهن. اصلي فيلاسوفي، سچي روحانيت، جيڪا سڀني ڌرمن ۾ بنيادي طور ساڳي آهي، انهيءَ کي هو بلڪل وساري ڇڏين ٿا. سنت اسانکي انهيءَ سچي ڌرم، سچي روحانيت جي ياد ڏيارڻ اچن ٿا. ڌرم کي روزگار جي روپ ۾ استعمال ڪرڻ وارا ۽ پوڄاري ڪڏهن به انهيءَ ڳالهه کي پسند نٿا ڪن، انهيءَ ڪري سنتن کي انهن دوارا ڏنل سڀني ڪشٽن کي برداشت ڪرڻو ٿو پوي.

س - ٢٧٢. بلڪل چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي ويو. پر اهو سوچي رهيو هوس ته ڇا سچا سنت، جن کي بي داغ، نهه ڪرمي ۽ پورڻ سمجهيو ويندو آهي، جڏهن انهن کي شهيد ڪيو ويندو آهي، صليب تي چاڙهيو ويندو آهي يا ٻئي قسم جو ڪو ڏنڊ ڏنو ويندو آهي ته ڇا انهيءَ جو اهو ارٿ ناهي ته انهن تي ڪرمن جو بوجهه هو، نه ته بيءَ حالت ۾ انهن کي اهڙيءَ طرح شهيد ڇو ٿيڻو پيو؟

ج - انهيءَ جا ڪيترائي ڪارڻ آهن. ڪڏهن هو دنيا جي اڳيان [illegible] ڪرڻ چاهيندا آهن ۽ ڪڏهن هو پنهنجن ششن جا

س - ٢٦٩. مهاراج جي، ڪاهه مون کان ڪنهن پڇيو ته جيڪڏهن
ستگرو پنهنجي دنيا مهر مان ڪنهنکي ڪجهه حصو ڏئي ٿو ته ڇا هنجو
پنهنجو روحاني ڀنڊار گهٽ نٿو ٿي وڃي؟ مون ڪيس جواب ڏنو ته نه،
هنجو ڀنڊار اتترو اڪت آهي، جو انهي مان ڪيترو به ڏيڻ سان ڪابه
ڪمي نٿي اچي. وري انهيءَ منش مون کان پڇيو ته پوءِ ستگروءَ کي
ڪابه بيماري ڇو ٿئي ٿي؟ يا چولي ڇڏڻ وقت هنکي جسماني ڪشٽ
ڇو ٿو ٿئي؟

ج - سنت ڪيترا دفعا پنهنجن شش جا ڪرم پاڻ تي کڻندا آهن
۽ ڪال جي منڊل ۾ هئڻ سبب انهنکي خود ڪرمن جو حساب پنهنجي
سرير دوارا چڪائڻو پوندو آهي. انهيءَ ڪري اسانکي ائين محسوس
ٿيندو آهي ته صحت يا سرير جي خيال کان انهنکي ڪشٽ ٿي رهيو
آهي. دراصل هو ڪرم چڪر کان گهڻو مٿي هوندا آهن ۽ ڪنهن به
ڪرم کي ختم ڪري سگهن ٿا، پر ڪال جي دائري ۾ هئڻ سبب
هو قدرتي قانون کي ٽوڙڻ نه چاهيندا آهن، انهيءَ ڪري اسين
سمجهندا آهيون ته ڪين ڪشٽ ٿي رهيو آهي پر انهن جي آتما تي
سرير جي ڪشٽ جو ڪجهه به اثر نٿو ٿئي. جيڪڏهن سنت پنهنجي
ڀنڊار مان ڪجهه حصو ڏين ٿا ته انهيءَ ۾ ڪابه ڪمي نٿي اچي.
جيترو وڌيڪ هو ڏين ٿا، اوترو ئي انهنجو ڀنڊار وڌندو ويندو آهي.
اهو پريم وانگر آهي. جيتري وڌيڪ اسين ٻين جي مدد ڪندا
آهيون، اوتري وڌيڪ مدد اسين ڪرڻ چاهيندا آهيون ۽ اهڙي
قسم جي ڀاونا وڌندي رهندي آهي. انهيءَ ۾ ڪميءَ جو ته سوال ئي
نٿو اٿي. ڇاڪاڻ ته سنت هن سنسار ۾ رهن ٿا انهيءَ ڪري هو ايشور
جي قانون کي ٽوڙڻ نٿا چاهين. ڪيترائي دفعا هو پنهنجي ڪايا تي
پنهنجن شش جي ڪرمن جو بوجھ کڻي انهنجي سهائتا ڪندا آهن پر
انهنجي آتما کوبه دک نٿي پهچي.

س - ٢٧٠. جيڪڏهن اهو صحيح وڃي ته عيسى کي صليب تي
چاڙهيو ويو ته ڇا توهين سمجهو ٿا ته انهيءَ جي ڪا اهميت آهي؟

کٽي آنهيءَ کي رچائي، ميڻ بتي ٺاهڻي پوندي ۽ اُن بعد ٻاريو ويندو.
پر هڪ ڏينهن اُن بعد هيءَ ٻڻ ساڳئي قسم جي ميڻ بتي ٻُجهي پوندي.
ٻيو ٽين قسم ۾ اهي سنت آهن، جيڪي سڌو پرم پتا پرماتما طرفان
اچن ٿا. ٻئي قسم جا سنت اهي آهن، جيڪي ابياس ڪري مٿي چڙهائي
ڪن ٿا ۽ مالڪ جي خاص ديا مهر سان سنت بڻجن ٿا. سنت اسانکي
گيان جي پرڪاش ڏيڻ، واپس مالڪ سان ميلاپ ڪرائڻ جي مقصد کان
اچن ٿا. اُن بعد اهي سنت پنهنجن شِشن کي پڻ ساڳئي درجي تي
آڻين ٿا. پنهنجي ڪم کي جاري رکڻ لاءِ انهنکي به سنت بڻائين ٿا.
سڀئي سنتن کي، هن سنسار ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪرم ڀوڳڻا هوندا
آهن. ڇو ته ٻيا ڪرمن جي هيءَ ناسوت سرير ڪايا ۾ نٿو رهي سگهي
پر اڪثر سنت پنهنجن شِشن جا ڪجهه ڪرم پاڻ تي هموار ڪندا آهن.
هو ڪيترن ئي طريقن سان پنهنجن شِشن جي مدد ڪن ٿا، جيئن ته
جسماني، مانسڪ ۽ روحاني طور. ڪڏهن ڪڏهن اسين محسوس ڪندا
آهيون ته هو دک ڀوڳي رهيا آهن. پر دراصل هو دک نه ڀوڳيندا
آهن، هو اسانجي مدد ڪندا آهن. اسانجي ڪرمن جو ڪجهه بوجھ کڻن
ٿا. انهن جا ڪجهه ڪرم پنهنجا به ٿي سگهن ٿا پر انهن ڪرمن جو انهن
تي اثر نه ٿيندو آهي. هو هڪ پل ۾ انهن ڪرمن کي چڪائي سگهن
ٿا. ڪرم انهنکي هيٺ نٿا ڇڪي سگهن. عام انسان وانگر هن سنسار
۾ رهڻ لاءِ ڪين به ڪرم ڪٽڻا پون ٿا. پر ڪرم سنتن جي آڌين هوندا
آهن، ڪرم سنتن وس ۾ هوندا آهن. هو ڪرمن جا مالڪ آهن ۽ نه
انهنجا غلام يا سيوڪ. جڏهن ڪو سنت سنسار ۾ اچي ٿو ته انهيءَ کي
به ماتا پتا ضرور هوندو. هنکي رهڻو پوي ٿو، ڪم ڪار ڪرڻو پوي
ٿو. انهيءَ ڪري ڪرم ڪرڻ کان سواءِ ڪو به ڪم نٿو ٿي سگهي. پر
سنت ڪرمن جو داس نه آهي. هو ڪرم ڪٽڻ کان انڪار به ڪري
سگهي ٿو يا پنهنجن شِشن يا ٻين انسانن جا ڪرم پنهنجي مٿان هموار
ڪري سگهي ٿو ڇو ته سنت نهايت ڪومل هردي وارا ۽ ديالو ٿين ٿا ۽
هميشه ٻين جي مدد ڪرڻ چاهين ٿا. پنهنجيءَ ڪومل ڪايا کي ڪشٽ
ڏيئي به عام لوڪن جي مدد ڪن ٿا. تنهنڪري اُهي ڏاڍيون نيڪ آهن.

آهن جو هو سمجهن ٿا ته شايد سنت ته ناستڪ آهن. هو سوچيندا آهن ته الائي سنت اسان لاءِ ڇا ڪندا؟ انهيءَ ڪري هو انهنکي صليب تي چاڙهين ٿا، انهنکي قتل ڪن ٿا، انهنجي جيئري ئي کل لاهين ٿا ۽ انهنکي انيڪ قسمن جي ڪشٽن ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏهن سنت سنسار ڇڏي وڃن ٿا ته اُهي ئي منش سنتن لاءِ روئن ٿا، انهن جي پوڄا ڪن ٿا. جڏهن هو زنده هئا ته انهنکي ڪنهن به ڪونه سڃاتو ۽ نه ئي انهنجو مناسب آدر پيار ڪيو. سنتن جي وڃڻ بعد اُهي ماڻهو انهن پنڊتن يا ائمين کٽي ڇڏجي ته انهن پيشي وارن پوڄارين جي اثر هيٺ اچي وڃن ٿا. اهڙا پنڊت انهن سنتن جي نالي تي ماڻهن کي پنهنجي جار ۾ رکڻ چاهين ٿا. اهڙيءَ طرح عام لوڪ پوڄارين جي ٻڌايل طريقن سان انهن سنتن جي پوڄا ڪن ٿا، انهنکي پيار ڪن ٿا. اهي پيشي وارا پنڊت ماڻهن کي سنتن جي سچي سکيا کي سمجهڻ نٿا ڏين. ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح منش سنتن دوارا ٻڌايل طريقي سان پنهنجي اندر ئي پرماتما جي پوڄا ۽ پريم ڪرڻ جي جڳتيءَ جي لائق بڻبا، جيڪو پرماتما جو ئي مقرر ودان آهي.

س - ٢٦٨. ڪبير، منصور ۽ گرو گوبند سنگهه جهڙن سنت ستگرن کي اهڙو قهري موت ڇو سهڻ ڪرڻو پيو؟ يا مهاراج ساون سنگهه جن ۽ مهاراج جڳت سنگهه جن کي ڪافي عرصي تائين بيمارين جو برداشت ڪرڻيون پيون. ڇا انهنکي به پنهنجا کي اهڙا ڪرم چڪائڻا هئا يا پنهنجن شش جي روحاني ترقيءَ لاءِ، انهنجا ڪرم پاڻ تي کڻي اُهي ڪرم چڪايا؟

ج - ٻئي ڳالهيون صحيح آهن. جيئن مون ڪالهه سمجهايو هو ته ٽن قسمن جا سنت ٿيندا آهن. ڪي پرم پتا طرفان انهيءَ ڪم لاءِ ايندا آهن، اُهي اڳ ۾ ئي تيار هوندا آهن. انهنکي جيئن ميڻ بتيءَ کي ٻارڻ لاءِ صرف تيليءَ جي ضرورت هوندي آهي، باقي هرهڪ شيءِ تيل وٽ وغيره سڀ تيار هوندو آهي. ٻيا اُهي سنت هوندا آهن، جن کي سڀ ڪجهه ڳنڍ ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي. وٽ گهرجي، ميڻ

سنت، ڪشٽ، سچي شانتي

س - ٣٦٧. مون سنت مت جي ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ته شمس تبريز جي کل لاٿي ويئي ۽ عيسيٰ کي صليب تي چاڙهيو ويو. مونکي اچرج لڳندو آهي ته ايتري اوچ روحاني رسائي ڪندڙ مهاتمائن کي اهڙي قسم جو جسماني ڪشٽ ڇو ڏنو ويو؟

ج - اها سچ پچ هڪ نهايت بدنصيبيءَ جي ڳالهه آهي ته انهن سڀني سنتن کي اهڙا ڪشٽ سهڻ ڪرڻا پيا آهن. انهيءَ جو ڪارڻ صرف اهو آهي ته سنساري لوڪن ۾ هؤ ڪڏهن به پسند ڪونه ايندا آهن ۽ انهن جون سکيائون هميشه همت ۽ نمرتا سان فرمايل هونديون آهن. سنت ڪڏهن به ڪو نئون ڌرم پيدا ڪرڻ لاءِ نٿا اچن ۽ نه ئي ڪرم ڪانڊ ۽ ريت رواج وغيره کي هٽائڻ لاءِ اچن ٿا جن جا اسين ڪافي عادي ٿي چڪا آهيون. چالاڪ ته پوڄارين ۽ پنڊتن جو ڌنڌو آهي ۽ جڏهن سنت پنهنجي سچي اُپديش جو پرچار ڪندا آهن ته انهن ڌنڌي وارن پنڊتن کي اها ڳالهه نه وڻندي آهي. نتيجي طور اڪثر سنتن کي ڪيترن ئي قسمن جا ڪشٽ ۽ پيڙائون سهڻ ڪرڻيون پونديون آهن. هن طرح سنت ڪڏهن به اهڙي سکيا نٿا ڏين، جيڪا اسين سمجهي نه سگهون. هو ڪڏهن به سماج کي نقصان نٿا پهچائين. جيڪڏهن توهين انهن جي زندگيءَ جو اتهاس پڙهندا ته توهانکي معلوم ٿيندو ته انهن جو ڏوهه صرف ايترو آهي ته هو اسانکي جنم مرڻ جي چڪر کان بچائڻ چاهين ٿا. اسانکي دنيوي پدارٿن، ٻچن ۽ پيارن جي موهه کان هٽائي، پرماتما سان پريم ڪرائي، مالڪ سان جوڙي، انهيءَ سان ملائڻ چاهين ٿا. هو ڪنهن جي به ڌن کي سوڪار نٿا ڪن ۽ نه ڪنهن جي ڌرم ۾ دخل ڏين ٿا ۽ نه ئي هڪ قوم کي ٻيءَ قوم سان لڙائڻ لاءِ فوج ۾ ڀرتي ڪن ٿا.

سنت صرف اسانجي اندر پرماتما جي پريم کي جاڳرت ڪن ٿا. پر منش هڪ ٻئي جي موهه ۾ ڦاٿل پنهنجي ڌرم ڪرم سان جڪڙيا پيا آهن ۽ پراڻن ڪرم ڪانڊ ۽ ريت رواج جا ايترا غلام ٿي چڪا

تنهنڪري اسين پاڻ هڪ سچي شش جو مثال بڻجي، هڪ نيڪ سچي ستسنگيءَ جي رهڻي رهي، ٻين ماڻهن کي هڪ نهايت سهڻي ۽ سٺي طريقي سان هن مارگ تي آڻي سگهون ٿا.

هرهڪ آتما کي ٻه ڪم مليل آهن. پهرين خود پنهنجي مدد ڪرڻ، من کان ڇوٽڪارو پائڻ، من کان آزاد ٿي پاڻ کي نرمل، پوتر بڻائڻ ۽ ٻيو، ٻين کي نام مارگ تي آڻڻ ۾ مدد ڪرڻ. اهو سڀاوڪ آهي ته جڏهن به ڪنهن منش کي هڪ بي بها پدارٿ ملي ٿو ته هو هميشه چاهيندو آهي ته منهنجن پيارن کي به ملي. هو منتظر هوندو آهي ته هنجا دوست، مٽ مائٽ به انهيءَ خزاني کي حاصل ڪن. منهنجو خود پنهنجو آزمودو آهي ته سڀ ستسنگي اهو چاهيندا آهن ته انهنجا مٽ مائٽ، دوست، پيارا هن مارگ تي اچن. انهيءَ گيان انهيءَ پرڪاش مان لاڀ پراپت ڪن. اهڙيءَ طرح هرهڪ جيو جو اهو ضرورت آهي ته پنهنجي سمرن ڪرڻ ۽ ستگروءَ جو سچو شش بڻجي، هڪ سچي ستسنگيءَ جو نيڪ مثال بڻجي ٻين کي مدد ڪرڻ. انهيءَ ۾ ئي مهان سنت جي شش جي سونهن ۽ سوڀيا آهي.

خوشنصيب آتمائون، حضور مهاراج جن جهڙڪي هندستان ۾ پيدا ٿيا، (بابا ساوڻ سنگهه جن) جي صحبت ۾ آيون ۽ انهنڪي آشيرواد پراپت ٿي. پتا مالڪ جي ديا مهر جي، حضور مهاراج جن کي ڳولهڻ پيا انهن جو پتو لڳائڻ، ان وقت سنسار ۾ ڀارت ۾ رهندڙ اهڙي پرم سنت کي سڃاڻي سگهڻ، نهايت ڪٺن هو. دراصل اها پرم پتا جي خاص ديا مهر هئي، جو هن ديس جون ڪجهه چونڊيل آتمائون حضور مهاراج جن جي صحبت ۾ آيون ۽ نام مارگ پراپت ڪيو.

حضور مهاراج جن فرمائيندا هئا ته هرهڪ مش جي زندگيءَ جا ٻه مکيه ڪم آهن. پهرين ته هوُ پنهنجي مارگ تي وڌي، پنهنجي روحاني ترقي ڪري، من جي وهمن ڀرمن کان ڇوٽڪارو پائي، آتما کي پوتر بڻائڻ. پاڻ کي سڃاڻي، مالڪ ۾ واپس سمائجي وڃڻ، هرهڪ چونڊيل آتما جو فرض آهي. اهڙين جيو آتمائن کي انهيءَ لاءِ چونڊيو ويندو آهي ته جيئن انهن کي موقعو ملي سگهي ۽ انهن کي پنهنجو پاڻ کي پوتر بڻائڻ جون سهوليتون ملي سگهن ۽ پاڻ کي پرماتما ڏانهن وڃي ۽ سمائجي وڃڻ جي لائق بڻائي سگهن. ان بعد جڏهن اسين نام مارگ تي هلندا آهيون، پوءِ سمورن ڪندا آهيون ته قدرتي طور اسانجن دوستن مت مائٽن ۽ جهڙڪي ٻه اسانجي چوگرد هوندا آهن، انهن تي اثر پوندو آهي. هڪ نيڪ ستسنگيءَ جي زندهه مثال بڻجڻ سان اهو سڀاويڪ آهي ته اسانجي چوگرد رهڻ وارن، اسان سان ميل جول رکندڙ انسانن تي به اثر پوي ٿو. سنت مت سکيائن کي سمجهائڻ سان يا انهيءَ باري ۾ بحث مباحثي ڪرڻ سان اسين ٻين تي ايترو سنو اثر نٿا وجهي سگهون، جيترو خود هڪ نيڪ زندهه مثال بڻجڻ سان. انهنڪي اسان ۾ هڪ نکار، سچي شانتي، آنند ۽ سنتوش ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ۽ جڏهن هو اسانکي هڪ بلڪل بدليل انسان جي روپ ۾ ڏسن ٿا ته قدرتي طور انهنکي انهيءَ ڄاڻڻ جي جگياسا پيدا ٿئي ٿي ته اسانجي اندر اهو ڇا اچي ويو آهي، جنهن سبب اهڙي عجيب تبديلي اچي وئي آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن انهنکي محسوس ٿئي ٿو ته اسين نيڪ انسان بڻيا آهيون ته سڀاويڪ طور اسانجيءَ رهڻيءَ جو به انهن تي اثر پوي ٿو.

ڏيهيءَ ۾ هوندي ملي ويو آهي تہ پوءِ اسين اندر روحاني ترقي ڪري سگهون ٿا. ان شروعات منش ديھ ۾ ٿيڻ نهايت ضروري آهي.

س - ٢٦٤. جڏهن اسانکي نام جي بخشش ٿئي ٿي. تہ ڇا ٿو ٿئي؟

ج - تڏهن توهانکي شبد سان جڙڻ جي طريقي جو گيان پراپت ٿئي ٿو. توهين اندر شبد سان جڙندا آهيو.

س - ڇا اسانکي انهيءَ (شبد) جي باري ۾ سمجهاڻي ڪيو وڃي ٿو.

ج - اهو ٺيڪ آهي. توهانکي انهيءَ لاءِ سمجهاڻي بہ ڪيو وڃي ٿو ۽ توهانجو انهيءَ سان سنبنڌ بہ جوڙيو وڃي ٿو. پاڻيءَ جي بوند ڌرتيءَ تي هوندي آهي. سج ۾ هميشھ تپت يا گرمي بہ هوندي آهي پر جڏهن بوند کي گرمي ملي ٿي، تڏهن ئي بوند ڌرتيءَ کي ڇڏي ٻاڦ جو روپ اختيار ڪري ٿي. اهڙي طرح نام مليو آهي يا نہ، شبد هرهڪ جي اندر آهي. پر سنت اسانکي ايڪاگر ٿيڻ جو طريقو سمجهائين ٿا يا اُنين چئجي تہ هو اسانکي شبد سان جوڙين ٿا ۽ انهيءَ بعد ابياس سان شبد جي مدد سان من اندرين جي بندنن کان نڪري ٿو ۽ پوءِ آتما من جي بندنن کان مڪت ٿئي ٿي. بيءَ طرح شبد تہ اسان سڀني جي اندر آهي ئي.

س - ٢٦٥. منهنجو ويچار آهي تہ شري ريپلوگل چيو هو تہ نام دان ملڻ کان اڳ اسانکي راڌاسوامي لفظ جو سمرن ڪرڻ گهرجي.

ج - اسين عام طور انهنکي اهڙيءَ طرح ڪرڻ لاءِ چوندا آهيون، جيڪي نام دان لاءِ جگياسا ڏيکاريندا آهن، پر نام جي بخشش لاءِ تيار نہ هوندا آهن. اهڙيءَ طرح انهي جگياسوءَ کي ايڪاگرتا پراپت ڪرڻ جي ڪوشش جي عادت پوي ٿي، جنهن سان اڳتي هلي ڪيس مدد ملي ٿي.

س - ٢٦٦. سو هن جا ۾ فائدا آهن؟

ج - توهين هندستان کان دور سنسار جي ٻئي سري تي آهيو. اها سچ ۾ پرم پتا پرماتما جي خاص ديا مهر هئي، جو ڪجهه چونڊيل

آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن پورو وقت نٿو ڏيئي سگهجي ته انهيءَ لاءِ پاڻ کي ڏوهي نه سمجهڻ گهرجي ڇو ته هڪ مشين وانگر پنهنجي واتاورڻ مان جيڪو سمرن جي واتاورڻ ۾ رهڻو آهي. سچو ڏينهن اهڙي واتاورڻ ۾ گذارڻو آهي. ائين نه ته ايڏي ڪلاڪ ابياس ڪرڻ بعد ستت مت کي وساري ڇڏجي؟ من کي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ ڏجي. اهو صحيح طريقو ڪونهي. ابياس کي وقت ڏيندي پورو ڏينهن ستت مت جي واتاورڻ ۾ رهڻو آهي. اهڙيءَ طرح آهستي آهستي هر روز وقت وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

س- ٢٦٣. جڏهن هڪ دفعو نام دان ملڻ جي ڳالهه ڇڙي وڃندي آهي ته مونکي عجب لڳندو آهي ته ڇا هڪ دفعي کان وڌيڪ نام دان نٿو ملي سگهي؟ ڪيچ نام دان جيڪي هن سنسار ۾ نٿا ملي سگهن اهي مٿين روحاني منڊلن ۾ نه ٿيندا آهن. جڏهن توهين ڪنهنکي نام جي بخشش ڪندا آهيو ته ڇا هن کي ٻه اهوئي درجو پراپت ٿيندو جيڪو توهانکي پراپت ٿيو آهي، جڏهن اهو ٿي نه سگهي ته توهان پهريان سيڪڙو جنم نام دان ۾ گذاريا هجن؟

ج- نام جو ٻج ته تڏهن ئي پوکي سگهجي ٿو جڏهن جيوآتما منش سرير ۾ هوندي آهي. جڏهن هڪ دفعو ٻج پوکجي وڃي ٿو تڏهن اها نام جي پراپتي، اها مدد اندرين روحاني منڊلن ۾ به ٿي سگهي ٿي. پر ٻهرين نام دان منش ديهيءَ ۾ ئي ملندو. جيسين منش ديهيءَ ۾ نام نه مليو آهي تيسين اندر نام جي پراپتي نٿي ٿئي، اهوئي ڪارڻ آهي جو منش ديهه کي نر-نارائڻي ديهي چيو ويو آهي. اشرف-اُل-مخلوقات چيو ويندو آهي، صرف منش ديهه ۾ ئي اسانکي اندر روحاني پرڪاش، گيان ۽ نام مارگ جي پراپتي ٿي سگهي ٿي.

منش ديهيءَ ۾ رهي، اسان روحاني ترقي وڌيڪ ڪئي آهي يا نه، انهيءَ سان ڪو به فرق نٿو پوي. جيڪڏهن نام روپي ٻج، منش

اِستان تي هوُ چڙهي آيو آهي اُتان ئي شروع ڪري ٿو. توهان بائيبل
۾ پڙهيو هوندو ته ٻج جي باري ۾ پڙهيو هوندو. ڪجهه ٻج زمين تي صرف
ڪري پون ٿا. اُنهيءَ تي نه هر هلايو ويو آهي ۽ نه ئي اُپڄائو آهي
تنهنڪري اُهو ٻج اُتي ئي رهجي ٿو وڃي ۽ جڏهن برسات پوي ٿي
ته هڪ ننڍو سلو اُنهيءَ مان نڪري ٿو پر وري مرجهائجي وڃي ٿو.
ڪجهه ٻج بلڪل اُپڄائو زمين تي ڪرندا آهن جنهن تي چڱيءَ طرح هر
هلايو ويو آهي، صرف اُهي ٻج ڦل ڏين ٿا. پر ٻج جتي به پوکيا ويا
آهي اُڃا به هرهڪ پنهنجي وقت انوسار ضرور ڦل ڏيندا. هرهڪ
ٻج کي ڦل ڏيڻ ۾ الڳ الڳ وقت لڳي ٿو، اِنهيءَ ڪري اسين چئي
نٿا سگهون ته اسين سڀ هيءُ مارگ ساڳئي ئي اِستان تان شروع ڪريون.
ڪجهه ٻهرئين قدم تي آهن. ڪي ڪجهه قدم سفر ڪري چڪا آهن ۽
ڪجهه چوٿيءَ يا منزل جي لڳ ڀڳ وڃهو ئي آهن ۽ اُنهنکي اڳتي وڌڻ
لاءِ ٿوري همت ڏيڻ جي ضرورت آهي. اِنهيءَ ڪري هرهڪ جي
شروع ڪرڻ جو پنهنجو پنهنجو اِستان هوندو آهي.

س- ٢٦٢. مهاراج جي، ڇا اهو ضروري آهي ته نام جي بخشش
تيڻ کان اڳ ۾ ئي ايڊائي ڪلاڪ لڳاتار ڀڄن ۾ وهڻ جو ابياس هجي؟

ج- نه، اِنهيءَ باري ۾ ٿوري غلطفهمي آهي. اسانکي ڀڄن سمرن
لاءِ اَيڊائي ڪلاڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن
توهين اِئين سوچو ته بلڪل ٻهرئين ڏينهن کان ئي ايڊائي ڪلاڪ ويهي
سگهندا ته اِهو ممڪن ڪونهي اِهو بلڪل ناممڪن آهي. توهين ڀڄن
سمرن کي ايتري وقت ڏيڻ جا عادي نه آهيو. اِنهيءَ ڪري توهين
هڪ ڪلاڪ کان شروع ڪري سگهو ٿا. ٿوري ٿوري وقت وڌايو ۽
پنهنجي روزاني وقت کي آهستي آهستي وڌائيندا وڃو. مقصد گهٽ
گهٽ اَيڊائي ڪلاڪن جو هئڻ گهرجي. اِئين نه آهي ته جيڪڏهن
اسين ٻهرئين ڏينهن ايڊائي ڪلاڪ نٿا ويهي سگهون، تنهنڪري نام
مارگ تي اچڻ ئي نه گهرجي. اسانکي من سان ڪشمڪش ڪري
ڀڄن کي گهٽي ۾ گهٽو وقت ڏيڻو آهي. اِها من سان هڪ لڳاتار لڙائي

جن جگياسن کي نام ملڻو هوندو آهي، انهن کي جنم وٺڻ کان اڳ ۾ ٻئي
چونڊيو ويندو آهي. ٻيءَ ڳالهه ته ٿئي ته اسان مان ڪو چاليهه، پنجاهه
يا سٺ سالن تائين، سنت مت جي بلڪل اُبتڙ زندگي گذاري ٿو،
ماس واپرائي ٿو، وغيره. اسان جي زندگيءَ جو ايترو گهڻو عرصو
سنت مت سکيائن جي خلاف ڇو ٿو گذري؟

ج- اسانجي راهه ۾ ڪيترين ئي رڪاوٽون هونديون آهن. جيسين
اسان انهنکي دور نه ڪيو آهي، تيسين اُنهيءَ مارگ تي اچڻ ناممڪن
آهي. هن مارگ تي پهچڻ کان اڳ، ڪرمن جي هڪ وڏي رڪاوٽ
کي دور ڪرڻو پوي ٿو. ڪن ماڻهن جي اها رڪاوٽ جلدي دور
ٿئي ٿي. ڪن کي ورهيه لڳي وڃن ٿا. ڪي انسان کي سنت مت
انوسار هلڻ لاءِ نهايت گهٽ عرصو ملي ٿو ۽ ڪن کي موقعو کان صرف
ٻه ڏينهن اڳ ئي نام جي پراپتي ٿئي ٿي. اها ڳالهه هرهڪ منش سان
الڳ الڳ لاڳو ٿئي ٿي. انهيءَ جو ارٿ اهو ڪونهي ته جنم کان ئي
هرهڪ کي نام ملي ۽ جنم ٿيندي ئي پنهنجن سمرن شروع ڪري ڇڏي.
جڏهن ڪرم يا پاپ ڪٽجي ٿو، وقت اچي ٿو، تڏهن ئي منش نام مارگ
اختيار ڪري ٿو.

س- ٣٦١. ڪيترن ئي ستسنگين کي هن جنم ۾، سنت مت
۾ اچڻ کان اڳ ۾ ئي ٽي چار دفعا ڌرم بدلائڻو پوي ٿو، انهن کي
مارگ بدلائڻا پون ٿا. ٻر ڪيترا ئي منش جنهن ڌرم ۾ جنم وٺندا آهن،
انهيءَ مان سڌو هن مارگ تي اچي ويندا آهن، انهيءَ جو ڪهڙو
ڪارڻ آهي؟

ج- اها ته نهايت سؤکي ڳالهه آهي. هرهڪ جگياسو پنهنجن ڪرمن
انوسار هن مارگ تي اچي ٿو. انهن مان ڪي جگياسو هن مارگ تي
پهريون دفعو ئي ايندا آهن. ڪن جو هن مارگ تي ٻيون، ٽيون يا
چوٿون جنم هوندو آهي. تنهنڪري هرهڪ هڪ ئي نقطي کان هيءُ مارگ
شروع نٿو ڪري، ڪي اڳ ۾ ئي شروعات ڪري چڪا آهن، اُهي
انهيءَ نقطي کي پڪڙي اڳتي هلندا رهن ٿا. قدرتي طور هرهڪ جنهن

جيڪي هن لاءِ مقرر هئا. اهي انهيءَ جون جيو آتمائون هيون ۽ هن وٽ ئي ويون. اهي هن ڏانهن موڪليون ويون. انهيءَ کي سنجوڳ به چئي سگهجي ٿو، پر هتي اها ڳالهه سنجوڳ جي نه آهي. اسين اهو سمجهي نه سگهندا آهيون ته ڪو ڪهڙيءَ طرح، انهيءَ طرف مائل ٿي رهيو آهي ۽ اسين ڪيئن انهيءَ مارگ تي آياسين. انهيءَ بہ گهڻيئي ڳالهيون ڪم ڪن ٿيون ۽ اسين اچانڪ پنهنجو پاڻ کي انهيءَ مارگ تي هلندو ڏسون ٿا. جڏهن اسين انهيءَ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته ڪوبہ ڪارڻ نٿو ملي. ڪنهن ڏينهن اوچتو هڪدم اسان کي اهي سڪيائون صحيح محسوس ٿين ٿيون. ڪيتريون نہ آسان آهن ھيءَ، اسان کي عجب ٿو لڳي ته انهيءَ باري ۾ اسان اڳ ڇونہ سوچيو؟ پر اهو ڪاربہ اوچتو نہ ٿيو. اسانکي اها ڄاڻ نہ پوندي آهي ته انهيءَ تائين پهچڻ ۾ اسانکي ڪيتريون مصيبتون سهڻيون پيون. اسين انهيءَ کي اتفاق يا سنجوڳ چئون ٿا، پر سنجوڳ واري ڳالهه ڪانهي.

س - ٢٥٩. ڇا ستگرو ۽ ستسنگيءَ جي وچ ۾ ڪو سنبنڌ هوندو آهي؟

ج - ها. جيئن توهان بائيبل ۾ پڙهيو آهي ته عيسيٰ فرمايو ته مون کي پتا موڪليو آهي ۽ صرف انهيءَ جي چونڊيل رڍن (آتمائن) کي گڏ ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. هن فرمايو آهي تہ مان صرف پنهنجن رڍن (آتمائن) کي ئي گڏ ڪري پرماتما ڏانهن واپس وٺي وڃڻ لاءِ آيو آهيان. هر سنت کي ڪجهہ چونڊيل خاص آتمائن لاءِ جيڪي هنکي سونپيل هونديون آهن، انهن کي واپس وٺي وڃڻ لاءِ موڪليو ويندو آهي ۽ اهي ئي جيو آتمائون هن وٽ اينديون. صرف اهي ئي هن تي وشواس ڪندا، اهي ئي صرف هنجي اپديش کي ڌارڻ ڪنديون. صرف اهي ئي پڇن سمرن ڪري واپس مالڪ وٽ پهچنديون. انهي ڪري هميشهہ مالڪ جي مهر جي بخشش سان ئي شش گروءَ وٽ پهچي اچي ٿو. ستگروءَ کان نام دان پراپت ڪري ٿو ۽ هن راهہ تي هلي واپس مالڪ سان ميلاپ ڪري ٿو.

س - ٢٦٠. مهاراج جي، مون سنت مت ساهتيہ ۾ پڙهيو آهي تہ

صرف ڌرم بدلائڻ سان منش مالڪ سان ملڻ جو حقدار نٿو بڻجي.
پرماتما تائين پهچڻ لاءِ سچ، اصليت جي ضرورت آهي. تنهنڪري
سنت انهيءَ سچ، حقيقت ۽ روحانيت کي اهميت ڏين ٿا. هو ڪڏهن
به ڌرم ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش نٿا ڪن.

مشهوري ڪرڻ جو ته سوال ئي نٿو اٿي. هيءَ واپاري سکيا
ڪونهي ۽ نه ئي اسانکي اشتهار بازيءَ ۾ وشواس آهي. سنت مت،
نام مارگ، راڌاسوامي مت، انهيءَ کي توهين جيئن به نالي سان سڏڻ
چاهيو، سڏي سگهو ٿا. هيءَ انهن جگياسن، سچن متلاشين لاءِ آهي،
جيڪي پرماتما جي کوج ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪي خود سنسار کان
اداس رهي، مالڪ سان ميلاپ لاءِ روحاني اڀياس ڪرڻ چاهين ٿا.
انهيءَ ڪري منهنجو نه اهڙي قسم جي اشتهار بازيءَ ۾ وشواس آهي
۽ نه ئي انهيءَ ڳالهه کي همٿائڻ چاهيان ٿو. جن کي سچي طلب هوندي
آهي، اهي تلاش ڪندا آهن ۽ انهن کي پريو پراپتي ٿي به ويندي
آهي. جن کي چاهه ڪونهي اهي کوج به نه ڪندا آهن. اشتهار بازي
سان انهن تي ڪو فرق ڪونه پوندو. اشتهار بازيءَ ۾ منهنجو بلڪل
وشواس ڪونهي. اسانجن پستڪن ۾ اها ڳالهه بلڪل چٽيءَ طرح لکيل
آهي، انهن کي اهو وشواس ڏنو ويندو آهي ته هن مارگ تي هلڻ لاءِ
ڌرم تبديل ڪرڻ جو سوال ئي نٿو اٿي.

س- ٢٥٨. ڇا ڪيئن رهبر جو ڳجهو هٿ، مائٽن کي توهان ڏانهن
ڇڪيندو آهي؟

ج- يعني ڪو انهن کي هي مارگ ڏيکاريندو آهي؟

س- ها، ڪا شڪتي انسان کي توهان ڏانهن وٺي ايندي آهي؟
منهنجو مطلب آهي ته ڇا پرماتما جو هٿ، انسان کي انهنجي زندگيءَ
جي عرصي ۾ توهان ڏانهن وٺي ايندو آهي؟

ج- توهين خود پادري آهيو. توهان بائيبل ۾ پڙهيو آهي ته
عيسيٰ فرمايو هو ته مونکي ڪي چونڊيل آتمائن لاءِ موڪليو ويو آهي.
پرميشور جو هٿ ته پويان آهي ئي. عيسيٰ وٽ صرف اهي منش آيا،

ٻڌڻ لاءِ ڪنهنکي بہ پنهنجي ڌرم بدلڻ جي ضرورت ڪونهي. ديول ڇڏڻ جي ضرورت ڪونهي تہ نيويارڪ شهر ۾ ستسنگين جو تعداد هڪدم وڌي سگهي ٿو. پر جڏهن ڪنهن بہ وديشي ڌرم جو پرچار ٿيندو آهي تہ سڀ منش هچڪندا آهن ۽ ڪنهن ايشيائي مت کي مڃڻ ۾ ڪنارو ڪندا آهن." توهانجو انهيءَ باري ۾ ڪهڙو رايو آهي؟

ج- توهانکي معلوم آهي تہ اسانکي تعداد وڌائڻ ۾ ڪابہ دلچسپي ڪونهي. مان تہ صرف جگياسن، سچن طالبگارن ۾ دلچسپي رکندو آهيان. چاهي هڪ هجي يا هڪ لک ۽ اسانجو ساهتيہ انهن ڳالهين سان ڀرپور آهي تہ پرماتما کي پائڻ لاءِ اندريون مارگ تي هلڻ لاءِ، پنهنجي ئي اندر پرماتما جي کوج ڪرڻ لاءِ، نہ ڪنهنکي پنهنجي ڌرم مٽائڻ جي ضرورت آهي، نہ ئي اسانکي ڪنهنجي ڌرم بدلائڻ جي ضرورت آهي، نہ ئي ڪنهنکي گهر ٻار ڇڏڻ جي ۽ نہ ئي سنساري جوابدارين کي تياڳڻ جي ضرورت آهي. اسان کي دنيا ۾ رهندي بہ دنيا کان نرموهي ٿي رهڻو آهي، اسان کي انهيءَ سان موهہ نہ ڪرڻو آهي. دراصل منهنجو اهو ئي وچار آهي تہ جيڪڏهن اسين سنتن جي سکيا کي سمجهون، نرمل روحاني اپديش کي سمجهون جن کي هو سمجهائڻ لاءِ اچن ٿا تہ اسين بهتر عيسائي، بهتر مسلمان ۽ بهتر هندو بڻجنداسين ۽ اسان کي پنهنجي ڌرم لاءِ وڌيڪ گهري شرڌا پيدا ٿيندي.

رواجي طور اسين رهت رواج، ڪرم ڪانڊ ۽ پنهنجي وشواس کي وڌيڪ اهميت ڏيون ٿا. اسين سمجهون ٿا تہ شايد اهائي ڌرم جي آد ۽ اهو ئي انت آهي. اهڙيءَ طرح اصلي ڌرم جو سار، ڌرم جي حقيقت ۽ اصلي اپديش غائب ٿي وڃن ٿا. سنت سدائين اُن سچي روحانيت، حقيقت جيڪا سڀني ڌرمن جي بنياد ۾ ساڳي هڪ ئي آهي، انهيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ايندا آهن. هڪ ڌرم کي ڇڏي، ٻئي کي اختيار ڪرڻ جو تہ سوال ئي ڪونهي، هر ستسنگ هرهڪ گرنٿ انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ مالڪ سان ملڻ لاءِ، صاحب ۾ سمائڻ لاءِ پريم جي ضرورت آهي. ڀڪتي، شرڌا، اڀياس ۽ روحانيت جي ضرورت آهي، نہ هڪ ڌرم ڇڏي ٻئي ڌرم کي اختيار ڪرڻ جي.

س - ٢٥٥. توهانجي ويچار موجب سيني کان ڀريُن ستگرو ڪير هو؟ ۽ اُنهيءَ جو گرو ڪير هو؟

ج - "ڀريُن" سان توهانجو ارٿ آهي ته سرشٽيءَ جي شروعات کان پوءِ سيني کان ڀريُن گرو ڪير هو. پرماتما خود هو.

س - ٢٥٦. منش ديهه ۾ سڀ کان ڀريُن گرو ڪير هو؟

ج - هن سنسار ۾ ڪيترائي ستگرو آيا ۽ اچي ۽ ڪيترائي ايندا. جيڪڏهن اسين انهيءَ قسم جي ڪٿائن جي کوج ڪندا رهنداسين ته شايد اهڙيءَ طرح ڪجهه به فائدو نه ٿيندو ۽ اسين ڪٿي به پهچي نه سگهنداسين. اسان کي ته هميشه پنهنجي ئي ستگروءَ سان سنبنڌ هوندو آهي. اسان لاءِ اهو ئي پرماتما آهي، ڪل مالڪ آهي. اسان ڪي صرف پنهنجي ستگروءَ ڏانهن ئي ڌيان ڏيڻ گهرجي ٻئي ڪنهن طرف نه. اسانکي اِنهيءَ ڳالهه سان ڪو به واسطو ڪونهي ته سنسار ۾ ڪيترا ستگرو اچي چڪا آهن ڪيترا زنده آهن ۽ ڪيترا اچي ايندا. اسانجو واسطو صرف پنهنجي ستگروءَ سان ئي آهي ۽ اهو ئي اسان لاءِ سڀ ڪجهه آهي.

س - اِهو ته مهان تو پر توهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو.

ج - مون توهانجي سوال کي ئي نه سمجهيو. توهانجي دلچسپي اِها ڳالهه معلوم ڪرڻ ۾ آهي ته ستگرن جو سلسلو ڪيئن شروع ٿيو، انجو اِتهاس ڪهڙو آهي؟

س - نه، مون اِهو معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو ته جيڪڏهن پرماتما وٽ واپس وڃڻ لاءِ ستگروءَ جي ضرورت آهي ته ڀريون ستگرو ڪيئن واپس پهتو ڇو ته اُنهيءَ جو ته ڪو به ستگرو نه هو؟

ج - پرماتما ئي اُنهيءَ جو ستگرو هو، مالڪ ئي اُنهيءَ کي موڪليو هو.

س - ٢٥٧. ڪنهن لکيو آهي، "اسانکي پوءِ ۾ نه رهڻ گهرجي؟ منهنجو وشواس آهي ۽ منهنجو ويچار آهي ته سيني ستسنگين جو اِهو ئي وشواس آهي ته جيڪڏهن واداسوامي مت پرچار ڪري ته سنسنگي

۾ وهي نه وڃڻ گهرجي، نه گهڻن ماڻهن جي چوڻ تي ۽ نه وڏن وڏن تڙپن جي اثر ۾ اچي دوکو کائڻ گهرجي. صحيح يا غلط گروءَ ۾ فرق سمجهڻ لاءِ اسانکي پنهنجي اندر ۾ کوج ڪرڻ گهرجي. جڏهن هڪ دفعو خاطري ٿي وڃي ته پوءِ انهيءَ کوج کي بلڪل وساري ڇڏڻ گهرجي. انهيءَ تي سچائيءَ سان چڱيءَ طرح عمل ڪري ڏسڻ گهرجي. ٻه ٻهرين انهيءَ تي وشواس ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اسين انهيءَ مارگ تي پنهنجي اندر پرسنتا ۽ سنتوش جو انڀو ڪريون ته پوءِ عمل ڪري، انهيءَ کي صحيح پرکڻ ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان بعد تي سگهي تو ته اسين سمجهي وڃون پر اهو به ممڪن آهي ته چاڻ نه به پوي. صحيح روحاني مارگ جي پراپتيءَ لاءِ سچي پورن ستگروءَ سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ پرماتما جي ديا مهر جي ضرورت آهي. اسانجي بڌي، اهڙي گيان پراپتيءَ لاءِ نهايت محدود آهي. اسين دوکو کائي سگهون ٿا. اسان کي مالڪ جي مهر، انهيءَ جي ٻاجهه جو ٿي پوري طرح سهارو وٺڻو پوندو. جيڪڏهن اسين سچا آهيون ته مان توهان کي وشواس ڏيان ٿو ته اهو صاحب اسانکي ضرور صحيح روحاني راهه تي وٺي ويندو. هو ٿي مارگ ڏيکاريندو آهي، ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ ۾ وقت لڳي وڃي پر جيڪڏهن لگن سچي آهي ته هو ضرور صحيح روحاني راهه تي لڳائيندو.

س - ۲۵۴. ڇا سنتن کي، هڪ ٻئي جو گيان هوندو آهي؟

ج - ڪنهن حد تائين.

س - ڇا انهنکي ٻين سنتن جي باري ۾ ڄاڻ هوندي آهي؟

ج - توهانجو ارٿ اهو آهي ته جڏهن هو انهيءَ هڪ منزل تي پهچندا آهن ته انهنکي هڪ ٻئي جي ڄاڻ هوندي آهي؟ ها، انهنکي. هو هڪ ئي ساگر، هڪ ئي شڪتيءَ جون لهرون رو ڪونهي اسان ديهڌاري انسانن کي سمجهائڻ لاءِ ندي آهي، انهنکري ستگروءَ کي ديهه ڌارڻ پوندي آهي. شش کي به سرير جي ضرورت

ڳوڙهي بس آهي ۽ نهايت سرل بس. ٻيو پراپتيءَ جو اُپديش ايترو
سوکو ۽ سدو آهي، جو اسان جي سمجهه ۾ نٿي اچي. انساني
مورکتا آهي ته ڀوڙين مسئلا پيدا ڪرڻ، پوءِ اُنهن کي حل ڪرڻ
۽ اُنهيءَ کي سلجهائڻ ۾ آنند وٺڻ. اسين سڌيءَ ڳالهه کي سڌيءَ طرح
اختيار نٿا ڪري سگهون. روحانيت ايتري آسان آهي جو اسين
اُنهيءَ کي سويڪار نٿا ڪري سگهون. جيڪڏهن ڪو، هڪ روحاني
ڳالهه کي سمجهائڻ ۾ ٣ ڪلاڪ لڳائي ته اسين چوندا آهيون ته اسان
کي سمجهه ۾ اچي ويئي. جيڪڏهن اهائي ڳالهه ٻن لفظن ۾ سمجهائي
وڃي ته اسين چوندا آهيون ته اسانکي بلڪل نٿي سمجهه ۾ نه آئي.
اسين پنهنجو پاڻ کي عقل هڏيءَ ذريعي ايترو الجهيل بڻائي چڪا
آهيون، جو اسين صاف، سڌي، سرل روحانيت کي سويڪار نٿا
ڪري سگهون.

س - ٢٥٣. ستسنگي، ستگروءَ کي پرماتما مڃيندا آهن، پر دراصل
کين اها ڄاڻ نه هوندي آهي. اُنهن کي اُنهيءَ ڳالهه جي تڏهن ئي سمجهه
پوندي آهي، جڏهن هو اندر ستگروءَ جي نوري سروپ جو درشن
ڪندا آهن، ڇو ته کين اُن وقت ستگرو پنهنجي اصلي روپ ۾ ڏسڻ
ايندا آهن. منهنجي چوڻ جو اَرٿ اهو آهي ته ستگروءَ کي مڃڻ ته
مناسب آهي، پر اها ڳالهه اُتي ئي ختم نٿي ٿئي. گهڻيئي پروفيسر
ڪهڙين به ڳالهه کي نهايت سهڻي ٻوليءَ ۽ سٺي ڍنگ سان چئي سگهن
ٿا، پر عملي طور اُنهن مان ڪافي پٺتي رهجي ويندا آهن. پورن
ستگرن جي ڇا اهائي نشاني آهي. منهنجو وچار آهي ته اسانکي سچي
نرمل هردي سان اُنهيءَ ڳالهه تي وچار ڪرڻ گهرجي.

ج - توهانجو وچار بلڪل ٺيڪ آهي. مون هڪ ستسنگ ۾ چيو هو ته
ڪهڙين به ستگروءَ جي شرن وٺڻ کان اڳ پوري طرح کوج ڪرڻ گهرجي ۽
جيڪڏهن اهڙيءَ کوج ۾ پوري زندگي لڳي وڃي ته اهو وقت اجايو
ناهي بلڪ سجايو آهي. اها هڪ پڪي مضبوط بنياد تي، هڪ ٽڪريءَ
تي مڪان ٺاهڻ جي مثل آهي. اسانکي نه پاڻن جي وس تي وهڪري

جيتوڻيڪ اسين سنتن جي اُپديش کي ڪا به اهميت نٿا ڏيون، تنهن ڪري اسانکي چئنا هميشه انهيءَ ڳالهه جي رهندي آهي ته سنتن جنم ڪٿي ورتو، انهن جا ماتا پتا ڪير هئا، انهن جا ٻار ٻچا ڪير هئا ۽ انهن ڪهڙا چمتڪار ۽ ڪرامتون ڏيکاريون. اسين انهن سنستائن ۽ سنگهن، ڪٿائن ۽ آکاڻين ۾ ئي رهجي وڃون ٿا. ڪو به اسانکي انهن جي نرمل روحاني سکيا جو سار سمجهائڻ جي ڪوشش نٿو ڪري. اسين سندن سکيا کي اندر ڌارڻ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون يا نه، جيڪڏهن نه ته اسان ۾ ڪهڙي ڪمي آهي؟ اسين انهيءَ اُپديش کي چڱيءَ طرح گرهڻ ڇو نه ڪري سگهاسين؟ اها سکيا اسانجي زندگيءَ جو حصو ڇو نه بڻي؟ ڪو به انسان انهن سوالن جي جواب ڳولهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري. جيڪڏهن اسين انهيءَ اُپديش انوسار پنهنجي زندگي هلائينداسين ته اسين انهن بحثن مباحثن، پاسخاطرين ۽ طرفدارين کان مٿي ٿي سگهنداسين ۽ تڏهن ئي سڀ مذهب ساڳيا نظر ايندا. اُن بعد ئي، اسين هڪجهڙي کي امريڪا نواسي، آفريڪا رهواسي، هندستاني عيسائي، هندو، سک سمجهڻ بجاءِ، انهيءَ مالڪ جا مذهب سمجهنداسين. هڪ ئي منزل، نج گهر واپس وڃڻ لاءِ ڪشمڪش ڪندڙ راهي، هڪ ئي پتا جا ٻالڪ سمجهنداسين. اهڙي طرح اسين هڪ ٻئي جي نهايت ويجهو اينداسين. پر ڪو به انسان اهڙي درشٽيءَ سان ڏسڻ جي ڪوشش نٿو ڪري.

اسان سڀني پنهنجن اکين تي رنگين عينڪ پائي رکي آهي ۽ انهيءَ مان ئي ڏسڻ چاهيون ٿا. اسين اهڙين عينڪن کي لاهي اُڇلائڻ نٿا چاهيون، ڪليل اکين سان پدارٿن کي ڏسڻ نٿا چاهيون. اسين انهن سياسي پوڄارين کان ايتري قدر ڊپيل آهيون، انهن ريت رواجن، ڪرم ڪانڊ، سنگهن سنستائن وغيره جي ماتحت ايتري قدر اچي چڪا آهيون، جو سمجهه هوندي به، انهن جي خلاف آواز نٿا اُٿارئون. اسانکي معلوم آهي ته جن ماڻهن انهن جي خلافت ڪئي، انهن جي ڪهڙي حالت ٿي. جيڪا سکيا اسانکي اڄ ڌرم جي نالي تي ڏني وڃي ٿي آهي، اها سنتن جي سچي روحانيت جي سکيا ڪونهي. سکيا نهايت

پنهنجي اندر ئي پرماتما جي کوج ڪرڻي آهي. جيڪڏهن هرهڪ کي
پنهنجي اندر، هڪ ئي مالڪ جي تلاش ڪرڻي آهي ته پوءِ انهيءَ ڳالهه
جو دليل ڪنهنجي عقل بڌيءَ ۾ ايندو ته سنسار جي هڪ حصي ۾
پرماتما کي اندر ڳولهڻ جو هڪ طريقو هجي ۽ ٻئي حصي ۾ ٻيو طريقو
هجي. جيڪڏهن پرماتما هڪ آهي، هو اسان سڀني جي اندر آهي
ته پوءِ انهيءَ سان ميلاپ ڪرڻ جو مارگ به هڪ ئي آهي، ٻه مارگ
ٿي نٿا سگهن. اسانجي سوچ ويچار ۾ فرق ٿي سگهي ٿو، سمجهاڻي ۾
فرق ٿي سگهي ٿو، اسان جي ڪرم ڪانڊ، ريت رواج ۾ فرق ٿي
سگهي ٿو. مولوي، پنڊت وغيره ڪن حد تائين اثر وجهي سگهن ٿا،
اها ڳالهه ٻي آهي. پر منزل ڏانهن ويندڙ مارگ، تو ڌام پهچائيندڙ راهه
پرماتما جي ڀڳتي ڪري اندر، پنهنجي گهر واپس وڃڻ وارو مارگ
هميشه هڪ آهي، ٻه ٿي نٿا سگهن. جيڪڏهن اسين بنا ڪنهن
طرفداريءَ جي، اداردل سان ڪنهن به سنت جي سکيا جي کوج
ڪنداسين ته اهوئي معلوم ٿيندو ته سنت چاهي ڪهڙي به ديس ۾
ڇو نه آيو هجي، سڀني جي پوتر نرمل ۽ سليس روحاني سکيا اهائي آهي
جيڪا ٻين سنتن جي آهي.

اسان ۾ ذات پات جو ڀيد ڀاو آهي. اسين هميشه اهوئي سوچيندا
رهندا آهيون ته هيءُ گرو، هن گروءَ کان مهان آهي، پر ڪو به گرو
جي اپديش کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري. جيڪڏهن سنتن جي
سکيا کي سمجهنداسين ته اهوئي معلوم ٿيندو ته سنت هڪ ئي آهن،
انهن ۾ ڪو به فرق ڪونهي. پر اسين هميشه ڪنهن نه ڪنهن طرح
پاڻ کي اوچو محسوس ڪرڻ چاهيندا آهيون ۽ جڏهن ستگرو اچي
اپديش ڏيڻ چاهين ٿا ته مٿن انهن کي سوريءَ تي چاڙهي، انهن جو
سِس لاهي، انهن کي ماري، زنده کل لاهي، تتل تئيءَ تي ترائي ۽
ڪجهه ٻين طريقن سان انهن کي ستائي، نهايت خوش ٿين ٿا. جڏهن
سنت هلي وڃن ٿا ته مٿن روئن ٿا، رڙيون ڪن ٿا. وڏا وڏا مندر،
ديوليون، وڏيون وڏيون عمارتون ٺاهين ٿا. اتهاس اسانکي اهڙئي
ٻڌائي ٿو.

هوندو ته هو پنهنجن ٻارن ٻين کان موڪلائي سگهي، پنهنجيءَ کي پيار ڪري سگهي؟

ج- توهانجي چوڻ جو اَرٿ اِهو آهي ته موت وقت به اِهو موهه هوندو نه؟ ته پوءِ توهين خود ئي اَنداز لڳايو ته پنهنجن سمرن ڪيتري سهائتا ڪئي آهي؟ پورو ستسنگي ته موت وقت، پنهنجيءَ ۽ ٻارن کي سهائتا به ڪونهي ۽ نه ڏسڻ ئي چاهيندو آهي. هو پنهنجي ڌيان کي ٻاهر آڻڻ به نه چاهيندو آهي. اهڙن ستسنگين کي ياد به نه رهندو آهي ته سندن ڪي سنساري سمبنڌ به آهن. اسانکي اڀياس ذريعي ويراڳ پيدا ڪرڻو آهي، اهوئي ڀڳتيءَ ۽ اڀياس جو مقصد آهي.

س- ٢٥٣. ڇا مان هڪ سوال پڇي سگهان ٿو؟ توهان ڪيترن ئي قسمن جي سنت ستگرن جو ورنن ڪيو هو ته ڪن جو پنهنجن ڪرمن جو حساب ئي سگهي ٿو، شايد اهي هڪ الڳ قسم جا سنت هوندا؟

ج- مون اِها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ئي ڪئي ته سنت ڪيترن ئي قسمن جا ٿيندا آهن. مان توهانکي سمجهايان ٿو ته هو اُنهيءَ پد ڪانئين ڪيئن پهچن ٿا. سنت چاهي مالڪ جا موڪليل هجن، چاهي ڪنهن سنت جي دَيا مهر سان اُنهيءَ سنت پد تي پهتا هجن يا جيئن ڪو مٿس محنت ڪري اَمر ٿيندو آهي، ممڪن آهي ته محنت سان اهڙي منزل تي پهتو هجي. اهڙيءَ طرح الڳ الڳ قسمن جي سنتن جي باري ۾ سمجهايو ٿي ته، هو ڪيئن ايندا آهن يا اُنهن کي پرماتما پاڻ موڪليندو آهي يا ڪنهن سنت ستگرو جي دَيا مهر سان سنت ٿيندا آهن يا محنت ڪري اهڙي اوستا پراپت ڪندا آهن. پر جڏهن هو هڪ دفعو اهڙي روحاني رسائي پراپت ڪندا آهن ته اُنهن جي وچار ڌارا، اُنهن جا اُپديش هڪجهڙا ئي هوندا آهن. اُنهن جي سکيا ۾ ڪو به فرق نٿو ٿي سگهي. اُنهن چاهي مشرق ۾ چاهي مغرب ۾ جنم ورتو هجي، اُنهن جو هڪ ئي اُپديش هوندو. اِها ڳالهه سمجهڻ نهايت آسان آهي.

پرماتما هڪ آهي، اُنهيءَ حقيقت کان ڪو به اِنڪار نٿو ڪري سگهي. ڪنهن کي اُنهيءَ جي اُبتڙ چوڻ جي همت ڪونهي. اسان کي

هڪ دفعو پوکيل ٻج ڪڏهن به ناس نٿو ٿئي. جيڪڏهن کيت اُپجائو آهي ۽ ٻج پيل آهي ته وقت پاڻي ضرور وٺندو. هڪ برسات ۾ نه ته ٻن ٽن برساتن بعد ضرور سلو نڪرندو. ٿي سگهي ٿو ته پاڻيءَ جي ضرورت پوي، پر ٻج ڦٽندو ضرور. اسين ستگروءَ جو انس آهيون، انهيءَ ڪري انهيءَ صاحب ۾ سمائجي وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. لازمي نه آهي ته ستگرو اسانکي نام ڏيئي، پلاڻي ڇڏيو آهي. هو اسانکي مالڪ سان ملائڻ لاءِ ذميوار آهي، پر اسانکي پنهنجو فرض ضرور پورو ڪرڻ گهرجي. پنهنجي فرض جي پورائي نه ڪندي، اسين واپس وڃي، انهيءَ صاحب ۾ سمائجي وڃڻ جا حقدار نٿا بڻجي سگهون. هو پنهنجي ديا مهر سان اسانکي پنهنجي فرض جي پوري ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ اسانکي انهيءَ جي پراپتي ٿئي ٿي، جنهن لاءِ اسين ڪوشش ڪريون ٿا.

س - ٢٥١. ستسنگين کي اهو گيان هوندو آهي ته الک وارو ستگرو پنهنجي نوري سروپ ۾ پرگهٽ ٿيندو آهي. ڪرهين اهو ٻڌائيندا ته ستگرو نوري سروپ ۾ ڪيترو وقت اڳ درشن ڏيندا آهن؟ ڇا، ٻن ڇئن مهينن جو وقت ڏنو ويندو آهي؟

ج - اهو، ستسنگيءَ جي پنهنجي نام جي ڪمائي، سندس شخصي موهه، پيڪعي، هنجي ڪرم ۽ ستگروءَ جي ديا مهر تي منحصر آهي. ڪيترين تي ڳالهيون آهن. ڪيترا دفعا، ڪجهه ڏينهن، مهينن، سالن جو وقت ملي ويندو آهي. ڪڏهن ڪجهه مدت اڳ، ۽ ڪڏهن بلڪل انت واري ٿي درشن ٿيندو آهي. ڪو خاص وقت مقرر ڪونهي. اهو هرهڪ ستسنگيءَ لاءِ الڳ الڳ هوندو آهي. جيڪڏهن اسين مارگ تي هلون ٿي نٿا، ته ٿي سگهي ٿو ته ستگرو درشن ٿي نه ڏين. هن تي انهيءَ لاءِ ڪو به بندش يا پابندي ڪونهي. جيڪڏهن هو چاهيندو ته درشن ڏيندو، پر اسانکي سندس آگيا ۾ رهي، انهيءَ لائق بڻجڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

س - ستسنگيءَ کي، گهٽ ۾ گهٽ، ايترو وقت ته ڏنو ويندو

سمجهون ٿا ته ڪنداسين، تنهن هوندي به اسانکي پرماتما جي نئين گهر ۾
قبول ڪيو ويندو. اسانکي سزا ڀوڳڻي پوندي. ٿي سگهي ٿو ته پتا
جي سزا، پوليس جي سزا کان وڌيڪ سخت هجي. پر تنهن هوندي به
اهڙي انتظام سان گڏ پريم به هوندو آهي، پيار جي ڀاونا هوندي
آهي ۽ نه بدلي جي. پتا ضرور چاهيندو آهي ته منهنجو پٽ سڌري
وڃي ۽ هڪ نيڪ انسان بڻجي، پر هو ڪڏهن به پنهنجي پٽ کي
پوليس يا جيل جي عملدارن جي حوالي نه ڪندو. اهڙيءَ طرح جيڪي
به نام مارگ تي آيا آهن، انهن جو ڪال وٽ واپس وڃڻ جو سوال ئي
پيدا نٿو ٿئي. پر جيڪڏهن هو ڪو برو ڪرم ڪن ٿا، صحيح ڪرم
نٿا ڪن ته سزا ملندي آهي، ڏنڊ ضرور ملندو آهي.

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن ڪيترائي دفعا فرمائيندا هئا ته
ڪنڀر ۾ ٻاهران باسڻ کي ٺپيندو آهي پر اندر هٿ به رکندو آهي.
مٿان ٺوڪي مٽيءَ کي ٿهلائي سڌو ڪندو آهي پر هنجو سهارو ڏيندڙ
هٿ هميشه هيٺان هوندو آهي، جيئن باسڻ کي صحيح آڪار پراپت
ٿئي. اهڙيءَ طرح سزا ملندي به هڪ مددگار يا سنڀاليندڙ هٿ هميشه
گڏ رهندو آهي. هن سنت مت ۾ ڪنهنکي به ناڪاميابي نٿي ملي.
جڏهن اسين ٻوڙي، پنهنجي نڪاٽي پنهنجيءَ منزل تي پهچڻ چاهيندا
آهيون ته اسين ڪرندا آهيون، اُتي وري ٻوڙندا آهيون ۽ وري
ڪرندا آهيون. پر جيڪڏهن منزل جو وشواس هوندو آهي ۽ اسين
سچي هردي سان ڪوشش ڪندا آهيون ته پوءِ پنهنجيءَ منزل، پنهنجي
نڪاٽي تي پهچي ئي ويندا آهيون. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسين هلڻ
تي شروع نٿا ڪريون ته ڪرنداسين ته نه، پر اڳتي منزل ڏانهن به ته
نه وڌنداسين. مارگ يا سفر ته گهٽبو ئي نه. جڏهن اسين ڪوشش
ڪنداسين ته ڪيترائي ڀيرا ڪرنداسين، پر ستگروءَ جو پريم ڀريو مددگار
۽ مهر ڀريو هٿ هميشه اسانجي سار سنڀال ڪندو رهي ٿو. اسانکي
صحيح مارگ تي آڻي، ڪمزورين تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ مدد
... پنهنجن ڪمزورين کان مٿي اٿي صحيح روحاني
پرم پتا پرماتما ۾ سمائجي وڃون.

ٿيڻ هوندي ۽ اسانکي معلوم ٿيندو آهي ته اسان ڪنهن جو درشن ڪيو آهي ۽ اسين انهيءَ تي سوچ ويچار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اسين اهو چئي نٿا سگهون ته اسان ستگروءَ کي ڏٺو آهي، ڇو ته جيڪي ڪجهه ڏسجي ٿو، اهو لابيان آهي. پر اندر اسين سڀ ڪجهه ڏسندا آهيون. انهيءَ ڪري ستگرو ته ستگرو ٿي رهندو، سروپ جي تبديليءَ جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. جيڪڏهن توهين ائين چئو ته ستگروءَ کي اهائي پوشاڪ هوندي، انهيءَ موٽر ڪار ۾ هوندا ته اهو صرف توهان جي پنهنجي سوچڻ جو ڍنگ آهي. ڇو ته جيڪي ڪجهه اندر ڏسجي ٿو، انهيءَ جو ذڪر ڪرڻ ناممڪن آهي، لابيان آهي.

س- منهنجي پڇڻ جو اهو ارٿ آهي ته ڇا سڀني شش لاءِ ستگروءَ جو هڪ ئي نوري سروپ هوندو آهي؟

ج- هو هڪ شڪتي آهي، هڪ سورج آهي. جيڪڏهن هزار پاڻيءَ جا مٽ آهن ته هر هڪ مٽ ۾ هڪ ئي سورج ڏسڻ ۾ ايندو. هر هڪ مٽ ۾ الڳ الڳ سج نه هوندو آهي، هڪ ئي سورج جو عڪس هوندو آهي. ستگرو هڪ آهي، پرماتما اسان سڀني جي اندر براجمان آهي. انهيءَ جو اهو ارٿ ناهي ته پرماتما انيڪ آهن، پرماتما ته هڪ ئي آهي، سڀني شش جي لاءِ هڪ ئي آهي. هو اسان سڀني جي اندر به آهي ۽ اندر هوندي به سڀني کان الڳ آهي.

س- ٢٤٩. جڏهن اندر وڃڻ بعد ستگروءَ جو درشن ٿيندو آهي، ستگروءَ سان ميلاپ ٿيندو آهي ته ڇا اها ڄاڻ روحاني منڊلن ۾ ٿيندي آهي يا جسماني حالت ۾ به؟

جڏهن اندر شبد پرگهٽ ٿئي ٿو، عيسيٰ فرمايو آهي ته مردا، زنده ٿي پوندا، ٻوڙا ٻڌڻ شروع ڪندا، انڌا ڏسڻ لڳندا ۽ لنگڙا هلڻ شروع ڪندا. اسين سڀ روحاني طور انڌا، ٻوڙا، لنگڙا ۽ مئل آهيون، پر جڏهن اسان جي اندرين اک کلندي، تڏهن اسين سچي روحانيت کي ڏسڻ شروع ڪنداسين، ٻڌنداسين، زنده ٿي وينداسين، مارگ تي سڌيءَ طرح هلڻ شروع ڪنداسين ۽ واپس وڃي پنهنجي مالڪ سان ملنداسين. "مئل منش، پرماتما جي پٽ جو آواز ٻڌندا ۽ جيڪي ٻڌندا، زنده ٿي ويندا." جيسين اسانکي اهڙو انڀو پراپت نه ٿيندو، تيسين اسين اکين هوندي به ڏسي نٿا سگهون، ڪنن هوندي به ٻڌي نٿا سگهون. اسانکي پرماتما ڏسڻ ۾ نٿو اچي. انڌو ڪير هوندو آهي؟ جنهنجي سامهون ڪا شيءِ بيٺي هجي ته ڪيس ڏسڻ ۾ نه اچي. اسان سيني کي اها ڄاڻ آهي ته پرماتما اسان سيني جي اندر آهي. ڪٽي ڪٽي، پتي پتي اندر آهي پر نه اندر، نه ٻاهر ڏسڻ ۾ اچي ٿو، انهيءَ ڪري اسين انڌا آهيون. جڏهن اندرين اک کلي ٿي، اندريان ڪن کلن ٿا، اسانکي پرڪاش به ڏسڻ ۾ اچي ٿو، شبد به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ۽ انهيءَ مڌر سنگيت، خاموش راڳ (انهد ناد) کي ٻڌي مئل، زنده ٿي وڃون ٿا. اسين سڀ مئل آهيون. سنسار طرف اسين زنده آهيون پر پرماتما طرف اسين مئل آهيون. اسين هن کي بلڪل وساري ويٺا آهيون ۽ سنسار جا پوريءَ طرح ٿي چڪا آهيون. پر جيڪو "امرت" "آبحيات" اندر هئو اسانکي پيئاري ٿو، اهو ئي اسين وري مردي مان زنده ٿيون ٿا. اهو امرت ئي اسين سنسار لاءِ مئل ۽ مالڪ لاءِ زنده ٿيون ٿا.

نئو تي سگهي. عيسيٰ اهو به فرمايو آهي ته جنهن پرماتما سان اسين ملڻ چاهيون ٿا، اهو ڪٿي به ٻاهر ڪونهي، اسانجي سربر اندر آهي. "چا توهانکي اها ڄاڻ ڪونهي ته توهين پرماتما جا مندر آهيو ۽ پرماتما جي چيتن شڪتي توهان جي اندر رهي ٿي." وري فرمايو اٿس، "توهين زنده پرماتما جا مندر آهيو." زنده پرماتما اسانجي اندر آهي، تنهنڪري اندر ئي هن جي کوج ڪرڻي آهي ۽ نه ٻاهر. اُن بعد هن فرمايو آهي، "منهنجي پتا جي گهر ڪيترين ئي منزلون آهن." يعني پنهنجي نج گهر پهچڻ کان اڳ ۾ اسانکي اَنيڪ منزلن مان لنگهڻو پوي ٿو. ۽ اهو به اشارو ڪيو آهي ته اسانکي پنهنجي گهر جو دروازو کڙڪائڻو آهي. "کڙڪايو ته اهو کلندو، تلاش ڪريو ته اُهو ملندو." دروازي کي هميشه ٻاهران کڙڪايو ويندو آهي ۽ اُهو اندران کلندو آهي. اسين ٻاهر آهيون، در اندر اکين جي پٺيان ٽئين تل ۾ آهي. اسانکي پنهنجي چيتن ڌارا کي هتي، گهر جي دروازي تي سميٽي، کڙڪائڻو آهي. کڙڪائڻ جو طريقو، خيال کي اتي ايڪاگر ڪرڻ يعني بيهارڻو آهي ۽ دوار اندران کلي پوندو. انهيءَ اسٿان تي اسانکي کوج ڪرڻي آهي، اُن بعد اسانکي پنهنجي اصلي گهر ڏانهن ويندڙ مارگ ملندو. مارگ تي هلڻ سان اسين اُنهيءَ پرماتما سان ميلاپ ڪنداسين، جنهنکي اسين اندر ڳولهي رهيا آهيون. اهي سڀ روحاني راز آهن، جن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

بائيبل ۾ اهو به لکيل آهي ته عيسيٰ فرمايو، "جيڪڏهن توهين هڪ اک وارا بڻجندا ته توهان جو سڄو سربر پرڪاش سان ڀرپور ٿي ويندو." جڏهن اسين دوار کڙڪايون ٿا ته ٻين اک يا هڪ اک ٿي ...وي ٿي ۽ اسانکي اندر پرڪاش ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اُنهيءَ پرڪاش ۾ سمائجي، هڪ تي وڃڻ کانسواءِ اسين روحاني مارگ تي هلي نٿا سگهون، جيسين اسانجي اندر انڌيرو رهي ٿو. اسانکي پنهنجي اصلي منزل جو پتو نٿو پوي، پنهنجي منزل کي ڏسي نٿا سگهون. عيسيٰ "شبد" يا "لوگاس" جو به ذڪر ڪيو آهي. هوا جيڏانهن به چاهي ڏانهن رخ رکي سگهي ٿي ۽ توهانکي اُنهيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو

اها ڳالهه هن پنهنجي شخصي شش کي، جن جو هو ستگرو هو، نهايت سٺي ڍنگ سان سمجهائي. اڄ اسين ۽ توهين انهيءَ اعليٰ هستيءَ کان، ڪو به فائدو نٿا وٺي سگهون. جيڪڏهن اسين سچ پچ عيسيٰ مسيح جا شيوڪ آهيون ته اسانکي زنده گروءَ جي تلاش ڪرڻي پوندي ۽ انهيءَ کان عيسيٰ جو اُپديش سکڻو پوندو ۽ سندس ٻڌايل سکيا انوسار هلڻو پوندو. جنهن جي پوئواري ڪندي، جيڪڏهن اسين چاهيون ته عيسيٰ مسيح جو به درشن ڪري سگهون ٿا.

اسين اڪثر اهڙين هستين ۾ پاڻ کي الجهائي رکون ٿا، پر نه انهن جي سکيائن ڏانهن ڪو ڌيان ڏيون ٿا ۽ نه ئي انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جيڪڏهن اسين عيسيٰ روحي شخصيت جي اصلي سکيائن کي سمجهون ته معلوم ٿيندو ته هو اسانکي ڪهڙي مارگ تي هلائڻ چاهي ٿو. هن پنهنجو روحاني مارگ طئه ڪيو ۽ اسانجي فائدي ۽ رهنمائيءَ لاءِ پنهنجو اُپديش ڏيئي ويو، پر اسين سندس سکيا ڏانهن ڪو به ڌيان نٿا ڏيون. اسين هن وقت به سندس شخصيت جي باري ۾ سوچيندا رهون ٿا. عيسيٰ مسيح جا شش، جيڪي سندس زندگيءَ جي عرصي ۾ سندس صحبت ۾ آيا، هن جي ديهه سروپ جو فائدو وٺي سگهيا ٿي. پر اڄ اسين ۽ توهين هن جي ديهه سروپ جو فائدو نٿا وٺي سگهون. اسين ته صرف سندس سکيا جو فائدو وٺي سگهون ٿا ۽ اُپديش مان فائدي وٺڻ لاءِ زنده گروءَ جو هجڻ ضروري آهي، تڏهن ئي اسين سچا عيسائي بڻجي سگهون ٿا ۽ هن جا سچا شيوڪ ۽ شش سڏائي سگهون ٿا. جيڪي ڪجهه مون بائيبل ۾ پڙهيو آهي، انهيءَ مان ته اهائي ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي.

عيسيٰ مسيح اهو به فرمايو آهي ته اسانکي واپس پرماتما ۾ سمائجي وڃڻو آهي. ”مان ۽ منهنجو پتا هڪ آهيون.“ ”مان پتا ۾ سمايل آهيان ۽ پتا مون ۾ سمايل آهي.“ هن اهو اشارو ڏنو آهي ته آتما، پرماتما جي انس آهي. جيسين آتما واپس وڃي مالڪ سان ميلاپ نه ڪندي، تيسين هن جنم مرڻ جي دکن مان ڪڏهن به ڇوٽڪارو

هر جڳهه پھچڻ سان، بار بار گرو بدلائڻ سان ڪجهه به پراپت نه ٿيندو. پنهنجي ستگروءَ لاءِ پورن وشواس ۽ سچي پڪتي پيدا ڪرڻي آهي، جيئن هو اسانجي رهنمائي ڪري سگهي. جيسين پورو وشواس حاصل نٿو ٿئي، تيسين اسانجو من اسانکي اڀياس ڪرڻ نه ڏيندو. ڇو ته اسانجي من ۾ انيڪ شڪ شبوهه، وهم پيدا ٿيندا رهندا ۽ اسين روحاني ترقي به نه ڪري سگهنداسين. سو عيسيٰ مسيح جي انهيءَ چوڻيءَ جو ارٿ اهو آهي ته گروءَ ۾ اٽل وشواس هئڻ گهرجي. پيو گرو اسانجو من ۽ اندريون آهن. اهو ناممڪن آهي ته اسين هڪ ئي وقت اندرين جا غلام به رهون ۽ مالڪ جا داس به. اهي ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جي اُبتڙ ۽ دشمن آهن. اسين ڪڏهن به هڪ وقت ٻن طرفن ڏانهن وڃي نٿا سگهون. يا ته اسين من ۽ اندرين جا غلام رهي سگهون ٿا يا روحاني اڀياس ذريعي ستگروءَ جي شيوا ڪري، واپس پرماتما ۾ سمائجي سگهون ٿا. عيسيٰ مسيح اهو به فرمايو آهي ته توهين پرماتما ۽ مايا، ٻنهي جي گڏ ڀڳتي نٿا ڪري سگهو. انهيءَ جو اَرٿ آهي ته جيسين اسانجو من سنسار جي ڌن دولت، ڪٽنب پريوار، مٽن مائٽن ۽ دوستن جي موهه ۾ ڦاٿل آهي، اسين روحاني رسائي ڪري مالڪ سان ميلاپ نٿا ڪري سگهون. جيڪو به پدارٿ اسانجي خيال کي مالڪ کان دور ڪري ٿو، اُهو مايا جو روپ آهي، خود مايا آهي. جيڪڏهن اسين توري به روحاني ترقي ڪرڻ چاهيون ٿا ته انهيءَ مايا کي پنهنجو گرو بنائڻ نه گهرجي. صرف اسانجو روحاني گرو ئي اصلي منزل تائين پهچڻ ۾ اسانجي مدد ڪري سگهي ٿو.

س - ٢٢٢. جيڪڏهن ڪنهن عيسائي ڌرم اختيار ڪيو هجي ۽ انهيءَ باري ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته اسان عيسائي ڌرم اختيار ڪيو آهي. انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ڪو ستسنگي بڻجڻ چاهي ته اُهو گرو ڪنهنکي مڃي ۽ ڪهڙيءَ طرح عيسيٰ ۽ ستگرو ٻنهي جي شيوا ڪري؟

صرف عيسائي بڻجڻ سان ئي توهانکي وشواس ٿي ويو ته هانجو گرو آهي؟ اهائي خاص ڳالهه آهي. جيڪڏهن

عيسائي توهانجو گرو آهي يا جڏهن به ڪو عيسائي بڻجي ٿو ته هو اُنهيءَ جو گرو بڻجي وڃي ٿو ته پوءِ توهانکي ٻئي گروءَ جي ضرورت نٿي ڪونهي. پر جيڪڏهن اهو صرف توهانجي من جو دوکو نٿي آهي ته عيسائي توهانجو گرو آهي ۽ دراصل هو گرو ناهي ته پوءِ توهانکي گروءَ جي ضرورت آهي.

پهرين، عيسائي جي اصلي سکيا صرف عيسائي ڌرم اختيار ڪرڻ کان بلڪل الڳ آهي. عيسائي مسيح جي اُپديش اَنوسار اسانکي ديهڌاري گروءَ جي کوج ڪرڻي نٿي آهي ۽ هنجي سکيا موجب هاڻ لاءِ صحيح مارگ اهو آهي ته زنده گروءَ جي صحبت ڪئي وڃي. عيسائي مسيح ڪيچ جڳياسن کي نام جي بخشيش ڪئي ۽ اُنهن کي پنهنجي نج ڌام پهچايو. هن فرمايو هو ته جيسين مان سنسار ۾ آهيان، مان سنسار جو پرڪاش آهيان. هن نهايت سهڻي نموني فرمايو آهي ته هيٺئر مان توهان سان گڏ آهيان پر ڪجهه وقت بعد مان توهانکي ڇڏي ويندس ۽ وري مان توهان وٽ ايندس. هن وقت توهان ۾ ڪيترا ئي شڪ شبوهه آهن پر جڏهن وري ڪجهه وقت بعد مان توهان سان گڏ هوندس تڏهن توهانکي ڪي به شنڪائون نه رهنديون. اهي سڀ غيبي ۽ روحاني اَرٿ سان ڀرپور ڳالهيون آهن. جڏهن عيسائي مسيح چيو ته مان توهانکي ڇڏي ويندس ته هنجو اشارو پنهنجي پنجن تتن واري سرير ڏانهن هو. اها ڳالهه هن پنهنجي خاص ششن کي چئي هئي. اڄ اسانکي يا توهانکي ڪونه چئي وئي. جڏهن هن پنهنجن اُنهن ششن کي، جنکي هن پنهنجيءَ زندگيءَ جي عرصي ۾ نام ڏنو هو، فرمايو، "ٿوري وقت بعد توهانکي منهنجو درشن ٿيندو"، تڏهن اُن جو اَرٿ هو ته جن توهانکي صرف پنهنجي ديهه سروپ ۾ ئي نام جي بخشيش نه ڪئي آهي، چيو ته جڏهن مان پنهنجي سرير جو تياڳ به ڪندس ته به پنهنجي نوري سروپ ۾ هميشه توهانجي اندر توهان سان اَنگ سنگ رهندس. عيسائي مسيح فرمايو ته مونکي ديهه سروپ ۾ ڏسي، توهانجي من ۾ اَنيڪ شنڪائون پيدا ٿيون. پر جڏهن ڪجهه عرصي بعد توهين منهنجي نوري سروپ کي اندر ڏسندا ته توهانجون سڀ شنڪائون دور ٿي وينديون.

هر ڳجهه ڳڻڻ سان، بار بار گرو بدلائڻ سان ڪجهه به پراپت نه ٿيندو. پنهنجي ستگروءَ لاءِ پورن وشواس ۽ سچي ڀڳتي پيدا ڪرڻي آهي، جيئن هُو اسانجي رهنمائي ڪري سگهي. جيسين پورو وشواس حاصل نٿو ٿئي، تيسين اسانجو من اسانکي اڀياس ڪرڻ نه ڏيندو. ڇو ته اسانجي من ۾ انيڪ شڪ شبوهه، وهم ڀرم پيدا ٿيندا رهندا ۽ اسين روحاني ترقي به نه ڪري سگهنداسين. سو عيسيٰ مسيح جي انهيءَ چوڻيءَ جو ارٿ اهو آهي ته گروءَ ۾ اٽل وشواس هئڻ گهرجي. ٻيو گرو اسانجو من ۽ اندريون آهن. اهو ناممڪن آهي ته اسين هڪ ئي وقت اندرين جا غلام به رهون ۽ مالڪ جا داس به. اهي ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جي اُبتڙ ۽ دشمن آهن. اسين ڪڏهن به هڪ وقت ٻن طرفن ڏانهن وڃي نٿا سگهون. يا ته اسين من ۽ اندرين جا غلام رهي سگهون ٿا يا روحاني اڀياس ذريعي ستگروءَ جي شيوا ڪري، واپس پرماتما ۾ سمائجي سگهون ٿا. عيسيٰ مسيح اهو به فرمايو آهي ته توهين پرماتما ۽ مايا، ٻنهي جي گڏ ڀڳتي نٿا ڪري سگهو. انهيءَ جو اَرٿ آهي ته جيسين اسانجو من سنسار جي ڌن دولت، ڪٽنب پريوار، مٽن مائٽن ۽ دوستن جي موهه ۾ ڦاٿل آهي، اسين روحاني رسائي ڪري مالڪ سان ميلاپ نٿا ڪري سگهون. جيڪو به پدارٿ اسانجي خيال کي مالڪ کان دور ڪري ٿو، اُهو مايا جو روپ آهي، خود مايا آهي. جيڪڏهن اسين ٿوري به روحاني ترقي ڪرڻ چاهيون ٿا ته انهيءَ مايا کي پنهنجو گرو بنائڻ نه گهرجي. صرف اسانجو روحاني گرو ئي اصلي منزل تائين پهچڻ ۾ اسانجي مدد ڪري سگهي ٿو.

س- ٢٢٢. جيڪڏهن ڪنهن عيسائي ڌرم اختيار ڪيو هجي ۽ انهيءَ باري ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته اسان عيسائي ڌرم اختيار ڪيو آهي. انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ڪو ستسنگي ٻڌڻ چاهي ته اهو گرو ڪنهنکي مڃي ۽ ڪهڙيءَ طرح عيسيٰ ۽ ستگرو ٻنهي جي شيوا ڪري؟

ج- ڇا صرف عيسائي ٻڌڻ سان ئي توهانکي وشواس ٿي ويو آهي ته عيسيٰ توهانجو گرو آهي؟ اهائي خاص ڳالهه آهي. جيڪڏهن

س - ته ڇا اسانکي سهس دل ڪنول تائين پهچڻ لاءِ شبد ڌن جي ضرورت ڪونهي، ڇو ته ڪلهه توهان اهو فرمايو هو ته سهس دل ڪنول تائين پهچي سگهجي ٿو......؟

ج - نه، مون چيو هو ته پنهنجي ڪوشش سان ٿوري گهڻي ترقي ڪري سگهجي ٿي، پر صرف پنهنجي ئي ڪوشش سان گهڻي ترقي نٿي ڪري سگهجي. انهيءَ لاءِ گروءَ جي ضرورت آهي. ستگرو شبد آهي ۽ شبد ستگرو آهي. اسان جو اصلي گرو شبد آهي، نام آهي، ٻاڻي آهي، انهيءَ کي جيڪي چاهيو اهو چئو. ستگرو شبد مان ئي اچي ٿو ۽ واپس شبد ۾ ئي سمائجي وڃي ٿو.

س - هينئر توهين چئو ٿا ته بنا نام دان، سهس دل ڪنول تائين نٿو پهچي سگهجي؟

ج - سهس دل ڪنول هن سنسار جيترو نڍو ڪونهي، هيءَ هڪ نهايت وڏو ڪنڊ آهي. پنهنجيءَ ڪوشش سان توهين انهيءَ جي هينئين حصي جي ڪناري تائين پهچي سگهو ٿا. پر سهس دل ڪنول تائين شايد نه پهچي سگهو. ڪيترا دفعا صرف عڪس ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ اسين سمجهندا آهيون ته اسانکي سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ويو. دراصل اهو صرف هڪ عڪس هوندو آهي، جيئن توهين پاڻيءَ ۾ سج جو عڪس ڏسندا آهيو. توهين پنهنجيءَ ڪوشش سان ضرور ڪجهه ترقي ڪري سگهو ٿا، پر هڪ مقرر حد تائين ئي ۽ اها به ڪافي ڪٺن ڪوشش ۽ محنت سان. انهيءَ ڪانپوءِ روحاني رسائي پنهنجو پاڻيهي نٿا ڪري سگهو ۽ ان بعد پنهنجي ڪوشش سان توهين اهو معلوم ڪري نه سگهندا ته توهين صحيح روحاني مارگ تي وڃي رهيا آهيو يا غلط مارگ تي. انهيءَ لاءِ ڪنهن رهبر جي ضرورت پوندي آهي.

س - ٢٢١. عيسيٰ مسيح جي انهيءَ فرمائڻ جو ڇا مطلب آهي ته توهين ٻن مالڪن جي سيوا نٿا ڪري سگهو؟

ج - اهو بلڪل ٺيڪ آهي. ايڪاگرچت ٿي پنهنجي ستگروءَ جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. "ڌوٻيءَ جو ڪتو نه گهر جو، نه گهاٽ جو."

استعمال ۾ آندو نه وڃي. تنهنڪري اسانکي ڪڏهن به فوٽي جو ڌيان
نه ڪرڻ گهرجي.

س- ٢١٩. ڇا ستگروءَ ۾ شڪتي آهي ته جڏهن ستسنگي اڀياس
ڪري ٿو، تڏهن هنجي ٽين اک کولي سگهي يا اسانکي ايترو تومل ۽
پوتر بڻجڻو پوندو آهي جو اندر جي اک خود بخود کلي پوي ۽ تڏهن
ستگرو انهيءَ کي کولڻ ۾ مدد ڪندو آهي؟

ج- ها، بنهي ڳالهين جي ضرورت آهي. ڪوشش به ڪرڻي پوي
ٿي ۽ ستگروءَ جي دّيا مهر به هميشه گڏ رهندي آهي. منهنجا ستگرو
فرمائيندا هئا ته جيڪڏهن شش هڪ قدم وڌي ٿو ته ستگرو ڏهه قدم
وڌي، پنهنجي شش کي وٺڻ ايندو آهي، جيڪڏهن اسين ڏهه قدم
وڌايون ٿا ته هو سؤ قدم وڌائي اچي ٿو. جيڪڏهن اسين پريم پيار
سان، پوتر هردي سان ڀڳتي ڪنداسين ته ستگرو پنهنجي دّيا مهر
کي ڪڏهن به نٿو روڪي. هنجي دّيا مهر هميشه ٿي رهي ٿي.

س- ٢٢٠. ڇا ڪو به شش بنا نام دان جي، سهس-دل-ڪنول تائين
پهچي سگهي ٿو؟

ج- ها، مان ائين نٿو چوان ته سهس-دل-ڪنول تائين، پر پنهنجي
ڪوشش سان، بنا ڪنهن رهبر جي، اسين صرف ڪنهن خاص حد
تائين وڃي سگهون ٿا. انهيءَ بعد رڪاوٽ ايندي آهي. اسين اڳيان
وڃي نه سگهنداسين. پنهنجيءَ ڪوشش سان يا پستڪن ۾ لکيل طريقي
انوسار اڀياس ڪرڻ سان ڪنهن حد تائين اندر پرڪاش ڏسي سگهجي
ٿو، ڌن ٻڌي سگهجي ٿي. پر پوءِ رڪاوٽ اچي ٿي ۽ اڳتي وڌي
نٿو سگهجي.

س- بنا نام دان منش ڪيستائين وڃي سگهي ٿو؟

ج- اهو سڀ منش جي ڪرمن تي منحصر آهي. بنا گروءَ جيترو
به ترقي اسين ڪريون ٿا، اها گذريل جنمن جي ڪرمن يا سنسڪار
سبب ٿيندي آهي، انهيءَ جو ورنن ڪرڻ نهايت مشڪل آهي، اس
ڪجهه ترقي ڪري سگهون ٿا، پر ڪنهن حد تائين.

هئڻ گهرجن، اُنهن سيني ڳالهين جي ياد ايندي آهي. گهر ۾ فوٽو يا تصوير رکڻ جو اِهوئي ارث آهي. اسانکي اُنهن تصويرن جي پوڄا ڪونہ ڪرڻي آهي. اِهي صرف اُنهن اِنسانن جي ياد ۽ اُنهن لاءِ پيار ٻڌائي رکن ٿا. اهڙيءَ طرح اسين اڪثر پنهنجي گهر ۾ پنهنجي ستگروءَ جو فوٽو رکندا آهيون، جيئن سندس ياد هميشه بڻي رهي ۽ سندس اُپديش ۽ هدايتن جو خيال رهي. سنت مت جي سڌانتن جي ياد رهي. جن تي هلڻ لاءِ ستگروءَ سکيا ڏني آهي. سکيا جيڪا هن ڏني آهي، اسانجي هردي ۾ هميشه تازي رهي. اهوئي فوٽو رکڻ جو مقصد آهي.

س- ڇا فوٽو ڏسڻ مان ڪو فائدو آهي؟

ج- نہ، اِنهيءَ مان ڪوبہ لاڀ ڪونهي. جڏهن منهنجي اچا بالڪ اوستا هئي تہ حضور مهاراج جن ڪافي وقت تائين پنهنجي فوٽو ڪڍائڻ جي اجازت نہ ڏني. جيئن ستسنگي سندن فوٽو جي پوڄا ڪرڻ نہ شروع ڪن. ڇو تہ عام اِنسان گذريل مهاتمائن جي تصوير جي پوڄا ڪندا آهن ۽ اُنهنجو ڌيان بہ ڪندا آهن، جيڪو سنت مت جي هدايتن موجب صحيح ناهي. عام ماڻهن لاءِ حضور مهاراج جن جي ٻهراڻ تصوير تڏهن ڪڍي وئي جڏهن ڊاڪٽر بڙاڪ اميريڪا مان انيڪ بار لکيو، "مان ڏسڻ ٿو چاهيان تہ منهنجي ستگروءَ جو سروپ ڪهڙو آهي." اهڙيءَ طرح صرف اميريڪا موڪلڻ لاءِ حضور مهاراج جن جو ٻهريون دفعو فوٽو ڪڍيو ويو. اُن بعد ڌيري ڌيري اِها تصوير پارٽ جي ڪجهہ خاص ستسنگين کي ڏني وئي. مونکي اُنهيءَ وقت جي ياد آهي تہ ستسنگين لاءِ اُنهيءَ فوٽو جي ڪاپي پراپت ڪرڻ هڪ وڏو مسئلو هو ڇو تہ اُنهن ڏينهن ۾ فوٽو گرافيءَ ۾ ايترو واڌارو ڪونہ ٿيو هو، جو جيڪو چاهي اُهو فوٽو ڪڍڻ لاءِ ڪئميرا کڻي اچي. پر جڏهن مهتا پريوار ۽ ٻيا فوٽو گرافيءَ جو ڌندو ڪندڙ ستسنگي ٿيا تہ مهاراج جن پنهنجو پاڻ کي لڪل رکي نہ سگهيا. جڏهن بہ ڪٿي ويندا هئا تہ ستسنگي مهاراج جن جو فوٽو ڪڍندا هئا. پر هو هميشہ اِنهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندا هئا تہ اِنهن تصويرن کي ڪڏهن بہ ڌيان ڪرڻ لاءِ

محدود ڪندا آهيون ته پوءِ اسين صرف پنهنجي ابتدائي ڪلاڪ ۾ سنگت جي ضرورت محسوس ڪندا آهيون نه سچو ڏيهن. اسانکي سچو ڏيهن ستسنگي بڻجي رهڻو آهي. اسان کي پنهنجو پاڻ ۾ اهڙو واتاورڻ پيدا ڪرڻو آهي جو جيڪو به اسانجي صحبت ۾ اچي، خود بخود انهيءَ اثر هيٺ اچي متاثر ٿئي. ڀارت ۾ به اهڙيءَ طرح ڪرڻو آهي ۽ هتي امريڪا ۾ به ساڳيءَ طرح ڪرڻو آهي. انهيءَ ۾ ڪو به فرق ڪونهي. ستگروءَ ۽ شش جي رچ ۾ استان يا مفاصلي جي ڪا خاص ڳالهه ڪانهي.

س - ٢١٨. جيڪڏهن ستگروءَ جي ديهه سروپ جو ساڪيات درشن ڪيو هجي ته ڇا انهيءَ جي وڃڻ بعد سندس فوٽي يا تصوير تي ڌيان لڳائي ڏسڻ سان اهوئي ڦل پراپت ٿيندو؟

ج - مان توهانکي "درشن" جو ارٿ ڇا آهي، اهو سمجهائيندس. اسين پنهنجي پياري کي ڇو ڏسندا آهيون؟ ڇو ته اسين کيس پيار ڪريون ٿا. اسين هنکي پنهنجن اکين کان پري ڪرڻ نه چاهيندا آهيون، ڇو ته ان سان اسانکي پريم آهي. اسانکي هميشه اهوئي اندر چاهه هوندو آهي ته بس صرف اسين کيس ڏسندا ئي رهون، ڏسندا ئي رهون. جيڪڏهن اسين انهيءَ جي ڪارڻ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته شايد سمجهه ۾ ڪجهه به نه ايندو. پر اسين هنجو درشن ڪندا آهيون، جيئن اسين هن سان ميلاپ ڪريون. تي سگهي ٿو اهو مانسڪ ميلاپ هجي يا انهيءَ ڪري جو اسين هن ڪانسواءِ رهي نٿا سگهون. اهڙي اوستا اسانجي اندر مان ئي پيدا ٿئي ٿي.

ستگروءَ جي درشن جو ارٿ اهوئي آهي ته جڏهن اسين سڄڻ ۾ وهون ته اسين سندس ڏئل سروپ جي ڌيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهون. اسان کي فوٽي يا تصوير جو ڌيان ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. فوٽو ته صرف گروءَ جي ياد قائم رکڻ لاءِ هوندو آهي، جيئن اسين گهر ۾ پنهنجن رشتيدارن يا دوستن جا فوٽا رکندا آهيون پر اسين ڪڏهن به انهنجو ڌيان ڪونه ڪندا آهيون. گهمندي ڦرندي انهنکي ڏسندا آهيون ته انهنجو پيار، انهنجا اپڪار ۽ انهن لاءِ اسانجا ڪهڙا فرض

لاءِ پرديس وڃي، ستگروءَ جي صحبت ۾ رهي ڀڳتي ڪرڻ ناممڪن آهي؟

ج - جڏهن توهانکي اهو پورن وشواس ٿيندو ته ستگروءَ جو هجڻ ضروري آهي ته توهانکي ستگرو ضرور ملندو.

س - ٢١٧. مهاراج جي، هتي پشچمي ملڪن ۾ اسانکي روحاني سفر جو احساس ڪندي، ستگروءَ جي درشن ڪرڻ جو موقعو نهايت گهٽ ملندو آهي. انهيءَ باري ۾ توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟

ج - ٺيڪ آهي. سچو درشن ته دراصل اندر آهي. هرهڪ مشش کي اندر ۾ درشن لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي آهي. باهريون درشن به سٺو آهي پر انهيءَ ڳالهه کي حقيقي درشنيءَ سان ڏسڻو آهي. تنهنڪري انهيءَ ڪميءَ سبب اسان کي پاڻ ۾ گڏجي ستسنگ ڪرڻ گهرجي، سنت مت ساهتيه پڙهڻ گهرجي ۽ ڀڄن سمرن کي وقت ڏيڻ گهرجي.

ستسنگ مان انيڪ فائدا آهن، جيڪڏهن ان ۾ ڪوبه وير ورود، ساڙ حسد ناهي بلڪ هڪ ٻئي ۾ پريم پيار وڌندو رهي. ستسنگ بحث مباحثي يا پنهنجن ويچارن يا اوچائيءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ نه ڪيو وڃي. ستسنگ ڪرڻ جو مقصد اهو نه آهي. اها ته ستسنگ جي اعلى مقصد کان ابتڙ ڳالهه آهي. ستسنگ جو ضرورت آهي، اسان ۾ نمرتا پيدا ڪرڻ، هڪ ٻئي سان ملي پريم پيار وڌائڻ ۽ نام مارگ تي هلڻ لاءِ هڪ ٻئي ۾ اتساهه ۽ شوق پيدا ڪرڻ. اسان کي اهڙو مثال ئي ڏيکارڻ گهرجي جو جيڪڏهن ڪنهنجي من ۾ ڪو شڪ شبهو هجي ته اهو اسان کي ڏسي واپس صحيح مارگ تي اچي وڃي. اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ ئي ستسنگ جو صحيح مقصد آهي. ڇو ته صرف مشين طور ٻه اڍائي ڪلاڪ ڀڄن سمرن ڪري، ان بعد سنت مت کي وساري ڇڏڻ مناسب ناهي. اسان کي سنت مت ۾ رهڻو آهي، جيئن اسين سڄو وقت ڏينهن انهيءَ ۾ ئي رهون. اهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو، جڏهن اسين پنهنجي چوڌاري، سنت مت جي ماحول ۾ هر وقت رهندا آهيون. جيڪڏهن اسين انهيءَ واتاورڻ کي صرف ڏهر ٽائين

سگهي ٿي. ستگرو ڪڏهن ڏوهي پاڻ سان اسانکي جوڙيندو آهي. اهو
به ان تي نيڪ آهي.

س - انهيءَ حالت ۾ ستگروءَ جو ڌيان ڪيئن ڪيو وڃي؟

ج - ڪجهه پوتر نامن جي سمرن ڪرڻ وقت اکين جي مرڪز تي ستگروءَ جي سروپ جو ڌيان ڪرڻو آهي، پر جيڪڏهن ستگروءَ جي ديهه سروپ جو درشن نه ٿيو هجي ته پوءِ صرف ڌيان کي ٽين تل تي اسٿر رکي سمرن ڪندو رهجي. اهڙيءَ حالت ۾ به ستگروءَ جو اندر درشن ٿيندو آهي. صرف خيال ٽئين تل ۾ رکي سمرن ڪرڻو آهي. انهيءَ اوستا ۾ به اهوئي ستگرو ساکيات پرگهٽ ٿيندو. جيڪڏهن ستگروءَ سان ديهه سروپ ۾ ميلاپ ٿيو آهي، سندس درشن ڪيو آهي، ته پوءِ انهيءَ جي سروپ جو ڌيان ڪرڻو آهي، نه سندس ڪنهن فوٽي يا تصوير جو. ائين ڪرڻ نيڪ ناهي.

جڏهن ستگرو نامدان جي بخشش چاهي خود ڪري ٿو يا ڪنهن جي دواران ڪري ٿو ته ان وقت هو نام ڏيڻ لاءِ خود حاضر هوندو آهي. جيستائين قدر ستگروءَ جو سوال آهي، هن لاءِ جڳهه ۽ مفاصلو ڪا به معنيٰ نٿو رکي، پر ستگروءَ جي ديهه سروپ ۾ حاضر هجڻ سان نام وٺندڙ کي ضرور ڪجهه فائدو ٿئي ٿو جيڪو شايد ڪنهن ٻيءَ طرح نام وٺڻ ۾ نه به ٿيندو هجي. روحاني اڀياس ۾ ان تي فائدو ٿيندو. چاهي توهان ستگروءَ جو درشن ڪيو آهي ۽ خود هن کان نام ورتو آهي يا هن جي مقرر ڪيل عيوضيءَ کان نام ورتو آهي. جيستائين قدر نام جي بخشش جو تعلق آهي، نام سڌيءَ طرح ستگروءَ کان ئي پراپت ٿئي ٿو. انهيءَ کي به اڀياس ۾ اهوئي ڦل ملندو جيڪو ستگروءَ جي سامهون نام وٺندڙ کي ملندو. شش ضرور ستگروءَ جو درشن ڪرڻ ۽ سندس سان ملڻ سٺو سمجهندو آهي، پر پڇين سمرن يا روحاني ترقيءَ جي درشٽيءَ کان انهيءَ ۾ ڪو به فرق نٿو پوي.

س - ٣١٦. مهاراج جي، اسين نوڪري پيشي وارا ماڻهو آهيون. جنهن ۾ اسانجو ڏڻندو آهي ۽ رشتي ڪرڻي آهي، انهيءَ موجب ته اسان

هن سان پيار ڪريون ٿا، هنجي ڀڳتيءَ ۾ رهون ٿا، هن سان جڙيل رهون ٿا، هنجي تلاش ڪندا رهون ٿا يا هنجي صحيح روحاني مارگ تي هلندا رهون ٿا ته پوءِ اسين خود ۾ سکي رهون ٿا ۽ اسان کي سنسار ۾ رهندي ڀي شانتي ملي ٿي. پر جڏهن اسين هنکي وساري ويهون ٿا يعني آڌر جو سهارو ڇڏي ٿا ڏيون، هيءُ سنسار اسان لاءِ دک جو روپ ٻڻجي پوي ٿو.

هن دنيا ۾ چاهي ڪيترا ڀي راڄنيتي اڳوان، سماج سڌارڪ ڇو نه اچن، اهي ڪڏهن به پرڳتي ۽ راڄنيتڪ بنياد تي شانتي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهندا. پر جيڪڏهن روحاني طور شانتي پراپت ڪئي وڃي ته اها شانتي اصلي ۽ استر رهندي.

س - ٢١٥. مون هڪ پستڪ ۾ پڙهيو آهي ته جيسين ديهه سروپ ۾ گروءَ جو درشن نه ٿيو آهي، تيسين اندرين رسائي ڪري سچکنڊ پهچڻ ناممڪن آهي. ڇا اهو صحيح آهي ته ٻاهرين ستگروءَ جو ساکيات ميلاپ هئڻ ضروري آهي؟

ج - انهي جو ارٿ آهي ته ديهڌاري گروءَ جو هئڻ ضروري آهي.

س - مون پستڪ مان ائين سمجهيو ته ستگروءَ کان ئي ساکيات نام وٺڻ ضروري آهي. ڇا اهو صحيح آهي؟

ج - شايد توهان اها ڳالهه چڱيءَ طرح ڪونه سمجهي آهي. جڏهن ستگرو ڪنهنجي دوارا نام جي بخشش ڪري ٿو تڏهن هو خود انهيءَ لاءِ ذميوار هوندو آهي، ڇو ته دراصل نام هو ئي ڏيندو آهي. جڏهن عيوضيءَ دوارا هو نام ڏيندو آهي، انهيءَ جي ڪا به ذميواري نه هوندي آهي. ڇو ته اهو عيوضي صرف هڪ ذريعي ماتر ئي هوندو آهي. اهڙيءَ طرح نام پراپت ڪندڙ منش جو دراصل ستگروءَ سان ميلاپ ٿي ويو آهي. سنت مت جي سڌانت موجب ديهه ڌاري گروءَ سان تعلق يا ميلاپ هئڻ نهايت ضروري آهي. جيڪڏهن توهين خود هن جي سامهون ويهي سگهو ته بهتر آهي پر جيڪڏهن ائين نه ٿي

ڪرڻ لاءِ هزارين، ليڪن ماڻهن کي مارڻ کان بہ نٿا هٻڪن. انين نہ آهي تہ انهن کي ڌرم لاءِ پيار هوندو آهي، صرف ڌرم جي اوٽ وٺي، پنهنجو راڄنيتي سوارٿ سِڌ ڪرڻ چاهيندا آهن. پر اسانجي ۽ توهانجي ڳالهہ ڪير ٿو ٻڌي؟ اسانکي سچي شانتي صرف پنهنجي آندر ئي ملي سگهي ٿي. جيسين پنهنجي آندر انهيءَ آنند جي کوج نہ ڪبي، تيسين هن سنسار ۾ اسين ڪڏهن بہ خوش نہ رهي سگهنداسين. جيڪڏهن اسين ڪڏهن دکي آهيون، آندر ئي آندر چنتا آهي، نهايت اشانت آهيون تہ پوءِ چاهي رهڻ لاءِ محل هجي، کائڻ لاءِ هر قسم جا پدارٿ هجن، اوڙي پاڙي جا ماڻهو خوش مزاج ڇو نہ هجن پر اسين خوش نٿا ٿي سگهون. اسانکي ڪا بہ ڳالهہ ڪونہ وڻندي. پر جڏهن آندر خوشي هوندي آهي تہ جنهن بہ پدارٿ کي ڏسبو آهي تہ آهو خوبصورت ۽ پيارو لڳندو آهي، انهيءَ ۾ خوشي حاصل ٿيندي آهي. قدم قدم تي خوشيءَ وچان نچندا ٽپندا آهيون.

مان اڪثر هڪ مثال ڏيندو آهيان تہ هڪ ٻالڪ جڏهن پنهنجي پتا جي آڱر پڪڙي ميلو ڏسڻ ويندو آهي تہ کيس ميلي جي هرهڪ وستو سٺي ۽ سهڻي لڳندي آهي. ڪنهن جڳهہ تي ٻالڪ راند روند ڪري رهيا آهن تہ ڪٿي پاليل جانورن ۽ مڇين جو تماشو آهي، ڪٿي گيت سنگيت وڄي رهيو آهي تہ ڪٿي نهايت خوبصورت ٻاجي جي سجاوٽ آهي. انيڪ قسمن جا خوشي بخشيندڙ ساز سامان آهن. انهن کي ڏسي ٻالڪ سوچيندو آهي تہ شايد انهن سڀني پدارٿن مان خوشي ملي رهي آهي. پر جيڪڏهن غلطيءَ سبب ٻالڪ پتا جي آڱر کي ڇڏي جدا ٿي ويو تہ هوُ روئڻ چلائڻ شروع ڪندو آهي. ميلي جا اهي سڀ پدارٿ انهيءَ وقت حالت ۾ ئي هوندا آهن، پر اهي کيس سٺا نٿا لڳن. اُن بعد کيس معلوم ٿئي ٿو تہ ميلي ۾ سک، شانتي ۽ آنند تيسين ملي سگهيو ٿي، جيسين هوُ پنهنجي پتا جي آڱر کي پڪڙي هليو ٿي. اهڙيءَ طرح اسان سڀني جو هڪ ئي پتا آهي. جيئن تہ بائيبل ۾ فرمايو ويو آهي، "توهانجو پرم پتا هڪ ئي آهي". جيسين اسين هنجي حڪم ۾ رهون ٿا، هنجي آڱر جو سهارو وٺون ٿا،

گهرجي. شايد ئي ڪو اهڙو انسان هجي جنهنکي شانتي نه گهرجي.
سوال ته اهو آهي ته اسين جتي شانتيءَ جي کوج ڪري رهيا آهيون
ڇا اُتي شانتي ملي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن اسين راڄنيتڪ، مالي ۽
پنگتي شانتيءَ جي کوج ڪري رهيا آهيون ته اُها ڪڏهن به نه ملندي،
اتهاس جو آزمودو ڪڏهن به همتائيندڙ نه رهيو آهي. اسين هميشه
هڪ ٻئي سان وڙهندا رهندا آهيون. سنسار ۾ ڪيترائي اعليٰ سماج سڌارڪ،
اخلاقي اڳواڻ آيا پر نه اسين نيڪ مڙس ٿيڻ سکياسين ۽ نه ئي اسانجي
شانتيءَ ۾ ڪو واڌارو ٿيو. اسين پاڻ ۾ وڙهندا ئي رهياسين. مان
سمجهان ٿو ته اسانجي ويچار ڌارا ئي غلط آهي.

جيڪڏهن اسين روحاني ۽ آڌ ياتمڪ طور، روحاني مرڪز ۾ شانتيءَ
جي کوج ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اِها شانتي اسانکي پنهنجي اندر
ئي ملي ويندي ۽ ٻاهر به جتي اسين وينداسين، شانتي ئي ڦهلائينداسين.
جيڪڏهن سچي شانتيءَ جي کوج ڪرڻي آهي ته سرير جي اندر کوج
ڪرڻي پوندي. جيسين اسين شانتي پنهنجي اندر پراپت نه ڪنداسين
تيسين ٻاهر، شانتي ڪڏهن به نه ملي سگهندي. جيترو مالڪ جي ويجهو
ويندا اوترو ئي اسين هڪ ٻئي جي ويجهو ٿينداسين. جيترو هن کان
دور، اوترو هڪ ٻئي کان جدا ٿيون ٿا ۽ نفرت ڪرڻ شروع ڪريون
ٿا. جيڪڏهن سچ پچ اسين شانتي چاهيون ٿا ته اندر وڃڻ گهرجي. انهيءَ
مول استان ڏانهن ڌام واپس وڃڻ گهرجي. جيترو اُن جي ويجهو ٿيندا
وينداسين، اوترو ئي پاڻ ۾ ويجهو ٿيندا وينداسين. انهيءَ ڪري ئي
عيسيٰ فرمايو هو، ”هڪ ٻئي سان پيار ڪريو.“ هڪ ٻئي سان اسين
تڏهن ئي پيار ڪري سگهنداسين، جڏهن اسين پرماتما سان پريم
ڪنداسين، پنهنجي اصلي منزل سان پيار ڪنداسين ۽ روحاني طور
هڪ ٿينداسين. شانتيءَ جي کوج ۾ اسان روحاني منزل کي وساري
ڇڏيو آهي.

اسانجا راڄنيتي نيتا به روحاني منزل کي روحانيت لاءِ نه پر
راڄنيتي ڪم ڪارين لاءِ استعمال ڪرڻ چاهين ٿا. انهنجي دلچسپي
صرف عهدي ۽ ووٽن ۾ آهي، اسان ۾ يا توهان ۾ نه. هو پدوي حاصل

ءِ تي سچ پچ هلڻ چاهيندا آهيون تہ قدرت خود بخود روحاني
ي تي هلڻ ۾ اسانجي مددگار ٿيندي آهي. پر انهيءَ ٻاري ۾ اسانجي
ا پرابل هئڻ گهرجي. پرمارٿي مارگ جو گيان ۽ سمجهہ هئڻ گهرجي ۽
هيءَ تي عمل ڪرڻ جو چاهہ هئڻ گهرجي. جڏهن اسانجي اندر سچي
ڙق پيدا ٿيندي تي تڏهن انهيءَ ڳالهہ جي ذميواري پرماتما تي آهي
نہ هوءَ اسانکي صحيح مارگ تي آڻي ۽ مالڪ جي ديا مهر سان ئي
زندهہ ديههَ ڌاري گرو ملي ويندو آهي جيڪو روحاني سفر ۾ رهنمائي
ڪري مالڪ سان ميلاپ ڪرائي ٿو.

س- منهنجو مطلب آهي تہ ڇا گروءَ جو ديههَ سروپ هئڻ ضروري
آهي؟ اسانجو ديههَ ڌاري گرو ... وشواس ڪندا آهيون.

ج- اسين انهيءَ ۾ وشواس آهي. ... همت وڌائڻ لاءِ، هنجي
هئڻ ۾ وشواس آهي. ڇا گرو شش جي ... وقت لاءِ ئي اندر

س- ٢/٣. مهاراج جي، نہ هوندي بہ هيڪي توري وقت لاءِ ئي اندر ... ڪئي بہ
لازمي نام جي ڪمائي ... شش انهيءَ حد تائين رسائي ڪئي بہ
ونڃي ويندو آهي، ڇاهي انهيءَ ... ڪيترا ڏهاڙا نام دان ڪان ا؟
نہ هجي؟

ج- ها پيڻ، ائين ٿي ويندو آهي. وشواس پيدا ڪرڻ لاءِ، مارگ تي استو
بہ اهڙيءَ طرح ٿيندو آهي. نظارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ نام دان بعد
رکڻ لاءِ، اسانکي اندر ڪجهہ ... اوستا تائين بہ نہ پهچندا
بہ جڏهن اسين اندر وڃڻ يا پردي کڻڻ جي ... رهندا آهن. جيئن اسين گهراهہ
آهيون تہ ڪي نہ ڪي نظارا نظر ايندا رهون. پر روحاني ... ابياس ذريعي
نہ ٿيون، مارگ تي چڱيءَ طرح هلندا ... ڪرڻي پوندي آهي، جيئن انهي
ستسنگيءَ ڪي خود روحاني چڙهائي ... پوءِ بہ ائين ٿي ويندو آهي
سچي ڳالهين جو ڪيس انيؤ تي سگهي. ... ۽ شانتي چاهين ٿا. ڇا انهيڪي

س- ٢/٤. جيڪي مشن سکہ ۽ شانتي ... وانگر گروءَ جي ضرورت آهي؟
روحاني ترقي چاهيندڙ جگياسن ... تہ هر هڪ مشن کي
ج- ... هڪ ستسنگ سڀا ۾ چيو هو تہ ...

ج - ها، ضرور انهن ڪيو هوندو. مونکي سنت فرانسس جي اتهاس
جي باري ۾ ڄاڻ ڪونهي. جيئن مون هندو اتهاس ۽ ليکڪ وغيره نه
پڙهيا آهن، تيئن انهيءَ باري ۾ مان پنهنجا وچار پيش نٿو ڪري
سگهان. مونکي سڀني سنتن لاءِ هر طرح عزت ۽ پيار آهي.

س - ٢١٢. مان سٽسنگي نه آهيان پر اڄ رات جو جيڪو سٽسنگ ٻڌو
انهيءَ باري ۾ سوچي مان نهايت حيران آهيان ته گروءَ جي رهنمائيءَ
کانسواءِ ڪو به پرماتما کي ڏسي نٿو سگهي. جيتوڻيڪ عيسيٰ جو به نالو
ورتو ويو آهي. تنهن هوندي به ڇا ”گروءَ“ جو مطلب صرف ڪنهن
پوربي يا هندستاني گروءَ سان ئي آهي. جنهنڪي مڃڻ گهرجي. مان
امريڪا جي ڳالهه ڪري رهي آهيان، جتي اسانکي پورب يا هندستاني
چال چلگت رهڻي ڪهڻي، سوچ ويچار جي طور طريقي جي ڪا به ڄاڻ
ڪونهي. تنهنڪري جيڪي ڪجهه چيو ويو آهي شايد انهيءَ ڳالهه کي
اسين چڱيءَ طرح سمجهي نه سگهون ۽ نه ئي ان تي عمل ڪري سگهون.
جيڪڏهن ڪو مٿش اهو محسوس ڪري ٿو ۽ ٻڌي ٿو ته بنا گروءَ
اسين پرماتما کي نٿا ملي سگهون ته اهو ٻڌي اسين نراس ۽ بي همت
ٿي سگهون ٿا ته پنهنجي سنسڪرتي ۽ سڀيتا موجب رهندي گرو نٿو
ملي سگهي؟

ج - جيتري قدر بائيبل سان لاڳاپو آهي ۽ (اهو منهنجو ويچار ۽
وشواس آهي ته هرهڪ عيسائي بائيبل پڙهندو آهي) انهيءَ ۾ اها ڳالهه
بلڪل چڱيءَ طرح لکي وئي آهي ته اسين گروءَ کانسواءِ پرماتما سان
واپس ميلاپ نٿا ڪري سگهون. گروءَ جي مدد بنا اسين واپس مالڪ
وٽ پهچي نٿا سگهون. عيسيٰ فرمايو آهي، ”جنهن مون کي ڏٺو آهي
انهيءَ پرم پتا کي ڏٺو آهي.“ وري فرمايو ويو آهي، ”ڪو به مون
کانسواءِ مالڪ سان ملي نٿو سگهي.“ عيسيٰ پنهنجي وقت جو گرو هو.
جيتري قدر سدانت يا فيلسوفيءَ جو سوال آهي، اها ڳالهه پورب يا
پشچم ۾ صاف چٽي وئي آهي. اها اسانجي پنهنجي اڇا آهي ته اسين
انهيءَ ڳالهه کي مڃون يا نه مڃون، وشواس ڪريون يا نه ڪريون.
جڏهن هردو پوتر ۽ نرمل هوندو آهي، سدانت سمجهه ۾ ايندا آهن ۽

گروءَ جي ضرورت رهي ٿي ۽ ستگرو هوندو ئي آهي. پرماتما جو اهوئي قانون آهي.

س- ٢١١. مهنجي ٻارنا، ڪنهنجي ۾ ايمان ڪرڻ جي ڪونهي. مان ته صرف پنهنجي پسنديءَ سنتن جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان. جيئن سنت فرانسس، سنت جان آف دي ڪراس جي باري ۾ چيو ويندو آهي ته هو ڪافي رسائيءَ وارا مهاتما هئا. مان انهيءَ طور ته اهو چئي نٿو سگهان ته انهنکي پورو پراپتي ٿي هئي يا نه، ڇوته عيسيٰ، جنهنجا هو شش هئا، انهيءَ وقت ۾ ڪونه هو. عيسيٰ هڪ هزار سال اڳ ٿي چڪو هو. مونکي انهيءَ لاءِ اچرج ٿو لڳي ته ”اسسيءَ جو سنت فرانسس“ هڪ اعليٰ سنت ۽ پورو پراپتي ڪندڙ مهاتما ڪيئن هو؟ ساڳي ڳالهه ”ڪراس جي سنت جان“ جي باري ۾ به آهي. توهان هينئر فرمايو ته انهن کي ديهه ڌاري گروءَ جي ضرورت هئي، پر هو ته عيسيٰ جي پوڄا ڪندا هئا، جنهنکي گذري هڪ هزار سال ٿي ويا هئا. انهنکي روحاني گيان ۽ پرڪاش ڪيئن پراپت ٿيو؟

ج- هر هڪ جڳهه ۾ سنت ستگرو ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. گرو صرف ڪنهن خاص ذات، ڌرم، ديش، وقت يا جڳهه ۾ ئي نه ٿيندا آهن. سنسار ۾ گرو هميشه هوندو آهي.

س- منهنجو مطلب آهي ته انهن سنتن عيسيٰ کانسواءِ ٻئي ڪنهن کان به نام جي بخشش پراپت ڪونه ڪئي؟

ج- جيڪو ليکه هينئر پڙهيو ويو، اهو ڪنهن ليکڪ جي ”گروءَ جي ضرورت“ جي کوج جي هڪ رپورٽ آهي. انهيءَ جو اهو مطلب ناهي ته هن سنسار جي سڀني سنتن جا نالا لکيا آهن. هن صرف ڪجهه سنتن جو مثال ڏيندي، جيڪي ڪجهه هنکي سمجهاڻو هو، انهيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪي ڪجهه هو چوڻ چاهي ٿو، اهوئي سڀني سنتن فرمايو آهي. هن انهيءَ ليکه ۾ سڀني سنتن جو اتهاس ڪونه ڏنو آهي.

س- ڇا سنت فرانسس کي پنهنجي گروءَ جي لاءِ شردا ظاهر ڪرڻ ناتي جو ذڪر ڪرڻ کپندو هو؟

يا نه، سوامي جن جو گرو ضرور هو. پر مان انهيءَ باري ۾ ڪو به بحث مباحثو ڪرڻ نٿو چاهيان.

س- ٢١٠. ڇا عيسيٰ مسيح جو به گرو هو؟

ج- مان اتهاس جو وديارٿي ڪونه آهيان. اهو ڪم تواريخ نويسن جو آهي ته هو ثابت ڪن ته عيسيٰ مسيح جو گرو ڪير هو. شايد ”جان دي بيپٽسٽ“ ڪٿي فرمايو آهي ته هن عيسيٰ مسيح کي بپتسما يعني نام جي بخشيش ڪئي هئي. مونکي اها ڄاڻ ڪونهي ته عيسيٰ مسيح جو رهبر يا گرو ڪير هو، پر هن جو گرو ضرور هوندو. جنهن گروءَ ۾ اسانجو ايترو اٽل وشواس آهي، انهيءَ جو به گرو آهي، انهيءَ ڳالهه مڃڻ ۾ هن جي مهما يا وڏائي گهٽ نٿي ٿئي. انهيءَ ڳالهه ۾ ته ٻاڪ هنجي وڏيڪ مهانتا آهي، ڇو ته هو خود پنهنجي مثال ذريعي جگياسن کي انهيءَ روحاني گيان ۽ نرمل پرمارٿي مارگ جي اصلي سکيا کي ثابت ڪري ٿو ته هرهڪ مٽش کي گروءَ جي ضرورت آهي. اها ڳالهه ته تواريخ نويس ئي ٻڌائي سگهن ٿا ته عيسيٰ مسيح جو گرو ڪير هو. پر اهو ضرور آهي ته جيڪا اصلي روحاني سکيا هن اسانکي ڏني آهي، اها بنا گروءَ ڪيس پراپت ڪونه ٿي هئي. صرف اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته گروءَ جي ضرورت آهي، انهيءَ لاءِ سنتن جو هڪ ناڻي مالڪ گرو ٿي سگهي ٿو، پر هرهڪ ستگروءَ جو گرو هوندو ئي آهي. جيئن ڪالهه مون توهانکي سمجهايو هو ته جيڪڏهن ڏيئو تيار آهي ته پرڪاش لاءِ هڪ ماچيس جي ضرورت هوندي آهي. ڪجهه ماڻهن کي ميڻ يا تيل جي ضرورت پوندي آهي، انهن لاءِ ڪجهه ڳوڙهي ۽ انهيءَ ڪجهه مان وٽ به ناهٽي پوندي آهي ۽ ان بعد ئي انهيءَ ڏيئي کي ٻاري سگهبو آهي. تنهنڪري اهڙا سنت، جنکي جيڙ آتمائن جو رهبر بڻجڻو آهي ۽ هن سنسار ۾ صرف انهيءَ لاءِ ئي ايندا آهن ته جيئن هو اسانکي سکيا ڏيئي سگهن، اهي هميشه پورڻ ئي تيار هوندا آهن. انهنکي روشن ڪرڻ ۽ پورن گرو بڻائڻ لاءِ صرف هڪ ٻئي ڏيئي جي ضرورت هوندي آهي. اهو روشن روحاني ديپڪ هنجو گرو هوندو آهي. هنکي

انسان جي ضرورت آهي جيڪو خود شبد سان جڙي چڪو هجي،
شبد ۾ سمائجي ويو هجي ۽ اهڙو انسان زنده ستگرو ئي آهي.

س- ٢٠٩. مهاراج جي، سار وچن (انگريزي) جي مهاڳ ۾ لکيل
آهي ته سوامي جن ١٧ سالن تائين هڪ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ ابهياس ڪيو
۽ ان بعد راڌا سوامي سکيائن جو پرچار ڪيو. انهيءَ جو ارٿ اهو ٿيو
ته شروع ۾ سندن ڪوبه گرو نه هو، مان اهو معلوم ڪرڻ لاءِ منتظر
آهيان ته ڇا هو ان درجي جي گرن مان هئا، جيڪي سنت پرماتما
وٽان ايندا آهن؟

ج- عام طور هر هڪ سنت جو شش اهو ڪڏهن به نه چوندو آهي
ته سندن گروءَ جو به ڪو گرو هو. پنهنجي گروءَ جي ادب سبب ائين
ڪندا آهن. هو سوچيندا آهن ته انهن جو گرو خود ايترو مهان هو، جو
ڪنهن گروءَ جي ضرورت ئي نه هئي. دراصل سوامي جن جو گرو هو.
مان اتهاس يا انهن ڳالهين جي مونجهاري ۾ داخل ٿيڻ نٿو چاهيان، پر اها
پڪ آهي ته سوامي جن جو گرو هو، جنهن کين مارگ تي آندو، اندر
۽ ٻاهر جيڪي ڪجهه کين ڏيڻ چاهيو ٿي، ڏنو ۽ ٻين ماڻهن کي مارگ
ٻڌائڻ يا نام جي پرچار ڪرڻ کان اڳ سوامي جن خود ابهياس ڪيو،
نام جي ڪمائي ڪئي. ساڳيءَ طرح گرو نانڪ صاحب جن جو گرو هو،
ڪبير صاحب جن جو به گرو هو. پر ڪنهن به سنت جا شش اهو وشواس
نٿا ڪن ته سندن گروءَ کي به گروءَ جي ضرورت هئي. پر شردا ۽
ڀڳتيءَ وچان اسين ڪجهه ڪري اهو سوچيندا آهيون ته جيڪڏهن اسين
اها ڳالهه قبول ڪنداسين ته اسانجي گروءَ کي به پنهنجو ستگرو هو ته
شايد اسانجي گروءَ جي مهما يا مان مرتبو گهٽجي ويندو. مهاتمائن جو
ڪوبه گرو ڪونه هو، ائين چوڻ انهنجي سکيا جي بنياد يا جڙون ڪٽڻ
برابر ٿيندو. هر هڪ گروءَ کي گروءَ جي ضرورت آهي. گرو ٻڻجڻ کان
اڳ هو شش هوندو آهي. جيڪڏهن شش به گروءَ جهڙي روحاني اوستا
پراپت ڪري ٿو ته اهو به گرو ٻڻجي سگهي ٿو. مان توهانجي انهيءَ
ڳالهه سان سهمت نه آهيان ته سوامي جن جو گرو ڪونه هو. اوڪ مجين

آهيون ۽ وري واپس وڃي اُنهيءَ ۾ ئي سمائجي وڃڻو آهي. ان لاءِ ئي اسين سڀ ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

س- مهاراج جي، جيڪڏهن اسين پرڪاش ڏسڻ جي قابل ٿي سگهون، هر وقت، هر پل، لڳاتار اُنهيءَ کي ڏسندا رهون ته ڇا اسانکي هتي رهڻ جي ضرورت پوندي؟

ج- نه، پوءِ اسين اُنهيءَ روحاني جوت ۾ ئي رهنداسين.

س- پوءِ اسين هن سنسار ۾ نه هونداسين. ها نه؟

ج- اسين واپس اُنهيءَ ۾ سمائجي وينداسين. اُنهيءَ کان دور رهڻ چاهيندو به ڪير؟ پاڻيءَ جو قطرو، نه اُنهيءَ غلاظت ۽ مٽيءَ جو حصو بڻجي رهڻ چاهيندو ۽ نه ئي ساگر يا بادل جو، جنهن مان هو آيو آهي، وڇوڙو برداشت ڪرڻ چاهيندو.

س- اُن بعد اسين پنهنجي زندگيءَ ۽ موت جا پاڻ مالڪ آهيون؟

ج- ها، اهو ئي ڀڄن سمرن جو مقصد آهي. هن وقت من جو اسان تي ضابطو آهي. اسين من ۽ اندرين کي وس ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، جو ته اُن بعد ئي اسين پرڪاش جو هڪ چيتن انگ يا حصو بڻجي سگهون ٿا.

س- ٢٠٨. مهاراج جي، توهان فرمايو آهي ته جڏهن شش شبد ڌن سان جڙي ويندو، تڏهن اهو "الاهي آواز" کيس مٿي ڇڪي پنهنجي مول استان يا نج گهر وٺي ويندو، جتان اهو شبد نڪتو آهي. جيڪڏهن انهيءَ شبد ڌارا کي ئي مٿي ڇڪي وٺي وڃڻو آهي ته پوءِ گروءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

ج- ستگروءَ جو ڪم آهي، هن کي شبد سان جوڙڻ ۽ روحاني راهه تي سندس همراهه ٿي وڃڻ، جيئن هو مارگ ۾ ايندڙ پرلوڀن ۾ نه ڦاسجي، صحيح راهه کان گمراهه نه ٿي وڃي. اندر شبد ڌن ۽ ستگروءَ ۾ ڪو به فرق ڪونهي. اها شبد ڌارا ئي توهانجو گرو آهي، هر هڪ انسان کي زنده ديهه ڌاري گروءَ جي ضرورت پوي ٿي جيڪو هن کي اندر شبد روپي گروءَ سان جوڙي. اسان کي ٻاهر اهڙي

ج - نه نه، اهو پرڪاش ته پسن ۽ ڪيڙن ماڪوڙن ۾ به آهي پر اسين انهن جونين ۾ اچڻ نٿا چاهيون.

س - هر هڪ انسان پنهنجي طور - طريقي، انهيءَ پرڪاش جو احساس ڪري ٿو، جنهن کي ٻاهرين صلاح مصلحت جي ضرورت نٿي پوي جو جيڪو جيئن اندر ئي پرڪاش آگاهه ڪري ٿو ته هينئر توکي ڇا ڪرڻو آهي؟ ان لاءِ ٻاهرين طور پڇڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

ج - پر افسوس ته ائين ئي آهي ته هو اسان کي نٿو ٻڌائي ته ڇا ڪرڻ گهرجي.

س - هو اسان کي ضرور ٻڌائي ٿو.

ج - اهو درست، پرڪاش اسان جي اندر آهي، پر جيسين اسان انهيءَ جو ديدار نه ڪيو آهي ۽ ان ۾ سمائجي نه ويا آهيون، تيسين انهيءَ روحاني روشنيءَ جو گيان پراپت نٿو ٿئي. جيئن ته عيسيٰ فرمايو آهي، "جڏهن توهين هڪ اک وارا ٿيندا. تڏهن توهانجو سمورو سرير انهيءَ پرڪاش سان روشن ٿي ويندو." اسين انهيءَ کان بيخبر آهيون.

س - پر ڪو به ماڻهو، ڪنهن ٻئي کي نٿو ٻڌائي سگهي؟

ج - انهيءَ روحاني روشنيءَ کي ڏسڻ لاءِ توهانکي اها "اندرين اک" کولڻي آهي. پرڪاش ته بيشڪ اندر آهي، اهو ڪٿان به ٻاهران نٿو اچي. پر اسان کي اها چيتن شڪتي پنهنجي اندر پيدا ڪرڻي آهي، اها اک کولڻي آهي جيڪا پرڪاش کي ڏسي سگهي. ٻيا ڪهڙا اصلي اپاءَ جي، اهو صرف چوڻ ماتر ٿيندو، "مان ۽ پتا هڪ آهيون" انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته اسين هڪ آهيون پر جيسين اسان پنهنجي روحاني راهه جي رڪاوٽن کي دور نه ڪيو آهي، سڀني ديوارن کي هٽايو نه آهي، تيسين حقيقي روپ ۾ اسين مالڪ سان ملي هڪ ٿي نٿا سگهون. من جي عقل ٻڌيءَ انوسار ته اهڙي طرح چئي سگهجي ٿو، پر دراصل عملي طور اسان ۾ ۽ پرم پتا ۾ نهايت گهڻو فرق آهي. اسين سڀ انهيءَ پرڪاش جا ڪرڻا آهيون. اسين انهيءَ مان پيدا ٿيا

آهيون ۽ وري واپس وڃي انهيءَ ۾ ٿي سمائجي ويٺا آهيون. ان لاءِ ئي اسين سڀ ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

س- مهاراج جي، جيڪڏهن اسين پرڪاش ڏسڻ جي قابل ٿي سگهون، هر وقت، هر پل، لڳاتار انهيءَ کي ڏسندا رهون ته ڇا اسانکي هتي رهڻ جي ضرورت پوندي؟

ج- نه، پوءِ اسين انهيءَ روحاني جوت ۾ ئي رهنداسين.

س- پوءِ اسين هن سنسار ۾ نه هونداسين. ها نه؟

ج- اسين واپس انهيءَ ۾ سمائجي وينداسين. انهيءَ کان دور رهڻ چاهيندو به ڪير؟ پاڻيءَ جو قطرو، نه انهيءَ غلاظت ۽ مٽيءَ جو حصو بڻجي رهڻ چاهيندو ۽ نه ئي ساگر يا بادل جو، جتان هو آيو آهي، وڇوڙو برداشت ڪرڻ چاهيندو.

س- ان بعد اسين پنهنجي زندگيءَ ۽ موت جا پاڻ مالڪ آهيون؟

ج- ها، اهو ئي پڄڻ سمرن جو مقصد آهي. هن وقت من جو اسان تي ضابطو آهي. اسين من ۽ اندرين کي وس ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، جو ته ان بعد ئي اسين پرڪاش جو هڪ چيتن انگ يا حصو بڻجي سگهون ٿا.

س- ٣٠٨. مهاراج جي، توهان فرمايو آهي ته جڏهن شش شبد ڌن سان جڙي ويندو، تڏهن اهو ”الاهي آواز“ کيس مٿي ڇڪي پنهنجي مول استان يا نج گهر وٺي ويندو، جتان اهو شبد نڪتو آهي. جيڪڏهن انهيءَ شبد ڌارا کي ئي مٿي ڇڪي وٺي وڃڻو آهي ته پوءِ گروءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

ج- ستگروءَ جو ڪم آهي، هن کي شبد سان جوڙڻ ۽ روحاني راهه تي سندس همراهه ٿي وڃڻ، جيئن هو مارگ ۾ ايندڙ پرلوڀن ۾ نه ڦاسجي، صحيح راهه کان گمراهه نه ٿي وڃي. اندر شبد ڌن ۽ ستگروءَ ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. اها شبد ڌارا ئي توهانجو گرو آهي، هرهڪ انسان کي زنده ديهه ڌاري گروءَ جي ضرورت پوي ٿي جيڪو هنکي اندر شبد روپي گروءَ سان جوڙي. اسان کي ٻاهر اهڙي

ج - نه نه، اهو پرڪاش ته پسن ۽ ڪيڙن ماڪوڙن ۾ به آهي پر
اسين انهن جوتين ۾ اچڻ نٿا چاهيون.

س - هرهڪ انسان پنهنجي طور - طريقي، انهيءَ پرڪاش جو
احساس ڪري ٿو، هن کي ٻاهرين صلاح مصلحت جي ضرورت ٿي
پوي جو جو ڪيس اندر ئي پرڪاش آگاهه ڪري ٿو ته ٻيهر توکي
ڇا ڪرڻو آهي؟ ان لاءِ ٻاهرين طور پڇڻ جي ضرورت ئي ڪونهي.

ج - پر افسوس ته اهو ئي آهي ته هو اسان کي نٿو ٻڌائي ته ڇا
ڪرڻ گهرجي.

س - هو اسان کي ضرور ٻڌائي ٿو.

ج - اهو ديوي پرڪاش اسان جي اندر آهي، پر جيسين اسان انهيءَ
جو ديدار نه ڪيو آهي ۽ ان ۾ سمائجي نه ويا آهيون، تيسين انهيءَ
روحاني روشنيءَ جو ڪيان پراپت نٿو ٿئي. جيئن ته عيسيٰ فرمايو آهي،
"جڏهن توهين هڪ اک وارا بڻجندا. تڏهن توهانجو سمورو سرير انهيءَ
پرڪاش سان روشن ٿي ويندو." اسين انهيءَ کان بيخبر آهيون.

س - پر ڪو به ماڻهو، ڪنهن ٻئي کي نٿو ٻڌائي سگهي؟

ج - انهيءَ روحاني روشنيءَ کي ڏسڻ لاءِ توهانکي اها "اندرين
اک" کولڻي آهي. پرڪاش ته بيشڪ اندر آهي، اهو ڪٿان به ٻاهران
نٿو اچي. پر اسان کي اها چيتن شڪتي پنهنجي اندر پيدا ڪرڻي
آهي، اها اک کولڻي آهي جيڪا پرڪاش کي ڏسي سگهي. بنا ڪنهن
اصلي انڀو جي، اهو صرف چوڻ ماتر ٿيندو، "مان ۽ پتا هڪ آهيون"
انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته اسين هڪ آهيون پر جيسين اسان پنهنجي
روحاني راهه جي رڪاوٽن کي دور نه ڪيو آهي، سڀني ديوارن کي
هٽايو نه آهي، تيسين حقيقي روپ ۾ اسين مالڪ سان ملي هڪ ٿي
نٿا سگهون. من جي عقل بڌيءَ انوسار ته اهڙي طرح چئي سگهجي ٿو،
پر دراصل عملي طور اسان ۾ ۽ پرم پتا ۾ نهايت گهڻو فرق آهي.
اسين سڀ انهيءَ پرڪاش جا ڪرڻا آهيون. اسين انهيءَ مان پيدا ٿيا

آهيون ۽ وري واپس وڃي اُنهيءَ ۾ ٿا سمائجي وڃون. اِن لاءِ ئي اسين سڀ ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

س- مهاراج جي، جيڪڏهن اسين پرڪاش ڏسڻ جي قابل ٿي سگهون، هر وقت، هر پل، لڳاتار اُنهيءَ کي ڏسندا رهون ته ڇا اسانکي هتي رهڻ جي ضرورت پوندي؟

ج- نه، پوءِ اسين اُنهيءَ روحاني جوت ۾ ئي رهنداسين.

س- پوءِ اسين هن سنسار ۾ نه هونداسين. ها نه؟

ج- اسين واپس اُنهيءَ ۾ سمائجي وينداسين. اُنهيءَ کان دور رهڻ چاهيندو به ڪير؟ پاڻيءَ جو قطرو، نه اُنهيءَ غلاظت ۽ مٽيءَ جو حصو بڻجي رهڻ چاهيندو ۽ نه ئي ساگر يا بادل جو، جتان هو آيو آهي، وڇوڙو برداشت ڪرڻ چاهيندو.

س- اُن بعد اسين پنهنجي زندگيءَ ۽ موت جا پاڻ مالڪ آهيون؟

ج- ها، اهوئي پڄن سمرن جو مقصد آهي. هن وقت من جو اسان تي ضابطو آهي. اسين من ۽ اِندرين کي وس ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، ڇو ته اُن بعد ئي اسين پرڪاش جو هڪ ڇيتن انگ يا حصو بڻجي سگهون ٿا.

س- ٣٠٨. مهاراج جي، توهان فرمايو آهي ته جڏهن شش شبد ڌن سان جڙي ويندو، تڏهن اهو ”اِلاهي آواز“ کيس مٿي ڇڪي پنهنجي مول اِستان يا نج گهر وٺي ويندو، جتان اهو شبد نڪتو آهي. جيڪڏهن اُنهيءَ شبد ڌارا کي ئي مٿي ڇڪي وٺي وڃڻو آهي ته پوءِ گروءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

ج- ستگروءَ جو ڪم آهي، هن کي شبد سان جوڙڻ ۽ روحاني راهه تي سندس همراهه ٿي وڃڻ، جيئن هو مايا ۾ ايندڙ پرلوڀن ۾ نه قاسجي، صحيح راهه کان گمراهه نه ٿي وڃي. اندر شبد ڌن ۽ ستگروءَ ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. اها شبد ڌارا ئي توهانجو گرو آهي، هرهڪ انسان کي زنده ديهه ڌاري گروءَ جي ضرورت پوي ٿي جيڪو هنکي اندر شبد روپي گروءَ سان جوڙي. اسان کي باهر اڏڙي

ج- نه نه، اهو پرڪاش ته پسن ۾ ڪيڙن ماڪوڙن ۾ به آهي پر اسين انهن جهڙن ۾ اهو نٿا چاهيون.

س- هر هڪ انسان پنهنجي طور-طريقي، انهيءَ پرڪاش جو احساس ڪري ٿو، ڇا ڪنهن ٻاهرين صلاح مصلحت جي ضرورت ٿئي ٿي جو جيڪو ڪير اندر ۾ پرڪاش آگاهه ڪري ٿو ته هينئر ٿو ڪي ڇا ڪرڻو آهي؟ ان لاءِ ٻاهرين طور پڇڻ جي ضرورت ئي ڪونهي.

ج- پر افسوس ته اهو ئي آهي ته هو اسان کي نٿو ٻڌائي ته ڇا ڪرڻ گهرجي.

س- هو اسان کي ضرور ٻڌائي ٿو.

ج- اهو ديوي پرڪاش اسانجي اندر آهي، پر جيستين اسان انهيءَ جو ديدار نه ڪيو آهي ۽ ان ۾ سمائجي نه ويا آهيون، تيستين انهيءَ روحاني روشنيءَ جو گيان پراپت نٿو ٿئي. جيئن ته عيسيٰ فرمايو آهي، "جڏهن توهين هڪ اک وارا ٿيندا. تڏهن توهانجو سمورو سرير انهيءَ پرڪاش سان روشن ٿي ويندو." اسين انهيءَ کان بيخبر آهيون.

س- پر ڪو به ماڻهو، ڪنهن ٻئي کي نٿو ٻڌائي سگهي؟

ج- انهيءَ روحاني روشنيءَ کي ڏسڻ لاءِ توهانکي اها "اندرين اک" کولڻي آهي. پرڪاش ته بيشڪ اندر آهي، اهو ڪٿان به ٻاهران نٿو اچي. پر اسان کي اها ديويشڪتي پنهنجي اندر پيدا ڪرڻي آهي، اها اک کولڻي آهي جيڪا پرڪاش کي ڏسي سگهي. ٻيا ڪيئن اصلي اهو جي، اهو صرف چوڻ ماتر ٿيندو، "مان ۽ پتا هڪ آهيون" انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته اسين هڪ آهيون پر جيستين اسان پنهنجي روحاني راهه جي رڪاوٽن کي دور نه ڪيو آهي، سڀئي ديوارن کي هٽايو نه آهي، تيستين حقيقي روپ ۾ اسين مالڪ سان ملي هڪ ٿي نٿا سگهون. من جي عقل ٻڌيءَ انوسار ته اهڙي طرح چئي سگهجي ٿو، پر در اصل عملي طور اسان ۾ ۽ پرم پتا ۾ نهايت گهڻو فرق آهي. اسين سڀ انهيءَ پرڪاش جا ڪڻا آهيون. اسين انهيءَ مان پيدا ٿيا

اها ڳالهه سوچڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي تہ اسين ڪڏهن واپس ويندا سين، ڇو تہ هتي بہ تہ انهيءَ پرڪاش جي ئي شيوا ڪري رهيا آهيون؟

ج- اسين انهيءَ پرڪاش جا انگ آهيون، انهيءَ مالڪ، شڪتيءَ پرماتما يا جيڪي ڪجهہ توهين چئو، انهيءَ جو انس آهيون. اسين هن وقت انهيءَ پرماتما کان وڇڙي چڪا آهيون ۽ ڪايا روپي قيد ۾ بند آهيون. اسين عقل پڌيءَ سان تہ چئي سگهون ٿا تہ اسين پرميشور آهيون، پر جيسين اسين سرير ۾ قيد آهيون، انهيءَ ۾ فرق آهي. جڏهن اسانجي سرت اوچي اوستا پراپت ڪندي، روحاني روشنيءَ جو درشن ڪري انهيءَ ۾ سمائجي وينداسين تڏهن ئي اسين چئي سگهون ٿا تہ اسين پرڪاش آهيون، اسين پرماتما آهيون.

س- پر مان تہ پاڻ کي قيدي محسوس نٿو ڪريان. مان تہ ائين ٿو سمجهان تہ هرهڪ سواس کڻندي مان انهيءَ پوتر پرڪاش جي شيوا ڪري رهيو آهيان.

ج- توهين ڪيئن ٿا سمجهو تہ توهين انهيءَ پرڪاش جي شيوا ڪري رهيا آهيو؟ ڏسو، اسين تہ من ۽ اندرين جي زبردست آهيون.

س- مان اهو پرڪاش آهيان، جيڪو ڪروڙين ورهين ۽ جڳن کان آهي ۽ جنهنجو ڪڏهن بہ انت نہ ٿيندو.

ج- انهيءَ جو ڪڏهن بہ انت نہ ٿيندو. هن سرير ڪانپوءِ توهان کي ٻيو سرير ملندو ۽ ان بعد هڪ ٻيو ۽ اهڙيءَ طرح ئي اهو سلسلو جاري رهندو.

س- اسين سڀ انهيءَ پرڪاش سان گڏ ۽ هڪ آهيون.

ج- سموري سرشٽي ئي پرماتما سان گڏ آهي، هڪ آهي.

س- اسين انهيءَ کي پنهنجي من سان ملائي ٿا ڇڏيون ۽ تعجب ۾ پئجي ٿا وڃون تہ ڇا ڪريون. پر اسانکي اهڙيءَ طرح ڪرڻ جي ضرورت ناهي، جيڪڏهن اسانکي گمان ٿي وڃي تہ اسين سڀ ڪو هڪ آهيون.

س - اسين ڪڏهن به ناس يا ختم نه ٿيندا اسين. اسانجي نه ڪا آد آهي ۽ نه ڪو انت.

ج - اهو صحيح آهي. پر ڇا سچ پچ توهان اُنهيءَ پرڪاش کي ڏٺو آهي؟ ڇا توهان کي اهو گيان آهي ته توهين اُنهيءَ جو هڪ انس آهيو؟

س - جيڪڏهن اسين آتما جو مندر آهيون ته ازخود اُنهيءَ پرڪاش جا انس آهيون؟

ج - من ۽ پڙهيءَ انوسار ته اسين، ائين سوچيندا آهيون پر دراصل اسين عملي طور، اُنهيءَ ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ چاهيون ٿا.

س - ته ڇا اسين اُنهيءَ سان هڪ آهيون ۽ اسان کي اُنهيءَ جي ڄاڻ ڪونهي؟

ج - "مان ۽ پرم پتا هڪ آهيون" چوڻ جي خيال کان مان ائين چئي سگهان ٿو، "مان پرماتما آهيان" پر هتي ته مان هڪ قيدي آهيان ۽ پرماتما صرف تڏهن ئي ڇوائي سگهندس جڏهن اُنهن سڀني بندنن کان آزاد ٿي، اُنهيءَ صاحب ۾ سمائجي ويندس. اُنهيءَ کي پرپو پراپتي چئبي ٿو.

س - مان نٿو سمجهان ته مان قيدي آهيان. مان سمجهان ٿو ته مان پرڪاش جو هڪ حصو آهيان ۽ پرماتما جو ئي ڪم ڪري رهيو آهيان.

ج - اسين سڀ اُنهيءَ پرڪاش جو انس آهيون.

س - جيڪڏهن مونکي هڪ سؤ دفعا جنم وٺڻو به پوي تڏهن به مان اُنهيءَ پرڪاش جو ئي ڪم ڪري رهيو آهيان. ته پوءِ اُنهيءَ ڳالهه جي چنتا جو ڪرڻ گهرجي ته هيءَ ڪاريه ڪڏهن سماپت ٿيندو؟

ج - نه، اسين سڀ هن سرشٽيءَ جو ئي ڪم ڪري رهيا آهيون. اُنهيءَ ڪم پوري ڪرڻ ڪانسواءِ هيءَ رچنا يا سرشٽي رهي به نٿي سگهي.

س - مان اها ڳالهه سمجهان ٿو پر اسين جيڪڏهن خود آتما جو مندر آهيون ته پوءِ قدرتي اسين خود پرڪاش به آهيون ته پوءِ اسانکي

آهيون ، صرف پنهنجن ماسترن سبب . ساڳيءَ طرح اسانکي گروءَ جي به ضرورت آهي ، اسانکي هڪ رهبر جي ضرورت آهي ، جيڪو روحاني راهه تي لڳائي ۽ رهنمائي ڪري . جڏهن اسانکي انهيءَ مارگ جو گيان ٿي وڃي ٿو ، گروءَ جي فرض ۽ ذميوارين جي ڪجهه ڄاڻ ٿئي ٿي تڏهن پنهنجو پاڻيهي اها سمجهه اچي ٿي ، احساس ٿئي ٿو ته اسان لاءِ گرو ڪيترو ڪجهه ڪري رهيو آهي . اسان تي ڪنهن به ڳالهه کي مڃڻ يا ڪنهن ڪم ڪرڻ جي ڪابه زبردستي يا بندش ڪونهي . اها سموري سمجهه اندران ٿي اچي ٿي ۽ جڏهن به اچي ٿي اندران ٿي اچي ٿي . روحاني انيؤ يا سچو گيان اسانجي اندر آهي .

س - هن سچڻ جي سوال مان مون لئين سمجهيو آهي ته ستگرو خود هڪ مهان هستي آهي ، پنهنجو پاڻ هڪ پرڪاش آهي ، جيڪو صرف پرڪاش جي ئي باري ۾ ڳالهه بوله ڪري ٿو يا انهيءَ جو ورنن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ؟

ج - ستگرو نه صرف انهيءَ جو ذڪر يا ورنن ڪري ٿو بلڪ اسانجي اندر رهنمائي به ڪري ٿو ۽ آخر اسين ستگروءَ ۾ سمائجي وڃون ٿا ۽ ستگرو ستپرش ۾ سمائجي وڃي ٿو . اسين سڀ ملي هڪ ٿي وڃون ٿا . هرهڪ انهيءَ ساگر جي لهر آهي . لهر ساگر مان اچي ٿي ۽ جيڪي ڪجهه هنکي ڏنو ويندو آهي ، انهيءَ کي ساڻ کڻي ساگر ۾ ئي سمائجي ويندي آهي .

س - ۲۰۷. جيڪڏهن اسين آتما جو منڊ آهيون ته پوءِ اسا انهيءَ پرڪاش سان هميشهه گڏ آهيون ، جنهنجو نه آد آهي نه انت

ج - اهو ٺيڪ آهي .

س - جيڪڏهن اسين پرڪاش سان هميشهه گڏ آهيون ته پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ جي صلاح يا سکيا جي ڪهڙي ضرورت آهي ؟

ج - ڇاڪاڻ ته اسين هينئر انهيءَ سان هڪ نه آهيون . انهيءَ ڪري اسانکي سکيا ، صلاح جي ضرورت آهي جو اسين وري انهيءَ پرڪاش سان هڪ ٿيڻ چاهيون ٿا .

نام جي بخشش تي ڇڪي آهي تنهنڪري ٻاهرين گروءَ جي ضرورت ناهي. اهڙن ماڻهن کي ڇا چئجي؟

ج - پڻ، توهان هندستان ۾ ڏٺو آهي، اميريڪا ۾ ڏٺي آهي. هيٺ توهين انهي جي مشابهت بهتر نموني ڪري سگهو ٿا ڇو جو توهين ٻئي ديس ڏسي چڪا آهيو. ٻين ته صرف پارت ئي ڏٺو آهي ۽ هينئر اميريڪا کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. صحيح راهه تي اچڻ لاءِ اسانکي گروءَ کان نام جي بخشش وٺڻ نهايت ضروري آهي. نام وٺڻ ڪا ريت رواج ڪونهي. اهو اسانجي زندگيءَ کي نيڪ روشن ڪرڻ لاءِ هڪ اهميت ڀريو انگ آهي. ستگرو هميشه انگ سنگ هوندو آهي. نام ڏيئي هو اسان کي وساري نٿو. هو هميشه اسانجي مدد ۽ رهنمائيءَ لاءِ ساڻ هوندو آهي. اسان کي ضرورت هجي يا نه هو اسانجي رهنمائي ڪرڻ لاءِ گڏ هوندو آهي. آخر ۾ نام، گرو، شبد، ڌن، آتما، پرماتما جي ايڪتي ۽ پرماتما، سڀ ملي هڪ ٿي ويندا آهن. اهي صرف واپس وڃي، انهيءَ ۾ سمائجي وڃڻ لاءِ هڪ ساڌن ماتر آهن.

س - ٢٠٦. ستگروءَ جي شخصيت هڪ پوڄاري يا ڀڳت کان وڌيڪ ڇو آهي؟ روحاني مڪتي حاصل ڪندڙ جگياسوءَ لاءِ هن جي ايتري اهميت ڇو آهي؟

ج - شروع ۾ ستگروءَ کي صرف هڪ اُپديش ڏيندڙ يا ماستر يا رهبر سمجهڻ ئي ڪافي آهي. جڏهن اسين اندر وينداسين ته اسانکي پنهنجو پاڻهي معلوم ٿيندو ته ستگرو اسان لاءِ ڇا ڪري رهيو آهي. اسين ازخود سمجهي وينداسين ته ستگرو ڪهڙي هستي آهي. شروعات ۾ اسانکي صرف کيس هڪ رهبر، دوست، اخوان يا هڪ صحيح روحاني رستي تي لڳائيندڙ ئي سمجهڻ گهرجي. اُن بعد اسين خود محسوس ڪنداسين ته اسان کي ستگروءَ جي ڪيتري ۽ گهڻي ضرورت ڇو آهي. زندگيءَ جي هر هڪ ڪيتري ۾ اسانکي گروءَ يا اُستاد جي ضرورت پوندي آهي ۽ اسين هميشه اُنهنکي عزت ڏيندا آيا آهيون ۽ اسين سندن مدد سبب شڪرگذار رهندا آيا آهيون. جيڪي ڪجهه اسين هن وقت

آهيون، صرف پنهنجن ماسترن سبب. ساڳيءَ طرح اسانکي گروءَ جي
بہ ضرورت آهي، اسانکي هڪ رهبر جي ضرورت آهي، جيڪو
روحاني راهہ تي لڳائي ۽ رهنمائي ڪري. جڏهن اسانکي انهيءَ
مارگ جو گيان ٿي وڃي ٿو، گروءَ جي فرض ۽ ذميوارين جي ڪجهہ
ڄاڻ ٿئي ٿي تڏهن پنهنجو پاڻيهي اها سمجهہ اچي ٿي، احساس ٿئي
ٿو تہ اسان لاءِ گرو ڪيترو ڪجهہ ڪري رهيو آهي. اسان تي ڪنهن
بہ ڳالهہ کي مڙهڻ يا ڪنهن ڪم ڪرڻ جي ڪابہ زبردستي يا بندش
ڪونهي. اها سموري سمجهہ اندران ئي اچي ٿي ۽ جڏهن بہ اچي ٿي
اندران ئي اچي ٿي. روحاني انڀو يا سچو گيان اسانجي اندر آهي.

س - هن سچڻ جي سوال مان مون لئين سمجهيو آهي تہ ستگرو
خود هڪ مهان هستي آهي، پنهنجو پاڻ هڪ پرڪاش آهي، جيڪو
صرف پرڪاش جي ئي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري ٿو يا انهيءَ جو
ورنن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو؟

ج - ستگرو نہ صرف انهيءَ جو ذڪر يا ورنن ڪري ٿو بلڪ
اسانجي اندر رهنمائي بہ ڪري ٿو ۽ آخر اسين ستگروءَ ۾ سمائجي
وڃون ٿا ۽ ستگرو ستپرش ۾ سمائجي وڃي ٿو. اسين سڀ ملي هڪ
ٿي وڃون ٿا. هرهڪ انهيءَ ساگر جي لهر آهي. لهر ساگر مان اچي ٿي
۽ جيڪي ڪجهہ هنکي ڏنو ويندو آهي، انهيءَ کي ساڻ کڻي ساگر ۾
ئي سمائجي ويندي آهي.

س - ٢٠٧. جيڪڏهن اسين آتما جو منڊ آهيون تہ پوءِ ا.
انهيءَ پرڪاش سان هميشهہ گڏ آهيون، جنهنجو نہ آد آهي نہ انت

ج - اهو ٺيڪ آهي.

س - جيڪڏهن اسين پرڪاش سان هميشهہ گڏ آهيون تہ پوءِ ڪنهن
ماڻهوءَ جي صلاح يا سکيا جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

ج - ڇاڪاڻ تہ اسين هينئر انهيءَ سان هڪ نہ آهيون. انهيءَ ڪري
اسانکي سکيا، صلاح جي ضرورت آهي جو اسين وري انهيءَ پرڪاش
سان هڪ ٿيڻ چاهيون ٿا.

نام جي بخشش تي ڇڪي آهي تنهنڪري ٻاهرين گروءَ جي ضرورت
ناهي. اهڙن مائٽن کي ڇا چئجي؟

ج - پيٽا، توهان هندستان ۾ ڄائو آهي، امريڪا ۾ ڄائي آهي.
هينئر توهين ٻنهي جي مشابهت بهتر نموني ڪري سگهو ٿا ڇو جو توهين
ٻنهي ديس ڏسي چڪا آهيو. مون ته صرف ڀارت ۾ ڄائو آهي ۽
هينئر امريڪا کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. صحيح
راهه تي اچڻ لاءِ اسانکي گروءَ کان نام جي بخشش وٺڻ نهايت ضروري
آهي. نام وٺڻ ڪا ريت رواج ڪونهي. اهو اسانجي زندگيءَ کي نيڪ
روشن ڪرڻ لاءِ هڪ اهميت ڀريو انگ آهي. ستگرو هميشه انگ سنگ
هوندو آهي. نام ڏيئي هو اسان کي وساري نٿو. هو هميشه اسانجي
مدد ۽ رهنمائيءَ لاءِ ساڻ هوندو آهي. اسان کي ضرورت هجي يا نه
هو اسانجي رهنمائي ڪرڻ لاءِ گڏ هوندو آهي. آخر ۾ نام، گرو، شبد
ڌن، آتما، پرماتما جي ڀڳتي ۽ پرماتما، سڀ ملي هڪ ٿي ويندا آهن.
اهي صرف واپس وڃي، انهيءَ ۾ سمائجي وڃڻ لاءِ هڪ ساڌن ماتر آهن.

س - ٢٠٦. ستگروءَ جي شخصيت هڪ پوڄاري يا پنڊت کان
وڌيڪ ڇو آهي؟ روحاني مڪتي حاصل ڪندڙ جگياسوءَ لاءِ هنجي
ايتري اهميت ڇو آهي؟

ج - شروع ۾ ستگروءَ کي صرف هڪ اپديش ڏيندڙ يا ماستر يا
رهبر سمجهڻ ئي ڪافي آهي. جڏهن اسين اندر وينداسين ته اسانکي
پنهنجو پاڻيهي معلوم ٿيندو ته ستگرو اسان لاءِ ڇا ڪري رهيو آهي.
اسين ازخود سمجهي وينداسين ته ستگرو ڪهڙي هستي آهي. شروعات
۾ اسانکي صرف کيس هڪ رهبر، دوست، اخوان يا هڪ صحيح روحاني
رستي تي لڳائيندڙ ئي سمجهڻ گهرجي. ان بعد اسين خود محسوس
ڪنداسين ته اسان کي ستگروءَ جي گهڻي ۾ گهڻي ضرورت ڇو آهي.
زندگيءَ جي هر هڪ کيتر ۾ اسانکي گروءَ يا استاد جي ضرورت پوندي
آهي ۽ اسين هميشه انهنکي عزت ڏيندا آيا آهيون ۽ اسين سندن مدد
سبب شڪرگذار رهندا آيا آهيون. جيڪي ڪجهه اسين هن وقت

هوندي به ڪي طريقا آهن. پنهنجيءَ محدود ٻڌيءَ سان ٿي اسين
ڏسندا آهيون ته هوُ نقلي گرو آهن يا سچا. انهيءَ جون ڪي نشانيون
به آهن پر تنهن هوندي به اسين دوکو کائي سگهون ٿا. پنهنجي پوري
ٻڌيءَ ۽ چترائيءَ هوندي به اسين ڀٽڪندا آهيون، گمراه ٿي ويندا
آهيون. دراصل پرماتما جي ديا مهر کانسواءِ اسين پورن گروءَ سان
ملي ٿي نٿا سگهون. ڪي نشانيون ٿينديون آهن، جيڪي اسان کي
ڏسڻ گهرجن، پر اهي نشانيون به اسين ٻڌيءَ دوارا ئي پرکندا آهيون
۽ اسانجي ٻڌي اسانکي دوکو ڏيئي سگهي ٿي.

س- ڇا اهي نشانيون هرهڪ انسان لاءِ الڳ الڳ هونديون آهن؟

ج- نه، گهڻو ڪري نه. مان سمجهان ٿو ته توهان اسانجا پستڪ
ڪونه پڙهيا آهن. انهن ۾ ڪي ڳالهيون جو ورنن ڪيو ويندو آهي پر
اهي به ٻڌيءَ کي تسلي ڏيڻ لاءِ ٻڌيءَ دوارا آهن ۽ اُتي به ٻڌي
اسان کي دوکو ڏيئي سگهي ٿي. دراصل اسين صرف پرماتما جي
ديا مهر تي ئي ڀروسو رکي سگهون ٿا.

س- ٢٠٤. منهنجو پتي چوندو آهي ته اسان کي گروءَ وٽ وڃڻ جي
ضرورت ڪونهي، ڇو ته گرو اسانجي اندر آهي. اسان کي خود ڪوشش
ڪرڻ گهرجي ۽ نام دان وٺڻ جي ضرورت ڪونهي؟

ج- جيڪڏهن ڪو خود اهو ڪم ڪري سگهي ٿو ته بيشڪ انهيءَ
کي گروءَ جي ضرورت ڪونهي. خود اهو ڪم ڪرڻ نهايت ڏکيو آهي
گهڻو ڪري اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان اڪثر اسين پنهنجي من جي حڪم
انوسار ڪم ڪندا آهيون ۽ پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيندا رهندا آهيون.
پنهنجي اندر ويٺل گروءَ جي تلاش لاءِ به اسان کي ٻاهرئين گروءَ جي
ضرورت پوندي آهي. جنهن اوستا ۾ گروءَ جي ضرورت نه پوندي
آهي. اهڙي اوستا تائين پهچڻ لاءِ به گروءَ جي ضرورت پوندي آهي.
پر زنده گروءَ کانسواءِ اسين ڪڏهن به اهڙي اوستا تي پهچي نٿا سگهون.

س- مون کي هندستان جي باري ۾ ته ڪجهه خبر ڪونهي، پر
هتي امريڪا ۾ ڪجهه ماڻهن کي چوندو ٻڌو آهي ته اسان کي اندر

اندر ڪي معلوم ڪرڻ لاءِ ته من جو انهيءَ سان ڪو تعلق آهي يا نه، اسان کي رهبر جي ضرورت آهي.

س- اهو ڏکيو آهي يا نه. انهيءَ بعد جي ڪيئن ڄاڻ پوندي؟

ج- انهيءَ لاءِ ئي جيئي رهيو آهيان ته اهو گيان پراپت ڪرڻ لاءِ اسان کي گروءَ جي ضرورت آهي.

س- ٺيڪ آهي توهانکي معلوم آهي ته اسانجي زندگيءَ ۾ اسانجا ڪيترائي استاد ٿيا آهن، جنکي نهايت مهان ۽ اڪر ٻڌجندو ڏنو آهي؟

ج- ها، اهو صحيح آهي، زندگيءَ جي هرهڪ ڪيتري ۾ اها ڳالهه لاڳو آهي.

س- اسانجي زندگيءَ جي سفر ۾ وقت بوقت اسانجا گرو هوندا آهن. ڇا هو پنهنجي خيال کان پورن هوندا آهن؟

ج- ها ٺيڪ آهي. پنهنجي پنهنجي خيال کان ٺيڪ آهن.

س- زنده ديهه سروپ گروءَ جو هئڻ بهتر آهي؟

ج- اسان کي روحاني ترقيءَ لاءِ زنده گروءَ جي کوج ڪرڻي پوندي آهي. ڊاڪٽر بڻجڻ لاءِ اسان کي ڊاڪٽر گروءَ جي ضرورت آهي ٻيءَ ڪاٻه وديا حاصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ وديا جي ماهر گروءَ جي ضرورت پوندي آهي. پنهنجي انتر مک اندر روحاني ترقيءَ لاءِ به زنده گروءَ جي ضرورت پوي ٿي.

س- ٢٠٣. ڇا سڀني لاءِ صرف هڪ ئي روحاني گرو هوندو آهي؟

ج- انيڪ گرو ٿي سگهن ٿا. روحاني گرو صرف ڪنهن خاص ذات، ڌرم يا ديس ۾ ئي نه ٿيندو آهي. هو ڪنهن به جڳهه تي ٿي سگهن ٿا ۽ گهڻيئي ٿي سگهن ٿا.

س- توهان فرمايو ته گرو گهڻيئي ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن گرو انيڪ آهن ته اهو ڪيئن معلوم ڪجي ته ڪهڙو گرو پورن آهي؟

ج- بلڪل صاف طرح ٻڌائڻ نهايت مشڪل آهي ڇو ته اسين صرف بندي‌ءَ جي زور تي انهنکي پرکڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ۽ چڱيءَ طرح رهنمائي ڪرڻ لاءِ به بنديءَ جي سهاري رهون ٿا. پر تنهن

س- ٢٠١. ڇا گرو اندر ۾ آهي؟

ج- گرو هميشه اندر آهي، پر جيسين گروءَ سان ٻاهر نه مليا آهيو تيسين اندر نٿا ملي سگهو. اندر گروءَ کي ڪيئن پراپت ڪرڻو آهي، انهيءَ لاءِ به گروءَ جي ضرورت آهي، پر اصلي گرو اندر ئي آهي، اسانجو سچو گرو اندر آهي. هو هميشه اسانجي اندر رهنمائي ڪري ٿو. پر انهيءَ اندرئين گروءَ تائين پهچڻ لاءِ به اسانکي ٻاهرئين گروءَ جي ضرورت پوندي آهي.

س- ڇو؟

ج- اندر گروءَ تائين پهچڻ لاءِ.

س- ڇا اهو ٻاهرئين گروءَ بنا نٿو ٿي سگهي؟

ج- نه اهو ممڪن آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو.

س- ڇا اهو ممڪن آهي ته انهنجي اسان کي خبر نه هجي. ٿي سگهي ٿو ته ٻاهر گرو هجي، پر انهيءَ باري ۾ ڄاڻ نه هجي؟

ج- اسان کي گروءَ جي کوج ڪرڻ ئي گهرجي.

س- جيڪڏهن اندر مون کي گروءَ جي پراپتي ٿئي ته؟

ج- جيڪڏهن ائين ٿئي ته انهيءَ کان اڳ ۾ ٻي ڳالهه ڪونهي. پر ٿي سگهي ٿو ته اهو پنهنجي من جو دوکو ئي هجي.

س- اهو ڪيئن محسوس ٿئي ته اهو اسانجي من جو ئي دوکو آهي؟

ج- اهو معلوم ڪرڻ لاءِ به توهان کي گروءَ جي ضرورت آهي.

س- اندر دوکو ٿي رهيو آهي، ڇا اهو سمجهڻ لاءِ به گروءَ جي ضرورت آهي؟

ج- اهو نيڪ آهي، نه ته ٻيءَ حالت ۾ توهين گمراهه ٿي سگهو ٿا ۽ دوکو کائي سگهو ٿا. توهانجو من توهانکي پنهنجن حرڪتن سان دوکو ڏيئي رهيو آهي.

س- ٿي سگهي ٿو ته من جو انهيءَ سان ڪو به تعلق نه هجي؟

ج- ٿي سگهي ٿو ته نه هجي، پر اهو به ٿي سگهي ٿو ته هجي،

ج- گروءَ جي کوج اسانکي ڪرڻ گهرجي. پر جڏهن گرو مِلي وڃي ته اُنهيءَ کي ڇڏڻ نه گهرجي. اُنهيءَ جو در ڪڏهن به ڇڏڻو ناهي.

س- ٢٠٠. ڇا غلط گرو مِلڻ ممڪن آهي؟

ج- اِهو به ٿي سگهي ٿو، ڇو نه؟

س- جيڪڏهن ڪو پنهنجو سڄو جيون غلط گروءَ پٺيان ٿي گذاري ته؟

ج- مان هميشه عام طور جگياسن کي اِهائي صلاح ڏيندو آهيان ته جيڪڏهن گروءَ جي کوج ۾ سڄي زندگي گذري به وڃي ته اهو وقت اجايو نه ويو پر سجايو ٿيو. ڪنهنکي به بنا سوچڻ سمجهڻ جي اپنائڻ نه گهرجي. پنهنجي عقل بُڌيءَ کي تسلي ڏيڻ گهرجي ۽ جيئن عقل راهه ۾ ڪا رڪاوٽ نه وجهي. بُڌيءَ کي تسلي ڏيڻ بعد ئي اسين مارگ ۾ ترقي ڪري سگهنداسين. جيڪڏهن اسين گروءَ يا مارگ جي باري ۾ پوريءَ طرح پنهنجي بُڌيءَ کي تسلي ڏيڻ لاءِ سڄي زندگي به لڳايون ته وقت اجايو نه ويو بلڪ سجايو ئي ٿيو. اهڙيءَ طرح اسين هڪ مضبوط بنياد تيار ڪريون ٿا. جيترو بنياد اونهو هوندو اوتري اوچي جڳهه اُنهيءَ تي ٺهي سگهي ٿي. عمارت هميشه مضبوط ٽڪريءَ تي ٺاهڻ گهرجي. پوري کوج ڪرڻ گهرجي ۽ بنا اُنهي تسليءَ جي ته مارگ نيڪ آهي، انڌي اِنسان وانگر اُنهيءَ تي هلڻ شروع نه ڪرڻ گهرجي. پر جڏهن اسانجي بُڌيءَ کي هڪ دفعو تسلي ٿي وڃي ته پوءِ اُنهيءَ کي پنهنجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهڻ نه ڏيڻ گهرجي. بُڌيءَ کي هڪ طرف رکي ڇڏڻ گهرجي. اُن بعد ايمان ۽ وشواس جي ضرورت ٿيندي آهي. ايمان ۽ وشواس ئي منزل مقصد ڏانهن وٺي ويندو ۽ نه بُڌي.

س- ٢٠١. مهاراج جي، ڇا اسين اندر به دوکو کائي سگهون ٿا؟

ج- ها، ٻاهر جي ڀيٽ ۾ اندر سولائيءَ سان دوکو کائي سگهجي ٿو. پر ستسنگيءَ کي سچ ڪوڙ، صحيح غلط جي پرک ڪرڻ ايندي آهي. پورن ستگروءَ جو شش ڪڏهن به دوکو نٿو کائي سگهي.

اهڙي ماڻهوءَ وٽ ويندا جيڪو پارٽ مان تي آيو هجي. اُنهيءَ
کان توهين گهٽ ۾ گهٽ مدد ۽ ڄاڻ حاصل ڪندا آهيو. اُن بعد
ٽڪيٽ خريد ڪري ڪنهن سواريءَ جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. صرف
پنهنجي عقل بُڌيءَ جي بل تي توهين ڪڏهن به اُتي نه پهچي سگهندا.
اُتي پهچڻ لاءِ رستي ۾ توهان کي ڪيترن ئي ماڻهن جي مدد وٺڻي
پوي ٿي. اهڙيءَ طرح اسين جيڪڏهن پنهنجي نج گهر واپس وڃڻ
چاهيون ٿا ته پرماتما وٽ واپس پهچڻ لاءِ انهيءَ کان تمام وڌيڪ مدد
جي ضرورت آهي.

س- جڏهن هتي سنسار ۾ اسانکي مدد ملي ٿي ته ڇا پرلوڪ ۾
سهارو نه ملندو؟ ڇا هرهڪ منڊل ۾ مدد نه ملندي؟ اسانکي دنيا ۾
اهڙا انسان ملندا آهن، جيڪي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن؟

ج- جيڪڏهن هتي اسانکي هڪ صحيح، سچي ۽ مقرر مدد ملي
رهي آهي ته پوءِ اُتي بہ ضرور ملندي. بشرطيڪ هتي ملڻ واري
سهايتا پڪي ۽ وشواس جوڳي هجي.

س- جيڪڏهن هڪ جوڳي پنهنجيءَ ڪوشش سان پهرئين روحاني
منڊل تي پهچي وڃي ٿو ته ڇا هن کي ٻئي منڊل تي پهچڻ لاءِ
ضروري مدد نه ملندي؟

ج- نه، جوڳيءَ کي ضرور ڪنهن سيکاريو هوندو ته پهرئين منڊل
تائين ڪيئن پهچجي. هو جنم کان ئي ته جوڳي ڪونه هوندو.

س- خير، سنسار گرن سان ڀريو پيو آهي. چيو ويندو آهي ته
هندستان ۾ هزارين گرو آهن، جيڪي ڪجهه اُپديش .... ؟

ج- توهين جنهن کي چاهيو گرو بڻايو، هر گروءَ جي ضرورت ته ٿيندي
ٿي. مان اهو نه چئي رهيو آهيان ته توهانکي ڪهڙو گرو ڌارڻ ڪرڻ
گهرجي. ۽ منهنجو چوڻ، صرف ايترو آهي ته گرو هئڻ ضروري آهي.

س- يعني هرهڪ انسان گرو ڌارڻ ڪري ۽ تيسين اُنهيءَ جي
چرنن ۾ رهي، جيسين هو ڪنهن خاص اوستا ۾ نه پهتو آهي؟

۽ پرماتما وٽ نه پهچي سگهنداسين. اسين نهايت ٿوري تعداد ۾ سچمچ آهيون، اسين سڀ عقل اوسط ۾ آهيون. اسان کي اهڙي انسان جي ضرورت آهي جيڪو اسان ۾ جان آڻي. اسان کي اهڙي مهاتما جي ضرورت آهي جيڪو اسان کي اندر ڏسڻ واري اک ڏئي، اهڙو ڪن ڏئي جنهن سان اندر ٻڌي سگهون، اهڙو امرت ڏئي جنهن کي پي ورڻي زنده ٿي سگهون. عيسيٰ به "جيوت پاڻي" يعني امرت جو ذڪر ڪيو آهي، هڪ اک يا اندروني اک جو ۽ اندريان ڪن جو بيان ڪيو آهي. هو فرمائين ٿا، "ڪن هوندي به توهين ٻڌو نٿا" جو نه اندر اسين اندرين ڪن سان ٻڌي سگهون ٿا. عيسيٰ مردن کي زنده ڪيو. جنهنجو ارٿ اهو آهي ته سرير جي خيال کان هو زنده ته هئا پر روحاني طور هو مردا ٿي چڪا هئا، انهن ماڻهن کي جيون دان ڏنو. هو پنهنجي وقت جو هڪ روحاني رهبر يا گرو هو. توهين گروءَ کي ڪنهن به نالي سان سڏيو. پر اسان کي روحاني سائنس جي گيان پراپت ڪرڻ لاءِ گروءَ جي ضرورت، ته هر حالت ۾ پوي ٿي. اندر گروءَ کانسواءِ صحيح مارگ تي هلڻ بلڪل ناممڪن آهي.

س- توهين ائين ڇو ٿا چئو ته اهو بلڪل ناممڪن آهي؟

ج- ڇاڪاڻ ته اندر مارگ ۾ نهايت من لڀائيندڙ نظارا ۽ رڪاوٽون آهن. هن سنسار ۾ جڏهن به اسين پريشان هوندا آهيون ۽ گهٻراهٽ محسوس ڪندا آهيون، ڪنهن ڦندن ۾ ڦاسجي ويندا آهيون، نراس ٿي ويندا آهيون تڏهن اسين ڪنهن نه ڪنهنجو سهارو يا مدد وٺندا آهيون، اندروني مارگ ته انهيءَ کان به وڌيڪ مشڪل آهي. تنهنڪري جيسين ڪو راهه نه ڏيکاريندو ۽ رهنمائي نه ڪندو، تيسين اسانجو پنهنجي نج گهر پهچڻ ناممڪن آهي. جيڪڏهن توهانکي آمريڪا کان پارس وڃڻو آهي ته توهين صرف پنهنجي عقل سان نه پهچي سگهندا، توهانکي ڪنهن سفر عيوضيءَ (Travel Agent) جي ضرورت پوندي. توهين هر ڪنهن قسم جي جاچ ڪندا آهيو. انهيءَ باري ۾ ڪي ڪتاب پڙهندا آهيو. مسافري شروع ڪرڻ کان اڳ ڪنهن

هوندو، جيڪو صحيح راهه تي آڻي سگهي. اسين ڪڏهن به هن مارگ تي هلي نه سگهنداسين. اِها ڳالهه ته باهرئين سنساري مارگ لاءِ به ضروري آهي. اندرئين روحاني مارگ تي ته، صحيح رهبر ۽ اُنيوي اُستاد بنا هلڻ نهايت مشڪل آهي. اندر تہ ڪيترين من لڀائيندڙ ڳالهيون آهن. جڏهن اسين پنهنجي خيال کي ايڪاگر ڪري روحاني سفر ڪرڻ لاءِ، اندر اڪين پويان پهچندا آهيون ته مارگ ۾ ڪيتريون ئي رڪاوٽون ايندڙيون آهن. رهبر کانسواءِ اسين ڀٽڪي سگهون ٿا. جڏهن اسانکي دنيوي وديا سکڻ لاءِ گروءَ يا اُستاد جي ضرورت پوي ٿي ته پوءِ اندر وڃڻ لاءِ پنهنجي نج گهر ڏانهن ويندڙ مارگ تي هلڻ لاءِ، گروءَ جي ضرورت ڇو نه هئڻ گهرجي؟ جيڪڏهن گروءَ جي ضرورت نه هجي ها ته پوءِ سنسار ۾ ڪنهن به سنت جي اچڻ جي ضرورت نه ٿئي ها.

توهانکي معلوم آهي ته اسان تي صحبت جو ڪيترو گهرو اثر پوندو آهي، اسين نيڪ اِنسان جي صحبت ۾ رهندا آهيون، جيئن اُنهن جو اسان تي سٺو اثر پوي. ڇو ته اسين به اُنهن جهڙا بڻجڻ چاهيندا آهيون. جيڪڏهن خراب ماڻهن جو سنگ ڪندا آهيون ته اُنهن جي خراب وچارن جو اثر پوندو آهي. اسين به اُنهن سان گڏ غلط راهه تي هلڻ شروع ڪندا آهيون اِنهيءَ ڪري پڪتي ڀاو جو واتاورڻ پيدا ڪرڻ لاءِ گروءَ جي ضرورت آهي جيئن انهيءَ مارگ تي هلي سگهون ۽ اندر وڃي سگهون. هن سنسار ۾ جيئن ته ماستر يا رهبر کانسواءِ ڪجهه به حاصل نٿو ڪري سگهجي ته پوءِ پريو پراپتي، اندر جي پوري گيانوان اُستاد يا پورا ستگرو يا رهبر کانسواءِ ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟

س- ١٩٩. مهاراج جي، ڇا واپس وڃڻ لاءِ ستگروءَ جو ساٿ هئڻ تمام ضروري آهي؟ اسين پنهنجيءَ ڪوشش سان الڳ الڳ منڊلن يا اِستانن تي پهچي سگهون ٿا؟

ج- اسان کي هڪ گروءَ يا اُستاد جي ضرورت آهي. اسين ايتري قدر من ۽ اِندرين جي وس ۾ اچي چڪا آهيون جو جيسين ڪو اسانکي جڙن کان آڪاڙي واپس مالڪ وٽ نه وٺي هلندو تيسين اسين ڪڏهن

٩- ستگروءَ جي ضرورت

شانتي، پريم، سُکُ، نامُ دان

س- ١٩٨. ستگروءَ جي سهاري کانسواءِ، پرماتما کي پائڻ جو ٻيو رستو ڪونهي؟

ج- اسين سنسار ۾ جيڪي ڪجهه سکون ٿا، انهيءَ لاءِ اهڙي گروءَ جي ضرورت پوندي آهي، جنهن کي انهيءَ باري ۾ پورو گيان هوندو آهي. توهين ڪيترن ئي ڊاڪٽرن، وڪيلن ۽ انجنيئرن سان ڏٺا هوندا. انهن مان ڪو به، صرف لئبارٽريءَ ۾ وڃڻ يا ڪتاب پڙهڻ سان ڊاڪٽر، وڪيل يا انجنيئر ڪونه بڻيو هوندو. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪيترن ورهين تائين تعليم حاصل ڪرڻ بعد به انهن کي عملي تعليم پراپت ڪرڻي پوي ٿي. تڏهن ئي هو پنهنجي ڌنڌي ۾ پوريءَ طرح لڳي ڪري سگهن ٿا. انهيءَ سنساري وديا ۽ دنيوي فائدي لاءِ اسان کي ماسترن وٽ وڃڻو پوي ٿو، جيئن اسين انهن کان ڪجهه علم حاصل ڪري سگهون ۽ روحانيت هڪ تمام مشڪل وديا آهي، انهيءَ لاءِ به اسان کي هڪ آزمودگار ماستر يا روحاني رهبر جي ضرورت پوي ٿي. اهڙو روحاني گرو ئي اسان کي ٻڌائيندو آهي ته پرماتما جي کوج ڪيئن ڪرڻي آهي، اهو ڪٿي آهي، ڪهڙيءَ طرح اسين هن کي پراپت ڪري سگهون. اسانجي ۽ پرماتما جي وچ ۾ ڪهڙي رڪاوٽ آهي، جيڪا پرماتما کان اسان کي دور رکي ٿي ۽ انهن رڪاوٽن کي ڪهڙيءَ طرح دور ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ کي توهين گرو، ماستر يا وڏو ڀاءُ، دوست، جيئن چاهيو، سڏيو. اهي لفظ ڪنهن انسان کي سنسار ۾ سڃاڻڻ لاءِ صرف نالا آهن.

اسان کي گرو لفظ کان گهٻرائڻ نه گهرجي. اسين هن کي ماستر يا ٻئي ڪنهن به نالي سان سڏي سگهون ٿا. پر اسان کي هن مارگ لئي ڄاڻڻ وارو، هن مارگ جي باري ۾ ٻڌائڻ وارو ڪو نه ڪو انسان ضرور هئڻ گهرجي. راهه ۾ گهڻيون رڪاوٽون آهن، ڪيترائي لڀائيندڙ پدارٿ آهن جيڪي گمراهه ڪري سگهن ٿا. جنهن ڪري اهڙو رهبر گڏ نه

هوندو، جيڪو صحيح راهه تي آڻي سگهي. اسين ڪڏهن به هن مارگ تي هلي نه سگهنداسين. اها ڳالهه ته ٻاهرئين سنساري مارگ لاءِ به ضروري آهي. اندرئين روحاني مارگ تي ته، صحيح رهبر ۽ اُنيوي اُستاد بنا هلڻ نهايت مشڪل آهي. اندر تمام ڪيترين من لڀائيندڙ ڳالهيون آهن. جڏهن اسين پنهنجي خيال کي ايڪاگر ڪري روحاني سفر ڪرڻ لاءِ اندر اکين پويان پهچندا آهيون ته مارگ ۾ ڪيترين ئي رڪاوٽون ايندڙيون آهن. رهبر کانسواءِ اسين پڪي سگهون ٿا. جڏهن اسانکي دنيوي وديا سکڻ لاءِ گروءَ يا اُستاد جي ضرورت پوي ٿي ته پوءِ اندر وڃڻ لاءِ پنهنجي نج گهر ڏانهن ويندڙ مارگ تي هلڻ لاءِ، گروءَ جي ضرورت ڇو نه هئڻ گهرجي؟ جيڪڏهن گروءَ جي ضرورت نه هجي ها ته پوءِ سنسار ۾ ڪنهن به سنت جي اچڻ جي ضرورت نه ٿئي ها.

توهانکي معلوم آهي ته اسان تي صحبت جو ڪيترو گهرو اثر پوندو آهي، اسين نيڪ انسانن جي صحبت ۾ رهندا آهيون، جيئن اُنهن جو اسان تي سٺو اثر پوي. ڇو ته اسين به اُنهن جهڙا بڻجڻ چاهيندا آهيون. جيڪڏهن خراب ماڻهن جو سنگ ڪندا آهيون ته اُنهن جي خراب وچارن جو اثر پوندو آهي. اسين به اُنهن سان گڏ غلط راهه تي هلڻ شروع ڪندا آهيون اِنهيءَ ڪري پڪتي پاو جو واتاورڻ پيدا ڪرڻ لاءِ گروءَ جي ضرورت آهي جيئن انهيءَ مارگ تي هلي سگهون ۽ اندر وڃي سگهون. هن سنسار ۾ جيئن ته ماسٽر يا رهبر کانسواءِ ڪجهه به حاصل نٿو ڪري سگهجي ته پوءِ پرپو پراپتي، اندر جي پوري گيانوان اُستاد يا پو ستگرو يا رهبر کانسواءِ ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟

س - ۱۹۹. مهاراج جي، ڇا واپس وڃڻ لاءِ ستگروءَ جو ساٿ هئڻ تمام ضروري آهي؟ اسين پنهنجيءَ ڪوشش سان الڳ الڳ منڊلن يا استانن تي پهچي سگهون ٿا؟

ج - اسان کي هڪ گروءَ يا اُستاد جي ضرورت آهي. اسين ايتري قدر من ۽ اندرين جي وس ۾ اچي چڪا آهيون جو جيسين ڪو اسانکي جڙن کان آڪاڙي واپس مالڪ وٽ نه وٺي هلندو تيسين اسين ڪڏهن

٩- ستگروءَ جي ضرورت

شانتي، پريم، سُک، نام دان

س- ١٩٨. ستگروءَ جي سهاري کانسواءِ، پرماتما کي پائڻ جو ٻيو رستو ڪونهي؟

ج- اسين سنسار ۾ جيڪي ڪجهه سکون ٿا، اُنهيءَ لاءِ اهڙي گروءَ جي ضرورت پوندي آهي، جنهن کي اُنهيءَ باري ۾ پورو گيان هوندو آهي. توهين ڪيترن ئي ڊاڪٽرن، وڪيلن ۽ انجنيئرن سان گڏيا هوندا. اُنهن مان ڪو به، صرف ليبارٽريءَ ۾ وڃڻ يا ڪتاب پڙهڻ سان ڊاڪٽر، وڪيل يا انجنيئر ڪونه بڻيو هوندو. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪيترن ورهين تائين تعليم حاصل ڪرڻ بعد به اُنهن کي عملي تعليم پرائپت ڪرڻي پوي ٿي. تڏهن ئي هو پنهنجي ڌنڌي ۾ پوريءَ طرح لڳي ڪري سگهن ٿا. اُنهيءَ سنساري وديا ۽ دنيوي فائدي لاءِ اسان کي ماسترن رهنمائن وٽ وڃڻو پوي ٿو، جيئن اسين اُنهن کان ڪجهه علم حاصل ڪري سگهون ۽ روحانيت هڪ تمام مشڪل وديا آهي، اُنهيءَ لاءِ به اسان کي هڪ آزمودگار ماستر يا روحاني رهبر جي ضرورت پوي ٿي. اهڙو روحاني گرو ئي اسان کي ٻڌائيندو آهي ته پرماتما جي کوج ڇو ڪرڻي آهي، اهو ڪٿي آهي، ڪهڙيءَ طرح اسين هن کي پرائپت ڪري سگهون. اسان جي ۽ پرماتما جي وچ ۾ ڪهڙي رڪاوٽ آهي، جيڪا پرماتما کان اسان کي دور رکي ٿي ۽ اُنهن رڪاوٽن کي ڪهڙيءَ طرح دور ڪري سگهجي ٿو. اُنهيءَ کي توهين گرو، ماستر يا وڏو ڀاءُ، دوست، جيئن چاهيو، سڏيو. اهي لفظ ڪنهن انسان کي سنسار ۾ سڃاڻڻ لاءِ صرف نالا آهن.

اسان کي گرو لفظ کان گهٻرائڻ نه گهرجي. اسين هن کي ماستر يا ڀلي ڪنهن به نالي سان سڏي سگهون ٿا. پر اسان کي هن مارگ تي هلائڻ وارو، هن مارگ جي باري ۾ ٻڌائڻ وارو ڪو نه ڪو انسان ضرور هئڻ گهرجي. راهه ۾ گهڻيئي رڪاوٽون آهن، ڪيترائي لپائيندڙ پداوت آهن جيڪي گمراهه ڪري سگهن ٿا. جيستائين ڪو اهڙو رهبر گڏ نه

ٿي ويندا. جيڪڏهن سنسا آهن ته به انهن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. وهمن ۽ ڀرمن جو حل ڳولڻ گهرجي نه ته ٻيءَ حالت ۾ ڏٻري ڏٻري اهي اسانجي مارگ ۾ رڪاوٽ وجهي سگهن ٿا.

س- ڪيترا ڀيرا گهڻي پڙهڻ سان الجهن پيدا ٿيندي آهي؟

ج- ته پوءِ انهيءَ کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو (ماٺهو ڪلن ٿا).

س- ١٩٧. مهاراج جي، توهانجو جدا جدا ڏيسن ۾ اچڻ، ڇا اسانجي ڀڄن سمرن کي آسان بڻائي سگهي ٿو؟

ج- اهائي ڳالهه ته مان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ته جڏهن توهانجي ٻڌيءَ کي پوريءَ طرح خاطري ٿيندي تڏهن ڀڄن سمرن ازخود آسان ٿيندو ويندو. جيڪڏهن اسين ٻڌيءَ جي چڪر ۾ ئي ڦاٿل رهياسين ته پوءِ ڀڄن سمرن ڪرڻ نهايت مشڪل آهي. روحاني اپياس سان ئي پرڀو پيار پيدا ٿئي ٿو، ترقي ٿيندي رهي ٿي. سڀ ڪجهه ملي ٿو. هيءَ ستسنگ ۽ پستڪ ڇپائڻ، هيءَ سڀ ڳالهيون ٻوليون يا سوال جواب، سڀ ٻڌيءَ کي شانت ڪرڻ لاءِ ئي آهن. ٻئي ڪنهن جي لاءِ نه. هيءَ سڀ منزل مقصد کي پراپت ڪرڻ جا ساڌن آهن. پر خود مقصد يا منزل نه آهن. اهي سڀ نهايت اثرائتا ساڌن آهن.

ته انسان کي هيٺئين جنم ۾ ئي ايندڙ جنم کي سڌارڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳون ۽ پنهنجي نج گهر واپس وڃڻ لاءِ ڪوشش ئي نه ڪريون؟

ج- نه، پر اها ڳالهه اسين ڪهڙيءَ طرح ڪيئن ٿا چئي سگهون ته ايندڙ جنم ۾ اسين روحاني ابهياس وڌيڪ چڱيءَ طرح ڪري سگهنداسين، جيڪڏهن اڄ اسين سمجهون ۽ وڃي ته ايندڙ جنم ۾ منش چولو ئي ملندو. تنهنڪري اهوئي ٺيڪ ٿيندو ته اسين هن جنم ۾ ئي هن منش چولي جو پورو فائدو وٺون. جيڪو ڪم اسين ايندڙ جنم لاءِ رکون، اهو هن جنم ۾ ئي ڇو نه پورو ڪيو وڃي، اهو ته آهي هن جنم جي فرض کان بچڻ جو هڪ بهانو.

س- ٺيڪ آهي. پر بدي ڇڏي سگهجي ٿي ته ....؟

ج- بدي ته ڪجهه به ڪري سگهجي ٿي، هيءَ ته سڀني کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ اٽڪل پر ٻڌائي سگهجي ٿي. بديءَ جي باري ۾ نه سوچيو ئي نه. اسين سڀ انهيءَ جا شڪار آهيون.

س- ١٩٦. اسين روزمره جي زندگيءَ ۾ ڏاڍي سبب ڪيترن ئي ماڻهن جي لهه وچڙ ۾ اچون ٿا، جن جي ڪري ڪيترائي شڪ شبها اٿن ٿا. ڇا اهي شڪ شبها، اسانجي ترقيءَ ۾ شروع کان ئي هڪ رڪاوٽ نه آهن؟

ج- مون کي ڏسڻ اچي ٿو ته ڀرم يا شڪ، اسانجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهن. اسين تڏهن ئي ترقي ڪري سگهنداسين جڏهن اسانجي من کي تسلي ٿيندي. تنهنڪري مون هميشه، انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته جگياسو کي هن مارگ تي اچڻ کان اڳ پنهنجي بُدّيءَ يا جگياسا کي پوريءَ طرح تسلي ڪرائڻ گهرجي. اُن بعد ستگروءَ کي پنهنجي مارگ تي رڪاوٽ بڻجڻ نه ڏجي. انهيءَ کان پوءِ صرف ڀڳتي، پريم ۽ ابهياس جي ضرورت ٿيندي آهي. هن مارگ ۾ وهمن ڀرمن
ن شبهن جو ڪو استان ئي ڪونهي. جيڪڏهن هڪ دفعو
رکيو ته ڪم. بس پوءِ ته صرف ڀڳتي ۽ ابهياس جي
ن ۽ سوالن جي نه. اهي سڀ خود بخود دور

س - ١٩٣. پرماتما جي باري ۾ الڳ الڳ ويچار آهن. پرماتما ڇا آهي؟ ڇا جو نهيل آهي؟ ڇا ڪو اهڙو استان آهي جتي پهچي اسين سچ پچ مالڪ کي سمجهي سگهون؟

ج - بـڌيءَ سان هرگز نـه. جڏهن اسين بـڌيءَ جي حد کي پار ڪنداسين تڏهن معلوم ٿيندو ته مالڪ ڇا آهي. هن کي جاڻڻ ئي، هن ۾ واپس سمائجي وڃڻ آهي. بڌيءَ دواران هنکي سمجهي نه سگهبو.

س - ١٩٤. مونکي سمجهه ۾ نه آيو جو هڪ طرف توهين چئو ٿا ته اسانکي بڌيءَ کي عمل ۾ آڻڻ گهرجي، جئن اسانکي ڪو ستگرو ٺڳي دوکو نه ڏئي. بڌيءَ دواران پڪو ارادو ڪري، پوءِ بڌيءَ کي ڇڏي ڏيڻ گهرجي ۽ ٻئي طرف توهين ائين ٿا چئو ته آواڳون کي به ضرور مڃڻ گهرجي؟

ج - نه، مان چوان ٿو ته انهن سڀني سدانتن تي هميشه بڌيءَ ذريعي وشواس ڪريو. پر انهن کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ انهن سدانتن جو انڀو هئڻ گهرجي. جيسين بڌي آهي اسانکي بڌيءَ دواران، انهن سدانتن جي باري ۾ پوري خاطري ڪرڻ گهرجي.

س - پر ڇا بڌيءَ دواران، انهن تي پوريءَ طرح وشواس ڪري سگهجي ٿو؟

ج - جيتري قدر بـڌيءَ جو سوال آهي، اسان کي وشواس ٿـي پيندو پر اسان کي پورو پروسو نه ٿي سگهندو جيسين شخصي آزمودو نه ٿيو آهي. جيئن ته اسين پرماتما جي باري ۾ ڪيئن وشواس ڪندا آهيون؟ صرف بڌيءَ دواران ئي. پر اسان کي انهيءَ جو انڀو ته هوندو ئي ڪونهي. انهيءَ ڪري انهن سدانتن کي به بڌيءَ دواران ئي مڃڻو آهي يا نه مڃڻو آهي.

س - ١٩٥. هن سڄڻ آواڳون ۽ بڌيءَ جي باري ۾ سوال ڪيو آهي. جيڪڏهن بڌي، سائنس جي مدد سان اهو ثابت ڪري تـه ”پنرجنم“ سچ آهي، ڇا انهيءَ سان آتما کي نقصان پهچندو؟ جيڪڏهن سائنس ذريعي ”آواڳون“ صحيح ثابت ٿئي ته اهو به ٿي سگهي ٿو

اهو سوچيندا سين ته دنيا ۾ سڀ ماڻهو هڪجهڙا ڇو نه آهن. هر هڪ انسان جي پرالبڌ الڳ الڳ ڇو آهي؟ اسان کي ڏسي نهايت تعجب ٿو لڳي ۽ ان بعد اسين پنهنجي گذريل وقت جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪريون ٿا. اسان کي آواڳون يا ڪرمن جي سدانت ڪانسواءِ انهن سڀني ڳالهين جو، ٻيو ڪو به جواب نٿو ملي. انهن پنهنجن گذريل جنمن ۾ ضرور ڪي اهڙا ڪرم ڪيا هوندا، جن سبب اڄ انهن جي اهڙي حالت آهي. نه ته، اهو ٿي ڪيئن ٿو سگهي ته پرماتما ڪن لاءِ ايترو نردئي ۽ ڪن لاءِ ايترو ديالو! جيڪي ڪجهه انهن ڀوڳيو هوندو اهو ئي لڻي رهيا آهن.

ڀاڳ يا پرالبڌ ڇا آهي؟ اهي، اُهي ڪرم آهن، جنڪي سات ڪٽي، اسان جنم ورتو آهي ۽ جنڪي هن جنم ۾ ڀوڳڻو آهي. هي اهو مول پاپ آهي، جنهن سبب اسان جنم ورتو آهي. اهي گذريل ڪرمن جا سنسڪار آهن جن جو ڦل هيئنر ڀوڳڻو آهي. جيڪڏهن اسين ”مول پاپ“ جي سدانت ڀاڳ يا پرالبڌ ۾ وشواس رکون ٿا ته پوءِ اسان کي ڪرم سدانت کي به مڃڻو پوندو. پنر جنم ۽ آواڳون ۾ به وشواس ڪرڻو پوندو. انهيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به طريقي سان انهيءَ ڳالهه کي سمجهائي نٿو سگهجي.

س- پر ٻڌيءَ سان ان ڳالهه تي وشواس نٿو ڪري سگهجي، جيسين انهيءَ جو ڪو به ثبوت ڪونهي؟

ج- توهين ڏسو، انهن سڀني ڳالهين کي توهين ٻڌيءَ دوارا ٿي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو. مون هيئنر چيو ته سنتن جي سکيا کي سمجهڻ لاءِ، انهيءَ جو شخصي آزمودو هئڻ گهرجي. اسين ٻڌيءَ سان سوچ ويچار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اسين پنهنجيءَ ٻڌيءَ کي ٻڌيءَ جي مدد سان ئي شانت ڪري سگهون ٿا. مون چيو ته ٻڌي اسان جي روحاني راهه ۾ هڪ نهايت وڏي رڪاوٽ آهي، پر ٻڌيءَ جي سهاري ئي انهيءَ رڪاوٽ کي ختم ڪرڻو آهي. تنهن ڪري پنرجنم يا گذريل جنم جي باري ۾ به اهڙيئي اسان جا عقل انوسار دليل آهن.

وشواس نہ ڪندو. جيڪڏهن هڪ سادي سودي انسان کي ٻہ ماڻهو ٿي چون تہ، هيءُ گھوڙو آهي تہ هو چوندو، "ها، هيءُ گھوڙو آهي." وري جيڪڏهن ڏهہ ماڻهو کيس چوندا تہ "هيءَ مينھن آهي." تہ هو چوندو "هيءَ مينھن آهي" اهو ابوجھہ انسان جلدي ڀٽڪي سگھي ٿو گمراهہ ٿي سگھي ٿو. تنهڪري اسان کي ٻڌيءَ جي ضرورت آهي. پر ٻڌي اسان کي منزل مقصد تائين نٿي پهچائي سگھي. اسان کي آخر وشواس ۽ ڀڄن سمرن ئي پار لڳائيندو.

س- ١٩٠. اهو ڪيئن معلوم ڪجي تہ اسين عقل ٻڌيءَ کان متي ٿي چڪا آهيون؟ ڇا انهيءَ ۾ بہ دوکو ٿي سگھي ٿو؟

ج- اسين ٻڌيءَ کان متي اُن وقت ٿيندا سين جڏهن پنهنجي من کي وس ڪرڻ جي لائق بڻباسين. ٻڌي من جو ئي ڪڻ آهي، تنهڪري من کي وس ڪرڻو آهي. پنهنجيءَ راهہ مان سن روايي پردي کي هٽائڻ بعد ئي اسين عقل ٻڌيءَ کان متي ٿيون ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي سگھون ٿا. جيئن تہ سقراط فرمايو آهي، "پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو."

س- ١٩١. "ٻڌي"، سنت مت جي سکيائن کي پوريءَ طرح سمجھي سگھي ٿي؟

ج- نہ، مان تہ اهو ئي چوندس تہ سنت مت جي اعلي سکيائن کي سمجھڻ لاءِ انهن جو انڀؤ ڪرڻ ضروري آهي.

س- ١٩٢. مان خاص ڪري آواگون جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان. جيسين ڪو انسان واپس وڃي پنهنجي گذريل جنم کي نہ ڏسندو تيسين هن کي ٻڌيءَ دواران انهيءَ تي وشواس ڪيئن ٿو ٿي سگھي؟ اسين عقل ذريعي آواگون جي سدانت کي ڪهڙيءَ طرح صحيح ثابت ڪري سگھون ٿا.

ج- اسانکي هن سنسار ۾ انيڪ لاهيون چاڙهيون، دک سک نظر اچن ٿا. جيئن تہ ڪو اميرآهي تہ ڪو غريب. جڳت ۾ انيڪ بيماريون آهن، ڪيترا انسان جنم کان ئي انڌا، لولا لنگڙا ۽ ٻوڙا ڏسي، اسين ضرور

٨- ٻُڌي ۽ وشواس

س- ١٨٩. ڇا انسان کي ظاهري علم (Intellectual Knowledge) حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي؟ ڇا اهو گيان روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ نٿو وجهي؟

ج- هن سنسار ۾ رهڻ لاءِ ٻڌي هئڻ ضروري آهي. ٻڌيءَ سان انسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته اسين پنهنجي زندگي ڪهڙيءَ طرح آرام سان گذاري سگهون ٿا. پر ٻڌي مالڪ ڏانهن نٿي وٺي هلي. انهيءَ مارگ تي هلڻ لاءِ پنهنجي ٻڌيءَ کي ڇڏڻو پوندو آهي، انهيءَ لاءِ صرف ايمان ۽ وشواس جي ضرورت آهي. منهنجي چوڻ جو اهو مطلب ناهي ته هڪ عقلمند انسان هن مارگ تي هلي ئي نٿو سگهي. ٻڌي هن مارگ ۾ رڪاوٽ نه آهي ٿي پر انهيءَ رڪاوٽ کي ٻڌيءَ سان ئي ختم ڪرڻو آهي. جيسين هڪ عقلمند انسان کي اها خاطري نٿي ٿئي ته هيءَ مارگ صحيح آهي، تيسين هو ڪڏهن به هن مارگ تي نٿو هلي. جيسين ٻڌيءَ کي تسلي نٿي ٿئي، تيسين هن کي مالڪ ۾ ڀروسو يا وشواس ٿي نه ايندو. جڏهن هن جي ٻڌيءَ کي تسلي ٿي وڃي ٿي تڏهن هن کي مارگ تي هلڻ لاءِ ٻڌيءَ جي ضرورت نه پوندي. انهيءَ کانپوءِ کيس صرف روحاني ايمان ۽ وشواس جي ئي ضرورت پوندي.

منهنجي چوڻ جو اهو ارٿ نه آهي ته ٻڌيءَ جي ضرورت ناهي. هڪ عقلمند انسان کي شروع ۾ سموري ڳالهه سمجهڻ لاءِ ٻڌي گهرجي پر هڪ سادو سودو ماڻهو به هن مارگ تي هلي سگهي ٿو. هن کي انهيءَ مارگ جي باري ۾ خاطري ڪرڻ لاءِ ٻڌيءَ جي ضرورت نٿي پوي پر انهيءَ جو بنياد پڪو نه هوندو آهي. انهيءَ ڪري هو ڀٽڪي به سگهي ٿو. هڪ عقلمند انسان اهڙيءَ طرح ڀٽڪي نٿو سگهي. جڏهن هڪ دفعو ڪنهن کي اهو وشواس ٿي وڃي ته هيءُ گهوڙو آهي، هن ۾ گهوڙي جون سڀ خاصيتون آهن ۽ هن جي ٻڌيءَ کي به پوريءَ طرح تسلي ٿي وڃي ٿي ته پوءِ جيڪڏهن سڄو سنسار چوي به ٿو ته هيءَ مينهن آهي، تڏهن هوندي به هو

وشواس نہ ڪندو. جيڪڏهن هڪ سادي سودي انسان کي ٻہ ماڻهو ٽي
چون تہ هيءُ گهوڙو آهي تہ هو چوندو، "ها، هيءُ گهوڙو آهي."
وري جيڪڏهن ڏهہ ماڻهو ڪيس چوندا تہ "هيءَ مينهن آهي." تہ هو
چوندو "هيءَ مينهن آهي" اهو ابوجهہ انسان جلدي ڀٽڪي سگهي
ٿو گمراهہ ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري اسان کي ٻڌيءَ جي ضرورت آهي.
پر ٻڌي اسان کي منزل مقصد تائين نٿي پهچائي سگهي. اسان کي آخر
وشواس ۽ پڪين سمرن ٿي پار لڳائيندو.

س- ١٩٠. اهو ڪيئن معلوم ڪجي تہ اسين عقل ٻڌيءَ کان مٿي
ٿي چڪا آهيون؟ ڇا انهيءَ ۾ بہ دوکو ٿي سگهي ٿو؟

ج- اسين ٻڌيءَ کان مٿي اُن وقت ٿينداسين جڏهن پنهنجي من
کي وس ڪرڻ جي لائق بڻباسين. ٻڌي من جو ٽي گڻ آهي،
تنهنڪري من کي وس ڪرڻو آهي. پنهنجيءَ واهہ مان مس ورڻي
پردي کي هٽائڻ بعد ٿي اسين عقل ٻڌيءَ کان مٿي ٿيون ٿا ۽ پنهنجو
پاڻ کي سڃاڻي سگهون ٿا. جيئن تہ سقراط فرمايو آهي، "پنهنجو پاڻ کي
سڃاڻو."

س- ١٩١. "ٻڌي"، سنت مت جي سکيائن کي پوريءَ طرح
سمجهي سگهي ٿي؟

ج- نہ، مان تہ اهو ٿي چوندس تہ سنت مت جي اعلي سکيائن کي
سمجهڻ لاءِ انهن جو انڀو ڪرڻ ضروري آهي.

س- ١٩٢. مان خاص ڪري آواگون جي باري ۾ سوچي رهيو
آهيان. جيسين ڪو انسان واپس وڃي پنهنجي گذريل جنم کي نہ ڏسندو
تيسين هن کي ٻڌيءَ دوارا انهيءَ تي وشواس ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟
اسين عقل ذريعي آواگون جي سڌانت کي ڪهڙيءَ طرح صحيح ثابت
ڪري سگهون ٿا.

ج- اسان کي هن سنسار ۾ انيڪ لاهيون چاڙهيون، دک سک نظر اچن
ٿا. جيئن تہ ڪو امير آهي تہ ڪو غريب. جڳت ۾ انيڪ بيماريون آهن،
ڪيترا انسان جنم کان ٿي انڌا، لولا لنگڙا ۽ ٻورا ڏسي، اسين ضرور

٨- ٻُڌي ۽ وشواس

س- ١٨٩. ڇا انسان کي ظاهري علم (Intellectual Knowledge) حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي؟ ڇا اهو گيان روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ نٿو وجهي؟

ج- هن سنسار ۾ رهڻ لاءِ ٻڌي هجڻ ضروري آهي. ٻڌيءَ سان انسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته اسين پنهنجي زندگي ڪهڙيءَ طرح آرام سان گذاري سگهون ٿا. پر ٻڌي مالڪ ڏانهن نٿي وٺي هلي. انهيءَ مارگ تي هلڻ لاءِ پنهنجي ٻڌيءَ کي ڇڏڻو پوندو آهي، انهيءَ لاءِ صرف اڀياس ۽ وشواس جي ضرورت آهي. منهنجي چوڻ جو اهو مطلب ناهي ته هڪ عقلمند انسان هن مارگ تي هلي ئي نٿو سگهي. ٻڌي هن مارگ ۾ رڪاوٽ ته آهي ئي پر انهيءَ رڪاوٽ کي ٻڌيءَ سان ئي ختم ڪرڻو آهي. جيسين هڪ عقلمند انسان کي اها خاطري نٿي ٿئي ته هيءُ مارگ صحيح آهي، تيسين هو ڪڏهن به هن مارگ تي نه هلي. جيسين ٻڌيءَ کي تسلي نٿي ٿئي، تيسين هن کي مالڪ ۾ ڀروسو يا وشواس ئي نه ايندو. جڏهن هن جي ٻڌيءَ کي تسلي ٿي وڃي ٿي تڏهن هن کي مارگ تي هلڻ لاءِ ٻڌيءَ جي ضرورت نه پوندي. انهيءَ کانپوءِ کيس صرف روحاني اڀياس ۽ وشواس جي ئي ضرورت پوندي.

منهنجي چوڻ جو اهو ارٿ نه آهي ته ٻڌيءَ جي ضرورت ناهي. هڪ عقلمند انسان کي شروع شروع ۾ سموري ڳالهه سمجهڻ لاءِ ٻڌي گهرجي پر هڪ سادو سودو ماڻهو به هن مارگ تي هلي سگهي ٿو. هن کي انهيءَ مارگ جي باري ۾ خاطري ڪرڻ لاءِ ٻڌيءَ جي ضرورت نٿي پوي پر انهيءَ جو بنياد پڪو نه هوندو آهي. انهيءَ ڪري هو ٿڪجي به سگهي ٿو. هڪ عقلمند انسان اهڙيءَ طرح ٿڪجي نٿو سگهي. جڏهن هڪ دفعو ڪنهن کي اهو وشواس ٿي وڃي ته هيءُ گهوڙو آهي، هن ۾ گهوڙي جون سڀ خاصيتون آهن ۽ هن جي ٻڌيءَ کي به پوريءَ طرح تسلي ٿي وڃي ٿي ته پوءِ جيڪڏهن سڄو سنسار چوي به ته هيءَ مينهن آهي، تڏهن هوندي به هو

سچي زندگي ۾ لڳي وڃي ته سمجهڻ گهرجي ته وقت سڦلو ٿيو، اجايو نه ويو. جڏهن هڪ دفعو توهانجو عقل ٻڌي سچي ته هيءُ مارگ صحيح آهي ته پوءِ توهانکي ڪڏهن به ائين نه سوچيندو رهڻ گهرجي ته هيءُ ڪيئن آهي يا هوُ ڪيئن آهي. بس انهيءَ کانپوءِ ضرورت آهي ته صرف هڪ روحاني ابياس جي. توهان کي ڀڄن سمرن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. سنت مت ساهتيه پڙهڻ، ستسنگ ٻڌڻ جو صرف اهو ئي مول مقصد آهي ته اسان ۾ شوق پيدا ٿئي ۽ پيار وڌي. اهڙو واتاورڻ ملي ۽ اندر اهڙو ڀاو جاڳرت ٿئي، جنهن سان ڀڄن سمرن لاءِ پريم پيار وڌي. پوءِ ٻڌيءَ کي مڃائڻ لاءِ انهن سڀني ڳالهين جي ضرورت نه پوندي آهي صرف پنهنجي اندر پيار پيدا ڪرڻو پوندو آهي جيئن انهيءَ مارگ تي هلندا رهون. بس شروعات ۾ ٻڌيءَ کي تسلي ڏيڻ ضروري آهي، جيئن مارگ ۾ ڪا رڪاوٽ نه وجهي سگهي. پر پوءِ ٻڌي خود اسان کي روحاني مارگ ۾ ڪا به مدد نٿي ڪري سگهي.

س - ١٨٨. مهاراج جي، توهين تفصيل سان سمجهائيندا ته اسين تن، من، ڌن پنهنجي گروءَ کي ڪهڙيءَ طرح ارپڻ ڪري سگهون ٿا؟

ج - انهن سڀني پدارٿن کي ارپڻ ڪرڻ جو مطلب آهي پنهنجي من کي نرمل ۽ پوتر ڪرڻ، پنهنجي سرير ۽ ڌن دولت کان من کي موڙي شبد سان جوڙڻو آهي. جنهن ارپڻ ڪرڻ جو توهان ذڪر ڪيو آهي اها ٽن قسمن جي شيوا آهي. تن جي شيوا سان سرير جو اهنڪار ۽ اهميت جو ڀاو ختم ٿئي ٿو. جڏهن اسين ستگروءَ جي آگيا انوسار ساڌ سنگت جي شيوا ڪندا آهيون ۽ سڀني سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلندا آهيون تڏهن اسانجي من مان ڪنهن حد تائين اهم ڀاو نڪري ويندو آهي ۽ اسين پاڻ کي ڀين جوڙو ئي سمجهڻ شروع ڪندا آهيون. گهڻي ڌن ۽ انهيءَ جي موهه سبب ڪيترين ئي گندين عادتن ۾ ٻون ٿيون. ستگروءَ کي اسانجي ڌن جي ڪا به ضرورت نه هوندي آهي پر جڏهن اسين ستگروءَ جي حڪم موجب اهو دان ۾ ڏيون ٿا ته انهيءَ جو موهه گهٽي قدر نڪري وڃي ٿو. ڀڄن ڪرڻ ۽ سنت مت جي سکيا انوسار هلڻ، من جي شيوا آهي.

س- ١٨٦. ٺيڪ، ته پوءِ اسين اندر ڪيئن سبب ڪري توهانجي حڪم انوسار ماس نٿا کائون، شراب نٿا پيئون ۽ توهانکي پنهنجو ستگرو مڃون ٿا.

ج- ها ٺيڪ آهي. پر تنهن هوندي به اسين پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ته اهو سڀ ڪجهه اسان پنهنجي عقل بدڌيءَ دواران سوچي سمجهي ڪيو آهي. اهڙا فيصلا نهايت اوچ اوستا ۾ ڪيا ويندا آهن پر اسين پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏيڻ لاءِ چوندا آهيون ته اسان پنهنجيءَ عقل بدڌيءَ انوسار ڪيو آهي.

س- ١٨٧. مهاراج جي، ڇا اهو ٺيڪ آهي ته جڏهن بدڌي ڪنهن حد تائين، مارگ صحيح هجڻ جي ڳالهه کي مڃيندي آهي ته ڇا سچ پچ ايمان ڪرڻ شروع ڪري سگهجي ٿو؟ اهڙي حالت ۾ بدڌي مدد ڪندي آهي؟ رڪاوٽ نه ڪندي؟

ج- پهرين، ان بعد بدڌي نه ٻالڪ وشواس يا شردا ۽ ايمان اسان کي اُتي وٺي ويندا آهن. جيڪڏهن روي توهين عقل بدڌيءَ کي انهيءَ ڳالهه ۾ آڻيندا ته اها رڪاوٽ بڻبي. اسانکي پنهنجي بدڌيءَ کي بدڌيءَ سان تسلي ڏيڻ بعد، بدڌيءَ کي ڇڏي ڏيڻو آهي. ان کانپوءِ صرف وشواس ۽ ايمان جي ضرورت آهي. جيڪڏهن توهين روي بس عقل کي دخل ڏيڻ ڏيندا ته پوءِ ڪڏهن به ايمان نه ڪري سگهندا. پر جيڪڏهن ڪنهن عقلمند انسان کي هڪ دفعو تسلي ٿي وڃي ٿي ته پوءِ هن کي شروع ڪرڻ ۾ دير ٿي سگهي ٿي، پر ڪڏهن به پٺڪي نٿو سگهي.

س- ڇا اها بنياد جي تياري آهي، آهي نه؟

ج- اهو ٺيڪ آهي پر بدڌي مارگ ۾ مددگار نٿي ٿئي، عقل ۽ مالڪ تائين نٿو پهچائي. پهرين هنکي پنهنجيءَ بدڌي کي تسلي ڏيڻي پوندي پر انهيءَ کانپوءِ هن جو ايمان ۽ وشواس ئي هن کي پرماتما تائين پهچائي سگهندا. انهيءَ ڪري هن نام مارگ تي اچڻ کان اڳ، کوج ٿي سگهي اوتري ڪرڻ گهرجي. انهيءَ کوج ۾ جيڪڏهن

س - مان مڃان ٿو ته اسان کي انهيءَ ڳالهه تي وشواس ڪرڻ گهرجي پر تنهن هوندي به اچرج ٿو لڳي ته.........؟

ج - اهو قبول ڪرڻ به من جي ڪِريا ئي آهي.

س - ١٨٥. پر اسان کي روزاني زندگيءَ ۾ رواجي ڳالهين جي باري ۾ انترمکي اشارا ملي ويندا آهن يا انهن کان ڇڏجي ته ڪنهن ڳالهه بابت دليل ڏيڻي نتيجي تي پهچڻ بجاءِ ڪنهن آتم گيان سان، انهيءَ باري ۾ معلوم ڪريون ته انهيءَ گيان سان اسين پهنجي منزل مقصد جي وڌيڪ جلدي پهچي ويندا آهيون. تنهنڪري انهيءَ جو وڏي وڏي ڳالهين ۾ استعمال ڇو نه ڪيو وڃي؟

ج - نه، جيسين عقل بُدي آهي، انهيءَ کي تسلي ڏيڻ ضروري آهي. اڄڪلهه "ڇو" ۽ "ڪيئن" مکيه سوال يا لفظ آهن. اسين انهيءَ کي سائنس جو زمانو چئون ٿا. انهيءَ ڪري "ڇو" پهريون سوال آهي. مان "ڇو" ڪريان؟ مان ڪيئن ڪريان؟ جيئن ته اسان ۾ بُدي آهي، انهيءَ ڪري ڪنهن حد تائين انهيءَ کي تسلي ڏيڻ ضروري آهي. نه ته ٻيءَ حالت ۾ اسان کي پنهنجي سمرن ڪرڻ نه ڏيندي. بدي اسانجي مارگ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي ۽ انهيءَ رڪاوٽ کي بدي‌ءَ سان ئي هٽائڻو پوندو. جيسين اسانجي بدي اها ڳالهه نٿي مڃي، تيسين من پنهنجي مارگ تي هلڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي. بديءَ جي، بديءَ داران ئي تسلي ڪرڻي آهي. ستسنگ، سوال جواب ۽ سنت ساهتيه وغيره سڀني جو اهو ئي مقصد آهي. اهي سڀ ساڌن بدي کي تسلي ڏيڻ لاءِ ئي آهن. جڏهن سنت فرمائين ٿا ته صرف "هيءَ ڪم ڪريو" ته اسان کي شروع ڪرڻ گهرجي. پر جيسين بدي نٿي مڃي، تيسين اسين انهن نتا ڪري سگهون. پهرين اسانکي بديءَ انوسار اها ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ گهرجي ته هيءَ مارگ ٺيڪ آهي ۽ انهيءَ تي هلڻ سان اسين مالڪ سان ملي سگهون ٿا. تنهنڪري بديءَ کي تسلي ڏيڻي آهي. پر بدي نه اسانجن سڀني مسئلن کي حل ڪري سگهي ٿي ۽ نه ئي سڀني سوالن جو جواب ڏيڻي سگهي ٿي.

وَسَتَ آتما ٻـ مَنَ سان گڏ هوندي آهي. جيسين مَنُ پنهنجي اڪائي نه ڇڏي، تيسين ٻئي (آتما ۽ من) ٻانڌ ۾ هڪ ٻئي سان جڙيل رهن ٿا. من جي پنهنجي گهر ڇڏڻ بعد ئي آتما آزاد ٿي پنهنجي نج گهر وڃڻ جي لائق بڻجي ٿي. تنهنڪري انهيءَ شڪتيءَ کي هيٺ وڃڻ واري مارگ جي بجاءِ، مٿي وڃڻ واري مارگ تي آڻڻ گهرجي، جڏهن من ۾ مالڪ لاءِ پريم پيدا ٿئي ٿو تڏهن هُو اسانجو هڪ طاقتور دوست بڻجي ٿو. ستگرو اسان کي ڪنجي ڏيندو آهي. اسانکي شبد سان جوڙيندو آهي. اُن بعد شبد جي سهاري، من جي دشمنيءَ کي دوستيءَ ۾ بدلائيندو آهي. آتما من سان گڏ سڌس گهر تائين ويندي آهي ۽ من کي پنهنجي گهر ڇڏي، مٿي پنهنجي اصلي نج ڌام طرف هلڻ شروع ڪندي آهي. اهڙي طرح آخر من کي ڇڏڻو ئي پوندو آهي. انهيءَ ڪانپوءِ اسين واپس وڃي پنهنجي پرم پتا پرماتما سان ميلاپ ڪري سگهون ٿا.

س- ١٨٣. پُرس پرِسد وديا (Spiritualism) دوارا آتمائن کي سڏائڻ مان ڪجهه فائدو ٿي سگهي ٿو؟

ج- پُرس وديا دوارا توهانجو تعلق ڪنهن به آتما سان نٿو جڙي. توهانجو سمبنڌ صرف من سان جڙي ٿو. من توهانجو هڪ ساٿي، وسيلو يا اوزار بڻجي ڪيترائي ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيندو آهي. ستسنگين کي ڪڏهن به آتمائن گهرائڻ جي چڪر ۾ نه پوڻ گهرجي. اهو بلڪل ٺيڪ ناهي، آتمائن گهرائڻ واري جو الٽ نهايت ڀيانڪ ٿيندو آهي.

س- ١٨٤. منهنجي وِچار ۾ ته سنت مت الوسار من کي ڪڏهن به پرڪو روحاني منڊلن جو گيان ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن من کي اهڙي طرح جاڻ ٿي سگهي ها ته پوءِ ابياس جي ضرورت ئي نه رهي ها؟

ج- اهو صحيح آهي. من ۽ بُڌيءَ جي سوچ وچار ڪرڻ جو دائرو محدود آهي. اهي صرف هڪ خاص حد تائين وڃي سگهن ٿا. پر اسانکي پنهنجيءَ حد يا دائري کان ٻاهر نڪتا ولي وڃي سگهون. سبب دليل، وچار ۽ دماغي بحث مباحثا اسانجو من ئي ڪري ٿو.

س - مان سمجهان ٿو تہ اسان کي انهيءَ ڳالهہ تي وشواس ڪرڻ گهرجي پر تنهن هوندي بہ اچرج ٿو لڳي تہ......؟

ج - اهو قبول ڪرڻ بہ من جي ڪِريا ئي آهي.

س - ١٨٥. پر اسان کي روزاني زندگيءَ ۾ رواجي ڳالهين جي باري ۾ انترمکي اشارا ملي ويندا آهن يا ائين کڻي چئجي تہ، ڪنهن ڳالهہ بابت دليل ڏيڻ نتيجي تي پهچڻ بجاءِ ڪنهن آتم گيان سان، انهيءَ باري ۾ معلوم ڪريون تہ انهيءَ گيان سان اسان پنهنجي منزل مقصد جي ويجهو جلدي پهچي ويندا آهيون. تنهنڪري انهيءَ جو وڌ ۾ وڌ ڳالهين ۾ استعمال ڇو نہ ڪيو وڃي؟

ج - نہ، جيستائين عقل بُدي آهي، انهيءَ کي تسلي ڏيڻ ضروري آهي. اڄڪلهہ "ڇو" ۽ "ڪيئن" مکيہ سوال يا لفظ آهن. اسين انهيءَ کي سائنس جو زمانو چئون ٿا. انهيءَ ڪري "ڇو" پهريون سوال آهي. مان "ڇو" ڪريان؟ مان ڪيئن ڪريان؟ جيئن تہ اسان ۾ بُدي آهي، انهيءَ ڪري ڪنهن حد تائين انهيءَ کي تسلي ڏيڻ ضروري آهي. نہ تہ بيءَ حالت ۾ اسان کي ڀڄن سمرن ڪرڻ نہ ڏيندي. بدي اسانجي مارگ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي ۽ انهيءَ رڪاوٽ کي بديءَ سان ئي هٽائڻو پوندو. جيستائين اسانجي بدي اِها ڳالهہ نٿي مڃي، تيستائين من ڀڄن جي مارگ تي هلڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي. بديءَ جي، بديءَ دوارا ئي تسلي ڪرڻي آهي. ستسنگ، سوال جواب ۽ سنت ساهتيہ وغيرهہ سڀني جو اهو ئي مقصد آهي. اهي سڀ سادن بدي کي تسلي ڏيڻ لاءِ ئي آهن. جڏهن سنت فرمائين ٿا تہ صرف "هيءَ ڪم ڪريو" تہ اسان کي شروع ڪرڻ گهرجي. پر جيستائين بدي نٿي مڃي، تيستائين اسين انهن نٿا ڪري سگهون. پهريائين اسانکي بديءَ انوسار اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ گهرجي تہ هيءُ مارگ ٺيڪ آهي ۽ انهيءَ تي هلڻ سان اسين مالڪ سان ملي سگهون ٿا. تنهنڪري بديءَ کي تسلي ڏيڻي آهي. پر بدي نہ اسانجن سڀني مسئلن کي حل ڪري سگهي ٿي ۽ نہ ئي سڀني سوالن جو جواب ڏيئي سگهي ٿي.

وقت آتما به من سان گڏ هوندي آهي. جيستائين من پنهنجي لڪائي نه ڇڏيندي، تيستائين اها (آتما ۽ من) پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان جڙيل رهندا. من جي پنهنجي ڪم ڇڏڻ بعد ئي آتما آزاد ٿي پنهنجي اصل گهر وڃڻ جي لائق بڻجي ٿي. تنهڪري انهيءَ شڪتيءَ کي هيٺ وڃڻ واري مارگ جي بجاءِ، مٿي وڃڻ واري مارگ تي آڻڻ کپرجي، جڏهن من ۾ مالڪ لاءِ پريم پيدا ٿئي ٿو تڏهن هو اسانجو هڪ طاقتور دوست بڻجي ٿو. سٺڪرو اسان کي ڪنهن ڏيندو آهي. اسانکي شبد سان جوڙيندو آهي. اُن بعد شبد جي سهاري، من جي دشمنيءَ کي دوستيءَ ۾ بدلائڻو آهي. آتما من سان گڏ سڌس گهر تائين ويندي آهي ۽ من کي پنهنجي گهر ڇڏي، مٿي پنهنجي اصلي نج ڌام طرف هلڻ شروع ڪندي آهي. اهڙي طرح آخر من کي ڇڏڻو ئي پوندو آهي. انهيءَ ڪانوءَ اسين واپس وڃي پنهنجي پرم پتا پرماتما سان ميلاپ ڪري سگهون ٿا.

س- ١٨٣. پرت پريت وديا (Spiritualism) دوارا آتمائن کي سڏائڻ مان ڪجهه فائدو ٿي سگهي ٿو؟

ج- پرت وديا دوارا توهانجو تعلق ڪنهن به آتما سان نٿو جڙي. توهانجو سمبنڌ صرف من سان جڙي ٿو. من توهانجو هڪ ساڌن، وسيلو يا اوزار بڻجي ڪيترائون ئي ڀليون پدائي ڇڏيندو آهي. ستسنگين کي ڪڏهن به آتمائن گهرائڻ جي چڪر ۾ نه پوڻ گهرجي. اهو بلڪل ٺيڪ ناهي، آتمائن گهرائڻ واري جو الٽ نهايت پيانڪ ٿيندو آهي.

س- ١٨٤. پنهنجي ويچار ۾ ته سمس مت انوسار من کي ڪڏهن به پورو روحاني منڊلن جو گيان ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن من کي اهڙي طرح ڄاڻ ٿي سگهي ها ته پوءِ ابياس جي ضرورت ئي نه رهي ها؟

ج- اهو صحيح آهي. من ۽ بڌيءَ جي سوچ ويچار ڪرڻ جو دائرو محدود آهي. اهي صرف هڪ خاص حد تائين وڃي سگهن ٿا. پر اسانکي پنهنجيءَ حد يا دائري کان باهر نڪتا ولي وڃي سگهون. سب ... ۽ دماغي بحث مباحثا اسانجو من ئي ڪري ٿو.

ج- آتما من جي سانت سبب، اُنهي قابوءِ ۾ اچي وئي آهي، انهيءَ ڪري اهڙي اوستا ۾ من جو آتما تي قبضو آهي. دراصل من آتما کي هلائي رهيو آهي، پر خود اندرين جي وس آهي. اسان کي انهيءَ سلسلي کي ٽوڙڻو آهي. اسين چاهيون ٿا ته من آتما جي وس ٿئي ۽ اندريون من جي وس ٿين. تنهنڪري اسان کي پنجن سمرن دوارا انهيءَ سلسلي کي اُبتو ڪرڻو آهي جيئن اسين واپس وڃي مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهون.

س- ١٨٢. آتما کي اها ڄاڻ ڪيئن ٿي سگهي ٿي ته مان من کان آزاد ٿي چڪي آهيان؟

ج- اها ڄاڻ ٿي سگهي ٿي. خود آتما ۾ سڌيءَ طرح محسوس ڪرڻ جي يا گيان پراپت ڪرڻ جي شڪتي آهي. من ته صرف هن سنسار ۾ هنجي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ ساڌن آهي. پر اهو ساڌن (من) مکيه ٿي چڪو آهي ۽ اهو وري پنهنجي ساڌن يعني اندرين جي وس ٿي چڪو آهي انهيءَ ڪري منهنجو چوڻ آهي ته جيسين من، سروويا پي من (Universal Mind) ۾ لين نٿو ٿئي ۽ آتما هن جي پنجي مان آزاد نٿي ٿئي، تيسين هنکي پنهنجي باري ۾ گيان نٿو ٿي سگهي. پر جيسين آتما من جي وس آهي، هوءَ صرف من جي مدد سان ئي پنهنجي نج گهر طرف واپس وڃي سگهي ٿي. من اسانجو هڪ وڏو دشمن آهي، جڏهن هو اندرين جو غلام آهي. چو ته ڪڏهن نه ڪڏهن نمونيءَ، تنهن ڏي کان هيٺ هنجو لاڙو اندرين طرف رهي ٿو. هن جي ورتي سدائين اندرين ۾ رهي ٿي. جڏهن لاءِ هوُ هميشه ڪجهه نه ڪجهه بهانو ٺاهيندو رهي ٿو. هن کي اها خبر نٿي رهي ته هيءُ اندرين جو غلام ٿئي چڪو آهي ۽ انهيءَ ڪري هيءُ اسانجو سڀني کان وڏو دشمن آهي.

جڏهن پنجن سمرن ذريعي سرت شو نيترن ۾ ايڪاگر ٿئي ٿي، تڏهن نام يا شبد جي مدد سان هوءَ واپس پنهنجي مول استان تي پهچي ٿي. جڏهن من واپس پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ مارگ تي هلڻ شروع ڪري ٿو، تڏهن انهيءَ مارگ ۾ هوُ اسانجو دوست ٿئي ٿو. انهيءَ ڪاڻپوءِ اسانجو هن کان سٺو ٻيو ڪو دوست ئي ڪونهي. موٽڻ

آتما ازخود آزاد ٿئي ٿي. جيئن ته سقراط فرمايو آهي، ”پنهنجو پاڻ سڃاڻ.“ من جي جسم مان ڇوٽڪاري پائڻ بعد ئي اسان کي گيان ٿئي ٿو ته دراصل اسين ڇا آهيون. تڏهن ئي پنهنجي اصليت جي صحيح ۽ سچي ڄاڻ پوي ٿي. هن وقت اسين جيڪي ڪجهه ڪري رهيا آهيون، من جي وس ٿي ڪري رهيا آهيون ڇو ته آتما اڃا من جي ماتحت آهي. پر جڏهن اسين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻون ٿا تڏهن من آتما جي وس ٿئي ٿو ۽ اسين اصليت ڇوڻ جي قابل هوندا آهيون ته ”اسين پرماتما آهيون“ (تت توم آس). ”جيڪي ڪجهه تون آهين اهو ئي مان آهيان.“ (سوهنگ) ۽ دراصل هر هڪ آتما پرماتما ئي آهي.

س- سو سچي مصيبت من ئي آهي؟

ج- من ئي مصيبت آهي. اهو صحيح آهي.

س- ١٨١. مهاراج جي، سرووياپي من (Universal Mind) جنهن کي اسان ئي ديا وجهي ٿو يا انهن ڇنجي ته سرشٽي رچيندڙ جي پربوڌا سبب ديا وجهي ٿو، انهيءَ باري ۾ توهانجو ڪهڙو وچار آهي. ڇو ته پرم جي شڪتي، شڪتيءَ جي پربر ڪان وڌيڪ آهي. سرشٽي رچيندڙ ۽ سرووياپي من (Universal Mind) الڳ الڳ آهن يا هڪ آهن؟ انهن ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

ج- توهين چئي سگهو ٿا ”من، نرمل من ۽ نهايت نرمل من ٿيا ٿولر من.“ پر من ته من ئي آهي. اسين آتما يا پرماتما چئي سگهون ٿا ڇو ته آخر ٻئي هڪ آهن. من ۽ وشووياپي من ٻئي هڪ ئي آهن. پنڊي من (Individual Mind) انهيءَ مان ئي نڪري ٿو ۽ وري واپس وڃي سرووياپي من ۾ ئي سمائجي وڃي ٿو. توهين انهيءَ کي من جو ساڳيو تت چئي سگهو ٿا پر انهيءَ جو ارٿ ساڳيو ئي آهي.

س- پر اهو من، وشووياپي من کي پنهنجي وس ڪري سگهي ٿو. شايد اهو ئي ڪال آهي؟

ج- ٺيڪ آهي.

اهو من هرهڪ جيو آتما کي وس ۾ ڪري سگهي ٿو؟

٧- (ب) مَن ۽ آتما

س- ١٨٠. اسين سڀ مَن جا غلام آهيون. مَن ڪڏهن نہ ڪڏهن نموني سيٺي قسمن جي تلاش ڪرڻ ۾ اهڙيءَ طرح ڇڪيندو رهي ٿو جو اسين پنهنجي مول مقصد کان دور ٿي وڃون ٿا. توهان....

ج- آتما پرماتما جي انس آهي. هن مَن جو ساٿ ڪيو آهي. مَن اندرين جو داس آهي. اهڙيءَ طرح اسانجي آتما بہ مَن سان گڏجي، اندرين جي داسي بڻجي چڪي آهي. جيسين هوءَ مَن جو ساٿ نہ ڇڏيندي، تيسين نہ تہ هوءَ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي سگهي ٿي ۽ نہ ئي واپس پنهنجي مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهي ٿي. هيءَ مَن جي چنبي مان تڏهن ئي آزاد ٿي سگهي ٿي، جڏهن مَن پنهنجي اصلي استان تي پهچندو. پهچن سمرن جو صرف هڪ ئي مقصد آهي، هڪ ئي مطلب آهي. آتما کي مَن جي چنبي مان آزاد ڪرڻ، مَن ۽ آتما جي ڳنڍ کي کولڻ، هن وقت ٻنهي جي ڳنڍ ٻڌي پيئي آهي، جڏهن اسين مَن کي اندرين جي ٻندن کان ڇڏائي انهيءَ ڳنڍ کي کولڻ لائق بڻجون ٿا، تڏهن ئي مَن واپس پنهنجي گهر، پنهنجي ٺڪاڻي پهچي ٿو ۽ آتما بہ هن سان گڏ وڃي ٿي، اُن بعد مَن پنهنجي مول گهر ۾ سمائجي وڃي ٿو ۽ آتما پنهنجي گهر واپس پنهنجي پرم پتا پرماتما سان ملڻ هڪ ٿي وڃڻ لاءِ آزاد ٿئي ٿي. اها ڳالهہ بلڪل آسان آهي، پر جيسين مَن اندرين جو غلام آهي، تيسين اهو ڪم سؤکو ناهي.

مَن ۽ آتما جي ڳنڍ ٻڌل آهي ۽ انهيءَ جو استان نيون تل آهي، انهيءَ جڳهہ تان ئي مَن اندرين طرف ڇڪجي ٿو ۽ انهيءَ استان تان ئي هن کي مٿي ولي وڃي سگهجي ٿو. سڀ کان پهرين پنهنجي خيال کي هن نقطي "شو نيترِ" تي ايڪاگر ڪرڻو آهي ۽ اندر شبد يا نام سان جوڙڻو آهي. شبد سان جڙي، شبد ۾ سمائجي وڃڻ بعد اسان کي اندرين کان وڌيڪ رسيلو ۽ آتم آنند پراپت ٿئي ٿو. شبد جي سهاري ئي اسان کي مَن جي اصلي گهر تائين جيڪو ترڪٽي آهي ۽ پهر روحاني منڊل آهي، پهچڻو آهي. جڏهن مَن پنهنجي گهر پهچي وڃي ٿو تڏهن

ملي وڃي تہ اسين انهيءَ ڪيتري قدر ترقي تي چڪا آهيون. انهن اسانکي پنهنجي آڏو ڪري ڇڏيو آهي. اهي اسان تي ايتري قدر ڇانئجي ويئون آهن جو اسانکي انهن مان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو ئي نہ رهيو آهي ۽ اسانجو اُن ڄار مان نڪرڻ محال ٿيو پوي. اهو ئي "آهر" آهي. اسين صرف شبد يا نام ذريعي سمرن ڪري ئي اُن ڄار کي ٽوڙي سگهون ٿا.

نڪرندي، جڏهن اسين اندر شبد يا نام سان پنهنجو پاڻ کي جوڙينداسين. شبد پريم اسان ۾ نمرتا آڻي ٿو ۽ اهم کي ٻاهر ڪڍي ٿو. شبد يا نام سان ئي "مان، منهنجو" نڪري ٿو ۽ اُن ڪانپوءِ ئي "مان، مان" "تون، تون" ٿي وڃي ٿي. مثال طور جڏهن اسين ڪنهنکي پيار ڪندا آهيون ته اسين اهي ڪم نه ڪندا آهيون جيڪي اسان کي سٺا لڳندا آهن، پر اهي ڪم ڪندا آهيون جيڪي اسانجي پياري جي دلچسپيءَ جا هوندا آهن. هميشه پنهنجن وچارن کي دٻائي، پنهنجن وڏڙن وچارن جي مخالفت ڪندي، پنهنجي پريتم پنهنجي پياري کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. اهوئي سڌانت اچن سمرن جو آهي. جڏهن اسين شبد ۾ سمائجي وڃون ٿا، اچن سمرن سان پيار وڌي ٿو. پرم پتا پرماتما جي پريم پيار سان، آهستي آهستي اسان مان اهو اهنڪار يا اهم پاڻ خود بخود نڪري وڃي ٿو. اسانکي اُنهيءَ رب جي رضا ۾ اُنهيءَ صاحب ۾ سمائجي وڃڻ ۾ ئي هڪ پرم آتمڪ آنند ۽ سچي شانتي پراپت ٿئي ٿي ۽ نه مالڪ کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ ۾. اهڙي طرح اهو "اهم" ازخود نڪري ويندو آهي.

جيسين پرماتما سان پريم پيار اُتپن نٿو ٿئي، تيسين سنسار جو موهه ۽ پيار سماپت نٿو ٿي سگهي. سنسار جي شڪلين ۽ پدارٿن جو موهه ئي "اهنڪار" آهي. پهرئين اسين اُنهنکي ڏسندا آهيون، اُنهنجا مضبوط سنسڪار پيدا ٿيندا آهن ۽ اسين اُنهنکي پنهنجو بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ۽ اُنهنکي پنهنجو بڻائڻ لاءِ جي جان لڳائي محنت ڪندا آهيون پوءِ محسوس ڪندا آهيون ته اسين اُنهنجا داس بڻجي چڪا آهيون. جيئن ڪوريئڙو خوشيءَ سان پنهنجي جار اُڻندو آهي، پر جڏهن جار اُڻي پوري ڪندو آهي ته پوءِ کيس معلوم ٿيندو آهي ته هو اُن ۾ پوريءَ طرح قابو ٿي چڪو آهي ۽ اُن کان ٻاهر نڪري نٿو سگهي. اسين به اِها ئي ساڳي ڳالهه ڪري رهيا آهيون. اسين رات ڏينهن پورهيو ڪري، وگيان جون کوجنائون ڪري سنسار جون نيون نيون شيون پراپت ڪرڻ لاءِ، ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اسين پنهنجو پاڻ لاءِ قيد ٺاهي رهيا آهيون ۽ جڏهن اسانکي سڀ ڪجهه

س - ١٧٨. مهاراج جي، ڪيترا دفعا جڏهن اسين پنهنجو پاڻ کي جاچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، پاڻ ۾ ڪجهه سڌار ڪرڻ جي خيال کان جڏهن اسين پنهنجي ڪردار، پنهنجي زندگي، پنهنجن ڪمن کي ڏسندا رهندا آهيون، ان وقت جيڪڏهن انجاڻائيءَ ۾ اوچتو اهم ڀاو اچي وڃي ته ڇا ڪجي؟ اسين پاڻ کي هميشه هڪجهڙو ڪيئن رکون يعني نه پاڻ کي گهٽ ۽ نه پاڻ کي وڌ سمجهون؟

ج - هي زندگيءَ ڀر جي ڪشمڪش آهي. اهو سمجهڻ نهايت مشڪل آهي ته انسان ۾ ڪڏهن اهم آهي، ڪڏهن اهم نه آهي. جڏهن اسين پنهنجي عاجزي يا نمرتائيءَ جي ڀاو ۾ ڪوچ ڪندا آهيون ته معلوم ٿيندو آهي ته اهو به هڪ نئون اهم جو روپ ٿي آهي. تنهڪري جڏهن اسين سوچيون ٿا ته انسان ۾ اهم ڪونهي ته اهو به دراصل انسان ۾ اهم ٿي آهي.

س - اهائي ته هڪ مشڪل ڳالهه آهي. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اسين ڪڏهن پنهنجي جاچ پڙتال ڪري به سگهنداسين يا نه؟

ج - انسان کي صرف ڪوشش ڪرڻي آهي. ان بعد مالڪ جي ديا مهر هميشه رهي ٿي.

س - ١٧٩. مهاراج جي، توهين انسان کي ڪا ڪسوٽي يا اهڙي ڪا نشاني ٻڌائيندا، جنهن سان انسان کي اهو معلوم ٿي سگهي ته اسين پنهنجو پاڻ کي ضرورت کان وڌيڪ ته نٿا سمجهون؟ وڏي ۾ وڏو مرض آهي خود کي وڏو سمجهڻ.

ج - توهانجو مطلب اهم سان ٿي آهي؟

س - ها، هڪ ستسنگي ڪيئن سمجهي سگهي ته اهو مرض سندس ۾ ڪٿي گهر ڪري چڪو آهي؟

ج - اها هڪ عام بيماري آهي ۽ انسان سڀني ۾ گهڻي قدر آهي. جيڪڏهن اها بيماري نه هجي ها، ته اسين هن سنسار ۾ ٿي نه هجون ها. اسانجو هن سنسار ۾ هئڻ ٿي انهيءَ ڳالهه جو هڪ ثبوت آهي ته اسين انهيءَ مرض ۾ مبتلا آهيون. هيءَ بيماري انسان مان تڏهن ٿي

اِنهيءَ کي "ورد" چيو ويو آهي. دراصل اها هڪ ئي شڪتي آهي،
جنهن کي جدا جدا نالن سان پڪاريو ويو آهي. اها شڪتي، اِها جيون
نم داتا، اسان سڀني جي اندر اڪين پوين جهلڪي رهي آهي. اُنهيءَ
ڌُن ۽ پرڪاش ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ لاءِ پنهنجيءَ سرت کي شونيتا ۾
وٺي وڃڻو آهي. اُنهيءَ شبد يا نام جو پيار، اسانجي اندر ازخود،
اِندرين جي موهه کي ختم ڪري ٿو.

جيتري وڌيڪ اسين هن نام مارگ تي هلي ترقي ڪنداسين اوترو
ئي اسين نهتا بڻبا سين. جيترو اسانجي اندر پرماتما لاءِ پيار ۽ ڀڳتي
وڌندي ويندي، اوترو ئي اسان ۾ نمرتا ۽ نهتاڻي ايندي ويندي.
جيترو وڌيڪ پريوءَ کي پريم ڪنداسين، اوترو وڌيڪ مالڪ جي
مهما جو گيان ٿيندو ويندو ۽ اوترو ئي اسين پنهنجيءَ روزمره جي
زندگيءَ ۾ نهتا نماڻا بڻبا سين. جيترو دانا کان دور رهبو، اوترو اهم
وڌندو ويندو. اسين سوچيندا آهيون ته "مان هيءُ ڪم ڪري رهيو
آهيان." مان اُهم آهيان جڏهن اسان کي اُهم ۾ اُهم اعليٰ ۽ اعلي شڪتيءَ
جو گيان پراپت ٿئي ٿو، تڏهن ئي اسين مالڪ جي چرنن جا داس
بڻجون ٿا. اُن ڪانپوءِ ئي سچي نمرتا اچي ٿي. اِنهيءَ ڪري ئي عيسيٰ
اُنهن ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جنجي دل ۾ ديتنا ۽ نمرتا آهي. هر هڪ
سنت اسان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسان کي پنهنجي
اندر اهڙي نمرتا پيدا ڪرڻ گهرجي. گرونانڪ صاحب جن پنهنجو پاڻ کي
"داسن داس" "لالو گولو" "نيچ ڪرما" وغيره ڪري پڪاريو
آهي. سچي نمرتا صرف سنتن مهاتمائن ۾ ئي ٿئي ٿي ۽ اِها اندر صرف
پرماتما جي ڀڳتي، پرماتما جي پيار سان ئي پيدا ٿئي ٿي. جڏهن
سرير جي روم روم ۾ پرماتما جي پريت سمائجي وڃي ٿي، تڏهن
ئي "مان"، هوميءَ نڪري ٿي ۽ پوءِ صرف نهتاڻي ۽ نماڻائي رهجي
وڃي ٿي. جيسين اندر ڀڳتي ۽ پيار ڪونهي، تيسين روم روم ۾،
رڳ رڳ ۾ اهنڪار پربل رهي ٿو. دنيا کان منهن موڙي، مالڪ سان
پنهنجو پاڻ کي جوڙڻو آهي. صرف روحاني ابياس ذريعي سمرٿ داران
ئي اسين پنهنجيءَ "مان" کي ماري سگهون ٿا.

ڄڪڙيو پيو مٿين طرف وڃي رهيو. جڏهن من هڪ ڀيرو مٿي وڃڻ
شروع ڪري ٿو ته پوءِ اُنهيءَ کي هيٺ ڇڪي نٿو سگهجي.

س - ١٧٦. انهيءَ جو مطلب ڇا اهو آهي ته ساڌارڻ زندگيءَ ڪاسواءِ
اهنڪار يا هوميءَ جي ٻل کي ڪيترو قدر الهه، اسانکي ٻروڪي سنسار الهه
ٻاورا وڪي طريقو سوچڻ گهرجي؟

ج - اهنڪار کي گهٽائڻ لاءِ صرف هڪ ئي طريقو آهي. اهو آهي اندر
شبد تي ڌيان ڏيڻ ۽ اُنهيءَ پرڪاش سان پنهنجو پاڻ کي جوڙڻ. جيستائين
اسين اُنهيءَ نار يا شبد سان نه جڙيا آهيون تيستائين اسين سنسار جو،
گهر، دوستن، مٽن، پدارٿن، ڌن دولت، سون، چاندي جو موه، تياڳي
نٿا سگهون. صرف اوپر ئي، تياڳ ۽ وئراڳ آڻي سگهجي ٿو. جڏهن من ۽
اندرين جي ٻاهرين ڪان وڌيڪ لذيذ پدارٿ سان جڙي وڃي ٿو ته تڏهن
اسان ۾ اهنڪار نٿو رهي. "مان" تيستائين رهي ٿي، جيستائين اسان ۾
پرماتما لاءِ پريم پيار پيدا نه ٿيو آهي. جڏهن اندر مالڪ جو پيار
سمائجي وڃي ٿو ته تڏهن خوديءَ لاءِ ڪو استان ئي نٿو رهي.

س - ١٧٧. مان پنهنجي پاڻ مان، خوديءَ يا اهنڪار کي ڪيئن ٿو
ماري سگهان؟

ج - ٺيڪ آهي، اهو سوال ويچارڻ لائق آهي ۽ ڪافي اهميت
ڀريو آهي. اهنڪار من سان گڏ اچي ٿو. اهو من جو ئي سڀاءُ آهي.
جيستائين اهنڪار آهي، آتما واپس پرماتما سان ميلاپ نٿي ڪري سگهي.
هوميءَ کي اسين پنهنجو پاڻ مان تڏهن ئي ڪڍي سگهون ٿا جڏهن
اسين اندر روحاني روشنيءَ جو ديدار ڪنداسين، اُنهيءَ شبد ٻڌي
پڌداسين، جنهن کي توهين پرماتما جو شبد، هولي گهوسٽ (Holy Ghost)
چئون ٿا. اُنهيءَ کي ڪيترن ئي نالي سان سڏي سگهجي ٿو. هر هڪ
سنت اُنهيءَ کي، سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. گرو نانڪ شبد
کي ناليءَ گرباڻي چيو آهي. مسلمان سنتن اُنهيءَ کي ڪلمو "اسم اعظم"
ڪلام الاهي سڏيو آهي. چيني فيلسوفن اُنهيءَ کي "تائو" (Tao)
ڪوٺيو آهي. يونانين "لوگاس" نالو ڏنو آهي. انگريزي بائيبل ۾

انهيءَ کي ”روپ“ چيو ويو آهي. دراصل اها هڪ ئي شڪتي آهي، جنهنکي جدا جدا نالن سان پڪاريو ويو آهي. اِها شڪتي، اِها جيون نام ڌارا، اسان سڀني جي اندر اڪين پوين جهلڪي رهي آهي. انهيءَ ڏن ۽ پرڪاش ۾ ملي هڪ ئي وڃڻ لاءِ پنهنجيءَ سرت کي شو نيتر ۾ وني وڃڻو آهي. انهيءَ شبد يا نام جو پيار، اسانجي اندر ازخود، اندرين جي موهه کي ختم ڪري ٿو.

جيتري وڌيڪ اسين هن نام مارگ تي هلي ترقي ڪنداسين اوترو ئي اسين نهنا بڻباسين. جيترو اسانجي اندر پرماتما لاءِ پيار ۽ ڀڳتي وڌندي ويندي، اوترو ئي اسان ۾ نمرتا ۽ نهنتائي ايندي ويندي. جيترو وڌيڪ پريوءَ کي ڀروسو ڪنداسين، اوترو وڌيڪ مالڪ جي مهما جو گيان ٿيندو ويندو ۽ اوترو ئي اسين پنهنجيءَ روزمرهه جي زندگيءَ ۾ نهنا نماڻا بڻباسين. جيترو دانا کان دور رهبو، اوترو اهم وڌندو ويندو. اسين سوچيندا آهيون ته ”مان هيءَ ڪم ڪري رهيو آهيان.“ مان اَنم آهيان جڏهن اسان کي اُتم ۾ اُتم اعلي ۽ اعلي شڪتيءَ جو گيان پراپت ٿئي ٿو، تڏهن ئي اسين مالڪ جي چرنن جا داس بڻجون ٿا. اُن ڪانپوءِ ئي سچي نمرتا اچي ٿي. اِنهيءَ ڪري ئي عيسيٰ اُنهن ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جنجي دل ۾ ديئتا ۽ نمرتا آهي. هرهڪ سنت اسان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسان کي پنهنجي اندر اهڙي نمرتا پيدا ڪرڻ گهرجي. گرونانڪ صاحب جن پنهنجو پاڻ کي ”داسن داس“ ”لالو گولو“ ”نيچ ڪرما“ وغيره ڪري پڪاريو آهي. سچي نمرتا صرف سنتن مهاتمائن ۾ ئي ٿئي ٿي ۽ اِها اندر صرف پرماتما جي ڀڳتي، پرماتما جي پيار سان ئي پيدا ٿئي ٿي. جڏهن سرير جي روم روم ۾ پرماتما جي پريت سمائجي وڃي ٿي، تڏهن ئي ”مان“، هومي نڪري ٿي ۽ پوءِ صرف نهنائي ۽ نماڻائي رهجي وڃي ٿي. جيسين اندر ڀڳتي ۽ پيار ڪونهي، تيسين روم روم ۾، رڳ رڳ ۾ آهنڪار پريل رهي ٿو. دنيا کان منهن موڙي، مالڪ سان پنهنجو پاڻ کي جوڙڻو آهي. صرف روحاني ابياس پڄن سمرن دوارا ئي اسين پنهنجيءَ ”مان“ کي ماري سگهون ٿا.

پورا ٻڌڻ کان پوءِ آهي. آخرين سوال جي ٻاري ۾ ذڪر ڪرڻ لاءِ
جيڪي به ڪجهه لفظ جو استعمال ڪرڻ ٿي پوندو، اُهو سڀ هڪ ڳالهه
ٿي سگهي آهي. اها هڪ حق جي پاڻ آهي. جيئن ته هيءُ منهنجو
پٽ آهي، هيءُ منهنجي ڌيءَ آهي. هيءُ منهنجو ڏيهه آهي. هيءُ
منهنجي دولت آهي. جڏهن توهين پوريءَ طرح اُن جي پاڻ جي
وس ٿي وڃو ٿا، اُنهيءَ جو توهان مٿان پوريءَ طرح ضابطو رهي ٿو
تڏهن اُها شيءِ يا اهنڪار ([illegible]) آهي.

س - ١٧٤. جيئن ته اسين چوندا آهيون ته آتما پرماتما جي اوتاري
ٿي هلي ٿي، روحاني لهرن سبب اُهي هلي رهي آهي. جڏهن اهڙو
خيال اسان جي مٿان پوريءَ طرح ڇانئجي وڃي تڏهن ڇا اِهو اهم يا
مان گهٽجي اندازو قابوءَ ۾ اچي ويندو آهي؟

ج - تڏهن اسين اِئين سوچڻ شروع ڪندا آهيون ته هر هڪ پدارٿ
پرماتما جو آهي. مان صرف پنهنجو پارٽ ادا ڪري رهيو آهيان.
منهنجو ڪجهه به ڪونهي سڀ ڪجهه صاحب جو آهي. اِها ڳالهه صرف
چوڻ ماتر ٿي نه پر هڪ اصلي اندر پاڻ هوندو آهي. اهڙو اسان جو
وشواس ٿي ويندو آهي. اسان جو من سڀني پدارٿن مان موهه ڪڍي،
مالڪ مان موهه ۽ پريم رکي ٿو ۽ اُهو ئي هڪ انمول پدارٿ آهي،
هڪ خاص اهميت ڀري شيءِ آهي، جنهن جي ضرورت رهي ٿي. لفظن جي
ته. لفظ ته صرف پنهنجن وچارن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ ذريعو آهن.

س - ١٧٥/. اسين اِنهيءَ خودي، اِنهيءَ اهم جي پردي کي ڪيئن ٿي
طرح هٽايون. خاص ڪري جن پنهنجي سيوا ۾ جتي "مان" پوريءَ
طرح اسان تي سوار آهي. ڇا "مان" جي بجاءِ "اسين" چئي سڀني
طرفان، عرض ڪندي، صرف ظاهري طور نه پر هڪ اندر ايڪتا
جي پاڻ رکي اُنهيءَ پردي کي اندر هٽائي سگهجي؟

ج - اڳرين مان توهانکي اهو وشواس ڏيارڻ چاهيندس ته توهان ۾
جا عمر جي مائٽن ۾ هندستان کان ورڻ ڪا اهم پاڻ ڪرائي. توهان ۾
هڪ جو پاڻ ورتڪ آهي. ڇاڪاڻ ته اُهي مال اسباب توهان وٽ آهن.

اسان ۾ اهو پيار اُنهيءَ ڪري آهي ڇو ته اسين اُنهڪي حاصل ڪرڻ
جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اسان وٽ اهي شيون نه آهن. پر
جيتري قدر ”اهم“ جو سوال آهي، هِتي ۽ هُتي ساڳيو ئي آهي.
اُنهيءَ ۾ بلڪل ڪو به تفاوت ڪونهي. ڪن ماڻهن وٽ اهي مال اسباب
آهن ۽ ڪي اُنهنکي حاصل ڪرڻ لاءِ وياڪل آهن، دکي آهن. عملي
طور اهم هڪ جهڙو ئي آهي. اهو من جي سوچڻ جو صرف هڪ طريقو
آهي. اهنڪار من جو سڀاءُ آهي تنهنڪري من کي ئي جيتڻو آهي. اهم
ڀاو کي ڪڍڻ کان اڳ من کي وس ڪرڻ ضروري آهي. جيئن ته مون
اڳ ۾ به ڪيترائي دفعا ذڪر ڪيو آهي ته من ڀوڳن جو عاشق آهي.
جيسين من کي اندرين جي ڀوڳن کان بهترين رس نه ملندو هيءَ ڪڏهن
به دنيوي پدارٿن کي حاصل ڪرڻ جي آشائن کي نه ڇڏيندو. تنهنڪري
سنت هميشه اهوئي اُپديش ڏين ٿا ته سمرڻ ۽ ڌيان دوارا پنهنجي
من کي اکين جي مرڪز تي واپس آڻيو، اُنهيءَ شبد سان جوڙيو ۽ اندر
پرڪاش کي ڏسو. جڏهن اسين اندر شبد سان جڙنداسين تڏهن اندرين
جي ڀوڳن ۽ ترشنائن کان ازخود الڳ ٿي وينداسين ۽ ڪنهن به شيءِ
کي پراپت ڪرڻ جي تمنا ئي نه رهندي.

پرماتما پاڻ سان جوڙڻ جو، پنهنجيءَ پريت جو ساڌن اسانجي اندر
ئي رکيو آهي. تڏهن اسين پنهنجو پاڻ کي مالڪ سان جوڙيون ٿا،
تڏهن اسانجو ڌيان خود بخود دنيوي پراڻين ۽ پدارٿن کان هٽجي وڃي
ٿو. هومئي يا اهنڪار قدرتي طور پنهنجو پاڻهي ختم ٿي وڃي ٿو.
اُن بعد اسانجو هن مٺيا جڳت مان موهه نڪري، نام ۽ شبد سان پريم
پيار جڙي ٿو. اسانجي اندر پرم پتا پرماتما لاءِ ڀڳتي پيدا ٿئي ٿي.
جڏهن اسانجي اندر پرماتما جي ڀڳتي ۽ پريت پختي ٿئي ٿي، تڏهن
اُها پريت ۽ ڀڳتي، آس ۽ وشواس، اسانجي اندر باقي جيڪي ڪجهه
به آهي، اُنهيءَ کي ٻاهر ڪڍي ڇڏي ٿو. تنهنڪري اسانکي پنهنجي
اندر صرف مالڪ لاءِ پيار، وشواس ۽ ڀڳتي جاڳرت ڪرڻي آهي.
جڏهن اهو پوتر پريم پيدا ٿئي ٿو، تڏهن اهنڪار يا هومئي جو ته
سوال ئي نٿو اُٿي. آخر من ته اهو ئي آهي. چاهي توهين هنکي هيٺ

٧- (ب) آهم، هؤميي، آهنڪار

س- ١٧٣. جڏهن اسين ”مان“ چوندا آهيون، اها ”مان“ ڇا ڪا خاص شخصيت چوندي آهي؟ ڇا اها ”مان“ ڇوڻ سچي هوندي آهي يا مٿيا ”مان“ هوندي آهي؟

ج- اهو من ئي چوندو آهي. جڏهن اسين ٻاڻ چوندا آهيون، ”منهنجو آهي“، ”مان آهيان“ اهو سڀ من جو ڪم آهي. اسانجي آتما تي من جو اثر آهي، من ۾ اهم آهي ۽ اهو اهم ئي ”مان ۽ منهنجو“ اسان ۾ آڻي ٿو، پر جڏهن آتما جو من تي قبضو ٿي ويندو آهي يا من آتما جي وس ٿي ويندو آهي تڏهن سڀ ”تنهنجو“ ٿي ويندو آهي. اهم يا اهنڪار نڪري وڃڻ سان سڀ ڪجهه تنهنجو ٿي تنهنجو يعني پرماتما جو آهي. جيڪڏهن اهنڪار آهي ته سڀ ڪجهه ”منهنجو“ آهي.

س- انهيءَ ڳالهه کي چڱيءَ طرح سمجهڻ جي خيال کان سمجهو ڪٿي ته مان چوان ٿو ته مان هيءُ ڪتاب پڙهندو آهيان يا مان هيءُ ڪم ڪرڻ وارو آهيان يا مان نام وٺڻ وارو آهيان، مان ائين سوچيندو آهيان وغيره. اهو سڀ ڇا آهي؟ انهيءَ جو مطلب ته آتما ئي ڪري سگهي ٿي. ڇا ائين آهي نه؟ من ته ڪڏهن نه چاهيندو ته اسين ائين ڪريون (نام وٺون). ڇا اهو من چاهيندو؟

ج- توهين آهنڪار کي ٻوليءَ سان نه ڳنڍيو. ٻنهي کي هڪ ٻئي سان نه ڳنڍيو. اهو ته اسانجي ڳالهائڻ جو هڪ نمونو آهي ته مان هيءُ ڪري رهيو آهيان پر ”مان، منهنجي“ جي ڀاونا يا هؤميي هڪ ٻي ڳالهه آهي.

س- هينئر مون سمجهيو، ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته جڏهن اسين اهو شخصي ضمير (Personal Pronoun) يعني ”مان، منهنجو“ جيڪي ٻه ڪجهه چوڻ ۾ استعمال ڪريون ٿا ته انهيءَ جو ارٿ اهم يا مٿيا اهنڪار نه هوندو آهي؟

ج- نه، جڏهن مان چوان ٿو ”مان اڄ وڃي رهيو آهيان“ ته انهيءَ جو ارٿ اهو ناهي ته اهو منهنجو اهم چئي رهيو آهي. اهو ته صرف

ج - نه. اها هڪ رڪاوٽ آهي. روحاني ترقيءَ ۾ بلڪل رڪاوٽ آهي.

س - اها بلڪل ئي رڪاوٽ ڇو آهي؟

ج - ڇو ته توهان اڳتي وڌي نه سگهندا. توهين الجهن ۾ اٽڪي ويندا ۽ صرف انهيءَ الجهن ۾ ئي رهجي ويندا. گهڻي ۾ گهڻو توهين پنهنجو پاڻ کي ڏسي سگهندا. توهين صرف ايترو سوچيندا ته توهان پنهنجو پاڻ کي وس ۾ آندو آهي. توهين ٻڌل آهيو ۽ اهڙيءَ ٻڌل اوستا ۾ ئي رهندا ۽ اڳتي ڪا به ترقي نه ڪري سگهندا.

س - انهيءَ ڪري ئي پنهنجو پاڻ تي هپنوٽزم ڪرڻ کان دور رهڻ گهرجي؟

ج - مان نٿو سمجهان ته اسان کي پنهنجو پاڻ تي هپنوٽزم ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي يا اهڙي قسم جي ڳالهين ۾ دخل ڏيڻ گهرجي. هرگز نه! عام طور جيڪي ماڻهو اهڙيءَ طرح ڪندا آهن، انهن جو انت (موت) نهايت ڀيانڪ ٿيندو آهي. جيڪڏهن اسين انهيءَ جي کوج ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته جيڪي ماڻهو هپنوٽزم يا ڀوت پريت وديا ۾ قائل آهن، انهن جو آخر نتيجو ڇا نڪتو آهي. انهن جو انت نهايت ڏکدائي ٿيو آهي. انهن کي انت ويلي يا ان کان اڳ ۾ ڪيترو ڀوڳڻو پيو آهي، انهيءَ جو ورنن ڪرڻ مشڪل آهي.

س - ٣/١٠ مهاراج جي، ڇا پرچت گيان (Telepathy) جي باري ۾ به اهائي ڳالهه ٺيڪ آهي جيڪا ٻن ماڻهن يا انهن ٻنهي جي من ۾ ساڳئي وقت ٿيندي آهي؟

ج - پرچت گيان (Telepathy) هڪ قدرتي ڳالهه آهي. ڪڏهن ڪڏهن توهانکي ائين محسوس ٿيندو آهي ته توهانکي ڪو دوست گڏجڻ آهي ۽ اوچتو توهين انهيءَ سان گڏجو ٿا. توهانکي اندر ڪنهن ته توهين انهيءَ سان گڏجندا يا ڏسندا. ائين ٿيندو آهي، پر اها الڳ ڳالهه آهي. اهو انتر گيان (Intuition) به من جو ئي آهي. انهيءَ کي انتر گيان چئو يا ڪنهن ٻئي نالي سان سڏي سگهو ٿا.

مان نٿو سمجهان تہ ستسنگين کي ڪڏهن بہ اهڙين ڳالهين ۾ دخل ڏيڻ گهرجي. روحاني اَڀياس لاءِ بہ تمام نقصانڪار آهي ۽ جنهن تي هپنوٽزم ڪئي ويندي آهي، اُنهيءَ لاءِ بہ نقصانڪار آهي.

س- ١٦٩. پنهنجو پاڻ تي هپنوٽزم ڪرڻ جي باري ۾ توهانجو ڪهڙو ويچار آهي، جنهن ۾ ٻيو ڪو بہ اِنسان شامل نہ هوندو آهي. هو پنهنجو پاڻ کي پاڇي، پنهنجي اَڌ جاڳرت اوستا ۾ اچي، اهڙيءَ حالت ۾ پهچي سگهي ٿو، جتي هنکي گذريل جنم جو گيان ٿئي ٿو. جيڪڏهن اچا بہ پوئتي وڃي ڏسڻ چاهي تہ هنکي اُنهن کان بہ گذريل جنمن جو گيان ٿئي ٿو. ڇا، اُنهيءَ اَوستا ۾ اهو اِنسان ترڪي پار ڪري وڃي ٿو يا هو اَڌ جاڳرت اَوستا ۾ ئي هوندو آهي؟

ج- نہ نہ. بلڪل نہ، اهڙيءَ اَوستا ۾ پهريان منزل کان اڳتي توهين وڃي ئي نٿا سگهو.

س- ١٧٠. تہ اُنهن کي اهو سمورو گيان ڪٿان پراپت ٿيندو آهي؟ ڇا، اِهو گيان مٿيا آهي جيڪو من ڏئي ٿو؟

ج- سچو گيان، اِهو من مان ئي اچي ٿو. ڪنهن حد تائين اِهو من جي وس ۾ آهي. من ڪجهہ تيز ٿي ويندو آهي. ٻيو ڪجهہ نہ.

س- ١٧١. نيڪ، من کي قابوءَ ۾ آڻڻ لاءِ پنهنجو پاڻ تي هپنوٽزم ڪرڻ مان ڪو فائدو آهي يا نہ. اهڙيءَ طرح اِنسان ڪنهن حد تائين من کي وس ڪري سگهي ٿو. ڇا، روحاني رسائي ڪرڻ ۾ اُنهيءَ مان ڪجهہ فائدو ٿي سگهي ٿو......؟

ج- نہ، منهنجي ويچار ۾ نہ. اهو روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻبو.

س- مثال طور هڪ اِنسان اَڀياس ڪندي ڪافي ماهر ٿي ويو هجي. اِسترتا ۽ شانتيءَ سان ويهي سگهي ٿو ۽ صرف پنهنجي خيال سان ئي هڪدم، سڀ آواز بند ڪري سگهي ٿو ۽ ٻاهريون ڪو بہ آواز يا ڪا ڳالهہ ٻڌي نٿو سگهي، سرير جي هرهڪ چرپر کي روڪي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهڙيءَ طرح ڪو پاڻ تي هپنوٽزم ڪري، من سان غوث اُنهن ڪري سگهي تہ ڇا هو ٽيئن تل تي جلدي نٿو پهچي سگهي؟

وڃو ٿا. انهن ئي حالتن مان لنگهندي منهنجي دوست سان ملو ٿا. قدرتي، منو وگيانڪ ڪڏهن بہ خاطريءَ سان نٿا سمجهائي سگهن تہ اهڙا سپنا ڇو ٿا اچن؟

س- ١٦٧. ڇا توهانجي چوڻ جو اهو مطلب آهي تہ انهن آتمڪ سپنن (Spiritual dreams) جو انتر گيان (Intuition) سان ڪو تعلق آهي؟ يعني اهڙا ڪي سپنا آهن، ڪا اهڙي ڳالهہ آهي، جنهن باري ۾ اسين سوچيندا آهيون تہ ائين ٿيندو ۽ اهو ٿيندو آهي.

ج- ہر هڪ کي اهو انتر گيان يا اندروني ٻوجهہ نہ هوندي آهي. اهو ضرور آتما جي پوترتا سبب ٿي سگهي ٿو تہ جيڪي ڪجهہ ٿيڻو آهي، انهيءَ جو توهانکي اڳ ۾ گيان ٿي وڃي ٿو تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي. ڪنهن حد تائين، آتما ۽ من جي اوستا ۾ ترقي هئڻ سبب ائين ٿيندو آهي. توهين انهيءَ کي انتر گيان چئو ٿا، ڪڏهن ڪڏهن اهڙيءَ طرح ضرور ٿي ويندو آهي.

س- ١٦٨. مان هڪ اهڙي ئي ٻئي مضمون جي باري ۾ پڇڻ چاهيان ٿو جنهنجي باري ۾، مان سمجهان ٿو تہ توهان کان ڪنهن بہ، سوال نہ پڇيو آهي. مون ڇهہ سال منو وگيان پڙهيو آهي ۽ جيڪڏهن ائين بہ ڪٿي چئجي تہ مان ذندي ۾ هڪ اوچ درجي جو هپنولسٽ (جهاڙ وجهي منهنجي وس ڪرڻ) بڻجي چڪو آهيان؛ تہ ڇا اهو صحيح آهي. ياءُ ريپلوگل مونکي ٻڌايو تہ سٽڪرو اهڙي قسم جي من جي علاج (Psychic Therapy) ڪرڻ جي اجازت نٿا ڏين. توهين اها ڳالهہ وستار سان سمجهائيندا؟

ج- جنهنکي توهين "هپنوٽزم" چئو ٿا، اها ڪنهن بہ ٻئي انسان جي اڇا شڪتيءَ تي دباءُ وجهڻ آهي. منهنجي من جي آتم شڪتيءَ سان ٻئي ڪنهنجي من کي پنهنجي ماتحت يا وس ڪرڻ آهي ۽ انهيءَ کان اهو ڪجهہ ڪرائڻ جيڪي ڪجهہ توهين چاهيو ٿا. بس اهائي ڳالهہ آهي. اهو ڪم نہ تہ ڪرڻ واري لاءِ سٺو آهي ۽ نہ ئي انهيءَ لاءِ جنهن تي ڪيو ويندو آهي، اها ڳالهہ روحانيت کان بلڪل الڳ آهي.

س- ١٦٥. اسانکي معلوم آهي ته منو وگيانڪ (Psychologist) اسان جي سپنن جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن؟

ج- هو اهائي ڳالهه سمجهائيندا آهن ته سپنا، من جي ڪجهه ڳالهين سان سنبنڌ هئڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهن. اسانجي من ۾ ڪيترائي سنسڪار آهن ۽ جڏهن اسين ننڊ يا اڌوري جاڳرت اوستا ۾ هوندا آهيون، تڏهن اهي سنسڪار سپنن جا روپ اختيار ڪري اسانجي سامهون اچن ٿا.

س- ١٦٦. توهين اسانکي سمجهائيندا ته روحاني سپنا ڇا ٿيندا آهن؟

ج- اهائي ڳالهه مون سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪڏهن ڪڏهن اسانکي اهي ڳالهيون سپني ۾ اينديون آهن، جيڪي هن وقت تائين ڪونه ٿيون آهن، پر ڪجهه وقت بعد اهي سچ پچ ٿينديون آهن. اسين انهن سپنن کي آتم ۽ پوتر سپنا چئي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان کي پرماتما لاءِ پريم آهي ۽ اسين سمهڻ کان اڳ، نيمانتي اهڙن سمرن کان سواءِ به ڌيان ۾ وهندا آهيون ته گهڻو ڪري اسانکي نهايت سٺا سپنا ايندا آهن. جيئن ته پهاڙن مٿان اڏامڻ ۽ ڪنهن منزل تي پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ. اهڙن سپنن جو آتما سان تعلق هوندو آهي. آتما سرير جي قيد مان مڪت ٿي پنهنجي نج گهر اڏامي وڃڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. پر ڪرمن جي بوج سبب اسين جاڳرت يا چيتن اوستا ۾ ائين ڪري نٿا سگهون، تنهن ڪري ننڊ جي اچيتن اوستا ۾ آتما کي ڪجهه وقت لاءِ آزاد ٿيڻ جو موقعو ملي ٿو. تنهن ڪري اسانکي اڏامڻ جا خواب ايندا آهن. پر انهن سپنن تي ڪڏهن به وشواس نٿو ڪري سگهجي.

سمجهو ڪٿي ته توهين رات جو سپني ۾ هڪ اهڙي دوست کي ڏسو ٿا، جنهن کي توهان ڏهن سالن کان ڪونه ڏٺو آهي ۽ سپني ۾ توهانکي اهو معلوم ٿئي ٿو ته توهين هن سان ڪيترن ڏکن ۾ ملندا. توهانکي ضرور اچرج ٿيندو، جو ته توهان انهيءَ ڏينهن ۾ سوچيو به نه هو ۽ اچانڪ سچي ڳالهه ٻئي ڏينهن تي ٿئي ٿي. توهين انهيءَ ڳالهه تي

چاهيون ٿا. جي ماڻهو اُنهن لاءِ ڪرنهي جيڪي پرماتما جي ٻاهر تلاش ڪن ٿا.

س- اِنهيءَ اِڇا جي ٻاري ۾ ٿي ڪجهه وڌيڪ ذڪر ڪندا، جيئن مثال طور......؟

ج- اِڇائن جو ارٿ آهي، دنيوي پدارٿن ۽ شين سان موهه ۽ اُنهن جي پنهنجي بڻجڻ ٿيڻ ۽ ترقيندو رهڻ. جيڪڏهن اهي اسانکي نهڻ ملن ته اُنهن لاءِ اسين دکي ٿيون ٿا. انهيءَ کي اِڇا چئجي ٿو. دنيوي پدارٿن جو هئڻ نقصانڪار ڪونهي، پر اُنهنکي حاصل ڪرڻ جي اِڇا اينري قدر بلوان نه هئڻ گهرجي جو جيڪڏهن اهي اسانکي نه ملن ته اسين اُنهن کي ذهن واسطي ياد ڪندا رهون. اِها ياد ئي اسانجي اندر اُنهن لاءِ موهه پيدا ڪري ٿي. شبد اسانکي اِنهن سڀني ڳالهين مان بري ڪري ٿو ۽ نرموهي بڻائي ٿو. اِهي پدارٿ پنهنجو پاڻ ۾ خراب نه آهن، پر اِنهن جو موهه ۽ اِنهن جي تمنا بري آهي. ننڍين ننڍين ڳالهين جي تمام گهرائيءَ سان جاچ پڙتال نه ڪرڻ گهرجي.

س ١٦٤. مهاراج جي، مهرباني ڪري اسانکي اِهو سمجهائيندا ته جڏهن ڪو ماڻهو سپنو ڏسي ٿو ته پوءِ انهيءَ جو ڇا ٿو ٿئي؟

ج- سپنا، گهڻو ڪري من جا ڦرنا ئي هوندا آهن. سنسار سان روزمره جيڪو به سنبنڌ رهي ٿو، اهو ڪنهن نه ڪنهن نموني سپني جو روپ اختيار ڪري ٿو، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪو اهميت پڙڻو به سپنو ايندو آهي. مثال طور جيڪي اڳتي هلي ٿيڻو هوندو آهي، اهو اڳ ۾ ئي سپني ۾ ڏسندا آهيون ۽ ڪجهه وقت بعد اهو سچ پچ ٿيندو آهي. اسين سمجهي نه سگهندا آهيون ته اِئين ڇو ٿو ٿئي. اها ڳالهه اِڇا تي ڪونهي، ٿيڻي آهي. انهيءَ ڪري، انهيءَ جو من سان ڪو به تعلق آهي، اِهو چئي نٿو سگهجي. اهڙن خوابن ۾ ڪجهه مطلب سمايل هوندو آهي، پر آخر سپنا ته سپنا ئي آهن. سپنو ڏسڻ پنهنجي وس ۾ ناهي. تنهن ڪري اسانکي سپنن کي اهميت نه ڏيڻي، اصلي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سڀ سپنا سڀا ئي آهن، پر انهن ۾ ڪا به اصليت ڪونهي.

ته ٻاهران. انهيءَ ڪري ٻئي جي پيارن کي ڪوبه فرق نٿو پوي ته ڪو
مندر وڃي ٿو يا مسجد يا ديول ۾. اهڙن پيارن جو تعلق صرف مالڪ
جي سچيءَ سڪ، سچي پيار ۽ سچي يڪتائيءَ سان هوندو آهي ۽ اهو
پريم پيار روحاني اڀياس سان ئي پيدا ٿئي ٿو ۽ اهوئي هو چاهين ٿا
۽ اسانکي پڻ اهڙو بڻائڻ چاهين ٿا ۽ اهائي ڳالهه آهي جيڪا اسانکي
پرماتما تائين پهچائي سگهي ٿي. اها تڙپ ۽ طلب ۽ پريم پيار هميشه
اسانجي اندر هئڻ گهرجي.

اهو ضروري ناهي ته ڪو عيسائي بڻجي يا عيسائيءَ مان سکه يا
مسلمان بڻجي. ڌرم بدلائڻ سان اسين مالڪ سان ملڻ جا حقدار نٿا
بڻجون. ڌرم نه، پر اسانجي پريت، تڙپ ۽ طلب، صاحب ۾ سمائجي
وڃڻ جي سڪ، اسانجي نام جي ڪمائي، اسانکي مالڪ سان ملائڻ
جي لائق بڻائي ٿي. سنت مهاتمائون انهيءَ ڳالهه کي ڪابه اهميت نٿا
ڏين ته توهين ڪهڙي ڌرم جا آهيو. هو ڪنهن به ڌرم تبديليءَ ۾
وشواس نٿا ڪن. جيڪڏهن اصلي روحاني درشٽيءَ کان ڏٺو وڃي
ته موجوده ڌرمن جو روپ اصلي نه رهيو آهي، انهن مان حقيقت ته
يا سچائي اڪرندي پيئي وڃي ۽ هن وقت انهنجو صرف کوکلو روپ
ئي رهجي ويو آهي. ڌنڌي جي خيال کان پنهنجن پوئلڳن جو تعداد
وڌائڻ چاهين ٿا. پر سنت مهاتما، منش چولي جو لاڀ ۽ پرماتما جي
پريم يڪتائيءَ کي ئي ڏسن ٿا. انهنجو صرف انهيءَ ڳالهه سان ئي تعلق
آهي. انهيءَ ڪري سنتن جو در، هميشه هرهڪ انسان لاءِ کليل رهي
ٿو. ڪوبه سنت سنسار ۾ ڪو نئون ڌرم يا مذهب شروع ڪرڻ نٿو
اچي ۽ نه ئي هو پڀو پراپتيءَ جو ڪو نئون مارگ يا اڀياس جا طريقا
ٻڌائڻ لاءِ اچن ٿا. ڪوبه نئون ۽ جلد پهچڻ جو مارگ آهي ئي ڪونه.
هميشه اهوئي هڪ مارگ جيڪو هو، آهي ۽ رهندو. جيڪي به مالڪ
سان ملي هڪ ٿيڻ چاهين ٿا، انهن لاءِ صرف اهوئي هڪ مارگ آهي.
هيءَ مارگ ايترو پراچين آهي، جيترو انسان ذات پراچين آهي ۽
صرف انهن لاءِ ئي آهي، جن کي مالڪ سان ملڻ جي تڙپ آهي،
سمائجي هڪ ٿي وڃڻ جي طلب آهي ۽ پنهنجي اندر ئي کوج ڪرڻ

٧- (الف) اڇا، ترشنا، خواب
(هپنوٽزم)

س - ١٦٢. مهاراج جي، اسان کي اهو ٻڌايو ويندو آهي ته زندگيءَ
۾ ڪا به اڇا نه ڪرڻ کپي. پر مان ڄاڻان ٿو ته هن سنسار ۾ اڇا
۽ ترشنا کان سواءِ رهڻ نهايت مشڪل ئي نه، پر ناممڪن آهي. مان سمجهان
ٿو ته خود پرماتما ۾ به اڇا پاو آهي. هو سنسڪين کي ڏسڻ چاهي ٿو
۽ انهن جي پيار ۽ ڀڳتيءَ جو به ڪيس چاهه آهي. هو خود به انهن کي
پيار ڪرڻ چاهي ٿو. ته ڇا، اها اڇا نه آهي؟

ج - ٺيڪ آهي، اسانکي به اهڙي اڇا پيدا ڪرڻ گهرجي. اهڙي
اڇا رکڻ ۾ ڪو به نقصان ڪونهي.

س - ١٦٣. ڇوڻ جو مطلب اهو آهي ته توهانجي فرمانڻ انوسار
اهي اڇائون، اسانجي ٻڌيءَ ۽ اندرين سان جڙيل آهن. مون ڪي
فيلسوفي پستڪن ۾ پڙهيو آهي ته جيڪڏهن اسين انهيءَ نقطي تي
پهچڻ چاهيون ٿا ته اسانکي سڀني اڇائن کي ختم ڪرڻو پوندو، پر
تنهن هوندي به اڻين پيو محسوس ٿئي ته انهيءَ هڪ اڇا کي ته رکڻ
ئي گهرجي. اهي ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جي اُبتڙ پيون لڳن؟ جڏهن
ج - ڇا توهانجو مطلب پرماتما سان ملڻ جي اڇا سان آهي؟
اسانجي اندر پرماتما جي سچي ڀڳتي، انهيءَ سان ملڻ جي سچي سڪ
تڙپ پيدا ٿئي ٿي تڏهن باقي سڀ اڇائون خود بخود ختم ٿي وڃن ٿيون
توهانکي هميشه صرف انهيءَ مالڪ سان ملڻ جي اڇا هئڻ گهرجي.
اسانکي پنهنجيءَ سرت جو رخ سدائين انهيءَ طرف رکڻو آهي.

س - ته پوءِ اسانجو آنت اڇا سان ٿي ٿيندو؟
ج - ها، پرماتما وٽ واپس وڃڻ جو پريل پيار، تڙپ ۽ اڪ
پريوءَ جي پيارن جو ڏرم صرف پريم ئي آهي. هو پنهنجو پاڻ
ڪنهن به خاص هڪ ڏرم سان ٻڌي نٿا رکن، هو صرف پريم ر
ڏرم ۾ ئي وشواس ڪن ٿا ۽ اهو پيار اندر ئي جاڳرت ٿيندو آ

هڪ ئي پدارٿ جي طلب هوندي آهي، جيڪا اٽل آهي. آتما کي جنهنجي اِڇا آهي، اُنهيءَ مان هوءَ ڪڏهن بہ نراس نہ ٿيندي. پر من جيڪي ڪجهہ چاهي ٿو اُنهيءَ مان تنگ ٿئي ٿو. جڏهن آتما کي پنهنجيءَ اِڇا انوسار وستو ملي ٿي تہ هوءَ آنند ئي آنند محسوس ڪري ٿي. هوءَ هميشه انهيءَ ۾ مست ۽ مگن رهندي آهي. ڪڏهن بہ ڪابہ تبديلي نٿي چاهي، من کي هميشہ بدل سدل گهرجي ۽ هميشه هڪ کي ڇڏي ٻئي طرف ڊوڙندو ڦرندو رهي ٿو.

س - ١٦١. ٺيڪ، تہ اِنهيءَ جو اِهو مطلب ٿيو تہ جڏهن بہ اسين من کان مکہ موڙيندا رهندا آهيون تہ اهڙيءَ طرح ڪجهہ نہ ڪجهہ اسين ترقي ڪندا رهون ٿا؟

ج - هڪ ستسنگيءَ ۾ ايترو گيان اچڻ بہ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ترقيءَ جي نشاني آهي. تنهنڪري اُنهيءَ جو ايياس ڪرڻ بہ ترقي آهي ۽ پراپتي اُنهيءَ کان وڌيڪ ترقي آهي. واپس وڃي پرماتما ۾ سمائجي وڃڻ تہ هڪ تمام نهايت اوچي ترقي آهي.

ج- جيڪڏهن توهانجو مطلب اُنهيءَ اوچ اوستا سان آهي، جتي آتما
واپس وڃي پنهنجي نور ۾ ٻڏا پرماتما ۾ سمائجي وڃي ٿي ته پوءِ توهين
اُنهيءَ حالت ۾ واپس نه اچي سگهندا. پر ته اُتي من نه هوندو آهي.
اُنهيءَ اوچ اوستا تي پهچڻ لاءِ من کي گهڻو پريان ڇڏي ايندا آهيون.
من ترڪٽيءَ جو رهواسي آهي جيڪا روحاني سفر جي ٻي منزل آهي
۽ پرپو پراپتي پنجين منزل تي ٿئي ٿي.

س- منهنجو مطلب آهي شروعات ۾؟

ج- شروع ۾ هيٺ ڪرڻ جو هميشه خطرو هوندو آهي. ڪڏهن
ڪڏهن ٽئين روحاني اِستان تان به هيٺ ڪري سگهجي ٿو. پر اُنهيءَ
کانپوءِ هيٺ ڪرڻ جو بلڪل ڊپ ڪونهي. اسين آهستي آهستي
لڳاتار مٿي چڙهندا ويندا آهيون.

س- ١٥٩. اسين پهرين سچکنڊ کي ڇڏي، هن دنيا جي ڪشش
سبب هيٺ آياسين. ڇا اِهو ممڪن آهي ته وري اهڙيءَ طرح ٿئي ۽
اسانکي وري چوراسيءَ جو چڪر ڪاٽڻو پوي؟

ج- نه. بلڪل چنتا نه ڪريو. (ماڻهو کلن ٿا)

س- ١٦٠. مهاراج جي، ڇا توهين اُنهيءَ ڳالهه سان ٻڪراه آهيو
ته اُهو يا هئومي جي بيماريءَ جو هڪ نهايت وڏو ڪارڻ اِهو آهي
ته اسين پنهنجو پاڻ کي من ئي سمجهي ويٺا آهيون ۽ اسانجي اندر
اِهو ئي ڀاو آهي ته اسين آتما نه بلڪ من آهيون ۽ جنهن حد يا منزل
تي پهچي اسين اِهو گيان پراپت ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندا آهيون
ته اسين آتما آهيون، من اسانجو صرف هڪ ساڌن آهي. اُنهيءَ حد
يا منزل تي پهچڻ سان ئي اسين مڪت ٿي ويندا آهيون؟

ج- اِهو ٺيڪ آهي. اِهو ئي آتم گيان آهي. هن وقت اسين من
۽ آتما ۾ ڪوبه فرق نٿا سمجهون ننهنڪري سوچيون ٿا ته جيڪي
ڪجهه اسانجو من چاهي ٿو شايد اسانجي آتما ئي چاهي ٿي. پر وقت
اچڻ سان اسين محسوس ڪنداسين ته آتما ڪڏهن به ڪم نٿي چاهي، اِهو
ڪو ٻيو هو، جيڪو هن ۾ اِڇا پيدا ڪرائي رهيو هو. آتما کي ته صرف

اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان من جي اوستا وڌيڪ صحيح نمونو اختيار
ڪري ٿي. مثال طور جيڪڏهن اسين نانگ کي ٽوڪريءَ ۾ بند ڪري
ڪنداسين ته اسين تيستين هنجي ڏنگ کان بچيل رهنداسين جيستين هو
اندر ٽوڪريءَ ۾ بند هوندو. جيئن ئي ٻاهر نڪرندو، ڏنگ ضرور
هڻندو. پر جيڪڏهن توهين هنجي زهر جي ٿيلهي ئي ڪڍي ڇڏيندا
پوءِ ڀلي توهين کيس کيسي ۾ پائي ڇڏيو، هو توهانجو دوست بڻجي
پوندو. اهڙيءَ طرح اسانکي پنهنجي من جي اوستا ۾ ترقي آڻڻي آهي
نه دنيا جي حالتن کان دور ڀڄڻي. ڇو ته مون توهانکي ٻڌايو ته اهي
صرف ٿوري وقت لاءِ راحت بخش ساڌن آهن. جيڪڏهن من صرف
ٿوري وقت لاءِ وس ۾ آيو ته موقعي ملندي ئي هو اسان لاءِ هڪ
آزار ٿي پوندو. من کي وڌيڪ دٻائي رکڻ سان اسانجي حالت عام
انسانن کان بدتر ٿي پوندي پر جيڪڏهن اسين روحاني اڀياس دواران
من جي اوستا کي اوچو بڻائينداسين ته اهو اهڙيءَ طرح آهي جيئن بنا
زهر نانگ. اُن بعد من ڪوبه نقصان نٿو پهچائي سگهي ۽ دنيا جي
ڪابه حالت، ڪوبه ماحول اثر نٿو ڪري. اسانجو مکيه مقصد آهي من
کي اهڙي قسم جي آهستي سکيا ڏيڻ.

س - ١٥٧. من کي وس ڪرڻ جي باري ۾ ئي معلوم ڪرڻ چاهيان
ٿو ته ڇا هڪ انڌي يا ٻوڙي لاءِ ٻين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ من کي وس
ڪرڻ وڌيڪ سوکو آهي؟

ج - نه، انهنجو به من هميشه ڊوڙندو رهي ٿو. اهو ئي ويچار
ڪندو اٿن ته آهي سڀ پدارٿ جن جي باري ۾ ماڻهو ڪين ٻڌائي رهيا
آهن، آهي ملڻ ڪهڙجن يا انهيءَ باري ۾ حيران رهندا آهن ته آخر اهي
پدارٿ ڪهڙا آهن، جن کي هو حاصل نٿا ڪري سگهن يا انهن پدارٿن
جي لڇا ڪندا رهندا آهن.

س - ١٥٨. ڇا اسين اها اوستا پراپت ڪري سگهون ٿا، جتان
من کي ڪابه ڪشش ورڇي موهي نه سگهي ۽ اسانجي ڳراوٽ نه اچي
سگهي؟

سان گڏ گهمندي ڦرندي به، انهيءَ جو من چالُمان نه هوندو آهي. انهيءَ جو
من ڪڏهن ٻئي استان تي اسٿر هوندو آهي اهو توهانجي من جي لُڙهيءَ
تي مدار ٿو رکي. انهيءَ جو ڪو به ثبوت لڀڻو پوي ته توهين ڪڏهن
من ۾ آهيو يا ٻاهر، ڇاڪاڻ ته توهانجي من قابوءَ ۾ آڻڻو آهي ۽ نه
سولو. جيڪڏهن سولو کي قيد ڪرڻو آهي ته پوءِ سولو روپ ۾، ماڻهن
کان الڳ رهڻ هڪ ٻي ڳالهه آهي پر اسان کي پنهنجي من کي وس
ڪري، انهن کان پري رکڻو آهي. مثال طور جيڪڏهن توهين گهر ۾
رهي، پنهنجين سڀني سهولتن سان گڏ گهمڻ ڦرڻ جي اڇا کي هميشه
دٻائيندا رهو تا ته پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي گهر ۾ قيد
ڪرڻ مان ڪو به فائدو ڪونهي.

اسانکي پنهنجي من کي سيکارڻو ۽ ايترو اوچو بڻائڻو آهي جو اسين
چاهي ڪهڙيءَ به حالت ۾ هجون، اسان تي ڪنهنجو به اثر نه ٿئي
ڇو ته اسانجو ڌيان ڪڏهن ٻئي استان تي هوندو. قدرتي ڪن ڳالهين
جو اسانجي من تي اثر پوي ٿو تنهڪري اسان کي انهن ڳالهين يا حالتن
کان ضرور بچڻ گهرجي جتي اسين سمجهون ته پنهنجي ڪمزوريءَ
سبب، موهه ممتا جي وس ٿي شڪار نه ٿي وڃون، خراب عادتن جا
شڪار نه بڻجون. اهو سياڻپ آهي ته اسين اهڙن موقعن کان بچڻ
جي ڪوشش ڪنداسين. پر اهو بچڻ جو پڪو اُپاءُ نه آهي. اسانکي
پنهنجي من کي ايترو اوچو ڪرڻو آهي جو اسان کي چاهي ڪٿي به
اڇلائي ڦٽي اسين ڪهڙيءَ به حالت ۾ هجون، پنهنجو پاڻ کي
قائم ڪري تي اسٿر رکي پنهنجيءَ اصلي روحاني راهه تي هلندا رهون
پيءَ حالت ۾ اها من کي دٻائڻ واري ڳالهه ٿيندي. زبردستي دٻائي
رکڻ ٺيڪ ناهي. ڇو ته جيترو من کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندا اوترو
ئي من وڌيڪ چنچل ٿيندو.

ڪڏهن ڪڏهن من دوکو ڏيندو آهي ۽ نهايت چنچل روپ ڌارڻ
ڪندو آهي جيڪڏهن هنکي گهڻو دٻايو ويندو آهي. سنسار کان بچڻ
لاءِ من کي وڌيڪ دٻائڻو نه آهي بلڪ ڌيري ڌيري من کي ايتري
اوچي اوستا ۾ آڻڻو آهي جو هن تي بلڪل ڪنهنجو اثر نه ٿئي.

بدلائيندا تہ بہ صحيح سلامت رهندو ۽ ٻاٽي ٻئي طرف وڃڻ
شروع ڪندو. اهڙيءَ طرح جڏهن اسين من کي خالي ڪرڻ جي
ڪوشش ڪريون ٿا تہ دراصل اهو پاڻيءَ جي ڌارا جي رخ بدلائڻ
ڪانسواءِ بند لڳائڻو آهي. اسين سوچيندا آهيون تہ اسين بند لڳائي،
من کي وس ۾ آڻي سگهون ٿا. جيئن تہ هن کي سمنڊ کان پري رکي
سڀ سوچ ويچار بند ڪري، اندرين طرف وڃڻ کان روڪي، قابو
ڪري سگهون ٿا، اهو هڪ دٻائڻ جو بيو طريقو آهي. اُتي هن کي
روڪي رکڻ جو هڪ اسپاريڪ طريقو آهي ۽ هڪ عارضي اُپاءُ آهي.

صرف پريم ئي تياڳ جو ڀاو پيدا ڪري ٿو. تياڳ ڪڏهن بہ پريم
پيدا نٿو ڪري. جڏهن اسين من کي خالي رکڻ جي ڪوشش ڪندا
آهيون ۽ ٻئي ڪنهن طرف وڃڻ نٿا ڏيون، اسين سوچيندا آهيون تہ
من وس ۾ اچي ويو آهي. پر جڏهن هوءَ ڪافي دٻجي ويندو آهي
تڏهن هوءَ وڌيڪ چنچل روپ اختيار ڪري ٿو، وڌيڪ اُچلي ٿو.
سنت مت جي طريقي يا سنتن جي فيلسوفيءَ ۾ اهوئي تفاوت آهي
تہ هن مت ۾ من کي اندرين جي پوڄن کان وڌيڪ آنند ڏيندڙ پدارٿ
سان جوڙڻ جو طريقو آهي، اُهو بهتر ۽ وس پريو پدارٿ شبد يا نام
ڌن آهي، جيڪا هر انسان جي اکين پويان جهنڪار ڪري رهي آهي.
اسان کي پنهنجي سرت جو سمٽاءُ ڪري هتي انهيءَ نقطي تي ايڪاگر
ڪرڻو آهي ۽ شبد سان جوڙڻو آهي. اُهو شبد پريم، ازخود اسان ۾
ويراڳ يا تياڳ جي ڀاونا پيدا ڪندو.

س - ١٥٦. انهيءَ پرسنگ جي باري ۾ مان اهو معلوم ڪرڻ ٿي
چاهيان تہ مٺن، مڙهين ۾ وڃڻ سان ڪو فائدو آهي يا نہ؟ جتي انسان
صرف پنهنجو پاڻ تائين ئي محدود آهي ۽ سڄي دنيا طرف ڪرا
ڌيان نٿو رهي؟

ج - ڀيڻ، انهيءَ باري ۾ بہ ڳالهيون آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ڪو
ماڻهو ڪمري ۾ هجي پر تنهن هوندي بہ هوءَ اُتي نہ هجي ڇو تہ من
هميشه ٻاهر ڊوڙندو رهي ٿو ۽ ٻيا اهڙا بہ ماڻهو آهن جيڪي هرڪنهن

اسين اندر جهڙي ويهداسين ته من کي خالي ڪرڻ جو سوال ئي نٿو اٿي. اٿي من کي اسٿر ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو سهارو ملي ٿو ۽ اهو سهارو آهي شبد. من جو خالي ٿيڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان کي اٿي اسٿر ٿيڻ لاءِ ڪو به سهارو نه ملي. اهو ته من کي جپ، تپ، ضابطي سان، دنيا کان الڳ ڪرڻ جو طريقو آهي پر اٿي هن کي اسٿر رکڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي. اهڙيءَ طرح اسين من کي تمام ٿوري وقت لاءِ اسٿر حالت ۾ رکي سگهون ٿا پر انهيءَ بعد نهايت عارضي اوستا آهي، جيئن ڪالهه من اڳ کان وڌيڪ ٻلوان ٿي اڇلڻ شروع ڪري ٿو ۽ وڌيڪ چنچل ٿئي ٿو.

س- ۱۵۴. "خالي ڪرڻ" جو ڇا مطلب آهي؟

ج- خالي ڪرڻ جو ارٿ آهي "نه سوچڻ". جيئن ته مونکي هن جي اچا ڪونهي، ضرورت ڪونهي. مان هن باري ۾ نٿو سوچان. مان ڪنهن به لاءِ نه سوچيندو آهيان. هينئر مان خالي آهيان ۽ مون ۾ ڪجهه به ناهي.

س- ۱۵۵. جيڪڏهن اهو پنهنجو پاڻيهي ٿي وڃي ته ان وقت من ڪٿي هوندو آهي؟

ج- توهانکي صرف انهيءَ باري ۾ ڄاڻ هوندي، جنهن باري ۾ توهين ان وقت سوچيندا هوندا. تنهنڪري توهانجو من ڪڏهن به خالي ٿي نٿو سگهي. هو ڪڏهن به هتي پنهنجي وهڻ جي استان تي اسٿر ٿي رهي نٿو سگهي پر هڪ لهر پٺيان ٻي لهر، ڊوڙندو رهي ٿو. تنهنڪري اسين صرف سنڌس رخ ۽ سوچڻ جو مضمون بدلي سگهون ٿا. جيڪڏهن ندي وهي رهي آهي ۽ توهين هڪ بند (Dam) لڳائيندا ته پاڻي ڪيتري دير رکي سگهي ٿو؟ جڏهن پاڻي ڪيتريءَ ماترا ۾ ڪٺو ٿي ويندو ته انهيءَ بند ۾ گهڻي وقت تائين پاڻيءَ کي روڪڻ جي شڪتي نه ٿي رهي ۽ اهو آخر ٽٽي پوندو، پاڻي ڪنارن کان ٻاهر وهڻ شروع ڪندو ۽ ڪافي نقصان ٿي پوندو.

پر جيڪڏهن توهين بند لڳائي، نديءَ جي وهڪري جو رخ

بدلائيندا تہ بہ بہ صحيح سلامت رهندو ۽ پاڻي ٻئي طرف وهڻ
شروع ڪندو. اهڙيءَ طرح جڏهن اسين من کي خالي ڪرڻ جي
ڪوشش ڪريون ٿا تہ دراصل اهو پاڻيءَ جي ڌارا جي رخ بدلائڻ
ڪانسواءِ بند لڳائڻو آهي. اسين سوچيندا آهيون تہ اسين بند لڳائي،
من کي وس ۾ آڻي سگهون ٿا. جيئن تہ هن کي سنسار کان پري رکي
سڀ سوچ ويچار بند ڪري، اندرين طرف وڃڻ کان روڪي، قابو
ڪري سگهون ٿا، اهو هڪ دٻائڻ جو بيو طريقو آهي. اُتي هن کي
روڪي رکڻ جو هڪ اسپاوڪ طريقو آهي ۽ هڪ عارضي اُپاءُ آهي.

صرف پريم ئي تياڳ جو ڀاو پيدا ڪري ٿو. تياڳ ڪڏهن بہ پريم
پيدا نٿو ڪري. جڏهن اسين من کي خالي رکڻ جي ڪوشش ڪندا
آهيون ۽ ٻئي ڪنهن طرف وڃڻ نٿا ڏيون، اسين سوچيندا آهيون تہ
من وس ۾ اچي ويو آهي. پر جڏهن هوءَ ڪافي دٻجي ويندو آهي
تڏهن هوءَ وڏيڪ چنچل روپ اختيار ڪري ٿو، وڌيڪ اُڇلي ٿو.
سنت مت جي طريقي يا سنتن جي فيلسوفيءَ ۾ اهوئي تفاوت آهي
تہ هن مت ۾ من کي اندرين جي پوئين کان وڌيڪ آنند ڏيندڙ پداوت
سان جوڙڻ جو طريقو آهي، اهو بهتر ۽ وس پريو پداوت شبد يا نام
ڌن آهي، جيڪا هر انسان جي اکين پويان جهنڪار ڪري رهي آهي.
اسان کي پنهنجي سرت جو سمٽاءُ ڪري هتي انهيءَ نقطي تي ايڪاگر
ڪرڻو آهي ۽ شبد سان جوڙڻو آهي. اهو شبد پريم، ازخود اسان ۾
ويراڳ يا تياڳ جي ڀاونا پيدا ڪندو.

س - ١٥٦. انهيءَ پرسنگ جي باري ۾ مان اهو معلوم ڪرڻ ٿي
چاهيان تہ منن، مڙهين ۾ وڃڻ سان ڪو فائدو آهي يا نہ؟ جتي انسان
صرف پنهنجو پاڻ تائين ئي محدود آهي ۽ سندس دنيا طرف ڪرڻ
ڏيان نٿو رهي؟

ج - ڀيڻ، انهيءَ باري ۾ بہ ڳالهيون آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن
ماڻهو ڪمري ۾ هجن پر تنهن هوندي بہ هوءَ اُتي نہ هجن ڇو تہ من
هميشه ٻاهر ڊوڙندو رهي ٿو ۽ ٻيا اهڙا بہ ماڻهو آهن جيڪي هر ڪنهن

ج- مَن کي وس ڪرڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي. جيڪو تمام ڏاڍو وقت سمجهايو ويندو آهي، اُهو آهي ٻرائي سنسڪيءَ کي اُنهيءَ طريقي سان ئي اڀياس ڪرڻو آهي. ليڪن بنا ٻرائي سنسڪيءَ ۾ ڪوبه فائدو ڪونهي. مَن کي وس ڪرڻ جو صرف هڪ ئي اُپاءُ آهي، نه ٻيو. مَن لذت جو عاشق آهي؛ جيسين هنکي اندر جي ٻوڙن کان وڌيڪ اثر رس پرابت نه ٿيندو تيسين هو اندرين کي نه ڇڏيندو. انهيڪري مَن کي اُنهيءَ اثر پراپت سان جوڙڻو آهي. ان بعد ئي دنيوي پدارٿن جو تياڳ ڪندو.

س- ۱۵۱. مهاراج جي، مان سمجهان ٿو ته مان پنهنجي سوال کي توهان اڳيان چڱي طرح پيش نه ڪري سگهيو آهيان. مونکي ياد آهي ته هڪ ماستر هڪ پيالي ۾ هڪ هڪ ڪري بلور وجهڻ جو طريقو ٻڌايو هو، جيئن مَن ڌيان ۾ لڳو رهي.

ج- توهين ڏسو، اهي مَن سان لڳاتار ڪشمڪش ڪرڻ جا ئي طريقا آهن. ڪي ماڻهو آرام ڏيندڙ نرم بسترن تي نه سمهندا آهن، جيئن هو ضرورت کان وڌيڪ سمهي نه سگهن. اُنهيڪي سخت بستري جي ضرورت آهي. پر اُنهيءَ ۾ اهو فرق ڪو ٻڌائي سگهجي ته ڪٿون ستسنگي اهڙيءَ طرح ڪري بنا ٻراڻو. هرهڪ ستسنگيءَ کي مَن سان جنگ جوٽيندي، مارگ تي هلڻو آهي. توهان کي پنهنجو طريقو پاڻ ڪڍڻو آهي. پر دراصل صحيح اڀياس، صحيح طريقو، اهين سمرن ئي آهي. توهان کي خود بخود معلوم ٿيندو ته ڪهن ۾ رهڻ ۽ روزاني اڀياس ڪرڻ لاءِ توهانکي ڇاجي ضرورت آهي. ڪي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ڪاڏي کان دور رکندا آهن؛ مَن کي چوندا آهن، "جيسين تو اهين سمرن کي پورو وقت نه ڏنو آهي، تيسين توکي مان پوچن ڏيڻ وارو آهيان." اهڙيءَ طرح هُن مارگ تي هلڻ لاءِ هرڪنهن جا پنهنجا پنهنجا طريقا آهن، پر مَن کي وس ڪرڻ جو طريقو هرڪنهن لاءِ ساڳيو

س- ۱۵۲. جنهنکي اها تمام نه معلوم آهي، ڇا اُنهيءَ لاءِ بس ڪو

پستو آهي؟ ڇا نام جي بخشش تيڻ کان اڳ ۾، هن لاءِ من کي ايڪاگر
ڪرڻ جو اڀياس ڪرڻ نقصانڪار آهي؟

ج- نه، اِنهيءَ ۾ ڪو به نقصان ڪونهي. هرهڪ کي من کي قابوُ
ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. چاهي نام مليل هجي يا نه، ٻر سوال
آهي من کي وس ۾ ڪرڻ جي طريقي جو. ڪجهه ماڻهو ڌارمڪ پستڪ
گرنٿ شاستر پڙهندا آهن ۽ سوچيندا آهن ته اسين هٺ يوگ سان،
ڪنهن آسڻ يا پراڻايام وغيره ڪري، من کي وس ڪري سگهون ٿا.
جيڪڏهن توهانکي انهن اڀياس کي سيکارڻ وارو ڪو ماهر يا پورڻ
اُستاد نه هوندو ته توهانکي ڪيترن ئي قسمن جون مشڪلاتون اچي
سگهن ٿيون. اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان مانسڪ نقصان ٿي سگهي ٿو.
توهين پنهنجي مانسڪ شانتي به وڃائي سگهو ٿا. ڇاڪاڻ ته توهانکي
اِنهن سادنن جي نيڪ طريقي جي پوري ڄاڻ ڪونهي. جيڪڏهن توهين
پستڪ پڙهي اِهي سادن ڪرڻ شروع ڪندا ته جڏهن به توهانکي
ڪا مشڪلات يا مونجهارو محسوس ٿيندو ته توهانکي مدد ڪرڻ لاءِ
ڪو به اُستاد نه هوندو. پستڪ توهان سان نه ڳالهائي ٿو ۽ نه ڳالهائي
سگهي ٿو ۽ انهيءَ ڪانسواءِ جيڪي ڪجهه لکيل آهي اُنهيءَ جو چڱيءَ
طرح اُرٿ سمجهڻ به ضروري آهي. تنهڪري اُستاد جو هجڻ نهايت
ضروري آهي. ٻر اِنهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته جنهنکي اُستاد نه
مليو آهي اُهو من کي وس ڪرڻ جي ڪوشش ئي نه ڪري. ٻر اهو
سياڻپ آهي ته جڏهن به ڪو اِنسان انهيءَ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش
ڪري ٿو تڏهن هن کي اُستاد جي به ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

س- ١٥٣. من کي خالي ڪرڻ ۽ شانت يا استر ڪرڻ ۾ ڪهڙو
تفاوت آهي؟

ج- تمام گهڻو فرق آهي. جيڪڏهن توهين من کي خالي ڪرڻ
جي ڪوشش ڪندا ته هوُ اُتي ڪڏهن به استر نه ٿيندو، هوُ ٻاهر ڊوڙندو
رهندو. انهيءَ ڪري مان هميشه اِئين چوندو آهيان ته جڏهن به اسين
ڪنهن سان جڙون ٿا ته ازخود ٻئي ڪان جدا ٿي ويندا آهيون. جڏهن

ج - من کي وس ڪرڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي. جيڪ
نام ڏان وقت سمجهايو ويندو آهي، تيئن جاچي پرائي ستسنگيءَ کي
انهيءَ طرح سان ئي ابياس ڪرڻو آهي. ليڪن يا پرائي ستسنگيءَ
ڪوبه تفاوت ڪونهي. من کي وس ڪرڻ جو صرف هڪ ئي اُپا
آهي، نه ... من لذت جو عاشق آهي ۽ جيسين هنکي اندرين جي
پوئين کان وڌيڪ اتم رس پراپت نه ٿيندو تيسين هو اندرين کي نه
ڇڏيندو، انهيڪري من کي انهيءَ اتم پدارٿ سان جوڙڻو آهي. ان
بعد ئي دنيوي پدارٿن جو تياڳ ڪندو.

س - ١٥١. مهاراج جي، مان سمجهان ٿو ته مان پنهنجي سوال کي
توهان اڳيان ڇاڪي طرح پيش نه ڪري سگهيو آهيان. مونکي ياد آهي
ته هڪ ماستر هڪ پيالي ۾ هڪ هڪ ڪري بلور وجهڻ جو طريقو
پڌايو هو، جيئن من ڌيان ۾ لڳو رهي.

ج - توهين ڏسو، اهي من سان لڳاتار ڪشمڪش ڪرڻ جا ٽي
طريقا آهن. ڪي ماڻهو آرام ڏيندڙ نرم بسترن تي نه سمهندا آهن،
جيئن هو ضرورت کان وڌيڪ سمهي نه سگهن. انهنکي سخت بستري
جي ضرورت آهي. پر انهيءَ ۾ اهو فرق نٿو پڌائي سگهجي ته نئون
ستسنگي اهڙيءَ طرح ڪري يا پراڻو. هرهڪ ستسنگيءَ کي من سان
جنگ جوٽيندي، مارگ تي هلڻو آهي. توهان کي پنهنجو طريقو پاڻ
ڪڍڻو آهي. پر دراصل صحيح ابياس، صحيح طريقو، پنجن سمرن ئي
آهي. توهان کي خود بخود معلوم ٿيندو ته پنجن ۾ رهڻ ۽ روزاني
ابياس ڪرڻ لاءِ توهانکي ڇا جي ضرورت آهي. ڪي ماڻهو پنهنجو
پاڻ کي ڪاڌي کان دور رکندا آهن ۽ من کي چوندا آهن، ”جيسين تو
پنجن سمرن کي پورو وقت نه ڏنو آهي، تيسين توکي مان ڀوجن ڏيڻ
وارو نه آهيان.“ اهڙيءَ طرح هن مارگ تي هلڻ لاءِ هرڪنهن جا پنهنجا
پنهنجا طريقا آهن، پر من کي وس ڪرڻ جو طريقو هرڪنهن لاءِ ساڳيو
آهي.

س - ١٥٢. جنهنکي اڃا نام نه مليو آهي، ڇا انهيءَ لاءِ به ڪو

ڪندي، پر اهڙي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ من سان جدوجهد ڪرڻي آهي. پرڪاش تائين پهچڻ لاءِ اِها هڪ لڳاتار ڪشمڪش آهي. اِهو ڪم ايترو سؤلو ناهي. ڇاڪاڻ، ورهين کان اسانجي من کي ٻاهر سنسار ۾ ڀٽڪڻ ۽ ڦهلجڻ جي عادت پيل آهي. هرهڪ دنيوي پداورت اسانکي ٻاهرمکي ڪري رهيو آهي. تنهڪري اِهو سپاويڪ آهي ته سرت کي اکين جي مرڪز تي واپس ايڪاگر ڪرڻ ۾ وقت لڳي ٿو، مان توهانکي ٻڌايان ٿو ته هيءَ ڪم اميريڪا واري تيز رفتار (American Speed) سان نٿو ڪري سگهجي (سڀ کلڻ ٿا).

س - ١٤٨. جڏهن مان سمرن لاءِ ويهندو آهيان تڏهن ٿوري وقت لاءِ ته سمرن هلندو آهي پر پوءِ من ٻاهر ڀٽڪڻ شروع ڪندو آهي ۽ سمجهه ۾ ئي نه ايندو آهي ته آخر ڇا ڪريان. گهڻو ڪري مهيني ۾ من روزاني ڪم ڪار طرف ويندو آهي. انهن ۾ نه آهي ته مونکي ڪو ڪم سان خاص موهه آهي. اِهو صحيح آهي تہ مونکي ڪم ڪرڻ سٺو لڳندو آهي. پر مان صرف ......؟

ج - هيءَ من سان لڳاتار جنگ جوڙڻي آهي. من کي ٻاهر ڀٽڪڻ جي عادت پيل آهي، تنهڪري لڳاتار ڪوشش ڪري من کي "شو نيترو" تي اِستر ڪريو. جڏهن توهين روز ڪوشش ڪندا رهندا ته ايپاس ڪندي ڪندي، توهين ڏسندا ته ڌيان اِنهيءَ نقطي تي ايڪاگر ٿيڻ شروع ٿيو آهي.

س - ١٤٩. مهاراج جي، ستسنگين کي، خاص ڪري نون ستسنگين کي ڪيتري حد تائين، من کي وس ڪرڻ جي طريقي جي کوج يا تجربي ڪرڻ جي اختياري آهي؟

ج - مونکي اِها ڳالهه سمجهه ۾ نہ آئي تہ توهانجو نون ۽ پراڻن ستسنگين جو ڇا مطلب آهي ۽ من کي وس ڪرڻ جي طريقي سان کوج يا تجربي ڪرڻ سان توهانجو ڪهڙو ارٿ آهي؟

س - ١٥٠. ڇا اسانکي سمرن جي ٻين طريقن کي اِستعمال ڪرڻ جي منظوري آهي؟

س - ١٤٧. اهو ڪهڙو ڪارڻ آهي جو ڀڄن سمرن وقت، من ٻاهر ڀٽڪندو رهي ٿو. ايتري قدر جو ڀڄن ڪرڻ واري کي اُنهيءَ وقت تائين اِها خبر نه پوندي آهي، جيسين هو کيس پوري طرح قابوءَ ۾ نٿو آڻي؟ ڇاهي ڪيتري ۽ من کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تڏهن هوندي به اِئين محسوس ٿيندو آهي ته هيءَ اسٿر ٿيڻ ٿي نٿو چاهي؟

ج - ٺيڪ آهي. من پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ توهانکي پنهنجو ڪم ڪرڻو آهي. من پنهنجي مالڪ "ڪال" يا شيطان جو ڪيترو نه وفادار ڀڳت آهي، جو هو توهانکي اڪاگر ٿيڻ ٿي نٿو ڏئي. توهانکي به اهڙو سوامي ڀڳت ٻڻجي، ڌيان کي اڪاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِها من سان لڳاتار زندگي ڀر جي ڪشمڪش آهي. توهانکي معلوم آهي ته ڪنهن به ڪم کي نيمائتي ۽ روزاني ڪرڻ سان، اسانکي اُنهيءَ ڪم جي عادت پئجي ويندي آهي. سگريٽ ڇڪڻ جو ٿي مثال وٺو. شروع ۾ توهين اِئين ٿي وندر وچان هڪ ٻا ٻه ڇڪيندا آهيو پر پوءِ توهانکي اُنهيءَ جي لذت اچي ويندي آهي ۽ روز ڇڪڻ شروع ڪندا آهيو. اهڙيءَ طرح اِها هڪ عادت جو روپ اختيار ڪندي آهي. اُن بعد توهين اُنهيءَ عادت جا ايترا ته غلام ٻڻجي وڃو ٿا جو توهين اُنهيءَ کي مجبور ٿي ڇڏي نٿا سگهو. اهڙي طرح روز بار بار ابياس ڪرڻ سان، توهين ڀڄن سمرن جا عادي ٻڻجي ويندا ۽ توهانجي روزاني زندگيءَ جو هڪ حصو ٻڻجي پوندو ۽ توهين ڪوشش ڪندي به اُنهيءَ کي ڇڏي نه سگهندا.

اهڙي طرح اسان کي ڀڄن سمرن ۽ ڌيان کي اڪاگر ڪرڻ جي عادت وجهڻي آهي. اسانکي هر روز نيڪ وقت تي نيمائتو ڀڄن سمرن ڪرڻو آهي ۽ آخر اسانکي ڪاميابي حاصل ٿيندي. اُنهيءَ بعد جيڪڏهن اسين ڀڄن سمرن کي وقت نه ڏيندا سين ته اسان کي پنهنجو پاڻ ٿي ٺيڪ نه لڳندو، خوشي محسوس نه ٿيندي ۽ اِئين پيو لڳندو ته اسانجو ڏينهن ڪجهه صحيح نموني نه گذريو آهي. اسين عادت جا غلام آهيون ۽ هڪ دفعو جيڪڏهن ڀڄن ڪرڻ جي عادت وجهڻ جي ڪوشش ڪندا سين ته پوءِ اِها عادت اسان کي، من کي اسٿر ڪرڻ ۾ مدد

س - ۱۴۶. مهاراج جي، اڪثر اسين پنهنجي ساهتيہ ۾ پڙهندا آهيون تہ جيتي من ۾ مايا جو زور آهي، اتي ڪڏهن بہ شانتي نٿي ملي سگهي. ڇا توهين ٻڌائيندا تہ انهيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

ج - هيءُ سڄو سنسار، سڀ دنيوي پدارٿ جڙ آهن ۽ جيسين من پنهنجي شانتي يا سچي خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جڙ پدارٿ يا مايا جي پٺيان ڊوڙندو رهندو، هنکي ڪڏهن بہ شانتي نہ ملي سگهندي.

س - تہ جڙ پدارٿن کي ڀوڳڻ جو خواهشمند من ئي هوندو آهي؟

ج - اسانجو من انهن ٻاهرين دنيوي پدارٿن يعني هوا، پاڻي، ڌرتي (مٽي)، اگني ۽ آڪاش نالي پنجن جڙ پدارٿن مان تڪميل شين ۾ سک ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر اهو سک حاصل ٿئي نٿو، ڇو تہ من کي دنيا جو ڪهڙو بہ پدارٿ ڏنو وڃي، هن کي ڪڏهن بہ سنتوش نہ ملندو آهي. هيءُ هڪ کان ٻيءَ جڳهہ، ٻئي مٿش يا ٻيءَ شڪل صورت ۽ پدارٿن پٺيان ڀٽڪندو رهي ٿو. هو هميشہ ڀٽڪندو ڦرندو رهي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن دنيا جو ڪوبہ پدارٿ ڪيس قابوءَ ۾ نٿو آڻي سگهي، جنهن سان هو استر رهي. صرف هڪ شبد سان جڙڻ بعد ئي هو هن جڙ سنسار جي موهہ کي ڇڏي سگهي ٿو. اهڙي سنساري وڙاڱ بعد ازخود هنکي شانتي ملي ٿي. جنهنکي ڪجهہ بہ نہ گهرجي اهو شهنشاهہ آهي جنهنکي ڪنهن بہ پدارٿ جي اڇا ڪونهي اهوئي سڀ کان سکي، سڀني کان وڌيڪ خوش آهي. نہ صرف ايترو بلڪ هو چوندو مونکي ڪنهن بہ پدارٿ جي ضرورت ڪونهي. پر جيڪو اڇا رکي ٿو، اهو هميشہ دنيوي پدارٿن جو طلبگار رهي ٿو ۽ انهن پدارٿن پوسان، پراپت ڪرڻ لاءِ ڀٽڪندو رهي ٿو. انهن اڇائن جي پوري ٿيڻ بعد هو اڃا ڪسان وڌيڪ پريشان ۽ نراس ٿئي ٿو. مايا ڪڏهن بہ من کي سک شانتيءَ سان وهڻ نٿي ڏئي. بس صرف شبد ئي سچي شانتي ڏئي سگهي ٿو. روحاني مارگ من ۽ آتما کي سچو سک ۽ شانتي ڏئي ٿو. مايا تہ اندرين لاءِ ٻيو هڪ ڪشش ڪندڙ وسيلو آهي.

کي نه چونڊيندو، ڇاڪاڻ ته وڃائڻ آسان ۾ ڪڏهن به اوبر ٻاهر پيدا ٿئي ٿو
جاري.

صرف شبد جو ٻوڌڻ ئي اسانکي وڃائي ۽ نروڄي بڻائي ٿو. اهو شبد، اها چيتن ڌارا، جيڪا اسان جي روح ۾ ئي آهي. جڏهن اسين ستگرو جي سروپ جي ڌيان جي مدد سان انهيءَ نقطي تي ايڪاگرتا پرابت ڪريون ٿا، تڏهن اسانجا سڀ وچار اُتي اچي رڪجي وڃن ٿا. من ۽ آتما جيڪي ٻاهر ۾ ٽڙيا پکڙيا آهن، اندر نام يا شبد سان جڙي وڃن ٿا. شبد جو پيار پهريون ڀيرو اسانکي اندران کان الڳ ڪري ٿو ۽ مٿين طرف ڇڪي ٿو. انهيءَ طرح اهو شبد جو پيار اسانکي سڀني آشائن ترشنائن کان بچائي رکي ٿو. جيستائين من جو لاڙو هيٺ آهي تيستائين اهي اڇائون ۽ ترشنائون هميشه بڻيون رهنديون. پر جڏهن هن جو رخ مٿين طرف ٿي وڃي ٿو، تڏهن هو ازخود انهن آشائن ترشنائن جو تياڳ ڪري ٿو.

س- ١٤٥. اهو ڪيئن معلوم ٿئي ته اها همت افزائي من دواران آهي يا اندران آهي؟

ج- ٻاهرين طرح ته اسانکي اهو معلوم ٿي نه ٿو سگهي. پهرين ستگرو دراهي اسانکي اندري ترقي ڪرائي آهي، جو اسين اهو سڀ ڪجهه سمجهي سگهون ته اهو سڄو آهي يا نه. عام طرح ڪڏهن اها خبر ئي نه پوندي آهي ته اسين جيڪي ڪم ڪري رهيا آهيون، اهو صحيح آهي يا غلط. اسين سوچيندا آهيون ته اسين نيڪ يا شڀ ڪرم ڪري رهيا آهيون پر دراصل اهو ڪرم ٻيا اشڀ ڪرم هوندو آهي ۽ پوئتي لاءِ ان نقصانڪار هوندو آهي. انهيءَ ڪري صحيح ۽ غلط جو فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي پر اسين اهو تمام چڱيءَ طرح ڄاڻي سگهون ٿا ته جيڪي ڪم ڪريون يا ڪا ڳالهه اسانکي پرماتما طرف وٺي وڃي ٿي، اها نيڪ آهي، صحيح آهي ۽ جيڪا دنيا ڏانهن ڏور اها غلط. صرف انهيءَ طرح ئي اسين فيصلو ڪري سگهون ٿا ته ڇا نيڪ آهي ۽ ڪهڙي غلط.

ڪري مٿي پنهنجي نج گهر وڃي ٿي، جيڪو من جي اصلي گهر (برهم يا ترڪٽي) کان مٿي آهي.

جيڪي به آشائون ترشنائون اسانجي اندر پيدا ٿين ٿيون، اهي دراصل من جو کيل آهن. پر ڪجهه نيڪ اڇائون به ٿينديون آهن، من به هن دنيا ۾ نيڪ ڪرم ڪرڻ چاهيندو آهي. سٺيون يا خراب سڀ اڇائون اسانکي واپس هن دنيا ۾ آڻين ٿيون. اسان جا ڪرم، نيڪ آهن يا بد، ٻئي هٿي واپس سنسار ۾ آڻين ٿا. جڏهن اسين سٺي ڦل جي اڇا رکي پن دان ڪريون ٿا، سماج شيوا وغيره ڪريون ٿا تڏهن اسين شڀ ڪرمن جو نرماڻ ڪندا آهيون. پر اسانکي انهن شڀ ڪرمن جو ڦل پراپت ڪرڻ لاءِ هن دنيا ۾ واپس اچڻو پوندو. پن يا پاپ ٻئي اسانکي سنسار ۾ واپس جنم وٺڻ جو ڪارڻ آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو اسانکي مکش چولو مليو آهي. جيڪڏهن اسان صرف سٺا ڪرم ئي ڪيا هجن ها ته اسين سرڳ ۾ هجون ها، جيڪڏهن اسانجي ليکي ۾ صرف ڪُڪرم يا پاپ ئي هجن ها ته اسين نرڳ ۾ هجون ها. جڏهن پن ۽ پاپ گڏ ٿيندا آهن، تڏهن ئي مکش جنم ملندو آهي ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو هن دنيا ۾ لاهيون چاڙهيون، دک سک اچن ٿا. ڪن ماڻهن جا نيڪ ڪرم گهڻا ۽ خراب ڪرم ٿورا هوندا آهن ته هو سکي وڌيڪ ۽ دکي گهٽ هوندا آهن. ڪن ماڻهن جي پاپن جو انداز پن کان وڌيڪ هوندو آهي ته اهي دکي وڌيڪ ۽ سکي گهٽ نظر ايندا آهن. نيڪ ۽ بد ڪرمن جي ميل سان ئي مکش جنم ملي ٿو.

لنهڪري مکش چولي ۾ رهي، اسانکي پاپ پن ٻنهي کان مٿي اٿڻو آهي ۽ اسين پرماتما جي ڀڳتيءَ، مالڪ جي پريم دوارا من کي نام يا شبد يا انهيءَ چيتن ڌارا سان جوڙڻ بعد ئي مٿي ٿي سگهون ٿا. من چنچل آهي ۽ هميشه دنيوي پدارٿن پويان ڇانئمان ٿي ڊوڙي ڀٽڪي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هو ڀوڳن جو عاشق آهي ۽ اهوئي ڪارڻ آهي، جو هو اندرين جو غلام آهي. جيسين اسين من کي انهن سنساري ڀوڳن کان وڌيڪ اتم آنند ۽ رس نه ڏينداسين، تيسين هو انهن ڀوڳن

اندر آهي ۽ اسين ٻاهر آهيون. اسان کي انهيءَ ننڍين تل روپي دوار کي کڙڪائڻو آهي. جڏهن اسين خيال کي ايڪاگر ڪري، انهيءَ دوار کي کڙڪائيندا آهيون ته دوار کلي ويندو ۽ اسين مالڪ جي گهر ۾ داخل ٿيندا آهيون. عيسيٰ ٻـ سرير کي ”زنده پرماتما جو مندر“ چيو آهي. من اهو پرمارٿ آهي ته مالڪ جي درگاهه يا مندر توهانجي اندر آهي. اسانکي پنهنجي سرير روپي ڪٻاڙخاني ۾ ٽي پنهنجي ڌيان کي هن نقطي تي ايڪاگر ڪري، هن در کي کڙڪائي پرماتما جي کوج ڪرڻي آهي. ٻين لفظن ۾ انهن ڳالهين جي ته مالڪ سان ملڻ لاءِ، هنجي کوج ڪرڻ لاءِ، انهيءَ نام مارگ تي هلڻو آهي.

س- ١۴۴. اسانکي ڪيئن معلوم ٿي سگهي ٿو ته اندر همت افزائي ڏيڻ وارو من آهي يا توهين ڏيئي رهيا آهيو؟

ج- توهانجي چوڻ جو مطلب آهي ته اندر سنڪور ڪيئن ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهي يا من. اڇائون ۽ ترشنائون هميشه من ئي پيدا ڪندو آهي. اسانکي پنهنجو خيال اندر سنڪورءَ ۾ لڳائڻو آهي، جيئن اسين انهن آشائن ترشنائن کان بچي سگهون. جهڙي ريت هيٺيون ۽ نيچ ورتيون يا خراب خيال آهن، اهي هميشه سڀ من جا هوندا آهن. پڪتي ۽ پرماتما لاءِ پريم پيار به من جو آهي. من برهم جو انس آهي، هو ترڪٽيءَ مان نڪري ٿو، جيڪا روحاني راهه جي ٻي منزل آهي. اسان جي سرير ۾ اکين جي مرڪز تي جڙيل من ۽ آتما جي رهڻ جو استان آهي. انهيءَ استان تان ئي من اندرين دوارن هيٺ هيٺ ڇڪيو ويندو آهي ۽ آتما جيئن ته من سان جڙيل هوندي آهي، تنهڪري اها به انهيءَ سان گڏ هيٺ ڇڪجي ويندي آهي ۽ اندرين جي داسي بڻجي پوي ٿي ۽ آتما جيسين من سان گڏ رهي ٿي، تيسين هنجي اهڙي ئي حالت رهي ٿي. تنهن ڪري مالڪ سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ اسانکي انهيءَ سلسلي کي الٽو ڪرڻو آهي. آتما کي من کي پنهنجي ماتحت ڪرڻو آهي ۽ من کي، اندرين قابوءَ ۾ آڻيون آهن. انهيءَ بعد ئي من آزاد ٿي پنهنجي مول استان ۾ واپس رهي سگهي ٿو ۽ آتما ڇوٽڪارو حاصل

ج- نه، اندريون ڪڏهن به من کانسواءِ وس نٿيون ونن، اهو من
ٿي آهي جيڪو اندرين ذريعي لذت وٺي ٿو. اندريون پنهنجو پاڻ
۾ ڪجهه به نه آهن. جيڪڏهن من جو ڌيان اندرين ۾ ناهي ته، پوءِ
ڪجهه به محسوس نٿو ٿئي.

س- ڇا صرف اندريون لذت نٿيون وٺي سگهن؟

ج- نه، نه، اهو من ئي آهي، جيڪو لذت وٺي ٿو. سمجهو ته
توهانجو پٽ يا توهانجي ڌيءُ توهانجي گود ۾ آهي. هنکي به سرير
آهي ۽ توهان کي به سرير آهي پر توهانجو پيار پوتر آهي. ٻئي سرير
آهن، پر هرهڪ سرير اندر من ئي آهي جيڪو اندرين جو داس آهي.
جيسين من ڪم نٿو ڪري يا من کي ڌيان نٿو اچي تيسين سرير ڪو به
ڪم نٿو ڪري. تنهڪري اهو من ئي آهي جنهنکي وس ۾ آڻڻو آهي.
عيسيٰ فرمايو آهي ته، جيڪڏهن توهين هڪ اک وارا بڻجي ويندا ته
توهانجي سڄي سرير ۾ پرڪاش اچي ويندو. اها هڪ اک ڪٿي آهي،
جنهنکي کولڻو آهي ۽ جنهن سان اهو پرڪاش ڏسڻو آهي؟ سڀ ڪجهه
سرير جي اندر آهي ۽ اها هڪ اک، ٺيڪ هنن ٻن اکين جي وچ ۾
آهي. انهيءَ کي توهين هڪ اک يا ٽين اک چئي سگهو ٿا يا چاهي انکي
ڪو به نالو ڏيو. پر انهيءَ جو اِسٿول اکين سان ڪو به سنبنڌ ڪونهي.
اکين جي مرڪز تي ئي خيال کي ايڪاگر ڪرڻو آهي. اهو ئي اهو دوار
آهي جنهنکي کولڻو آهي. ديول ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٻاهر اهڙو بيو ڪو به
دوار ڪونهي، جنهنکي کڙڪائڻو آهي يا کولڻو آهي. اکين جي مرڪز
کان مٿي، مٿي جي چوٽيءَ تائين، سڄو مستڪ هڪ اصلي ديول يا
مندر آهي. هڪ اک ئي ديول جو دوار آهي، جنهنکي کولڻو آهي.
جيسين اسين انهيءَ دوار کي نه کوليندا سين، اسانکي اندر پرڪاش
ڏسڻ ۾ نه ايندو. اسانکي صحيح مارگ نه ملندو ۽ نه ئي، انهيءَ مارگ
جو ڪو گيان پراپت ٿيندو ۽ نه ئي پريو پراپتي ٿي سگهندي.

جيڪڏهن ڪنهن گهر جو دروازو بند آهي ته اسين هميشه انهيءَ
کي ٻاهران کڙڪائيندا آهيون ۽ اندران دروازو کوليو ويندو آهي ۽
تڏهن ئي اسين اندر داخل ٿي سگهندا آهيون. ساڳيءَ طرح پرماتما

ٿو اصل ۾ هن جو ٻڌائڻ کي سمجهائڻ شروع ڪري ٿي. ان بعد ٿي هن تي
ڪجهان ٻڌائيندي ٿي ٿو ته هن جو ٻول استان ڪٿي آهي؟ اهو ڪڪر
اندر ۾ ڇا ٿو مانڻ، آهي. انهيءَ ڪانئو ٿوءِ پالڪ ٻڌڻي، ڪمدڪيءَ کان
الڪ ٿي واپس انهيءَ پادل ۾ سمائجي وڃي ٿي.

اسانجي آتما، پرماتما جي انس آهي، آتما ۾ جو سڪ ڪيو آهي
۽ من اندرين جو غلام آهي. جيڪي ڪم اسين اندرين جي وس ٿي
ڪريون ٿا، انهيءَ جو فل اسانجي آتما کي ڀوڳڻو پوي ٿو. ڇو ته
هوءَ من جي وس آهي. تنهڪري اسان کي انهيءَ سلسلي کي ٻدلائڻو
آهي يعني من کي آتما جي وس ۽ اندرين کي من جي وس ڪرڻو
آهي. سڀني جي تنهن تل تي بيٺي، جڏهن من ۽ آتما جي وچ جو استان
آهي. انهيءَ جڳهه تان اسانجو من هيٺ وڃي ٿو. جڏهن ڪا ڳالهه
وسري ويندي آهي ته ازخود هٿ مٿين طرف ويندو آهي. توهين
هٿ سان پيشانيءَ کي ڇهي، ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو،
جيڪي ڪجهه توهان کان وسري ويو آهي. اسان سڀني کي معلوم آهي
ته اکين جي وچ واري استان جو اسانجي سوچڻ سان گهرو تعلق آهي.
تنهڪري اسان کي من کي اُتي ٿي روڪي رکڻو آهي. هيٺ اندرين
طرف وڃڻ نه ڏيڻو آهي. پر اسين من کي اُتي استر تڏهن رکي سگهون،
جڏهن ڪا اهڙي وستو هجي، جيڪا هن کي اُتي لوهچمبڪ يا استر رکي
سگهي ۽ اها اندرين جي ڀوڳن کان وڌيڪ رسيلي ۽ اثر هيٺ گهرجي.
ڄاڻائڻ ته من لذت ۽ سک جو عاشق آهي ۽ اهو عمدو ۽ اثر پدارٿ،
جنهنجي باري ۾ مان اڳ ذڪر ڪري چڪو آهيان، اهو آهي شبد يا
نام، اهو پرڪاش جيڪو هتي اکين جي وچ ۾ آهي، انهيءَ نام شبد يا
پرڪاش سان جڙڻ سان، من کي انهيءَ استان تي استر ڪرڻو آهي.
انهيءَ شبد يا پرڪاش جو آنند ايترو ته اوچو ۽ راحت بخشيندڙ آهي
جو آتما ازخود اندرين کان منهن موڙي ڇڏي ٿي.

س- ١٤٣. جڏهن اسين چئون ٿا ته من جي باوجود، اندرين
ڪجهه وس رکون ٿيون، ڇا اها ڳالهه صحيح ناهي؟

ج- نه، اندريون ڪڏهن به من کانسواءِ رس نٿيون وٺن، اهو من ئي آهي جيڪو اندرين ذريعي لذت وٺي ٿو. اندريون پنهنجو پاڻ ۾ ڪجهه به نه آهن. جيڪڏهن من جو ڌيان اندرين ۾ ناهي ته، پوءِ ڪجهه به محسوس نٿو ٿئي.

س- ڇا صرف اندريون لذت نٿيون وٺي سگهن؟

ج- نه، نه، اهو من ئي آهي، جيڪو لذت وٺي ٿو. سمجهو ته ڪٿي توهانجو پٽ يا توهانجي ڌيءُ توهانجي گود ۾ آهي. هنکي به سرير آهي ۽ توهان کي به سرير آهي پر توهانجو پاڻ پوتر آهي. ٻئي سرير آهن، پر هرهڪ سرير اندر من ئي آهي جيڪو اندرين جو داس آهي. جيسين من ڪم نٿو ڪري يا من کي ڌيان نٿو اچي تيسين سرير ڪو به ڪم نٿو ڪري. تنهڪري اهو من ئي آهي جنهنکي وس ۾ آڻڻو آهي. عيسيٰ فرمايو آهي ته جيڪڏهن توهين هڪ اک وارا بڻجي ويندا ته توهانجي سڄي سرير ۾ پرڪاش اچي ويندو. اها هڪ اک ڪٿي آهي، جنهنکي کولڻو آهي ۽ جنهن سان اهو پرڪاش ڏسڻو آهي؟ سڀ ڪجهه سرير جي اندر آهي ۽ اها هڪ اک، ٺيڪ ٻن اکين جي وچ ۾ آهي. انهيءَ کي توهين هڪ اک يا ٽين اک چئي سگهو ٿا يا چاهي انکي ڪو به نالو ڏيو. پر انهيءَ جو اسٿول اکين سان ڪو به سنبنڌ ڪونهي. اکين جي مرڪز تي ئي خيال کي ايڪاگر ڪرڻو آهي. اهو ئي اهو دوار آهي جنهنکي کولڻو آهي. ديول ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٻاهر اهڙو ٻيو ڪو به دوار ڪونهي، جنهنکي کڙڪائڻو آهي يا کولڻو آهي. اکين جي مرڪز کان مٿي، مٿي جي چوٽيءَ تائين، سڄو مستڪ هڪ اصلي ديول يا مندر آهي. هڪ اک ئي ديول جو دوار آهي، جنهنکي کولڻو آهي. جيسين اسين انهيءَ دوار کي نه کوليندا سين، اسانکي اندر پرڪاش ڏسڻ ۾ نه ايندو. اسانکي صحيح مارگ نه ملندو ۽ نه ئي، انهيءَ مارگ جو ڪو گيان پراپت ٿيندو ۽ نه ئي پريو پراپتي ٿي سگهندي.

جيڪڏهن ڪنهن گهر جو دروازو بند آهي ته اسين هميشه انهيءَ کي ٻاهران کڙڪائيندا آهيون ۽ اندران دروازو کوليو ويندو آهي ۽ تڏهن ئي اسين اندر داخل ٿي سگهندا آهيون. ساڳيءَ طرح پرماتما

دراصل ڀڳتيءَ ٻار کي سڃاڻڻ شروع ڪري ٿي. اُن بعد ئي هن تي
ڌيان ڀرايسه ٿيندي ته هن جو مول استان ڪٿي آهي؟ اهو ڪڪر
(ٻرم يتا پرماتما) آهي. اُنهيءَ ڪانپوءِ هوءَ ٻالڪ ٿيندي، ڪڏهن ڪان
الڳ ٿي واپس انهيءَ بادل ۾ سمائجي وڃي ٿي.

اسانجي آتما، پرماتما جي انس آهي، آتما من جو سڪ ڪيو آهي
۽ من اندرين جو غلام آهي. جيڪي ڪجهه اسين اندرين جي وس ٿي
ڪريون ٿا، انهيءَ جو ڦل اسانجيءَ آتما کي ڀوڳڻو پوي ٿو. ڇو ته
هوءَ من جي وس آهي. تنهڪري اسان کي انهيءَ سلسلي کي ابتائڻو
آهي يعني من کي آتما جي وس ۽ اندرين کي من جي وس ڪرڻو
آهي. سرير جي نئين تل تي ٻيٺي، جتان من ۽ آتما جي رهڻ جو استان
آهي. انهيءَ جڳهه تان اسانجو من هيٺ وڃي ٿو. جڏهن ڪابه ڳالهه
وسري ويندي آهي ته ازخود هٿ مٿين طرف ويندو آهي. توهين
هٿ سان پيشانيءَ کي ڇهي، ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو،
جيڪي ڪجهه توهان کان وسري ويو آهي. اسان سڀني کي معلوم آهي
ته اکين جي وچ واري استان جو اسانجي سوچڻ سان گهرو تعلق آهي.
تنهڪري اسان کي من کي اُتي ئي روڪي رکڻو آهي. هيٺ اندرين
طرف وڃڻ نه ڏيڻو آهي. ٻر اسين من کي اُتي استر نٿا رکي سگهون،
جيسين ڪا اهڙي وستو هجي، جيڪا هن کي اُتي نچل يا استر رکي
سگهي ۽ اها اندرين جي ڀوڳن کان وڌيڪ رسيلي ۽ اُتم هئڻ گهرجي.
ڇاڪاڻ ته من لذت ۽ سک جو عاشق آهي ۽ اهو عمدو ۽ اُتم پدارٿ،
جنهنجي باري ۾ مان اڄ ذڪر ڪري چڪو آهيان، اهو آهي شبد يا
نام، اهو پرڪاش جيڪو هتي اکين جي وچ ۾ آهي، انهيءَ نام شبد يا
پرڪاش سان جڙڻ لاءِ، من کي انهيءَ استان تي استر ڪرڻو آهي.
انهيءَ شبد يا پرڪاش جو آنند ايترو ته اوچو ۽ راحت بخشيندڙ آهي
جو آتما ازخود اندرين کان منهن موڙي ڇڏي ٿي.

س- ۱۴۳. جڏهن اسين چئون ٿا ته من جي باوجود، اندريون
ڪجهه وس رکن ٿيون، ڇا اها ڳالهه صحيح ناهي؟

ج- ها.

س- مٿو ڳيان ۽ ٻين سڌانتن انوسار اِئين نہ آهي؟

ج- اِها هڪ افسوس جي ڳالهہ آهي. مٿو ڳيانڪ ۽ فيلسوفن جي باري ۾ تہ خبر ڪونهي پر اڪثر خاص ڪري يورپي فيلسوف اهو مڃين ٿا تہ آتما ۽ من الڳہ الڳہ آهن. اهڙين هميشهہ اهو سوچيندا هئا تہ من ۽ آتما هڪ ئي آهن. هو من ۽ آتما ۾ ڪوبہ فرق نہ سمجهندا هئا. پر هينئر پنهنجي کوج جي نتيجي طور، هو سوچڻ لڳا آهن تہ آتما من کان الڳہ آهي. عام طور ڪيترن فيلسوفن جيئن تہ ڊيوڊ ۽ ٻين، من ۽ آتما جو هڪ ئي ارٿ ڪيو آهي. جڏهن هو چون ٿا تہ آتما آهي ئي ڪونہ، من ئي آتما آهي. دراصل اهو غلط آهي. مشرقي فيلسوفن هميشهہ من ۽ آتما ۾ فرق ٻڌايو آهي. سقراط فرمايو آهي تہ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو اهو ”پنهنجو پاڻ“ ڇا آهي. جنهنکي سڃاڻڻو آهي؟ اها آتما ئي آهي، جيڪا سچ پچ اسين پاڻ آهيون. يورپ ۾ اهو ويچار نهايت ئي پراچين آهي. مغربي ۽ يوناني فيلسوفن جو بہ اهو ئي ويچار هو. پر اها ڳالهہ بلڪل وساري ويئي آهي. اسين من جي ڇنبي مان آزاد ٿيڻ بعد ئي پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي سگهون ٿا. مثال طور توهين ساگر کي ڏسو. ڪجهہ پاڻي ٻاڦ بڻجي مٽي وڃي ڪڪر بڻجي ٿو ۽ برسات جي روپ ۾ هيٺ اچي ٿو. زمين ۾ ملي، مٽي يا گندگيءَ جو روپ اختيار ڪري ٿو. انهيءَ حالت ۾ پاڻي پنهنجو اصلي ملهہ، روپ ۽ پنهنجون پوتر خاصيتون وساري ٿو ڇڏي پنهنجو پاڻ کي بہ ڪجهہ نہ پر غلاظت ۽ گندگي ئي سمجهي ٿو. پر جڏهن هو سج جي تپت سبب ٻاڦ بڻجي، مٽي وڃي ٿو ۽ گندگي ڇڏي ٿو تڏهن هن کي محسوس ٿئي ٿو تہ اها گندگي ڪجهہ ٻي شيءِ هئي ۽ مان ڪجهہ ٻيو ئي آهيان. بدقسمتيءَ سان، گندگيءَ جي صحبت سبب، مون پنهنجي اصليت وڃائي هئي. مون تہ سمجهيو هو تہ مان انهيءَ گندگيءَ جو هڪ حصو آهيان. جڏهن هو گندگيءَ کي ڇڏي ٿو تڏهن ئي هنکي سمجهہ اچي ٿي تہ هنجو اصلي روپ انهيءَ گندگيءَ کان بلڪل نيارو آهي. ساڳيءَ طرح جڏهن آتما من کان آزاد ٿئي ٿي، تڏهن ئي

ابليس، وسواس ۽ ٻڌڻ ڪتي جي. اهي ئي انسان کي مالڪ سان واپس ميلاپ ڪرائي سگهن ٿا ۽ نه عقل ٻڌي. اهڙي طرح ٻڌي انسانجي سگهي سمجهي آهي، جيڪڏهن انهيءَ جي صحيح استعمال ڪرڻ جو گيان آهي.

س- ١٤٠. توهان ڪيترائي ڀيرا من جي باري ۾ ذڪر ڪيو آهي پر صرف من ڇا ٿو ڪري سگهي؟ جيئن انسانجا پاو اثر ۽ پوتر نه اچا آهن، جو اهي من کي ڪيئن ٽاليءَ ۾ موڙ آڻي سگهن؟ ڇا پاوناڻون من کان وڌيڪ انسانجي واڳ نه آهن؟

ج- توهانجي وچار انوسار من ڇا آهي ۽ پاوناڻون ڇا آهن؟

س- ڇا پاوناڻون اهي ڪرم آهن، جن جو من سان ڪوبه واسطو ڪونهي؟

ج- نه، من جو آتما سان ڪوبه واسطو ڪونهي. پاوناڻون پڻ ڪجهه به نه آهن، صرف من جو ٻاهريون روپ آهن. اهي سڀ پرڪرتيون (Instincts) پڻ ڪجهه به نه، پر من جا پاڙ ئي آهن. ٻڌي من سان ڏنل آهي ۽ پاوناڻون به من سان گڏ آهن. من، آتما کي ڍڪي ڇڏيو آهي ڪري رکيو آهي. دراصل اسين من جي اثر ماتحت ٿي چڪا آهيون جو اٿري به ڄاڻ نه رهي آهي ته آتما آهي ڇا؟ اسين گهٽ ڪري اهو ئي سوچيندا آهيون ته انسانجو من ئي آتما آهي. دراصل آتما من کان نهايت مهان آهي.

س- ١٤١. جيڪڏهن پاوناڻن سڀ ٻڌي جي من ۽ ٻڌيءَ جي ڪرمن ۾ تفاوت هجي ته ڇا ڪرڻ کپرجي؟

ج- اهو اصول من ۽ سوڪم من جو جهڳڙو آهي. جنهنڪي اسين ورتڪ يا ضمير يا انتر آتما چئون ٿا، اها خود من جي ئي هڪ خاصيت آهي.

س- ١٤٢. پاونا ڇا آهي؟

ج- اها هڪ من جي سياويڪ ورتي آهي.

س- ته پوءِ پاونا من جو ئي هڪ حصو آهي؟

هو هلندو هلي تو. هنجي ٻڌي هن کي نيوبارڪ نئي پهچائي ۽ هو موٽر ڪار ۾ سفر ڪرڻ بعد ئي پهچي تو. هڪ دفعو جيڪڏهن ٻڏيءَ کي تسلي ملي آهي ته پوءِ اها تسلي بخش ٻڏي مددگار بڻجي ٿي.

ٻڏي خود اسانجي راهه ۾ هڪ نهايت وڏي رڪاوٽ آهي. اسانکي ٻڏي سان ئي ٻڏيءَ جي رڪاوٽ کي دور ڪرڻو آهي. هن سڄي جاچ پڙتال ۽ کوج جو اهوئي ڪارڻ آهي. اسان کي ڪڏهن ۽ اکيون بند ڪري نه هلڻو آهي، نه ڪنهنجي پٺيان لڳڻو آهي. بلڪ پوريءَ سوجهه ٻوجهه سان، اکيون کولي، ڏسڻ گهرجي ته اسين ڇا ڪري رهيا آهيون. اسان کي ڪهڙي مارگ تي هلڻو آهي. انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ ۾ جيڪڏهن سڄي زندگي ۽ ڪوشش ڪندي گذري وڃي ته مان چوندس، اسان وقت سجايو ڪيو، اجايو نه وڃايو. ڪجهه پرايت ڪيو. اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان اسين بنياد لاءِ زمين کي ڪافي اونهو کوٽي رهيا آهيون، اسين هڪ پڪيءَ، هڪ مضبوط ٽڪريءَ تي انهيءَ جو نرماڻ ڪري رهيا آهيون. جيترو بنياد اونهو يا گهرو هوندو اوترو مڪان ۽ مضبوط ٿيندو. تنهڪري جيڪڏهن سڄي زندگي ۽ گذري وڃي، انهيءَ سڄي ۽ صحيح مارگ کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ ته ڪا چنتا ناهي. اسان کي پورو وقت انهيءَ کوج ۾ لڳائڻ گهرجي. ڪڏهن ۽ اکيون بند ڪري ٽپو نه ڏيڻو آهي. ڪڏهن ۽ پاؤ وس تي فيصلو نه ڪرڻو آهي ۽ نه ئي پنهنجن دوستن کي راضي ڪرڻ لاءِ يا جيڪي ڪجهه سامهون راهه تي اچي وڃي، انهيءَ کي صحيح يا سچ سمجهي، وشواس ڪرڻو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اسين دکو کائي سکهون ٿا. ان بعد اسين پريشان ٿي، دکي ٿي سکهون ٿا. اسان کي پنهنجيءَ قابليت انوسار پوري ڪوشش سان، ٻڏيءَ کي تسلي ڏيڻ گهرجي. مالڪ جيتري ۽ ٻڏي ڏني آهي، انهيءَ کي پوريءَ طرح استعمال ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ دفعو اهو وشواس ٿي وڃي ته هيءَ مارگ اسان لاءِ صحيح آهي. تڏهن ٻڏي اسانجي مارگ جي رهنمائي ڪري ٿي ان بعد اسان کي عقل ٻڏيءَ جي باري ۾ ڪابه چنتا نه ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ کي هڪ پاسي رکڻ گهرجي. انهيءَ ڪانپوءِ اسان کي ڇا جي ضرورت آهي؟

ناس ڪرڻ يا هڪ ٻئي کي ڌڪارڻ يا مارڻ يا ناس ڪرڻ يا انڌرين جو غلام يا شڪار ٿيڻ ۾ ڪنهن آڻڻ نه کپي. ٻڌيءَ جو استعمال انهن سڀني ڳالهين ۾ نه ڪرڻ گهرجي. اسانکي ٻڌيءَ جو صحيح ڳالهه ڏني آهي ۽ اها آهي مالڪ سان ميلاپ، جنهن لاءِ انهوعقل، اها ٻڌي ڏني رهي آهي. پرماتما سان پريم، هن جي سرشٽيءَ سان پيار ڪرڻ ئي ٻڌيءَ جو مکيه مقصد هئڻ گهرجي. ٻڌي جڏهن انهيءَ داتا جي در واپس وٺي هلي ٿي تڏهن دوست بڻجي سگهي ٿي آهي پر اها ئي ٻڌي اسانجي دشمن به آهي جيڪڏهن پرماتما کان پري رکي ٿي.

ڪابه مون توهانکي هڪ عقلمند انسان ۽ سادي سودي انسان ۾ تفاوت سمجهائيندي، مثال ڏنو هو ته ٻئي واشنگٽن کان نيويارڪ وڃڻ چاهين ٿا. سادو سودو ماڻهو هڪ سڙڪ جي ڪناري بيهي ڪنهن ماڻهوءَ کان نيويارڪ ڏانهن ويندڙ رستي جي باري ۾ پڇي ٿو ۽ ٻڌلدي ئي وڌيڪ ڪجهه پڇڻ بنا ئي، انهي رستي تي هلڻ شروع ڪري ٿو. جيڪڏهن رستي ۾ ٻيو ڪو ملي ٿو وٽس ۽ چوي ٿو، ”تون غلط راهه تي آهين، نيويارڪ جو رستو ته ڏکڻ طرف آهي.“ ته هو انهيءَ طرف مڙي ٿو ۽ وري ٻيو ڪو ماڻهو ملي ٿو ۽ هو کيس ڪنهن ٻئي طرف وڃڻ لاءِ چوي ٿو ته هو انهيءَ پاسي رخ رکي ٿو. هو اندر ته اڻڄاڻ ۽ اڻ وجهه آهي جو کيس ڪو به ڪنڏانهن وڃڻ لاءِ چوي ٿو ته هو انهيءَ تي عمل ڪري ٿو. پر عقلمند انهيءَ راهه ٻڌائيندڙ جي ڳالهه تي هڪدم نٿو هلي. ٻاڪ ڏهن ٻين ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪري انهيءَ جي پڪ ڪندو. ان بعد انهيءَ رستي جو نقشو ۽ ڪتاب (Guide Book) ڏسندو ته انهن ٽون ڏهن ماڻهن، جيڪو نيويارڪ ڏانهن ويندڙ رستو ٻڌايو آهي، اهو سچ پچ ٺيڪ آهي يا نه؟ جڏهن هنکي پوريءَ طرح تسلي ٿي ويندي، وشواس ٿي ويندو تڏهن هو ٽوڙ مڪاڻو هلي، وري ميل پٿر (Mile Stone) کي ڏسندو. هنکي مالڪ طور وشواس ٿي ويندو ته هو سچ پچ نيويارڪ ڏانهن ويندڙ رستي تي هلي رهيو آهي. هن ڪڏهن نيويارڪ ڏٺو ڪونهي پر تنهن هوندي به کيس ڪابه چنتا نٿي رهي. هڪ دفعو تسلي يا وشواس ٿيڻ بعد

س - ١٣٨. ڇا اسان کي گروهه سان پيار ڪرڻ گهرجي، جيڪو من کي اِستر ڪرڻ ۽ من کي صحيح راهه تي آڻي ٿو؟

ج - اِنهيءَ باري ۾ ٿي اسين ويچار ڪري رهيا آهيون. اِهو صرف ڪجهه سمورن ڏهاڙن ۾ ئي سکي نه ٿو سگهجي. جيئن ته اِهو هڪ وڏو مضمون آهي، انهيءَ کي سمجهائڻ لاءِ وقت لڳندو. هن وقت اسانجا خيال دنيا ۾ ڦهليل آهن. اسين سنساري شڪلين ۽ پدارٿن جي باري ۾ سوچيندا رهون ٿا ۽ جنهجي باري ۾ سوچيندا آهيون، انهنجي تصوير پڻ اسانجي سامهون اچي ٿي. اسين هتي ويٺا آهيون ۽ هتي وهندي توهين جڏهن پنهنجي پٽ جي باري ۾ سوچيندا ته هنجي صورت توهانجي سامهون ايندي، اِها من جي عادت آهي. هو هميشه ڪنهن نه ڪنهنجي باري ۾ سوچيندو رهندو آهي. ڪنهن نه ڪنهن پدارٿ، ڪنهن ماڻهوءَ يا جڳهه جو ويچار ۽ ڌيان ڪندو رهندو آهي، اِهو من جو سڀاءُ آهي. اهڙيءَ طرح اسان کي پرماتما جي باري ۾ سوچ ويچار ڪري ۽ انهيءَ جو ڌيان ڪندي، انهن سڀني مان خيال ڪڍڻو آهي. اسان کي پنهنجو پاڻ کي اکين پويان، انهيءَ سوچ ويچار جي مرڪز يعني تيسرے تل تي ايڪاگر ڪري اندر نام يا شبد جي چيتن ڌارا سان جوڙڻو آهي. اسانکي هن مرڪز (شو نيتر) تي سمٽاءُ ڪري اِستر ٿيڻو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي شبد سان جوڙڻو آهي. اهڙيءَ طرح اِندرين کان الڳ ٿيڻو آهي. جيڪڏهن توهين سنت مت ساهتيه پڙهندا ته توهانکي اِنهيءَ جو پورو گيان ملندو.

س - ١٣٩. ڇا من ۾ بلڪل ئي گڻ ڪونهن؟ اسين جيڪي به عقل بڌيءَ سان ڪوشش ڪريون ٿا سڀ ونرت آهن؟

ج - نه، مان توهانکي ٻڌايان ٿو. بڌي، من جي هڪ شڪتي يا ڪلا آهي. پر اسانکي انهيءَ جو صحيح نموني ۾ اِستعمال ڪرڻ گهرجي. مون توهانکي ٻڌايو ته جيسين من جو لاڙو هيٺين طرف آهي، هيءُ اسانجو دشمن آهي، جڏهن هن جو لاڙو مٿي رهي ٿو. تڏهن هيءُ اسانجو دوست آهي. اِنهيءَ عقل بڌيءَ کي، مالڪ جي سرشٽيءَ کي

ڪندا ته هُو اُنهيءَ لاءِ لڙي مرڻ لاءِ تيار ٿيندو. ٻيو جڏهن تون ڪنهن
هنڌ هڪ رنڊڪ يا اُنهيءَ کان روڪيندا ته هُو اُنهيءَ ڳالهه تي
چڙي پوندو. من جو اهڙو ئي سڀاءُ آهي. جيئن هڪڙي اندرين جي
لوڙهن کان ٻاهر ٻڌاوت نه ملندو تيستائين هُو ڪڏهن به اندرين جي لوڙهن
کي نه ڇڏيندو. اسين هڪ ٻئي، سنسار کي ڇڏي ٻاري ڪنڌي وڃڻ،
بن ۽ ٻيلن ۾ لڪي رهڻ، غار اندر ڏڪي رهي، آخر ويچارن ڏوارن،
من کي وس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اسين سوچيندا آهيون
ته من وس ٿي چڪو آهي. پر دراصل اسانکي انهيءَ مان ٿوري
وقت لاءِ راحت ملي ٿي ۽ اهو هڪ نهايت وڏو دوکو آهي. جو ته
جيئن ئي من کي موقعو ملي ٿو، هو اسان کي نچائڻ شروع ڪري ٿو.
ٿي چار سال بن ۾ رهي اسين سوچيندا آهيون، من کي اسان جيتيو
آهي، من قابوءَ ۾ اچي ويو آهي. جڏهن سنسار ۾ واپس اچون ٿا، اهي
ساڳيون شڪليون ۽ صورتون اسانجي سامهون اچن ٿيون، تڏهن انهن
سان مقابلي ڪرڻ وقت، اسانجي حالت اڳي کان بدتر ٿيندي آهي.
دٻائڻ مان ڪجهه به فائدو ڪونه ٿئي. جيترو من کي دٻايو ويندو اوترو
ئي وڌيڪ چالاڪ ٿيندو. جيڪڏهن اسين انهيءَ جي رخ کي بدلائي
پنهنجي نڌ ڌام پهچي وينداسين. اسانکي اهوئي ڪجهه پراپت ٿيندو،
جنهنجي اسين تلاش ڪري رهيا آهيون. عيسيٰ مسيح اسانکي ٻڌايو
آهي، "جيڪڏهن توهانجو نيتر هڪ ٿي ويندو ته توهان جي سڄو ۾
پرڪاش ٿي پرڪاش ڦهلجي ويندو." انهيءَ جو ارٿ اهو اٿاهي ته
اسانکي پنهنجي هڪ اکه ڪيڏي پڌڻي آهي. هن اسانجي نيڻن اکه
ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جنهن کي اسانکي کولڻو آهي. انهيءَ کي
ٽيجو هڪ نيترُ يا ٽين اکه يا ڪيهن ۾ نالي سان سڏيو، جيڪو به
توهين چاهيو. اها اکه، ان نيترن جي وچ ۾ ۽ پنيان آهي. اسانکي اها
اکه کولڻي آهي. ارٿ اهو آهي ته اسين پنهنجو ڌيان هتي اکين جي
وچ ۾ ايڪاگر ڪريون، جيئن اها اندرين جوت ڏسي سگهون.
عيسيٰ مسيح "هولي گهوسٽ" يعني ورڊ يا انحد شبد جو به ذڪر
ڪيو آهي، جنهنجو نه ورڻن ڪري سگهجي ۽ نه ئي جسماني طور
انهيءَ شبد کي ٻڌي ٿو سگهجي. آد کان اهو شبد (ورڊ) هو ۽ شبد
پرماتما سان گڏ هو ۽ شبد ئي (ورڊ) پرماتما هو. سڀني پدارٿن جي
رچنا انهيءَ شبد ڪئي آهي ۽ جيڪي ڪجهه سرشٽيءَ ۾ نظر اچي رهيو
آهي، انهيءَ ۾ اهوئي ڪجهه به ڪرنهي، جيڪو الاهي شبد کانسواءِ
تيار ٿيو هجي. انهيءَ ۾ ئي جيون شڪتي هئي ۽ اها ئي منش جي
جوت هئي. اها جوت، اڪيانتا جي اونده ۾ چمڪي رهي آهي ۽ اها
اونده انهيءَ جوت کي جاڻي نٿي سگهي. هوا لڳنديءَ رهي ٿي،
نيستري توهين آواز ٻڌي رهيا آهيو. پر اهو نٿا ٻڌائي سگهو ته اهو

باقي پنجاهه سيڪڙو توهانجا پنهنجا ئي خيال ۽ ويچار هوندا ۽ جن کي توهين صحيح سمجهو ٿا. اُن بعد جيڪڏهن اُنهيءَ کي انيڪ ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويندو ته مشڪل سان، اُنهيءَ اصلي لکيل اُپديش جو باقي ويهه سيڪڙو وڃي بچندو.

بائيبل سان به ساڳيو مسئلو آهي ته ڪنهن به ڪرائيسٽ جي سکيائن کي اُن وقت ڪونه لکيو، جنهن وقت هن جون سکيائون سڌيءَ طرح جگياسن کي ڏنيون ويون. اُن بعد ڏيئول جي پوڄارين ۽ ڪجهه خود غرض اِنسانن ڪيترين ڳالهين کي لڪائي ڇڏيو ۽ اسانکي صرف ايترو ڪجهه ٻڌايو ويو آهي، جنهن سان اسين سندن زير اثر رهي سگهون. نتيجي طور بائيبل ۾ ڪيترين ڳالهيون ڇڏيون ويون آهن ۽ ڪيترين سکيائن جو پاڻ ۾ ڪو تعلق ئي سمجهه ۾ نٿو اچي. تنهنڪري بائيبل سمجهڻ لاءِ، عيسيٰ مسيح جي اصلي سکيائن کي سمجهڻ لاءِ، اسانکي پوري کوج ڪرڻي پوندي. صرف بائيبل کي پڙهڻ سان، توهانکي عيسيٰ مسيح جو مول اُپديش معلوم نه ٿي سگهندو. اصلي سکيائن کي سمجهڻ لاءِ، توهانکي اُنهن ڇڏيل ۽ ڏيکيل ڳالهين جي کوج ڪرڻي پوندي. پر هن وقت به جيڪي ڪجهه اُپديش موجود آهن جيڪڏهن اسين اُنهن کي اصلي روحاني روپ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اُنهن جو به اِهوئي ارٿ يا سار نڪرندو ته سنت مت ۽ بائيبل ۾ ڪو به تفاوت ڪونهي.

بائيبل ۾ مکيه ڳالهه اِها سمجهائي وئي آهي ته "مان ۽ پرم پتا هڪ آهيون." آتما جو پرماتما سان سنبنڌ آهي. مان پرماتما ۾ آهيان ۽ پرماتما مون ۾ آهي. اسين پرماتما کان جڳن کان وڇڙيل ٿي چڪا آهيون ۽ اسانکي واپس اُنهيءَ ۾ سمائجي هڪ ٿيڻو آهي. اهو پرماتما هن سرير ۾ آهي، جنهن کي "زنده پرماتما جو مندر" چيو ويو آهي. تنهنڪري جيڪڏهن مالڪ اسانجي اندر آهي ته پوءِ قدرتي سندس کوج به اسانکي سرير اندر ئي ڪرڻي پوندي. اُن بعد هو فرمائين ٿا ته هن سرير اندر پرماتما پاڻ جو مارگ ڪافي ڀيڙيدو ۽ مشڪل آهي. منهنجي پتا جي گهر جا ڪيترائي محل آهي. يعني پنهنجي نج گهر

ڇڏيندڙون هئين. ان ميڙاڪا پڻ جون مول سکياڻون ڪڏهن به سنت مت
۽ عيسائي ڌرم کان جدا ٿي نٿيون سگهن.
عيسيٰ مسيح جون مول اُپديش بلڪل سنت مت جهڙو آهي، پر
موجوده ٻائيبل ۾ عيسيٰ مسيح جون سکياڻون، جيڪي اڄڪلهه ڏنيون وڃن
ٿيون، انهن جي سمجهاڻيءَ ۾ ڪافي فرق آهي. ڇاڪاڻ ته مول ۾
اهي اُپديش غائب ٿي چڪا آهن ۽ وساريا ويا آهن، صرف ڳالهين ماتر
نشانيون، رسمون، نيم، بندش ۽ پرچاري ۽ نهايت پراڻا ڪمبخت صرف
ياد ڪرڻ جي طور رهجي ويا آهن.
ٻائيبل جي باري ۾ هڪ مشڪل مسئلو اهو آهي ته اهو عيسيٰ مسيح
پاڻ نه لکيو، نه ته اسانکي سندس سکياڻن جو صحيح روپ ۽ سمجهاڻي
ملي رهي ها. ٻائيبل شايد هنجي ششن کان به پوءِ پرچارين لکيو آهي
۽ اهو به اُن وقت نه، جڏهن وقت ڪرائيسٽ اُپديش ڏنا، بلڪ سندس
دنيا ڇڏڻ کانپوءِ ڪافي عرصي بعد. انهيءَ کانسواءِ ٻائيبل لکندڙن
جي عيسيٰ مسيح سان شخصي تعلق رکڻ جو موقعو به ڪونه مليو. انهن
عيسيٰ مسيح جي ششن کان اهي سکياڻون ٻڌيون، جيڪي توهان کي
ٻائيبل ۾ هن وقت ملن ٿيون. پر اهي اُپديش پورا ۽ اصلي روپ ۾
ڪونهن، ڪيترين سکياڻن کي ته دٻايو ويو آهي. انهن ششن جي سکياڻن
کي به اَڌوريءَ طرح رکيو ويو آهي، جڏهن اهي خود عيسيٰ مسيح
جون آهن ۽ اهي به اڄ اسان وٽ ڪيترن ترجمن ڪرڻ بعد پهتيون
آهن. اَڌوريءَ طرح اُهي کان نوي سيڪڙو اُپديش ته غائب ٿي چڪا
آهن. جيڪڏهن عيسيٰ مسيح خود اُپديش لکيا هجن ها يا انهن کي
سندس زندگيءَ جي عرصي ۾ ڪوشش ڪري لکيو وڃي ها ته اهي
۽ سنت مت جي اصلي سکياڻن وانگر صحيح ۽ شد هجن ها ۽ هاڻوڪي
ٻائيبل جي سکياڻن کان بلڪل الڳ هجن ها. مثال طور توهان اڄ
ڪيترو سوچيو ڪجهه ويچار ٻڌا آهن، صرف ١٠ منٽ اڳ. جيڪڏهن
توهان اندر ڪٿري ۾ رهي، جيڪي ڪجهه توهان ٻڌو، انهيءَ کي
لکڻ جي ڪوشش ڪندا ته شايد توهين پنهنجي عقل ٻڌيءَ ۽ ڪافي
ڪوشش ڪرڻ بعد به پنجاهه سيڪڙي کان وڌيڪ لکي نه سگهندا ۽

اصلي سکيائون غائب ٿي ويون، صرف سنستائون ۽ جماعتون وغيره
۽ ٻيون ڳالهيون رهجي ويون. انهيءَ بعد جگياسن پڻ يا ڪن ٻين سنتن
جي سکيائن کي پنهنجي پنهنجي طور طريقي سان سمجهائڻ شروع ڪيو
۽ اهو سياويڪ آهي ته انهنجي سمجهاڻي، مهاتما پڻ جي اصلي اپديس
کان بلڪل الڳ ٿي سگهي ٿي. جيئن مون عيسيٰ يا گرو نانڪ يا ڪن
ٻين سنتن جي سکيائن جي باري ۾ اڳين تيندو ڏنو آهي. سنستائن،
گرجاگهرن يا مندرن ۾ جيڪي به اپديش ٻڌايا وڃن ٿا، اهي مول يا
اصلي سکيائن کان بلڪل الڳ آهن.

جيڪڏهن اسين ادار دل سان جاچ پڙتال ڪرڻ جي ڪوشش
ڪنداسين ۽ الڳ الڳ ڌرمن جي بنياد ۾ گهرائيءَ سان ويندا سين ته
اسانکي سيني ڌرمن جون سکيائون ساڳيون ملنديون، انهن ۾ ڪوبه
فرق ٿي نٿو سگهي. پڻ مهاتما جو جوت ۾ وشواس هو ۽ ساڳيءَ طرح
عيسيٰ جو به. مان اڪثر پڻ ڌرم جي مندرن ۾ ويندو آهيان ۽ مون
ڏٺو آهي ته انهن جون ڌارمڪ ريتيون رسمون بلڪل گرجاگهرن،
هندن جي مندرن يا ٻين مندرن جهڙيون هونديون آهن. هڪ اکنڊ
جوت، موم بتي يا ڏيئي جي روپ ۾ ٻاريندا آهن. هو انهيءَ جوت
کي لڳاتار ٻاري رکندا آهن، انهيءَ کي وسامڻ نه ڏيندا آهن ۽ اهوئي
هڪ اشارو يا نمونو آهي، اسانکي سمجهائڻ جو ته هن جڳهه تي (پيشاني)
يعني ٻنهي اکين جي مرڪز تي اندر هڪ جوت آهي. هو سنکه به
وڄائيندا آهن ۽ ڪي ٻيا گهنڊ جو استعمال ڪندا آهن، جنهنجو آواز
بلڪل ديول ۾ وڄندڙ گهنڊ جي آواز جهڙو هوندو آهي. ساڳي جوت
۽ ڌن جيڪا ديول ۾ آهي، اها سکن، هندن ۽ يهودي مندرن ۾ به
هوندي آهي. اهي سڀ رسمون ساڳيون آهن ۽ اسانکي اهي سڀ
ڳالهيون ڏيکارين ۽ سمجهائين ٿيون ته سيني سنتن جا اپديش ساڳيا
آهن. پر اسين انهنجي سکيائن کي وساري، ريتين رسمن جا غلام بڻجي
چڪا آهيون. انهن جي اصلي روحاني اشاري جي ارٿ کي اسين
سمجهڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون. تنهنڪري پڻ ڌرم، جيڪو هن وقت
آهي، ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ جون سکيائون سنت مت جي سکيائن کان

مڃيا آهن. سڀني ڌرمن جون جدا جدا ريتون رسمون ۽ ڀاڻ ٻوجا
طريقا جدا ٺهرايا آهن. هر هڪ ڌرم جي بنياد ۾ روحانيت جو سار
شامل ٿيل هوندو آهي، انهيءَ ۾ ڪو به فرق ڪونهي ۽ سنتن جو
اصلي مقصد صرف انهيءَ نرمل پرماتما يا روحانيت سان ئي آهي.
ظاهري ريتن رسمن ۽ رهڻ ڪهڻ وغيره سان سنتن جو ڪو به مطلب
ڪونهي.

اڪثر، هن سنسار مان سنتن جي وڃڻ بعد، جڏهن سندن پوئلڳن
لوڪن ۽ جڏهن سماج انهيءَ جو ڪم سنڀالي ٿي، پنڊت ملان ۽ ڌنڌي
وارا انهيءَ ۾ دخل ڏين ٿا، تڏهن اهي ريتون رسمون ۽ ڪرم ڪانڊ
۽ اهڙو وغيره ملايا وڃن ٿا. انهيءَ بعد ڌرم ۾ اهڙي قسم جون رسمون
۽ ڪرم ڪانڊ ماڻهن کي صرف ٻڌڻ اندر رکڻ لاءِ ڪيا وڃن ٿا. ٻر
سنت اسانکي ڪڏهن به، ڪنهن به ريت رسم جو ٻڌڻ نٿا رکن.
سندن تعلق صرف نرمل پرماتما سکيائڻ سان رهيو آهي. سنت مت جو
اکري ارٿ آهي، ”سنتن جو اپديش.“ نه صرف ڪنهن هڪ خاص سنت
جو، پر جيڪو به پورن روحاني رسائيءَ وارو مهاتما هوندو آهي، انهيءَ
جون سکيائون هر وقت ۽ هر حالت ۾ ساڳيون هونديون. انهن ۾ فرق
ٿي ئي نه سگهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن پرماتما هڪ آهي ۽ هو اسان
سڀني جي اندر آهي ته پوءِ ان حالت ۾ اسانکي انترمکه ساڌنا ڪري
ڪمس اندر ئي ٻولڻ ڏيڻو پوندو. هو اسانکي سرير ڪانسواءِ ٻاهر ڪٿي به
ملي نه سگهي. انهيءَ ڪري قدرتي طور مالڪ جو مارگ به جدا جدا ٿي
نه سگهي. اهو بلڪل هڪ ۽ ساڳيو آهي.

سڄي انسان ذات جي بناوت هڪجهڙي آهي ۽ جيڪڏهن اسانکي
اندر تلاش ڪرڻي آهي ته پوءِ عيسائين لاءِ اندر وڃڻ جي راهه هڪ ۽
هندن ۽ مسلمانن لاءِ ٻي، اهو سوچڻ نهايت ناممڪن ۽ غير واجبي ٿيندو.
مالڪ سان ملڻ جو مارگ هڪ ئي آهي، جيتوڻيڪ ريتون رسمون ۽
طريقا ڪرم وغيره الڳ ٿي سگهن ٿا.

مهاتما ٻڌ ۽ گرو نانڪ جهڙن لاءِ ضرور اهڙي اپديش ڏنو هوندو،
جيڪو هن سنتن اسانکي ڏنو آهي. هر وقت گذرڻ سبب، سندس

جي ڳولهڻ، پرماتما جي باري ۾ صاف صاف نه ٻه ٻڌايو هجي ؟
آهي جي صرف انهن ڪرمن جي ضابطي ۾ نرواڻ حاصل ڪرڻ يعني
آتما جي من جي بندن کان مڪت ڪرائڻ لاءِ چيو ويو هجي. اهڙيءَ
حالت ۾ به آتما ڪيڏانهن ويندي؟ ضرور پهنجي مُول يا اصل يعني
پرماتما ڏانهن.

س - ٦٠ ۽ توهان ”پرماتما“ جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪڏهن
پرماتما به اهڙي قسم جي شڪتي آهي، جهڙيءَ طرح توهين ورڻن
ڪري رهيا آهيو ته پوءِ هن تي به هڪ منش وانگر ڪرم ڦل جي قاعدي
جو بندن آهي.

ج - نه.

س - پوءِ اهي مبدل تي رهندڙ شڪتي ٻه جنهنکي توهين پرماتما
سڏيو ٿا، اهڙيءَ طرح محدود آهي جهڙيءَ طرح نرواڻ پد؟

ج - هن کي ڪا به حد ڪونهي. هوُ لامحدوُد آهي.

س - توهين هر وقت ”هنجي“ ڳالهه ڪري رهيا آهيو. آخر ”هوُ“
آهي ڪير؟

ج - توهين هنکي هوُ يا هيءَ يا هڪ (شڪتي) ڇئي سگهو ٿا.
توهين هن کي ڪو به نالو ڏيئي سگهو ٿا. پر ”هيءَ“ يعني پرماتما يا
هنکي ڪا به حد ڪونهي. بائيبل پڙهي ڏسو. ”هوُ“ سرشٽيءَ جي
رچنا کان اڳ ۾ ئي هو. هن سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي. هيءَ
سرشٽي ناسونت آهي، ختم ٿي سگهي ٿي پر هوُ ناس نٿو ٿئي. هوُ
... آهي. سرشٽيءَ جي پرلئه ٿي سگهي ٿي، پر پرماتما پرلئه کان
... اسان کي جيڪي ڪجهه نظر اچي رهيو آهي، اها هن جي
... آهي، اها بلڪل حقيقت آهي.

... راجي، منهنجا ڪجهه ويچار آهن. انهيءَ باري ۾ توهانجو
اهو معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو. مان سمجهان ٿو، توهانکي
...رن ۾ ئي ستڪن جي باري ۾ ٻڌو آهي، جيڪي
ڪرائيسٽ، مهاتما ٻڌ وغيره (Hermes Trismegist

ج - ايترين سندر سکيائن هوندي به مشڪل سان، هن جا ٻارهن
شش هئا. عيسائي ڌرم جي پرچار ڪرڻ وارن مان ڪن کي ته عيسيٰ
سان گڏ رهڻ جو موقعو ئي ڪونه مليو. جيتوڻيڪ اُنهن کي عيسيٰ مسيح
جي اُپديش جي ڄاڻ هئي پر تنهن هوندي به هو ڇا ٿي ڪري سگهيا؟
عام اِنسان، اهڙين مهان آتمائن کي سندن جيون ڪال ۾ نٿا سڃاڻي
سگهن. پر پوءِ ڪجهه شش اُنهجي سکيائن کي پنهنجي پنهنجي وچار ڌارا
انوسار، روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جن ڳالهين جو اِتهاس ۾
ڪو به ورنن ڪونهي.

س - منهنجي وچار ۾ مهاتما ٻڌ جي سکيائن ۾ ڪو به متڀيد ڪونهي؟
ج - هن ڌرم ۾ جدا جدا سمستائون آهن، منهنجي چوڻ جو مطلب
آهي ته شايد ٻوڌين جا سترهن پنٿ آهن.

س - ها، مونکي توهانجي اِها ڳالهه سمجهه ۾ آئي. پر مونکي شڪ
آهي ته ڇا اسين ٻڌ جو اُپديش، جنهن ۾ سنساري دکن کان ڇوٽڪاري
پائڻ، ڪرم ڦل سدانت ۽ سهج نرواڻ پد پراپت ڪرڻ جو اُپاءُ ٻڌايو
ويو آهي، اُهي اسين چڱيءَ طرح سمجهي سگهيا آهيون يا نه؟
ج - هنجي نرواڻ پراپتيءَ جو ارٿ آهي آتما کي من جي بندن
کان مڪت ڪرڻ اِهو ئي نرواڻ آهي. پر آتما کي من جي بندن کان
ڇو مڪت ڪيو وڃي؟ انهيءَ لاءِ ته جيئن بوند يعني هيءَ آتما، ساگر
روپي پرماتما ۾ سمائجي وڃي. مهاتما ٻڌ پرساگر جو ڪٿي به ذڪر
ڪونه ڪيو آهي. پر تورو توهين وچار ڪريو ته جڏهن پاڻي گندگيءَ مان
ٻاڦ بڻجي مٿي ويندو آهي تڏهن پاڻيءَ کي، بادل سان ملڻ جي ڄاڻ
هجي يا نه، پر هو ته بادل ۾ ئي وڃي ملندو. انهيءَ ڪري پاڻيءَ کي
صرف اِهو چيو وڃي "تون گندگيءَ کي ڇڏ، ڇاڪاڻ ته تون گندگي
نه آهين، تون ڪا ٻي شيءِ آهين." ۽ اِهو ٻڌي پاڻي گندگيءَ کي
ڇڏي ٿو. حالانڪ هن کي پنهنجي مول يا اصل (بادل) جي ٻاري ۾
ڪونه ٻڌايو ويو آهي تنهن هوندي به هو واپس ضرور ويندو ۽ بادل
۾ سمائجي بادل جو روپ اختيار ڪندو. ساڳيءَ طرح شايد مهاتما ٻڌ

ڪين شش لکيا. اهائي ڳالهه بائيبل سان لاڳو آهي. جيڪر عيسيٰ مسيح جي ڪافي عرصي بعد، ان جي شش لکيو.

س- ۽ ”ڌم پد“ اهو پستڪ آهي جيڪو ٻڌ جي جيون ڪال ۾ ئي لکيو ويو هو؟

ج- اهو چوڻ مشڪل آهي جيترو ڪ اسان کي اهائي ڳالهه ٻڌائي ويئي آهي. ۽ اتهاس انهيءَ ڳالهه جو ڪو به ثبوت نٿو ڏئي، دراصل لوڪن انهن سنتن کي، انهيءَ وقت سندن جيون ڪال ۾ سڃاتو ئي ڪونه. ڪنهن به انهنجو قدر ڪونه ڪيو.

س- ٻڌ جو ته قدر ڪيو ويو هو؟

ج- نـ..... نه. تمام ٿورن هنکي صحيح طرح سڃاتو. سچي سنسار ۾ مشڪل سان هنجا ڏهه يا ٻارهن شش هئا. انهيءَ جو مطلب ڇا آهي؟ سنتن کي سندن ٻاڙيسري ۾ تمام گهٽ سمجهي سگهندا آهن.

س- نيڪ، مان ته اڻ وقت ڪونه هوس. ۽ مون اهو ئي سمجهو هو ته ٻڌ کي سندن جيون ڪال ۾ ئي گهڻي قدر صحيح سمجهو ويو.

ج- ها، بلڪل ٺيڪ آهي توهين اڻ وقت ڪونه هئا. مهاتما ٻڌ بعد راجا اشوڪ ئي هنجي سکيائن جو پرچار ڪيو. ٻڌ جي چولي ڇڏڻ بعد اٽڪل سؤ سالن ڪانپوءِ ٻڌ ڀکشن انهيءَ مت کي ڦهلائڻ جو ويچار ڪيو.

س- ۽ اشوڪ ٻه ته ٻڌ سان مليو هو؟

ج- نه، ڪڏهن به نه. معلوم ٿئي ٿو ته توهان اتهاس جو ابياس ڪونه ڪيو آهي. راجا اشوڪ هن کان ڪافي عرصي بعد شايد ٻن ٽين سؤ سالن کانپوءِ آيو.

س- سچ پيچ؟

ج- ها، توهين مهاتما ٻڌ جي ڳالهه ته ڇڏيو. عيسيٰ مسيح جو ئي مثال وٺو. هن جا ڪيترا شش هئا؟

س- مان اهو قبول ڪريان ٿو ته عيسيٰ مسيح جا ڪافي ٿورا شش هئا.

٣- سنت مت، ٻڌ ڌرم، بائيبل، عيسائي ڌرم، چمتڪار، گرو گرنٿ صاحب، امر شانتي

س - ٥. ٻڌ ڌرم ۾ ”نرواڻ“ جو ارٿ ٻڌائيندي اها سمجهاڻي ڏني ويئي آهي ته پرماتما نه ڪڏهن ساڪيات روپ ۾ درشن ڏني ٿو ۽ نه ئي ڪڏهن الوپ ٿئي ٿو. توهانجي سکيا انوسار ”پريو پراپتي“ جي، ٻڌ ڌرم جي سمجهاڻيءَ سان ڪهڙيءَ طرح مشابهت ڪري سگهجي ٿي؟

ج - نرواڻ پراپت ڪرڻ جو ارٿ آهي، جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو پائڻ، پرماتما ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ يا مڪتي حاصل ڪرڻ ٻنهي جو هڪ ئي ارٿ آهي.

س - هتي ته نرواڻ ٻڌ ۽ سنسار جي پيد جو سوال آهي. ”نرواڻ“ هڪ اهڙي اوستا آهي. جنهن ۾ نه پرماتما ۽ نه هنگي ساڪيات ڪرڻ جو ڪو ذڪر آهي.

ج - مان سمجهان ٿو ته مهاتما ٻڌ جي سکيائن کي چڱيءَ طرح ڪونه سمجهايو ويو آهي. هن پنهنجي وچنن ۾ اهو ڪٿي به ڪونه فرمايو آهي ته پرماتما آهي ئي ڪونه. مهاتما ٻڌ صرف اهو فرمايو آهي ته پرماتما جي باري ۾ چنتا ڇا لاءِ؟ پنهنجن ڪرمن ڌانهن ڌيان ڏيو. هنجو سچو اُپديش، ڪرم سڌانت تي ٻيڌل آهي. هنجي سکيائن جو اهو ئي ارٿ هو ته پرماتما جي چنتا ڇو ڪرڻ گهرجي، هن زندگيءَ ۾ جيڪي ڪرم ڪري رهيا آهيون، اُنهن تي گهرائيءَ سان سوچ - ويچار ڪريون.

س - مهاتما ٻڌ، پرماتما جو ڪٿي به ذڪر نه ڪيو آهي؟

ج - نه. ٻر هن ڪٿي به اهو ڪونه فرمايو آهي ته پرماتما آهي ئي ڪونه، دراصل منهنجو اهو چوڻ آهي ته اُنهن سنتن جا اُپديش اصلي روپ ۾، اسانکي ڪڏهن به ڪونه ٿا ملن. مهاتما ٻڌ، ڪرم پستڪ ڪونه لکيو هو ۽ نه هن جا سڌيءَ طرح حاصل ڪيل اُپديش

پڙهي ٿي نه سگهو. هڪ ڀاڱو ته توهان وٽ اڳ ئي آهي ۽ ٻيو ڀاڱو
هندستان مان، منهنجي رواني ٿيڻ وقت، پريس ۾ هو. ٽيون ڀاڱو تيار
ٿي رهيو هو ۽ شايد هن وقت پريس ۾ هجي ۽ باقي ڀاڱا پريس ۾ تيار
ڪرايا پيا وڃن.

هيءُ ننڍو پستڪ اُنهيءَ جي هڪ ڀومڪا آهي. اصلي مول پستڪ
جي ان ڀاڱن جي هر هڪ ڀاڱي جي ڀومڪا اٽڪل سؤ صفحن جي آهي.
تنهڪري مون، انهي ڀاڱن جي ڀومڪائن کي به الڳ الڳ هڪ
پستڪ جي روپ ۾ ڇپائڻ جو ويچار ڪيو آهي ۽ اُنهن پستڪن جو نالو
"ماهه سيمشن" ڀاڱو پهريون ۽ ڀاڱو ٻيون رکيو ويو آهي.

سمجھائي لکيو آهي. هيءُ پستڪ ”گرنٿ صاحب“ جي آڌار تي،
خاص ڪري سِکن لاءِ لکيو ويو. جڏهن پنجاب ۾ راڌا سوامي مت جي
اچا شروعات ٿي هئي تڏهن سکن ۾ ڪافي هلچل مچي ويئي. ڇاڪاڻ
ته مهاراج جن گرنٿ صاحب جي ٻاڻيءَ ذريعي ئي سنت مت جي سڌانتن
جو اُپديش ڪندا هئا. سک سمجهندا هئا ته مهاراج جن گرنٿ صاحب
جو صحيح ارٿ ڪونه ڪري رهيا آهن. اهڙي قسم جون انيڪ ڳالهيون
مهاراج جن کي ٻڌڻ ۾ آيون ۽ انهيءَ باري ۾ سکن سان چرچا به ڪيائون.
جڏهن مهاراج جن ڪجھ استانن جو دؤرو ڪيو ته ڪن سک سنستائن
تقريرن ۽ اخبارن دوارا ورود به ڪيو، انهيءَ ڪري وڏن مهاراج جن
ويچار ڪيو ته هڪ اهڙو پستڪ لکيو وڃي، جنهن ۾ سنت مت جي
هرهڪ ڳالھ چڱيءَ طرح کولي سمجھائي وڃي. اِهوئي سبب آهي جو
پنجابي ٻوليءَ واري مول پستڪ ۾ سنت مت جي هرهڪ سمجهاڻيءَ
سان تعلق رکندڙ مثال ٩٩.٩ سيڪڙو ”گرنٿ صاحب“ مان ورتا
ويا آهن انهيءَ ڪري مهاراج جن جو لکيل پستڪ، ”گرومت سڌانت“
يعني انگريزيءَ ۾ ”د فلاسافي آف د ماسٽرس“ ڪافي تفصيلوار آهي.
هن وقت اسين انهيءَ پستڪ جو ٻيو ڇاپو ڇپائي رهيا آهيون. مونکي
معلوم آهي ته انهيءَ پستڪ کي پوري ڪرڻ ۾ مهاراج جن کي پندرهن
سال لڳا هئا. ڪن ٻين ستسنگي ساٿين کين مدد ڪئي، جيئن ته ڀائي
بشنداس پوري، جيڪو پنجابي ٻوليءَ جو هڪ وڏو ودوان هو ۽ ايشور
پوريءَ جو ڏاڏو هو. ايشور جو پتا پروفيسر جگموهن لعل ۽ ٻيا اهڙا
ڪيترائي ستسنگي ساٿي، انهيءَ مضمون جي باري ۾، گرنٿ صاحب
۽ ٻين سنتن جي ٻاڻيءَ جي کوج ڪندا هئا.

اسان هن وقت يورپ واسين جي سهوليت کي مدنظر رکندي انهيءَ
پستڪ جو انگريزي ترجمي ڇپائڻ جو ويچار ڪيو آهي. انهن ٻن وڏن
ڀاڱن کي، پنجن ڇهن حصن ۾ ڇپايو ويندو، اسين انهيءَ ڪتاب جو
اکر به اکر انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪونه ڪري رهيا آهيون، انيڪ مثالن
کي انهيءَ مان هٽائي ڇڏيو ويو آهي. صرف اصلي سنت مت جو سار
ڏيئي رهيا آهيون. جيئن اهو پستڪ ايترو وڏو نه ٿئي جو ترجمو اهو

... جواب اسان جي من ۾

... ڪرڻ اهي ته صرف اهي ٿي ؛ جن ڳالهين

ڄاڻ ڪرڻ آهي ؛ ڄاڻ اسانکي اڳيئي هوندي آهي ؛ جن ڳالهين

... آهن ، جن جي ڄاڻ اسانکي اڳيئي هوندي آهي ، اهي اسانکي ڪڏهن ڪرڻ

ڄاڻ اسانکي پورن نه هوندي آهي ، اهي اسانکي ڪڏهن ڪرڻ

... آهن . مان توهانکي ٻڌائڻ چاهيندس ته اسين جيڪو به سوال

... انجو جواب اسانکي اڳ ۾ ئي معلوم هوندو آهي . اهو

... آهيون ؛ اندر صاف روپ ۾ نه هوندو آهي . جواب جي ڄاڻ نه

... اسانجي اندر صاف روپ ۾ نه هوندو آهي . جواب جي ڄاڻ ته

... آهي پر اسين اهو معلوم ڪرڻ چاهيندا آهيون ته اسانجو جواب

صحيح آهي يا نه ؟ ؛ پنهنجي جواب کي صحيح روپ ۾ ڏسڻ لاءِ اسانجا سڀ

... آهي . بس ڳالهه اهائي آهي ، نه ته اهڙي حالت ۾ اسانجا سڀ

... جوابن سان ڀرپور آهن .

س - مان سڀ پستڪ پڙهندو آهيان . پر ڪڇ اهڙا به ڪجها

آهن ، جيڪي ڏهن ڏهن ڀيرا پڙهڻ ڪانپوءِ به نه سمجهندا آهن ته انهن

... ۾ ڇا لکيل آهي . هو پڙهندا ته آهن پر جيڪي ڪجهه انهن

... ويندو آهي ، الهيءَ تي ڪين وڏيڪ وشواس ايندو آهي .

... اندر روحاني گيان ڪرڻ بخشيو آهي ، جنهن سان هو سڀني

... چڱيءَ طرح سمجهي سگهن .

... (پستڪندي) نيڪ آهي ته توهانجو اهو وشواس آهي ته جيڪي

... سان نه سمجهي سگهن ، اهي هنڌ ڪان سڀ ڪجهه

... (پڙهندڙ ڪلن ٿا)

... پستڪ جو مالو ڇا آهي ؟ (هيءَ سوال انهيءَ پستڪ

... جيڪو مهاراج جن کي ان وقت پارس مان آيو هو ؛

... انگريزي ترجمو

... سدانت " جي انگريزي ترجمو

... جو مهاڳ آهي . وڏن مهاراج جن ، سڀ ڪا

... ۾ ئي پاڪن ۾ لکيو هو . هرڪ پاڪي

... ، سنت مت جي ... ڪشر

... سنت مت کي هر طرح ... پستڪ

ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه ايندو آهي. پر جڏهن خطن جو تعداد سؤ ڏيڍ
سؤ يا ٻن سون کان به وڌيڪ ٿي ويندو آهي، تڏهن مان پنهنجي آفيس
جي ڪنهن سيڪريٽريءَ سان گڏ، صبوح جو سوير، موٽر ۾ ويهي ڏيري
کان ۳۰-۴۰ ميل پري، ڪنهن رستي جي ڪناري تي ويهي، سڄو
ڏينهن خطن جا جواب لکائيندو آهيان. جڏهن پڙهڻ لاءِ خط کوليندو
آهيان، تڏهن ڳاڙهيءَ پينسل سان، جواب ڏيڻ لائق مکيه سوالن تي
نشان لڳائيندو ويندو آهيان. ڇاڪاڻ ته انهن خطن کي ٻيو دفعو پڙهڻ
جو وقت ڪونه ملندو آهي. جيڪي ماڻهو منهنجي طرفان جواب لکندا
آهن، انهن کان مان صرف اهوئي پڇندو آهيان ته مکيه سوال ڪهڙا
آهن؟ هو سوال پڙهي ٻڌائيندا ويندا آهن ۽ مان جواب لکائيندو
آهيان. اهو هو پاڻ ڏسندا آهن ته خط لکندڙ ڀاءُ آهي يا ڀيڻ. تنهن
ڪري ڪيئين دفعا، ڪجهه گڙٻڙ ٿي ويندي آهي ۽ تڪڙ ۾ ڀاءُ کي ڀيڻ
۽ ڀيڻ کي ڀاءُ لکيو ويندو آهي.

انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته مونکي جواب ڏيڻ ۾ دير ڇو ٿي
ٿئي. مان انهيءَ لاءِ پاڻ کي ذميوار سمجهندو آهيان پر ڏيري جا مکيه
شيوادار هميشه اِئين چوندا آهن ته مان هندستان ۾ رهندي به گهٽ
وقت آمريڪا جي ستسنگين کي ڏيان ٿو. ڇاڪاڻ ته توهان کي جواب
ڏيڻ ۾ مونکي روز ۳ ڪلاڪ لڳندا آهن. توهان مان جيڪي ستسنگي
ڏيري مان ٿي ويا آهن، انهن کي انهيءَ ڳالهه جي ڄاڻ آهي. مان
سدائين، صبوح، شام يا رات جو به، وقت ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو
آهيان. جڏهن خط چاليهه-پنجاهه کان وڌيڪ ٿي ويندا آهن، تڏهن
منهنجي من تي انهيءَ ڪم جو بوجهه رهندو آهي. پر تنهن هوندي به
گهٽ ڪري سڀني خطن جو جواب مان پاڻ ڏيندو آهيان. مان خود
انهن کي کوليندو ۽ پڙهندو آهيان. پر منهنجون به ڪجهه مجبوريون
آهن. تنهن ڪري بهتر ٿيندو ته توهين پستڪ پڙهو ۽ جيڪڏهن
توهانجي مسئلن يا سوالن جا جواب، توهان کي انهن ۾ نه ملن ته پوءِ
توهين خوشيءَ سان مون کي لکو. "اسپريچوئل جيمس" يعني "پرمارٿي
پتر" ۽ "لائيٽ آن سنت مت" جي پڙهڻ چاهي ۾ تڪرار ڪرڻ

۽ ”سنت مت جا سڌانت“ ۽ منهنجن ستسنگن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ انجو سار پستڪ جي روپ ۾ ڪري ڇپايو ويو. جيئن جگياسو، سنت مت جي سڌانتن کان واقف ٿين ۽ پنهنجن مسئلن جي باري ۾ به منهنجن وچارن کي سمجهي سگهن. انهيءَ سان منهنجي لکپڙهه جو مسئلو پاڻ وڌندو ويو. اُن بعد مون سردار بهادر مهاراج جن جو پستڪ ”سائنس آف دي سول“ انهيءَ مقصد سان ڇپايو ته سنڌن ستسنگي، هنن جي وچارن کي پڙهي سگهن، پر انهيءَ جو به نتيجو اهو نڪتو جو ستسنگين جو تعداد وڌندو ويو. اسين لڳاتار رات ڏينهن ڪم ڪري انهيءَ پستڪن کي، انهيءَ وچارن سان تيار ڪري رهيا آهيون ته شايد اهڙو ڪو ڏينهن اچي، جڏهن امريڪا جي ستسنگين جي سڀني جگياسائن جي سوالن يا مسئلن جو حل انهن ڪتابن ۾ ملي سگهي. اجا تائين ته اسين ناڪامياب رهيا آهيون. انهيءَ جو مطلب اهو ناهي ته توهين مونکي خط نه لکو. مهرباني ڪري مونکي غلط نه سمجهجو. توهين جيترا خط چاهيو، اوترا لکي سگهو ٿا. مان نهايت خوشيءَ سان جواب ڏيندس. پر قدرتي، جواب ڏيڻ ۾ دير ته لڳندي. گهڻو ڪري ماڻهو اهو انداز لڳائيندا آهن تہ هنن پهرين تاريخ خط لکيو آهي ۽ ڇهين تاريخ تائين پهچڻ گهرجي. ستين تاريخ خط جو جواب لکيو ويو هوندو ۽ تيرهين تاريخ تائين کين ضرور ملڻ گهرجي. جيڪڏهن تيرهينءَ تائين جواب نٿو ملي ته ٻيو خط لکي ڇڏيندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن مان ٢٠-٣٠ ڏينهن تائين دوري تي رهندو آهيان ۽ ڪنهن به جڳهه تي گهڻي وقت تائين رهڻ جو موقعو نه ملندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته مونکي پنهنجي شخصي خطن کي کولڻ جو به موقعو نہ ملندو آهي ۽ ٻين کي اهڙا شخصي خط کولڻ ڪونہ ڏيندو آهيان. اهڙيءَ طرح ڪيترا دفعا وهه-ويهه ڏينهن بہ گذري ويندا آهن ۽ گهٽيءَ پيرا هڪ ٿي ماڻهوءَ جا ٻي-چار خط ڪڏ ٿي ويندا آهن. دوري بعد، ڏيري ۾ واپس اچڻ تي پنداري جـو انتظام ڪرڻو پوندو آهي. اُن موقعي تي بيشمار ايندڙ سنگت لاءِ ڪيترن قسمن جي شين جو بندوبست ڪرڻو پوندو آهي. تنهن ڪري خطن جو جواب ڪڏهن ڏجي؟

٣- ٿيءَ ۽ ٻيا پسنگ ڇو؟

س- ٣. مهاراج جي، مولنڪي خطن ذريعي ڪيترن سوالن موڪلڻ جي [illegible] لڳندي آهي. مولنڪي خبر پيئي آهي ته توهين ايترو ته [illegible] وڌندا آهيو، جو ڪيترن خطن جي جواب ڏيڻ جي توهانکي فرصت ئي ڪٿ ملندي آهي.

ج- مون اڳوڻي ڄڃي سکيان تو ته جڏهن "پرمارٿي پتر" نڪالي پسند لکيو ويو هو، ان وقت پروفيسر لال منهنجو شخصي سيڪريٽري هو. روزانو مان اهڙن خطن جا جواب مان کيس لکائيندو هوس ۽ انهن ميڻي جي جواب ڏيڻ جو ڪم پروفيسر صاحب ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن راءِ ڏني ته انسان جا مسئلا گهڻو ڪري ساڳيا آهن، تنهنڪري چڱو ٿئي خطن جو سار هڪ ڪتاب ۾ ڇپايو وڃي، جن کي پڙهي جڳياسو پنهنجن مسئلن ۽ شڪن کي حل ڪري سگهن. انهيءَ پنهنجن سوالن جا جواب ملي ويندا ۽ هزارين خط لکڻ جي تڪليف ڪان ٻه بچي پوندا. مون انهيءَ تجويز تي گهرائيءَ سان ويچار ڪيو ۽ آخر انهيءَ نتيجي تي پهتس ته راءِ سٺو آهي. انهيءَ ڪري مون اهي سڀ چٺيون ڪتيون ڪئيون، جهڙيون مهاراج جي امريڪا، يورپ ۽ ڪجهه هندستان ۾ رهندڙ ستسنگين ۽ جڳياسن جي چٺين جي جواب ۾ لکايون هيون. اسان پنهنجن سوالن خطن کي ٻه ترتيب ۽ انهن مان چٺين جي چونڊ ڪئي. اچانڪ مولنڪي ويچار آيو ته بابا جي مهاراج جون جون به چٺيون ڇپائجن. هڪ حوالو ڏيکارو منهنجي ٻهاري ستگروءَ مولنڪي شخصي طور سنڀالي رکڻ لاءِ ڏنو هو. تنهنڪري اهي سڀ خط وڌ سلامت هيون. انهن خطن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ هڪ پستڪ جي روپ ۾ ڇپايو ويو. انگريزي پستڪ ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته اهڙن خطن جي جواب ڏيڻ کان فرصت ملندي. ٻه نتيجو اهو نڪتو جو اهڙن چٺين جو تعداد وڌندو ويو. اهي خط اچڻ ته وڌندڙ هئا، جو ٻيا وڏيڪ ماڻهو هن پستڪ جي روپ ۾ لکيا ۽ ستسنگين جي سوالن جو تعداد به وڌي ويو.

انهيءَ بعد مون ڪيترو وقت ڏنو ته منهنجي وقت جا خط به ڇپايا وڃن

س- ڇا توهانجي شش جو تعداد گهڻو آهي؟ هندستان ۾ توهانجا اڄڪلهه ڪيترا شش هوندا؟

ج- منهنجي خيال ۾، هن وقت انهنجو تعداد ڇهه لک هوندو.

س- ڇا، ڇهه ....؟

ج- لک.

س- انهيءَ جو مطلب ڇا ٿيندو آهي؟

ج- ڇهه سؤ هزار.

س- مون سمجهيو. (ٿورو ترسي) توهانجي هتي اچڻ جي اسان سڀني کي گهڻي خوشي آهي. هن ٽيليويزن پروگرام ڏيڻ لاءِ اسان توهانجي شڪرگذار آهيان.

ج- توهانجي وڏي مهرباني.

پرڏيهه ضروري ناهي ته. اسر اسين سنساري پدارٿن ۽ سکن ۾ شانتيءَ
جي ڳولا ڪريون ٿا. انهن پدارٿن ۽ سکن پٺيان ڀڄندي وڌيڪ اسين
ڊوڙون ٿا، اوترو ئي وڌيڪ تراس ۽ دکي ٿيندا رهون ٿا. جيڪڏهن
انهيءَ شخصيءَ جي کوج اسين پنهنجي اندر ڪنداسين ته اسانکي شانتي
ملندي ۽ اسين پنهنجي چوڌاري به شانتي محسوس ڪنداسين.

س- ستر سالن جا سرڪاري ڪردار هوندي هجڻ توهانجي صحت
ايترو ٺيڪ ٿي سگهي ٿو؟

ج- ها، مان سمجهان ٿو ته ها. هو هڪ سياسي نيتا هو ۽ ڪافي
ارڙهن سالن جي عمر ۾ ڪڏهن به نه ڊڄندو هو. مون معلوم ناهي ته هو پنهنجي شخصي زندگيءَ
۾ ڪيترو سادو ٿي سگهندو هو.

س- هو سچ پچ هڪ اعليٰ پرش هو ۽ سڄي سنسار ۾ مشهور هو.
ڇا توهان هن جي سرڪاري ٽيم ڪان اڳ ۾ ئي پارس مان روانا ٿي
ويا هئا؟

ج- ها. مان ٢٥ اپريل تي پيارس مان روانو ٿيو هوس ۽ ڪلهه
جيڪو سماچار ٻڌڻ ۾ آيو، اهو نهايت دکدائي آهي. اهو نه صرف
هندستان لاءِ، پر سڄي ديش لاءِ ۽ شايد سڄي سنسار لاءِ هڪ دک جو
باعث آهي. هن جي شخصيت صرف ڀارت تائين ئي محدود ڪونه
هئي. هو هڪ انٽرنيشنل نيتا هو. هو سنسار ۾ شانتي قائم رکڻ لاءِ
هميشه ڪوشش ڪندو رهيو هو.

س- هن واقعي جو هندستان تي ڇا اثر پوندو، انهيءَ باري
۾ توهانجو شخصي رايو ڪهڙو آهي؟

ج- مان انهيءَ باري ۾ ڇا ٿو چئي سگهان. مان سياسي نيتا ڪونه
آهيان. پر ايترو ضرور چوندس ته ڀارت جي ڪاڻ ڪرڻ مشڪل
آهي. ڀارت جو هر هڪ انسان هنڪي پيار ڪندو هو. سياسي مشڪلن
هوندي به هر هڪ ڀارتواسيءَ کي هن لاءِ نهايت گهڻي عزت ۽ شردا
هئي. سڀئي ڀارتواسين جو هن ۾ وشواس ۽ پيار هو.

ج- اسين اندا بہ ڪونہ ڪائيندا آهيون.

س - ڪير ۽ ڪير مان نهيل شيون ؟

ج- ها، اسين ڪير ۽ ڪير مان نهيل شيون واپرائيندا آهيون.

س- ائين ڇو؟

ج- اهو ڪرمن جي سڌانت سبب آهي.

س- ڪهڙو سڌانت ؟

ج- ڪرمن جو سڌانت، جيڪڏهن اسين ڪنهن کي مارينداسين تہ هو بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن اسانکي ماريندو.

س - مون سمجهيو.

ج- انهيءَ کان بچڻ لاءِ اسين پاڻ کي ويشنو پوجن تائين محدود رکندا آهيون.

س - نيڪ، نيڪ. (تورو ترسي) هيءَ تہ ڪو نئون مت ڪونهي. ڇا انهيءَ کي نئون مت ڇئي سگهجي ٿو؟

ج- نہ، هيءَ ڪو نئون مت ڪونهي. هيءَ سنت مت جڏهن کان سرشٽيءَ جي رچنا ٿي آهي، تڏهن کان ئي هلندو پيو اچي. انهيءَ جو مقصد آهي آتما کي پرماتما سان ملائڻ.

س - نيڪ.

ج- سپ ستگرو هڪ ئي اُپديش ڏيندا آهن، پر ڪجهہ وقت بعد اسين انهن جي سکيائن کي وساري ٿا ڇڏيون.

س- توهانجي چوڌرد هڪ شانتي بخشيندڙ نوري جوت ڏسي مان اينترو تہ متاثر ٿي رهي آهيان، جو انهيءَ جو ورنن مان لفظن ۾ چڱيءَ طرح ڪري نٿي سگهان. پر انهيءَ نوري جوت مان، مونکي سک شانتي ۽ هڪ خاص قسم جي الوڪڪ خوشي ۽ آنند ملي رهيو آهي. ڇا اهڙا گڻ اڪثر توهانجي شش ۾ بہ هوندا آهن؟

ج- مهرباني، جيسين اسين پنهنجي اندر شانتي حاصل نٿا ڪريون تيسين اسانکي ٻاهرين شانتي نٿي ملي سگهي. هرهڪ انسان شانتي

جسم ۾ ڌرتيءَ تي ٿي سگهي ٿي ۽ نه ئي هوءَ پرماتما ۾ لين ٿي سگهي ٿي. آتما ۽ من هي، انهيءَ جو جنهن جي ڳنڍ کي کولڻ بعد ئي آتم گيان پراپت ٿي سگهجي ٿو.

س- توهين آتما کي من کان آزاد ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ساڌنا ڪندا آهيو؟

ج- اهو سمرن ذريعي ڪري سگهجي ٿو. هيءُ سريرُ پرماتما جو مندر آهي. هن سرير ۾ ڏهن نقطي ٿي، جنهن کي نيڻن تل يا هڪ اک جو ردر آهي، من ۽ آتما جو نواس استان آهي. اسان جي چيتن شڪتي، انهيءَ استان کان ئي هيٺ سڄي سرير جي نون دوارن ۾ ڦهليل آهي. اسانکي پنهنجيءَ چيتنا کي انهيءَ نقطي تي واپس آڻي ايڪاگر ڪرڻو آهي. جيسين اسين ”شو نيتر“ تائين نه پهچنداسين ۽ پنهنجي ڌيان کي اتي پوريءَ طرح ايڪاگر نه ڪنداسين، تيسين اسين پرماتما سان ملڻ جي ڪوشش ڪونه سگهنداسين. اسانجو روحاني سفر، انهيءَ استان تان شروع ٿيندو آهي.

س- مون اڪثر هندستاني استرين کي پنهنجيءَ پيشانيءَ تي ”بندي يا تلڪ“ لڳائيندو ڏٺو آهي. ڇا اهو انهن سڀني ڳالهين سان تعلق رکي ٿو؟

ج- شروع شروع ۾ تلڪ لڳائڻ جو واسطو انهن ڳالهين سان هو، پر اڄڪلهه هاڻي، هڪ رسم سمجهي تلڪ لڳائيندا آهن يا ته سگهڙ فيشن سمجهي لڳائيندا هجن.

س- انهن آهي! مون سمجهيو. ڇا توهان جي مت ۾ سمرن لاءِ ڪاغذ بند ڪرڻ ٿي ۽ ڪر بند آهي؟

ج- ها، هن مت جا سڀ پرنلڪ ويشنو ٿيندا آهن.

س- ڇا توهين ماس ڪونه کائيندا آهيو؟

ج- نه بلڪل نه. اسين صرف ڀاڄيون ۽ ميوا کائيندا آهيون.

س- ۽ انڊا؟

ڏيکاري ٿو، جيڪو هر ڌرم ۽ هر انسان جو ورثو آهي. انهيءَ ڪري مان جگياسن کي انهيءَ نرمل روحانيت کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

س- ڇا منيپولس ۾ به توهانجي سنستا جو ڪو سينٽر آهي؟

ج- ها، هتي به آهي. تنهن ڪري ئي مان هتي آيو آهيان ۽ ڪرنل برگ هتي اسانجي سنستا جو عيوضي آهي.

س- جيڪڏهن اها روحانيت يا سنت مت اينترو آسان ۽ سرو وياپي آهي ته پوءِ سنسار ۾ ايترا ڌرم يا انيڪ مت ڇو آهن؟

ج- سنت ڪنهن به ڌرم ۾ ٿي سگهن ٿا، ڪنهن به ديش جا ٿي سگهن ٿا ۽ هو ڪنهن به وقت اچي سگهن ٿا. هو هميشه انهيءَ هڪ ئي روحانيت جو اپديش ڪندا آهن. انهن سنتن جي هن سنسار مان وڃڻ بعد، گهڻو ڪري ماڻهو سندن سکيائن کي پنهنجي من مرضيءَ سان هڪ نئون روپ ڏيئي ڪا نئين سنستا ٺاهين ٿا. نتيجي طور ماڻهو سنتن جي اصلي اپديش کي وساري وهن ٿا ۽ پنهنجي ڌرم کي صرف ريتين رسمن ۾ محدود ڪري ٿا ڇڏين. پوءِ سنت ڪنهن ٻئي هنڌ جنم وٺي اصلي روحانيت جو اپديش ڏيئي، ماڻهن ۾ ورري جاڳرتي آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. مشڪلات اها آهي ته لوڪ عام طور روحانيت جي باري ۾ پوريءَ طرح کوج نٿا ڪن.

س- مونکي توهانجي ساهتيه مان اهو معلوم ٿيو آهي ته توهين اهو مڃو ٿا ته پريو پراپتي، آتم گيان ذريعي ئي ممڪن آهي. انهيءَ جو مطلب ڇا آهي؟

ج- پريو پراپتيءَ جو ارث آهي، آتما جو پرماتما سان ميلاپ. اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن آتما من جي بندن کان آزاد ٿئي. اسانجي آتما ۽ من جي وچ ۾ هڪ گنڍ پئل آهي. جيسين ....

س- (وچ ۾ ئي ڳالهائيندي) ڇا هو گڏ نه آهن؟

ج- هو پاڻ ۾ جڙيل آهن. جيسين آتما من کان ڇوٽڪارو نه پائيندي

س - ڇا توهانجي هيءَ پوشاڪ مهاتما جي پوشاڪ آهي؟ ۽ ڇا پوشاڪ مهاتما جي نشاني آهي؟

ج - نه، هيءَ اسان هندستانين جي قومي پوشاڪ آهي.

س - ڇا، اها هندستان جي قومي پوشاڪ آهي؟

ج - ها.

س - مهرباني ڪري اهو ٻڌايو ته ماڻهو توهانکي ڪهڙي روپ ۾ ڏسندا آهن؟ ڇا اُهي توهانکي روحاني رهبر ڪري ڏسندا آهن؟

ج - ها.

س - ڇا توهين پنهنجي مت جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائيندا؟

ج - منهنجو هندستان ۾ راڌا سوامي ستسنگ، بياس سان سمبنڌ آهي. امريڪا جي ڪيترن ئي وڏن شهرن ۾ اسانجي سنستا جا مرڪز آهن. راڌا سوامي مت، ٿوري ۾ سمجهائڻ، نهايت مشڪل آهي. هيءُ مت ڪو خاص ڌرم ڪونهي ۽ نه ئي اسين ڪنهن ٻه ڌرم جي تبديليءَ ۾ وشواس ڪندا آهيون. منهنجي وچار انوسار "ڌرم" انسان کي پرماتما سان ملائڻ جو هڪ ساڌن آهي. منهنجو اهو وشواس آهي ته جنم وٺڻ بعد ماڻهو پنهنجي ڌرم جي اصلي سکيائن کي وساري، رسمن رواجن، ڌارمڪ ڏينهن کي ملهائڻ ۽ انڌ وشواس تي وڌيڪ زور ڏيڻ شروع ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح اسين صرف ٻاهرين ڏيکاءَ جا شڪار ٿيندا وڃون ٿا. اڪثر ڪري انهيءَ ڌرم جا پوئلڳ، انهن ماڻهن کي پنهنجي ڌرم ۾ آڻڻ يا پنهنجي ڌرم لاءِ پيسا گڏ ڪرڻ جي ڪم کي پنهنجو سڄو ڌرم سمجهڻ شروع ڪن ٿا. منهنجي وچار انوسار هر هڪ ڌرم جي هڪ ئي روحانيت آهي، هڪ ئي روحاني مارگ آهي. جيستائين اسين اُدارتا سان انهيءَ باري ۾ کوج ڪريون، ڪنهن به ڌرم تي، ڪنهن به سنت جي سکيائن جي کوج ڪري سگهجي ٿي ته اسانکي سڀني سنتن جي سکيائن ۾ ساڳي روحانيت ملندي. اهڙيءَ طرح اسانجيون سڀ اُنهيءَ ئي روحانيت کي پراپت ڪرڻ جي راهه

٢- ٢٨ مئي ١٩٦٣ع، منيسوٽا علائقي جي منيپولس شهر ۾، مهاراج چرنسنگهه جن سان ٽيليوزن تي اڳواٽ تياريءَ بنا، ملاقات

(سوال پڇندڙ، هڪ اڻواقف استري، ٽيليوزن وڀاڳ جي عملي جي ميمبر هئي. هن کي مهاراج جن جي منيپولس ۾ اچڻ جي خبر پيئي. هوءَ مهاراج جن سان ڪرنل برگ جي نواس استان تي ملي ۽ ٽيليوزن تي وارتالاپ ڪرڻ لاءِ کين نينڊ ڏني. مهاراج جن اُن وقت ته سندس نينڊ کي قبول نه ڪيو، ڇو ته هو اڳ ۾ ئي پنهنجي رٿيل پروگرام موجب ڪٿي وڃي رهيا هئا. تنهنڪري کين وقت ڪونه هو. اها ڳالهه شايد اتي ئي ختم ٿي وڃي ها، پر انهيءَ استريءَ مهاراج جن سان، منيپولس جي ڪنهن ٻئي استان تي، ڪرنل برگ سان گڏجي، ٻي ملاقات ڪئي. هوءَ مهاراج جن، ڪرنل برگ ۽ مهاراج جن جي سيڪريٽري ايئر مارشل ڪندن سونديءَ کي پنهنجي موٽر ۾، بنا ڪنهن تياريءَ جي، وهاري ٽيليوزن اسٽوڊيو ۾ وٺي ويئي. اهڙيءَ طرح هي وارتالاپ بلڪل بنا تياريءَ شروع ٿيو. توهان کي شايد معلوم هجي ته انهن ڏينهن ۾، هندستان جي پردان منتري پنڊت جواهرلعل نهروءَ جو ديهانت ٿيو هو. هن ملاقات کان هڪ ڏينهن اڳ، اها خبر منيپولس ۾ پهتي هئي).

س- ا. مون توهانجو نالو اخبارن ۾ پڙهيو آهي. انهن سڀني ۾ توهانجو نالو "چرنسنگهه مهاراج جي" ڇپيل هو. انهيءَ جو ارت ڇا آهي؟

ج- ها، اِئين ته منهنجو نالو چرنسنگهه آهي، پر هندستان ۾ مهاتمائن کي عزت وچان "مهاراج جي" سڏيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري ڪڏهن ڪڏهن مونکي مهاراج جي به سڏيندا آهن.

س- ڇا توهين هندستان ۾ هڪ مهاتما مڃيا ويندا آهيو؟

ج- مونکي خبر ڪونهي ته مان مهاتما آهيان يا نه. پر ماڻهو اِئين سمجهندا آهن.



حضور مہاراج چرن سنگھ جی

ٻنهي ڌرين جي پوري ڪوشش ڪرڻي پوندي. نئين نئين منصوبن ۽ صنعتڪارن کي ڏسڻو آهي، ايترو ئي پڻ ساڻن ڪم ڪرڻو پوندو هڪ ٻئي کي پيار ڪرڻو آهي. هر هڪ کي پيار جي ضرورت آهي. شايد ڪجهه ماڻهن کي جيترو پيار اسين ڏيون ٿا اوترو ئي اهو وٺي ٿو.

هن موقعي تي مان ٻيهر هاري ميمرس جي شڪرادائي ڪرڻ چاهيندس، جنهن ورهين کان حضور مهاراج جن جي ۽ انهن جي جانشين جي عيوضي جي روپ ۾ ڪم ڪيو آهي. هن تمام محنت ۽ لگن سان ڪارج ڪيو آهي ۽ اسان سڀني کي وشواس آهي ته سڀني جي ڀلائي لاءِ ڪيو آهي. هن کي اسان سڀني جو وشواس ۽ حمايت پراپت آهي ۽ مونکي پوري اميد آهي ته هو ڪيليفورنيا جي سنگت جي سيوا ڪندو رهندو.

مان توهان سڀني کي هڪ دفعو ٻيهر هن مهمان نوازي مهرباني ۽ پيار لاءِ ڌنيواد ڏيان ٿو ۽ توهانکي وشواس ڏيارڻ چاهيان ٿو ته توهين جڏهن ڏيري ۾ ايندا ته توهانجو پورو خيال رکيو ويندو. ڏيرو توهانجو پنهنجو آهي، جتي توهانجو هميشه سواگت ڪيو ويندو.

گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو انهيءَ ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ خاص
ڪري انهن جو ڌيان رکندو، جيڪي ڏوري ۾ نٿا اچي سگهن. جيترو ٿيڪ
مان اها پوري ڪوشش ڪندس ته سڀني سان ملي سگهان پر تنهن
هوندي به ڪيترائي رهجي ويندا. مان اميد ٿو ڪريان ته پاڻ پيڙو
جيڪي مون سان شخصي طور نه ملي سگهندا، اهي منهنجن عملي
مشڪلاتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا.

منهنجي پياري ستگرو، وڏن مهاراج جن ورهيه اڳي فرمايو هو ته
توهانجي هن ديش ۾ سنت مت جو مستقبل ڪافي روشن ٿيندو. جيڪي
پ اڄوڪي ڏيڻ دنيوي ايجادون توهان ڪيون آهن، اهي بيشڪ
ساراهه جوڳيون آهن. پر انهنجي باوجود به توهين سمجهڻ لڳا آهيو
ته انهن سڀني توهانکي سچو سک، سچي شانتي نه ڏني آهي. اسان
صرف دنيوي جڙ پدارٿن ۽ سنساري سکن جي ئي کوج ڪئي آهي ۽
جيترو وڌيڪ اسين انهن پٺيان ڊوڙون ٿا، اوترو ئي وڌيڪ نراس ۽
وڌيڪ دکي ٿيون ٿا. اسين هڪ پهاڙ جي گهاٽيءَ تي بيهي، هڪ وڏي
آس رکي، چوٽيءَ طرف ڏسندي، نهايت بي صبريءَ سان انهيءَ تائين
پهچڻ جي اڇا ڪريون ٿا، پر اتي پهچندي ئي معلوم ٿئي ٿو ته اسين
گمراهه ٿي ويا آهيون ۽ هيٺ نهاريندي نراس ٿي وڃون ٿا. منهنجي
خيال ۾ توهانجي ديش جي ماڻهن جي اهڙي ئي حالت آهي. پر جيئن
ته مون چيو ته هيٺر انهنکي سنساري سک ساڌنن جي ناڪاميابيءَ جو
گيان ٿي ويو آهي ۽ شايد هو سمجهي ويا آهن ته سچي خوشي ۽
شانتيءَ جي کوج لاءِ اها غلط ڪوشش آهي ۽ انهيءَ کي پنهنجي اندر
گولهڻو پوندو، جيڪو زندهه پرماتما جو مندر آهي.

آتما پرماتما جي انس آهي، جيسين اها مالڪ ۾ نٿي سمائجي وڃي
۽ انهيءَ سچي مارگ تي نٿي هلي، تيستائين سچي سک، سچي شانتي
پراپت ڪرڻ جو سوال ئي نٿو اٿي. اسانکي اهو نه وسارڻ گهرجي ته
انهيءَ مهان مقصد جي پراپتي لاءِ جگياسن کي مدد ڪرڻ اسانجي هڪ
وڏي جوابداري آهي انهن لاءِ اسانکي سنت مت جو هڪ زندهه مثال

۱- بلٽمور هوٽل، لاس اينجلس، ڪيليفورنيا ۾
۱۰ مئي ١٩٦٤ تي مهاراج جن جي تقرير

توهانجي ڪاميٽيءَ طرفان
مان هن موقعي تي توهان سڀني کي توهانجي مهربانيءَ
ڪري ڪيل پيار ڀريءَ سواگت لاءِ ڌنيواد ڏيان ٿو. توهين
مهمان نوازيءَ جي داد ساراهه ڪريان ٿو. جنهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ توهين
دور دور کان هتي آيا آهيو. منهنجي لاءِ آمريڪا اچڻ هڪ
خاص اهميت واري ڳالهه آهي. جو توهان منهنجو هن مهان ديش ۾
پهريون دفعو آمريڪا جي انهيءَ اِستان
ايئرپورٽ تي ڪيو ۽ مان ڀڳوان جو ٿورائتو آهيان. هن صديءَ
جي شروعات ۾ هن پئسفڪ ڪناري تي سڀ کان پهرين آمريڪا
جي آبو آهيان، جنهنجو ڏيري سان نهايت پراڻو سمبنڌ آهي. جڏهن
آسامي مهان ستگرو حضور مهاراج جن جي مرضيءَ پٽاندڙ آمريڪا
نواسي کي نام دان ڏنو. هتي تي راڌاسوامي فلاسفيءَ جو ٻڪڙي ۽
ڏيري ڏيري اها وڌي. مان سمجهان ٿو ته هتي ٿي سڀني کان وڌيڪ
آمريڪا جا ستسنگي آهن. اها خوشيءَ ۽ خوشقسمتيءَ جي ڳالهه آهي
جو مان توهان سڀني جي وچ ۾ آهيان ۽ اهڙي طرح يونائيٽيڊ اسٽيٽس
جي وڏي سفر جي شروعات ڪري رهيو آهيان. مان پارٽ جي لکين
ستسنگين طرفان راڌاسوامي چوندي توهانکي دلي شڀ ڪامنائون
ڏيان ٿو.

آمريڪا ۾ منهنجو اٽڪل ڇهن هفتن جو دورو رهندو. جنهن مان
ٻه هفتا ڪيليفورنيا لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن. توهانجا الڳ الڳ اِستان
جي پرڀندڪن دوران رٿيل پروگرام موجب مان توهانجن ٽن مرڪزن
لاس اينجلس، سينڊيگو ۽ سان فرانسسڪو ويندس ۽ اتي هر هڪ هنڌ تي
سوا ٽي ڏينهن ڪيل ويندي. هن موقعي تي مان ڪوشش ڪندس
پاڻ ۽ پنهنجن سان شخصي طرح ملڻ چاهيندس، منهنجي مهراڻن جي
ڪورن ۾ پنهنجي پنهنجن ڪورن ۾. منهنجي پروگرام موجب
تمام گهڻا آهي، شهر به هتي کان ڀري ڀري آهن، ڪيترا ستسنگي
اُنهن مرڪزن کان به دور آهن. مونکي وشواس آهي ته پنهنجي سرندن

تسلي نتي ملي ۽ انهيءَ ڪري راڌا سوامي مت انهن کي وٺي ٿو.
(ٽائيمس آف انڊيا)

امريڪا ۽ ڪئنيڊا جي ڪيترن ئي ستسنگين جو مان احسان مڃان
ٿو، جن انهن سوالن جوابن کي ٽيپ رڪارڊ تان لکيو ۽ ڀاءُ تاراچند
اگروال، ونايڪ ڊسٽرڪٽ سيشن جج ۽ راڌا سوامي ستسنگ بياس
ڪاروباري ڪاميٽي جي چيئرمين جي بہ احسانمند آهيان، جنهن انهن
سڀني سوالن جوابن کي پڙهي سلسليوار روپ سان رکڻ جو نهايت
وڏو ڪارج ڪيو. هن سوالن جوابن کي الڳ الڳ وشين انوسار ورهايو
۽ انهيءَ ڪم ڪندي ڪجھ دهرايل ڳالهين کي هٽايو، پر مهاراج جن جي
بوليءَ جي سندرتا تازگي ۽ ڪشش کي قائم رکيو. اها هڪ دک جي
ڳالهہ آهي تہ حضور مهاراج جن جي منڙبي واڻي، سندن تاثير ڀري
شانتي، پريم ڀري ڳالهائڻ جي لهجي ۽ سندن سهڻن ۽ نماڻن اشارن
کي اکري روپ نہ ڏئي سگهندا سين. انهيءَ شاندار بلند اپديش جي
درشناسي دوبدو ٻڌڻ سان ئي ڪري سگهجي ٿي.

١٩٦

لئيس هلگر

نروانا ۽
وروي رنگ جي هئي. سدن سروپ جي سرپرستا، انهن کي
اهي ڳڻ آهن، انهن کي
ووري چمڪ، جنهن کي هڪ مهاتما جا ڳڻ آهن، انهن کي
جي لوري چمڪ، جنهن کي ته ڪو به هٿ ڪندي، هڪ وڏو سياسي مدبر
هن نظرانداز ڪيو وڃي ته ڪو به هٿ ڪندي، هڪ وڏو سياسي مدبر
هن نظرانداز ڪيو وڃي ٿي سمجهندو."
ورسٽيءَ جو وڏو پروفيسر ٿي سمجهندو."
ورسٽيءَ جو وڏو پروفيسر ستسنگ جو سنت آهي،
مهاراج جن سنگهه جيڪو راڌاسوامي ستسنگ جو سنت آهي،
مهاراج جن سنگهه جيڪو راڌاسوامي پنهنجي پوئلڳن کي جيڪي
نهايت ئي پورن ڪامل پرش آهي. هو پنهنجي پوئلڳن کي جيڪي
نهايت ئي پورن ڪامل پرش آهي. ديس ۾ قائل آهن، روحاني
وادي ملڪن ڪانسواءِ باقي سڀني ديس ۾ قائل آهن، روحاني
وادي ملڪن ڪانسواءِ باقي سڀني ڏين ٿا. هو نه چاهين ته دنيا جو
عملي مارگ جو اپديش ڏين ٿا. هو نه چاهين ته دنيا جو
گيءَ جي عملي مارگ جو اپديش ڏين ٿا. هو نه چاهين ته دنيا جو
گيءَ جي هماليه جي ڪنهن غفا ۾ وڃي وهن گهرجي، پر سندن
ڪري هماليه جي ڪنهن غفا ۾ وڃي وهن گهرجي، پر سندن
ڪري هماليه جي مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهي ٿو.
ڪري ٿو. ۽ مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهي ٿو.
پار آهي ته مٿس جيتري ٿي ڪندي به مڪتي پراپت ڪري
ماج ۽ ڪٽنب جا فرض بجاوري ڪندي به مڪتي پراپت ڪري
ماج ۽ ڪٽنب جا فرض بجاوري ڪونهي. انهن سمجهايو "هيءَ هڪ
سگهي ٿو. راڌاسوامي ڪو ڌرم ڪونهي. انهن سمجهايو "هيءَ هڪ
سگهي ٿو. راڌاسوامي ڪو ڌرم ڪونهي. انهن سمجهايو "هيءَ هڪ
روحاني زندگيءَ جي فيلسوفي آهي ۽ اها ٿي مختلف ديسن ۽ وقت
روحاني زندگيءَ جي فيلسوفي آهي ۽ اها ٿي مختلف ديسن ۽ وقت
جي سنتن سمجهائي آهي."

"مهاراج جن، جنهن ٽالي سان سندن شش ڪين سڏ پيدا آهن، جو
"مهاراج جن، جنهن ٽالي سان سندن مشغول پروگرام آهي. جنهن مان
ڏورو پارهن هفتن جو هڪ ڪافي مشغول پروگرام آهي. جنهن مان
ڏورو پارهن هفتن جو هڪ ڪافي مشغول پروگرام آهي. جنهن مان
ڇهن هفتن ڪان ودڪ وقت هو آمريڪا ۾ رهندا. هو يورپ ۽ ايشيا
ڇهن هفتن ڪان ودڪ وقت هو آمريڪا ۾ رهندا. هو يورپ ۽ ايشيا
جي ديشن ۾ پهرين وڃي چڪا آهن، پر آمريڪا جي هيءَ سندن
جي ديشن ۾ پهرين وڃي چڪا آهن، پر آمريڪا جي هيءَ سندن
پهرين ياترا آهي جتي هڪ هزار کان به وڌيڪ شش آهن. هن فرمايو،
پهرين ياترا آهي جتي هڪ هزار کان به وڌيڪ شش آهن. هن فرمايو،
"آمريڪا جا رهواسي روحانيت جا بکيا آهن. انهن دنيوي سک
"آمريڪا جا رهواسي روحانيت جا بکيا آهن. او هيٺر هو سمجهڻ لڳا آهن
سهوليتون ته ڪافي حاصل ڪيون آهن. او هيٺر هو سمجهڻ لڳا آهن
سهوليتون ته ڪافي حاصل ڪيون آهن. انهيءَ ڪري روحانيت
ته اهو سڀ ڪجهه زندگيءَ جو اصلي مقصد ڪونهي. انهيءَ ڪري روحانيت جي تلاش
ته اهو سڀ ڪجهه زندگيءَ جو اصلي مقصد ڪونهي. هو جڏهن به روحانيت جي تلاش
جي ڪمي محسوس ٿي رهي آهي. هو جڏهن به روحانيت جي تلاش
جي ڪمي محسوس ٿي رهي آهي. هو جڏهن به ڏانهن نهارين ٿا."
ڪن ٿا تڏهن هو پرڪاش ۽ رهنمائيءَ لاءِ پاربت ڏانهن نهارين ٿا."
ڪن ٿا تڏهن هو پرڪاش ۽ رهنمائيءَ لاءِ اختيار ته ڪن
هن اهو به فرمايو ته "آمريڪا واسي ويچارن کي اختيار ته ڪن
هن اهو به فرمايو ته "آمريڪا واسي ويچارن کي ساڻ، سرچ ويچار
ٿا پر هو هرهڪ ويچار تي، هڪ رڳيانڪ طريقي سان، سرچ ويچار
ٿا پر هو هرهڪ ويچار تي، هڪ رڳيانڪ طريقي سان، سرچ ويچار
ڪن ٿا. انهيءَ ريت رواج ۽ صدين کان هلندڙ سڌانتن مان

(٨)

آئين تي محسوس ٿيو تہ اسين اندروني طور ڪافي مٺي آئي رنگي ظاهر ڪئي آهيون. مهاراج جن لاءِ جيڪا شردا، ڀاو، پريت ۽ ڀڳتي ظاهر ڪئي ويئي، انهيءَ جو لفظن ۾ ورنن ڪرڻ ناممڪن آهي. جتي جتي سندن اُتارو تہ سواگت ڪيو ويو، هوائي اڏي تي، ايئر اسٽيشن تي، اهو اُتارو بلڪل هڪ الوائق تاثير پيدا ڪندڙ هو ۽ ماڻهن جو ميڙ ۾ ايترو وڏو هو جو بلڪل هڪ نظارو پيدا ٿيندو هو، پر سڀ کان وڌيڪ شخص ۾ انهيءَ ڪشش کان محروم نہ رهي سگهيو، سندن روحاني تيج ۽ دلڪش هو. مهاراج جن جو شانتيدايڪ شان، سندر روحاني تيج ۽ انهيءَ سان گڏ سندن نمرتا ۽ ديتتا جيڪي گڻ صرف ڪنهن پورڻ سنت ۾ ڏسبا آهن. ماڻهو بيحد خوش هئا جو مهاراج جن سان ملڻ جو ۽ رحمت اهڙي پاتبنديءَ جي ملي تي سگهيا. مهاراج جن جي حلقي ۾ هڪ سڪدائي شانتي پئي هئي جو هرهڪ کي سندن سمک اينديءَ تي ڪلاڪن ڪرڻ ڏنو هو، محسوس ٿي. ننڍا ٻالڪ جن حضور جن کي گهر ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجا آٽوگراف (صحيح) جي گهر ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجا پارا ٻال اڳيان اچي، جن جا پڻ مهاراج جن نهايت پريم پيار سان جواب سوال پڇڻ لڳا، جن جا پڻ مهاراج جن نهايت پريم پيار سان جواب ڏنا.

تي ڏنا. هن مهان سنت، هن سفر ۾ جيڪو اُپديش ڏنو، اهو سڄي شانتي هرهڪ مشر هن مهان سنت، هن سفر ۾ جيڪو اُپديش ڏنو، انهيءَ سان تعلق رکندڙ هو. هرهڪ مشر پريم پيار، ڀڳتي ۽ پريو پراپتيءَ سان تعلق رکندڙ هو. پنهنجي فرض جي بجاوري ڪندي مالڪ سان هن سنسار ۾ رهندي، پنهنجي فرض جي بجاوري ڪندي ۽ هر ديس ۽ هر قسم ميلاپ ڪري سگهي ٿو. اهو اُپديش ڪرائيست ۽ هر ديس ۽ هر قسم جي سنتن ڏنو آهي. پرم پتا کان وڇڙيل آتما جي رهنمائي ڪري انکي هن پاهرئين جڳ سنسار کان مٿي ڪٺي آندرين اوچ منڊلن ۾ ول وجي، شانتي ۽ آنند جي ڌام ۾ پهچائڻ لاءِ ئي اهي پرماتما جا پترا سنسار ۾ ايندا آهن. اهي اسانجي آتما کي لڳاتار گونجار ڪندڙ يا شبد سان جوڙين ٿا. انهيءَ شبد يا ڌن کي بائبل ۾ ”ورڊ“ ويو آهي. جيڪو ”پرماتما سان گڏ هو ۽ پرماتما ئي هو.“ مهين انهيءَ کي ”الحد ناد“ چيو آهي، جيڪو پرماتما جي رچنا جو رهيو آهي. مسلمان درويشن ”اسم اعظم“ يعني سڀ کان وڏو نالو ”بانگي آسماني“ يعني آڪاش واڻي جي بيان ڪيو آهي.

جي اُنهيءَ اِستان تي ئي سهج روپ ۾ ڏنا ويا. ڪيترا ڀيرا ڪي سوال
ٽيپ رڪارڊ نه ٿي سگهيا ڇو ته سوال ڪندڙ پري ويٺل هو، پر مهاراج
جن وٽ اسٽيج تي مائڪروفون هئڻ سبب جواب بلڪل صاف هو.

منهنجي مامي شڪاگو جي ڊاڪٽر روڊالف اِسٽون ۽ منهنجي اِها
هڪ نهايت خوشقسمتي هئي جو سفر جي شروعات کان ئي اسين مهاراج
جن سان گڏ هئاسين. ڀاءُ ريپلوگل جيڪو هن وقت چولو ڇڏي چڪو
آهي ۽ هن جي اِڇا انوسار جڏهن مون اُنهن سوالن جوابن کي گڏ ڪري
لکڻ جي ڪم کي قبول ڪيو، تڏهن مون اِهو ڪونه سمجهيو ته ڪا
ايتري وڏي جوابداري کڻي رهي آهيان. پر مهاراج جن جي ديا مهر
سان ۽ ستسنگين جي سهيوگ سان هيءَ نهايت دلچسپ، من موهيندڙ
۽ وڻندڙ ڪاريه سماپت ٿي چڪو آهي.

ستسنگين ڪانسواءِ هر هڪ ملاقات، شخصي ڳالهه ٻولهه، پوڇڻ، ٻاهر
سٽر، هر وقت سڀ سوال جواب ٿي هئا. اُنهن سڀني کي ٽيپ ڪرڻ
ممڪن نه هو. اٽڪل هڪ هزار ٻن تي جيڪي ڪجهه ٽيپ ٿان ڪيو
ويو، اُهو صرف مهاراج جن دوارا ڏنل جوابن جو ٿورو حصو ٿي هو
۽ آهي هن پستڪ جي روپ ۾ پيش ڪيا ويا آهن.

هڪ ٿڪائيندڙ ۽ لمبي سفر جي باوجود مهاراج جن جي ڪافي
ديا مهر رهي ۽ نهايت سهنشيلتا ۽ خوشيءَ سان سوالن جا جواب ڏنائون.
جن جن اِستانن تي مهاراج جن نه ويا، اُتي جا ستسنگي ۽ جگياسو ڪافي
تعداد ۾ ويجهن اِستانن تي اچي گڏ ٿيا، جيئن هو پنهنجي پياري ستگروءَ
جي وچنن کي ٻڌي سگهن ۽ سندن درلڀ درشن ڪري سگهن. مهاراج
جن جي شخصيت ۾ هڪ انوکي موهيندڙ ڪشش آهي ۽ اُن وقت اِلهن
پڻئي محسوس ٿيو ته هن جدوجهد ۽ انڌڪار سان ڀريل دنيا مان هو
اسالڪي نهايت اوچ روحاني منڊلن ۾ وئي رچي رهيا آهن، جتي شانتي
ئي شانتي آهي. مهاراج جن جي نوراني، دلڪش درشٽي ٻوندي ٿي
اِلهن پڻئي محسوس ٿيو جڻڪ هر هڪ منش پسند ٿي هڪ لاثاني آنند
۾ لين ٿي رهيو آهي. مهاراج جن جي سنڌڪ هر هڪ بيحد خوش هو ۽

ڀُومڪا

راڌاسوامي ستسنگ بياس جي موجوده ستگرو مهاراج چرن سنگهه جن کي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي رهواسين ڪيترا ئي دفعا عرض ڪيو ۽ انهيءَ جي نتيجي طور مهاراج جن ۱۹۶۴ جي گرميءَ جي موسم ۾ انهن ملڪن جو دورو ڪيو. هو دهليءَ کان ۲۵ اپريل تي روانا ٿي، هونولولو ۾ ۷ ميءَ پهتا. هن سفر ۾ مهاراج جن بئنڪاڪ، سائگان، سينگاپور، هانگ ڪانگ ۽ ٽوڪيو ۾ رڪيا، جتي اُتي جي ستسنگين جي ڪيترن ڌرهين جي وينتيءَ کي هو ٽاري نه سگهيا. هونولولو کان مهاراج جن لاس اينجلس تائين هوائي جهاز ۾ سفر ڪيو ۽ ان بعد هو سينڊيگو، سين فرانسسڪو، وينڪوور، منيپولس، ڊيٽرائيٽ، پٽسبرگ، واشنگٽن ڊي. سي ۽ نيويارڪ ويا. هن سڄي سفر ۾ ايئر وائيس مارشل ڪي. ايل. سونڌي، مهاراج جن سان، سيڪريٽريءَ جي روپ ۾ گڏ هو. انهن سڀني اِستانن تي مهاراج جن ستسنگ ڪيا ۽ جگياسن جي سوالن جا جواب ڏنا. ڪيترائي ماڻهو مهاراج جن سان ملڻ لاءِ منتظر هئا، جن جي لسٽ تمام وڏي هئي. انهن سان مهاراج جن شخصي طور مليا ۽ ڪيترن کي نام جي بخشش ڪئي. اهڙي طرح هو صبح کان رات تائين ايترا مشغول رهندا هئا جو سندن پڇڻ جو وقت ۾ سرسري طور سوال جواب جو وقت ٻڌجي ويندو هو.

مهاراج جن جيڪي به ستسنگ ڪيا، اهي پستڪ جي روپ ۾ ڇپجي چڪا آهن. جيڪي سوال جواب هئا، اهي ٽيپن تان کنيا ويا ۽ انهن کي انگريزيءَ ۾ ”دِ ماسٽر آنسرس“ جي نالي سان ڇپايو ويو آهي. انهن سڀني کي گڏ ڪرڻ ۾ اٽڪل هڪ سال لڳي ويو. انهيءَ کي چڱي طرح لکي پوري ڪرڻ ۾ به ڪافي وقت لڳو. اهو سڀاوڪ هو ته مختلف شهرن ۾ هڪ قسم جا ئي سوال پڇيا ويا، بلڪ ايتري قدر جو هڪ ئي شهر ۾ جدا جدا سڀائن ۾ ساڳين سوالن کي دهرايو به ويو هو. انهن سڀائن ۾ مختلف درجي جا عالم ۽ آتم گياني هئا. انهيءَ ڪري سوال ڪيترن ئي رشين تي پڇيا ويا. انهن سڀني جا جواب، بنا ڪنهن لاڙيءَ

ڇپائيندڙ طرفان

"سنت سنواد" حضور مهاراج چرن سنگهه جن جي سنه ١٩٦٤ جي آمريڪا جي دؤري جي وقت جو سوالن جوابن جي روپ ۾ هڪ پستڪ آهي. آمريڪا جي جدا جدا پاسن ۾ جگياسن وقت به وقت حضور جن کان سنت مت جي مؤل سدانتن، پرماتما، آتما، شبد، نام، سک، وشو شانتي، من، چرتر، وهنوار، نيتي سکيا، بائيبل، وشنو پوجن وغيره جي باري ۾ سوال پڇيا.

پربنڌڪن اڪثر سڀني سوالن ۽ حضور جن جي جوابن کي ٽيپ رڪارڊ ڪيو. انهن ٽيپس تان انگريزيءَ ۾ "د ماسٽر آنسرس" نالي هڪ پستڪ، پهريون دفعو ١٩٦٦ ۾ ڇپايو ويو. اهو پستڪ پيارن ۽ وديشن ۾ ڪافي لوڪ پريه ٿيو ۽ انهيءَ جا هن وقت تائين ڇهه ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.

هيءُ پستڪ، انگريزيءَ ۾ "د ماسٽر آنسرس" ۽ هنديءَ ۾ "سنت سنواد" جو سنڌي ترجمو ڪماري ليلا بدلاڻي ڪيو ۽ انجي ڇپائڻ جو پربنڌ شري منگهارام ديال ڪيو. ان پريم ڀري شيوا لاءِ اسين سندن شڪرگذار آهيون.

فيبروري ١٩٨٩

ڏيرا بابا جئمل سنگهه
ضلع امرتسر (پنجاب)

ايس. ايل. سونڌي
سيڪريٽري
راڌاسوامي ستسنگ، بياس.

وشيه سوچي

سنت سنواد

ڀاڱو ١

مهاراج چرن سنگهه جي

راڌا سوامي ستسنگ، بياس (پنجاب)